
وَسي
وَڏَ
ڦُڙو
الطاف شيخ
سنڌيا پبليڪيشنز

# وسي وڏ ڦڙو

الطاف شيخ

سنڌيا پبليڪيشنس

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# اداري پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو ڪتاب نمبر (109) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”وسي وڏ ڦڙو“ ناليواري سفرناما نگار، ليکڪ ۽ مئرين انجنيئر محترم الطاف شيخ جي لکيل مضمونن جي سهيڙ آهي جيڪي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپبا رهيا آهن.

هي ڪتاب سنڌيا پبليڪيشن پاران ڇاپيو ويو آهي. لک ٿورا سائين الطاف شيخ صاحب جا جنهن هن ڪتاب جي سافٽ سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

فهرست | صفحو


| | |
|---|---|
| انتساب : تندي چام جي ’عبدالمنان ميمڻ‘ نالي | 07 |
| ليکڪ طرفان | 10 |
| سنڌ کي سفر ۾ ساڻ کڻي هلندڙالطاف شيخ : اياز گُل | 11 |
| ٻه اکر : آزادي فتح محمد | 15 |
| سمونڊ، ساموندي ۽ ساموندڊيکو سگھ : سحر گُل | 17 |

- ڪير ٿو چوي تہ انب ميون جو بادشاهہ آهي؟ 24
- ڇا ڪبوتر توهانجو بہ پير ۽ مرشد آهي؟ 30
- هاءِ جواني، تو ساري توکي هرکو 40
- ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ جون ڳالهيون 45
- اندرُ ساڙڻ جهڙيون ڳالهيون 50
- اسانجو ۽ ملائيشيا جو وڏيرو 55
- پهرين تون صوف کاءُ 58
- ولايت ۾ نوڪري ڪرڻ وارن لاءِ چتاءُ 66
- هڪ ايجاد جي کُھائي (Miscarriage) 71
- ايئر ڪنڊيشنر جو اهم ڪم ڇا آهي؟ 76
- شاگرد ڏنگا آهن يا استاد جاهل 81
- ماستري ڪو سولو ڪم ناهي 85
- پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسون 90
- پرديسَ ۾ پنهنجن سان ويجهڙائي 95
- اسانجو بيروزگار نوجوان ڇا ڪري 99
- لنڊن بازارن ۾ خريدارن جي پيهہ پيهان 104
- اسان ڪهڙي قسم جا مسلمان آهيون 109
- ٿوئرزم مان ملڪ امير ٿي ويا 113
- سياستدانن جا چرچائي بيانَ 116
- حال ساڳيا رهيا فقيرن جا 121
- اتر يورپ جوسيارو ۽ اونهارو 127

فهرست صفحو


- ڪتاب ڪي اهڙا ضروري ناهن 130
- مفت جون ڪيڪ پيسٽريون 133
- ڇهن مهنن جو ڏينهن، ڇهن مهنن جي رات 137
- گهر ۾ رهان يا بيگم جي دل ۾ 140
- منهن متو پنڻ تي دل تي چوي 144
- پنهنجن ٻچن کي اوڙاهه ۾ نه وجهو 147
- نقلي نوٽ.... نقلي ڊرائيونگ لائسنس! 155
- شايد ٻين ملڪن ۾ به ڪم ائين پيو هلي 160
- ٻئي جي گهرَ جو خيال ڪريو 163
- پنهنجن ٻارن کي لاڏلو ۽ ڪِڪلو نه بڻايو 167
- پرديسَ ۾ پهچندڙن سان جنيون 170
- ڇا آمريڪن پاسپورٽ رکندڙ ديس واسين کان خبردار رهجي 174
- ٻي ملڪ جو پاسپورٽ حاصل ڪرڻ ڇو؟ 177
- ڇا ٻاهر اسان لاءِ چين ۽ سکون آهي 181
- ڪجهه فون ڪرڻ بابت 184
- شاگردن کي مستقبل جو سوچڻ ڪپي 187
- ٻارن جي هوشيار ٿيڻ جو راز 191
- سئيڊش عورت جي سوچ 195
- نگين جي ور چڙهي ويندڙ اسان جا سادا ماڻهو! 200
- فائدو وري به ڌارين ملڪن کي 203
- ملائيشيا جي سيڪنڊ هوم اسڪيم 206
- Missing You a Lot 211
- سنڌ جي عورتن جون شڪايتون 215
- سخيءَ کان شوم ڀَلو 222
- اهڙي به ڇا نازڪ مزاجي 226
- اسان لاءِ ولايت ۾ نوڪري ڇو ناهي؟ 231
- آئون صلاح نه ڏيندس 236

فهرست | صفحو


- اسان وٽ هرويرو ڪاڏي تي زور آهي 242
- ماڻهو ڪٽي مسلمان هُجن پر اسلام نظر نٿو اچي 246
- ڪائي پيا خوش ٿيون 250
- اسان ڪهڙا مسلمان آهيون 254
- ننڍي عمر ۾ ولايت وڃڻ 258
- پڙهندڙن طرفان گهٽو پڇيل سوالُ 263
- ويا اوهري اوءِ 268
- خرابي ڪٿي آهي ۽ حل ڇا آهي؟ 274
- موڪلن ۾ نينگر اسانجو ڇا ڪَري؟ 278
- ولايت ۾ شراب ۽ ڇوڪرين جي چڪر ۾ قاتل 282
- آفيسرن جي بدلي ڪرڻ جي حق ۾ نہ آهيان 286

# انتساب

## ٽنڊي ڄام جي ’عبدالمنان ميمڻ‘ نالي

مَنان منهنجو پهريون ڳوٺ کان ٻاهر جو دوست بڻيو جنهن سان گذريل 58 سالن کان اڄ تائين سلام دعا هلندي اچي. لکڻ جي معاملي ۾ هو منهنجي هميشه گهڻي همت افزائي ڪندو رهيو آهي. هن ڪِتاب ۾ جيڪي ڪالم آهن انهن مان هڪ هڪ جڏهن ڪاوش اخبار ۾ ڇپيو تي ته هن مونکي يڪدم اطلاع ڪيو تي جيئن آئون جِتي به هجان ته ان ڏينهن جي اخبار هٿ ڪري يا نيٽ تي پڙهي سگهان ۽ هن هنن ڪالمن بابت نه فقط اطلاع ڏنو تي پر هڪ هڪ ڪي غور سان پڙهي انهن تي پنهنجا ويچار مونکي فون تي يا email ذريعي موڪليا تي. مونکي حيرت آهي ته سخت مشغول هوندي به هو اهو ڪم عبادت سمجهي ڪندو رهيو تي.

منهنجي منان سان دوستي ڪيئن تي اهو به هڪ عجيب اتفاق آهي. اڄ ڪلهه اسان وٽ پاڪستان ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ لاءِ ڏهه ڪلاس ٿين ٿا. پر اسان جي ڏينهن ۾ پهرين چار سال پرائمري جا پڙهبا هئا جنهن ۾ هر سبجيڪٽ سنڌي يا اڙدو ۾ هوندو هو. ان بعد انگريزي اسڪول ۾ ست سال پڙهبو هو جِتي پهرين درجي کان ستين درجي تائين تعليم هوندي هئي. ستون درجو معنيٰ مئٽرڪ ڪلاس. مون 1961ع ۾ مئٽرڪ ڪئي ۽ هن سسٽم کان مون جيڏا ۽ مون کان سال ننڍا واقف هوندا جو اسان کان پوءِ هڪ سال بعد اهو سسٽم ختم ڪيو ويو. اهو ئي سبب آهي جو ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ جِتي اڄ جا ٻار وڌ ۾ وڌ پنج سال رهن ٿا..... يعني اٺين ڪلاس کان ٻارهين تائين اتي اسان ڇهه سال رهياسين.

اسان وارن ڏينهن ۾ انگريزي جي ٽي درجي ۾ هڪ اسڪالر جو امتحان ٿيندو هو جنهن کي پاس ڪرڻ وارن هوشيار شاگردن کي مئٽرڪ تائين ٻارهن رپيا ماهوار اسڪالر ملندي هئي. ياد رهي ته انهن ڏينهن ۾ هڪ روپيو به وڏي ڳالهه هو ۽ هالا کان حيدرآباد بس جو ڀاڙو اٺ آنا يعني اڌ رپيو هوندو هو. اسڪالر جو امتحان حيدرآباد ۾ ٿيندو هو ۽ آئون جڏهن پهريون دفعو ان امتحان لاءِ حيدرآباد آيس ته اتي امتحان واري هال ۾ پاڻ سان گڏ مٽياري، ڪوٽڙي، ٽنڊو آدم، شهدادپور ۽ ٻين ڳوٺن جي ٻارن کي ڏسي حيرت تي .... نه ته ان کان اڳ زندگيءَ جا گذريل ڏهاڪو سال رڳو پنهنجي ڳهڻي ۽ ڳوٺ جا ٻار ڏٺا هئاسين امتحان هال ۾ رکيل ڊيسڪن مان هر هڪ تي به ٻار وينا تي.

منهنجي پرسان منان ويٺل هو جيڪو ٽنڊو ڄام کان آيو هو. منان به مون وانگر ننڍڙي ڳوٺ کان آيو هو (انهن ڏينهن ۾ هالا، ٽنڊو ڄام.... وغيره ننڍڙا ڳوٺ هئا) پر هو مون وانگر شرميلو نه هو.

هو مون سان ڳالهائيندو رهيو. هن کي اڙدو به سني آئي ٿي ۽ بن پيپرن جي وچ ۾ اتي جي ڪئنٽين واري سان مون پاران اڙدو ۾ ڳالهائي جيڪي مونکي ڪتو ٿي مونکان پئساو وني خريد ڪري ڏنو هئائين. اهو امتحان تلڪ چاڙهيءَ وٽ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج ۾ ٿيو هو.

هونءَ ته منان جلدي وسري وڃي ها پر ڪو مهينو مس ٿيو ته هڪ ڏينهن هو پنهنجن بن ننڍڙن پائرن سان گڏ مون وٽ هالا ۾ ملڻ آيو سندس پائرن ۾ هڪ پهرين درجي (يعني اڄ جي پنجين ڪلاس) ۾ هو ته ٻيو پرائمري جي ٽي ڪلاس ۾ هو. ننڍا هجڻ جي باوجود منان وانگر ڳالهائڻ ۾ پُر اعتماد ۽ بااخلاق لڳا ٿي. هو گهٽي دير نه وينا جو هنن جو والد جنهن جي روينيو کاتي ۾ نوڪري هُئي تندي جام کان سڪرنڊ وڃي رهيو هو. رستي تي اسانجي ڳوٺ هالا ۾ سندن پيءُ مارڪيٽ ۾ ترسي پيو ۽ منان جن کي اسانجي محلي ۾ مونسان ملڻ لاءِ موڪليو هئائين. هنن ٻڌايو ته هنن کي ٻيا به ٻه پائر آهن جيڪي ننڍا هجڻ ڪري ماءُ وٽ ترسيل آهن.... جن مان هڪ ته شايد ان سال ڄائو هو.

منان کي اڄ به چوندو آهيان ته تون ۽ تنهنجا ننڍا پائر ننڍي هوندي کان سوشل ۽ پڙهائي ۾ هوشيار هئائو. منان پاڻ ته M.Sc ائگريڪلچر ۾ ۽ بعد ۾ M.A جرنلزم ۾ پڻ، فرسٽ ڪلاس ڪنيو پر سندس پائرن به اڳتي هلي پڙهائي ۽ نوڪري ۾ نالو پيدا ڪيو. منان سان گڏ جيڪي ٻه پائر آيا هئا انهن مان هڪ عبدالحنان هو جنهن M.Sc ڪرڻ بعد سنڌ حڪومت ۾ نوڪري ڪئي ۽ ٻيو عبدالسلام هو جنهن جي شادي T.V جي مشهور شخصيت غزل سان ٿي.... جنهن سان اسان جي به مائِٽي ٿي جو غزل جي والده اسانجي ماميءَ جي وڏي ڌيڻ ٿئي. بهرحال سلام تندو جام مان M.Sc ائگريڪلچر ۾ ڪئي ۽ بعدِ ۾ ائگريڪلچر ايڪانامڪس ۾ ٽيڪساز (USA) مان Ph.D ڪئي. پاڻ سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽري ٿي ريٽائرڊ ٿيو. اهو به لکندو هلان ته منان جا ٻه ننڍا پائر جيڪي تن ۽ هڪ سال جا هئا اهي عبدالسبحان جيڪو اڄ ڪلهه چيف سيڪريٽري آهي يا ٿي سگهي تو هاڻ رٽائرڊ ٿيو هجي هو ۽ ٻيو سڀ ۾ ننڍو غفران هو. غفران به انگلنڊ مان پڙهيو ۽ سول سروس جو امتحان ڏنو ۽ گذريل ٻن سالن کان هانگ ڪانگ ۾ پاڪستان ايمبسي ۾ قونصل جنرل آهي.

تندو جام جهڙي ڳوٺ ۾ رهي ڪري منان جي والد سائين محمد اسماعيل ميمڻ صاحب کي جَسُ هجي جنهن پنهنجي ٻارن جي پڙهائي ڏي ڌيان ڏنو اڄ جي والدين کي ان مان سبق حاصل ڪرڻ کپي. ايتريقدر جو منان جي سڀ کان ننڍي ڀيڻ، يعني غفران کان به ننڍي، رخسانا پهرين چوڪري هئي جنهن ائگريڪلچر انجنيئرنگ ۾ M.Sc ڪئي. منان وارا تندو جام جي عاقلاڻي ميمڻ محلي جا سڏجن ٿا. منان جي والد محمد اسماعيل جي وفات تي سراج ميمڻ صاحب سندن Struggle بابت 'جاڳو' اخبار ۾ ڪالم لکيو هو جيڪو پڙهڻ وٽان آهي. مونکان اها ڪٽنگ گم ٿي وئي آهي.

اڄ به ڪٿان ملي وڃي ته آئون ان کي ڇپرائڻ چاهيندس ته جيئن اڄ جا نوجوان اندازو لڳائي سگهن

ته غربت ۾ وڏي عيال هوندي به محمد اسماعيل صاحب ۾ سراج جي والد چاچا محمد يعقوب ٻارن جي تعليم لاءِ ڪيڏي جدوجهد ڪئي .... ۾ هنن پنهنجن پُٽن سان گڏ ڌيئرن کي به اعليٰ تعليم ڏياري. سراج جي ڀيڻ سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي جي چيئر پرسن ڊاڪٽر فهميده حسين پهرين سنڌي ڇوڪري هئي جنهن ٽنڊو ڄام مان M.A ڪئي ۽ نمبر ڪنيو ۽ سندس ٻي ڀيڻ انيس پهرين ڇوڪري هئي جنهن T.V تان سنڌيءَ ۾ خبرون پڙهيون.

منان مئٽرڪ ٽنڊو ڄام مان ڪئي. انٽر ۽ B.A حيدرآباد جي سچل ڪاليج مان ۽ M.Sc ڪرڻ بعد ريڊيو پاڪستان ۾ نوڪري شروع ڪئي جنهن دوران هن جرنلزم ۾ به M.A ڪئي. ان بعد 19 سال کن SAZDA ۾ نوڪري ڪئي. نوڪري جا آخري سال هو سنڌ حڪومت جي پلاننگ ائنڊ ڊيولپمينٽ کاتي ۾ ڊائريڪٽر ٿي رهيو ۽ سن 2004ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين. سندس جنم جي تاريخ 21 جون 1944ع آهي.

الطاف شيخ
ڪراچي
8 ڊسمبر 2014ع

# ليڪڪ طرفان

”وسي وڏ ڦڙو“ منهنجو پهريون ڪتاب آهي جيڪو نوجوان پبلشر عقيل سومرو ”سنڌيانا پبليڪيشن“ طرفان ڇپي رهيو آهي. جيتوڻيڪ هن اداري اجان ٿي ڪِتاب مس ڇپيا آهن پر سندن محنت، شوق ۽ ڇپائي جي بهتر معيار ڪي ڏسي اميد اٿم ته جلد ئي سنڌيڪا، روشني ۽ ڪويتا پبليڪيشن وانگر هن اداري جو به ڇپائي سان گڏ مارڪيٽنگ جو سسٽم به بهتر ثابت ٿيندو. ڇو جو منهنجي خيال ۾ ڇپائيءَ جو ته هر هڪ شوق ڪري ٿو پر جي هو مارڪيٽنگ ۾ سمارٽ ناهي يعني هن جو صوبي ۽ سڄي ملڪ ۾ ڪِتاب وڪڻڻ جو سنو نيٽ ورڪ ناهي ته پوءِ ان ڪِتاب جي ڇپجڻ مان ڪهڙو فائدو؟ ڇو جو هر ليکڪ اهو چاهي ٿو ته هن جو ڪِتاب، هن جا پيش ڪيل خيال گهٽ کان گهٽ ماڻهن تائين نه رڳو پهچن پر اهي شوق سان پڙهن.... ۽ اهو ڪم فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن ڪتاب مفت ورهائڻ يا مختيارڪار معرفت ٽپيدارن ۽ بيلدارن جي مٿي ۾ زوريءَ هڻڻ بدران دڪانن تي رکيا وڃن جِتان پڙهندڙ پنهنجي شوق سان پئسو خرچ ڪري اهي خريد ڪن. ”سنڌيا پبليڪيشن“ وارن ان ڏس ۾ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي ۽ نه فقط سنڌ جي شهرن ۾ پر لاهور، ڪوئيٽا، اسلام آباد ۽ انڊيا ۾ ممبئي ۽ دهلي ۾ ڪتابن رکڻ جو بندوبست ڪيو آهي جيئن هڪ اديب ڪي مختلف پڙهندڙن سان متعارف ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ نوان پڙهندڙ پڻ پيدا ڪيا وڃن.

هن ڪِتاب ۾ منهنجا گذريل سال جا لکيل اُهي ڪالم آهن جيڪي سنڌ جي مشهور اخبار ”ڪاوش“ ۾ ڇپيا. ڪتاب جي ٿلهي ٿيڻ ڪري هن جا ٻه حصا ڪيا ويا آهن جن مان هڪ توهانجي هٿن ۾ آهي ۽ ٻيو جنهن جو نالو في الحال ’ نه سي سڙه سکان‘ سوچيو ويو آهي، ان ۾ اهي ڪالم شامل ڪيا ويا آهن جيڪي هند سنڌ، روس ۽ چين بابت سفرنامي نموني جا آهن .... جن جو اندازو توهانکي محترما سحر گل جي ’مهاڳ‘ مان به پئجي ويو هوندو جنهن گڏيل ڪِتاب تي لکيو آهي. ان مواد ڪي ٻن حصن ۾ ڪرڻ جو فيصلو آخري وقت تي ڪيو ويو.

هن ڪتاب ۾ جيڪو مواد رکيو ويو آهي، اهو اڄ جي شاگردن ۽ انهن جي والدين لاءِ لاڀائتو ثابت ٿيندو جو هن ۾ منهنجي طنز و مزاح وارن ڪالمن سان گڏ گهڻا اهي آهن جيڪي ٻارن جي تعليم ۽ مستقبل بابت آهن، ولايت ۾ پڙهائي ۽ پورهيو ڪرڻ بابت آهن. ان کان علاوه منهنجا هي ڪالم انهن ماڻهن لاءِ به ڪارائتا ثابت ٿيندا جيڪي ولايت گهمڻ، پڙهڻ ۽ نوڪري لاءِ ويندا رهن ٿا ۽ ڪيترا بي خيالي يا بي وقوفي ۾ ڪيل غلط حرڪتن ڪري پاڻ لاءِ مسئلا پيدا ڪن ٿا.

الطاف شيخ
ڪراچي 8 ڊسمبر 2014
altafshaikh2005@gmail.com

# سنڌ کي سفر ۾ ساڻ کڻي هلندڙ ــ الطاف شيخ

سَچُ ته مون پاڻ کي ايڏو شرمندو شرمندو ۽ مَهٽي ـ هاب ڪڏهن به محسوس ناهي ڪيو، جيترو اڄڪلهه سائين الطاف شيخ جي فون اچڻ تي محسوس ڪندو آهيان ۽ خاص ڪري سندس هر ڀيري چيل اُهو جُملو ته صفا ماري وجهندو آهي ته: ”اياز! ڀلا مَري ويندس پوءِ لکندين ڇا؟“ ـ الطاف سائين ڪيترن سالن کان پنهنجي ڪتاب تي مُهاڳ لکڻ لاءِ چوندو پيو اچي ۽ مان جو، دُنيا جي ڌنڌن جي ڌُٻڻ ۾ وڃان پيو ڦاسندو ۽ الطاف شيخ آڏو ننڍو ٿيندو.

ڀلا اهڙي شخصيت جنهن جي لکڻين کي پڙهي، اوهان وڏا ٿيا هُجو، ساڻس خط ڪِتابت تي اوهان خوش ٿيا هُجو ۽ فخر محسوس ڪيو هُجي، جنهن جي تحرير ڪيل سفرنامن کي گذريل 25 سالن کان اوهان، ايم ـ اي جي سليبس طور يونيورسٽي جي شاگردن کي پڙهائي رهيا هُجو، اُها اوهان کي پنهنجي ڪِتابَ کي مُهاڳ لکڻ جهڙو فخر ڏيندي هُجي، ته ان کان وڌيڪ اوهان لاءِ ٻي ڪهڙي عزت ٿي سگهي ٿي ؟

الطاف شيخ جي لکڻين جي جادوءَ ۾ ته مان، تڏهن ئي قابو ٿي ويو هئس، جڏهن ستر واري ڏهاڪي جي شروع ۾، سندس 1969ع ۾ ڇپيل پهريون ڪِتاب ”منهنجو ساگر منهنجو ساحل“ پڙهيو هئم ـ سندس پنهنجي ڳوٺائي دوستَ ۽ سنڌ جي ڄاتل سُڃاتل شخصيت ڊاڪٽر سليمان شيخ کي لکيل خَطَ جڏهن ڪِتابي صورت ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا ته، سنڌي ادب ۾، سفرنامي جي ارتقا کي ڄڻ هڪ نئون موڙ مليو. برابر سفرناما ان کان اڳ ۾ به لکيا ويا هئا، پر ايتري پسنديدگي پڙهندڙن پاران شايد ئي اُنهن جي حصي ۾ آئي هُجي، بيشڪ سفرنامي جي تاريخ ۾ اُهو ڪِتاب ”بريڪ ٿرو“ (Breakthrough) هيو.

ابنِ بطوطہ زندگيءَ جا 45 سالَ لڳاتار سفر ڪيو ۽ دُنيا جي اڪثر خِطن ۽ ملڪن مان تجربن ۽ مشاهدن جي ميڙا چُوندي ڪيائين. سندس سفرنامو هڪ دؤرَ جي تاريخ آهي ۽ سفرنامن جي تاريخ ۾ پيڙهہ جي پٿرَ واري حيثيت رکي ٿو ـ ابن بطوطہ ۽ سندس سفرنامو سَڄي دُنيا ۾ هڪ عَلامتَ طور سُڃاتو وڃي ٿو ـ سنڌُ جي حوالي سان ڏِسبو تہ الطاف شيخ بہ وڃي ابنِ بَطوطہ ڪي ڪُلهو هَنيو آهي ۽ سَفرنامي جي حوالي سان هُو هِڪُ ”عَلامتَ“ جي حثيت ئي رکي ٿو ـ هُنَ جي لکيل، ترتيبَ ڏنل ۽ تَرجمو ڪيلَ ڪِتابن جو تعداد 80 جي لَڳ ڀَڳ آهي، جنهن مان 70 ڪان وڌيڪَ ڪِتابَ مختلف مُلڪن، ماڳن ۽ مَڪانن جي سَفرنامن تي مشتمل آهن ـ اِها ڳالهہ خاطري سان تہ ٿئي چَئي سَگهان، پَرَ دُنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي اَدب ۾ شايد ئي ڪو ليکڪ هُجي، جنهن ايترا سفرناما لکيا هُجن ـ اسانجي بدقسمتي آهي تہ، اسان پنهنجي ليجنڊز (Legends) کي بہ عام ماڻهوءَ جو اِستانُ ئي ڏيندا آهيون ۽ اُهي بہ وري حضور شَرميءَ ۾ پاڻَ کي ”مِڙيئي“ پيا سَمجهندا آهن، نہ تہ جيڪر الطاف شيخ جو هي ڪارنامو ”گنيز بوڪ آف ورلڊ ريڪارڊ“ ۾ بنا ڪنهن شَڪَ ۽ شُبهي جي شامل ٿي سَگهي ٿو.

الطاف شيخَ جَڏهن سَفر ڪَرڻَ ۽ سفرناما لِکڻُ شروع ڪيا، تڏهن سنڌُ جي اڪثر وَستيُن، واهڻَن، ڳوٺَن توڙي شهرن جي گهرَ ـ واسين وٽ ڪراچي بہ ”پَرديسُ“ ٻڌيل هُيو. دادوءَ ڪان سَکر اَچي سِنڌي ماڻهو ”پَرديسيءَ“ کي نالي جو حصو ٻڌائي پيو هلندو هيو ۽ ڳوٺ ۽ گهرَ کي ساري پيو ٿَڌا شُوڪارا ڀَريندو رهندو هُيو ـ اهڙي زماني ۾ الطاف شيخ جهاز تي چڙهي نہ رڳو سڄو جهانُ جهاڳيو، پَرَ جهانَ جي تاريخَ، جاگِرافي، ثقافتَ، عِلمَ، اَدبَ توڙِي زَماني جي لاهين چاڙهين بابت هيڏا سارا سفرناما لکي، سنڌُ جي نوجوانن کي، ٻاهر نڪرڻ لاءِ اُتساهيو، سندس علمي ۽ عملي رهنمائي ڪئي، حوصلو ڏنو ۽ هوشيار ڪيو ـ سندس ان عمل سڌي يا اڻسڌي نموني سنڌُ جي ڪيترن گهرن ۾، سچ پچ تہ خوشحاليءَ جا ڏِيئا ٻاري ڇَڏيا ـ جِتي ادبَ جي آبياري ٿي، اُتي ٻوليءَ جي سُورجَ بہ دنيا جي ڪُندَ ڪُڙڇَ ۾ شاخون ڪڍيون ـ اڄ جو سنڌُ ۽ سِنڌي ٻولي هر ڪندَ ۽ خطي ۾ موجود مِلي ٿي، تہ ان فخر جوڳي ڳالهہ ۾ گهٽِو نہ سهي، ٿورو حصو الطاف شيخ جو ضرور آهي، جنهن کي مَڃِڻُ بہ گُهرجي ۽ مَڃتا بہ ڏيڻُ گهرجي.

الطاف شيخ، سنڌي ٻوليءَ جي انهن خوشنصيب ليکڪن مان آهي، جن کي پڙهندڙن جو پيارُ اٿميو مليو آهي.

سَندس مقبوليتَ جو اَندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته، سندس ڪيترن ئي ڪِتابن جا پَنجَ پنجَ، اَٺَ اَٺَ ايڊيشَنَ شايع ٿيا آهن، ظاهر آهي ته اها مَحنتا ۽ مقبوليت محنت ۽ پڙهندڙن جي پيارَ ڪانسواءِ مِلڻُ مُمڪن نه آهي. سندس تحرير دلچسپ به آهي، ته ڄاڻ سان ڀريل به - هُو پڙهندڙ کي ڄڻ ته آڱر کان پڪڙي، جهانَ جي سيرَ تي وٺي هلي ٿو. پڙهندڙ به الطاف شيخ جي تَجربن ۽ مُشاهدن مان ڄاڻ حاصل ڪري ٿو، مزو ماڻي ٿو ۽ ڪن حالتُن ۾ آئيندي جي منصوبن لاءِ سوچَ ويچارَ ڪري ٿو. هونئن ته الطاف شيخ، مختلف ملڪن ۽ قومن جي هر ڳالهه ۽ عمل کي، پنهنجي سفرنامن جو موضوع بڻايو آهي، پر خاص طور تي انهن جي تاريخ، تهذيبَ، ثقافت ۽ تعليمَ سندس مُک موضوع رهيا آهن، جيتوڻيڪ هڪ وقت اهڙو به آيو هيو، جڏهن مٿس اها تنقيد ڪئي وئي ته، هُو هاڻي سفرناما نه، گائيڊ بوڪ لکي رهيو آهي، تڏهن به هُنَ لِکڻَ کان باز نه ڪئي، ڀلا اهڙو ڪم به، ڪو ڪري ته ڏيکاري!؟

الطاف شيخ جي سفرنامن جي جنهن خاص ڳالهه مون کي سندس ڀرين ڪِتابَ ڪان، هِنَ ڪِتابَ تائين گهڻو متاثر ڪيو آهي، اُها آهي، پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن جي آئيندي جو اُونو - هر ڳالهه ۾ اها تَلاشَ ته، جيڪو هن ملڪ ۾ آهي، اُهو سنڌُ ۾ ڇو ناهي؟ يا اُتي ڪيئن ٿي سگهي ٿو - هِتي جو نوجوانُ ايترو اَڳتي وَڌي ويو آهي، ته اسان جو نوجوانُ پوئتِي ڇو؟ هِتي هي ماڳَ، مڪانَ هيڏا اهميت وارا آهن ته اسان وٽ موهن جو دڙو، ستين جو آستان، ساڌ ٻيلو، ڪينجهر، ڪارونجهر، مڪلي، منڇر به ته ڪنهن ڪان گهٽ ڪونهن، شايد شيخ اياز جو هي شعرُ سندس روحَ ۾ رچيل آهي:

*توکي ڪهڙي ڪَلَ؟*
*جيءَ اڇي نه جهلَ*
*مون کان سنڌُ نه وسري!*

جِتي ماڻھن جي گهٽائي، عيشَ عشرت ۽ مالُ ميڙڻ لاءِ، پرڏيھ وڃڻ جا موقعا ڳولڻَ ۾ سرگردان ھجي، اُتي سنڌُ جي سِڪَ ۽ ديسَ واسين جو دردُ سيني ۾ کڻي سفر تي نڪرندڙ الطاف شيخ ۽ سندس کم ساراھَ لائق ناھي تہ ٻيو ڇاھي؟

سچي ڳالھ اھا بہ آھي تہ، مان پنھنجي ھِنَ لِکڻيءَ کي، کنھن ڪِتابَ جو مُھاڳ مجڻَ لاءِ تيار بہ ناھيان، نہ ئي مون لِکندي، الطاف شيخَ جي سَفرنامن بابت عالمن، اديبن ۽ نقادن جي راين ۽ تبصرن کي حوالي طور پيش ڪيو آھي. مُون صرف اِھو لکيو آھي، جيکو منھنجي دل مَڃيو ۽ چَيو آھي ۽ منھنجو خيال آھي تہ ماڻھوءَ جي دل جي چَئي کان وڌيڪ ڪو سَچُ تي بہ نٿو سَگھي ـ سَچي دُنيا ۾ اِسڪولي ٻارن، ماڳن مَڪانن جي بورڊن ۽ ريڙھي، گڏھ گاڏي وارن جي پر ۾ ٻيھي وڏي شوقَ سان فوٽو ڪيرائيندڙ ۽ وري اُھي فوٽو ٽين ـ ايج (Teen-age) ڇوڪرن وانگر فيس بوڪ تي، پابنديءَ سان اَپلوڊ ڪري خوشيءَ ۾ نہ ماپَجندڙ الطاف شيخَ جي عشقَ کي پلا، کھڙن ادبي اصولن ۾ ماڻن ماپَن تي، ماپي سَگھجي ٿو؟ ـ مُنھنجي خيالَ ۾ پنھنجي وطن، پنھنجي ٻوليءَ ۽ پنھنجي ماڻھن سان ايئن بي لوث محبت ڪرڻ واري ماڻھوءَ جي رُڳو ۽ رُڳو عزت ئي ڪري سگھجي ٿي ۽ مان ـــ اوھانجي دِل سان عزت ڪيان ٿو، الطاف شيخ سائين!

**ايازگُل**

❍

# پہ اکر

ڪراچي جي قديم رهواسي جي حيثيت سان مان جنهن گهر ۾ جنم ورتو اتي تعليم ۽ علم جا زيور عورتن لاءِ اجا ممنوع هئا، پنهنجي بابا جي محنت ۽ روشن خيالي جي ڪري اها بندش مون تائين نہ پهتي ۽ مان شروع کان ئي پنهنجي بابا جي ننڍڙي لائبريري جي غير مشروط ۽ آزاد ميمبر بڻيس.

پرائمري تعليم جي دور کان ئي گهر ۾ موجود ڪِتابن سان دوستي ٿي ۽ سنڌي ادب جي وڏي نالن جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سراج ميمڻ، آغا سليم، شيخ اياز، امر جليل، مهتاب محبوب شامل هئا سان سڃاڻپ ٿي ـ انهن ئي نالن مان هڪ اهم نالو سائين الطاف شيخ جو هيو جنهن جي لکڻين کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي نہ ٿي. ڪِتابن جي انهي ورثي ۾ الطاف شيخ جا ناليوارا ڪِتاب منهنجو ساگر منهنجو ساحل، وايون وڻجارن جون، ڏُنگي منجھ درياهہ، سمونڊ جن ساٽيهہ ۽ ٻيا سفرناما شامل هئا جن جي مطالعي نہ صرف سنڌ پر دنيا بابت ڄاڻ وڌائي.

ڪراچي جي علائقي عزيز آباد (پنگوريا ڳوٺ) ۾ رهڻ جي ڪري اسان ننڍپڻ کان ئي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت ۽ پنهنجي قومي بقا کي وڻي ڪري وڌيڪ حساس هئاسين تنهن ڪري شيخ اياز ۽ استاد بُخاري جي انقلابي شاعري، سرمد سنڌي جون ڌرتي سان محبت جن صدائون، زرينہ بلوچ ۽ علڻ فقير جا لوڪ گيتَ ۽ پي ٽي وي (پاڪستان ٽيليويزن) تي هلندڙ سنڌي ڊراما ۽ پروگرام غير شعوري طور وڌيڪ متاثر ڪندا هئا. انهي احساس کي وڌائڻ ۾ الطاف شيخ جي تحريرن هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو خاص طور سان سندس سفرناما وڌيڪ دلچسپ ۽ من موهيندڙ لڳندا هئا چو تہ سائين پاڻ پلي لنڊن ۾ هجي يا بئنڪاڪ ۾، ڪوالالمپور ۾ هجي يا ممباسا ۾، جپان ۾ هجي يا چين ۾، يا وري يورپ جي ڪنهن بہ ملڪ ۾، سندس تحريرن ۾ ۽ منظرنگارين ۾ گهمي ڦري بہ سنڌ، سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌين جي سِڪَ ۽ حب ترندي نظر ايندي، سندس ڌرتي سان محبت هن جي لفظ لفظ ۾ محسوس ٿيندي آهي، جيڪا اسان جي نون جذبن ۽ سوچن کي جاءِ ڏيندي رهي اسان سيئي چوڪريون گهر ۾ الطاف شيخَ جا قصا ۽ ڪِتابُ "قصہ چار درويش"، وانگي پڙهڻ پاڻ ۾ Discuss ڪندا هئاسين ۽ گهر ويني پاڻ کي ابن بطوطہ، مارڪو پولو، البيروني ۽ ڪولمبس سمجهڻ لڳندا هئاسين.

گذريل سالن ۾ سنڌي ادب سان جيڪا چاهہ ۽ رشتو نهيو انهي ۾ بلا شبي وڏو هٿ سائين الطاف شيخ جي لکڻين جو آهي. 2010 ۾ آرٽس ڪائونسل جي ڪراچي ۾ ٿيندڙ ساليانی اليڪشن ۾ منهنجي وهم و گمان ۾ بہ ڪونہ هو تہ جيڪا بردبار ۽ شفيق شخصيت اسان سان گڏ گروپ فوٽو ۾ شامل آهي سو ڪو ٻيو نہ پر ننڍپڻ کان پسنديده ترين ليکڪ الطاف شيخ آهي. ان ڏينهن منهنجي

خوشي جي ڪا انتها نہ هئي، سائين سان ٿيل سمورين ڪچهرين ۽ ملاقاتن جو احوال مختصراً اهو آهي جو ساڻس ملي ڪري انهن جي تعارف ۽ شخصيت جي قدري ۽ عزت اجا وڌي وجي ٿي.

الطاف شيخ جي شخصيت بہ پنهنجي تحريرن وانگي سادگي، خلوص ۽ شفقت رکندڙ آهي، عام مشهور ۽ معروف شخصيتن کان هٽي ڪري سائين نوڙت، اخلاق مهمان نوازي ۽ محبت جو مجسمو آهي. سندن درِ علم ۽ ادب جي سڪ رکندڙ ۽ ڳولا ڪندڙ لاءِ سدائين کليل رهندا آهن، معنيٰ تہ پاڻ ۽ سندن تحريرون بہ سنڌو درياهہ جهڙي رواني، موج ۽ ايثار ڏسجي ٿو.

**آزادي فتح محمد**
**سنڌ**

# سمونڊ، سامونڊي ۽ سامونڊيڪو سگ

## مُنڍ:

ڪو به ماڻهو جيڪڏهن سنڌ جي سُڄاڻ ۽ نالي واري ”سامونڊي ليکڪ“ الطاف شيخ جي ڪتابن جو انگ ڏسندو (هن ڪتاب سوڌو ڪل 81 ڪتاب) ته اچرج ۾ اچي ضرور پڇندو ته هيءُ صاحبُ نوڪريءَ جو فرضُ نڀائي رهيو هو يا رڳو ڪتابَ لکي رهيو هو؟ جو ته ٻئي ڪمَ مڪمل ارپنا جا گُهرجائو آهن، جن ۾ چوکو وقت گُهرجي ٿو. ان ۾ ته ڪو به شڪُ نه آهي ته پاڻ سفرنامن جي شعبي ۾ ته انت ڪيو اٿن، پر سندن آفيس مان به پڇا ڪجي ته نوڪري به چڱي طريقي سان ڪيائون يا نه؟ پاسي ته ائين ٿو ته پاڻ صاحب هرڪم ڪار ڇڏي پنهنجي سموري عمر رڳو لکي رهيا هئا.! ابو...! هيڏا سارا ڪتاب...! جي ٽيهن سالن جي عمر کان ڪتاب لکڻ شروع ڪيائون ته سندن هينئر جي عمر 69 جي حساب سان طئہ اهو ٿيو ته هر سال ۾ لڳ ڀڳ ٻه ڪتاب لکيا اٿن!سال ۾ ٻه ڪتاب، سامونڊي سفرن واري نوڪري، ۽ پوءِ گهر ٻار سنڀالڻ، اهو پاڻ ڪيئن پئي ڪيائون، اِن راز جي ڳالهه جي پروڙ ته پوي! منهنجي خيال ۾ سندن گهر واريءَ سان به ٻه لفظ ڳالهائي ڏسجن ته هوءَ ويچاري ڇا ٿي چوي ته هي همراه ڪيس ۽ ٻارن کي ڪيترو وقت ڏيندو هو؟ جو ته سندس لکٽيون ته ٻڌائين ٿيون ته هي وڻجارو رڳو پئي دنيا ۾ ڦِريو ۽ پئي ڪتاب لکيائين.. سندن ڪامياب شخصي ۽ ادبي قد بُت ان جي ثابتي آهي ته پاڻ واقعي به ملهايو اٿن، پر اهو ڪيئن ڪيو اٿن، ان تي مان ته اچرج ۾ آهيان، پر ان سوال جي جواب حاصل ڪرڻ لاءِ مونکي ٿوري تحقيق ڪرڻي پوندي!

مون هن سامونڊيءَ جا ڪتاب پنهنجي اسڪول ۽ ڪاليج واري عمر کان پڙهڻ شروع ڪيا هئا، مونکي اڄ به ياد آهي ته سندس ڪتاب پڙهي ان جي ٻولي، مواد ۽موضوعن مان اُتساهه ملندو هو، مون کي رشڪ ٿيندو هو ته ڪاش ائين گُهمي ڦِري، دنيا پَسي ۽ ان تي لکي سگهجي، پر مونکي اها سُرت نه هئي ته لڳ ڀڳ پندرهن سالن کا پوءِ به سندن لکٽيون مونکي تمام گهڻو موهينديون، سِکيا ۽ اتساهه ڏينديون!

## تخليق ڪنهن جي دل جي ديوي؟

چوندا آهن ته سفر شروع ڪرڻ ته سڀ ڪو ڄاڻي، منزل پر هر ڪو نه ماڻي، پيار ته سڀ ڪو ڪري پر، نڀائي ڪو ڪو ڏيکاري.. ائين ئي ڪِرتُ ڪار ته سڀ ڪو ڪري پر ان کي تخليق سان سلهاڙڻ ڪو ڪو ڄاڻي. الطاف شيخ سنڌ ٿوڙي دنيا ۾ انهن چند يڳانن ماڻهن مان آهي جيڪي زندگيءَ کي سنوار ۽ سينگار سان گذاريندا آهن، جيتوڻيڪ ڪيترائي ماڻهو زندگيءَ کي سنواري گذارڻ چاهيندا آهن، پر منجهائن ڪو وِرلي ئي اهڙو هوندو جيڪو پنهنجي زندگيءَ جي وَکرَ کي اهڙو سهڻي انداز

۾ سنواري ۽ سليقي سان پيش ڪندو جو ان منجهان بيا انسان نہ رڳو اُتساهہ وٺن پر ان مان لاڀ بہ پرائين. ان ڪري ئي چئبو آهي تہ تخليق فقط سچن عاشقن جي باندي هوندي آهي، جيڪي لقائن، واقعن منجهان سرمستي ماڻي ان کي عجب رنگن ۾ پيش ڪري ڄاڻن.

سينٽ آگسٽِين ڪيڏو نہ صحيح چيو آهي تہ دنيا هڪَ ڪتابَ جيان آهي، جيڪي سفر نٿا ڪن سي ان دنيا جو رڳو هڪ صفحو بہ نٿا پڙهن، لڳ ڀڳ ستر کن ملڪ گهمڻ وارو هي ساموندي نہ رڳو هن 'دنيا-ڪتاب' جا ڪُجھ صفحا پڙهي چڪو آهي، پر انيڪ ڪتاب لکي ان حسناڪ دنيا جو ماڻهن کي خيالي ۽ شعوري دورو بہ ڪرائي چڪو آهي.ڪيس پڙهي لڳي ٿو تہ واقعي بہ مسافري چڙو سفرَ جو بارُ نہ آهي، جي سفرَ جو ڏانءُ هجي تہ اهو روح جي رچندي بہ ٿي سگهي ٿو.سموري دنيا ڪهاڻين سان ٿُٻ ٿار آهي، جڏهن هر ماڻهو ئي هڪ ڪهاڻي آهي تہ هن ڌرتيءَ تي ڪهاڻين جا ست ارب انبار پريا پيا آهن، هيءُ هالن سان لاڳاپيل ساموندي ان انبار ۾ ائين ڳهڙي پيو آهي جيئن سهڻيمهار جي سگ ۾ پاڻيءَ ۾ ڳِهڙي پئي هئي، فرق رڳو ايترو تہ هوءَ وجي ٻُڏي هئي، ۽ هيءُ ساموندي ويرُن ۾ پيو ترندو، گهراين مان ماڻِڪَ ڪڍيو اچي پنهنجي تخليق جي سڳي ۾ پوئي پيو دنيا کي ماڻِڪ پريل وٽيون آڇي.

مسافري ۽ مختلف سماجي موضوعن تي پڌل الطاف شيخ جو هي ڪتاب سفر نامي کان وڌيڪ سندس يادگيريون آهي، هر يادگيري پاسي ٿو ڄڻ هڪ وجودَ جيان آهي، جنهن جا انيڪ پاسا ۽ روپ آهن، جن جو ماضي، حال ۽ مستقبل آهي، جن ۾ (وقت جي نہ ڪتنڌڙ وهڪري جيان وهندو رهندي بہ) هميشہ زندگي نئين نويلي آهي، جنهن ۾رت روانيءَ سان گردش ڪري ٿو، ان جسم جهڙي زنده ۽ جاودان يادگيريءَ جو خاص ۽ اهم ڪردار پس و پيش سنڌ ٿيو پوي.شايد اهو ئي سبب آهي انهن متحرڪ يادگيرين جي اُڻ تُڻ (ناستيلجيا) هن تخليقڪار کي ياسيت ۽ اُباڻڪائيءَ ۾ نٿي وجهي، ان جي ابتڙ، يادگيرين جي اُڻ تُڻ ۽ هورا ڪورا جي نتيجي ۾ سندس اندر مختلف ديسن جي انيڪ پهلوئن جي اُوناهين مان تري وجي الف ليلوي ڪهاڻيون، داستان، ۽ قصا ڪڍيو اچي، ۽ وينو دنيا کي اڄرج ۾ وجهي. يادگيرين جا ايڪاسي جسم جن ۾ وقت وهامڻ ڪان پوءِ بہ زندگي ائين ئي پساهَ پئي ڪٽي جيئن ڪالهہ ڪٽي رهي هئي.

هن ڪتاب جو گهرو مُشاهدو ڪرڻ ءِان جو تنقيدي جائزو وٺڻ جا مون هي ماپا طئہ ڪيا آهن، مثال طور مون سندن ڪتاب تي ٽيڪا ٽِپڻيءَ جا بہ حصا ڪيا آهن، پهرئين حصي ۾ مان پنهنجو تجزيو موضوعن جي چونڊ ۽ انهن کي ڪٿڻ جي انداز تي لکندس، ٻئين حصي ۾ مان سندس پرڏيهي موضوعن کي سنڌ سان واڳي ڏسڻ سمجهڻ ۽ پيٽڻ تي نظر وجهندس، منهنجو يقين آهي تہ موضوعن جي چونڊ ليکڪ جي پسند ۽ شوق کي متعارف ڪرائيندي آهي، انهن موضوعن جي ڪهڙن پاسن تي زور ڏنل آهي اهو سندن ڏاهپ ۽ اپياس جي نشاندهي ڪندو آهي، انهن موضوعن

جي جنهن طريقي سان ٻوليءَ ۾ اٽُت ڪيل هوندي آهي اهو ليکڪ جي اسلوب جي تخليقي سگهه جون نشانيون ڏيندو آهي.

1. موضوعن جي نوعيت:
ليکڪ موضوع ڪهڙا ٿو چُوندي اهو سندس اندر جي شخصيت جي آئينيداري ڪري ٿو، اهو ليکڪ جي داخلي ۽ خارجي لاڙن جو تعارف به هجي ٿو، موضوعن جي چوندَ تہ دراصل ظاهري طور تي ڪتاب جو مواد هجي ٿو، پر اهو ليکڪ جي شعوري سطح، شخصيت ۽ وجود جي ترجماني ڪري ٿو. الطاف شيخ جي ڪتاب .... جي موضوعن جي عڪس هيٺ جي سندس شخصيت جي پرک ڪري ڪا مختصر راءِ ڏجي تہ منهنجي خيال ۾ اُها هيئن هوندي:
’الطاف شيخ صاحب، هڪ سائنسي سوچ رکندڙ، جديد دنيا جي گُهرجُن کي وسيع دل سان سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ وارا انسان آهن: دنيا کي جاچڻ ۽ ان جي جاگرافيائي ۽ خيالي وسعت کي سمجهڻ ۽ پوءِ ان کي سنڌ تائين پهچائڻ سندن حياتيءَ جو مذهب رهيو آهي. ڪين سنڌ جي پوئتي پئجي رهڻ جو ارمان آهي، جڏهن سنڌ ۽ سنڌين جي ڳالهہ اچي ٿي تہ پاڻ سنڌي نوجوانن جي چڱي اڪثريت جي سوچ جي پائمالي ۽ بي عملي، محنت جي فقدان، سچائيءَ جي ڪميءَ تي توائي نظر اچن ٿا: پاڻ ڏاڍي سهڻي انداز ۾ غير عقلي لاڙن کي وائکو ڪري انهنکي عقلي حوالن کان بيان ڪن ٿا. مذهب جي نالي تي مفروضن قائم ڪرڻ واري سوچ کان بنهہ ونئُن وجن ٿا. سستيءَ تي پاڻ صفا ڪاوڙجيو پون، پيلا قانون، اصول ۽ انهن جي پوئواريءَ سندن اهي پسنديده موضوع آهن، جن لاءِ سندن وس پڄي تہ پنهنجي هر مضمون چيهُ ان تي ڪن. دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪو چڱو يا عظيم ڪم ٿيندو هجي ۽ جي ان حوالي کان سنڌ غريب ۽ پنتي پيل هجي، تہ اهو سندن لاءِ وڏو الميو آهي، پڙهندڙن کي پاسندو تہ هن ساموندِيءَ جي جڻ هر لکڻيءَ جو سبب ئي اهو هو تہ دنيا جا اڻ ڳڻيا لقاءَ جهانَ پسَي ئي ان ڪري جو انهن کي سنڌ سان واڳي. پاڻ سنڌ جا سچا عاشقَ آهن. پاڻ تنقيد کي سهي ان مان مثبت لاڙا ڪڍي انفرادي ۽ اجتماعي جائزو وٺڻ جا قائل آهن. ”هڪ ايجاد جي ڪُهائي“ ۾ پنهنجي سُوِيدن جي دوست محمد عليءَ جي بي رحم ۽ سفاڪ تنقيد کي جنهن انداز سان پاڻ ڪنين، اهو وَڙُ سندس اعلیٰ سهپ، مثبت سوچ ۽ سمجهہ جو ثبوت ڏئي ٿو.
هن ساموندِيءَ جي هڪ تخليقي سگهہ اها بہ آهي تہ پاڻ واقعن جي زنجير ناهڻ جاڻي، ڪنهن بہ موضوع جي مالها ۾ خيال پوئڻ جو سندس انداز بيحد ذهانت سان پريل آهي، سندس ملائيشيائي ميوي ڏرائين بابت لکڻي هجي يا حجامن جي وار ناهڻ مهل ڏيگهہ ڪرڻ هجي، لاڙڪاڻي جو ڪئڊٽ ڪاليج هجي يا اتان جي دوستن جي مچ ڪچهري هجي، سنڌي نوجوان جي روزگار جا مسئلا هجن يا پرڏيهہ جي ڏرتيءَ جا حسين منظر هجن.. جنهن حسين تخليقي انداز کي هر پڙهندڙ

نوٽ ڪندو سا آهي ته ليکڪ ڪيئن نه مهارت سان ڳالهه کي ڳالهه مان ڪڍي، هڪ سلسلي جي ڪڙيءَ ۾ پوئي خيالن جي هڪ زنجير جوڙي ٿو. ڪڙيءَ منجهه ڪڙي وجي ٿو ڳنڍيندو، زنجير وجي وڌندي، تان جو وجي ان جو ڇيھُ ٿئي ته ڇَسَ واري ڳالهه کُٽڻ تي بيچينيءَ بدران جڻ ان جي تڪميل جو احساس ٿئي، سلسلو وچ ۾ ڪٿي به ٽُٽندو نظر نه ايندو. ان سلسلي جي موتين جيان پويل ڪڙيءَ ۾ سندس ڪتاب جو ته هر بابُ ئي پويل آهي، پر اها هر ڪڙي ڪهڙي نه تخليقي ۽ جمالياتي انداز ۾ سينگاري ٿو ان جي مثال لاءِ مان ڪتاب جي باب "حجامن سان واسطو" جو ذڪرڪنديس، ته ان هڪڙي موضوع ۾ انيڪ قصا ۽ داستان پوئي، پڙهندڙن کي حيران ٿو ڪري ڇڏي، مثال، ان مضمون ۾ ليکڪ پنهنجي مزاج بابت پڙهندڙن کي ٻڌائي ٿو ته وار ڪٽائڻ مهل هو حجامن کي گفتگوءَ جي ڏيگهه ۾ پوڻ بدران ان ڪم کي جلدي اُڪلائڻ جي ڳالهه ڪندو آهي، اهو بيان ڪندي ڪندي هو مختلف ملڪن ۾ حجامن سان ڪيس پيش آيل تجربا به ٻڌائي ٿو، ان دوران ڪو لطيفو نهڪي اچي ٿو ته اهو به ان سلسلي جو حصو ٿيو وجي، ان کان پوءِ هر اهو موضوع جيڪو وارن سان واڳيل آهي اهو پيو سامهون ايندو ويندو، وارن ڪٽائڻ جا مختلف انداز ۽ ڪُنڊون هجن، ماضيءَجي ڪنهن دور يا سندن ننڍپڻ ۾ ڪي وار ڪٽائڻ يا وارن کي خضاب سان رنگڻ جا واقعا سندس ذهن ۾ آيا هجن، يا ڪيڊٽ ڪاليج ۾ وارن جي گهربل ڪَٽائي هجي، يا وري منهن تي ڏاڙهي رکرائڻ هجي ته سي به ان باب جو حصو تي ويندا. اها منفرد صلاحيت اهو ثابت تي ڪري پاڻ تخليق کي سهٽي اسلوب سان پيش ڪرڻ ڄاڻن ٿا، سهٽو خيال جي سهٽي اندازِ بيان سان نه پيش ڪجي ته ان جو قدر ۽ معيارگهٽجيو وجي. نه رڳو اهو پر سندس لڪٽين ۾ پير تي ڏوکي جيان اهو به واضح آهي ته هن سامونديءَ جي حياتي ارادي ۽ مقصد سان پريل آهي، هو جتي به ويو جنهن جاءِ به ويو انکي ڇيهَ تائين سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائين، غور سان ٻڌڻ جهڙي ڳالهه ٻڌائين، لازمي ڏسڻ جهڙو نظارو ڏنائين، ۽ ان کي پاسي در پاسي پنهنجي پرپور تخليقي صلاحيتن کي استعمال ڪندي پڙهندڙن تائين پهچايائين. اهو ئي سبب آهي ته سندس لڪٽين منجهان اهڙي نئين روح جو ساءُ اچي ٿو جيڪو دنيا جي رنگن ۽ رمزن کي پهريون پيرو ڏسي پيو حيرانين جي لهرن ۾ تري تڙڳي.. ڪجهه اهڙو ئي خيال جڳ مشهور ليکڪ پائلو ڪوئلهو پنهنجي ڪتاب "دِي پِلگِرم" ۾ لکي ٿو:

*"جڏهن اوهان سفر ڪندا آهيون، عملي طرح دراصل اوهان بيهر جنم وٺڻ جو تجربو ماڻيندا آهيو. اوهين مڪمل طور تي نين صورتحالُن کي منهن ڏيندا آهيون، ڏينهن اوهان جو بيحد آهستگيءَ سان گذرندو آهي، ۽ اڪثر سفرن ۾ اوهين ماڻهن جي ٻولي به نه سمجهندا آهيو. سو اوهين ان ٻار جيان هوندا آهيون جيڪو اڃان تازو ئي پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان ٻاهر آيو*

*آهي. اوهين پنهنجو لاڙو ۽ مدار پنهنجي چوڌاريءَ ۾ موجود شين تي رکڻ شروع ڪندا آهيو، چاڪاڻ ته اوهان جو جياپو انهن تي مدار رکي ٿو. اوهين ٻين ماڻهن جي پهچ ۾ وڌيڪ ٿي پوندا آهيو ته جيئن هو مختلف صورتحالُن ۾ اوهان جي مدد ڪري سگهن. ساڳئي ئي وقت، جيئن ته سڀ شيون نيون هونديون آهن، اوهين انهن ۾ حسن ڏسي سگهندا آهيو، ۽ پنهنجي زنده هجڻ جي تمام گهڻي خوشي محسوس ڪندا آهيو“.*

اهڙيءَ ريت منهنجو پرزور خيال آهي ته هن سامونديءَ جو هر ڪتاب سندس ۽ سندس تخليق جو نئون جنم آهي، دنيا ڪي پهريون ڀيرو ڏسندي ٻار جيڪي حيرانين جا مزا ماڻي ٿو، سي هن ساموندي‌ءَ بار بار پئي ماڻيا آهن.. الطاف شيخ رابرٽ لُوئي سٽِيوِنسَن جي ان چوٽيءَ جو نمونو آهي ته ڪا به ڌرتي پرڏيهي ڌرتي نه ٿي هجي، ها ڏسندڙ، سو ضرور ٻاهريون هجي ٿو.. اسان ڪي سندس لکڻيون ٻڌائين ٿيون ته هو جنهن به ديس ۾ ويو جيترو به وقت اتي رهيو، ان مختصر دور ۾ ان کي پنهنجو وطن ٻڻائي رهيو عالمگير طبيعت جي هن سنڌي وڻجاري جي وائي سنڌ کي نه رڳو دنيا جي وايو منڊل جو اهڃاڻ ڏئي وئي آهي، پر سنڌ کي هڪ نئين صنف به ڏئي وئي آهي، جنهن تي الطاف شيخ اهو واحد ليکڪ آهي جنهن گهڻ رُخي طبع آزمائي ڪئي آهي.

مون سُر ساموندي‌ءَ کي ڳوڙهو پڙهي وڏي سوچ ويچار کان پوءِ هيءُ بيتُ چونڊيو آهي جيڪو هن ساموندي‌ءَ جي شخصيت، حياتي ۽ تخليقي پورهئي تي ٺهڪي اچي ٿو:

ڪاري ڪيڙائُو، مَٽي مِني موتيا؛
سَودو ڪَنِ نه سونَ جو، وَڏا وِهائُو؛
موتِي جي مَهراڻ جا، تِن جا طاماعُو؛
سامُونڊِي سائُو، لَنڪا لوپي آئِيا.

ڪيترا ساموندي آفيسر آهن جيڪي جهازن تي ڊگهي سفر دوران پڙهڻ سان گڏ لکڻ جو به ڪم ڪندا آهن؟ الطاف شيخ صاحب به جي چاهين ها ته آرام ۽ ننڊون نه ڇڏين ها، پر هو اهو ڪيئن ڪن ها جو پاڻ هوءِ جُڙيل ئي عجيب مٽيءَ مان هئا! ڪين مهراڻ جي موتين جي اُڪير هئي، انهن مٽين جي ڳولها جو شوق هئو، پنهنجي شعور ۾ ان سون کان به وڌيڪ قيمتي وکر جون هڙون ٻڌي آيا.. سندن ان دولت جو انت نه ڪو ڇيهُ آهي، مٿان اها سنڌ کي ارپي اٿن! ڪين سوين سلام هجن!

## سنڌ- ساموندي‌ءَ جي دل

سنڌ هن ساموندي‌ءَ جو محورِ فڪر آهي، سندس عشق آهي، سندس مقصد آهي، سندس منزل آهي. پاڻ سنڌ کي پنهنجي صورت ۾ نه رڳو هڪ سفرنامن جو پلوڙ ليکڪ عطا ڪيو پر پنهنجي لکڻين کي پنهنجي ڌرتي‌ءَ سان واڳي پڙهندڙن کي پنهنجي ۽ ٻاهرئين سماج ۾ فرق ۽ تضاد بابت باخبر ڪيو، نه رڳو اهو پر ان جاڻ جي آڌار تي تبديلي‌ءَ ۽ نواڻ جي واٽ به ڏسي آهي، سنڌ سندس روح ۾ رڳن ۾ رت سان گڏ ڊوڙي پئي، سنڌي‌ءَ ۾ لکڻ ۽ سنڌي ادب کي هڪ نئين صنف ڏيڻ سان گڏ سندس لکڻيون ان جو ثبوت آهن ته هو جنهن به ديس جي باري ۾ پنهنجا تجربا لکي ٿو، هو ان ديس جو به اصل واسي ٿو لڳي، اهو فقط هڪڙو عالمگير دل رکندڙ شهري ئي ڪري سگهي ٿو. سندس سوچ کي ان ساموندائي مسافري‌ءَ جيڪا وسعت ڏني آهي، ان سندس تخليق کي گهرائي‌ءَ جا ڇُهاءَعطا ڪياآهن. سوچ جي وسعت کي جاگرافيائي وسعتون ڪيترو وسيع ڪري سگهن ٿيون، ان جي شاهدي الطاف شيخ جا ڪتاب ڏين ٿا.

گهڻ رُخي دنيا ۾ گهڻ رُخي عقيدن ۽ خيالن سان ملندي جلندي ماڻهو ڪازموپوليٽن ٿي ٿو وڃي، اها ڪازمو پوليٽنزم اوهان کي هن ساموندي‌ءَ ۾ به نظر ايندي جيڪو هڪ ”ڪازموپوليٽن سنڌي‌ءَ“ جو ڀرپور مثال آهي، جيڪو دنيا جهان مان خبرون ڪٺي اچي سنڌ تي لنگر ٻڌي ٿو. ان پکي‌ءَ جيان جيڪو اُڏام ڪري پس و پيش چوڳو پنهنجي آکيري ۾ ڪٺي اچي پنهنجي ٻچي کي کارائي ٿو.

سفر سان چاهه، ۽ نوان ماڳ مڪان ڏسڻ لاءِ اتساهه ۽ شوق جي شدت جو اندازو سندس انهن سِٽن مان لڳائي سگهجي ٿو، لکن ٿا: ”ڪنهن (ٻئي ملڪ ۾) دوست جي ماني جي دعوت قبول ڪرڻ معنىٰ وقت جو زيان. چانهن جي ڪوپ تي ڪچهري ڪري باقي ٽائيم شهر ۾ چڪر هڻجي، مسجدون، مندر ڏسجن، ڀُليون، چوراها، ميوزيم ڏسجن، تاريخي جايون ۽ پارڪ ڏسجن. هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ٽائين...“.

سندس اهو خيال ته سفر ان لاءِ ڪجي ته نوان لقاءَ پسجن، مختلف معاشرن کي پسي نوان نوان خيال پسجن، اهو ته هڪ مسلسل، اڻ کُٽ ڳولها ۽ تلاش ۾ سرگدان روح جي ڪهاڻي آهي.. هن ساموندي‌ءَ جي سموري حياتي ڄڻ هڪ سکڻ لاءِ بيچين روح جو داستان آهي، ڄڻ داستان ۾ داستان آهي، هڪ ڪهاڻي‌ءَ ۾ انيڪ ڪهاڻيون آهن جيڪي هي يگانو ماڻهو ساڻ کڻي گُهمي ٿو..

چيني ڏاهي ڪنفيوشس جي هڪ بيحد حسين چوڻي آهي ته، ”جيڏانهن به وڃجي، دل سان وڃجي“.هي ساموندي ان چوڻي‌ءَ جو هڪ جيئرو ۽ جاڳندو نمونو آهي، سندس تخليق ڏس ڏئي ٿي

ته هي يگانو ماڻهو جيڏانهن به ويو دل سان ويو! سندس نصيب ۾ سفر لکيل هو، سو ڪِرت ڪار هجي يا موڪلون هجن، سندس حياتيءَ جي حسين دور جي شروعات سفر سان ٿي، ۽ تاحيات ان ۾ ئي گذري.. سو ڪنفيوشس جي چوٽيءَ ڪي پٺائيءَ جي هن وائيءَ جي سِٽ ”وڃجي او وڃجي، اڪيون پير ڪري“ سان سلهاڙي ڏسجي... ته هي ساموندي نه رڳو جيڏانهن به ويو، دل سان ويو، پر ”اڪيون پير ڪري ويو“..دل سان وڃڻ ۽ اڪيون پير ڪري وڃڻ عشق جي نشاني آهي ۽ ان عشق جي اُهڃاڻن سان سندس تخلقيق ويرئون وير تار آهي. ڇاڪاڻ ته دل سان اهڙن سفرن تي ته لڳ پڳ سڀ ڪو ويندو آهي، پر اُن سفر دوران تخليقسِرجي سامهون آڻڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. پنهنجي تخليق جي ذريعي هن ساموندي‌ءَ سنڌ کي سيڪاريو آهي ته دنيا مٽين، ماڻڪن سان ٿُنتار هڪ جهان آهي، شعور جو ڪم آهي ته ان کي ڦلهوري...!پاڻ پٺائيءَ جي هن بيت کي سچو ڪري ڏيکاريو اٿن ته هن (دنيا) سموند جي انيڪ لقائن ۾ الي ماڻڪ موتي پيا ترن، منجهائن جي ذرو به مليو ته مسافر اَمُلهَ خزانا ماڻي موٽندو. سندن لکڻين ۾ اُهي املهه خزانن جا خرار آهن جيڪي انهن مخصوص پهلوئن جي حوالي کان سنڌ کي مختلف دورن تائين پيا امير رکندا.

آخر ۾ مان اهو لازمي چونديس تي مونکي سندن لکڻيون بس ذري گهٽ هڪ داخلي ناول ٿيڻ کان بچندي نظر اچن ٿيون، هڪ اهڙي ساموندي مسافر جي ڪهاڻي آهن، جنهن جي داخلي لاڙن، ذاتي خواهشن، خوشين، اندروني احساسن جي فقط متاچرائي نظر ايندي، خارجي لقائن ڏانهن سندس بي پناهه اتساهه سندس اندر جي لطيف وهڪرن ۽ لهرن جي هلڪڙي جهلڪ پسائي گم ٿيو وڃن، ڪاش ته هي ساموندي هڪ طويل لکٽي پنهنجي آتم ڪٿا جي شڪل ۾ لکي، جنهن ۾ خيالن جي اها لطافت ۽ احساسن جون اهي لطيف لهرون پيش ڪري جيڪي هن پنهنجن ڪتابن ۾ لکڻ کان لنوايون آهن.

**سحر گل**

# ڪير ٿو چوي ته انب ميون جو بادشاهه آهي ؟

اسانجي ملڪ جا ماڻهو انبن جي موسم جو آڏر ڀاءُ وڏي گرمجوشي سان ڪن ٿا ۽ رمضان جي ٻلاري مهيني وانگر هو هن موسم جو انتظآر ڪن ٿا. اسان وٽ انب غريب توڙي امير جو دلپسند ميوو آهي. هي نه فقط ميوو آهي پر هن کي ڀاڄي طور پڻ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اسان وٽ ڪيترا ماڻهو انبن جي موسم ۾ ٻوڙ يا ڀاڄي رڌڻ بدران انب سان پٽ يا ماني ڪائين. انب ذائقي ۽ خوشبوءِ وارو آهي. انب اسان جي ماڻهن لاءِ بهترين ميوو آهي. انبن جي موسم ۾ گدرا، ڇانهيون، سردا، چڪون، بادام ۽ زردالو يتيم ٻارن وانگر بنا ڪنهن خريدار جي ڏيان چڪائڻ جي، دڪانن تي پيا هوندا آهن. هن موسم ۾ ڪو منائيءَ کي به نٿو پڇي. بنا ڪنهن شڪ جي اسان جي ماڻهن لاءِ انب ميون جو بادشاهه آهي. منهنجي راءِ به انب لاءِ ساڳي ئي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڪنهن لاءِ سنڌڙي انب (Madras Alphonso) ميون جو بادشاهه آهي ته ڪن لاءِ چؤسو، لنگڙو، دسهڙي يا سرولي انب بادشاهه آهي. جي مون کان پڇڻ چاهيندائو ته آئون بينگن ڦلي يا سوارن ريڪا انبن جو نالو ڪٽندس. انب لاءِ سيني کي پيار ۽ ان کي انبن جو بادشاهه سڏڻ جو اسان نندي هوندي کان ٻڌندا پيا اچون.

1968ع جي ڳالهه آهي جڏهن مون تعليم ختم ڪري ساموندي سفر شروع ڪيا ۽ پهريون دفعو ملائيشيا جي بندرگاهه پينانگ ۾ قدم رکيو. منهنجي حيرت جي ڪا حد نه رهي جڏهن هتي جي مارڪيٽ ۾ ميوي جي دڪانن تي هر هڪ کي ڄاهي جي شڪل جي ميوي دورين (Durian) جو ديوانو ڏٺو. منهنجي پڇڻ تي هر هڪ هن ڪوجهي شڪل ۽ ڪنڊن واري دورين کي ميون جو بادشاهه تي سڏيو. مون سمجهيو هو چرچا ٿا ڪن يا ٽوڪ خاطر هن ميوي کي بادشاهه ٿا سڏين. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته هڪ بدبودار ۽ ڪوجهي شڪل وارو دورين ڪيئن ٿو ميون جو بادشاهه ٿي سگهي، جڏهن ته ڪراچيءَ کان ڪولڪتي تائين، لاهور کان لکنو تائين ۽ ملتان کان ممبئي تائين هر هڪ انب پسند ڪري ٿو جنهن جي سواد، ذائقي ۽ رنگ جو ڪو مقابلو نٿو ڪري سگهي.

پر ڪجهه لڳاتار ساموندي سفرن ۽ هن تر جي بندرگاهن ۾ رهي رهي، اهو محسوس ڪيم ته هن پاسي بئنڪاڪ کان بينڪولا ۽ سنگاپور کان ڪمپوچيا تائين هر هڪ لاءِ دورين ميون جو سرتاج آهي.

انب ۽ دورين جي وچ ۾ اهو فرق آهي ته انب کي هر هڪ پسند ڪري ٿو. ٿي سگهي ٿو ڪنهن کي گهٽ پسند هجي، پر هو ڪڏهن به ائين نه چوندو ته ”انب سان مونکي نفرت آهي....هن کي منهنجي پرسان به نه رکو.“ پر دورين کي هر هڪ پسند نٿو ڪري. جيڪو پسند ڪري ٿو اهو چرين وانگر هن تي فدا آهي جيڪو نٿو ڪري اهو بنهه نٿو ڪري بلڪ هن ميوي سان سخت نفرت ڪري ٿو. دورين جي هنگ جهڙي اگري ڌپ ڪري هو ان جي پرسان به نٿو گذري. ’دورين‘ ڪائڻ ۾، انب کان به منو آهي پر سندس بوءِ تمام خراب التي اچڻ جهڙي آهي. ان ڪري هن ميوي کي هڪڙا پسند ڪن ٿا ته ٻيا هن کان پري ڀڄن ٿا ۽ هن پاسي يعني ڏور اوڀر ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن ۾ دورين لاءِ اهو عام چيو وڃي ٿو ته:

“Durian is most loved and most hated fruit.”

هن ميوي لاءِ ماڻهن کي يا ته سخت پيار آهي يا سخت ڌڪار ان جي وچ ۾ ٻي ڪو احساس ناهي.

دورين ناريل کان ڪجهه وڏو ٿئي ٿو ۽ سندس ٻاهرين کل ٿلهي، سخت کهري ۽ ٿلهن ڪنڊن واري آهي. هنن ڪنڊن ڪري هن ميوي جو نالو دورين پيو آهي. ملئي زبان ۾ Duri معنيٰ ڪنڊو ۽ Durian معنيٰ ڪنڊن وارو.

ڏکڻ اوڀر ايشيا جي بندرگاهن ۾ جهاز رستي آءٌ ڏهه سال کن ايندو ويندو رهيس ۽ اهڙا ڏهه سالَ ملائيشيا جي شهر ملاڪا ۾ نوڪري ڪيم. ان دوران مون وڏي ڪوشش ڪئي ته دورين ميوو يا ان مان نهيل بسڪيٽ، ڪيڪ، چاڪليٽ ڪاڍا وجن پر مونکي ڪاميابي نصيب نه ٿي. دورين جي ڌپ ڪاليج جي ڏينهن ۾ ڪيمسٽري ڪلاس ۾ پيدا ٿيندڙ H2S گئس جي ناسن ۾ چڀندڙ (Pungent) ڌپ جي ياد ڏياري ٿي جنهن لاءِ اسانجو مرحوم ڪلاس ميٽ رفيع ڪاچيلو چوندو هو ته اهو It is a Devil's Dung آهي.

هونءَ ملائيشيا ۾ ميون جي ڪوٽ ناهي. ملائيشيا توڙي پر وارن ملڪن ٿائلنڊ، انڊونيشيا، سنگاپور وغيره ۾ ڪيترائي لذيذ، مِٺي گر ۽ سٺي سڳنڌ وارا ميوا ٿين ٿا.

جهڙوڪ: مينگو اِسٽين، رمبوتان، چڪون، ماتا ڪُچنگ، ڊوڪو، چمپداڪ، اسٽار فروٽ، ليچي، اناناس، لونگان وغيره. ويندي ملائيشيا جو ڪيلو، خاص ڪري پسانگ اماس (سنهري ڪيلو) بهترين جنس آهي جيڪا جپان ۽ يورپ جي ملڪن ڏي ايڪسپورٽ ٿئي ٿي. اهڙن لذيذ، سستن ۽ سڀ جي پسند وارن ميون هوندي سمجهه ۾ نٿو اچي ته هنن علائقن جا ماڻهو دورين جهڙي بدشڪل ۽ بدوبودار ميوي پنيان چريا ڇو آهن جيڪو قيمت ۾ به تمام مهانگو آهي، پُرتن جهڙن ڪنڊن واري کل هجڻ ڪري ڪٽڻ ۾ ڏکيو ۽ ڳرو آهي، کولڻ ۾ سخت آهي بلڪ خطرناڪ آهي، ڇو جو هن ميوي کي پَڇڻ واري جا هٿ اڪثر زخمي ٿيو پون، ۽ بقول يورپين جي هن ميوي جي ڌپ بدبودار جورابن جهڙي آهي. سڀ کان حيرتناڪ ڳالهه اها آهي ته ههڙي ڳري ميوي مان کائڻ لاءِ ڪي پنج ڇهه چمچا مس ڳر (pulp) جا نڪرن ٿا.

انگريڪلچر ۽ باٽني جي شاگردن لاءِ اهو لکندو هلان ته دورين ميوي جو Genus Durio فئملي سان تعلق آهي. هو پنهنجي وڏي سائيز، منفرد بوءِ ۽ ڇُيندڙ ڪنڊن واري کل ڪري هڪ نمايان ميوو آهي. دورين ڊيگهه ۾ 12 انچ ۽ گولائيءَ ۾ 6 انچ ٿائين ٿئي ٿو ۽ تورَ ۾ ٽن ڪلو جيترو به ٿئي. سندس ٻاهرين کل سائي کان ناسي رنگن ٿائين ٿئي ٿي. سندس اندرين کائڻ واري ڳر (flesh) هئڊي کان ڳاڙهي رنگن وارو ٿئي ٿو. هن کائڻ واري ڳر مان بدبوءِ نڪري ٿي جيڪا ايڏي ته تيز ۽ چيندڙ ٿئي ٿي جو اڻ چليل دورين مان به محسوس ٿيندي رهي ٿي ۽ جيڪڏهن ڪا هوٽل يا ڪا عمارت سينٽرلي ايئرڪنڊيشنڊ آهي ته هڪ ڪمري ۾ آيل دورين ميوي جي ڌپ سيني ڪمرن ۾ رهندڙن کي محسوس ٿئي ٿي. مزي جي ڳالهه اها ته دورين جي اها ڌپ ڪِن کي الٽي ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي ته ڪن لاءِ اها بدبوءِ ڌپ نه پر عطر عنبيرن کان بهتر خوشبوءِ آهي. دورين کائڻ وارن عاشقن کان پڇنداڻو ته هو توهان کي چوندا ته هن ميوي جي بادامن جهڙي خوشبوءِ آهي پر ٻيا ان کي سڙيل بصرن جي ڌپَ سڏين ٿا. ٻبر جي ڪَنڊن واري هن ميوي جي ان بدبوءِ ڪري هن پاسي جي ملڪن جي وڏين هوٽلن ۾ هن ميوي کي آڻڻ تي بندش آهي. سنگاپور ۾ ته نه فقط هوٽلن ۽ آفيسن ۾ پر ميٽرو ريل (MRT) ۽ پبلڪ بس ۾به کڻي اچڻ جي اجازت ناهي. جتي ڪٿي توهان کي Durians not allowed جا

بوردَ نظر ايندا. منهنجي خيال ۾ هتي جي حڪومت جو اهو سنو فيصلو آهي، نه ته هن ميوي جي ڌپَ کان ونءُ ويندڙ توهان ۽ اسان جو ساهه گهٽجي وڃي.

جهاز هلائڻ وارن ڏينهن ۾ اسانجو جهاز جون جي مهيني ۾ ڪراچي ايندو هو ته مهنجا جهاز هلائڻ وارا ساٿي خوشيءَ سان مون پاران ڊيوٽي ڪندا هئا جيئن آئون ڳوٺ جو چڪر هڻي اچان ۽ واپسي تي انبن جو ڪوڪو به کڻي اچان. پر انب اهڙو ميوو آهي جنهن کي هر هڪ پسند ڪري ٿو پوءِ اها بي ڳالهه آهي ته ڪو کڻي ان کي گهٽ پائيندو هجي. هتي ملائيشيا جي شهر ملاڪا جي آفيس ۾ ڍهه ڪن جهازن جا ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر هوندا هئاسين. مون اٺ نوَ سال ڪن هن آفيس ۾ ڪم ڪيو.هر سال دورين جي موسم ۾ اسان هڪ يا ٻه دفعا چيني چيف انجنيئر لائو سينگ جي ڊيوٽي ڪندا هئاسين جيئن هو پنهنجي ڳوٺ موئر (Muar) ٻه ڏينهن وڃي واپسي تي دورين ميوي جو ڪارو کڻي اچي. پوءِ اهو ڏينهن اسان جي آفيس ۾ مڪاني ملئي ۽ چيني آفيسرن لاءِ جڻ عيد ٿي ويندي هئي باقي اسان چار پنج ٻاهرين ملڪن جا، دورين جي ڌپ ۾ بي حال ٿي ويندا هئاسين. هن ميوي جي ايڏي ته چيندڙ (pungent) ڌپَ ٿئي ٿي جو اسان جا يارَ کائڻ بعد چڱي طرح صابڻ سان هٿ ۽ چپ ڌوئي ايندا هئا ته به سندن جسم مان، خاص ڪري پگهر مان، اها ڌپ پئي ايندي هئي. اسان سان گڏ ڪم ڪندڙ برطانيا جو ڪئپٽن ڪئرو جنهن هڪ دفعي همت ڪري دورين جو گودو چوسيو هو اهو چوندو هو:

"Mr Altaf! Eating Durian is like eating custard in a public toilet"

چون ٿا ته گهٽا گهٽا سال اڳ دورين فقط ملئي ماڻهو کائيندا هئا ۽ ناريل، ڪنهل ۽ اناناس وانگر تمام سستو ميوو هوندو هو. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ملائيشيا ۾ رهندڙ چينين کي دورين جو اهڙو چشڪو لڳو جو هاڻ توهان کي جتي ڪٿي چيني خريدار نظر ايندا جيڪي ملئي ماڻهن کان وڌيڪ امير آهن ۽ دورين جي قيمت گهٽي هجڻ جي باوجود خريد ڪن ٿا.

دورين جو وڻ 25 کان 50 ميٽر اتاهون ٿئي ٿو. سندس پن ربڙ پلانٽ وانگر سدا ساوا تين ٿا. هو سال ۾ هڪ يا ٻه دفعا گل ۽ ڦل ڏئي ٿو. اها ڳالهه اسان جي ماڻهن لاءِ شايد عجيب هجي جتي چار مختلف موسمون ٿين ٿيون. پر ملائيشيا خط استوا جي

ويجهو هجڻ ڪري ٻارهوئي ساڳي موسم مينهن ۽ گرمي واري رهي ٿي. منهنجي گهر جي ڪمپائونڊ ۾ لڳل انب، رمبوتان ۽ چڪن جا وڻ ٻه سال ۾ ٻه دفعا ٻور ڏيندا آهن.

نئون لڳايل دورين جو وڻ چئن کان پنجن سالن بعد ميوو ڏئي ٿو. ٻُور جهلڻ (pollination) بعد ٽي مهينا وٺي ٿو. اسان وٽ ڪيترا ماڻهو دورين ۽ ڪٿل (Jack fruit) کي ساڳيو سمجهن ٿا. ڪٿل بنگلاديش ۽ ڏکڻ هندستان ۾ به ٿئي ٿو جيڪو دورين کان سائيز ۾ ڏگهو ٿئي ٿو. سندس کل کهري ضرور ٿئي ٿي پر دورين جي کل کان تمام گهٽ نرم آهي. ڪٿل گيدوڙي وانگر گهٽ درجي جو هجڻ ڪري بيحد سستو آهي. ملائيشيا توڙي سنگاپور ۾ دورين سڀ کان مهانگو آهي. مثال طور دورين جون زياده دلپسند جنسون دي 24 (جيڪا Duro Zibethinus آهي)، سلطان ۽ مائو شان وانگ جو هڪ ڪلو 5 کان 10 آمريڪن ڊالر آهي. هڪ دورين جو سراسري وزن ٻه ڪلو ٻه لڳايو وڃي ته هڪ هڪ داڻي جي قيمت هڪ هزار کان وٺي ٻه هزار روپين تائين ٿئي ٿي. ان ۾ کائڻ جوڳو حصو يعني گودو، جنهن کي هتي Aril سڏين ٿا 15 کان 25 سيڪڙو ڪو مس ٿئي ٿو، باقي رڳو ٿلهي کل ۽ ٿلها ٻج ٿين ٿا.

دورين ميوي ۾ کنڊ، وٽامن سي، پوٽئشيم ۽ گهڻو Theserotonergic Amino Acid Tryptophan ٿئي ٿو. هي ميوو ڪاربوهائيڊريٽ، پروٽين ۽ چربي جو ٻه source آهي. هن پاسي جي ماڻهن جو اهو وهم آهي، بلڪ ديسي چيني حڪيمن موجب، دورين جو تاثير گرم آهي ۽ کائڻ واري کي تمام گهڻو پگهر ٿئي ٿو. هاءِ بلڊپريشر جي مريضن ۽ پيٽ وارين عورتن کي دورين هرگز نه کائڻ کپي. ڪيترن ملئي ۽ چيني ماڻهن جو اهو چوڻ آهي ته دورين شهواني طاقت وڌائي ٿو. دورين معجونن ۽ ڪشتن جو ڪم ڏئي ٿو. انڊونيشيا ۾ اها چوڻي مشهور آهي ته Durian Jatuh, Sarong naik ساڳي مطلب واري چوڻي ملائيشيا ۾ به عام آهي ته Apabila Durian turun, Sarong naik. ملئي لفظ ”جاتو“ يا ”ترون“ جي معنيٰ آهي ڪرڻ، هيٺ اچڻ ۽ نائيڪ معنيٰ آهي مٿي چڙهڻ. هتي جا ماڻهو مرد توڙي عورتون گوڏ جهڙو اسڪرٽ ٻڌن جنهن کي سرونگ سڏجي ٿو. بهرحال مطلب اهو آهي جڏهن دورين جي موسم اچي ٿي، يعني جڏهن دورين ميوو وڻ مان ڇڻي ٿو ته سرونگ مٿي کڄي ٿو. دورين موسم ۾ هن پاسي اهو جملو پڻ عام آهي ته جيڪڏهن توهان فئملي پلاننگ چاهيو ٿا ته دورين کان پاسو ڪريو.

هتي اهو بہ لکندو هلان تہ وڻ هينان دورين چوندڻ وقت هيلمٽ (لوهي ٽوپلو) پائڻ لاءِ چيو ويجي ٿو. ڇو جو وڻ مان ڪو دورين هيٺ هلندڙ ماڻهوءَ جي مٿي ۾ لڳڻ سان هن کي سخت زخمي ڪري سگهي ٿو. هونءَ دورين لاءِ چون ٿا تہ هن کي اک ٿئي ٿي. اهو وڻ مان ان وقت نٽو ڇٽي جنهن وقت ان هينان ڪو موجود آهي. دورين دنيا جو واحد ميوو آهي جيڪو وڻ مان پٽي نٽو سگهجي. ملائيشيا ۾ ناريل پٽڻ جو ڪم پولٽن کان ورتو ويجي ٿو پر اهي بہ دورين جهڙو ڳرو ۽ ڪنڊن وارو ميوو پٽڻ جو جوکم نٽا کڻن. هي ميوو جڏهن پچي راس ٿي هيٺ ڇٽي ٿو ان وقت وڻ هينان ڪنيو ويجي ٿو. دورين گهڻو ڪري رات جو ڪري ٿو ۽ پوءِ ڏينهن جو ڪنيو ويجي ٿو جنهن لاءِ مٿي لکي آيو آهيان تہ چوندڻ وارو همراهہ مٿي تي لوهي ٽوپلو يا ٿلهو ٽوال ٻڌي وڻ هينان دورين ميڙي ٿو. ڇو جو اگهاڙي مٿي تي اٿاهين تان دورين ڪرڻ سان نہ رڳو مٿو ڦاٽي ٿو پر ماڻهو مريو بہ وڃي. اهوئي سبب آهي جو هن پاسي جي ڪن ملڪن ۾ ڪنهن کي دورين هڻڻ ”اقدام قتل“ جو ڏوهہ سمجهيو ويجي ٿو.

منهنجي هڪ ملئي دوست پاڪستان ۾ انبن جا مختلف نالا ٻڌي مونکي چيو تہ يار توهانجي ميون جي سردار ”انب“ جا هي ڪهڙا عجيب نالا آهن....... طوطا پوري، بيگن قلي، گلاب خاصو، لنگڙو، فجري، زردالو ، ڪليڪٽر، راجا پوري...........!

ملائيشيا کان آيل مهمان کي تہ مون ڪو جواب نہ ڏنو پر ڏنو ويجي تہ سندن ميون جي بادشاهہ دورين جا بہ عجيب نالا آهن جيڪي انهن جنسن جي رنگن، سائيز، ذائقي، شڪل، بوءِ مطابق رکيا ويا آهن. هن شهر ملاڪا ۽ پر واري رياست ”جو هور“ ۾ دورين جون جيڪي جنسون مشهور آهن انهن جا نالا: برونگ هنتو (ڇٻرو)، ڪُچنگ تيدور (ستل ٻلي)، جينتار بُومي (زلزلو)، وغيرہ. پينانگ پرسان ”پلائو باليق“ نالي هڪ ٻيٽ دورين کان مشهور آهي جتي جون ڪجهہ جنسون هن ريت آهن: انگٽ انجنگ (غمگين ڪتو)، ناسي ڪنيت (هيٺ وارو پيٽ)، تيمباگو (ٽامو پتل)، سموت (اڏوهي)، ڪيپاس (پنکو)، ايتريقدر جو دورين جي هڪ جنس جو نالو Kurap يعني خارش وارو ڪينئون (ring worm) بہ آهي.

# ڇا ڪبوتر توهانجو بہ پيرءُ مرشد آهي؟

نواب شاهہ جو عزيز لاڪو ڪراچي ۾ ان علائقي ۾ رهي ٿو جنهن ۾ آئون رهان ٿو. منهنجي ساڻس ڪئنٽونمينٽ بورڊ ڪلفٽن واري عمارت ۾ سکر جي انجنيئر عابد شاهہ جي آفيس ۾ اوچتو ملاقات ٿي. هو منهنجي لکڻين مان بيحد متاثر ٿي لڳو ۽ مون سان ملڻ لاءِ بيتاب هو. ان ئي ڏينهن هو مونکي گهر اچي ڪجهہ ڪتاب ۽ ڪيڪ بہ ڏئي ويو.

هينئر مونکي عزيز لاڪو ياد اچي ويو. مون کيس ٽيليفون ڪيو . خير عافيت معلوم ڪرڻ بعد مون يڪدم پڇيو "عزيز! ايئر گن اٿئي؟"

عزيز لاءِ اهو هڪ عجيب سوال هو. جواب بدران هن حيرت مان پڇيو: "سائين خير تہ آهي؟"

"يار توهان جي هتي وڏي فئملي آهي تنهنجي پائرن يا سالن جي ڪنهن بار وٽ ايئر گن هوندي ؟"

عزيز جي شادي اسان جي همعمر ۽ واقفڪار نوابشاهہ جي محمود خان ميمڻ جي گهران ٿي آهي. محمود صاحب بئنڪر ٿي رهيو. هن اسان جي ڳوٺ هالا جي نئشنل بئنڪ ۾ بہ ڪجهہ سال نوڪري ڪئي. عزيز لاڪي جي والد وانگر محمود ميمڻ صاحب بہ پنهنجن ٻارن (ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين) کي خوب پڙهايو جن مان ڪجهہ ڪراچيءَ ۾ ئي نوڪري ڪن ٿا.

عزيز وري ڪلندي پڪ ڪئي ۽ چيو "سائين ڪنهن کان پڇي ٿا ونون پر ايئر گن جي توهان جهڙي اديب کي ڪهڙي ضرورت پئي؟"

مون بنا سبب ٻڌائڻ جي ايئر گن حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ چاهي. جو مونکي پڪ هئي تہ سبب ٻڌائڻ بعد شايد ئي ڪو پاڪستاني مسلمان خاص ڪري سنڌي منهنجي مدد ڪندو. تنائڻ جي باوجود عزيز مون کي سبب ٻڌائڻ لاءِ مجبور ڪرڻ لڳو.

"يار ڳالهہ ٻڌ! مونکي ڪبوتر (پاريهر) مارڻا آهن."

"سائين ڪمال ٿا ڪريو. ڪبوترن کي ڪو ماربو آهي ڇا؟! انهن غريب پکين کي تہ پاڻ اَنُ پاڻي ڏجي جو هو دعائون ٿا ڪن. هو اسان کي نقصان ئي ڪهڙو ٿا پهچائين" عزيز چيو.

"عزيز! نقصان جو نہ پڇ. اسانجي گهر جون ٻئي گهٽيون وِنين سان پري ڇڏيون اٿن. سڄي رات ڪار مٿان ٿا هنگن. هڪلي هڪلي تڪجي پيو آهيان پر صفا نٽا ٿرن"

عزيز ڪلندو رهيو، هِتان هُتان جون ڳالهيون پڇندو رهيو. رات جي ماني ڊفينس ڪلب ۾ ساڻس گڏ ڪائڻ لاءِ دعوت ڏيندو رهيو، پر ايئر گن هٿ ڪري ڏيڻ واري ڳالهہ کان لنوائي ويو. مون لاءِ اها حيرت جي ڳالهہ نہ هئي. آئون سمجهي ويس تہ عزيز منهنجو سچو پرستار ضرور آهي پر هو مونکي ڪبوتر مارڻ ۾ ڪا مدد نہ ڪندو ۽ نہ ڪو ٻيو سنڌي.

ڪجهه ڏينهن اڳ اسانجي مرحوم دوست ابراهيم سومري جي ننڍي پٽ معظم جي شادي هئي. هن شاديءَ تي، خاص ان ڪري بہ هلي ويس تہ اتي ابراهيم جي پٽن ڪان علاوه هن جا ڪيترا پائيتا، پاٽيجا ڪراچي ۽ ڳوٺ شاهه پنجو ڪان اچي نڪرندا. ڪيترا تہ پوليس ۾ بہ آهن. آئون ڪين ننڍي لاڪون سڃاڻا ۽ هو مونکي سڳو چاچو سمجهن ۽ منهنجي هر ڪم ڪي سرانجام ڏيندي خوش نصيبي سمجهن. مونکي پڪ هئي تہ هنن مان ڪنهن وٽ ايئر گن ضرور هوندي يا ڪنهن نہ ڪنهن ڪان هٿ ڪري ڏئي سگهندا. هڪ ٽيبل تي پوليس جو DSP ممتاز سومرو ۽ ڊاڪٽر مسعود سومرو وينا هئا.

”ڳالهہ ڇڏو ڪا ايئرگن ملي سگهندي؟“ مون ڪانئن پڇيو.

”انڪل خير مان؟“ هنن حيرت مان پڇيو.

”بابا ڪبوترن ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. روز وِنين سان گهر پريو ڇڏين. هر دريءَ جي مٿان ۽ ايئرڪنڊيشنر پويان آکيرا ناهي پڪي residency ونيو وينا آهن.“

”پر انڪل ماريون نہ“ ممتاز چيو.

”تہ پوءِ پلا چا ڪريان؟ ڇهہ مهينا تہ لٺ سان هڪليو اٿمان تہ بہ موٽيو اچن.“

”ڪبوتر هڪ دفعو گهر ناهي وهي ٿو تہ پوءِ ڪٽي چا بہ ڪريو هو پنهنجا ڪک نہ ڇڏيندو.“ مسعود چيو.

”اها تہ ڏاڍي ڀڌايئي. تنهنجي معنيٰ آئون صحيح ٿو ڪريان. ڪين مارڻ ئي ڪپي“ مون چيو.

”انهن ڪي ڀڄائڻ جو هڪ ئي طريقو آهي،“ ممتاز چيو، ”جتي جتي ڪبوتر وهن ٿا اتي ڪوڪا لڳل ڪاٺ جا تختا رکرائي ڇڏيو تہ هو ويهي نہ سگهندا.“

اها idea مونکي پسند آئي ۽ ان تي عمل ڪرڻ جو سوچيم. تجربي خاطر مون ٻن درين مٿان ڪوڪن سان جهنجيل تختا رکرايا. ٻہ چار ڏينهن ڪبوتر اتي وهڻ بدران پتين تي ٿي وينا ۽ ڪوڪن مٿان ڪک رکندا رهيا ۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن بعد هو تختين مٿان سکون جون ننڍون ڪرڻ لڳا ۽ لڳاتار وِنيون لاهڻ لڳا.

دراصل ٻہ سال کن اڳ جڏهن اسان هن گهر ۾ اچي رهيا هئاسين تہ نہ اسانجي گهر نہ پاڙيوارن گهرن جي ڇت تي ڪو ڪبوتر نظر آيو ٿي. پوءِ اسان جي بلڪل پرواري گهر ۾ رهندڙ وڏي عمر جي عورت جيئن ئي ڳوٺان پنجاب ڪان موٽي تہ هن اچڻ سان اسان واري ڪامن پت مٿان پکين جي پيئڻ لاءِ پاڻي سان پريل نڪر جو پيالو ۽ سندس گهر جي مين گيٽ مٿان باجهريءَ جو پاتوڙو رکيو. پهرين جهرڪيون، ڪانگ ۽ ڪبرون نونگا هٽنديون رهيون ۽ پوءِ آهستي ڪبوتر بہ اچڻ شروع ٿي ويا.

مون سمجيو ته شايد ڪا سُکا پوري ڪرڻ لاءِ هي ڪم ڪو ٻه ٽي ڏينهن هلندو پر هي هفتي پويان هفتو هلندو رهيو. سندن نوڪر هر ٽئي چوٿين ڏينهن ڍھ ڪلو ڪن ٻاجهر وٺي اچڻ لڳو ۽ پوڙهي پنهنجن هٿن سان ڏينهن ۾ ٽي چار دفعا گيٽ مٿان انُ رکڻ لڳي. آهستي آهستي تي ڪبوترن جو تعداد وڌڻ لڳو. ظاهر آهي هتي فري لنچ هلي رهي هئي. مونءَ انهن ڪبوترن کي ڪچري جي ڍير تان انَ جو ڪڻ ڪڻ ڪري چونڊٽو پيو ڏٺو ٽي ۽ سڄي ڏينهن ۾ ڪو هڪ دفعو ٻه مس سندن ڳُجي ڀري ٿي .....۽ هاڻ هتي پاتوڙو خالي ٿيڻ تي يڪدم انَ سان ڀرجي ويو ٿي. نه رڳو اوسي پاسي جي گهٽين جا پر پري پري کان بڪايل ڪبوتر اچڻ لڳا. پڪ انهن مان ڪجهه واپس ورڻ بدران، انُ ملڻ واري گهر ۽ پاڙي ۾ رهندڙ اسان جي گهرن ۾ رات گذارڻ ۽ هميشه لاءِ رهڻ لاءِ آستانو ناهڻ لڳا. جيڪي جوڙا هئا انهن کي آرام سان ساٿي ملي ٽي ويو ۽ نه رڳو رهڻ لڳا پرمزي سان ازدواجي زندگي (فئملي لائيف) گذارڻ لڳا. مهيني ٻن ۾ آنا ۽ پوءِ انهن مان ٻچا ڦٽڻ لڳا. اسانجي گهرن جون اندريون گهٽيون وٺين سان ڀرجڻ لڳيون. سڀ کان پهرين مون دانهون ڪيون ۽ پوڙهيءَ جي پٽ کي مسجد ويندي سمجهايم ته ڪبوترن جو تعداد وڃي ٿو وڌندو ۽ سندن وٺين ۽ پرن ۾ نه رڳو گندگي آهي پر بيماريون پڻ آهن.

”صحيح ٿا چئو. اسان وٽ ته ٽي ڳاڏيون آهن. صبح جو اٿي ڏسندا آهيون ته وِٺين سان ٿڦيون پيون هونديون آهن. امان ڪبوترن کي انُ ڏيڻ کي خير جو ڪم ٿي سمجهي. هاڻ اسان به ڪبوترن مان بيزار ٿي پيا آهيون ۽ اسانجي چوڻ تي هوءَ هاڻ سڄي ڏينهن ۾ هڪ دفعو انُ ٽي رکي“.

مون ڪيس سمجهايو ته پهرين ڳالهه ته هنن جي لاءِ هتي انُ رکڻ بند ڪيو وڃي. جيڪڏهن هوءَ ان کي خير جو ڪم سمجهي ٿي ته گهٽيءَ جي ڪنڊ تي خالي پلاٽ آهي اتي انُ ڇٽي اچي جيئن اتي ڪائين ۽ نوان ايندڙ اوڏانهن وڃن ۽ هتي پنجن مهينن کان Settlers کي اسان آهستي ڪري ڀڄايو ڇڏيون.

دراصل ڪبوتر اسان لاءِ بيحد حساس پکي آهي. اسان ننڍا هوندا هئاسين ته اسانجي ڏاڏي جنهن جي تعليم فقط الحمد ۽ ٽي قل ياد هئا، اها پنهنجي اعتقاد يا وهم ۽ وسوسي مطابق اسانکي چوندي هئي ته جيئن مسلمانن ۾ سيد پلارا آهن تيئن پکين ۾ ڪبوتر سيد پير آهن. هوءَ مونکي ڪانگن ۽ جهرڪين کي غليل ۽ پوءِ ڪجهه وڏو ٿيڻ تي ايئر گن سان مارڻ جي ته موڪل ڏيندي هئي پر ڪبوترن کي اڏائڻ کان به منع ڪندي هئي. نه فقط اسانجي ڏاڏي پر اسانجي سڄي ڳوٺ جي ماڻهن جي اها سوچ ۽ عقيدو هو. انين ڪلاس ۾ جڏهن موڪلن ۾ مون وٽ خيرپور جو شوڪت جماڻي ۽ نوشهري فيروز جو بشير وسطڙو ڪلاس ميٽ هالا گهمڻ آيا ته اسان ايئر گن کڻي شهر کان ٻاهر پيرن جي باغ وٽ پٽ تي ويٺل ڪبوترن کي ڇرا ٽي هنيا ته رستي تان لنگهندڙن مان پهرين هڪڙي ۽ پوءِ ٻئي اسان کي ڏاڍي دٻ ڪڍي: ”ڇورا ڪير آهيو؟ ڪبوترن کي

تا ماريو؟“ ۽ اسان توبهہ ڪري گهران اچي نڪتا هئاسين. اها سمجهہ تہ اڄ صدي اڳ جي ڳالهہ هئي. اڄ جي ماڊرن ۽ سائنسي دور ۾ حج يا عمري تي ويندو آهيان تہ پنهنجي ڳوٺ ۽ زال جي ڳوٺ دادوءَ جون ڪجهہ عورتون مونکي سندن حق ۾ دعا گهرڻ بدران چونديون آهن تہ سندن پاران ڪلو ٻاجهر جو وٽي مديني واري مسجد جي ڪبوترن کي کارائجانءِ. اهو ڪم مون لاءِ ناممڪن هوندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهن انهن کي عرب شرطا (پوليس وارا) دڙڪا ڏيندا رهندا آهن. اهو ڪم نہ فقط اسان سني مسلمانن ۾ آهي پر شيعن ۾ پڻ عام آهي. يعني اسان جي ننڍي کنڊ جي سيني ماڻهن ۾ آهي.

پنهنجي ايران واري سفرنامي ”ايران ڏي اڏام“ (ايران کي ڏن) ۾ لکي چڪو آهيان تہ ايران جي شهر مشهد ۾ امام علي رضا جي روضي تي اسان جي گروپ ۾ موجود هڪ ملتاني پوڙهيءَ پاڻي جي سبيل جي ڇت تي ويٺل ٻن ڪبوترن کي ڏسي پنهنجي ڪراڙي مڙس کي هڪ هٿ ڏني ۽ ڪبوترن ڏي اشارو ڪيو. هن هٿ کولي ان ۾ موجود اڌ ڪلو ٻاجهر سبيل واري ڪمري جي ڇت تي اڇلائي. بہ ڪبوتر پهرين ئي موجود هئا. هِتان هُتان کان ٻيا بہ چار پنج ڪبوتر اڏامي آيا ۽ اَنُ چڳڻ لڳا. پري بيٺل هڪ ايراني گارڊ هي سڀ لقاءُ ڏسي رهيو هو، هو اسان ڏي وڌيو ۽ ڪبوترن کي ان ڏيڻ واري ملتاني پير مرد کي پنهنجي زبان ۾ ڪجهہ چئي ويو. اسان سمجهيو تہ هن پوڙهي جو شڪريو مڃيو هوندو تہ هن ملتان کان ٻاجهري جي هَڙ ڪڍي هتي جي بکايل ڪبوترن کي اچي کارائي آهي ۽ پڪ اهي (يعني ڪبوتر) دعائون ڪندا هوندا تہ اهڙي شخص جي مَنَ جو مرادون پوريون ٿين. پر پوءِ اسانجي فارسي ڄاڻندڙ گائيڊ اسانکي ٻڌايو تہ ايراني گارڊ ملتانيءَ کي دڙڪا ڏئي ٻڌائي رهيو هو تہ هتي جي انتظاميہ اسان پاڪستانين تي سخت ڪاوڙيل آهي تہ هو هيڏن هنڌن تي اچيو ڪبوترن کي ٻاجهري ڏين جيڪي پوءِ نمازين مٿان وٺيون لاهيندا وتن. هن چيو تہ توهان پاڪستاني جيڪڏهن ان کي هرويرو خير جو ڪم ٿا سمجهو تہ وڃي ڪنهن پارڪ ۾ پکين کي اَنُ ڏيو. هتي چو ٿا گند پکيڙيو.........

ان قسم جي غلطي يا بيوقوفي مونکان بہ هڪ دفعو ٿي هئي. هيءَ اسي واري ڏهاڪي جي ڳالهہ آهي جڏهن آئون ملائيشيا جي شهر ملاڪا ۾ رهندو هوس. اسانجي گهر جي اڳيان سمنڊ (Malacca Straits) جو ڪنارو هو تہ پٺيان گهاٽو جنگل. سڄو ڏينهن جنگل مان مختلف رنگن جا خوبصورت پکي اسانجي گهر اڳيان ساهي پٽڻ لاءِ گئراج جي ڇتين تي اچي وهندا هئا. مونکي خيال آيو تہ ڇو نہ گهر اڳيان ان ڦٽو ڪندو رهان جيئن اجان بہ وڌيڪ پکي اچن. اَنُ ڏيڻ تي رنگين پکين ۾ تہ واڌارو نہ ٿيو پر ڪبوترن ۾ ضرور ٿيو. آئون بہ ان ڳالهہ جي پچر ڇڏڻ بدران ويس اَنُ ڇٽيندو ۽ ڪبوترن جو تعداد وڌندو ويو. پاڙي اوڙي جا ملئي ۽ چيني بہ حيرت کائڻ لڳا تہ هي ڪري ڇا پيو. مونکي بہ جلدي ئي ان گند جو احساس ٿيو ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ ممبئي جو هڪ ڪئپٽن نندڪر اسانجي گهر آيو جنهن گهر اڳيان ڪبوترن کي ڇڳندو ڏسي ٽوڪ طور مونکي چيو:

”مسٽر الطاف هي ڇا! ڇئبو تہ پاڪستان ۽ انديا جا مسلمان ڪٽي يورپ يا آمريڪا ۾ هجن پرڪبوتر پالڻ جو شوق نہ ڇڏيندا!“ اهو ٻڌي مونکي ڏاڍو شرم آيو ۽ پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو تہ هتي جا ملئي مسلمان ان ڪي خراب ڳالهہ ٿا سمجهن جو ڪبوترن مان ماڻهن ڪي، خاص ڪري ٻارن ڪي، ڪيترين ئي بيمارين لڳن ٿيون. ڪئپٽن نندڪر جي ڳالهہ صحيح هئي تہ اسان مسلمانن کي ڪبوتر پالڻ يا انهن کي ان ڪارائڻ جو ڏاڍو شوق آهي.

ممبئي ۾ دادر ريلوي اسٽيشن کان وي ٽي (وڪٽوريا ٽرمينس اسٽيشن جيڪا هاڻ ڇترپتي شيواجي اسٽيشن سڏجي ٿي) وڃي رهيو هوس. منهنجي پر ۾ وينل هڪ ممبئي يونيورسٽيءَ جو شاگرد مون ٽوئرسٽ کي پنهنجي شهر ممبئي جي اهم عمارتن ۽ علائقن بابت ٻڌائي رهيو هو. ”سئنڊهرسٽ“ اسٽيشن يا ”ڪري روڊ“ اسٽيسن وٽ، جهڳين واري علائقي ڏي اشارو ڪري هن چيو ”سر هتي گهڻي ڀاڱي مسلمان رهن ٿا“ مون کي افسوس ٿيو تہ يورپ جهڙين عمارتن جي شهر ممبئي ۾، مسلمانن جي معاشي حالت ڪا سٺي ناهي. مون غور سان چوڏاري نظر ڊوڙائي تہ انهن ٽِين ۽ ڪکائين ڇتين مٿان ڪيترائي نوجوان لٺ ذريعي پنهنجن ڪبوترن کي سڏي رهيا هئا ۽ ڪيترن انهن جڳهين مٿان ڪاٺ جا پڃرا نهرائي ڇڏيا هئا جيڪي ڪبوترن سان سٿيا پيا هئا.

اسان نئين صدي ۾ پهچي ويا آهيون پر اسانکي ڄاڻ نہ آهي تہ پکين ۽ جانورن مان انسان ذات کي ڪيترين ئي بيمارين لڳن ٿيون جن مان ڪجهہ وچڙندڙ پڻ آهن. اسان وٽ نہ فقط وڏا ٻار پر هو پنهنجن ٻارن کي بہ ڇڏي ڏيندا تہ پيا ڪڪڙين، ڪبوترن ۽ طوطن کي ٻاڪر پائين ۽ چميون ڏين. ڪنهن کي ڪٽي سمجهاءِ تہ هو يڪدم گورن يعني يورپين ۽ آمريڪن جو مثال ڏيندو تہ اهي بہ گهر ۾ ڪتا ٻلا رکيو وينا آهن.

هاڻ اسان جي ماڻهن کي ڪير سمجهائي تہ اهي گورا پاليل جانور کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا جتن ڪن ٿا. هنن کي باقاعدگي سان اوچيون دوائون پيارين ٿا ۽ ٽُڪا (Vaccination) هڻائين ٿا ۽ هو هنن جي صحتمند ڪاڌي ۽ اعليٰ قسم جي شئمپو ۽ صابڻ تي جيڪو خرچ ڪن ٿا اهو اسان جي امير گهرن جي سڪيلڊن ٻارن تي بہ نٿو ٿئي. شايد ڪيترن کي اها خبر بہ نہ هجي تہ دنيا ۾ سڀ کان گهڻا پاڳل ڪتن جا چڪيل سنڌ ۾ آهن ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ آفريڪا جي ملڪن جي اسپتالن ۾ بہ ڇتي ڪتي ۽ نانگ بلائن جي چڪن جون سيون ۽ دوائون هونديون پر اسان وٽ نہ آهن. هائيڊرو فوبيا جو مريض علاج نہ ٿيڻ ڪري تڙپيو تڙپيو مريو وڃي پر گهٽين ۾ ڪرفتي پکيڙيندڙ بيمار ۽ رول ڪتن کي ختم ڪرڻ لاءِ کو بندوق ڪڻندو يا ميوسنپل وارا انهن کي زهر ڏيڻ لاءِ اٿندا تہ اسان جي پاڙي جون پوڙهيون انهن کي سوين پِٽون ڏينديون.

دراصل اسان وٽ ماڻهن کي ميڊيڪل جي ڄاڻ بہ تہ نہ آهي. ڪهڙين ڳالهين ۾ ڪهڙا جراثيم آهن جيڪي انسان جي صحت تي اثر ڪن ٿا...... ڪا خبر ناهي. ڪبوترن جي وِٺين ۾، خاص ڪري

جڏهن هو سُڪيو وڃن ته انهن جو بُورو (Powder) هوا ۾ اڏامي ٿو ۽ ان جي پرسان لنگهندڙ جي ساهه کڻڻ سان ڦڦڙن ۾ داخل ٿئي ٿو. اهو ڪيترن ئي بيمارين جو سبب بڻجي ٿو. ڪبوترن جي وِٺين، چٽيل ڪنين ۽ مئل ٻچن مان پيدا ٿيندڙ فنگس (Fungus) ۽ جراثيمن مان ٿي بيماريون عام آهن. سڀ کان گهٽي Histoplasmosis آهي. هن ۾ ڪڏهن علامتون نظر اچن ٿيون ته ڪڏهن فِلو جهڙي بيماري ٿئي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن ته هن بيماريءَ ۾ تمام گهڻو بخار، نمونيا ۽ موت به اچي ٿو.

امتحانن دوران لنڊن ۾ جنهن فليٽ ۾ ڪئپٽن مخدوم ۽ آئون رهندا هئاسين ان جي ساليانى صفائي ڪرڻ وارن اهو چئي ان جي بُخاري (چمني) صاف ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته ان ۾ ڪبوترن جو پراڻو آکيرو آهي ۽ وِٺيون صاف ڪرڻ لاءِ هنن جي ڳري في آهي جو انهن سُڪل وِٺين مٿان پهريون جراثيم ختم ڪرڻ واريون دوائون هٽيون پونديون.

آغا خان اسپتال جي هڪ ڊاڪٽر ٻڌايو ته اسان وٽ هِستو پلاسموسز بيماري تمام عام آهي خاص ڪري ڪبوتر پالڻ وارن ۽ وڪڻڻ وارن ۾. ڪيترن حالتن ۾ موت به درپيش آيو آهي پر مريضن جو ڪبوترن جي ڪرفتي ڏي ڌيان وڃڻ بدران هو اهوئي سمجهن ٿا ته هنن کي موسم جي تبديليءَ ڪري بخار ٿيو آهي.

ڪبوترن جي وٺين مان لڳندڙ هڪ بيماري Cryptococcus آهي. هيءَ بيماري پڻ ڪبوترن جي وِٺين مان نڪرندڙ فنگس مان لڳي ٿي، جيڪا ساهه ذريعي انسانن ۾ داخل ٿئي ٿي. ان کان علاوه Psittacosis ۽ Toxoplasmosis بيماريون پڻ عام آهن. جپان جهڙا ملڪ جتي عوام جي صحت جو تمام گهڻو خيال ڪيو وڃي ٿو اتي جي هڪ ڊاڪٽر ٻڌايو ته ماڻهن کي جيڪڏهن خبر پوي ته ڪبوترن جون وِٺيون ڪيڏو خطرناڪ آهن ته هو انهن جي صفائيءَ کان وڌيڪ ڪبوترن کي مارڻ جي تقاضا ڪن.

ڪبوترن جي منفي خاصيت اها به آهي ته هنن جي واڌ تمام گهڻي آهي ۽ جيڪڏهن هنن کي گهر ويڻي ڪائڻ لاءِ اَنُ ملندو رهي ته هنن جي جرم جي رفتار اجان به وڌيڪ ٿيو وڃي. اهوئي سبب آهي جو آني مان ڦتل ٻچا جيئن ئي هفتي ٻن جا ٿين ٿا ته هو بيا آنا لاهڻ شروع ڪريو ڏين. ڪبوترن جي ماهر بايولاجسٽ جي ٻڌائڻ مطابق ڪبوترن جي سڄو سال breeding لڳي رهي ٿي. هو هر دفعي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ٻچا ڏئي ٿو. ڪبوترن جو هڪ بالغ جوڙو سال ۾ ڇهه دفعا ٻه ٻه ٻچا پيدا ڪري ٿو. اصل ۾ ته ان کان به گهڻا ڏئي ٿو پر ڪجهه ننڍي هوندي مري وڃڻ ڪري سراسري جي ٻه ٻچا سمجيا وڃن ته سال ۾ 12 کن ٻچا ٿيا جيڪي ڇهه جوڙا ٿيا ۽ اهي به ٻهرين سال هڪ هڪ ٻچو ڏين ٿا. يعني سال ۾ ويهارو کن پکي ٿي ويا. ان حساب سان جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ پنج جوڙا ڪبوترن جا رهن ٿا ته اتي هڪ سال ۾ 100 کن ڪبوتر ٿي ويا. ڪيترن ملڪن ۾ ڪبوترن جي واڌ

ويجهه گهٽائڻ لاءِ انهن جا آنا ضايع ڪيا وڃن ٿا يا پلاسٽڪ جا آنا رکيا وڃن ٿا جيئن ڪبوتر رڳو دل خوش ڪرڻ لاءِ آري تي وهن باقي ڪبوترن جو تعداد نہ وڌي.

بهرحال هي ڪبوترن جي ڳالهہ ان ڪري ڪٽي وينس تہ جيئن اسان جي ماڻهن کي احساس ٿي سگهي تہ ڪبوتر پالڻ جهڙيون ڳالهيون جيڪي اسان وٽ غلط نٿيون سمجهيون وڃن پر دنيا انهن ڳالهين تي اسان تي کلي ٿي. ڪيترون ڳالهيون اهڙيون بہ آهن جن کي اسان نندي ڪند جي ماڻهن ڪٽي اسلامي رنگ ڏنو آهي جيتوڻيڪ اسان جي ان جهالت تي نہ فقط عرب پر ملائيشيا جهڙن ملڪن جا مسلمان بہ اسان تي چٿرون ڪن ٿا. هو اهو ئي چون تہ پکي يا ڪو جانور پالڻو اٿئو تہ ان جي صحيح طرح پرگهور لَهو. هن کي هائيجنڪ ڪنڊيشن ۾ رکو، هنجي رهائش وارو پڃرو يا جاءِ کي صاف سترو رکو، هن جي ڪرفتي هر وقت صاف ڪندا وتو ۽ پنهنجي ڪٽنب ۽ پاڙيوارن لاءِ بيماريون پيدا نہ ڪريو.

پڙهندڙن کي شايد تجسس هجي تہ پوءِ مون ڇا ڪيو..... ڪبوترن مان جان ڪيئن ڇڏايم. لٺ سان تہ هڪلي هڪلي ٿڪجي پيو هوس هاڻ ايئر گن هٿ ڪرڻ لاءِ جستجو ۾ هوس جيڪا منهنجي ڪنهن واقفڪار وٽ هوندي بہ هن ڪبوترن کي مارڻ جو ٻڌي تنائي تي چڙيو. اوچتو هڪ پيٽارو ڪئڊٽ ڪاليج مان پڙهيل رينجرس جي SP جو ٻڌم تہ ڪراچي بدلي تي آيو آهي. فون ڪيومانس تہ هڪ ڪم ڪندين؟

”پائيجان توهان رڳو حڪم ڪريو“ وراڻيائين.

”ايئرگن ڪا هٿ ڪري ڏي پر مارڻا ڪبوتر آهن“ مون اهو چئي يڪدم چيومانس“هاڻ ڪبوترن جو پاسو نہ ڪٽجانءِ.“

”سوال ئي نٿو پيدا ٿئي“ هن جواب ڏنو ۽ شامَ جو هڪ سپاهي هٿان ايئرگن موڪلي ڏنائين.

ايئرگن هٿ ۾ ڪٽي انين نائين ڪلاس جا ڏينهن ياد اچي ويا. دبيءَ مان چيرو ڪڍي ايئرگن ۾ لوڊ ڪرڻ لاءِ ان کي وچ تان موڙڻ جي ڪوشش ڪيم. ڏاڍو زور لڳرائين.

Something wrong with this gun .... مون دل ئي دل ۾ سوچيو. پر نہ ..... اها منهنجي غلط فهمي هئي. ايئرگن ساڳي هئي جنهن کي 15 سالن جو الطاف تہ ڏاڍي آساني سان موڙي سگهيو ٿي پر هاڻ ستر سالن جي پوڙهي الطاف ۾ اها طاقت نہ رهي هئي جو ايئرگن جي اسپرنگ خلاف زور ڏئي آساني سان لوڊ ڪري سگهي. بهرحال ٿورو گهڻو زور ڏيڻ سان اهو مرحلو تہ طئہ ٿيندو رهيو. نشانو ڇٽڻ مون لاءِ ڪو مشڪل نہ هو. ايس پي صاحب اجائي 100 چيرن جي نئين دبي موڪلي، پنج ڇهہ چيرا بہ ڪافي هئا. هيڏي ساري ڪبوتر تي ٽيهہ چاليهہ فٽن تان نشانو ڇٽڻ ڪهڙي ڏکي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي؟ خاص ڪري مون لاءِ ...... جنهن ڪاليج جي ڏينهن ۾ 22. (پوائنٽ ٽو ٽو) جي رائفل سان نشاني بازي ۾ هميشہ انعام ڪٽيا هجن. پيٽارو ۾ رائفل شوٽنگ ۾ مونکان بهتر فقط

پهرئين بئچ جو خواجا گهنتر نبي انصاري (ڪِٽ نمبر 26) هوندو هو. ڪاليج جو جو حوالدارچوندو هو ته Shoot to Kill ...... يعني هر فائر نشاني تي لڳڻ کپي ۽ اسانجو نشانو هميشه Bull ۾ لڳندو هو يعني اندرين ننڍڙي گول جي وچ ۾.

بندوق هٿ ۾ ڪڻڻ ۽ ڪبوترن کي شوٽ ڪرڻ کان اڳ اهو ضرور سوچيم ته شام تائين ڪبوترن جو ڊير تي ويندو جن کي اجلڻ جو مسئلو ضرور ٿيندو. مونکي تيونس جو عرب دوست عياض ياد اچي ويو جيڪو سئيڊن جي يونيورسٽي ۾ منهنجو ڪلاس ميٽ هو..... هو ڪبوتر ڪائڻ جو شوقين هو. ڪوپن هيگن ريلوي اسٽيشن جي ڇت جي گارڊن ۾ ڪبوترن کي ڏسي هن جو هميشه وات پيو پاڻي ٿيندو هو. اڄ هو هتي هجي ها ته آئون اجلڻ کان بچي وڃان ها. هو ذبح ڪري پنهنجي لاءِ فريز ڪندو وڃي ها.

اسان وٽ ڪبوترن جو هڪ نڪاٽو نه هو. ڪجهه ايئرڪنڊيشنر پنيان فئملي لائيف گذاري رهيا هئا ته ڪجهه خانه بدوشن وانگر درين ۽ انهن مٿان ڪانسن تي. آئون ٽي چار ڏينهن صبح شام فائر ڪندو رهيس ڪو به فائر خالي نٿي ويو. هر فائر تي يا دريءَ جو شيشو ڀڳو ٿي يا ايئرڪنڊيشنر جي ٻاهرين چادر ۾ سوراخ ٿيو ٿي. نڪاءُ تي في الحال ڪبوتر ڀڄي ويا ٿي. هڪ ٻه دفعو ته نڪاءُ تي ڪنهن ڪبوتر اهڙو ڀڙڪو ڏنو جو مونکي لڳو ته ان کي گولي لڳي آهي ۽ ٻاڙي واري جي ڇت تي وڃي ڪرندو. پر اهو ساڳيو هڪ اچي ڪنپ وارو وري شامَ جو نمونُدار ٿيو ٿي. بهرحال بندوق جي نڪاءُ، دريءَ جي شيشي ڀڃڻ يا ايئرڪنڊيشن جي ٻاهرين ٽين جي پليٽ ۾ ڌڪ لڳڻ جي آواز ڪري خوف کان هنن آهستي آهستي ٿي پنهنجين جاين تي موٽڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو پر منهنجي هٿ ڏڪڻ ڪري مئو هڪڙو به نه. دل کي خوش ڪرڻ لاءِ پاڻ کي اها ئي آٿت ڏنم ته چڱو جو ڪنهن ڪبوتر کي گولي نه لڳي، زخمي ٿيل کي ڪير سير وجهي ها ۽ مئلن کي ڪير وڃي ڪچري جي ڊٻ تي اڇلي اچي ها. ان کان علاوه منهنجا ڪيترا دوست جن لاءِ ڪبوتر پير مرشد آهي اهي به ڏک ڪن ها.

The Tail End: هي مضمون اخبار ۾ ڏيڻ کان اڳ هڪ دفعو پڙهي ڏٺم ته اهو محسوس ٿيو ته هڪ ليکڪ جي حسابَ سان مون ڪبوترن سان انصاف نه ڪيو آهي. هن جي فقط منفي ڳالهين تي لکيو اٿم. سچ هي آهي ته ڪبوتر ڪو اهڙو ويل پکي به نه آهي. ان کان خراب ته ڪانگ پکي آهي. شڪل ۾ به خراب ته افعالن ۾ به بڇڙو. ڪڙميءَ جي ٻار کان ماني ڦُري ڀڄڻ وارو، بند ٿيل ٿيلهين کي ڦاڙي ان جو ڪچرو چوڌاري پکيڙڻ وارو هوندي به سچي ڳالهه اها آهي ته اسان ننڍي کند جا ماڻهو هن کي به پيارو پکي سمجهون ٿا. تڏهن ته چئون ٿا ته ”آءُ ڪانگا ڪڍي تو ڏيان جان جگر جيرو“..... يا ....“ڪاڳا چن چن کيو ماس.......... “ وغيره. ان حساب سان ته ڪبوتر هڪ خاموش طبيعت، ڪڏهن به ڪنهن سان جهيڙو نه ڪرڻ وارو، ڪڏهن به ڪنهن ٻار کان شيءِ نه ڦرائڻ وارو،

بئي ڪي پاڻ جهڙو شريف سمجهڻ وارو (سامهون بندوق جهلي بيهوس ته به شڪ نه ڪندو ته اڳلو منهنجي جان پنيان آهي)، پاڻ ڪان ننڊي پکين سان به صلح سان رهڻ وارو پکي آهي. ان ڪري ڳيري وانگر هن کي به امن جو پکي سڏين ٿا.

اي ميل، ڪوريئر سروس ۽ پوسٽل ڊپارٽمينٽ کان اڳ پيار جا پيغام ڪٽي وجهڻ ڪبوتر جو ئي ڪم هوندو هو. تڏهن ته 1956ع جي فلم دلا ڀٽي ۾ صبيحا ڪبوتر کي چئي ڏئي چوي ٿي:

” واسطا اي رب دا ـ تون جاوين وي ڪبوترا،
چني ميري ڍول نو پجاوين وي ڪبوترا“

هن غريب پکيءَ کان نه فقط ٽپاليءَ جا ڪم ورتا ويندا هئا پر ڪي ڪي عاشق هن تي خاص حڪم صادر ڪندا هئا ته سندن چٺي پهچائڻ ۾ سستي کان ڪم نه ونجان، جان هلي وڃي ته به چٺي محبوب کي ملڻ کپي..... ذرا ملاحظ فرمايو هي شعر:

” وڃ ڪبوتر چهنب ۾ ڪٽي پرينءَ ڏي پيغام
متان چڳين چانور تولاءِ پاٽي به آ حرام
ويهي نه رهجانءِ وٽڪار ڏسي، وڃجانءِ تيز تمام
هن غريب جا سلام، ساري ڏج سجڻ کي.

ڪن حالتن ۾ ڪبوتر کي اوڏانهن موڪليو ويو ٿي جتي هن جي جان جو خطرو هو. هن ان خطري کان عاشق کي آگاهه به ڪيو ٿي ته اهو ڪم ڪندي منهنجا پر ڪترجي ويندا.....

خط ڪبوتر ڪس طرح لي جائي بامِ يار پر
پَر ڪترني ڪو لگي هين، ڪينچيان ديوار پر

پر عاشقن وٽان هن کي اهوئي حڪم صادر ٿيو ٿي ته خط محبوب تائين هر صورت ۾ پهچڻ کپي.

خط ڪبوتر اس طرح لي جائي بامِ يار پر
ڪ خط ڪا مضمون هو پرون پر، پر ڪٽين ديوار پر

ڪيترن ملڪن ۾ هن پکيءَ جا خوبصورت Statues نظر اچن ٿا. لنڊن جي پڪاڊلي سرڪس ۽ ٽوڪيو جي ائينو پارڪ اڳيان ڪبوتر جا ولر اَنُ ڪائيندي نظر ايندا. شايد ولايت ۾ ڪبوترن کي ڏسي اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ واري چوراهي تي ڪبوترن کي اَنُ ڏنو وڃي ٿو. پر يارو فرق اهو آهي تہ هوڏانهن ولايت ۾ اهڙن هنڌن کي روزانو رات جو جراثيم ڪش دوائون هاري ڌوهاري سان فرش صاف ڪيا وڃن ٿا. اسان وٽ ڇهہ ڇهہ مهينا ٿيو وڃن ٺلهي ٻهاري سان بہ وٺيون صاف نٿيون ٿين!.

# هاءِ جواني، ٿو ساري توکي هرڪو

اسانجي ڪاليجي ڏينهن ۾، يعني هيءُ 1960ع ڌاري جي ڳالهه آهي، صبح جو پي ٽي (ورزش) لاءِ پوري ڇهين وڳي سيٽي وڄندي هئي ۽ اسان سڀ شاگرد سُفيد نِڪر (چڊيءَ) ۾ هاسٽل جي ميدان تي اچي حاضر ٿيندا هُئاسين. اسان جي ڏينهن ۾ نه فقط پي ٽي ۽ راندين پر ڪلاس ۾ به نڪر ۾ وڃبو هو.

ڪمرو ڇڏي ميدان ۾ اچي بيهڻ لاءِ وڄندڙ سيٽيءَ کان 15 منٽ اڳ بيوگل (گهگهو) وڄندو هو جيڪو نند مان اٿڻ جو اطلاع هوندو هو. جيئن پندرنهن منٽن ۾ اسان هٿ منهن ڌوئي، سليپنگ سوٽ لاهي چڊي، گنجي، جوراب ۽ ربڙ جو بوٽ پائي سگهون.

مئٽرڪ بعد جڏهن فرسٽ ييئر ۾ آياسين ته ڪجهه دلير ٿياسين..... يا شايد اعتماد آيو...... يا ڪجهه دير وڌيڪ ننڊ ڪرڻ جو شوق ٿيو. منهنجي روم ميٽن: خيرپور جي شوڪت جماڻي، ظفر خان (سابق چيئرمين PIA ۽ اينگرو) ۽ زين العابدين شاهه (رٽائرڊ ڪموڊور) اها صلاح مشورو ڪيو ته صبح جو اٿي P.T لاءِ ڊريس بدلائڻ بدران چونه رات جو اڳواٽ پائي سمهجي ۽ صبح جو اٿي هٿ منهن ڌوئڻ يا ڏندن کي برش ڪرڻ بدران سمهڻ مهل ڪجي. اهڙي طرح صبح جو ڏهه پندرهن منٽ وڌيڪ سمهڻ لاءِ ملي ويندا. حيرت جي ڳالهه اها ته ان ۾ اسان کي وڏي ڪاميابي نصيب ٿي. بيوگل بدران اسان سيٽيءَ تي ٽپ ڏئي اٿندا هئاسين ۽ باٿ روم جو رخ رکڻ بدران سڌو اچي ميدان تي بيهندا هُئاسين. بين جن ان بابت بڌو اهي اسان تي کلندا رهيا ٿي. ته 15 منٽن جي ننڊ لاءِ وڏو Risk کڻي رهيا آهيون. ڪنهن ڏينهن وقت تي ميدان تي نه پهچنداسين ته سزا کائينداسين..... انهن جي ڳالهه صحيح ٿي..... هفتي ۾ هڪ به دفعو وقت تي پهچي نه سگهڻ تي ٽاڪ منجهند جو سزا خاطر ايڪسٽرا ڊرل ڪرڻي پيئي. پوءِ ان ڳهاٽي جي ڪم کي ڇڏي ڏنوسين. سڀ کان گهڻا دفعا دير شوڪت جماڻي کان ٿي ۽ اتفاق آهي جو مون کان هڪ دفعو به نه ٿي. ان جو سبب شايد اهو به ٿي سگهي ٿو جو آئون نه فقط چڊي ۽ گنجي پر ربڙي جوتا (P.T Shoes) به پائي سمهندو هوس جيڪو ڪم بين لاءِ دير جو سبب بڻبو هو.

اها هئي 52 سال اڳ ماضيءَ جي ڳالهه . هاڻ حال جو احوال:
ان ڏينهن شوڪت جماڻيءَ سان گڏ کنهن دعوت ۾ وڃڻو هو. گهران نڪرڻ کان اڳ فون ڪيائين ته اچان پيو. ان بعد گهر پهچي هن رکي رکي ٻه دفعا بيل وڄايو، پر جلدي جلدي ۾ مونکان صحيح طرح ٿاءِ نه پئي ٻڌي ٿي، ان بعد ضرورت نه هجڻ جي باوجود واش روم ۾ وڃڻو پيو. شگر جي مريض کي، نه ته رستي تي ضرورت پئجي سگهي ٿي. ماني جي دعوت آهي ته گلو ڪوفيج گوري به ساڻ کڻي. گهٽي شگر وارن لاءِ ته ائمرل نموني جي گوري به ضروري ٿيو پوي جيڪا مانيءَ کان اڳ کائڻ ضروري ٿئي ٿي.
ٻاهر نڪري شوڪت جي ڪار ۾ اچي وينس ته شوڪت پنهنجي اسٽائيل جي اڌ اکري ڪل جي وارڪا ڪندي چيو ” يار ايڏي دير! پيٽارو ۾ ته پهرين ئي سيٽي تي ميدان تي هوندو هئين.“
سندس اها ڳالهه ٻڌي مون کان به کل نڪري وئي. ”يار سچ ٿو چوين..... اهي به ڪي ڏينهن هئا جن گذري اڄ پورا 52 سالَ ٿي ويا آهن“ مون چيو.
”ننڊ ۾ هجڻ جي باوجود ڪيئن ڪٽ تان ٽپ ڏئي اٿبو هو ۽ گرائونڊ ڏي ڊوڙبو هو!“ شوڪت ياد ڏياريو.
” ۽ هاڻ ته ڪرسيءَ تان اٿڻ لاءِ به زور ٿو لڳائڻو پوي. شوڪت! تڏهن ٻاهر نڪرڻ لاءِ رڳو جوتا پائڻا پوندا هئا، سي به هلندي هلندي پائي ونبا هئا.“
”هينئر به ته رڳو هڪ شيءِ جوتا ئي ته پائڻا پون ٿا، کهڙا گهنگهرو ٻڌڻا پون ٿا؟“ شوڪت چيو.
”فقط هڪ شيءِ هجي ته ان جو ذڪر ڪجي. چشمو پاءِ. نه رڳو پاءِ پر پڙهڻ وارو کيسي ۾ ڪڻي هل. ڊينچر (نقلي ڏند) لڳاءِ......... ۽ پاڻ واري خالد کي ته ڪنن ۾ ٻڌڻ جو آلو به لڳائڻو پوي ٿو جنهن جي بيٽري چارج نه هجڻ ڪري بيٽري چارجر به کڻڻو پوي ٿو“ مون چيو.
”لڳي ٿو هاڻ چاڻ ته لٺ کڻڻ جي به نوبت اچي،“ شوڪت چيو، ”سراج ته هر وقت ڪنڌ وارو ڪالر به لڳائي هلي ٿو“

سراج راندين ۾ اسان سيني کان هوشيار هو پر ظاهر آهي هاڻ هو به اسان وانگر 70 سالن جو اچي ٿيو آهي ۽ ستر سال کا گهٽ عمر ته نه آهي..... خاص ڪري پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي مرد جي زندھ رهڻ جي سراسري عمر 45 کان 50 سال مس آهي.

دراصل انسان جي پيري به عجيب شيءِ آهي! هوچا چوندا آهن ته ' مين ني لڙکپن مين اسد، سنگ اٹھایا تو سر یاد آیا' (غالب). اسانکي ننڍپڻ ۾ نه پر هاڻ پنهنجي ننڍپڻ جي ڳالهين تي افسوس ٿو ٿئي. ڪيئن جرمني، انگلينڊ يا فرانس جي ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۾ چڪر ڏيندي، انهن پوڙهين تي چڙ ورندي هئي جن اڳيان لنگهندي اُهي شئمپو، پائوڊر يا باڊي يا ڪجهو اڳيان ڪري ان تي لکيل قيمت پڙهنديون هيون. اسان کي چڙ يا حيرت ان ڳالهه تان ورندي هُئي ته هنن کي چشمو لڳو پيو آهي ته به پاڻ نٿيون پڙهن. پر هاڻ جڏهن آئون ڪنهن کان لکيل قيمت يا ننڍن اکرن وارا لفظ پڇندو آهيان ته ننڍپڻ جا ڏينهن بلڪ جوانيءَ جا ڏينهن ياد اچي ويندا آهن ۽ سخت ڏک ٿيندو آهي. چو جو وڏي عمر ۾ ويجهي جي نظر لاءِ الڳ عينڪ تي ٿئي جيڪا اڪثر گهر وسريو وڃي. يا ڪٽي ڪيسي ۾ موجود آهي ته ٻن انگن يا اکرن کي پڙهڻ لاءِ پري جي عينڪ لاهي، ڪيسي مان ويجهي نظر جي عينڪ ڪڍي ڪير لڳائي.

موبائيل فون جو ڪارڊ جنهن دڪان واري کان وٺندو آهيان، ان کي چوندو آهيان ته مهرباني ڪري فون ۾ وجهي ڏي. هو اڪثر، خاص ڪري جڏهن مشغول هوندو آهي يا موڊ ۾ نه هوندو آهي، ته چئي ڏيندو آهي "سر هي ته ڪو ڏکيو ڪم آهي ڪونه. توهان کي اهو به نٿو اچي." هو مونکي هر وقت لُنڊي سٽڻ ۽ هوائي چپل ۾ ڏسي سوچيندو هوندو ته آئون خبر ناهي ڪير آهيان. چار درجا پڙهيل به آهيان يا نه. اهڙي طرح ڪمپيوٽر ۾ ڪا خرابي ٿيندي آهي ته ڪمپيوٽر واري کي گهر گهرائي چوندو آهيانس ته هن ۾ هي هي پروگرام ڊائون لوڊ ڪري پوءِ اسڪئنر ۽ پرنٽر مان ڪڍيل تارون صحيح طرح فڪس ڪري پوءِ وڃ. هڪ دفعي ته هن بيزاريءَ مان چئي ڏنو ته سر توهان کي اهو به نٿو اچي. ڪلندي چيومانس" ڳالهه ٻڌ! پاڪستان ۾ ڪيترا منهنجي عمر جا اديب ۽ شاعر آهن جيڪي ڏهن ئي آڱرين سان ٽائيپ ڪندا هوندا؟ جيڪي فوٽو شاپ، ايڊوب ۽ ويب سائيٽ ناهي ويندا هوندا؟ هڪ ٻي ڳالهه ٻڌ ...... آئون جڏهن تنهنجي عمر جو هوس ته نه

فقط دنيا جي سمندن تي پاڻي جا آفت جيڏا جهاز هلايم پر پاڪستان جو پهريون آٽو ميٽڪ جهاز مون هلايو.“

هو وائڙن وانگر مونکي غور سان ڏسڻ لڳو. اهو نه چوندس ته منهنجي اها ڳالهه ٻڌي هو مون مان متاثر ٿيو پر هو مونکي اهڙي نموني سان ڏسڻ لڳو جڻ دل ۾ چئي رهيو هجي ته هي اچي ڏاڙهيءَ وارو ڪوڙ ته ڪهڙا ٿو ڳالهائي.

دراصل هن جو ڪهڙو ڏوهه! جنهن مسجد ۾ آئون نماز پڙهندو آهيان ان ۾ منهنجا ٻه ٻيا هم پيشه، يعني جهازن جا چيف انجنيئر پڻ ايندا آهن. عمر ۾ ڪٽي هو مونکان سال يا اڌ وڏا هجن، يا ننڍا ٻه ٿي سگهن ٿا، پر ظاهري طرح انهن ۾ مون جهڙو ٻه حال ناهي. ٻنهي جا وار چانديءَ جهڙا سفيد، هڪ جو ته پنيءَ جو ڪندو ٻه ٽورو چٻو ٿي ويو آهي.... آهستي آهستي ٿي مسجد جون ڏاڪڻون چڙهندا ۽ آئون اڪثر سندن ۽ پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن ياد ڪري سوچيندو آهيان ته ڪير چوندو ته اسان سالن جا سال دنيا جي مختلف سمنڊن تي مختلف جهاز هلايا...... طوفانن جو مقابلو ڪيوسين ..... سمنڊ جي ڇولين کي منهن ڏنوسين .... انجڻ جون خرابيون دور ڪرڻ لاءِ چوويهه چوويهه ڪلاڪ انجڻ روم ۾ ڪم ڪيوسين...... لڏندڙ جهاز ۾ هڪ ئي گهڙيءَ ۾ انجڻ جي تري ۾ ڪرئنڪ ڪيس ۾ ڪم چالو ٿي رکيوسين ته ٻي گهڙيءَ ۾ ٻاندر وانگر ست ماڙ مٿي، جهاز جي فنل (چمنيءَ) ۾ موجود ايگزاسٽ بٺالر کي ٿي ڏنوسين. جنهن جي سخت گرمي ۾ انجڻ جي exhaust مان نڪرندڙ تيزابيت واري ڌپ ۾ ساهه پيو گهٽبو هو .... پر اسان کي فقط دماغ ۾ اها ڳالهه هوندي هئي ته جهاز هلندو رهي، هلندو رهي ۽ ان سان واسطو رکندڙ سوين مشينون صحيح ڪم ڪنديون رهن.

هڪ اهڙي ئي خراب موسم ۽ سياري جي طوفاني رات ۾، جڏهن اسان جي جهاز جون انجڻيون ۽ جنريٽر بند ٿي ويا هئا ۽ جهاز ٻڏڻ واري مرحلي ۾ وڃڻ ڪان اڳ اونڌو ٿي رهيو هو ته اوندهه ۾ منهنجو ڏاڪڻ جي مٿين ڏاڪي تان پير ترڪي ويو هو ۽ ڪافي مٿاهينءَ تان ’مين انجڻ‘ جي سلينڊرن مٿان اچي ڪريو هوس. پنيءَ جي ڪنڊي ۾ ڌڪ لڳڻ ڪري بيهوش ٿي ويو هوس. بعد ۾ صحيح ٿي وري ڊيوٽيون ڏيڻ لڳس پر گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهينا ڪن دنيا جي مختلف ملڪن جي اسپتالن ۾ علاج لاءِ ٿُلڪندو رهيس. ان کي ٻه 35 سال ٿي ويا آهن...... پر اڄ ٻه ڪڏهن ڪڏهن پير ٿاٻڙجڻ ڪري پنيءَ

جي ڪنڌي ڪي سَٽ اچي ويندي آهي تہ پوءِ ڪجهہ ڏينهن لاءِ ٻئي ڪي هٿ ڏئي مسجد جا ٿي ڏاڪا چڙهڻو پوندو آهي. هڪ اهڙيءَ گهڙيءَ پر واريءَ گهٽي جي رهاڪوءَ پنهنجي مئٽرڪ جي شاگرد پٽ کي مون سان ملائيندي هن کي چيو: “ انڪل جهازن جو چيف انجنيئر ٿي رهيو آهي. هن پنهنجي دور جا وڏي ڪان وڏا بحري جهاز هلايا....” هو مونکي ان حيرت مان ڏسندو رهيو جنهن سان آئون پنهنجن ٻن ساٿين کي ڏسي هنن ۽ پاڻ بابت سوچيندو آهيان تہ ڇا واقعي اسان ايڏا دليريءَ جا ڪم ڪيا!

# ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ جون ڳالهيون....

هي ڳالهيون پڪ توهان سان بہ ٿينديون هونديون ۽ توهان بہ مون وانگر سفر ڪندا هوندئو يعني انگريزيءَ وارو Suffer.

اڪثر منجهند مهل جڏهن دل ٿوري دير سمهڻ لاءِ چوندي آهي تہ فون جي گهنٽيءَ تي ننڊ رفو چڪر ٿي ويندي آهي.

”آپ الطاف شيخ هين؟“ ٻئي طرف کان هميشہ ڪنهن ننڍي نيٽي ڇوڪريءَ جو آواز ايندو آهي.

”آپ کي دو منٽ لي سکتي هون“ اهو چئي پوءِ هوءَ شروع ٿي ويندي آهي تہ........ آئون فلاڻي انشورنس ڪمپني طرفان پئي ڳالهايان ....... ڏسو نہ انشورنس ڪرائڻ مان ڪيڏا نہ فائدا آهن. خدا نخواستہ توهان جو موت ٿي پوي تہ توهان جي ٻارن جي تعليم جاري رهي سگهندي ۽ جي توهان 55 سالن تائين جيئرا رهيئو تہ توهان کي انشورنس ڪمپني هيترا لک روپيا ڏيندي........... اسان چاهيون ٿا تہ توهان سڪون جي زندگي گذاريو............“ وغيره وغيره.

آئون هميشہ اهڙن فونن تي ڏکي ڳالهہ ٻڌڻ بدران فون ڪندڙ ڇوڪريءَ کي يڪدم چوندو آهيان تہ ”بيبي اجايو پنهنجو يا منهنجو وقت نہ وڃاءِ. آئون جنهن عمر ۾ آهيان ان ۾ انشورنس جي مونکي ضرورت ناهي ۽ نہ توهانجي ڪمپني مونکي انشورنس ڪندي. “

ڪو زمانو هو......... اڄ کان چاليهہ پنجيتاليهہ سال اڳ جڏهن انشورنس ڪمپني جي ايجنٽن جون مِنيون مِنيون ڳالهيون ٻڌي اسان بہ انشورنس پاليسي خريد ڪئي هئي. پوءِ هر سال ايجنٽ مقررٿيل رقم اوڳاڙي ويندو هو. ان وقت ڊالر جي قيمت چار روپيا هئي. پنجونجاهہ سالن جي عمر تي پاليسي مئچوئر ٿي تہ جڏهن رقم ملي تہ اسان جو روپيو ايترو ڪِري چڪو هو جو ڊالر سٺ رپئي ملي رهيو هو ۽ سون جو اگهہ آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو هو..... يعني فائدو تہ ڇا مُور بہ نصيب نہ ٿيو. فائدو ٿيو تہ انشورنس ڪمپني کي جيڪا اسان جهڙن کان هر سال پئسا وٺي زمينون ۽ سون خريد ڪندي رهي. ان کان علاوه ان ايجنٽ کي بہ ٿيو جيڪو هر وقت اسانکي اهو احساس ڏياريندو ٿي رهيو تہ اسانجو وڏو همدرد آهي ۽ اسان جي فڪر ۾ سندس هانءُ تو ڦاٽي. بعد ۾ خبر پئي تہ هنن ايجنٽن کي جيڪي اسان جهڙا مرغا ڦاسائين ٿا، انهن کي، هر سال اسان کان ورتل رقم جو ڏهہ سيڪڙو ملي ٿو. بهرحال ان انشورنس جي ڪم ۾ ڪمپنين ۽ ايجنٽن جي وڏي ڪمائي آهي. وقت کان اڳ مرڻ تي، فقط وحيد مراد جهڙا خوش نصيب ثابت ٿين ٿا جن کي جهٽ پٽ گهر

ويني پئسا ڏيڻ سان انشورنس ڪمپني جي مشهوري ٿئي ٿي ۽ ٻيا مرغا سولائيءَ سان ڦاسن ٿا. باقي توهان ۽ اسان جهڙن ماڻهن جي مرڻ تي وارثن کي انشورنس ڪمپنيون جتيون گسرائين ٿيون.

اڄ ڪلهه ماڊرن دور آهي. شڪار ڳولڻ لاءِ انشورنس ڪمپنيون مرد ايجنٽن کي گهر گهر موڪلڻ بدران هو فون ذريعي ماڻهن کي ڪوڙڪين ۾ ڦاسائين ٿيون. ان ڪم لاءِ هنن روزگار جي ڳولا ۾ پٽڪندڙ ڇوڪرين کي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ وهاري، کين فون ڊئي ڇڏيا آهن ته سڄو ڏينهن مختلف ماڻهن جو وينيون متو ڪائو. ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ جنهن جي آدم شماري هڪ ڪروڙ کان مٿي ڇئي وڃي ٿي ان ۾ جي هڪ سيڪڙو به احمق هوندا ته معنيٰ هڪ لک کان مٿي Potential شڪار ٿيو، جنهن مان روزانو جي هڪ ماڻهو به هنن ڇوڪرين جي ڳالهين ۾ اچي وڃي ته سال ۾ 300 کان مٿي مرغا ڦاسي پيا!

فون ڪرڻ لاءِ هنن ڇوڪرين کي لسٽون ڏنيون وڃن ٿيون جيڪي آرٽس ڪائونسل، ڪراچي جيم خانه ۽ گولف ڪلب جهڙن ادارن ۽ ڪلبن کان انهن جي ميمبرن جون حاصل ڪيون وڃن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن ته هي ڇوڪريون توهان سان ڳالهائڻ بعد پيار ڀري لهجي ۾ توهان کان توهان جي ڪجهه دوستن جا فون نمبر حاصل ڪرڻ لاءِ عرض ڪنديون. آئون ته هاڻ سندن پهرين جملي بعد پنهنجو فون بند ڪري ڇڏيندو آهيان يا صاف صاف چوندو آهيان ته بابا آئون ستر سالن جو پوڙهو ماڻهو هاڻ مرڻ ڪنديءَ تي آهيان...... مونکي انشوئرنس وڪڻڻ تي ماڳهين توهانجي نئين نئين ڪمپني چالاٽو ڪري ويندي.

اڄ به فون آيو...... ڇوڪريءَ جي ڳالهه يڪدم ڪٽيندي چيومانس: ”بابا ليڪچر نه ڏي مونکي پنهنجو پاڻ انشورنس ناهي ڪرائڻو.“

”ڇو ڀلا سَر؟“

”ان ڪري جو منهنجي اڳيان پويان ڪير ڪونهي. مري وڃڻ تي توهان کان پئسا ڪير وٺڻ ايندو؟“

پر ڇوڪري ٻنهه ڪا نود هئي. هونءَ به انشورنس ڪمپني جا مالڪ ان ڪم لاءِ ان قسم جون ئي ڇوڪريون رکن ٿا جيڪي ڪجهءَ جي جن وانگر توهان جي پچر نه ڇڏين. آخر چيو مانس ”ٻيبي! آئون پاڻ انشورنس ڪمپني جو مالڪ آهيان. آئون پاڻ شڪار ڳولڻ جا بندوبست ڪندو رهان ٿو، جو انشورنس واري فيلڊ ۾ وڏي ڪمائي آهي!“ ڇوڪريءَ کي شايد دل سان ڳالهه لڳي جو ٺهڪ نڪري ويس.

اڄ ڪلهه بئنڪن وارن به ان قسم جون بيروزگار ڇوڪريون وهاري ڇڏيون آهن جيڪي بئنڪ ۾ اينڊز ويندڙ کي سڏي يا مليل لسٽ مطابق، ماڻهن کي فون ذريعي، ڪريڊٽ ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ صلاحون ڏين ٿيون.

”ڏسو نه! توهان کي پاڻ سان پئسا کڻي هلڻ بدران فقط ڪارڊ کڻي هلڻو پوندو. توهان فقط خريداري ڪريو Payment بئنڪ ڪندي.“

ڪيترا سمجهندا آهن ته ڄڻ هو مفت ۾ ٿا شاپنگ ڪن. اها خبر ئي نه ته بئنڪ پنهنجي service جو به حصو رکي ٿي ۽ توهان کي مجبورن گهٽيل چونڊيل دڪانن تان ئي خريداري ڪرڻي پوي ٿي. بئنڪ وارا همراهه کي چريو بنائڻ لاءِ چوندا: ”سائين هن ڪارڊ ڪري دڪاندار توهان کي ڇوٽ به ڏيندا!“ هاڻ هڪڙي شيءِ جنهن جي قيمت دڪاندار هڪ سؤ رپيا لکي آهي اها هو توهان کي نوي رپين ۾ ڏئي ٿو ته توهان خوش پيا ٿيو. پر خدا جا بندو! اها ئي شيءِ هڪ عام دڪان تان وڃي پُڇرايو ته توهان کي 80 رپئي ملي ويندي ۽ جي ڪوري گارڊن (بولٽن مارڪيٽ) يا آچر بازار هليا ويندئو ته ٿي سگهي ٿو ته اها ستر يا سٺ روپين ۾ به ملي سگهي ٿي.

هڪ دفعي منهنجي ۽ منهنجي هڪ ڪئپٽن دوست جي هڪ اهڙي جهاز تي بدلي ٿي جيڪو هانگ ڪانگ ۾ بيٺو هو. اسان ٻنهي کي ڪراچيءَ کان اوڏانهن وڃڻ لاءِ هيڊ آفيس وارن پاڻهي ٽڪيٽ خريد ڪرڻ، ٽئڪسين جا ڀاڙا ڀرڻ ۽ هانگ ڪانگ ۾ ٻهريان به ڏينهن هوٽل ۾ رهڻ ۽ ماني ٽڪي جي خرچ لاءِ اُڪا ڪئش پئسا ڏنا ته وٽيوَ ته سادگي ۾ رهي پنهنجي لاءِ بچت ڪريو پر جي ڪنهن وڏيڪ اوچي هوٽل ۾ رهندئو ته پنهنجي کيسي مان خرچ ڪجو. انهن ٻن ڏينهن بعد جهاز تي ڪمرا خالي ٿيڻ تي اسانکي ان جهاز تي وڃي رهڻو هو جنهن کي هلائڻ لاءِ اسانکي موڪليو پئي ويو. منهنجي ساٿي ڪئپٽن جنهن کي ڪريڊٽ ڪارڊ هو، اُن ذريعي ڏهه سيڪڙو ڊسڪائونٽ تي، ٽريول ايجنٽ کان ٽڪيٽ حاصل ڪري هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مونکي فون ڪري خوشخبري ٻڌائين. واندو ٿي آئون پنهنجي ٽڪيٽ لاءِ ان دڪاندار وٽ پهتس ۽ چيومانس ته ”آئون ڪئش تي ٽڪيٽ خريد ڪري رهيو آ هيان...... قيمت ۾ ڪيتري ڇوٽ ڏيندين؟“ ظاهر آهي ڪئش تي ته توهان ڪنهن کان به خريداري ڪري سگهو ٿا ڪريڊٽ ڪارڊ تي فقط انهن آڳرين تي ڳڻن وارن دڪاندارن کان. ٽڪيٽ وڪڻڻ وارن وٽ ايئر ڪمپنين طرفان وڏي margin مليل ٿئي ٿي. جنهن ٽڪيٽ جو سرڪاري اگهه هڪ لک رپيا رکيو وڃي ٿو اها هلي آيل هڪ عام خريدار کي ستر يا اسي هزار ۾ به ڏيو ڇڏين جو سرڪار طرفان اوڌر تي ورتل ٽڪيٽ جا پئسا ڪين (دڪاندارن کي) دير سان ملن ٿا. اهڙي طرح ڪريڊٽ ڪارڊ وارن جا پئسا به بئنڪون دير سان پهچائين ٿيون. بهرحال ان ڏينهن دڪاندار اهو سوچي ته مون جهڙو گراهڪ هٿ مان نه وڃي جو جنهن وٽ ڪئش آهي اهو ته هر دڪاندار وٽ وڃي سگهي ٿو، مونکي هن ٽيهه سيڪڙو ڪميشن ڏني!

ڪيترا ڪريڊٽ ڪارڊ جي واڪاڻ ۾ اهو دليل ڏيندا آهن ته بابا ڪئش چوري به ٿي سگهي ٿي. اهڙن ماڻهن کي شايد ڪريڊٽ ڪارڊ جي فراڊن جي خبر ناهي. اسان وٽ ته نهيو پر يورپ ۽ آمريڪا ۾ به فراڊ پيا ٿين. مزي جي ڳالهه اها ته انهن گورن کي سندن پڙهيل ڳڙهيل ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي کان واقف گورا ته ڇا پر اسان جا ايشيائي پيا ٺڳين. اهڙي ئي هڪ ماتلي جي همراهه بابت پنهنجي آمريڪا جي سفرنامي ”نيو هالا کان نيويارڪ“ ۾ لکي چڪو آهيان ته ڪيئن هن ڪريڊٽ ڪارڊ ذريعي آمريڪا جي ماڻهن کي ٺڳيو.

بهرحال سنگاپورجهڙن ملڪن ۾ جتي امن امان ۽ انصاف آهي، جتي ڏوهاريءَ کي معمولي ڏوهه جي به سخت سزا ملي ٿي، اتي جي رستي تي توهان جو نوٽن سان ڀريل ٻٽون به ڪري پوي ته به ڪير هٿ نه لاهيندو. مالڪ کي ياد اچڻ تي هو پويان قدم کڻي پنهنجي شيءِ صحيح سلامت کڻي سگهي ٿو. ڪريڊٽ ڪارڊ هڪ وڏي سهوليت آهي....... فقط ان بزنيس مئن لاءِ جنهن کي پنهنجي ڪارخاني يا مِل لاءِ روزانو مختلف قسمن جي شاپنگ ڪرڻي پوي ۽ هو نوٽن جا بنڊل کڻي هلڻ بدران فقط هڪ ڪارڊ کڻي هلي....... يا ولايت ۾ امير ۽ پوڙهين عورتن لاءِ آهي جن کي نوٽ بدلائڻ يا ريجو ڪٽڻ جي تڪليف نٿي ڪرڻي پوي! ۽ ولايت ۾ ذري گهٽ هر دڪان، هوٽل، پيٽرول پمپ وارو ڪريڊٽ ڪارڊ قبول ڪري ٿو. تندوالهيار، سجاول يا سيوهڻ جي همراهه کي ڪارڊ رکڻ جي ڪهڙي ضرورت؟! سواءِ غريب غربي ۽ بيوقوفن تي لٺ رکڻ جي........ ويندي ڪراچي ۽ لاهور ۾ ڪيترا دڪان آهن جيڪي ڪريڊٽ ڪارڊ قبول ٿا ڪن؟

هڪ دفعي جڏهن جهاز جي مرمت لاءِ آئون هيلسنڪي (فنلنڊ) ويو هوس ته منهنجي جهازران ڪمپنيءَ خرچ پکي هلائڻ لاءِ ڪريڊٽ ڪارڊ منهنجي حوالي ڪيو هو جو مونکي فنلنڊ کان علاوه پروارن ملڪن: ڊئنمارڪ، سئيڊن ۽ ناروي ۾ به اچڻو وڃڻو پيو ٿي ۽ هڪ ئي وقت ٽن چئن ملڪن جو ناڻو رکڻ ڏکي ڳالهه آهي يا هر ملڪ ۾ ڪير بدلائيندو رهي جو ڪڏهن صبح ڪوپن هيگن ۾ گذارڻو پيو ٿي ته شامَ پر واري بندرگاهه مالمو (سئيڊن) ۾! ٻنهي جي وچ ۾ فقط اڌ ڪلاڪ جو ساموندي سفر آهي. ان کان علاوه ڪريڊٽ ڪارڊ ڪري مونکي رسيدون گڏ ڪرڻيون نٿي پيون. هر شيءِ جو اڳهه ۽ نالو بئنڪ ذريعي ڪمپني کي پهچي ويو ٿي ۽ اهڙي طرح هو مونتي نظر رکي سگهيا ٿي ته آئون هنن جو پئسو صحيح طرح خرچ ڪري رهيو آهيان. آمريڪا وانگر يورپ ۾ به هر دڪاندار وٽ ڪريڊٽ ڪارڊ قبول ڪرڻ لاءِ بندوبست آهي...... باقي ذاتي زندگي ۾، پاڪستان جهڙي غريب ملڪ ۾ رهي، ڇا اسان جهڙن ماڻهن کي ڪريڊٽ ڪارڊ رکڻ کپي؟ اسان جي ملڪ جا ماڻهو جن جو سڄو پگهار پٺاڻا، بصر، ڪپڙن ڌئڻ جو صابڻ ۽ ڪار، چنل بوٽن کي موچيءَ کان ٽانڪا هڻائڻ ۾ دف ٿيو وڃي. پر هو ڇا چوندا آهن ته پل پلانَ جو ڇيهه ناهي. اسان وٽ اهڙا به شوقين ۽ ظاهري شان شوڪت رکڻ وارا ماڻهو آهن جيڪي Status Symbol خاطر ٻن ٻن بئنڪن جا

ڪريڊٽ ڪارڊ پنهنجي ٻٽوڻ ۾ ڪڍيو هلن. ڪالهه ئي هڪ همراهه آچر بازار ۾ مونکي ڏيکاريا جيڪو ٽماٽن ۽ ڏاٽي ڦودني جي اگهه تي ٻاجي واري سان بحث ڪري رهيو هو ته ڪجهه ته سستي ڪر. مون سندس گولڊن ڪارڊ ڏسي چيو ته يار توکي ته لنڊن جي آڪسفورڊ اسٽريٽ تي هجڻ کپي...جو جو ههڙيون شيون اهڙن امير ماڻهن وٽ هجڻ کپن جن وٽ پئسو اڻ ميو هجي..... ۽ جنهن کي پئسي جو نه پر وقت جو فڪر هجي. اسان جو ٽنڊو قيصر وارو ننڍپڻ جو ڪلاس ميٽ نور احمد نظاماڻي اهڙن ماڻهن لاءِ چوندو آهي ته: "They are suffering from surplus"

" پر يارو سچي ڳالهه اها آهي ته سڄي دنيا ۾ مهانگائي ايڏي وڌي وئي آهي جو وڏا وڏا امير ۽ سرپلس جا مريض به ٻه رپيا بچائڻ لاءِ سبزي منڊين ۽ آچر بازارين ۾ ڦرندا وتن، اتي اسانجي بئنڪن ۾ نوڪري ڪندڙ ڪلارڪ چوڪريون اسان جهڙي غريب ملڪن جي غريب ماڻهن کي ڪريڊٽ ڪارڊ حاصل ڪرڻ جون دعوتون ڏيو، هنن جي ڦٽن تي لوڻ ٿيون ٻرڪين.

# اندرُ ساڙڻ جهڙيون ڳالهيون

اسانجي ملڪ جي ٽي وي چئنلن تان ڪي عجيب قسم جا ترڙا، شرمناڪ ۽ چڙ ڏيارڻ وارا اشتهار ڏنا وڃن ٿا. مزي جي ڳالهه اها ته اسان جا ابوجهه سنڌي هر ڳالهه تي خوش ٿي تاڙيون وڄائيندا وتن. جيئن اڳ ۾ هڪ ڪالم ۾ هڪ سنڌي فنڪشن بابت لکيو هوم ته راڳي اسٽيج تي ويٺي ڳائي رهيو هو:

ڪنڌيءَ نه سگري، ٻير نه پلڙو،
چانگون نه چيلڙا، مارو اڪيلڙا.........

هيٺ هال ۾ ويٺل مرد توڙي عورتون ۽ نوجوان خوشيءَ مان تاڙيون وڄائي رهيا هئا. ڪي همراهه ته ميوزڪ جي ٿاپ تي نچي به رهيا هئا.

”ڪمال آهي!“ مون دل ۾ سوچيو، ”هي ته روئڻ جو مقام آهي.......... هن ۾ تاڙيون وڄائڻ ۽ خوشيءَ مان نچڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟! ڳائڻ وارو اسان جي سنڌ جي ماروئڙن جو ڪيڏو نه ڏک پريو داستان ٻڌائي رهيو آهي:

ڪنڌيءَ نه سگري، ٻير نه پلڙو
سائو نه سلڙو، چانگون نه چيلڙا، مارو اڪيلڙا........

اسانجا درويش ماڻهو راڳ جي پيغام کي سمجهڻ بدران ان جي ميوزڪ تي خوش ٿيو پيا نچن.

پاڻ ٽي وي جي اشتهارن جي ڳالهه ڪري رهيا هئاسين. ان ڏينهن ڳوٺ ۾ هڪ مائٽ جي گهر ٽي وي ڏسي رهيو هوس ته ڪنهن چانهه جو اشتهار هليو جيڪو لڳو ٿي ته گذريل ٻن ٽن مهينن کان هلي رهيو آهي جيڪو وقت آئون ٻاهر هوس، ڇو جو ان اشتهار جي شروع ٿيڻ تي منهنجي ميزبان جي يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ ڌيءَ ۽ پٽ به سُر ملائڻ لڳا:

سنڌي ماڻهو شهزور ڪچهريءَ جا
هو آهن مور ڪچهريءَ جا،
سنڌ جي ثقافت ڪچهري ڪچهري .......

منهنجو ميزبان ۽ سندس هڪ ٻه آيل دوست به ان اشتهار کي ڏسي، يعني ان ۾ ماڊلن کي سنڌي ڊريس ۾ ڳائيندو ۽ نچندو ڏسي گد گد ٿيڻ لڳا. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ”ٻڏي مرڻ جو مقام آهي“ مون چيو.

”ڇو سائين، ڇو سائين! ڪچهري ته اسان سنڌين جي ثقافت آهي“ مهمانن مان هڪ وراڻيو.

خبر ناهي چو اها غلط فهمي اسان سنڌين جي دماغ وينل آهي يا ويهاري وئي آهي ته سنڌي ماڻهو ڪچهري جا مورَ آهن! گذريل صديءَ جي اڌ تائين جيسين اجان تي وي چئنل، فون سسٽم ۽ انٽرنيٽ عام نه ٿيا هئا تيسين خبر چار، واءُ سواءُ ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو طريقو ملڻ جلڻ ۽ ڪچهري هوندو هو. ۽ اها ڪچهري دنيا ۾ جتي ڪٿي عام هوندي هئي... نه فقط ايشيائي ملڪن جا ماڻهو ڪچهريءَ جا مور ۽ شهزور هُئا پر يورپ ۽ آمريڪا جا به......... ڇو جو معلومات حاصل ڪرڻ ۽ وقت گذارڻ لاءِ اها ئي سستي ۽ عام وندر هُئي.

جيئن جيئن معلومات حاصل ڪرڻ جا طريقا وڌڻ ۽ بهتر ٿيڻ لڳا، ماڻهن انهن ڏي ڌيان ڏرڻ شروع ڪيو. اڄ هر ڪو گهر ويني پرواري شهر ۽ ملڪ جي ته ڇا پر سڄي دنيا جي معلومات ٽيليفون، ٽيليويزن ۽ انٽرنيٽ ذريعي حاصل ڪريو وٺي، نه ته اڄ کان پنجاهه سٺ سال اڳ به جڏهن اسان ننڍا هُئاسين ته شام جو واڪ ڪري بس اسٽاپ تي وڃي آيل ماڻهن جون خبرون ٻڌندا هئاسين ۽ پوءِ گهر وارن کي ۽ ٻئي ڏينهن اسڪول جي دوستن کي وڏي چشڪي سان ٻڌائيندا هئاسين.

ڳالهه اها آهي ته اهو زمانو هو به وندر جو. اڄ ڪلهه مهانگائي ۽ معاشي حالتون اهڙيون ڏکيون ٿي پيون آهن جو ڪيترا ته به نوڪريون ٿا ڪن. ڪنهن کي ويهي ٻئي جي ڳالهه ٻڌڻ جو ئي وقت ناهي. ٻي ڳالهه ته اڳ ۾ ته ويهي هڪ ٻئي کان موسم ۽ ملڪ جو حال وٺبو هو..... پروليون، ڳجهارتون ۽ راڳ ٻڌبا هئا......... پر هاڻ راڳ ٻڌڻ لاءِ چوويهه ئي ڪلاڪ ڏهه ڏهه ٽي وي چئنل ڪليا پيا آهن پوءِ ڪچهرين ۽ اوطاقن ۾ بقول ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي، اسانجا مرد ويهيو Loose Talk ٿا ڪن، گندا چرچا ۽ گار گند ٿا ڪن، نتيجي ۾ وقت جي بربادي هڪ طرف ٿئي ٿي ته هڪ ٻئي لاءِ رنجشون الڳ پيدا ٿيون ٿين ۽ اهڙين ڪچهرين بعد هرڪو سونڊيجي اٿي ٿو.

بهرحال اڄ ڪلهه ڪو گورو انگريز هجي يا پنجابي، پٺاڻ، پارسي يا مدراسي، بنگالي، تامل...... هر هڪ پنهنجي نوڪري، ڌنڌي ڌاڙي ۽ محنت مزدوريءَ ۾ مشغول آهي ۽ رهٽوئي پوي ٿو جيئن هو چار پئسا ڪمائي پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي زندگي بهتر بڻائي سگهي. سنڌي ماڻهن به اوطاقون ۽ ڪچهريون ڇڏي ڏنيون آهن. پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان سنڌين ۾ ڪجهه اهڙا ٿوتي ۽ غير ذميوار آهن جيڪي ڪنهن پورهئي يا ٻني ٻاري جو فڪر ڪرڻ بدران سڄو ڏينهن هوٽلن تي وينا آهن. سنڌن زالون ۽ ٻچا ٻار پلي ٻک پيا مرن پر هو موالي دوستن يارن سان اسٽان وارين هوٽلن تي چانهين جا دور پيا ڪندا. يمن ۽ جبوتي جهڙن ملڪن ۾ به اتي جا ڪيترا آلي موالي سڄو ڏانهن ڪات (هڪ وڻ جا پن جن ۾ نشو ٿئي ٿو) چباڙيندي نظر ايندا آهن. سو سڄو ڏينهن هوٽلن تي ويهي چانهيون پيئڻ ۽ لوز ٽاڪ ڪرڻ کي ڪچهريءَ جو نالو ڏيئي اسان خبر ناهي ڇو فخر محسوس ڪيون ٿا. ڇا ان ڳالهه کان اسان ڪن لاتار ڪنداسون جيڪا اسانجي ملڪ جا ماڻهو چون ٿا ته ”پشاور کان ڪراچي باءِ روڊ ويندي هرماڻهو ڪم ۾ مشغول نظر اچي ٿو پر

جيئن ئي سنڌ صوبي ۾ داخل ٿجي ٿو ته صبح پهر به مرد ڪانيءَ ٻڌيو هوٽلن تي وينا چانهيون پيئن ۽ ڪچهري ڪن. سچ پڇو مٿي چڙهندو هي ويندا پٽين کي پاسا ڏيندا.........

ڇا ان ٽوٽپڻي کي اسان ڪچهري ٿا سڏيون ۽ ڇا ان تي اسان سنڌين کي فخر هئڻ کپي؟ ......... ۽ ڏاڙيان جيڪي اسان کي اهڙين ڳالهين سان منسوب ٿا ڪن ڇا هو اسان کي شاباس ٿا ڏين يا ٽوڪ طعنو ٿا هڻن؟ ........... ڇا توهان پنهنجن پاڙن يا سوٽن ماساتن کي ڪچهريءَ ۾ وقت وڃائيندو ڏسي خوش ٿيندئو يا ڪين محنت مزدوري، پورهيو ۽ پڙهائي کي وقت ڏيڻ جي تلقين ڪندئو؟ هو ڇا چوندا آهن ته سچ مٿي چڙهي ويو هو پر هڪ همراهه رستي تي ننڊن ۾ غرق هو. ڪنهن واٽهڙوءَ هن کي اٿاريو تي ته ٻئي منع ڪندي چيس: ”ادا ڇو ٿو سٽل کي جاڳائين .... تي سڳهي ٿو هو آزاديءَ جو خواب ڏسي رهيو هجي“

ان تي پهرين چيس: ”جي اها ڳالهه آهي ته پوءِ هن کي ضرور اٿارجي جيئن فقط خواب ڏسي خوش ٿيڻ بدران سجاڳ ٿي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري ته سنو اٿس.“

سو اسان جي مردن توڙي عورتن ۽ ٻارن کي پنهنجو وقت ان قسم جي Loose Talk ۾ ضايع ڪرڻ بدران اهو وقت ڪنهن سڦل ڪم ۾ لڳائڻ کپي. اهو وقت پنهنجن ٻارن کي ڏيڻ کپي جيئن هو اينڊڙ زماني جي Challenges کي منهن ڏيئي سگهن. دشمن ته اهوئي چاهيندا ته اسان ڪجهه سکڻ ۽ پنهنجي زندگي بهتر بنائڻ بدران ڪچهري جي نالي ۾ بيڪار ڳالهين تي بحث مباحثا ۽ غلط سلط ۽ اخلاق کان ڪريل چرچن تي ٻهه ٻهه ٿيندا رهون. انگريز، جن چانهه جو رواج اسان وٽ آندو اهي ته شملي ۽ دارجلنگ جي ٿڌ ۾ شام جو هڪ ڪوپ گرم چانهه جو پي ٿڌ کان، ڪجهه دير لاءِ ئي صحيح، نجات حاصل ڪندا هئا ۽ اسان اونهاري ۾ ٽاڪ منجهند جو به وينا چانهيون پيئون. ڇا اها به اسان جي ثقافت آهي جو چانهين جا اشتهار سڀ کان گهڻا سنڌي اخبارن ۽ سنڌي ٽي وي چئنلن تي ٿا اچن!!

هتي هي SMS لکڻ ٿو چاهيان جيڪو اسانجي هڪ يونيورسٽي جي پروفيسرياڻيءَ منهنجي مٿي ڳالهه تان سهمت ٿي مون ڏي موڪليو آهي. هن کي پڻ هر وقت ان ڳالهه جو ڏک رهي ٿو ته اسانجا شاگرد ۽ عام ماڻهو هوٽلن تي ويهي وقت برباد ڪن ٿا. لطيفو هن ريت آهي  جيڪو تي سگهي ٿو ڪنهن غير سنڌيءَ اسان تي چٽر طور ناهيو هجي جيئن اسان پناڻن يا ٻين تي ناهيندا وتون...بهرحال اسان لاءِ سوچ ۽ فڪر جي خوراڪ مهيا ڪري ٿو....

هڪڙا به سنڌي جنت ۾ ويا پر انهن کي اتي ڏاڍا موچڙا مليا....

ڇو...؟

چو جو جنت ۾ هنن ملائڪن کي چيو ته ”سائين جنت ته پلي آهي پر سنڌ سنڌ آهي.... صبح کان سڄي جنت گهمي گهمي ٿڪجي پيا آهيون پر ڪٿي کا هوٽل ئي ڪانهي جتي ويهي چانهه پيون ۽ ڪچهري ڪريون“

Readers Comments

جناب الطاف صاحب، السلام عليڪم،

ڪاوش (اربع، 21 نومبر) ۾ توهان جو ڪالم پڙهيم. توهان سنڌين بابت جيڪي لکيو آهي، اهو سورنهن نه پر ويهه آنا صحيح لکيو آهي. عام طرح چيو ويندو آهي ته سنڌي قوم مهمان نواز قوم آهي، پر سچ پڇو ته منهنجا يار ته مون کي چون ٿا ته سنڌي اول درجي جي ڊڄڻي قوم آهي، جيڪا هر حملي آور جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۾ دير نه ڪندي آهي. پوءِ اهو حملو لڙائي جي صورت ۾ هجي يا ڪنهن vision جي صورت ۾ هجي.

لڙاين بابت ته اسان جي تاريخ اسان کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ٿي، پر اسان جي vision بابت چا چئجي. اسان پل ڪليرا ٿي پاڪستان جي لاءِ 1943 ۾ سنڌ اسيمبلي مان نهراءُ پاس ڪرايو، پر اهو ڪونه ڏٺو ته چا پاڪستان نهڻ کان پوءِ جيڪا لڏ پلاڻ ٿيندي (جنهن ۾ هندو، جن وٽ تعليم به آهي ۽ نوڪريون ب آهن، لڏي ويندا) ته چا اسان سنڌي مسلمانن ۾ انهن جي جاءِ والارڻ جيتري تعليم صلاحيت ۽ تجربو آهي يا نه؟ يقينا اسان وٽ انهن تنهي شين مان ڪابه شئي ڪانه هئي ۽ نڪو ڪو انهن نهراءُ پاس ڪرائڻ وارن انهيءَ ڏس ۾ ڪا تياري ڪئي. نتيجو اهو ٿيو ته تعليم جي ماهرن، صلاحيت وندن ۽ تجربيڪارن جا ڪٽڪ اچي لٿا ۽ اسين اوهڙي جا اوڙها رهجي وياسون ۽ اجا تائين به اوهڙا ئي آهيون. بلڪه ڏيهون ڏينهن بد تر ٿيندا وڃون.

اسان جي ڪاهل هجڻ جا ڪيترائي مثال، جيڪي منهنجي ذاتي مشاهدي ۾ آيا آهن، تن بابت هينئين ريت بيان ڪريان ٿو.

1. منهنجي هڪ دوست جو ڪڪڙين جو فارم گهاري (ضلعو ٺٽو) ۾ هو. آئون ساڻس گڏجي ويندو هوس. اتي سنڌي مزور ڪم ڪندا هئا، جن جي هو اڪثر شڪايت ڪندو هو ته هو ڪم چور آهن. اول ته ڪم صحيح ڪون ٿا ڪن، ٻيو ته اڪثر غير حاضر به رهن ٿا، جنهن ڪري ڪڪڙين جي سنڀال نٿي ٿئي. هنن کي جڏهن به پگهار ملين ٿو ته وڃيو هوٽلن تي پان کائين، چانهيون پيئن ۽ فلمون ڏسن. جڏهن پئسا ڪٽندن ته پوءِ ڪم تي ايندا. هن نيٺ تنگ ٿي، بنگالي مزور رکيا، جيڪي صحيح طرح ڪم ڪن پيا.

2. انهي سلسلي ۾ مون کي اهو تعجب ٿيندو آهي ته ٺٽو ۽ دادو ضلعا ته ڪراچيءَ ويجهو آهن ۽ پاڪستان کان اڳ اتي جا ماڻهو آسانيءَ سان اچي تعليم به حاصل ڪري سگهيا ٿي ۽ نوڪريون به ماڻي سگهيا ٿي، جو ته اهي ٻئي ڪراچي ضلعي ۾ شامل هئا. هونئن به سڄي سنڌ ريل توڙي رستن ذريعي ڪراچيءَ سان سلهاڙيل هئي، ان جي باوجود اسان ڪراچيءَ کان لاتعلق رهياسون ۽ ٻين لاءِ ميدان خالي ڇڏي ڏنوسين.

اڄ فٽ پاٿ تي وينل هڪ فروٽ واري کان خبر پئي ته هو جيڪب آباد جو سنڌي آهي. مون ڏڌهن حيرت جو اظهار ڪيو ته نهه پهه چيائين، ماڻهو ڪشمير کان هتي اچن پيا، اسان جيڪب آباد کان آيا سون ته انهي ۾ ڪهڙي ڳالهه ٿي پئي. مون ڪيس چيو ته مرحبا. ٻين کي به گهرايو ته اهي به اچي هتي روزگار ڪمائين. ڪاش! اسان جا سنڌي ليڊر 1943 کان وٺي سڄي سنڌ مان ماڻهن کي اچي آباد ڪن ها ته اڄ اسان جو هي حشر نه ٿئي ها.

3. سنڌ ۽ مهراڻ يونيورسٽيون قوم پرستن جي لاءِ fuel جو ڪم ڏين ٿيون، جنهن سبب اتي جي تعليم بابت ٿورو لکيو گهٽو سمجهندا. منهنجو پٽ مهراڻ ۾ پڙهندو هو. اتي 3 سال ضايع ڪري، ڪراچيءَ ۾ SZABIST مان M.C.Sڪيائين. اتي ڪجهه سنڌي جوڪرا اچي داخل ٿيا ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ ڇڏي هليا ويا، جي هتي ته پڙهڻو پوي ٿو. اسان سمجهيو ته پنهنجن سنڌين جو انسٽيٽيوٽ آهي، ائين ئي پاس ٿي ويندا سون.

4. سنڌي زميندار سدائين قرض ۾ جڪڙيل هوندو آهي ۽ هاري به، پر پنجابي هاري نه صرف خوشحال هوندو آهي، بلڪ زميندار کي قرض به ڏيندو آهي.

ڪنهن به هڪ ڏينهن جي سنڌي اخبار کڻي ڏسو ته روزانه ڪيترا خون ٿيندا رهن ٿا، هڪڙا ته برادرين جي پاڻ ۾ دشمنين سبب ته ٻيا وري ڪارو ڪاريءَ سبب. ۽ انهيءَ ۾ روز به روز واڌارو پيو ٿئي. چري ڪيئن، جي ويران وير وڏ.

وڏيڪ جا لکان. ٿورو لکيو گهڻو سمجهندا.

ظفرالحق ميمڻ، ٽنڊوالهيار

# اسانجو۽ ملائيشيا جو وڏيرو

تن ڏينهن جي سيمينار لاءِ ڪئالالمپور ۾ آيل چاندڪا ميڊيڪل ڪاليج جي پروفيسر ملائيشيا جي ترقي ڏسي چيو ”اسانجي سنڌ ۾ ترقي ان ڪري نٿي ٿئي جو سنڌ ۾ وڏيراشاهي (Feudalism)آهي“

”وڏيرا شاهي! توهان جو ڇا خيال آهي ته ملائيشيا ۾ نه آهي؟“ مون ڪانئس پڇيو.

”شايد نه آهي.“ هن جواب ڏنو.

”سڀ کان گهڻي آهي“ مون کيس حقيقت کان آگاهه ڪندي ٻڌايو، ”ملائيشيا جي وڏيري جو ڪير مقابلو ڪري! ڳوٺ ڳوٺ ۾، شهر شهر ۾ وڏيري جو راڄ آهي جيڪو پاڻ کي اتم ۽ اتاهون مجرائڻ چاهي ٿو. ويندي هي سلطان جيڪي واري وٽي تي پنجن سالن لاءِ ملڪ جا بادشاهه ٿين ٿا.......... ڇا آهن؟ هر هڪ پنهنجي رياست جو وڏيرو ته آهي.“

”پوءِ ڀلا ملائيشيا ته ترقي ڪري پيو اسان وٽ تباهي ڇوآهي؟ هتي جي ۽ اسان جي وڏيري ۾ فرق آهي ڇا؟“

جي ها! مون کي به ائين لڳي ٿو. گذريل ٽيهه چاليهه سالن کان منهنجو به هن ملڪ ۾ رهڻ ۽ اچڻ وڃڻ لڳو رهي ٿو. آئون به اهوئي محسوس ڪريان ٿو ته هتي جي وڏيري ۽ اسان جي وڏيري جي سوچ ۾ وڏو فرق آهي. جيتوڻيڪ هتي جو وڏيرو به چاهي ٿو ته هو عام ماڻهن کان وڌيڪ طاقت ۽ شان جو مالڪ هجي. پر ڏاڍ ۽ اغوائون ڪرائي ٻين تي رعب نٿو رکي. هو ٻين جي عزتن تي هٿ نٿو کڻي، هو پنهنجن ٻارن کي ڪاپي ڪرائي امتحان پاس نٿو ڪرائي......... هو پاڻ کي وڏي ڳالهه مجرائڻ لاءِ ۽ ٻَر جي ماڻهن تي لئه رکڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ سٺي کان سٺو اسڪول قائم رکي ٿو جنهن ۾ ڳوٺ جو هڪ هڪ ٻار پڙهي ۽ سنڌس ٻار ته اڃان به وڌيڪ پڙهن ۽ ڪلاس ۾ پوزيشن کڻن. هو چاهي ٿو ته سنڌس ڳوٺ ۾ نه رڳو اسپتال هجي پر ان ۾ بهتر کان بهتر ڊاڪٽر ۽ علاج جو بندوبست هجي جتي نه فقط سنڌس ڳوٺ جا ماڻهو علاجَ جون سهولتون حاصل ڪن پر سنڌس ڪٽنب جا ڀاتي به علاج لاءِ اتي وڃن. هو چاهي ٿو ته سنڌس ڳوٺ ۾ ڪو ڪارخانو يا فئڪٽري ضرور هجي جتي ڳوٺ جا ماڻهو روزگار ڪمائي خوشحال زندگي گذاري سگهن. اهوئي سبب آهي جو ملائيشيا جو ڳوٺ ڳوٺ سکيو ستابو آهي. هينئر نه پر گذريل سئو سالن جي تاريخ تي نظر وجهندئو ته ملائيشيا ۾ هر وڏيري، سردار يا سلطان جا ٻارَ ڪريل يا لوفر هجڻ بدران سڀ کان گهڻو پڙهيل ڳڙهيل نظر ايندو. هو ڊاڪٽر انجنيئر ٿي پنهنجي ڳوٺ ۾ اسپتالون ۽ ڪارخانا کولين ٿا. اسانجي سنڌ جي ڳوٺن ۾ ته فئڪٽريون ۽ ڪارخانا آهن ئي ڪونه. وڏيرا، سياستدان ۽ وزير حڪومت کان ڪارخانن جو پرمٽون حاصل ڪري، فئڪٽريون لڳرائڻ بدران اهي

پرمٿون وڪٽيو چڏين ۽ پوءِ مفت ۾ مليل ان پئسي کي چند ڏينهن جي عياشيءَ ۾ غرق ڪريو ڇڏين. ملاڪا رياست جي جنهن ڏورانهين ۽ ٻيٺ نما ڳوٺ ۾ اسانجي نيول اڪيڊمي آهي، ان ڳوٺ جي وڏيري جڏهن ڳوٺ ۾ 1982ع ۾ ٻوٽن ۽ ميوي جي پئڪنگ جي فئڪٽري لڳائي ته اسان ڌارين ملڪن جا نوڪري ڪندڙ ڪِلي رهيا هئاسين ته ڳوٺ جي آدمشماري ئي ڇا آهي جنهن لاءِ فئڪٽريون کوليون ويون آهن. فئڪٽرين جي وڏيري مالڪ کِلي چيو هو ته ”مڙيئي خير آهي. سمجهو ته تجربو حاصل ڪرڻ آهي. گهٽي ڪمائي ڪٽي نه ٿئي ته به ڳوٺ جي بيروزگار ماڻهن کي ته چار پئسا ملي ويندا.“

گذريل سال ملائيشيا جي ان ڳوٺ ۾ وڃڻ ٿيو. ڏسان ته انهن فئڪٽرين جي بدران اليڪٽرانڪ ڪارخانا هئا جن ۾ مختلف اليڪٽرانڪ شين جو اسيمبلي ورڪ هلي رهيو هو. منهنجي ڏينهن ۾ مون وٽ ڪم ڪندڙ مالهي ۽ ٽيليفون آپريٽر به رٽائرمينٽ بعد ان ۾ ڪم ڪري رهيا هئا ۽ پينشن کان علاوه هر مهيني ٽيهه چاليهه هزار رپيا هن فئڪٽري مان به ڪمايو وينا هئا. تعليم ضروري ۽ صحيح هجڻ ڪري هنن جا ٻارَ پنهنجي ڳوٺ مان ۽ پر واري شهر مان پڙهي ڊاڪٽر، وڪيل ۽ انجنيئر ٿي ويا هئا. مطلب ته ٻار به خوش ته پاڻ پوڙها به خوش. فئڪٽري ۾ چار پنج ڪلاڪ وڃي پئسو هڪ طرف ته وندرءِ ڪچهري ٻئي طرف ۽ پيريءَ ۾ به هو اولاد مٿان بار ٿيڻ بدران پنهنجي ٻارن (پوٽن ڏوهٽن) کي خرچيون ڏيندا . اسان وٽ ڳوٺن ۾ والدين دوا درمل لاءِ به پريشان آهن. اولاد به ڇا ڪري، ڊگريون حاصل ڪريو وينا آهن پر روزگار ناهي. فئڪٽريون ڪارخانا سڀ وڏن شهرن ۾ ۽ جي ڪو پورهئي مزدوري لاءِ وڏي شهر ۾ ٿو وڃي ته هن جو اڌ کان وڌيڪ پگهار ته پاڙن پتن ۽ جاءِ جي مسواڙ تي ئي هليو وڃي ٿو باقيءَ مان هو ڇا ڪائيندو ڇا بچن ٻارن يا والدين لاءِ بچائيندو.

هڪ ٻي ڳالهه: اسان جي وڏيري جي ذهنيت اها آهي ته پوليس سندس کيسي ۾ هجي. هو کهڙو به ڏوهه ڪري، قانون هن جو نالو نه وٺي، پر هتي ملائيشيا جو پير، مير، وڏيرو ۽ پوتار قانون جي عزت ڪري ٿو. هڪ لوڪڙ جهڙي چوڪر سپاهيءَ جو به هر هڪ کي خوف ٿو رهي جو ڏوهه ڪرڻ تي ان سپاهيءَ پويان ملڪ جو سڄو پوليس کاتو آهي ۽ اهو تيسين خاموش نٿو رهي جيسين ڏوهاريءَ کي جهلي کيس سزا ڏياري وڃي.

اسان جهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجي ملڪ جي ماحول تي هريل هئاسين، ملائيشيا پهچي پاڻ کي الائي ڇا سمجهي رهيا هئاسين. پر پوءِ يڪدم آئيڊيا ٿي وئي ته هتي قانون جي حڪمراني آهي. ڊرائيونگ لائسنس لاءِ ٽيسٽ ڏيڻ وياسين ته اسان کي جهازراني جا ماهر ۽ مهمان سمجهي پوليس آفيس ۾ موجود ايس پي صاحب در تي اچي آجيان ڪئي ۽ چانهه بسڪٽ ڪارائي پوءِ پنهنجي

پوليس انسپيڪٽر  ڪي سڏائي ٻڌايو تہ هي صاحب هتي جي نئين ڪليل نيول اڪيڊمي ۾ پڙهائڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن ۽ اڄ اسان وٽ ڊرائيونگ لائسنس  لاءِ آيا آهن.

هو اسان کي ٻاهر وٺي آيو. اسان سمجهيو تہ بس اجهو ٿو لائسنس ٺاهي اسان جي حوالي ڪري. پر اهو ٻڌي دنگ رهجي وياسين جڏهن هن چيو تہ هو هر هڪ جو ٽيسٽ وٺندو. ان تي شايد انڊيا جي هڪ ڪيپٽن يا شايد برطانيا جي انگريز ڪيپٽن ڪيس چيو تہ اسان ڪي ٻار تہ نہ آهيون. ۽ هن کي وڌيڪ متاثر ڪرڻ لاءِ ڪيپٽن چيو تہ اسان مان هر هڪ ويهہ ويهہ سال دنيا جي خطرناڪ سمنڊن تي جهاز هلايا آهن.

ملائيشيا  پوليس جي انسپيڪٽر صاحب ڪنڌ هيٺ ڪري چيو :”سر توهان پلي ڪٽي چاليهہ سالَ جهاز هلايا هجن پر ملاڪا شهر جي روڊن تي توهانکي ڪار  هلائڻ تڏهن ڏيندس جڏهن ملڪ جو مڪاني مقرر ڪيل ٽيسٽ پاس ڪندئو“

۽ پوءِ واقعي ايئن ئي ٿيو. فيل ٿيڻ وارن کي ڊرائيونگ اسڪول ۾ داخلا وٺڻي  پيئي ۽ رستي تي لڳل ملئي زبان جي نشانين سمجهڻ کان وٺي  Parallel پارڪنگ ۾ پڙ ٽيڙو پيو.

اجان ڊرائيونگ لائسنس ۾ ئي مشغول هئاسين تہ اخبار ۾ هڪ خبر پڙهيسين. پر واري رياست جي سلطان جي پٽ کا گاڏي تيز هلائي يا شايد ڪنهن سگنل جي پچڪڙي ڪئي. پوليس هن کي چالان ڪيو. ٻئي ڏينهن سندس پيءُ سلطان کي خبر پيئي تہ هن پنهنجي پوليس واري ۽ ان جي اعليٰ عملدار کي پاڻ وٽ گهرايو، انهن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي پٽ کي دڙڪا ڏنا..........شايد ٺُڪَ بہ هنئي، تہ دماغ مان اهو اٺ ڪيدي ڇڏ تہ تون رياست جي سلطان جو پٽ آهين تہ تولاءِ قانون ناهي . بهرحال ٻئي ڏينهن اها خبر اخبار جي پهرين صفحي تي شايع ٿي. اها خبر اسان جهڙن لاءِ چتاءُ ثابت ٿي تہ هن ملڪ ۾ رهڻو آهي  تہ فضيلت سان رهڻو آهي. هتي قانون جي بالادستي آهي. هڪ عام پوليس  وارو بہ وڏي طاقت رکي ٿو. جيتوٽيڪ هونءَ رستي هلندي  هڪ S.P رئنڪ جو پوليس آفيسر بہ توهان کي SIR چئي مخاطب ٿيندو جو هو پاڻ کي عوام جو نوڪر سمجهي ٿو. ڇو جو هتي جي سرڪاري ڪامورن کي اهو احساس آهي تہ هنن کي عوام جي ٽئڪسن مان پگهار ملي ٿو ۽ هن جو ڪم عوام جي خدمت ڪرڻ آهي. اسان وٽ نہ فقط وڏيرو پر سرڪاري ڪامورو توڙي سياستدان (جيڪو اسانجي ئي ووٽن تي اسيمبليءَ ۾ ويهي ٿو) بہ پاڻ کي وڏيرو سمجهي ٿو ڇو تہ اسان وٽ اها هڪ  Negative سوچَ آهي جيڪا  اهو ماڻهو بہ رکي ٿو جنهن کي پلي بہ ايڪڙ زمين بہ نہ هجي، متي ڦريل ڪلارڪ بہ رکي ٿو، جيڪو پوءِ ان سوچ مطابق هو رڳو پنهنجي وجود کي اعليٰ ۽ اتم سمجهي ٿو ۽ ٻين جي زندگي سان وتي ٿو راڳا ڪندو.

# پهرين تون صوف کاءُ......

وڏو عرصو ٻاهر رهي پنهنجي وطن ايندڙ ماڻهوءَ کي پنهنجي شهر يا پنهنجي ملڪ ۾ آيل جن خامين خرابين جو يڪدم احساس ٿئي ٿو، انهن مان هڪ موبائيل فون پڻ آهي، جنهن اسان جي ماڻهن لاءِ وڏومتي جو سور پيدا ڪيو آهي.

ٻاهرين ملڪن ۾ موبائيل فون هڪ سهوليت ۽ ذاتي ملڪيت آهي، جنهن ۾ ٻئي ڪنهن جو آسانيءَ سان access نٿو ٿئي. سپ کان وڏي ڳالهه ته انڊيا ۽ بنگلاديش جهڙن ملڪن ۾ به موبائيل فون جي سِم حاصل ڪرڻ لاءِ خريدار کي پنهنجي تفصيلي شناخت ڏيڻي پوي ٿي. يعني پوليس ڪاتو هر نمبر جي مالڪ جي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي، گهر جي ائڊريس ۽ تصوير حاصل ڪري ٿو ۽ پڪ ڪرڻ خاطر اها Sim مالڪ جي گهر رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي موڪلي وڃي ٿي جيئن وٽ پڪڙ جي حالت ۾ ان جي گهر ياتين کي پڻ جوابدار نهرايو وڃي. توهان وٽ آيل گار گند جو نياپو (SMS) يا دڙڪي داماں (Threat) جي فون جي يڪدم خبر پئجي سگهي ٿي ۽ شڪايت تي پوليس کي ان همراهه کي سوگهو ڪرڻ ۾ دير ئي نٿي لڳي.

ملائيشيا، سنگاپور، ايران يا ويندي انڊيا ۾ اسان ٽوئرسٽن کي اتي جي فون جي ڪنهن به سسٽم جي سم مليو وڃي پر ان لاءِ پنهنجي پاسپورٽ جي فوٽو ڪاپي ۽ پنهنجي تصوير دڪاندار وٽ جمع ڪرائڻي پوي ٿي جيڪو يڪدم پوليس ڊپارٽمينٽ کي ٻڌائي ٿو ۽ اهو اميگريشن ڪاتي ذريعي پڪ ڪري ٿو ته هن پاسپورٽ نمبر وارو همراهه واقعي هن فلائيٽ ذريعي ملڪ ۾ داخل ٿيو آهي يا نه؟ هاڻ اهو ذاريو به جيڪڏهن پنهنجي موبائيل فون ذريعي ڪنهن کي تنگ ٿو ڪري ۽ عارضي طور هو پلي پنهنجي رهائش وارو گهر يا هوٽل بدلائيندو وتي پر هو ملڪ ڇڏڻ وقت جڏهن ايئرپورٽ تي پنهنجي پاسپورٽ تي Exit جو ٺپو هڻائڻ مهل پهچي ٿو ته پڪڙجيو پوي، ڇو جو شڪايت ملڻ تي پوليس ڪاتو ان سِم جي مالڪ جو پاسپورٽ نمبر ڪمپيوٽر ۾ فيڊ ڪريو ڇڏي ۽ ايئرپورٽ تي اميگريشن آفيسر جيئن ئي ان مسافر جي پاسپورٽ جو نمبر دخول (Exit) لاءِ جيئن ئي ڪمپيوٽر ۾ فيڊ ڪري ٿو ته ڳاڙهي بتي ٻريو وڃي ته ان پاسپورٽ وارو ”جاني نا پائي.“ وڏا وڏا طرم خان يا اميرن وزيرن جا پٽ جيڪي فون ذريعي ڇوڪرين کي تنگ ڪن ٿا يا غريبن کي ڌمڪيون ڏين ٿا اهي اهڙا پِپيرا (Red Handed) قاسي پوندا آهن جو ڪلاڪ اندر ڪانچن ۾ هنگي ڏيندا آهن. پر اسان وٽ اهي پهلوان ٿيو پيا هلن.

اسان وٽ جيئن ته آسانيءَ سان، بنا پنهنجي شناخت ٻڌائڻ جي سِم مليو وڃي، ان ڪري ان جو غلط استعمال ڪيو وڃي ٿو. چوري ۽ اغوا جي ڪيسن کان هڪ ٻئي سان گارگند ڪرڻ، اخلاق کان ڪريل SMS ڪري ڇوڪرين کي تنگ ڪرڻ وغيره، اسان وٽ سپ کان وڏي پٽ SMS آهي. ٻين

ملڪن ۾ ورلي ڪو نياپو ملندو. ماڻهو موبائيل فون ڪان تار (telegram) جو ڪم ونن ٿا. يعني ڪنهن ضروري ڪم لاءِ ننڍڙو ميسيج Send ڪن ٿا. پر هتي شاعري، چرچن لطيفن ڪان صبح ۽ شام جا سلام موڪليا وڃن ٿا. خبر ناهي چو انهن ڳالهين پنيان وقت ضايع ڪيو وڃي ٿو. اديبن ۽ شاعرن جي ائڊريس گوگل ۽ فيس بڪ تي هجڻ ڪري مونکي بہ هر وقت SMS ملندا رهن ٿا. نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ........... ميسيج پيو اچي. پيو نہ تہ صبح جو سلام سائين Good Morning......... آئون وري ڪڏهن ڪڏهن "Aap Kon?" لکي ميسيج ڪرڻ واري جو نالو معلوم ڪندو آهيان.

"سائين فلاڻو، ڏڳاٽو بوزدار ڪان"

دل ۾ چوندو آهيان تہ نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ....... ميسيج ڪرڻ تي پيا خرچ ڪن. پر شڪر آهي جو ڏڳاٽي بوزدار، چوهڙ جمالي ۽ چلگرين جا ماڻهو موبائيل فون جي ايجاد ڪري انگريز تي ويا آهن. اسان مسلمان انگريزن جي شهر لندن ۾ رهي بہ هڪ ٻئي کي اسلام عليڪم چئون..... هي سائين گڊ مارننگ ۽ گڊ نائيٽ پيا ڪن.

ان ڏينهن شامَ جو امر جليل وٽ پهتس تہ پڇيائين تہ فلاڻو ڪتاب آندءِ؟

"نہ چئين ها تہ ڪٽي اچان ها." وراڻيو مانس.

"مون صبح ساڻ توکي SMS ڪيو تہ جيئن توکي ياد رهي چو جو فون تي چيل ڳالھ وسريو بہ وڃي ........ خاص ڪري پاڻ پوڙهن ڪان."

ڳالھ اها آهي تہ ڪم جي ضروري ميسيج مٿان پنجاهہ ڪن جيڪي غير ضروري ميسيج اچيو وڃن انهن ۾ اهو اهم ميسيج دٻجيو وڃي. پوءِ ڪنهن کي آهي وقت جو ويهي اڻ واقفن جا غير ضروري SMS ڊليٽ ڪري. آئون تہ چوندو آهيان تہ اهي صبح جا سلام يا اوٽ پٽانگ جا شعر ۽ Quotation موڪلڻ وارا ظلم ٿا ڪن ۽ منهنجي ننڍڙي Capacity واري فون جي ميسيج واري جاءِ هميشہ فل ڪريو ڇڏين. اهڙي طرح اهم نياپي حاصل ڪرڻ ڪان محروم ڪريو ڇڏين.

قوم جو هن ريت وقت ضايع ڪرڻ ۾ موبائيل فون ڪمپنين جو بہ ڏوهہ آهي جيڪي اشتهارن ذريعي ماڻهن جي همت افزائي ڪن ٿيون تہ فقط هيترن ٿورن پئسن ۾ توهان روزانو 200 ايس ايم ايس ڪري سگهو ٿا. هاڻ هن پئڪيج وٺڻ واري کي تہ ميسيج موڪلڻ ذري گهٽ مفت ۾ پيو پر جنهن وٽ ميسيج (SMS) پهچي ٿو ان کي موت ۾ فقط Thanks جو ايس ايم ايس ڪرڻ سان چار رپيہ پرٽا پون ٿا. يعني ان نڳيءَ ذريعي فون ڪمپني ڪمائي ٿي. عوام جو پئسو ۽ وقت ضايع ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ سڌريل ملڪن ۾ فون تي وقت وڃائڻ عيب سمجهيو وڃي ٿو. سئيڊن جهڙن امير ملڪن ۾، جن جي حڪومتن کي بي انتها ناڻو reserve ۾ آهي. انهن فون تي وڏا ٽئڪس هڻي ماڻهن کي دل شڪستو ڪيو آهي تہ فقط ضرروري ڪم تي فون ڪريو يا SMS

ڪيو. هتي اسان وٽ يونيورسٽين ، ڪاليجن ۽ اسڪولن جا شاگرد پڙهائيءَ ڪي وقت ڏيڻ بدران هر وقت SMS پيا ڪن يا چيٽ پيا ڪن.

پاڪستان ۾ مهينو ڪن رهڻ دوران مون ڏاڪو ڪن سجاڻو ماڻهن ڪي (جن ۾ مون جهڙا پوڙها، جوان آفيسرَ تي ڪن سنڌ جي يونيورسٽي جون شاگردياڻيون ۽ ليڪچرار صاحب به اچي وڃي ٿي)، منٿ ميڙ ڪئي ته مهرباني ڪري توهان وٽ جيڪي SMS اچن ٿا اهي مون ڏي فارورڊ ڪيو، موڪليندڙن جا نالا پلي نه ٻڌايو. هزار ڪن ڳڏ ڪيل SMS ۾ ڪي مزاحيه شعرن جا به آهن جيڪي ”فراز“ نالي ٽاقيا وجن ٿا، ڪچين ڳارين جا ۽ Sex سان واسطو رکندڙ ڳالهين جا جملا وينا ملڪ سان وابسته ڪيا وجن ٿا....... وينا ملڪ پشاور ۾ پنهنجي تقرير دوران اتي جي مردن ڪي مخاطب ٿي چيو....... وينا ملڪ سنڌ جي چيف منسٽر اڳيان ڳوڙها ڳاڙيندي چيو...... وغيره وغيره.

ڪيترا SMS اهڙا آهن جن جي آخر ۾ تاڪيد ٿيل آهي ته هي SMS گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ماڻهن ڪي فارورڊ ڪرڻ ضروري آهي. نه ڪرڻ واري ڪي غيب مان نقصان رسندو...... وغيره. اسان ننڍا هئاسين ته اهڙا خط ملندا هئا ته هيترا دفعا لکي ورهائڻ سان فائدو ٿيندو بي صورت ۾ ڪو مائٽ مري ويندو. اسان جي ڪلاس ۾ شمن نالي پڙهندڙ شرارتي ڇوڪري (هاڻ ته اهو به ماشاءالله اسان وانگر 70 سالن جو وڃي ٿيو آهي)، اهو خط ڏهه دفعا لکي پنهنجي ڪلاس ۾ ورهايو پر ان جي آخر ۾ ڪنهن جي مائٽ جي موت بدران لکيو ته ”هي خط نه لکڻ واري جو ڪلاس ٽيچر هفتي اندر مري ويندو.“

ڇوڪرن جي SMS ۾ زبردست قسم جي عشق محبت جي شاعري آهي. زبردست ته نه پر ٽرڙي ۽ Cheap قسم جي چئي سگهجي ٿي.

سڄڻ منهنجي سر جو، پرين تون پيارو
منهنجي جان جگر تون، منهنجو جيءُ جيارو
توکي نه لڳي سيءُ، پلي هجي سيارو
الله ڪري زال ملئي، رنگ هجيس ڪارو
نکي پچائي ماني، نکي ڏئي ٻهارو
اچي ڪو مهمان ته ڪري روڄ راڙو
جي ٿئي پريشان پاڙو، ته قربان ڪجانس اضحيٰ واري عيد تي.
پر ڪي ڪي شعر سنن شاعرن جا به SMS ڪيا وجن ٿا.

”خواب منهنجا خوابن ۾ ئي رهجي ويا

حسين چهرا نقابن ۾ رهجي ويا
مئخاني جو منظر اهڙو هو
شوق منهنجا شبابن ۾ رهجي ويا......"

نموني خاطر هڪ ٻيو.

"نہ مونسان ڪرين تو پرين اچ پچارون،
نہ ڪِل يوڳ ماڻان، نہ مرڪون چپن تي......"

يا استاد بُخاريءَ جو هي شعر:

اها پڪ اٿم تہ هو پرچي وري رسي ويندو
ڪجهہ گهڙين لاءِ ناهہ ڪجي تہ ڪهڙو ڪجي...."

سڀ ڪان گهٽ ڏڪ مونکي اهي SMS رسائيندا آهن جيڪي ڪنهن قوم، برادري يا مذهب جي ماڻهن تي چٿر يا چرچو هوندا آهن. اهڙن سان ٻين جي ڪيڏي دل آزاري ٿي ٿئي. ٻي ڳالهہ تہ اهو چرچو جيڪو اسان پناڻن، ميمڻن يا شڪارپورين سان منسوب ڪريون ٿا اهو اسان سنڌين، پنجابين يا سيدن پيرن تي بہ فِٽ ٿي سگهي ٿو. جيڪي چرچا اسان هندن نالي لکي گڏ ٿيون ٿا اهي مسلمانن نالي بہ صحيح ثابت ٿي سگهن ٿا. سٺ واري ڏهي ۾ جڏهن اسان جهاز هلائي ملائيشيا جي بندرگاهن ۾ پهچندا هئاسين تہ اتي جا ملئي ماڻهو اتي رهندڙ سکن تي ڏاڍيون ٽوڪون ۽ چٿرون ڪندا هئا. ملائيشيا ۾ رهندڙ سک ان وقت بيحد غريب هوندا هئا. هو ڍڳيون چاريندا هُئا يا بئنڪن ۽ دڪانن اڳيان گارڊ ۽ چوڪيدار جي ڊيوٽي ڪندا هئا. اڄ سمورا سِکَ وڏا وڏا سرجن، انجنيئر، فوجي آفيسر، قومي ٽيمن جا رانديگر ۽ ڪاروباري ماڻهو آهن ۽ ملائيشيا کي خوشحال بنائڻ ۾ هنن جو وڏو هٿ آهي.

SMS ذريعي سياستدانن تي بہ خوب چوهڙ چنڊيا وڃن ٿا. ٻلي چنڊيا وڃن جو اهي ووٽ وٺي وعدا ڪري ڪم نٿا ڪن تہ عوام کي بہ حق آهي انهن کي سڏيون ٻڌائڻ جو.

"مون پڪ سڄاتا پنهنجا هئا ڪي،
ڏارين سان گڏ ڏاڙي ۾."

يا وري:

”حيران تي پڇيم هاريءَ کان
هي کيت ڪنهن اجاڙيا آهن؟
چيائين ڏوهه ناهي گدڙن جو
پنهنجي گهر جا ڪتا پاڙيا آهن.

اسان جا درويش صفت ماڻهو، هر اليڪشن ۾ ووٽ ڏيڻ مهل سوچين ڪونه ته ووٽ صحيح ماڻهوءَ کي پيا ڏيون يا غلط کي، بعد ۾ حبيب جالب جا شعر SMS ڪري اندر جي باهه ڪڍن.

”جيني ڪا حق حڪمرانون ني چين ليا
اتهو مرني ڪا حق استعمال ڪرو“

يا وري:

”اصول بيچ ڪر مسند خريدني والو،
نگاهِ اهلِ وفا مين بهت حقير هو تم.

ان معاملي ۾ اسين سنڌي هيڪاندو گهٽو ڏڪويل آهيون. اهوئي سب آهي (شايد)، جو اڄ ڪلهه هي شعرتمام گهڻو SMS تي رهيو آهي:

”نه پڄ سنڌُ جو نه پڄ سنڌين جو،
ڪجهه هيل وڪاڻا، ڪجهه پَر وڪامي ويا.“

ان نوعيت جو هڪ ٻيو ايس ايم ايس، جيڪو آزاد نظم ۾ آهي:

”سنڌي ڪدڙي،

سياسي اڳواڻ جو فوٽو ڏسي،
تاڙي وڄائيندي چيو:
اسان ته رڳو ناليءَ جا ڪدڙا آهيون...“

نه رڳو سياستدان پر مرد حضرات به ان بمباريءَ ڪان بچيل نه آهن. ظاهر آهي انهن تي ٺهيل چرچا عورتن ئي جوڙيا هوندا. نموني خاطر توهان به پڙهو:

- زال (مڙس کي): توهان قربانيءَ جو جانور ڪڏهن آڻيندئو؟
  مڙس: بيگم مونکي ئي ڪٽي ذبح ڪر.
  زال: گڏهه جي فقط ڪمائي حلال آهي، قرباني هرگز نه.

- جيڪڏهن توهان جي زال..... توهانجو چيو نٿي مڃي ته..... ته.....
  ايڏي غور سان نه پڙهو
  ڪنهن جي به زال نٿي مڃي.
  اس پرچم کي سائي تلي هم ايک هين، هم ايک هين!

- هڪ ٻيو SMS
  چانهه جي پتي ۽ پتي (مڙس) ۾ ڪهڙي هڪجهڙائي آهي؟
  ”ٻنهي جي نصيب ۾ سڙڻ ۽ ٺهڪڻ آهي!
  ۽ اهو به عورت جي هٿان..........“

مرد صاحبن ته عورتن تي هيڪاندا طنز و مزاح جا SMS ناهيا آهن جن ڪان توهان به واقف هوندائو. سئمپل طور هڪ لکان ٿو:

هڪ ڪنواري مرد طرفان:
تقدير هي مگر قسمت نهين کُلتي
تاج محل بنانا چاهتا هون، مگر ممتاز نهين ملتي

هڪ عاشق جي آهه:

تقدير هي مگر قسمت نهين کلتي
ممتاز مل گئي هي، مگر شادي نهين کرتي

شادي بعد فرياد:
تقدير هي مگر قسمت نهين کلتي
تاج محل بنانا چاهتا هون، مگر ممتاز نهين مرتي

انهيءَ نوعيت جو هڪ ٻيو SMS
شاهجهان بادشاهه پنهنجي پياري محبوبا جي ياد ۾ نهرايل تاج محل جي هڪ هڪ دري، در، مينار ۽ پٿين کي وڏي حسرت مان ڏٺو ۽ پوءِ ٿڌو ساهه کڻي چيو:
”وڏو خرچ ٿي ويو رَنَ جي چڪر ۾!“

ڪجهه اهڙا به SMS آهن جن مان محسوس ٿئي ٿو ته لکڻ واري کي تمام گهڻو Sense of Humor آهي، ان جو مثال هي نياپو آهي:
”چون ٿا سهڻيون شيون ڏسڻ سان انسان پاڻ به سهڻو ٿيو پوي.........
خبر ناهي ته تو وٽ،
منهنجي تصوير آهي يا نه..........“
ڪيترن ۾ گهمائي ڦيرائي SMS ڪرڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي:

روز هڪ صوف....... نو ڊاڪٽر
روز پنج بادام ....... نو ڪئنسر
روز هڪ ليمون ....... نو فئٽ
روز هڪ گلاس کير ....... نو بون پرابلم
روز ٽي ليٽر پاڻي ....... اسڪن صاف
روز منهنجو SMS ....... موڊ فريش!“

اهڙي ريت هي پڻ آهي:

صوف کاءُ.........!

هن سان طاقت ايندءِ
طاقت ايندءِ تہ همت ٿيندءِ
همت هوندءِ تہ جذبو پيدا ٿيندءِ
جذبو پيدا ٿيندءِ تہ شرم ايندءِ
شرم ايندءِ تہ SMS ڪندين،
پر......
پهرين تون صوف کاءُ.....

# ولايت ۾ نوڪري ڪرڻ وارن لاءِ چتاءُ

منهنجا ڪالم پڙهندڙ هڪ پروفيسر صاحب جو ڪالهه لطيف آباد کان فون آيو ته سوچيم ته هن کي منهنجو فون نمبر ڪٿان هٿ آيو آهي ۽ هو مون کان هڪ مشورو يا ڪٽي چئجي ته صلاح وٺڻ ٿو چاهي.

”ضرور! ضرور!“ مون وراڻيومانس. پاڪستان ۾ هوندو آهيان ته ان قسم جا فون ايندا رهندا آهن جيڪي اڪثر ٻاهر وڃڻ يا نوڪري بابت هوندا آهن. آهي ته سڄي دنيا ۾، پر اسانجي ملڪ ۾ هيڪاندي بيروزگاري وڌي وئي آهي. ماڻهو مجبور ٿي ويا آهن ۽ انهن سان همدردي ڪرڻ بدران ڪيترا پنهنجا پروا اهڙا ظالم آهن جو انهن کي نوڪرين جا ڏٽا ڏيئي بيوقوف بنائين ٿا ۽ ڪين اجهو ۽ لٽو به وڪڻڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. هن پروفيسر صاحب جو به ڪجهه ان قسم جو مسئلو هو.

”سائين منهنجي پٽ گذريل سال انجنيئرنگ ۾ B.E ڪئي آهي پر نوڪري ناهي،“ هن پنهنجي پريشانيءَ بابت ٻڌايو، ”نيٽ (ڪمپيوٽر) تي Search ڪرڻ بعد هن جو ملائيشيا جي هڪ ڪمپنيءَ سان رابطو ٿيو آهي جنهن هن کي ٻڌايو ته هنن جي ڪمپنيءَ ۾ انجنيئرن جي وڏي کوٽ آهي. Online (ڪمپيوٽر) ذريعي هنن اسان جي نينگر کان فارم ڀرايو آهي ۽ ڪالهه ڪئالالمپور (ملائيشيا جي گاديءَ واري شهر) کان ان ڪمپنيءَ جي باس جو فون آيو آهي ته نوڪريءَ لاءِ اپلاءِ ڪرڻ وارن کي 600 آمريڪن ڊالر رجسٽريشن في موڪلڻي پوندي جيئن هو انهن کي نوڪري لاءِ رجسٽرڊ ڪري سگهن ۽ پوءِ ڪين ويزائون موڪلين.

مون هن کان فون نمبر پڇيو جيڪو ڪوالالمپور شهر جي لئنڊلائين جو نه هو ڇو جو ملائيشيا جي ڪوڊ 60 بعد 3 نه هو جيئن ڪراچيءَ جو ڪوڊ نمبر پاڪستان جي نمبر 92 بعد 21 آهي. پر هي سنئون سڌو موبائيل (Cell) فون نمبر هو. مون هن کي چيو ته مونکي دراصل خوشي ٿيندي ته ڪنهن به هم وطنيءَ کي ملائيشيا يا ٻاهر جي ملڪ ۾ سٺي نوڪري ملي وڃي پر هي ڪم مونکي فراڊ وارو ٿو لڳي ۽ توهان جا پئسا ضايع ٿي ويندا. مون ان ئي وقت ان نمبر تي فون ڪيو. ڪو چيني همراهه هو مون هن کان سندس ڪمپنيءَ جو لئنڊ لائين نمبر گهريو ته هو آئين بائين شائين ڪرڻ لڳو. مون هن کي ملئي زبان ۾ چيو ته اسان ملائيشيا جي سفارتخاني مان توهان جي ڪمپني جي موجودگي جو ڪنفرم ڪرڻ چاهيون ٿا. منهنجي ان چوڻ تي هن يڪدم ڪٽي فون رکيو. ٻئي دفعي وري فون ڪيومانس ته وري ڪٽي ڇڏيائين.

مون حيدرآباد واري همراهه کي چيو ته هي ڪم ظاهري طرح فراڊي نموني جو لڳي ٿو جو هيڏي وڏي ڪمپني جيڪا انجنيئر پئي رکي ان جي آفيس ئي ڪانهي. ڇو جو موبائيل فون مان

توهان کي کهڙي خبر ته اهو ماڻهو ڪٿي موجود آهي يا ڪٿي آفيس آهي. توهان جا موڪليل پئسا هن جي اڪائونٽ ۾ Online ته جمع ٿي ويندا جيڪي هو ملائيشيا جي ڪنهن به شهر ۾ يا پرواري ملڪ سنگاپور، ٿائلنڊ يا انڊونيشيا ۾ ويهي توهان جا موڪليل پئسا ڪڍي سگهي ٿو ۽ توهان جو ڪير داد فرياد ٻڌندو. هرڪو چوندو ته توهان پئسا موڪليا ڇو؟

ٻي ڳالهه جيڪا هر پڙهندڙ جي معلومات ۽ ڪامن سينس لاءِ لکڻ ضروري سمجهان ٿو ته ملائيشيا جهڙو هر امير ملڪ، ڪنهن ڌارئين غريب کي گهرائي ملازمت ڏيڻ جي عيوض پئسا نه گهرندو. ملائيشيا جي حڪومت يا ان ملڪ جو ڪو خانگي ادارو توهان کي جيڪڏهن پاڻ وٽ ملازمت لاءِ چوندي ٿو ته هو توهانکي نه فقط ويزا ۽ ٽڪيٽ موڪليندو پر ملائيشيا پهچڻ سان توهانکي پگهار جو ڪجهه حصو ائڊوانس ۾ ڏيندو جيئن توهانجو اوسٽائين گذر ٿي سگهي جيسٽائين مهنو پورو ٿئي ۽ پگهار ملي.

هڪ ٻي ڳالهه هن نوڪريءَ ۾ صاف مشڪوڪ لڳي ٿي اها هيءَ ته اها کهڙي ڳالهه ٿي جو نوڪري لاءِ اپلاءِ ڪندڙ هر هڪ 600 ڊالر جمع ڪرائي. ڪٿي ڪيڏي به وڏي ڪمپني هجي هوءَ لا تعداد انجنيئر ته نه رکي سگهندي. ۽ فرض ڪريو ته مختلف ملڪن مان 50 ڄڻا اپلاءِ ٿا ڪن ته معنيٰ پنجاهه ڄڻن جا پئسا هضم ٿي ويا. سچ هي آهي ته ڪيترا ويچارا هڙن نڳن جي ڪوڙڪين ۾ ڦاسيو وڃن.

ان قسم جا ڪيترائي نڳيءَ جا اشتهار ڪمپيوٽر (Net) تي يا ملڪ جي اخبار ۾ ايندا رهن ٿا. اهڙن اشتهارن مان هڪ ڪروزر جهاز (وڏي پئسينجر جهاز) ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ ”بُٽائز“ جي ضرورت جو هوندو آهي. اهو اشتهار هر پنجين ڇهين مهيني انگريزي اخبار ۾ نمايان ٿيندو آهي ته آمريڪا ڪان انگلنڊ هلندڙ Luxurious (خوبصورت) پئسينجر جهاز تي مسافرن جي خدمت چاڪري لاءِ نوجوان ڇوڪرن جي ضرورت آهي (جيئن مسافر ڪٽندڙ هوائي جهازن تي ايئر هوسٽس ۽ اسٽيورڊس جي ضرورت پوندي آهي) هن نوڪري لاءِ فقط مئٽرڪ تائين تعليم ڪافي ٻڌائي وئي ......“

هاڻ سائين اسان جهڙو ملڪ جنهن ۾ انجنيئر ۽ ڊاڪٽر به بيروزگار وينا آهن، جتي ڪيترا غريب پئسي نه هجڻ ڪري وڌيڪ پڙهيو نٿا سگهن، اتي توهان سمجهي سگهو ٿا ته ڪيترا ماڻهو apply ڪندا هوندا. هڪ اهڙي نوڪري جنهن ۾ وڏو پگهار هجي، گهمڻ ڦرڻ هجي، رهائش ۽ ماني ٽڪي مفت هجي.......... وغيره.

”هن نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ طريقو هن ريت ڏنل هو:پهرين 12 ڊالرن جي ڊرافٽ سان گڏ درخواست موڪليو.“ ان بعد فارم پهچي ٿو. ”جيڪو پري موڪلڻ وقت 300 ڊالرن جو ڊرافٽ

موڪليو جيئن توهان کي ٽڪيٽ موڪلي نوڪري لاءِ لنڊن يا نيويارڪ گهرايو وڃي ته اچي جهاز Join ڪريو.“

سپ ڪجهه موڪلڻ بعد........ هڪ مهنو، ٻه مهينا، ٽي مهينا گذري وڃن ٿا پر ڪو اتو پتو نه........ هر ڪو پنهنجو منهن متو پٽي چپ ٿيو وڃي.......... ڪيڏي ظالم مذاق آهي.... غريب ۽ مجبور ماڻهن سان! ........ اشتهار ڏيڻ واري جي ڳولا ڪر ته اهو نه ملي. جهازران ڪمپني جو اتو پتو معلوم ڪر ته اهو نه ملي. سوين هزارين ماڻهو ٺڳيا رهن ٿا. فقط چند ماڻهو جيڪي پئسو موڪلڻ کان اڳ چڱي طرح پچا ڳاڇا ڪن ٿا اهي بچيو وڃن. مون کان به ڪيترائي ماڻهو پڇندا رهن ٿا. ان بابت هڪ اڙدو اخبار ۾ به چار مضمون به لکي چڪو آهيان ۽ تمام گهڻو پڙهي ويندڙ هن اخبار ڪاوش ذريعي به پڙهندڙ کي آگاهه ڪرڻ چاهيان ٿو ته هڪ پئسينجر جهاز ته وڏي ڳالهه آهي جو اُن ۾ ڪيترن ئي انسانن جي زندگي Involve آهي، هڪ عام ننڍي مال برادر جهاز تي به ڪو ائين اڻ پڙهيل ۽ اڻ تجربيڪار ماڻهوءَ کي نوڪري نٿو ڏئي سگهي، چاهي ڪٽي هو جهاز جو مالڪ هجي.

گذريل ٽيهارو کن سالن کان بين الاقوامي ساموندي قانون مطابق جهاز تي نوڪري ڪرڻ واري کي چاهي اهو ڪئپٽن هجي، رسا ڇڪڻ وارو خلاصي، سئلون (ميس) ۾ ڪم ڪندڙ بٽاءِ يا بورچي يا ڪٽي ڀنگي (ٽوپس) هجي، هن کي ڪجهه ”ضروري Mandatory ڪورس“ ڪري امتحان پاس ڪرڻا آهن. سو ڪيئن اسان جي بدين، گمبٽ، ملتان، خضدار، جو مئٽرڪ پاس بيروزگار يڪدم جهاز تي نوڪري ۾ لڳي سگهي ٿو! ٻي ڳالهه ته هڪ مال بردار جهاز تي ته ميس ۾ ماني ٽڪي کارائڻ يا ڪمرا صحيح رکڻ لاءِ ٽي چار بٽاءِ به ڪافي آهن. پئسينجر جهاز تي ڪٽي ڏهن ڇٽن يا هل ڪٽي ويهه ڇٽن جي ضرورت هجي ۽ هتي اسان جا سوين نوجوان پئسا موڪلڻ بعد ائين پيا خوش ٿين ڄڻ نوڪري ملي وئي هجين. ڇا ڪجي اسان جهڙن ملڪن جا ماڻهو جيڪي پنهنجي چوڌاري رڳو رشوت جو راڄ ڏسن ٿا، جتي سرڪاري نوڪريون به وڪاميون وڃن

ٿيون، اتي هو اهوئي سمجهن ٿا ته هر ملڪ ۾ نوڪري پئسن تي ئي ملي. جيتوڻيڪ ڌارين ملڪن ۾ نوڪري ڏيڻ وارو پنهنجي ڪاروبار لاءِ گهرايل ملازم کي پاڻ پئسو ڏئي ٿو. سو اسانجي ماڻهوءَ کي سمجهي وڃڻ کپي ته جتي پئسي جي گهُر آهي اُتي فراڊ آهي.

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا هنن پئسينجر جهازن بابت پنهنجي پڙهندڙن کي ٻُڌائي آگاهه ڪرڻ چاهيان ٿو ته هنن Luxurious جهازن جو ٽڪيٽون تمام ڳريون ٿين ٿيون. مثال طور لنڊن کان نيويارڪ جي هوائي سفر جي ٽڪيٽ هڪ لک رپيا آهي ته پاڻي واري جهاز جي ڏهه لک آهي جو انهن جهازن جا ڪمرا، کاڌو پيتو ۽ رهائش وغيره سيون اسٽار هوٽلن جيان ٿئي ٿي جن ۾ اوت موت جي ڍاڪو ڪن ڏينهن جي سفر ۾ مسافر لاءِ اوچي کان اوچا کاڌا، شراب، ناچ ڳانڻ ۽ جوا جا

بندوبست رکيا وڃن ٿا ۽ ههڙن جهازن تي سفر ڪرڻ وارا دنيا جا امير ترين ماڻهو ٿين ٿا ۽ مسافرن جي خدمت لاءِ نلهه، تندو قيصر ۽ مٽيارين جا مئٽرڪ فيل نر نه رکيا وڃن ٿا پر سهٽي کان سهٽيون، ٻه يا ٽي زبانون ڳالهائڻ واريون ڇوڪريون رکيون وڃن ٿيون....۽ پوءِ به سفر مڪمل ڪرڻ بعد مسافر ”شڪايت جي رجسٽر“ ۾ لکي ويندا آهن ته اهڙيون سهٽيون نه هيون، ايڏيون سمارٽ نه هيون وغيره وغيره. ظاهر آهي اسان جهڙي مولوي ملڪ جا مون جهڙا پوڙها ڏاڙهي وارا به PIA تي ڇوهه پيا چنيندا آهن ته ڪهڙيون ته پوڙهيون پڪيون ايئر هوسٽس آهن. انهن کان ته ڪدڙا پلا......... وغيرهه، سو اهڙي تناظر ۾ چا ڪروزر (مسافر جهاز) جي مئنيجمينٽ ڳوٺ ڇوهڙ جمالي، ڳوٺ غيبي ديري ۽ ٽنڊومستي جي مئٽرڪ پاس ڇوڪرن کي رکندي ته اڇي هسپانوي، فرينچ ۽ نارويجن ڳالهائڻ وارن مسافرن کي منهن ڏين، جن کي انگريزي ئي ڳالهائڻ نٿي اچي! بهرحال قدرت انهن ظالمن کي غرق ڪري جيڪي اسانجي غريب ۽ مجبور ماڻهن سان هن قسم جون ٺڳيون ٿا ڪن.

مون جهڙي هڪ اديب جو ڪم آهي ته معاشري ۾ ٿيندڙ ههڙن فراڊن کان عوام کي آگاهه ڪريون. ڪيتري عرصي کان هڪ ٻيو فراڊ پڻ نظر اچي رهيو آهي. پنهنجي ئي ملڪ ۾ پنهنجا ئي ٺڳ ماڻهو مجبور ۽ بيروزگار ماڻهن کي نوڪري ڏيارڻ جو وعدو ڪن ٿا. هنن کان ٻه ٻه لک رپيا ڪن وٺي هنن کي اهو چون ٿا ته هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ۽ ويزا به هو وٺي ڏيندا ۽ ڪئالالمپور هوائي اڏي تي لهڻ سان هنن جو ايجنٽ ڪين فئڪٽري ۾ وٺي هلندو جتي هنن لاءِ رهائش ۽ جاب جو بندوبست رکيو ويو آهي. پوءِ ڪين گهر وٺي ٽڪيٽ به ملي ٿي، پاسپورٽ تي مهيني کن جي ويزا به لڳي ملي ٿي، هر شيءِ اصلي آهي. ڪئالالمپور هوائي اڏي تي هو پهچي ٻاهر نڪرن ٿا ته پاڪستاني ايجنٽ جو ملائيشيا ۾ رهندڙ پاڪستاني ساٿي، هنن سان اچي ملي ٿو ۽ هنن کي ٻڌائي ٿو ته هنن جي رهائش ۽ نوڪري جو بندوبست سندن فئڪٽري ۾ آهي. هو ڪانئن پاسپورٽ وٺي ٻڌائين ٿو ته انهن تي هو visit ويزا بدران ورڪ ويزا لڳرائيندو. فئڪٽري ڏي موڪلڻ لاءِ هو به ٽئڪسيون گهرائي ٿو، جن ۾ ڪين وهاري ٽئڪسي وارن کي ملئي زبان ۾ سمجهائي ٿو ۽ پاڻ پنيان پنيان پنهنجي ڪار ۾ اچي ٿو. ڪنهن هنڌ ٽرئفڪ جئم ۾ هن ايجنٽ جي گاڏي غائب ٿي وڃي ٿي. ٽئڪسي ڊرائيور ڪين ڪئالالمپور جي سينٽرل مارڪيٽ ۾ اچي لاهين ٿا ۽ ڪانئن ڀاڙو گهرن ٿا.

”ڀاڙو؟ ڇاجو ڀاڙو؟“ هو وائڙن وانگر پڇن ٿا، ”ڪٿي آهي فئڪٽري؟“

”ڪهڙي فئڪٽري؟ توهان جي دوست ته اسان کي چيو ته هنن مسافرن کي مارڪيٽ لاهي، ڀاڙو وٺجو.“

هاڻ نہ پاسپورٽ، نہ نوڪري، نہ رٽرن ٽڪيٽ! پرديس ۾ غريب ڪيڏانهن وڃن. سندن فرياد ٻڌڻ لاءِ ڪو تيار نہ آهي. نہ مڪاني ماڻهو نہ ملڪ جو سفارتخانو...... ڇو جو روزانو ان قسم جا واقعا ٿيندا رهن ٿا. هو غير قانوني ڇو ٿا اچن......... پنهنجو پاسپورٽ سوگهو ڇو نٿا رکن، ڪوڙن ايجنٽن جي چوڻ تي ڇوٿا ڌارئين ملڪ ۾ اچي مسئلا پيدا ڪن....... بهرحال ڇوڏاري غريبن تي موچڙو پوي ٿو جن کي ايئرپورٽ تي يا جيل ۾ وهاريو وڃي ٿو، جيسين سندن مائٽ رٽرن ٽڪيٽ لاءِ پئسو موڪلين.

سو منهنجا پڙهندڙو ولايت وڃڻ جو شوق اسان سڀني کي آهي پر توهان جيڪو بہ قدم کڻو سوچي سمجهي کڻو. لوڀ ۽ لالچ ۾ اچي ظالم ايجنٽن ۽ ننگ ماڻهن جي ڳالهين ۾ اچي پاڻ کي تڪليف ۾ ۽ پنهنجن پيارن کي پريشانين ۾ مبتلا نہ ڪيو.

# هڪ ايجاد جي ڪُھائي (Miscarriage)

جن ڏينهن ۾ آئون سئيڊن جي شهر مالمو ۾ اُتي جي ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي سان ٻن سالن لاءِ وابسته هوس، تن ڏينهن ۾ ساموندي پٽيءَ جي ٻي پاسي ڊئنمارڪ جي شهر ڪوپن هيگن ۾ اسانجو دوست، سنڌ جي دلير ۽ جهوني ليکڪ محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جو وڏو فرزند محمد علي ميمڻ ٽريڊ ڪمشنر هو. ڪڏهن هو مون وٽ منهنجي شهر مالمو ۾ هلي ايندو هو ته ڪڏهن آئون هن وٽ ڪوپن هيگن پهچي ويندو هوس. يورپ جا اهي ٻئي شهر ائين آهن جيئن اسانجو دادو مورو يا سکر روهڙي! ڪتابن پڙهڻ جو هو به شوقين هو، سو اسان جو ادبي دنيا جي ماڻهن بابت گهڻو بحث هلندو هو. محمد علي هر ڳالهه بنا ڪنهن رک رکاءَ جي ڪرڻ جو عادي آهي. ڪو رسي ته رسي وڃي هو ڳالهه اها ڪندو جيڪا صحيح سمجهندو.

هڪ ڏينهن آئون ڪوپن هيگن سندس گهر پهتس ته سندس هٿن ۾ هڪ سنڌيءَ جو رسالو هو جنهن ۾ منهنجي تازي ڪتاب تي تبصري سان گڏ نقاد مون بابت ڪافي تعريف لکي هئي ته پاڻيءَ جي جهاز تي ڪم ڪرڻ سان گڏ هن جو ادب سان ايڏو چاهه آهي جو 30 کن ڪتاب لکيا اٿس (ان وقت منهنجا اوترا ڪتاب ڇپيا هئا). محمد عليءَ رسالي جو اهو صفحو مونکي ڏيکاري، پنهنجي خاص انداز ۾ نرڙ کي ڏک هڻي چيو: ”بڏي مرڻ جي جاءِ آهي! اسان جي ملڪ ۾ قوم جو ايڏو ڪريل معيار آهي جو 30 کن ڪتاب لکڻ وارو وڏي ڳالهه پيو سمجهجي ۽ جي تون جهاز تو هلائين ته اها ڪهڙي وڏي ڳالهه تي..........“

مونکي جهڙي باهه وٺي وئي. دل ۾ چيم اهي ئي ته محمد علي جون ڳالهيون آهن جو پنهنجا پراوا ڪانئس پڇندا وتن. گهر ۾ گهرائي تيو ذليل ڪرڻو. دل چيو ته هينئر جو هينئر پنهنجي شهر مالمو (سئيڊن) هليو وڃان. پر پوءِ چانهه پي ٿورو سامت ۾ آيس ته مونکي يڪدم محسوس ٿيو ته ٻيلي محمد علي ڳالهه ته صحيح ٿو ڪري. جهاز هلائڻ ۽ ڪجهه ڪتاب لکڻ ڪا اهڙي ته وڏي ڳالهه ناهي جو تبصرو لکندڙ ڪٽي مونکي ”عظيم ليکڪ“ جو خطاب ڏنو آهي، هتي يورپ ۾ ماڻهو الائي ڪهڙا ڪهڙا ڪم پيا ڪن!

ان ڳالهه تي آئون بعد ۾ به سوچيندو رهيس ته اسان پاڪستاني، خاص ڪري سنڌي، معمولي ڳالهه کي وڏو چو ٿا سمجهون ۽ ان تي هيڪاندو گهڻو خوشيءَ جو اظهار چو ٿا ڪريون. پڇڻ تي منهنجي ڳوٺ جي هڪ وائيس چانسلر ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ چيو ته ان ڪري جو قومي ليول تي اسانکي نه راندين ۾ همتايو وڃي ٿو ۽ نه ريڊيو، ٽي وي ۽ آرٽ جي دنيا ۾. پوءِ ڪو پنهنجي مڙسي سان ننڍو ڪم به ڪري ٿو ته فخر مان سيني جو ڳاٽ مٿي ٿيو وڃي ۽ هو پنهنجي احساس محرومي ۽ ڪمتري ڪان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين کي اهو ٻڌائڻ چاهين ٿا ته اسين به ڪنهن ڪان

گھٽ نہ آھيون. ان چڪر ۾ ڪڏھن ڪڏھن مس فائر بہ ٿيو وڃي.......... يعني تڪڙ ۾ بنا ڪنھن خاطري ڪرڻ جي ان کي بہ ھيرو ٻڌايو ڇڏيون جيڪو اڃان مڪمل طور نہ ٿيو آھي.

مٿين ڳالھين ان ڪري ڌيان ۾ آئي تہ ھن پيري پاڪستان اچڻ تي ان ڳالھ جو ذڪر صوبائي توڙي ملڪي ميڊيا تي زور شور سان ٻڌڻ ۾ آيو تہ ڪنھن ھمراھ اھڙو پرزو ناھيو آھي جيڪو پاڻيءَ کي اھڙي صورت ۾ آڻيو ڇڏي جو ان سان ڪار ھلي سگھي ٿي. دراصل ملائيشيا ۾ نئي ھوس تہ اھا ڳالھ ٻڌم ۽ منھنجا مئرين انجنيئرنگ جا شاگرد مونکان سوال ڪرڻ لڳا تہ اھو ممڪن آھي...........؟ ان بابت بہ ھنن کي تجسس ھو تہ آيا اھو تجربو ڪمرشل يوز ۾ ڪارگر ثابت ٿي سگھيو آھي؟

فيول ۽ فيول ٽيڪنالاجي منھنجو خاص سبجيڪٽ رھيو آھي. ۽ 1980ع کان ملائيشيا ۽ سنگاپور جي مختلف نيول اڪيڊمين ۽ ٽيڪنيڪل ادارن ۾ پڙھائيندو اچان. ھڪ جھاز جيڪو پاڻي ۾ ھلي ٿو، جنھن جي چوڌاري مفت جو بي انتھا پاڻي آھي، ان کي ھلائڻ جي لاءِ جيڪڏھن 'پاڻي' فيول (ٻارڻ) طور استعمال ٿي وڃي تہ اسان ھلائيندڙن ۽ جھازن جي مالڪن جا عيش ٿي وڃن. مالڪن جو پئسو بچي وڃي ۽ اسان جھاز ھلائيندڙ لاءِ Maintenance جو ڪم نہ برابر وڃي ٿئي جو تيل جي مقابلي ۾، خاص ڪري جيڪو ڏامر جھڙو سستو تيل اسان جھاز کي ھلائڻ لاءِ ڪم آڻيون ٿا، ان جي مقابلي ۾ پاڻي ھڪ صاف سٿرو fuel ٿي پوندو. مون پنھنجن جھازي شاگردن کي اھوئي جواب ڏنو تہ ايجاد ڪندڙ ھمراھ سان پاڪستان ۾ ملي، پوءِ توھانکي، ان پويان جيڪا ھن technology ايجاد ۽ استعمال ڪئي آھي اھا اچي ٻڌائيندس.

تيل (ٻارڻ) جي ٽيڪنالاجي کان اڻ واقف پڙھندڙن جي معلومات لاءِ اھو لکندس تہ جھاز کي ھلائڻ واري انجڻ ايڏي تہ وڏي ٿئي ٿي جو ان جي سلينڊر ۾ ٽي ماڻھو ھڪ ئي وقت ويھي سگھن ٿا. سو ان ۾ تيل بہ ان حساب سان سڙي ٿو. ھاڻ تہ ھڪ لک ٽن وزن کان بہ وڏا جھاز ٿي پيا آھن پر نوڪري جي شروعات جي سٺ واري ڏھي جيڪي 30 ھزار ٽن ٽنن وارا اسان جھاز ھلايا انھن ۾ بہ روزانو 40 ٽن ڪن تيل سڙيو ٿي. 40 ٽن معنيٰ چاليھ ھزار لٽر تيل ھاڻ جي ھي جھاز پيٽرول تي ھلن تہ اسان جي ملڪ جي اڄوڪي اگھ مطابق چاليھ لک رپيا روزانو تيل تي خرچ ٿيو. جنھن خرچ تي جھاز جي مالڪ کي التو نقصان پوي. ان ڪري جھاز کي تمام سستي قسم جي تيل سان ھلايو وڃي ٿو. يعني پاڻي واري جھاز کي ......... ھوائي جھاز تہ پيٽرول کان بہ اوچو ۽ مھانگو فيول ”آڪٽين“ استعمال ڪري ٿو. بھرحال ھن ڏامر جھڙي تيل کي انجڻ يا ٻائلر ۾ ٻارڻ لاءِ ھن تيل کي گرم ڪري صاف ڪيو وڃي ٿو جيئن ھن جي viscosity گھٽجي ۽ فلو (لاڙ)بھتر ٿئي.

پاڪستان اچي مونکي ڪو گھڻو وقت نہ مليو جو آئون ھن صاحب سان سندس ايجاد بابت سوال جواب ڪري سگھان. مون گھڻي ئي ڪوشش ڪئي تہ ھن ايجاد ڪندڙ سان ملان يا گھٽ ۾

گهڻ جن جي هن سان ملاقات ٿي آهي ۽ جن هن کي پاڻيءَ تي ڪار هلائيندو ڏٺو آهي انهن سان ڪجھ ڳالهيون ڊسڪس ڪري سگهان......... يعني هو مونکي سمجهائي سگهن. پر اهو به ممڪن نہ ٿي سگهيو. هو پاڻ به ان بابت منجهيل نظر آيا ٿي بهرحال آئون هتي ان ڳالھ کي رد نٿو ڪريان. بلڪ مونکي تہ خوشي ٿيندي تہ ان جو ايجاد ڪندڙ اسان جي ملڪ ۽ اسان جي صوبي سنڌ جو آهي.

هتي آئون فقط ڪجھ ڳالهيون اهي لکي رهيو آهيان جن ڪان اسانجو پڙهندڙ اڻ واقف هجي خاص ڪري اهو جيڪو سائنس جو شاگرد نہ آهي.

- ڪار، ٽرئڪٽر، هوائي جهاز ڪان پاڻي واري جهاز کي جيڪا انجڻ هلائي ٿي ان ۾ بارڻ (Fuel) طور پيٽرول، ڊيزل، سي اين جي ويندي بٺلارن ۾ جيڪو ڪوئلو، ڪاغذ يا ڪاٺ ٻاريو وڃي ٿو انهن سڀني ۾ ڪاربن موجود آهي. پوءِ ڪنهن ۾ گهڻ آهي تہ ڪنهن ۾ گهٽو ان ڪان علاوه هيڊروجن بہ آهي. اهي ٻئي شيون آڪسيجن جي موجودگي ۾ ٻرن ٿيون. انجڻ يا بٺالرن ۾ آڪسيجن هوا رستي مهيا ڪئي وڃي ٿي پوءِ اها ٻي ڳالھ آهي تہ پيٽرول وارين گاڏين ۾ ڪاربيوٽر ذريعي هوا ۽ پيٽرول مڪس ڪري پوءِ سليندر ۾ ساڙيو وڃي ٿو ۽ ڊيزل انجڻ ۽ بٺالرن وغيره ۾ هڪ طرف ڪان ڊيزل ۽ ٻئي طرف ڪان هوا وجهي سليندر ۾ ئي مڪس ڪري ساڙيو وڃي ٿو جيڪو ڪم بٺالر جي فرنيس ۾ ڪيو وڃي ٿو.

- پيٽرول، ڊيزل، آڪٽين يا ڪاٺ، ڪوئلو، پنو وغيره سڙڻ تي جيڪا exhaust گئس يعني دونهون نڪري ٿو اها گئس ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ آهي. يعني ان ۾ هڪ حصو ڪاربن جو آهي تہ ٻہ حصا آڪسيجن جا. هن جهان ۾ يعني هن ڌرتي جي گولي تي اها گئس قدرتي طرح ان شڪل ۾ ٿئي ٿي. پر جيڪڏهن سڙڻ وقت هوا (آڪسيجن) جو مقدار گهٽ آهي تہ پوءِ گهاٽي ڪاري رنگ جو دونهون نڪري ٿو جنهن ۾ آڪسيجن جي ٻن حصن بدران هڪ ٿئي ٿو ۽ هڪ ڪاربن جو. اهڙي دونهين جي گئس ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ بدران ڪاربن مونو آڪسائيڊ سڏجي ٿي. ڪاربن مونو آڪسائيڊ (يعني ڪارو دونهون) اسان لاءِ خطرناڪ ان ڪري آهي جو ڪاربن مونو آڪسائيڊ پنهنجي قدرتي فارم (ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ) ۾ اچڻ لاءِ آڪسيجن جو ٻيو حصو آس پاس مان چڪي ٿي ۽ جيڪڏهن اهو دونهون، ڪو ساهه ۾ ٿو کڻي تہ اها گئس آڪسيجن جو باقي حصو انسان جي جسم مان ٿي چڪي ۽ اسان کي چڪر اچڻ ٿا......... ننڍا ٻار تہ بيهوش بہ ٿي سگهن ٿا ۽ موت جو بہ شڪار ٿين ٿا. اهوئي سبب آهي جو سڌريل ملڪن ۾ دونهون ڇڏيندڙ گاڏيون "قاتل" سمجهيون وڃن ٿيون.

- پاڻيءَ جو تاثير جيتوڻيڪ ٿڌو آهي يا باھ کي وسائڻ جي ڪم اچي ٿو پر اهو بڻ خطرناڪ شين جو نهيل آهي: هڪ هيدروجن جيڪا ٻري ٿي ۽ ٻي آڪسيجن جيڪاٻارڻ ۾ مدد ڪري ٿي. يعني پاڻي نج ٻارڻ (fuel) آهي. پاڻيءَ کي باھ بہ لڳي سگهي ٿي ۽ اسان مان ڪيترن، خاص ڪري گهر جي عورتن پاڻيءَ کي باھ لڳڻ جو مشاهدو بہ ڪيو هوندو. چلھ تي گرم تيل کي جڏهن پاڻيءَ جا ڇنڊا لڳن ٿا تہ اُلا (شعلا) نڪرن ٿا........ اهي باھ جون جڀيون ڇا آهن؟ اهو پاڻيءَ ۾ موجود هائڊروجن ۽ آڪسيجن جي سڙڻ جون آهن. يعني پاڻي بہ پيٽرول وانگر ٻري سگهي ٿو جيڪڏهن هن جا جزا:هائڊروجن ۽ آڪسيجن جدا ڪيا وڃن. چلھ تي ڪڙهي يا تئي تي جيڪو تيل گرم ٿيو وڃي ان جو ٽيمپريچر ٽي چار سؤ ڊگريون ٿئي ٿو ۽ پاڻيءَ جا ڇنڊا ٽڙڪيو هائڊروجن ۽ آڪسيجن ٿيو پون.

- قدرت اهڙو قانون رکيو آهي جو جڏهن اسان ديڳڙي ۾ پاڻيءَ کي گرم ڪريون ٿا تہ اهو ان ٽيمپريچر تائين پهچي ئي نٿو........... پلي ڪٽي سچو ڏينهن ٽهڪايون. هڪ سو ڊگرين بعد پاڻي پنهنجي شڪل ئي بدلايو وڃي. اهو ٻاڦ ٿيو اڏاميو وڃي. جهاز جي انجڻ روم جي فرش تي هاريل تيل کي جڏهن باھ لڳندي آهي تہ اسان ان کي پاڻيءَ بدران گجي (foam) يا ڪنهن مردار (inert) گئس ذريعي وسائيندا آهيون. ڇو جو پاڻي هٽڻ سان ان جا جزا الڳ ٿي ويتر وڏيڪ باھ پيدا ڪري سگهن ٿا.

- پاڻي کي ٻارڻ جي ڪم ۾ آڻڻ لاءِ ان جا جزا هائڊروجن ۽ آڪسيجن ڌار ڪرڻ جو ٻيو طريقو اليڪٽرڪ آهي. ڪار يا ٻي ڪا انجڻ پاڻيءَ تي بلڪل هلي سگهندي جيڪڏهن اليڪٽرڪ ڪرنٽ يا طاقتور بيٽري جو بندوبست آهي. هاڻ ڳالھ اها آهي تہ جيڪڏهن هڪ ڪار هڪ سؤ رپين ۾ يعني پيٽرول جي هڪ لٽر ۾ ڏھ ڪلو ميٽر هلي سگهي ٿي تہ ايترو مفاصلو ڪٽي پاڻي جي ٻن بوتلن (ٻن لٽرن) ۾ طئيءَ ڪري...... ۽ ان نج پاڻي جا بہ لٽر ڪٽي اسان کي 20 رپئي جا ملن پر انهن ٻن لٽرن کي اليڪٽرڪ ڪرنٽ ذريعي ڦاڙڻ ۾ بجلي جو بل جيڪڏهن 150 رپيا ٿو اچي تہ پوءِ اها شيءَ ڪهڙي فاعدي جي ٿي،

- اهو چيو وڃي ٿو ته ان لاءِ جيڪو ”واٽر ڪِٽ“ ايجاد ڪيو ويو آهي ان ۾ اهو ڪم آٽوميٽڪ ٿيو وڃي ۽ بيٽري به چارج ٿيندي رهي ٿي. اسان هن اسٽيج تي اهو نٽا چوڻ چاهيون ته ايجاد ڪندڙ ڪوڙ ٿو ڳالهائي...... اسان ته دعائون ڪنداسين ته پاڻيءَ کي انجڻ ۾ ٻارڻ حقيقت ثابت ٿئي ته ماحول ڪاربن واري دونهين کان به صاف سٿرو رهندو ۽ مهانگائي به دور ٿيندي. پر آخر اها به ته خبرپوي ته اهو Water Kit ڪهڙي جادو منتر جو نهيل آهي. مونکي T.V تي ان خبر بابت هڪ به پروگرام ڏسڻ جو موقعو مليو آهي پر ان ۾ اها ڳالهه گول مول ڪئي وڃي ٿي. ڪار کي هلندو ڏسي اسان جو سائنس جي علم کان چسو عوام واهه واهه ڪندو رهي ٿو ۽ دنيا اسان تي کلندي رهي ٿي.

- هڪ ٻي ڳالهه ته واٽر ڪِٽ ذريعي رڳو پاڻي وڃي ٿو يا ٻي ٻارڻ جي شيءِ به، جنهن ۾ ڪاربن جهڙي شيءِ موجود هجي. اها ته هر هڪ کي خبر هوندي ته انبن پچائڻ واري ڪيميڪل ڪاربائيڊ مٿان پاڻي وجهڻ تي نڪرندڙ گئس ٻري سگهي ٿي.

- جيڪڏهن ڪو چوي ٿو ته ڊيزل وانگر پاڻي نج حالت ۾ انجڻ جي سلينڊر ۾ داخل ٿي ٻري ٿو ته اها ڳالهه به هڪ معمولي سائنس يا مڪينيڪل انجنيئرنگ جي شاگرد کي به حيرتزده ڪندي هوندي ته سلينڊر جو پاور اسٽروڪ ۾ ته ڪو اڌ چمچو ڊيزل جو مس ٿو Spray ڪيو وڃي پر اوتريون ڪئلوريون حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو ڪوپ ڪن داخل ڪرڻ ضروري آهي ۽ پسٽن Inward اسٽروڪ جي آخر ۾ clearance ايترو گهٽ ٿو ٿئي جو ايترو پاڻي زبردست هائبرالڪ پريشر پيدا ڪري سگهي ٿو.

- پاڻي جي ٻارڻ سان گاڏي هلڻ جي خاطري ڪرڻ لاءِ عوام کي ان جي دونهين بابت ته ٻڌايو وڃي ته Exhaust گئس ۾ ڇا ٿو نڪري. جي ڪاربن گئس ٿي نڪري ته پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو ته انجڻ جي سلينڊر ۾ پاڻيءَ کان علاوه ٻي به شيءِ داخل ڪئي پئي وڃي. ڇو ته فقط پاڻي جي ٻرڻ تي دونهين (Exhaust) ۾ فقط ۽ فقط هائڊروجن ۽ آڪسيجن اچڻ کپي شروع ۾ ته هر چئنل ۽ اخبار ۾ هن ايجاد جي ڳالهه هئي پر هاڻ ته مهينو ٿي ويو آهي ان بابت ڪا ڳالهه نٿي ٻڌجي. خبر ناهي اها ايجاد مئچوئر ٿي جنم ورتو يا وقت کان اڳ ڪُهائي (Abortion) جو شڪار ٿي.

# ايئر ڪنڊيشنر جو اهم ڪم ڇا آهي؟

انسان ڪٿي ڪيڏو به وڏو ٿي وڃي پر هو پنهنجي پيءُ جي اڳيان هميشه ٻار رهي ٿو. هو ڪٺي سٺ سالن جو ٿي وڃي پر سندس ماءُ پيءُ هن کي نصيحتون ڪندو رهندو، گرمي ۾ ٿڌ کان بچڻ لاءِ چوندو وتندو ..... خيال سان گاڏي هلائڻ ۽ وقت تي ماني کائڻ لاءِ چوندو رهندو. مون ۾ منهنجي پاءُ انجنيئرنگ پڙهي پر اسان جي والد صاحب منهنجي پاءُ کي پنهنجي اباڻي ڏنڌي، بني ٻاري سان لڳايو ۽ هو وقت سان گڏ ان ڪم ۾ ماهر ٿي ويو پر آخر تائين بابو هن کي سمجهائيندو آيو ته فصل ۾ ڳاهه نه ٿيڻ ڪپي، ٻج ۽ پاڻ صحيح پيو وڃين يا نه ۽ ڪيترا دفعا ته پاڻ اچي پنهنجي اڳيان انبن جي چڪين جي گرافٽنگ ڪرائيندو هو، اهو سوچي ته سندس پٽ ٻار آهي خبر ناهي سمجهه ۾ اچيس يا نه ..... جيتوڻيڪ تڏهن به ۽ اڄ جي دور ۾ ٻار وڏن کان گهڻو هوشيار آهن. ڪمپيوٽر ۾ اسان ايترا ماهر نه آهيون جيترا اسان جا پوٽا ڏوهٽا.

بهرحال آئون تڏهن جي ڳالهه ٿو ڪريان جڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ هئنڊ پمپن جي جاءِ تي اليڪٽرڪ جا پمپ لڳي رهيا هئا، جن ذريعي زمين مان پاڻي ڇڪي مٿي ٽانڪيءَ کي پريو ويو ٿي. انهن ڏينهن ۾ آئون لنڊن ۾ پنهنجي جهازسازي (مئرين انجنيرنگ) جي سبجيڪٽ جو آخري امتحان ڏئي جهازَ جو چيف انجنيئر ٿيو هوس ۽ ڇهه مهينا ڪن نارٿ سي ۽ هندي وڏي سمنڊ جي ڍاڪو ڪن بندرگاهن جي مسافري (voyage) مڪمل ڪري ڪراچي پهتو هوس. ملڪ کان ٿي سال ڪن يڪو ٻاهر رهيو هوس سو هاڻ مهيني جي موڪل تي ڳوٺ آيو هوس.

پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هتي هڪ ڳالهه لکندو هلان ته مئرين انجنيئر يعني پاڻيءَ جي جهازن وارو انجنيئر هڪ مڪينيڪل، اليڪٽريڪل ۽ ريفريجريشن انجنيئر جو مڪسچر ٿئي ٿو فرق فقط اهو آهي ته مٿين انجنيئرن جو فقط لکت پڙهت يعني ٿيوري تي زور رهي ٿو پر مئرين انجنيئر پريڪٽيڪل ڪم ڪان جان بچائي نٿو سگهي جو سمنڊ تي جهاز خراب ٿيڻ تي مئرين انجنيئر کي، بنا ڪنهن ورڪشاپ جي مدد جي، پاڻ ئي صحيح ڪرڻو پوي ٿو. هن کي ڏينهن رات لڳاتار ڪم ڪري اهو نقص دور ڪرڻو پوي ٿو، ٻي صورت ۾ انجڻ جي بند ٿيڻ تي جهاز ساموندي لهرن ۽ هوائن جي رحم وڪرم تي رهي ٿو ۽ تباهه ٿي سگهي ٿو. وڏي حادثي جي صورت ۾ به جهاز کي هلڻ جوڳو ڪري گهٽ ۾ گهٽ پرواري بندرگاهه تائين پهچائڻو پوي ٿو. اهوئي سبب آهي جو اسان (مئرين انجنيئرن) کي ويلڊنگ ۽ ليٿ مشين جو ڪم به سکڻو پوي ٿو جيئن پگهل پرزي کي، عارضي طور تي ٺيڪ ڪري سگهون.

تعليمي اداري مان ڊگري حاصل ڪرڻ ۽ ورڪشاپ مان ٻه سال ڪن apprenticeship مڪمل ڪرڻ بعد مئرين انجنيئر هڪ جونئر انجنيئر جي حيثيت سان جهاز تي چڙهي ٿو. هر جهاز تي سندس سائيز مطابق جونئر انجنيئر کان چيف انجنيئر تائين اٺ ڏهه کن مئرين انجنيئر ٿين ٿا. هڪ جونئر انجنيئر لڳاتار نوڪري ڪندو رهي ۽ وقت تي امتحان پاس ڪندو رهي ته ڇهه ست سالن ۾ چيف انجنيئر ٿيو وڃي. هر امتحان کان اڳ هن کي 21 مهينا جهاز هلائڻو پوي ٿو. آخري امتحان ..... چيف انجنيئر جي ۾ ته ڪو به سليبس مقرر ناهي. هن کي هر قسم جي انجڻ، مشين، پمپ، بائلر جي چڱي طرح ڄاڻ هجڻ کپي جو هر جهاز تي مختلف قسم جي مشينري ٿئي ٿي جنهن کي هلائڻ ۽ صحيح رکڻ جي جوابداري چيف انجنيئر جي آهي. ڪناري تي، خاص ڪري اسان جهڙن ملڪن ۾، جتي رشوتخوريءَ جو مرض آهي، جتي سرڪاري يا خانگي نوڪري ڪرڻ وارو پاڻ کي نوڪر سمجهڻ بدران ٻين تي رڳو حڪم هلائي ٿو، اتي جا عام ماڻهو اهو سوچي به نٿا سگهن ته جهاز جو چيف انجنيئر معنيٰ سڀ کان گهڻو پورهيو ۽ ذميداري کڻڻ وارو. جتي ٻيا انجنيئر انجڻ کي صحيح نٿا ڪري سگهن اتي چيف انجنيئر کي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوي ٿو، جنهن لاءِ هن کي ڄاڻ، تجربو ۽ اعتماد هجڻ ضروري آهي. ان بنا هو survive نٿو ڪري سگهي.

بهرحال آئون چيف انجنيئر ٿيس ۽ ان بعد ڇهين مهينن کن جو ڊگهو سامونڊي سفر خير خوبي سان ڪري گهر پهتس. جهاز ڪٽي نئون هجي يا پراڻو، سندس انجڻيون ڏينهن رات هلن ٿيون. جن ۾ ٽيهارو کن مختلف پمپ، ٽي يا چار وڏا جنريٽر، بائلر، ايوپريٽر، پيوريفائر، ريفريجريشن پلانٽ وغيره وغيره، انيڪ مشينون اچيون وڃن ٿيون ۽ سمنڊ تي اهو ڏينهن خالي نٿو رهي جنهن ۾ ڪو maintenance جو يا ڀڃ ڊاهه کي صحيح ڪرڻ جو ڪم نه هلندو هجي. جهاز جا سمورا انجنيئر، چيف انجنيئر سميت ڏينهن رات ڪم ۾ مشغول رهن ٿا. ۽ ماشاءَاللهُ جهاز جو هر انجنيئر (مئرين انجنيئر) ڪم جو ڄاڻو ٿئي ٿو خاص ڪري certified انجنيئر جن ترقي حاصل ڪرڻ جو هڪ يا ٻه امتحان پاس ڪيا آهن. اهو ان ڪري جو هي هڪ اهڙو پروفيشن آهي جنهن ۾ پهرين ڪم ڪري ڏيکارجي ٿو ۽ پوءِ امتحان ڏجي ٿو. يعني هر امتحان پهرين 21 مهينا سمنڊ جي نوڪري (Sea Time) مڪمل ڪرڻ بعد ٿئي ٿو. سو هڪ جهازن جو چيف انجنيئر چاهي يورپي گورو هجي يا آفريڪي شيدي يا اسانجو ايشيائي، هو ساڳي قابليت رکي ٿو ۽ جهازن جا مالڪ اهو نه ڏسندا آهن ته هو ڪهڙي ملڪ ۽ رنگ جو آهي. هنن لاءِ ايترو ڪافي آهي ته چيف انجنيئر جو امتحان پاس ٿيل آهي. ڇو جو هڪ امتحان پاس ڪيل چيف انجنيئر جي موجودگي ۾، جيڪڏهن جهاز جو حادثو ٿي پوي يا جهاز ٻڏي به وڃي، ته به مالڪ کي انشورنس ڪمپني وارا سڄي رقم پري ڏيندا ۽ انشورنس ڪمپني کي خبر آهي ته امتحان پاس ٿيل چيف انجنيئر هجي يا ڪئپٽن هو غلط ڪم نه ڪندو ۽ هن جي ڄاڻ جو هنن کي اعتراف رهي ٿو جو امتحان وٺڻ وارا به اهي انشورنس ڪمپني وارا ئي

تين تا ۽ هو اميدوار کي هر طرح سان چڪاسين تا ۽ معمولي شڪ جي حالت ۾ به فيل ڪريو ڇڏين. اهوئي سبب آهي ته هي امتحان دنيا جي هر بندرگاهه ۾ هر مهيني تين تا پر پاس ڪو اکو ڏڪو ٿئي ٿو.

اهو پڙهڻ بعد توهان سمجهي ويا هوندئو ته مئرين انجنيئر ـ خاص ڪري جهاز جي چيف انجنيئر کي مشين جي ڪيڏي ڄاڻ ٿئي ٿي ۽ هو انهن کي نيڪ ڪري هلڻ جوڳو بنائڻ لاءِ ڪيڏو ڪم ڪن ٿا. آئون جڏهن پهريون دفعو چيف انجنيئر جي عهدي تي جهاز تي sail ڪري ڳوٺ پهتس ته تقريباً سڄي پاڙي مان هئنڊ پمپ غائب ٿي ويا هئا. انهن جي جاءِ تي هاڻ اليڪٽرڪ پمپ هئا. اسان جي گهر ۾ به پمپ لڳل هو جيڪو ٻئي ڏينهن پاڻي ختم ٿيڻ تي منهنجي پيءُ آن ڪيو. پمپ پاڻي نه ڇڪيو ته بابا پريشان ٿي ويو. آئون اٿيس ته بابا مونکي جهليو. ”مستريءَ چيو آهي ته پاڻي نه ڇڪڻ جي صورت ۾ ان ۾ پاڻي وجهجو“ بابا چيو ۽ پاڻ به ٿي ڪريون پاڻيءَ جون پري ان ۾ وڌيون پر پمپ ڪم نه ڪيو. آئون سمجهي ويس ته پمپ صحيح طرح prime نه پيو ٿئي. ٿي سگهي ٿو gland packing کي ٽائيٽ ڪرڻ جي ضرورت هجي. بهرحال اها ڪا اهڙي ڳالهه نه هئي پر بابا مونکي هٿ لائڻ نٿي ڏنو. هن جو اعتماد ڳوٺ جي مستري عبداللطيف انصاريءَ ۾ هو جنهن هي پمپ فٽ ڪيو هو. مونکي ان جي دڪان تي بازار موڪليائون. مونکي ڪل به اچي رهي هئي ته گذريل ڇهه ست سال سمنڊ تي اهي ئي ڪم ڪندو رهيو آهيان پر منهنجي پيءُ کي ڪهڙي خبر. هو ته مونکي اڃان به ٻار ٿو سمجهي بهرحال مستري عبداللطيف جي دڪان تي ويس پر هو نماز تي ويل هو گهر آيس ته بابو به مسجد ۾ هو. پاڻي سان سنڌس Gland پئڪنگ ٽائيٽ ڪري پاڻي مٿي چاڙهيم. پاڙي ۾ رهندڙ مون کان ٽي سال ڪن ننڍي ڪزن ڪئپٽن رشيد ابڙو کي ڪلندي چيم ته بابا کي جي بحري جهاز ۾ سفر ڪرڻو پوي ۽ ان جو ڪئپٽن تون ۽ چيف انجنيئر آئون هجان ته هو پڪ اهو چوئي ان جهاز ۾ هلڻ کان انڪار ڪندو ته هي ڪالهوڪا ٻارَ سمنڊ تي هيڏو وڏو جهاز هلائي به سگهندا يا نه.

جهاز جي انجنيئر (مئرين انجنيئر) جو اهو به ڪم آهي ته جهاز جو ايئرڪنڊيشن سسٽم ۽ ڪولڊ اسٽوريج صحيح رکي. جهاز تي گهٽ ۾ گهٽ ڇهن مهينن جو راشن رکڻو پوي ٿو. ذبح ٿيل سوين ڪڪڙين کان علاوهه پنجاهه کن ٻڪريون، ردون ۽ ڪجهه ڍڳيون به ڪنيون وڃن ٿيون .... يعني ذبح ٿيل ۽ ڪل لٽل. ان کان علاوه ڪافي مقدار ۾ مڇي ۽ ميوو پڻ رکڻو پوي ٿو. مئرين انجنيئرنگ جي شاگرد کي ايئرڪنڊيشن ۽ ريفريجريشن بابت تفصيلي تعليم ڏني وڃي ٿي جيئن اسان ان سامان کي اهڙي حالت ۾ رکون جو خراب نه ٿئي. اهي ڪمرا جن ۾ فروٽ ۽ ڀاڄيون رکيون وڃن ٿيون انهن جي ٿڌاڻ اهائي رکندا آهيون جيڪا گهرو ريفريجريٽر ۾ ڀاڄين جي خاني ۾ هوندي آهي .... يعني واڌو 5 ڊگريون. ان کان علاوه اهڙي ڪمري ۾ Exhaust پنکي جو هلڻ ضروري آهي جو ڀاڄيون ۽ ميوا ڪاربن گئس خارج ڪن ٿا. مڇيءَ کي صحيح رکڻ لاءِ لڳاتار ڪاٺو ويهه

ڊگريون ۽ گوشت لاءِ ڪاٽو ڍُهه ڊگريون ٽِڏاڻ قائم رکي وڃي ٿي ۽ اها رڪارڊ خاطر هر چئن ڪلاڪن بعد نوٽ ڪئي وڃي ٿي. ان معاملي ۾ هڪ ڳالهه جيڪا اهم آهي ۽ گهرجي پاتين کي جاڻ هئڻ کپي، اها هيءَ ته فريزر مان اوترو گوشت ڪيجي جيترو ان ڏينهن رڌڻو هجي. ان ڪري حساب مطابق ٿيلهيون ناهي رکجن. ڇو جو هڪ دفعو فروزن گوشت کي ٻاهر ڪڍي نارمل ٽيمپريچر تي آڻڻ بعد ان کي وري ٻيو دفعو فريز نه ڪجي. ڇو جو ٻئي دفعي فريز ڪرڻ سان ان مان وٽامن ۽ پروٽين ختم ٿيو وڃن. پر اسان وٽ اڪثر اها پرئڪٽس رهي ٿي ته هر دفعي گوشت يا قيمي جي پيالي کي روم ٽيمپريچر تي آڻي، ضرورت جيترو گوشت ڪڍي باقي کي وري فريز ٿيڻ لاءِ رکيو وڃي ٿو. ٻيو ته نهيو منهنجي زال جيڪا شاديءَ بعد 8 سال ڪن مون سان گڏ جهاز تي رهي ۽ ڏسندي رهندي ته ان معاملي ۾ اسين ڪيڏو خبرداري ڪان ڪم وٺنداهئاسين، اها به گهر ۾ ساڳي غلطي ڪندي رهي ٿي. منهنجو هڪ ڪلاس ميٽ چيف انجنيئر راشد ڪاظمي چوندو آهي ته "هٰذا قومٌ جاهلون ....."يعني منهنجي زال جا هي ڪم ڏسي نه پر اسانجي ملڪ جي ٽي وي تي ڪنهن ڪمپني جي ايئرڪنڊيشنر جو اشتهار ڏسي.......... جنهن ۾ اشتهار ۾ ڏيکاريو ويندو آهي ته اهو ايئرڪنڊيشنر ڪمري کي اهڙو ته ٿڌو يخ بنائي ٿو جو ان جو سئچ آن ڪرڻ ڪان اڳ هڪ ٽرڙو ڇوڪرو ڪوٽ سئيٽر پائي، مٿي تي گرم ٽوپي ۽ ڳچيءَ کي مفلر سان ڍڪي ٿو ۽ پوءِ ايئر ڪنڊيشنر جو سئچ آن ڪري ٿو. جيئن ئي ايئرڪنڊيشنر هلي ٿو ته هو ڏڪندي وات مان سين سين جا آواز ڪڍي ٿو ڄڻ برف باري ٿي رهي هجي! اسان وٽ اها سوچ آهي ته ايئرڪنڊيشنر اهڙو ٿڌو هجي جهڙو سخت سيارو. اونهاري ۾ ڪوٽ سئيٽر پائي ايئر ڪنڊيشنر هلائڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ ڪيترا ماڻهو 9 يا 10 تي ٿرمواسٽئٽ رکي پوءِ سوڙون پائي سمهن! انگريز به اسانجا اهي ڪم ڏسي منهن مٿو پٽيندا هوندا!

ايئرڪنڊيشنر جو ڪم سيارو آڻڻ ناهي. بس ٿوري گهٽي ٿڏڪار ضرور ڪري جيڪا 26 ڊگرين تائين محدود رکي وڃي ٿي. ڇو جو سنڌ جي اونهاري واري گرمي ۾ ڪمري کي گهٽو ٿڌو ڪري پوءِ ٻاهر نڪهه اس ۾ نڪرڻ سان ماڻهو بيمار ٿي پئي ٿو. آمريڪا جي رياست ٽيڪساز جي موسم به سنڌ ۽ ملتان جهڙي آهي پر آئون آمريڪا جي انهن رياستن ۾ ڏسندو آهيان ته آفيس توڙي گهرن ۾ 25 يا 26 ڊگرين تي ٿرمواسٽئٽ set ڪيو وڃي ٿو. ايئرڪنڊيشن جو مطلب اهو ناهي ته ڪوڪمري کي ڪولڊ اسٽوريج ناهجي جنهن ۾ دفن ڪرڻ ڪان اڳ مردا رکيا وڃن ...... پر ايئرڪنڊيشنر جو ڪم آهي ڪمري جو ٽيمپريچر pleasant بنائڻ ..... يعني 25 يا 26 ڊگريون ڪافي آهي.

دراصل ايئرڪنڊيشنر جا اهم ڪم آهن:

1. هوا کي فلٽر ڪر ڌوڙ، دونهين ۽ جراثيم ڪان پاڪ ڪرڻ ۽

2. هوا مان نمي يعني پاڻي ٻاهر ڪڍڻ. ڇو جو Humidity نهايت خراب شيءِ ٿئي ٿي. انسان کي گرمي ايذي تڪليف نٿي پهچائي جيڏي گهمَ! .... پر اسان وٽ انهن ڳالهين جو احساس ناهي ..... رڳو ٿڌڪار پيدا ڪرڻ تي زور آهي. سياري ۾ 5 ڊگريون ٿڌ ٿي ويندي ته به نه جوراب پائبا ۽ نه سئيٽر .... پلي نمونيا ٿي پوي .... باقي اونهاري ۾ AC جي پيدا ڪيل 20 ڊگريون ٿڌڪار تي ڪوٽ ۽ مفلر ويڙهي وهڻ کي وڏ ماڻهپي سمجهندا. پيائي توهان کي اهڙو سيءُ ٿو لڳي ته ڪٽي ٿڌڪار گهٽ ڪريو ...ملڪ سڄي ۾ بجليءَ جو بحران لڳو پيو آهي، ڪيترا ته فقط پنڪو (fan) هلائڻ لاءِ پريشان آهن.

# شاگرد ڏنگا آهن يا استاد جاهل

پنتي تو نظر وجهان ته مونکي هر تعليمي اداري ۾ تمام سنا ٽيچر مليا. ايماندار، محنتي، پنهنجي سبجيڪٽ جي ڄاڻ رکڻ وارا ۽ هنن لاءِ خوشي جي فقط اها ڳالهه هوندي هئي ته سندن شاگرد سنين مارڪن سان پاس ٿين. سندن پڙهائڻ، سمجهائڻ ۽ ٽيسٽ وٺڻ جي طريقن مان آئون ڏاڍو متاثر رهيس ٿي. شايد اهو سبب هجي جو مون به ماستر ٿي انهن استادن جي نقش قدم تي هلڻ چاهيو ٿي. عادت موجب ڪا نئين ڳالهه ڪرڻ جي چڪر ۾ پڙهندو مئرين انجنيئرنگ (جهاز ناهڻ، هلائڻ ۽ خرابيون دور ڪرڻ جي انجنيئري) رهيس پر ذهن تي هر وقت ماستر ٿيڻ جو ڀوت سوار رهيو ٿي. موڪلن ۾ ڳوٺ ايندو هئس ته اتي جي ڪاليج ۾ پڙهائيندو هوس. ستر واري ڏهي ۾ سگا جي سهڪار سان NJV اسڪول ڪراچي ۾، شام جو سول سروس (CSP) جي امتحان لاءِ شاگردن کي مفت پڙهائڻ شروع ڪيو ويو ته مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مون به رضاڪاراڻا طور پڙهائڻ قبول ڪيو. صبح جو جهاز تي ڊيوٽي ڪري شام جو شاگردن کي سائنس پڙهائيندو هوس. شاگرد يا سگار وارا چوندا هئا توهان کي شاباس هجي پر مونکان وڌيڪ شاباس جا مستحق سائين سراج ميمڻ ۽ مظهر صديقي (اڳوڻو V.C)هئا، جن مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو. مونکي حيرت ٿيندي هئي ته هو صاحب وڏا آفيسر هجڻ جي باوجود شاگردن سان بيحد شفقت سان پيش ايندا هئا. ادا مظهر انهن ڏينهن ۾ سنڌ گورنمينٽ ۾ سيڪريٽري هو. وقت تي آفيس ويندو هو جتان ڇئين بجي NJV اسڪول پهچي ويندو هو.

جهاز سمنڊ تي هوندو هو ته جونئر انجنيئرن کي هفتي ۾ ٽي ڏينهن پڙهائيندو هوس. انهن ڏينهن ۾ گورن (يورپين، انگريزن) توڙي اسان ايشين جي اها سوچ هوندي هئي ته ٻئي کي جهاز جي معلومات نه ڏجي جيئن هو امتحان پاس ڪري متاهين پوسٽ (چيف انجنيئر) تائين نه پهچي، بين جهازن جا ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر مونکي جهليندا هئا پر مونکي اها ڳالهه  ڪڏهن به پسند نه آئي. مونکي پنهنجن زيردستن کي پڙهائيندي ۽ معلومات ڏيندي خوشي ٿيندي هئي. ان مان مونکي به فائدو ٿيندو هو. اهي ڪم جيڪي عام صورت ۾ فقط جهاز جي چيف انجنيئر کي ڪرڻا پون ٿا انهن ۾ هو به منهنجي مدد ڪرڻ  لڳا ۽ مونکي ساهي پٽڻ لاءِ وقت ملي ويو ٿي.

ڏهه ٻارهن سال لڳاتار جهاز هلائيندو رهيس. انهيءَ وچ ۾ شادي ٿي، ٻار ٿيا. ٻار وڏا ٿيا ته هنن لاءِ پڙهائي يعني اسڪول جو مسئلو ٿيو ۽ مونکي جهاز کي ڇڏي ڪناري جي نوڪريءَ جو سوچڻو پيو. منهنجا ٻيا ڪلاس ميٽ به ان مسئلي ڪري جهاز ڇڏي مختلف ملڪن جي شپ يارڊن، بندرگاهن، سرڪاري شپنگ آفيسن يا خانگي جهازران ڪمپنين جي ڪناري وارين آفيسن ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. مونکي پڙهائڻ جو شوق هو سو ڪو تعليمي ادارو ڳولڻ لڳس ۽ يڪدم ايران، سنگاپور

۽ ملائيشيا جي مئرين اڪيڊمين مان آفر اچي وئي. مون ملائيشيا کي ترجيح ڏني جو ان پاسي جي علائقن ۾ جهاز هلائڻ ڪري مونکي توڙي ٻارن کي ملئي زبان سمجهه ۾ اچي وئي هئي. جيتوڻيڪ اڄ ان بابت افسوس ڪريان ٿو ته ملائيشيا بدران ايران ۾ نوڪري ڪريان ها ۽ فارسي سکڻ ڪري مونکي پڙهڻ لاءِ وڏو لٽريچر ملي وڃي ها. ملئي زبان ڪا اهڙي ناهي جنهن ۾ ادبي مواد هجي.

بهرحال ملائيشيا ۾ نوڪري جو فيصلو ڪيم. ڏور اوڀر سان واسطو رکندڙ هڪ جهازي دوست مونکي خبردار ڪندي چيو ته ”پڙهائڻ جو شوق اٿئي پر اهو ٻڌائي ڇڏيانءِ ته چيني شاگرد ڏاڍا ڏنگا مڙس آهن. سوچي سمجهي هن فيلڊ ۾ هن ملڪ جو رخ ڪجانءِ جو ملائيشيا جي اڌ آدمشماري چيني آهن.“ ملائشيا ۾ اڌو اڌ ڪٽي چيني نه هجن ۽ سرڪاري طرح سندن انگ 45 سيڪڙو هجي، اهڙا 45 سيڪڙو ملئي آهن جيڪي مسلمان ۽ هتي جا اصلي ماڻهو آهن جن کي بومي پترا سڏيو وڃي ٿو..... يعني هن ڌرتي جا پُٽ. باقي 10 سيڪڙو نندي ڪند جا آهن جيڪي اندين سڏجن ٿا. انهن مان وري سؤ مان ستر اسي ڏکڻ هندستان جا تامل آهن باقي سک، پناڻ، پنجابي، سنڌي هندو، بوهري، بنگالي ۽ سريلنڪن آهن.

سامونڊي زندگي جي پڙهائي توڙي نوڪري تمام محنت ۽ جوکائتي آهي ان ڪري هن تعليمي اداري ۾ ملئي شاگرد پنهنجي طبيعت جي حساب سان ٿورا ايندا رهن ٿا. گهڻائي چينين جي آهي. بهرحال مون ملائيشيا ۾ ڏهه سال کن لڳاتار پڙهايو ۽ مئرين انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جو هيڊ ٿي رهيس. منهنجون Observations هن ريت آهن: ملئي شاگرد نهايت شرميلا ۽ خاموش مزاج جا آهن. ايڏا ذهين ۽ محنتي نه آهن ۽ نه وري negative سوچ رکن ٿا..... منهنجو مطلب آهي ته امتحانن ۾ ڪين سوال جا جواب ياد نه هوندا ته پيپر ڇڏي ويندا. امتحان هال ۾ بينل استادن کان اجائي کوٽ کوٽ ڪري جواب معلوم ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندا ۽ نه وري ڪاپي ڪندا. ان ڪان هو فيل ٿيڻ کي ترجيح ڏين ٿا. چيني چوڪرا محنتي ۽ ذهين ٿين ٿا. بنيادي تعليم انگريزي ميڊيم اسڪولن مان حاصل ڪرڻ ڪري هنن جي انگريزي سٺي آهي ۽ بنا ڪنهن شرم ۽ هٻڪ جي ليڪچر ڏيڻ واري ٽيچر کان سوال پڇندا رهن ٿا. سندن ڪي ڪي سوال ته سندن ذهانت جي صاف صاف نشاندهي ڪن ٿا. دراصل اهڙين ڳالهين ڪري اسان جا ڪيترا ٽيچر منجهيو پون، خاص ڪري اهي جيڪي پنهنجي سبجيڪٽ ۾ پڙ نه هجڻ ڪري هنن جي سوالن جا جواب ڏيڻ کان قاصر ٿين ٿا. اهوئي سبب آهي جو اسانجي ملڪ جا ڪيترائي ڪئپٽن ۽ جهازن جا چيف انجنيئر جيڪي طوفانن ۾ ته ثابت قدم رهيا پر گهٽ جاڻ ۽ گهٽ سامونڊي تجربي ڪري هن قسم جي شاگردن جي سوالن جي طوفانن اڳيان بيهي نه سگهيا ۽ ٽيچنگ ڇڏي وري وڃي جهاز هلايا.

دراصل ڳالهه اها آهي ته ساموندي نوڪريءَ ۾ هر هڪ جي ترقي سفارش تي نه پر امتحان پاس ڪرڻ تي ٿئي ٿي. هر پروموشن لاءِ 21 مهينا جهاز هلائڻ بعد امتحان ٿئي ٿو ۽ نيٺ آخر ۾ انجنيئرنگ ڪئڊٽ وڃيو چيف انجيئر ٿئي ۽ ناٽيڪل ڪئڊٽ جهاز جو ڪئپٽن ٿئي ٿو. هي امتحان بين الاقوامي قسم جا ٿين ٿا ۽ جيتوڻيڪ هر مهيني ۽ هر ملڪ ۾ ٿين ٿا، پر هر امتحان ۾ ورلي ڪو هڪ ٻه شاگرد پاس ٿئي ٿو. لکت جي امتحان کان علاوه اورل به ٿئي ٿي جيڪا پاس ڪرڻ ضروري آهي. اورل ۾هر شاگرد جي خبر پئجيو وڃي ٿي ته هن کي جهاز هلائڻ جي ڄاڻ ۽ مشڪل کي منهن ڏيڻ جي همت آهي يا نه! صحيح جواب سي به پوري اعتماد سان ڏيڻ تي هن کي پاس ڪيو وڃي ٿو. فقط هڪ اڌ غلط جواب ڏيڻ تي هن کي فيل ڪيو وڃي ٿو جيئن هو وڌيڪ پڙهي وري ٻئي مهيني امتحان ۾ وهي. فيل ٿيڻ کي ايڏو خراب نه سمجهيو ويندو آهي پر ڪو شاگرد ڪنهن اهڙي سوال جو جواب غلط ڏيو ٿو وڃي جنهن جو واسطو جهاز يا جهاز ۾ سوار ماڻهن جي سلامتي سان آهي ته هن کي هڪ طرف فيل ڪيو وڃي ٿو ته ٻئي طرف سزا خاطر ٽي مهينا يا ڇهه مهينا Sea Time ڏنو وڃي ٿو. يعني هن کي پڙهائي ڇڏي جهاز تي رهڻ لاءِ ٽيڙ بدڻا پون ٿا. ۽ پوءِ اهو ضروري ناهي ته جهاز جو سفر اوترن مهينن جو ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن ته واپس هوم پورٽ ۾ ورڻ ۾ سال سوا سال لڳيو وڃي. ان ڪري چيني جهازران شاگرد ڪلاس روم ۾ گهٽي ڪان گهٽي معلومات حاصل ڪرڻ جا خواهشمند ٿين ٿا جيئن ڪين Sea Time واري سزا نه ملي ۽ انهن ٻن يا ٽن مهينن جي تعليمي ڪورسن لاءِ ڳريون فيون ڏين ٿا. چيني ماڻهو بنيادي طرح ڪنجوس ۽ واپاري طبيعت جا آهن ان ڪري هو پنهنجي ڏنل پئسي جي پائي پائي جو فائدو وٺڻ چاهين ٿا ۽ اسان جا اهي ٽيچر جيڪي Casual طور نوڪري ڪن ٿا اهي ههڙن شاگردن جي پڇيل سوال مٿان سوال جو جواب نه هجڻ تي ناڪ آئوٽ ٿيو وڃن ۽ پوءِ اهوئي سمجهن ٿا ته چيني شاگرد ڏنگا آهن.

دراصل چيني شاگرد ڏنگا نه آهن پر هنن کي پنهنجي مستقبل جو فڪر رهي ٿو. هو وقت برباد نٿا ڪرڻ چاهين. هو ڪلاس روم ۾ ويهي اباسيون نٿا ڏيڻ چاهين. هو پنهنجي دماغ ۾ دفن ٿيل سوالن جا جواب چاهين ٿا. اهي سوال اڪثر جهاز ۾ ٽيندڙ مسئلن بابت هوندا آهن ته طوفانن ۾ هيئن ٿي پوي ته ڇا ڪرڻ کپي. فلاڻي قسم جي شيءِ (ڪپڙي، اناج، تيل.........) کي باهه لڳي وڃي ته ڇا ڪجي، انجڻ جو فلاڻو حادثو ٿي پوي ته ان کي سمنڊ تي ڪيئن صحيح ڪجي...... اهڙا سوين سوال...... جن جا جوابَ شايد ڪتابن ۾ به موجود نه هجن ته انهن جوابن کي ڪتابن ۾ ڳولڻ لاءِ هنن کي ٽائيم ڪٿي! هو ته اهوئي چاهين ٿا ته سندن ٽيچر جنهن سالن جا سال جهاز هلايو آهي اهو پنهنجي تجربي مان کين يڪدم جواب/حل ٻڌائي. هونءَ به سني استاد جو ڪم آهي پڙهائڻ يعني ڳالهائڻ، گفتگو ڪرڻ. توهان جي ٻارن کي ٽيوشن پڙهائڻ واري مِس (ماسترياڻي) يا ماستر، جي هنن سان گفتگو تو ڪري، يعني سائنس، انگلش يا مئٿس جا حسابَ سمجهائي ٿو، ليڪچر ڏئي

ٿو ته اهو سنو آهي. پر اهي ٽيوشن پڙهائڻ وارا جيڪي ٻارن کي لکڻ يا خود پڙهڻ جهڙن ڪمن ۾ مشغول رکن ٿا اهي بيڪار ٿي ٽوٽي آهن.

اهي ڳالهيون نڪتيون آهن ته اهو به لکندو هلان ته ملائيشيا ۾ اسان پڙهائڻ وارن کي روزانو شامَ جو پنهنجي گهر ۾، اينڊز ڏينهن جو ليڪچر تيار ڪرڻو پوندو هو. Notes خود ٽائيپ ڪري فوٽو اسٽيٽ يا سائڪلو اسٽائيل ڪرڻا پوندا هئا ۽ OHP ٽرانسپيرنيسيز ۽ ماڊلن ذريعي سمجهائڻو پوندو هو. ملئي شاگرد خاموش وينا هوندا هئا ۽ اهوئي سوچيندا هئا ته مولا مينهن وساءِ ته ڪانئر چٽن ڪم ڪان، پر چيني چوڪرا طوفاني بارشن ۾ به ڪلاس روم ۾ پهچي ويندا هئا ۽ هو نه چاهيندا هئا ته پيرڊ جا ڪجهه منٽ به ڪي ضايع ٿين. مونکي شروع وارا ڏينهن ياد آهن ته هڪ دفعي ليڪچر دوران ڪنهن شاگرد کي جهاز جو ڪو مشيني پرزو سمجهه ۾ نه پئي آيو ته مون چاڪ ڪٽي ان پرزي جي بورڊ تي اسڪيچ ٺي ناهي ته هو رڙ ڪرڻ لڳا ته سر ائين ته نه ڪريو.

توهان ان جو مطلب سمجهيو؟ هنن جو مطلب هو ته ڊرائنگ نه ناهيو جو ڊرائنگ ناهڻ سان بيو نه ته گهٽ ۾ گهٽ ڏهه پندرهن منٽ ضايع ٿي ويندا. اهو ٽائيم به سندن سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ لڳايان.......... پر پهريون دفعو آئون به سمجهي نه سگهيو هوس جو مون يڪدم ان جو سبب پڇيو ته هڪ شاگرد اٿي چيو ته سائين مهرباني ڪري ان مشين جي ڊرائنگ گهران ٽرانسپرنسي تي ناهي سياڻي اسان کي Display ڪري ڏيکارجو.

هڪ دفعي هڪ شاگرد جهاز جي ڪنهن ٽرم جي definition پڇي. هيءَ به شروع وارن ڏينهن جي ڳالهه آهي پوءِ ته آئون پاڻ به خبردار ٿي ويس. بهرحال مون ڪيس ٻڌائي ان بعد سيني کي چيم ته اها ٽن سٽن جي ڊيفينيشن نوٽ ڪري ونو. هڪ چيني شاگرد اٿي چيو.

"How about providing us with handout"

يعني ڪلاس روم ۾ لکڻ تي هو وقت چو وڃائين. مونکي گهران ٽائيپ ڪري ٻئي ڏينهن کين هئنڊ آئوٽ مهيا ڪرڻ کپي.

منهنجا پڙهندڙ ان مان اندازو لڳائي سگهن ٿا ته ترقي ڪندڙ قومن جي شاگردن کي علم پرائڻ جي ڪيڏي جستجو رهي ٿي. هو ڪيڏي محنت ڪن ٿا ۽ وقت جو قدر ڪن ٿا.

# ماستري ڪو سولو ڪم ناهي......

ملائيشيا کي خودمختياري يا ڪٽي چئجي تہ انگريز راڄ کان آزادي، پاڪستان کان گهٽ پوءِ 1957ع ۾ ملي پر ان وقت بہ ملائيشيا ۾ ايترا تعليمي ادارا يعني اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون نہ هيون جيتريون پاڪستان ۾ ڏهہ سال اڳ 1947ع ۾ هيون. منهنجي ڳالهہ جو مطلب اهو آهي تہ هي جيڪي اڄ جا نوجوان ملائيشيا جي تعليمي نظام مان متاثر آهن (۽ واقعي ٿيڻ بہ کپي جو بدقسمتي سان اسان وٽ تعليمي نظام صحيح رفتار سان اڳتي وڌڻ بدران پنتي ٿي ويو آهي) انهن کي ڄاڻ هجڻ کپي تہ تعليمي ادارن ۾ اسانجو ملڪ گهٽو گهٽو اڳتي ۽ ترقي يافتہ هو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ملائيشيا جنگلن جو ملڪ آهي ۽ بقول هتي جي ماڻهن جي ملئي ماڻهو ڪير آهن .... جنگل جا ماڻهو تہ آهن! پر يارو هڪ ڳالهہ آهي: هن ملڪ جي ماڻهن ۽ هتي جي حڪومتن شروع کان ٻن ڳالهين تي وڏو ڌيان ڏنو. هڪ تعليم ڪاتي ۽ ٻيو پوليس ڪاتي تي. ايتري قدر جو 1987ع ۾ جڏهن ڪوالالمپور ۾ ڪامن ويلٿ ملڪن جي سربراهن جي ڪانفرنس ٿي هئي تہ آخري ڏينهن تي انگلئنڊ جي راڻي ايلزبيٿ ملائيشيا جي متين ادارن: تعليم ۽ پوليس جي ڏاڍي تعريف ڪئي هئي. ملائيشيا جي حڪومت کي شروع کان ان ڳالهہ جو اونو رهيو.

پاڪستان ۾ مئرين اڪيڊمي 1963ع ۾ کلي. هتي ملائيشيا ۾ 1982ع ڌاري، جنهن لاءِ مونکي بہ سڏايو ويو هو ۽ مون سمنڊ تي جهاز هلائڻ ڇڏي ڪناري جي پڙهائڻ واري نوڪري شروع ڪئي. بلڪ آئون انهن چند ماڻهن مان آهيان جن هيءَ اڪيڊمي شروع ڪئي. ملڪ جي نئين وزير اعظم ڊاڪٽر مهاتير کي شوق هو تہ سندس ملڪ جا نوجوان ٻاهر وڃي جهازراني ۽ جهاز سازي جي تعليم وٺڻ بدران پنهنجي ملڪ ۾ حاصل ڪن. هن کي وزير اعظم ٿئي اجان هڪ سال ٿيو هو. اها بي ڳالهہ آهي تہ هو 1981ع کان وٺي 2003ع تائين ٻاويهہ سال ملڪ جو وزير اعظم رهيو ۽ اهو سمورو وقت، منهنجو سندس ملڪ سان واسطو رهيو. بلڪ ان کان بہ ٽيرهن چوڏهن سال اڳ 1968ع کان وٺي، منهنجو جهاز رستي، هن ملڪ ملائيشيا ۾ اچڻ وڃڻ شروع ٿيو هو. بهرحال مون ڏنو تہ هن (مهاتير) ڪيترائي وڏا وڏا ڪم ڪيا جن لاءِ مخالف پارٽيءَ ڏاڍي تنقيد ڪئي ۽ هنن کي پڪ هئي، بلڪ حيرت جي ڳالهہ آهي تہ اسان جهڙن ڌارين کي بہ لڳندو هو تہ مهاتير بيوقوفي پيو ڪري ۽ ملڪ جو خزانو برباد ٿي ويندو پر هر دفعي مهاتير جي ڪاميابي ٿي ٿي ۽ انهن پروجيڪٽ ذريعي ملڪ ۾ پئسو اچڻ شروع ٿيو ٿي. جيئن پروٽان ڪار شروع ڪرڻ، پينانگ ٻيٽ واري ڏگهي ۾ ڊگهي پل، پيٽروناس ٽاورس واري عمارت، مونو ريل ۽ ٽرامون، مختلف يونيورسٽيون ۽ ٻيا انيڪ تعليمي ادارا، وغيره.

مئرين اڪيڊمي جنهن لاءِ اسان سمنڊ جي نوڪري ڇڏي ملائيشيا جي تاريخي شهر ملاڪا ۾ اچي رهڻ اختيار ڪيو، مهاتير سان گڏ سندس زال ڊاڪٽر سيتي هاسما جي اولين خواهش هئي ۽ آئون ڏسندو هوس ته شروع وارن سالن ۾ ٻئي ڄڻا: زال مڙس، اڪيڊمي جي هر فنڪشن تي ڪوالالمپور کان ڪَهي ملاڪا اچي نڪرندا هئا ۽ اسان پڙهائڻ وارن جهازي ڪئپٽنن ۽ چيف انجنيئرن سان خوب فري ٿي خبرون ڪندا هئا. هي اڄ کان ٽيهارو سال اڳ جي ڳالهه آهي جڏهن دهشت گردي يا مارڌاڙ جهڙا فئشن وجود ۾ نه آيا هئا ۽ هن ملڪ ۾ ته بيحد امن امان هو. 1990ع تائين ته رياست جي گورنر ۽ وزير اعليٰ جي آفيسن جا دروازا کليا پيا هوندا هئا. انگريزن جي ڏينهن جون هي آفيسون وچ شهر ۾ هونديون هيون. منهنجو ته ڪير به هم وطني مون وٽ ملاڪا ايندو هو ته ڪيس شهرَ جو چڪر ڏياري ڪڏهن وزير اعليٰ وٽ ته ڪڏهن گورنر وٽ اچي چانهه پياريندو هوس. منهنجي ملڪ جي ماڻهن ڪي، جن لاءِ هتي جو ماحول اوپرو هو، حيرت ٿيندي هئي ته هتي جو عام ماڻهو به بنا ٽائيم ونڻ جي رياست (صوبي) جي اعليٰ آفيسرن سان ملندو رهي ٿو ۽ ڪين پوليس جو وڏو عملدار به SIR چئي مخاطب ٿئي ٿو. اهو ان ڪري جو هتي جا آفيسر ڪامورا سمجهن ٿا ته هو عوام جا نوڪر آهن ۽ اهي عوام جا ڏنل ٽئڪس آهن جن مان ڪين پگهار ملن ٿا يعني سندن ٻچا پلجن ٿا. ساڳي وقت ڏوهه ڪرڻ تي ڪنهن جي به بخشش نٿي ٿئي چاهي هو رياست جي والي (سلطان) جو پٽ هجي يا ملڪ جي بادشاهه جو!

مهاتير کان علاوه هاڻوڪو وزير اعظم نجيب ۽ اڳيون احمد بداوي جيڪي ان وقت راندين جا يا تعليم جا وزير هئا اسان جي اڪيڊمي ۾ ايندا رهندا هئا ۽ انهن سان فري ٿي ڳالهائبو هو. ملئي زبان سمجهڻ جي ناتي آئون اڪثر چرچا يوڳ به ڪندو رهندو هوس. پر هڪ ڳالهه آهي ته ڪين شاگردن جي تعليم، صحت ۽ راندين روندين جو وڏو فڪر هوندو هو. هينئر وارو وزير اعظم نجيب ته پاڻ به چيي پائي اسان سان گڏ فٽ بال راند ڪيڏندو هو. سندس والد عبدالرزاق ملڪ جو ٻيو وزير اعظم هو پر مهاتير سڀ جو هوندي بيحد ذهين، پورهيت ۽ قابل لڳو ٿي. هونءَ به هتي (ملائيشيا) ۾ اهو مشهور آهي ته اهي ملئي ماڻهو جن جي ماءُ يا پيءُ چيني يا انڊين آهي اهي تيز تين ٿا. مهاتير جو به پيءُ انڊيا جي صوبي گجرات کان نندي هوندي ملائيشيا جي رياست ڪيداح ۾ آيو هو ۽ هڪ ملئي ڇوڪريءَ (مهاتير جي والده) سان شادي ڪيائين. مهاتير پاڻ به پنهنجي وقت جو سنو شاگرد هو. پڙهائي ۾ هوشيار هو ۽ هن پنهنجي قوم جي نوجوانن کي پاڻ جهڙو ڏسڻ چاهيو ٿي، خاص ڪري هن نئين اڪيڊمي جي ڪئڊٽن کي ، جو هيءَ اڪيڊمي سندس شوق ڪري کلي هئي. پڙهائڻ لاءِ مختلف ملڪن جي تجربيڪار ڪئپٽنن ۽ چيف انجنيئرن کي آندو ويو هو، جن جو نه فقط تعليم ۾ پر جهازراني ۾ به نالو هو. هو هر وقت ان ڳالهه تي زور ڏيندو هو ته نه رڳو ٽيچر سنا هجن پر شاگردن جي به ميرٽ تي چونڊ ڪئي وڃي. هڪ ڏينهن لنچ دوران خبرون ڪندي

مهاتير خلا ۾ گهوريندي چيو تہ خبر ناهي اسان بسم الله ڪيئن ڪئي آهي. هن جو مطلب هو تہ خبر ناهي پڙهائڻ وارا ڪيئن آهن. مون ادب سان چيو تہ سائين ان جي خاطري توهان هنن جي سرٽيفڪيٽن مان ڪري سگهو ٿا.

”نہ“ مهاتير وراڻيو ۽ پوءِ چوڏاري ويٺل اسان ڌارين ملڪن جي جهازران ٽيچرن ڏي مرڪندي چيو ”سڀني ٽيچر جو ٽيسٽ اهو آهي تہ امتحان ۾ سندن شاگرد ڪيڏو سٺي طرح پاس ٿين ٿا.“

”ڪين موڊ ۾ ڏسي مون يڪدم چيو ”سر! پلا سٺي سياستدان جو ڇا ٽيسٽ آهي؟“

ڪانئس ٺهڪ نڪري ويو. اسانجي ملڪ جو ماڻهو ضرور حيرت ڪائيندو هوندو تہ مون هڪ ٽيچر ٿي ڪري ملڪ جي وزير اعظم کان ان قسم جي سوال پڇڻ جي جرئت ڪيئن ڪئي! پر هتي سال کن نوڪري ڪري ۽ ان کان اڳ ڏهہ سال کن هن تر ۾ جهاز هلائي، آئون هن ملڪ جي مزاج کي سمجهي ويو هوس تہ هتي جا سياستدان، وزير، حاڪم پاڻ کي عوام جو خادم سمجهن ٿا ۽ هنن ۾ اها ٽيڙي ۽ ٺون ڦان ناهي جيڪا اسان جهڙن ملڪن ۾ عام آهي. ٻي ڳالهہ تہ ملائيشيا ۽ سنگاپور جهڙن ملڪن ۾ هڪ ماستر جي وڏي عزت آهي ۽ مهاتير جي دل ۾ تہ هيڪاندي گهڻي آهي جو سندس والد بہ ٽيچر هو.

بهرحال مهاتير کلندي چيو ”سياستدان جو ٽيسٽ ٻڌائين؟“

”ضرور داتڪ (ڏاڏا).“ انهن ڏينهن ۾ ڪين داتڪ جو لقب مليل هو ۽ اسان سندس نالو وٺڻ بدران پيار مان داتڪ چوندا هئاسين. هونءَ بہ داتڪ ملئي زبان جو عزت وارو لفظ آهي جنهن جي لفظي معنيٰ ڏاڏو.

مهاتير پنهنجي پٽونءَ مان هڪ رنگت (هتي جي ڊالر) جو نوٽ ڪڍي اسانجي اڳيان لهرائي چيو: ”جنهن ڏينهن ڏسو تہ هن جو قدر ڪرندو وڃي تہ ان ڏينهن سمجهجوِ تہ آئون صحيح طرح نوڪري نہ پيو ڪريان.“

يارو! ان وقت ملائيشيا جو رنگت اسان جي ڇهن رپين برابر هو.....ڪرڻ بدران اڄ اهو ٽيهن رپين برابر وڃي ٿيو آهي. انهن ڏينهن ۾ اسانجي هڪ سؤ رپين ۾ چار آمريڪن ڊالر هئا، اڄ اسان جي سؤ روپين ۾ فقط هڪ ڊالر ملي ٿو!

مهاتير صاحب جي پهرين ڳالهہ بہ صحيح آهي. ڇو جو ملائيشيا ۾ فقط ڊگري ڏسي نوڪري نٿي ڏني وڃي چاهي اهو ڌاريون هجي يا سندن پنهنجو. ان ڪري اسان جي ڪيترن ماڻهن کي ملائيشيا (۽ ان معاملي ۾ سنگاپور ۾ بہ ) پڙهائڻ ڏکيو ٿو لڳي ڇو جو هتي ڪنهن شاگرد جي فيل ٿيڻ تي، يا سٺيون مارڪون نہ کڻڻ تي ان شاگرد جي نہ پر ان جي ٽيچر جي وٺ پڪڙ ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو پڙهائڻ وارو هڪ تہ چڱي طرح ليڪچر تيار ڪري اچي ٿو جيئن ٻڌڻ وارا

دلچسپي سان ٻڌن ۽ ان جي خاطري ڪرڻ لاءِ هن لاءِ ضروري ٿيو پوي ته ليڪچر دوران شاگردن کان سوال جواب به ڪندو رهي جيئن هو نه رڳو جسماني طرح ڪلاس ۾ حاضر رهن پر ذهني طرح پڻ، نه ته بي صورت ۾ شاگرد ماڪوڙيون ئي ڳڻيندا رهندا ۽ فيل ٿيڻ تي ٽيچر لاءِ مصيبت جو سبب بڻجندا.

چرچو مشهور آهي ته هڪ ڇَٽُ ماستر جي چڪاس لاءِ اسڪول انسپيڪٽر ڪلاس روم ۾ اچي وينو. ٽيچر مئٿس جو ڪو حساب بورڊ تي ڪرڻ سان گڏ سمجهائي به رهيو هو. آخر ۾ جواب لکڻ کان اڳ هن سوچيو ته اڳيان وينل ڇوڪري کان پڇان جنهن جي اک بورڊ تان هٽي ئي ڪانه ٿي يعني هو غور سان سمجهي رهيو آهي. سندس صحيح جواب ڏيڻ تي انسپيڪٽر به امپريس ٿي ويندو.

”ابا ڪهڙو انگ ٿيو؟“ ٽيچر پڇيو.

شاگرد: سائين ستاويهه.

ٽيچر: هان! ڇا چئي؟ ستاويهه!“

شاگرد: ها سائين 27 ماڪوڙيون ..... هاڻ ستاويهين ماڪوڙي ٽنگ ۾ ويندي......

دراصل هو ماستر صاحب جي ڪيل حساب کي غور سان ڏسڻ بدران، بورڊ جي مٿان سوراخ ۾ ويندڙ ماڪوڙين کي ڳڻي رهيو هو.......

هونءَ به چوندا آهن ته هوشيار ماستر کي شاگرد کان گهڻي پُڇ پُڇ نه ڪرڻ کپي. شاگرد جواب ۾ 27 چيو ته اهو چپ چاپ 27 لکي شاگرد کي شاباس ڏئي ڇڏي ها. پنيان وينل انسپيڪٽر ڪهڙو غور سان پئي ڏٺو ته ماستر صاحب ڪهڙو حساب ڪري رهيو آهي.... جنهن جو جواب ڇا هوندو.

پر ڪي انسپيڪٽر موڳا ۽ خاموش به نٿا رهن. هڪ مٿئين ڪيس جهڙي حالت ۾ ماستر صاحب شاگرد کان پڇيو 15 ۽ 15 گهڻو ٿيو؟

شاگرد وراڻيو: 34

ماستر: شاباس. ويري گڊ. ويهي رهه.

انسپيڪٽر حيرت مان ماستر صاحب کي چيو: ”ڪمال تا ڪريو! 15 ۽ 15 ته ٽيهه ٿيو تو هن نياڳي ڇوري کي دڙڪو ڏيڻ بدران شاباس ڏني؟ “

ٽيچر: ”سر! ان ڪري جو ڪالهه تائين هو 15 ۽ 15 چاليهه ئي ٻڌائيندو رهيو ٿي. اڄ هن ۾ ڪافي سڌارو آيو آهي ۽ هن 34 چيوآهي. الله چاهيو ته سڀاڻي 15 ۽ 15 ٽيهه ئي ٻڌايندو.

پر سائين ڪي ته بلا جا شاگرد ٿا ٿين. ٽيچر ڪٽي ڪهڙو به سوال پڇي هو صحيح جواب ٻڌايو وجن. هڪ اڌ مغزي ٽيچر هڪ شاگرد کان سوال پڇيو: ”منهنجي قميص جو ڪالر 15 انچ آهي

۽ منهنجو قد پنج فٽ اٺ انچ آهي. نيرن تي آئون روز ٻه بيضا کائيندو آهيان ۽ منهنجي واچ جي قيمت ٻه هزار رپيا آهي. ٻڌاءِ ته منهنجي عمر ڇا هوندي؟“

شاگرد ٿورو پوءِ ٻڌايو: 44 سال.

ٽيچر: شاباس! پر اهو ته ٻڌاءِ منهنجي صحيح عمر جي توکي ڪيئن خبر پيئي؟

شاگرد: سائين منهنجو پاءُ جيڪو اڌ چريو آهي ان جي عمر ٻاويهه سال آهي سو ان حساب سان توهان جي عمر ضرور 44 سال هوندي.

# پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسون.....

ملائيشيا جي اڌ کن آدمشماري مکاني ملئي ماڻهن جي آهي ۽ اڌ کن چينين جي آهي جيکي سؤ سال کن اڳ چين جي ڏاکڻي صوبي مان روزگار خاطر هن ملڪ ۾ آيا جيکو ان وقت ”ملايا“ جي نالي سان سڏبو هو.

چيني ماڻهن جي گهڻائي شهرن ۾ رهي ٿي، هو ٽيڪنيڪل پورهئي جهڙوڪ ويلڊنگ، پلمبنگ، اليڪٽرڪ ويندي درزڪي، حجامڪي ۽ بزنيس ۾ تيز آهن. سنڌن عورتون ۽ ٻار ٻه ساڻن گڏ پورهئي ۾ رڌل رهن ٿا ۽ سادگي ۾ رهي پئسو بچائين ٿا ۽ ڏينهون ڏينهن وڃن امير ٿيندا. ملئي ماڻهو ڳوٺن ۾ رهن ٿا، سندن ائگريڪلچر سان گهڻو واسطو آهي، شادين مرادين ۽ ٻين شوبازين ۽ رسمن رواجن تي گهڻو خرچ ڪن ٿا. مستقبل جو گهڻو نٿا سوچين. صبر ۽ شڪر گهڻو ڪن ٿا..... چا ڪٽي چئجي ته توڪلي ماڻهو آهن. سنڌ ڪان آيل ڪيترا ٽوئرسٽ يا هتي ملائشيا ۾ نوڪري ڪندڙ اسانجا سنڌي ”ملئي ماڻهن“ کي اڪثر پاڻ سان مشابهت ڏيندا آهن. ظاهري طرح لڳندو ٻه ائين آهي پر ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن جن تي اڄ ٻه هتي جا ملئي ماڻهو قائم آهن پر افسوس جو اسان جي سنڌ ۾ اهي ڳالهيون ختم ٿينديون وڃن ..... انهن مان هڪ صبح جو سوير اٿڻ آهي. اسان ننڍا هئاسين، يعني اڄ ڪان سٺ پاهٺ سال اڳ جو زمانو ته ياد ڪريان ته اسين گهٽيءَ جا ٻار سج ايرڻ ڪان اڳ اٿي ويندا هئاسين. هاري ناري اونداهيءَ ۾ اٿي هلي ٻني ٻاري جي ڪندا هئا. هونءَ ٻه اُهي ملڪ سوڊان، مصر ڪان انڊيا (راجستان وارو حصو) ۽ ڪينيا وغيره جهڙا، جتي سخت گرمي ٿئي ٿي اُتي ڪيتن جو ڪم منهن اونداهيءَ ڪان شروع ڪيو وڃي ٿو ۽ صبح جو سوير اٿڻ لاءِ رات جو هر ڪو جلدي سمهي رهي ٿو. پر اسان وٽ شهرن توڙي ڳوٺن ۾، اسانجا ماڻهو رات جو دير تائين پيا جاڳن....... توهان کي هوٽلن تي ڪچهري ڪندي نظر ايندا يا گهرن ۾ مرد توڙي عورتون ٻارن سميت ٽي ويءَ اڳيان ويٺل نظر ايندا. پوءِ صبح جو سوير هنن جي اک ڪيئن کلي؟ سنڌ ۾ ڪيترن زميندارن وٽ زمين تي يا واڙن تي پنجاب جا ماڻهو ڪم ڪن ٿا. پڇڻ تي هو ٻڌائين ٿا ته پنجابي محنتي آهن.

منهنجو ته پنهنجي ڳوٺ يا سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ڪڏهن ڪڏهن تو وڃڻ ٿئي. توهانکي ته وڌيڪ تجربو ۽ مشاهدو هوندو ته اهي گهر جن مان وڏا فجر نماز تي اٿن ٿا اتي ٻه سندن ٻار يا پوٽا پوٽيون صبح جو سوير اٿڻ بدران دير تائين ستا پيا آهن. هن ڀيري ٻه ڳوٺ جي ٻن ٽن گهرن ۾ ويس ته جوان چوڪرا جيکي ڪاليج جا شاگرد آهن اڳڻ ۾ ستا پيا هئا. ڏهه ٻارهن جو وقت هو، اڌ اڱڻ تي اس سان پرجي ويو هو، مکين پئي منهن پٽين پر هي منهن کي چادر سان ڍڪي موالين وانگر

وري جهوٽن ۾ هليا ويا ٿي. منهنجي پڇڻ تي مائرن کين پٽي اڻاريو. پڇيو مان بابا ڪاليج ڀاليج ناهي ويٺو ڇا؟ هر هڪ هن قسم جا Stereo ٽائيپ جواب ڏنا ٿي.

”انڪل پڙهائي ٿئي ڪانہ ٿي. ليڪچرار ئي نٿا اچن وغيره وغيره.

ڳوٺ ۾ جتي اسانجو اباڻو گهر آهي اهو بيحد ڳتيل علائقو آهي. پاڙي جي هر گهر ۾ جتي اڄ کان سٺ سال کن اڳ هڪ فئملي رهندي هئي اتي پتين پنيان پتيون ڏئي چار پنج گهر ٿي ويا آهن. يعني آدمشماري ٽيٽي چئوٽي ٿي وئي آهي پر مختلف ڪندڻ کان جيڪي ان وقت ٿي چار مسجدون هيون اڄ بہ اهي ئي آهن. اسان جڏهن ننڍا هئاسين يعني ڇهين ستين ڪلاس تائين جيڪو وقت مون ڳوٺ ۾ گذاريو، انهن مسجدن ۾ فجر نماز تي ڪا هڪ ڏيڍ صف ٿيندي هئي، حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ اڄ جڏهن ماڻهن جو تعداد وڌي ويو آهي، صبح جو سوير اٿي فجر تي اوترائي ماڻهو اچن ٿا. فرق فقط اهو آهي تہ اڳ ننڍا وڏا پوڙها جوان نظر ايندا هئا، هينئر پوڙهن جي گهٽائي آهي. جوان اتي ۾ لوڻ برابر آهن ۽ اسان جي ٽين ايجرن کي مکيون پيون پٽين.

گهر جي پوڙهين کي چوندو آهيان تہ ”اڄ جڏهن سڄي دنيا ۾ بيروزگاري ۽ مقابلو وڌي ويو آهي ۽ ڊاڪٽري ۽ انجنيري پاس ڪرڻ وارن کي بہ نوڪري نٿي ملي. نوڪري هتي يا ٻاهر فقط انهن کي ٿي ملي جيڪي ٽاپ ٿا ڪن. توهان جا ٻار پڙهن بہ ٿا يا نہ؟“

”ها ابا سڄي رات ڪتاب ڪڍيو وينا آهن. رات جو ٻارهين ٻارهين کان وٺي ڪمپيوٽر يا ڪتابن تي وهن ٿا تہ پوئين پهر تائين وينا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اسين بہ پيون جاڳنديون آهن ۽ کين اقراتا ۽ بيضا تري ڏينديون آهيون.“

ان قسم جون ڳالهيون توهان بہ ٻڌندا هوندئو. آئون صديءَ جو چوٿون حصو ماستر ٿي رهيو آهيان هڪ ماستر جي حيثيت ۾ مونکي پنهنجي مائٽن، ڳوٺ جي ۽ وطن جي نوجوانن ۽ وڏن جا اهي حال ۽ ڳالهيون ٻڌي ڏک ٿو رسي. ڪن ڪن اسڪولن وٽان لنگهندي آئون مٿين درجي جي ڪلاسن ۾ گهڙي ويندو آهيان ۽ کين اها ئي نصيحت ڪندو آهيان تہ ”بابا ذهين ٻار اهو ٿئي ٿو جيڪو سوير سمهي ٿو سوير اٿي ٿو. توهان اهو جيڪو رات جو دير تائين پڙهو ٿا، جڏهن تہ توهان جا حواس ننڊ ڪڙا (drousy) هجن ٿا، توهان کي چڱي طرح سمجهہ ۾ هرگز نہ ايندو. بهتر آهي تہ سوير سمهي چڱي طرح ننڊ ڪري صبح جو سوير فريش مائينڊ سان اٿي پڙهو. ائين ڪرڻ سان هر ڳالهہ وڌيڪ سمجهہ ۾ اچي ويندؤ ۽ هي رات جو دير دير جو ويهي اقراتن جهڙيون ڳريون شيون کائڻ صحت لاءِ تہ سٺو ناهي.“

آئون هميشہ کين طوطي جو مثال ڏيندو آهيان تہ ان کي ڳالهائڻ سيکارڻ وارو هميشہ سج اڀرڻ کان گهٽو گهٽو اڳ سبق پڙهائيندو آهي يعني جملا رٽائيندو آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ هن کي بڪ

تي رکي پڙهائيندو آهي. پيٽ پريل کي ننڊ جا خمار رهن ٿا جن ۾ پکي هجي يا جانور يا انسان ڳالهه گهٽ سمجهي ٿو.

هيڏانهن ملائيشيا جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ چيني ته سوير ٿا اٿن پر ملئي ماڻهو به. ملئي ماڻهن کي پلي ڪٽي اسان سست چئون پر هو سج ايرڻ کان اڳ اٿن ٿا ۽ سمهن به سوير ٿا. عِشا نماز پڙهي نائين ساڍي نائين تائين سمهي رهن ٿا. وڏو چيهه ته ڏهين تائين جاڳندا ۽ ٻارن کي ته اٺين بجي ئي بستر تي موڪليندا جنهن لاءِ بار بار ٽي وي تي پٽي پئي هلندي آهي ته اٺ ٽيڻ وارا آهن ٻارن کي سمهاري ڇڏيو. اسان وٽ ٻارن جا ڪيترا پروگرام، ڪارٽونن سميت رات جو ٻارهين بجي به پيا ايندا! ڇا ته ظلم جي حد آهي. پر هتي ملائيشيا جپان وينڊي ايران ۾ ٻارن جا پروگرام صبح جو سوير ايندا يا شامَ جو پنجين ڇهين بجي ڌاري. ايران ۾ به ٻار سوير سمهن سوير اٿن. صبح جو ستين بجي ئي مارڪيٽون کليو وڃن ۽ آفيسن ۾ ڪم ڪرڻ وارا سوير ئي گهر لاءِ سيڌو سلف خريد ڪري پوءِ آفيس وقت تي پهچن.

خط استوا جي ويجهو هجڻ ڪري، ملائيشيا ۾ ٻارهوئي ئي هڪ ئي وقت تي سج ايري ۽ لهي ٿو. ڏينهن رات هڪ جيڏو ٿئي. ٻارهوئي هڪ ئي موسم ٿئي. صبح جو ٻارن جا اسڪول سوير ئي کلن ۽ ننڍا ننڍا ٻار منهن اونداهي ۾ اسڪول ڏي ويندا نظر اچن. ستين بجي اسڪول جا دروازا بند ٿيو وڃن ۽ پوءِ هڪ منٽ دير سان آيل ٻار کي به اندر اچڻ نه ڏين. ان ڊپ کان هر ٻار وقت اندر پهچيو وڃي. اها سختي جپان توڙي يورپ جي ملڪن ۾ ته آهي ئي آهي پر هتي اسان ملائيشيا جي ڳالهه ٿا ڪريون خاص ڪري هتي جي ملئي ماڻهن جي جن لاءِ اسان چئون ٿا ۽ گهڻي ڀاڱي حقيقت به آهي ته طبيعت ۽ مزاج ۾ اسان سان ملن ٿا. بلڪل ملن ٿا پر هو ڪجهه سٺين ڳالهين ڪري گهڻو خوشحال، پُرسڪون، تعليم يافته ۽ صحيح سياسي سوچ رکندڙ آهن. هو تعليم کي اهميت ڏين ٿا. اهو چوڻ ڪٽي صحيح نه هجي ته هو سنا مسلمان آهن جو ڳوٺن ۾ رهندڙ سڀ ملئي مسلمان نه آهن .....چيني ۽ انڊين تامل به آهن. ان ڪري اهو چوڻ ۾ ته ڪا غلطي نه ٿيندي ته هو سٺي اخلاق جا مالڪ آهن. چوري چڪاري، گلا غيبت، نشو پتو ۽ ٻين براين کان پاسو ڪن ٿا. اسان جي ڳوٺن ۾ به ڪنهن زماني ۾ اهي شيون نه هيون. اڄ کان اڌ صدي ڪن اڳ اسانجي ڳوٺ ۾ ٻيڙي ڇڪڻ يا مٿو اگهاڙو ڪري هلڻ به بداخلاقي سمجهيو ويو ٿي. اڄ اسان جي ڳوٺ ڳوٺ جو ڇا حال آهي! ڪنهن ڏاهي چيو ته انهن سيني براين جي پاڙ رات جو دير تائين جاڳڻ آهي. ملئي ڳوٺ جي هڪ عالم چيو ته ”جيسيتائين سندس ڳوٺ جا ماڻهو سج ايرڻ کان اڳ اٿندا رهندا هي ڳوٺ براين کان بچيل رهندو“

جپان ۾ جيڪي جپاني ماڻهن جي پاڙن ۾ رهيا هوندا، انهن کي خبر هوندي ته جپاني ٻار هفتي جا اسڪول وارا پنج ڏينهن ته صبح جو سوير اٿن ٿا پر ڇنڇر ۽ آچر ڏينهن به هنن کي دير

تائين سمهڻ لاءِ نٿو ڇڏيو وڃي. گهٽيءَ جي سيني ٻارن کي، اهي ٻه ڏينهن صبح جو سوير ٻاهر نڪري گهٽيءَ جي ليڊر جي چوڻ مطابق ڪا راند يا پي ٽي ڪرڻي پوي ٿي ۽ پنهنجي ڪاپيءَ تي هن کان صحيح وٺي سومر ڏينهن ڪلاس ٽيچر کي ڏيکارڻو پوي ٿو ته آئون موڪل وارن ڏينهن تي به سوير اٿيس. ''.....سوير سمهجي سوير اٿجي، اول ڏٺيءَ جو نالو ڳنهجي.....'' جهڙا بيت ۽ چوڻيون اسان وٽ آهن پر عمل ٻين ملڪن جا ماڻهو پيا ڪن.

اسان جي ماڻهن جو دير سان اٿڻ جي ڪلچر جو معلوم ڪري هڪ جپاني جهازران چيو ''توهان مسلمانن لاءِ ته هونءَ به فجر نماز جي ڪري سج اڀرڻ کان اڳ اٿڻ ضروري آهي. توهان رڳو ان تي عمل ڪريو ته توهان جو ملڪ ۽ قوم الائي ڇا ٿي وڃي.''

اسان ماڻهو بيحد حساس آهيون. ڪوڙيون سچيون تعريفون ٻڌي پيا خوش ٿينداسين، پر پنهنجو پاڻ ۾ بهتري آڻڻ لاءِ پاڻ تي تنقيد يا پنهنجي ڪوتاهي ٻڌندي ڪاوڙ لڳندي اٿئون. پاڪستان جي مئرين اڪيڊمي ۾ ڪجھ سال پڙهائڻ دوران مون ڏٺو ته جتي اسانجي ڳوٺن جي ڪجھ نوجوانن هر فيلڊ ۾ (پڙهائي، رانديون، پي ٽي پريڊ، تقرير، ڊيبٽ وغيره) ۾ نالو پيدا ڪيو آهي اتي ڪيترا پڙهائي ۽ ڊسيپلين جي سختي کان ڀڄي به ويا ٿي، جنهن جو جوابدار آئون هنن جي مائٽن کي قرار ڏيندس. مائٽ ئي آهن جيڪي هنن کي هيڪاندو لاڏلو ۽ ٽوتي بنائين ٿا، هنن ۾ خراب عادتون وجهن ٿا. نواب شاهه ضلعي جي هڪ ڳوٺ جي چوندجي آيل هڪ ڪئڊٽ جو هفتي ٻن بعد جڏهن ٻڌم ته هو اڪيڊمي ڇڏي گهر وڃڻ لاءِ ٻاهر ٻاري وينو آهي ته هن کي سمجهائڻ جي ڪيم ته هو خوش نصيب آهي جو ههڙي اداري ۾ چوندجي آيو آهي. اها ٻي ڳالھ آهي ته پڙهائي ۽ PT پريڊ جي سختي آهي پر هن کي سوچڻ کپي ته هو هڪ ڏينهن جهاز جو ڪئپٽن يا چيف انجنير ٿي ويندو ۽ نه فقط پاڻ پر سندس زالَ ۽ ٻار ٻچا به ساٿس گڏ جهازن تي دنيا جو سير ڪندا...... پر مون ڏٺو ته هن جي اڪيڊمي ۾ دل نه لڳي رهي هئي. آخر پڇيو مانس ته ڪهڙي تڪليف آهي ته هن ٻين ڳالهين کان وڌيڪ صبح جو سوير اٿڻ جي تڪليف ٻڌائي.

دراصل ههڙن تعليمي ادارن ۾ صبح جو سوير اٿڻو پوي ٿو. اسان جي ڏينهن کان وٺي يعني 1963ع ۾ جڏهن هيءَ مئرين اڪيڊمي چٽگانگ (هاڻ بنگلاديش) ۾ کلي هئي ته ان وقت کان هر هڪ کي فجر نماز کان اڳ اٿاريو وڃي ٿو. ان بعد پي ٽي، عمارت جي ڪلين شپ، پريڊ ۽ پوءِ ڪلاسز شروع ٿين ٿا. بهرحال اڪيڊمي ڇڏڻ واري مورو پاسي جي هن ڇوڪري کان پڇيم ته ''پٽ! يلا تون گهر ۾ ڪنهن وقت اٿندو هئين؟'' ته هن وراڻيو ''ڏهين ٻارهين ڌاري.'' واقعي اهڙي دير سان اٿڻ واري عاديءَ لاءِ صبح جو ڇهين بجي اٿڻ ڏکيو ڪم ٿيو. سندس روم ميٽ جيڪو جهلم پاسي جي ڪنهن ڏورانهين ڳوٺ جو هو ۽ هو بيحد خوش نظر اچي رهيو هو تنهن کان پڇيم ته ''هتي تو مزو اچئي يا پنهنجي گهر؟'' ته هن وراڻيو ته ''هتي!'' ۽ ان جو سبب هن اهوٻڌايو ته هن کي هتي

دير سان يعني ڇهين بجي اٿڻو پوي ٿو. ڳوٺ هن کي فجر کان ٻه ڪلاڪ اڳ اٿڻو پيو ٿي ۽ پيءُ سان گڏ ميل ڪن پري کان گهر لاءِ پاڻي ڀري اچڻو پيو ٿي ۽ پوءِ فجر نماز پڙهي، نيرن ڪري ٻه ميل ڪن پنڌ جا ڪري شهر جي ڪاليج ۾ وڃڻو پيو ٿي. شامَ جو ٻه راند ڪرڻ بدران پيءُ کي ڪم ۾ مدد ڪرڻي پئي ٿي ..... اڄ اهو نينگر ڪويت شپنگ ڪارپوريشن ۾ جهازن جو مشهور ڪئپٽن آهي.

# پرديسَ ۾ پنهنجن سان ويجهڙائي....

لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي جام شورو جا ٽي سنڌي ڊاڪٽر مون وٽ آيا. هنن کي برونائي ۾ نوڪري ملي هئي جنهن سلسلي ۾ هنن ڪجهه ڳالهيون پڇڻ ۽ منهنجي صلاح وٺڻ چاهي ٿي. اٿڻ مهل پڇڻ لڳا: ”سائين اتي رهندڙ پاڪستانين مان ڪي توهانجا سڃاڻو آهن؟

”نـ ڪو سڃاڻو هن وقت ذهن ٽي نـ اٿم پر بهتر آهي تـ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن سان گهڻو گهاٽو نـ ٿجو.“ مون چيو مان.

”يلا پنهنجي ڳوٺ جا سنڌي هجن تـ انهن سان تـ ملون يا نـ؟“ هنن پڇيو.

”انهن کان تـ اڃان بـ پري رهجو“، مون چيو مان، ”ٻيو تـ نهيو توهان پنهنجو پاڻ ۾ بـ فاصلو رکجو.“

منهنجي ان ڳالهه تي هنن کي بيحد حيرت لڳي ۽ ٿي سگهي ٿو پڙهندڙن کي بـ تعجب ٿيو هجي. پر پوءِ مون کين مختصر طور سمجهايو تـ آئون ڪو کين اهو نٿو چوان تـ هو پنهنجن سان منهن سُڄائي هلن...... يعني رُسي هلن. منهنجو مطلب اهو آهي تـ پرديس ۾ گڏ رهڻ يا هر وقت گڏ گهمڻ ۽ هڪ ٻئي وٽ گهڻو اچڻ وڃڻ کان پرهيز ڪندئو تـ هڪ ٻئي سان پيار محبت قائم رهندوَ، نـ تـ ٻي صورت ۾ گهڻو ويجهو رهڻ ۽ هجتي ٿيڻ جي End Result روسامو ۽ غلط فهميون ٿيون ٿين.

”هڪ ٻي ڳالهه تـ قدرت توهان کي هڪ نئين ملڪ ۾ ٽي سال ڪن رهڻ جو موقعو ڏئي رهي آهي تـ ان مان فائدو وٺي توهان مڪاني ماڻهن سان دوستي رکجو جيئن توهان اتي جي زبان ۽ ٻيون ڳالهيون هنن کان سکي سگهو ۽ توهان مان ڪنهن جو مڪاني دوست ڪا اهڙي ڪم جي ڳالهه ٻڌائي ٿو تـ توهان پنهنجن هم وطني دوستن کي بـ ان جو فائدو رسائي سگهو ٿا. ڇو جو آئون توهانکي اهو تـ نٿو چوان تـ اتي پهچي توهان ٽئي ڄڻا هڪ ٻئي سان ڪٽي ڪري ڇڏيو يا ڪو هم وطني پنجابي، پٺاڻ يا ڳوٺ جو سنڌي ملي تـ توهان ٻئي پاسي ڪٽي منهن ڦيريو. آئون رڳو اهو ٿو چوان تـ پنهنجن ۾ گهٽ چنبڙو، مڪاني ماڻهن جي گهڻو ويجهو وڃو جو هنن کي پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جي وڌيڪ خبر آهي ۽ ٿي سگهي ٿو هو توهان جي مستقبل کي بهتر بنائڻ لاءِ مددگار ثابت ٿين. ان کان علاوه اهو بـ چوندس تـ توهان ٽنهي مان هر هڪ پنهنجا پنهنجا دوست ناهي. ائين نـ تـ توهان سڀ هڪ سان دوستي رکي پوءِ پنهنجو پاڻ ۾ پيا مقابلو ڪريو.........“

پرديس ۾ ڇا آهي جو هر هڪ مشغول آهي. هر هڪ تي پورهئي ۽ نوڪري جا pressure آهن. پلي ڪٽي ڪو توهانجي ڳوٺ جو هجي يا ڪنهن مائٽ عزيز جي reference سان توهان هن سان واقفيت ڪئي هجي، هو توهان جي هڪ محدود ليول تائين مدد يا گائيڊ ڪري سگهي ٿو. هن سان

وڏيڪ ڇڀي ٽيڻ تي هو بيزار ٿيو پوي ۽ اسانجو پرديس ۾ آيل نئون همراهه هن جي بي رخي ڏسي ڊپريشن ۾ هليو وڃي. آئون ته اهو چوندس ته پرديس ۾ ڪو توهان جي مورل سپورٽ ڪري ته اها به وڏي ڳالهه آهي. پئسي ڏوڪڙ، ماني ٽڪي يا رهائش جي ته ڪنهن مان اميد رکجي نه اهڙو ٿورو ڪڻجي.

ڪيترا دفعا ائين به ٿيو آهي ته ٻاهر نوڪري ڪندڙ ڪو ڊاڪٽر، انجنيئر يا پورهيت وڏي دل جو آهي ۽ هو ڪاڏي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي تي گهٽو خرچ ڪري ٿو جنهن ڪي ڏسي ڌاريون يا پنهنجي وطن جو محسوس ضرور ڪندو پر ڌارئين مان اهو فائدو آهي ته اها ڳالهه اتي جو اتي رهي ٿي پنهنجو ماڻهو ارادتاً يا غير ارادتاً توهانجي ڳوٺ تائين پهچايو ڇڏي. اجان ڪالهه ئي ملائيشيا مان هڪ ڊاڪٽر ان ڳالهه جو ڏک ڪندي چيو ته هو پئسو بچائي ڳوٺ اچي گهر ۽ ڪراچيءَ ۾ هڪ عدد ڪلنڪ ٿو ناهڻ چاهي پر هتي نوڪري ڪندڙ سندس ڳوٺ جي همراهه سندس مائٽن کي اهو ٻڌائي ڇڏيو آهي ته هي بيحد ڪنجوس آهي وڏو پئسو اٿس. نتيجي ۾ سندس هر هڪ مائٽ ڪانئس قرض جي گهُرَ ڪندو رهي ٿو.

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا پنهنجي سالن جي تجربي تي لکي رهيو آهيان ته پرديس ۾ جڏهن به ڪو هم وطني يا هم زبان ملي ٿو ته اسان take it granted سمجهون ٿا ته هو سؤ سيڪڙو اسانجو پنهنجو آهي، اسان سان وفادار رهندو ۽ هن جي هر ڳالهه اعتبار جوڳي هوندي. پر ائين ناهي. هو چا چوندا آهن ته پرديس۾ پنهنجي ديسَ جا ڪانگ به سهڻا لڳندا آهن سو پرديس ۾ هم زبان ۽ هم وطن سان ڳالهائيندي ۽ ويجهو ويندي دل ضرور ماندي ٿئي ٿي پر اها به حقيقت آهي ته پرديس ۾ گهٽيون نڳيون پنهنجا ئي ڪن ٿا چاهي انگلينڊ فرانس هجي يا آمريڪا ڪئناڊا هجي. آمريڪا ۾ هڪ همراهه پنهنجي نقصان ۾ ويندڙ پيٽرول پمپ مان جان ڇڏائڻ لاءِ هڪ نئين آيل هم زبان کي ئي منيون منيون ڳالهيون ڪري وڪڻي ڇڏيو. هو نئون آيل پنهنجي ملڪ جي تڪليفن کان ڀڄي، پنهنجو الهه تلهه وڪڻي آمريڪا ۾ ڪو بزنيس ڪرڻ لاءِ پهتو هو ۽ هن پنهنجي ڪاليج جي دوست جي ڳالهين ۾ اچي عمل ڪيو ۽ پوءِ دوستي ته ختم ٿي وئي پر پئسو به ڦاسي ويس.

ڪئالالمپور ۾ گذريل ڏهن سالن کان رهندڙ سکر جي پروفيسر پنهنجي غم جو اظهار هن ريت ڪيو ته هن جي هڪ ملئي آفيسر سان دوستي هئي جنهن نمونو سمونو ڪري هن کي اتي جي شهريت (پاسپورٽ) ونرائي ٿي ڏنو. ان جو پروسيس هلي رهيو هو ته هن نيڪ نيتيءَ سان ڪٽي ڪئالالمپور ۾ رهندڙ سندس هڪ ڳوٺائي ڊاڪٽر سان ڳالهه ڪئي. ڊاڪٽر جو ڏنو ته پروفيسر کي ٿي مستقل رهائش (Permanent Residency) ملي سو پاڻ به اهي فارم پري اميگريشن آفيس ۾ ڏئي آيو. هنن ڪيس چيو ته توهان ان لاءِ qualify نٿا ڪريو. ان تي هو ماڳهين پروفيسر جو مثال ڏئي آيو ته هن جا ڪاغذ ته process ۾ آهن. بس وٺ پڪڙ تي. پروفيسر صاحب کي به disqualify ڪري ڇڏيائون. پوءِ

ٻنهي کي ڏاڍو افسوس ٿيو ته جيڪر هڪ جي ٿي وڃي ها ته پوءِ ٻيو پاڪستاني به هن ملئي آفيسر جي معرفت ڪرائي وٺي ها.

مون ڪڏهن ڌارئين ملڪ جو پاسپورٽ (شهريت) اختيار نه ڪئي پر آئون هر ملڪ ۾ ڏسندو هوس ته اسانجي ملڪ جا ماڻهو جيڪي اڳهين ان ڌارئين ملڪ جا شهري هوندا هئا اهي هرگز نه چاهيندا هئا ته ڪو اسان جهڙن ٻين کي ملي. هنن کي جيئن ئي ڪڙڪ پوندي هئي ته ٻئي جو پتو ڪٽرائي ڇڏيندا هئا. ڪاميابي فقط انهن کي نصيب ٿيندي هئي جيڪي پنهنجن کان پري رهيا ٿي ۽ هنن هر ڳالهه کي راز ۾ رکيو ٿي.

ملائيشيا جي شهر ”جو هور بارو“ جي هڪ اداري ۾ اسانجي ٽن ڇئن ڄڻن نوڪري ڪئي ٿي. هو گڏ گڏ رهيا ٿي ۽ گڏ گڏ آفيس ويا ٿي. انهن مان هڪ جيڪو ڍڳي باز قسم جوهو ۽ هن جي ملائيشيا ۾ دل نٿي لڳي اهو اهاني بهاني انتظاميه سان وڙهندورهيو ٿي. آخر هڪ ڏينهن هن کي نوڪريءَ کان جواب مليو ته ٻين کي به چيائين ته توهان به مونسان ٻڌي ڪريو ۽ توهان به نوڪريءَ تان استيفا ڏيو ته هنن ملئي ماڻهن کي خبر پئجي وڃي. هنن گهڻو ئي چاهيو ته ائين نه ڪجي پر هو هن ڍڳي باز جي اثر هيٺ ايترو ته هئا جو مجبورن استيفا ڏنائون. اداري جون في الحال وايون بتال ٿي ويون ته هڪ ئي وقت هيترا آفيسر ڇڏي ويا پر پوءِ هو ڌڪ پچائي ويا. وڏو خرچ ڪري انڊيا مان جلدي جلدي ماڻهو گهرايائون جيڪي ٿوري ئي وقت ۾ ڪم سکي ويا ۽ اداري جو ڪاروبار هلڻ لڳو پر ان اداري اڄ ڏينهن تائين وري اسان جي ملڪ جي ماڻهوءَ کي نه رکيو آهي ۽ هوڏانهن اسانجا نوڪري ڇڏي ويل اڄ ڏينهن تائين ان بهترين نوڪريءَ کي ساري ۽ پڇتائي رهيا آهن. دراصل هر ماڻهوءَ جي پنهنجي طبيعت ٿئي ٿي ۽ پرديس ۾ هر هڪ ڪجهه نه ڪجهه حساس ٿيو پوي. هو پنهنجي اباڻي گهر ۽ وطن جا سُک ڇڏي ڌارئين ملڪ ۾ پهچي ٿو پوءِ هو جيتوڻيڪ اهوئي سمجهي ٿو ته پنهنجي ڳوٺ جي ماڻهوءَ سان رهي هو بهتر محسوس ڪندو پر ائين ٿئي نٿو. ٿوري ئي عرصي ۾ هنن کي هڪ ٻئي جون عادتون يا فيصلا پسند نٿا اچن ۽ پوءِ اختلاف شروع ٿيو وڃن. ۽ انهن رنجشن جون خبرون ڳوٺ وارن کي به پوڻ شروع ٿيو وڃن. ۽ سندن روسامو نه فقط پرديس ۾ پر وطن موٽڻ تي به قائم رهي ٿو. توهان ڏسندئو ته ڪنهن يونيورسٽي جا ٻه پروفيسر پيار محبت سان گڏ گڏ تعليم لاءِ ولايت ويندا، واپسي تي اهڙو رسي ايندا جو اچڻ سان هڪ ٻئي جون گلائون پيا ڪندا.

پرديس ۾ ڪير ڪٿي ڪيترو به خبردار رهي پر ٿوري گهڻي کٽ پٽ ٿيو وڃي ۽ آئون هميشه اهو چوندو آهيان ته بهتر آهي ته مڪاني ماڻهن يا ڌارين ملڪن جي ماڻهن سان گڏ رهجي جيئن ڪا هلڪي ڦلڪي رنجش ٿي به پوي ته ملڪ ڇڏڻ وقت اها اتي ئي دفن ٿي وڃي ۽ اتي جا جهڳڙا پنهنجي ڳوٺ يا محلي ۾ نه ڪٽي اچجن. هونءَ ئي سفر اهڙي شيءِ آهي جو تڏي طبيعت جو صابر

ماڻهو به ڪڏهن ڪڏهن چيڙاڪ ٿيو پوي ۽ ٻئي جي دل رنجايو وجهي. ٻيو ته ٺهيو پر جنهن زماني ۾ حاجين جا جهاز هلندا هئا ته ڪراچيءَ مان چڙهڻ وقت اسان جا حاجي سڀ ورا تسبيحون پڙهندا هلندا هئا ۽ هر هڪ ٽولي جا حاجي پاڻ ۾ عزت احترام ۽ محبت سان پيش ايندا هئا. پوءِ به مهينا کن سعودي عرب ۾ رهي جڏهن موٽندا هئا ته واپسي جي سفر تي هر هڪ کي ٻئي لاءِ ڏک ۽ شڪايتون هونديون هيون.......... ناراضگي جو هڪ سبب خريد ڪيل اڻ ميو سامان به هوندو هو جنهن جي رکڻ لاءِ ڪين جاءِ نه پئي ملندي هئي!

پرديس ۾ پنهنجن بدران ڌارين سان دوستي رکڻ لاءِ آئون ان ڪري به چوندو آهيان ته جيئن بين ملڪن ۽ زبانن جي ماڻهن جي به ڄاڻ ٿي سگهي، پنهنجا ته هونءَ به پنهنجا آهن. ڪم پوڻ تي هنن وٽ ڪنهن وقت به وڃي سگهجي ٿو. ان ڪان علاوه ڌارين جي ويجهو رهڻ سان انهن جون سنيون ڳالهيون به سکي سگهجن ٿيون.

بهرحال هي منهنجا views آهن. توهان جو ڪو دوست يا مائٽ ٽي چار سال کن ٻاهر رهي آيو هجي ته ان کان به راءِ وٺي سگهو ٿا ته منهنجو مشاهدو ڪيتري حد تائين صحيح آهي.

# اسانجو بيروزگار نوجوان ڇا ڪري...!

مون وٽ اي ميل ذريعي ڪيترائي خط اچن ٿا جن ۾ اسان جا نوجوان بيروزگاري بابت پنهنجي ڏُکَ جو اظهار ڪن ٿا ۽ اها حقيقت به آهي ته اسان جي ملڪ ۾ بيروزگاري تمام گهڻي آهي، خاص ڪري سرڪاري ڪاتن ۾ ايتريون نوڪريون نه آهن. سياستدان ۽ وزير پوري ڪوشش ۾ رهن ٿا ته ڪٿي ڪي خالي جايون نڪرن ته پنهنجن ورڪرن کي ڏئي منهن سرخرو ڪجي افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسانجو نوجوان رڳو سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ جو خواهشمند نظر اچي ٿو ۽ اسان وٽ ڪيترا ڪاتا PIA کان سنڌي ادبي بورڊ تائين ماڻهن سان Surplus ٿيا پيا آهن. ان هوندي به اسان جا وزير ۽ سياستدان ڪوٺي ڪوٺي ڪجهه نوڪريون ڪين ٿا، جن لاءِ عام شڪايت اها آهي ته اهي ميرٽ تي ڏيڻ بدران پنهنجن مائٽن ۽ من پسند ماڻهن کي ڏنيون وڃن ٿيون ۽ مٿن اها به الزام تراشي آهي ته هو اهي نوڪريون پئسن تي وڪڻن ٿا.

جتي ميرٽ بدران پئسي جي سفارش تي نوڪري ڏني وڃي ٿي اتي هڪ طرف تعليم جي ستياناس ٿئي ٿي ته ٻئي پاسي نوڪريون حاصل ڪندڙ ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ ڇڏيو ڏين. هو اهو جواز ڏئي رشوتون وٺڻ شروع ڪن ٿا ته هنن کي هيءَ سيٽ/نوڪري (مختياري ڪاري، روينيو ۾ ڪلارڪي يا ڪا ٻي) هيترا لک رپيا ڏئي ملي آهي.

مثال طور اهي ماستر يا ماسترياڻيون جن کي سفارش يا پئسي جي بدلي نوڪري ملي ٿي اهي ڇا پڙهائي سگهندا؟ هنن ته خود به صحيح طرح نه پڙهيو هيو. هو ته اسڪول ۾ به اچڻ جي تڪليف نٿا ڪن. مجال آهي جو ڪو انهن جو نالو وٺي...... هر هڪ کي خبر آهي ته هي نالائق استاد فلاڻي وزير جو ماڻهو آهي.

ڳوٺ جو نالو نٿو لکان. ان جي هڪ رشوت خور آفيسر پئسا ڏئي يا اثر رسوخ هلائي پنهنجين شادي شده ۽ ٻارن وارين ٻن ڌيئن کي ماستريءَ جو آرڊر ونرائي ڏنو. جاڻ سڃاڻ وارن حيرت ڪاڏي ته هنن نازن ۾ پليل ڇوڪرين کي نوڪريءَ جي ڪهڙي ضرورت هئي، جن جا مڙس به خوب پيا ڪمائين. خود ڇوڪرين به هلڪو ڦلڪو احتجاج ڪيو ته ڪير صبح جو ننڊ ڦٽائي اسڪول ويندو ۽ اهو ڪم سر انجام ڏيڻ ته هنن جي وس کان ٻاهر آهي. ان تي پاڙي جي هنن جهڙي هڪ ماسترياڻيءَ کين آٿت ڏيندي چيو: ”فڪر جي ڪا ڳالهه ناهي. اسڪول جي نوڪري ڪا نوڪري ناهي، بس پڪنڪ سمجهو. جنهن ڏينهن توهان جي موڊ ٿئي ان ڏينهن ڪچهري ۽ چانهه بسڪٽ کائڻ لاءِ اسڪول جو رخ ڪجو.“

منهنجو ته سنڌ جي ڳوٺن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٿو وڃڻ ٿئي پر مونکي پڪ آهي ته توهان نه فقط مونسان سهمت هوندئو پر توهان کي هن قسم جي ڳالهين ۽ تعليم جي تباهي جي شرمناڪ

حالت جي ڄاڻ، وڌيڪ هوندي. هيءَ ڳالهه جنهن ۾ ڪٽي ڪجهه چرچي جو به حصو هجي پر حقيقت پنهنجي جاءِ تي آهي، هڪ بي پاڙي جي ساهيڙيءَ ڪين ٻارن کي پڙهائيءَ جو آسان ۽ آزمايل طريقو به ٻڌايو: ”پڙهائڻ ته مونکي به نٿو اچي،“ هن ٿهڪ ڏيندي کين چيو، ”مونکي ته اها به خبر ناهي ته پ پولڙي جي هينان ٽبڪا آهن يا مٿان! پوءِ بورڊ تي لکڻ کان اڳ ٻارن کان پڇندي آهيان ته ٻارو پ پولڙي جي مٿان ٽبڪا ٿيندا  يا هينان؟ ته ٻار ئي مونکي ٻڌائيندا آهن ته مِس هينان هينان...۽ آئون يڪدم هيٺ ٽبڪا ڏئي ڇڏيندي آهيان.“

اها ته عام ڳالهه آهي ته ڳوٺن جا ڪيترا اسڪول بند ٿيا پيا آهن جيڪي Ghost اسڪول سڏجن ٿا يعني غيباتي اسڪول، جن ۾ نه ٽيچر نظر اچي ٿو ۽ نه شاگرد! ڪيترا اسڪول کليل آهن، ٻار اچن پيا پر ڪيترائي ماستر، خاص ڪري ماسترياڻيون ڊيوٽي تي اچن ئي ڪونه. اسانجي ڳوٺ ۾ اهڙين ٻن ماسترياڻين ٻڌايو ته هو فقط پهرين تاريخ تي پگهار وٺڻ وينديون آهن جن مان ڪجهه حصو هيڊماسترياڻي حوالي ٿيندو آهي جيڪا هنن جي اعليٰ آفيسرن کي دانهن ڏيڻ بدران مڪمل تحفظ مهيا ڪري ٿي. بهرحال هي ڪم هر ڳوٺ ۾ لڳو پيو آهي ۽ ان سسٽم کي ويزا سسٽم سڏيو وڃي ٿو جنهن ۾ ماسترياڻين ۽ هيڊماسترياڻيءَ جا ته موج مزا رهن ٿا پر اسان جا معصوم ٻار وڃن ٿا تعليم کان محروم ٿيندا.

اهڙين حرام جي آسان سرڪاري نوڪرين کي ڏسي اسانجو گهڻي ڀاڱي نوجوان اهڙين نوڪرين جا خواب ڏسي ٿو. يعني قابليت به نه هجي، نوڪري به ملي، اها به اهڙي جنهن ۾ آفيس ۾ وڃڻو نه پوي يا رشوت هجي، ۽ پوءِ جي پڪڙ ڌڪڙ ٿئي ته هنن کي بچايو وڃي يا بدلي ڪرائي وڃي! اسان وٽ اها سوچ ئي ڪانهي ته روزگار سرڪاري نوڪرين بنا به حاصل ڪري سگهجي ٿو. اها به ڄاڻ نه آهي ته تعليم الڳ شيءِ آهي ۽ هنر الڳ شيءِ آهي. ساڳي طرح رڳو ڊگريءَ جو پنو توهان کي قابل نٿو بڻائي پر توهان جو تخليقپڻو (creativity) ۽ صحيح ڄاڻ قابل ٿي بڻائي جيڪا توهان يونيورسٽي ۾ روزانو وڃي ڪلاس روم ۾ ۽ گهر اچي ڪتابن مان حاصل ڪئي آهي.

ملائيشيا جي شپ يارڊ جي اليڪٽرانڪ ڊپارٽمينٽ لاءِ ٻن ٽن انجنيئرن جي ضرورت هئي. انٽرويو وٺڻ واري ٽيم ۾ مونکي به رکيو هئائون. آيل اميدوارن کان اهوئي سوال پڇيو ويو ته توهان کي رکڻ سان توهان اسانجي ڪمپنيءَ کي ڪهڙو فائدو ڏئي سگهندئو. اسانجي پاسي جو به هڪ  اميدوار هو. هو سوال جو جواب ڏيڻ بدران هر هر پنهنجي ڊگري ڏيکاري رهيو هو. مون سان گڏ وينل ملئي آفيسر ڪيس سمجهايو ته اها مونکي به خبر اهي ته توهان گرئجوئيٽ آهيو جو هتي اسان گهرايائي B.E وارا آهن پر اسان معلوم ٿا ڪرڻ چاهيون ته توهان پنهنجي فيلڊ ۾ ڪيترا پڙ آهيو ۽ ڪم جي ڄاڻ ۾ اعتماد رکو ٿا يا نه.

پنهنجي انڊيا جي هڪ سفرنامي ”بمبئي منهنجي پاڪر ۾“ ۾ هڪ ممبئي يونيورسٽي جي فريش گرئجوئيٽ بابت لکي چڪو آهيان ته هو جڏهن B.E اليڪٽرونس جي آخري سال ۾ هو ته ان وقت ڪان ممبئي جي سانتا ڪروز ريلوي اسٽيسن تي هو مختلف ديوتائن جا فريم وڪڻي رهيو آهي جنهن ۾ هن اليڪٽرونڪس circuits ۽ چپس ذريعي اهڙو سسٽم رکيو آهي جو بٽڻ کي دٻائڻ سان هڪ بئي پويان ڇهه پڇنون وڃن ٿيون. هو اهو ٽيپ رڪارڊر نما وڄڻ وارو فريم 500 رپئي ڏئي رهيو هو. زور پرڻ تي 400 تائين به وڪيائين ٿي. مون ڪيس چيو ته هو ڪا سرڪاري يا پرائيويٽ نوڪري ڇو نٿو ڪري؟

”ڇا فائدو؟“ هن وراڻيو، ”هو مونکي ڇا ڏئي سگهندا. هتي آئون شام جو ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ هزار سوا رپيا ڪمايو ٿو وٺان ۽ هيءَ ”سرڪٽري“ جيڪا منهنجي ذاتي ايجاد آهي ان ۾ 50 رپين جو به سامان نه آهي.“

بهرحال آئون اهو نه چوندس ته ڪو اسانجي ملڪ جا شاگرد ڏڏ آهن. مهراڻ يا چانڊڪا يونيورسٽي، جن جي گرئجوئيٽن کي اسان جي ملڪ ۾ به ڪمتر سمجهيو وڃي ٿو، ايتريقدر جو هنن کي ڪڏهن انٽرويو لاءِ به نٿو سڏيو وڃي، انهن جي انجنيئرن ۽ ڊاڪٽرن کي مون ملائيشيا ۽ جپان جي يونيورسٽين ۾ پڙهائيندي ڏٺوآهي. ٻنهي ملڪن جي مختلف اسپتالن ۾ چانڊڪا ۽ لياقت جا ڊاڪٽر آرٿوپيڊڪ سرجن، اسڪن اسپيشلسٽ، ويندي دل جي ڏکين آپريشنن جا سرجن آهن جن جو احوال پنهنجن ٻن تازن ڪتابن: ”هليو آ، هليوآ، ملائيشيا“ ۽ ”مونکي موهيو ملائيشيا“ ۾ ڏئي چڪو آهيان.

هڪ ڳالهه ضرور لکڻ چاهيندس ته ائين هرگز ناهي ته جپان يا ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ نوڪريون ئي نوڪريون آهن. خاص ڪري سرڪاري نوڪريون ته نه برابر آهن. اسان وٽ ته PIA، ريلوي، KPT، پوسٽ ڪاتي جهڙيون نوڪريون به سرڪاري آهن پر ترقي يافته ملڪن ۾ اهي سڀ پرائيويٽ آهن. سرڪاري توڙي پرائيويٽ ڪاتن ۾ هر سال ڪي ايتريون نوڪريون نٿيون نڪرن جيترا يونيورسٽين، ميڊيڪل، انجنيئرنگ ڪاليجن مان گرئجوئيٽ نڪرن ٿا. نه وري انهن ملڪن جا شاگرد نوڪرين جو آسرو ڪن ٿا. هو ٿوري گهٽي تعليم، لکڻ پڙهڻ خاطر حاصل ڪن ٿا باقي اسڪول يا ڪاليج جي ڏينهن ۾ تعين ڪريو ڇڏين ته هنن کي ڪو هنر سکي روزگار ڪمائڻو آهي ۽ هو اهو هنر دل وڃان سان سکن ٿا.

ان ڏينهن گهوٽڪي مان هڪ پڙهندڙ جو فون آيو. هو نوڪري لاءِ پريشان هو. هن کي اها شڪايت هئي ته هو غريب آهي ۽ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ هن وٽ نه پئسو آهي ۽ نه ڪنهن وزير لاءِ سفارش.

”چا پڙهيل آهين ۽ چا ڪرڻ چاهين ٿو؟ ۽ آيا ڪو هنر به اچئي ٿو؟“ مون پڇيومانس، جنهن جي جواب ۾ هن ٻڌايو ته هو انٽر پاس آهي، هنر ڪجهه به نٽو اچيس، هو ڪنهن سرڪاري آفيس ۾ ڪلرڪي چاهي ٿو.

ان قسم جا فون يا خط ڪيترن ئي نوجوانن جا ملندا رهن ٿا. انهن سڀني ۾ اها ڳالهه ڪامن هوندي آهي ته ”اسان غريب آهيون، اسانجو ڪو وزير يا وڏو ماڻهو مائٽ ناهي.“ هنن جا ڏک ۽ شڪايتون پنهنجي جاءِ تي پر آئون اهو به سوچيندو آهيان ته گهوٽڪي، نلهه، قنبر جي ڪنهن نوجوان کي هنن جي خواهش موجب حيدرآباد يا ڪراچي ۾ ڪا ڪلارڪي ملي به وڃي ته ڇا ان جي پگهار مان هنن جي رهائش، ڪاڏو پيتو، آفيس جو اوٽ موٽ جو ڀاڙو ۽ ٻين ضرورتن جو پورائو به ٿي سگهندو؟ ڪين اهو چوڻ ٺيڪ ٿي ته ڪو هنر سکي پئو ته ڪلارڪي ڪان وڌيڪ ڪمائي سگهندئو، ڪيترن ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي اهو دليل ڏنو ٿي ته ”سائين مئٽرڪ (يا انٽر/بي اي) ڪرڻ بعد هاڻ ڪو اسان اليڪٽريشن يا واڍا ٿينداسين ڇا؟ اسان آفيسر ٿيڻ چاهيون ٿا.“ حيرت جي ڳالهه آهي جو اسان جا نوجوان پورهئي ۽ محنت مزدوري کي عيب ٿا سمجهن. ۽ اڄ جي مقابلي جي دور ۾ جڏهن ته Ph.D ۽ M.E ڪرڻ بعد به نوڪريون ڏکيون ٿيون ملن، هو مئٽرڪ، انٽر يا B.A کي وڏي ڳالهه سمجهيو وينا آهن ۽ وڌيڪ پڙهڻ يا پورهئي ۾ دلچسپي نه رکڻ جو سبب غربت ٻڌائين ٿا.

پر اهو ڪوڙو به دل سان نٽو لڳي. ڪراچي ۾ سعودي قونصل وٽ به واڍا ويهن ٿا. هڪ گمبٽ جو آهي ٻيو نٽي جو. اڄ ڪلهه 1200 رپيا ڏهاڙي وٺن ٿا. ان هوندي به هو ايڏو مشغول آهن جو ڪم لاءِ ڪين منٿون ڪرڻيون پون ٿيون. ٻيا واڍا جيتوڻيڪ 800 يا 900 وٺن ٿا پر هي گمبٽ ۽ نٽي وارا همراهه هڪ ڏينهن ۾ عام واڍن ڪان ٻيڻو ۽ سنو ڪم ڪن ٿا.

ڪلفٽن تي چائنا ريسٽورينٽ ۽ ان جي پرواري هوٽل تي ڪيترائي سکر ۽ گهوٽڪي پاسي جا ٻترا ڪم ڪن ٿا. هڪ ڏينهن ڪين چرچي ۾ چيم ته دبئي يا سعودي عرب ڇو نٿا هليا وڃو؟ وراڻيائون ”سائين اسان لاءِ هتي به دبئي آهي. پگهار ۽ ٽپ مان ڪافي بچت ٿيو وڃي ۽ مهيني ٻئي ڳوٺ جو به چڪر هڻيو اچون.“

ڪتابن ڇپڻ واري هڪ همراهه جو نالو نه لکندس جنهن ڪان سڀ پڙهندڙ واقف آهن. هن پاڻ به انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪئي پر سرڪاري نوڪري ڪرڻ بدران ڇپائي جو ڪم سکيو، سخت محنت ڪئي ۽ اڄ تائين پورهئي ۾ رڌل رهي ٿو ۽ هو خوش آهي. اڄ ڪان ڏهه ٻارهن سال اڳ هو پنهنجن ٻن ننڍن ڀائرن کي  ڪراچيءَ جي گذري واري علائقي جي هڪ پلمبر شاپ تي وٺي آيو. هنن کي چيائين ته اهو وساري ڇڏيو ته توهان گرئجوئيٽ آهيو. ۽ اهو به وساري ڇڏيو ته توهان وٽ ٿوري گهڻي زمين آهي. پاڻ کي زيرو سمجهي هن دڪان تي مزدور ٿي ڪم ڪريو شوق ۽ دلچسپي سان سکندا وڃو.

حيرت جي ڳالهه آهي ته هنن ان ڳالهه تي عمل ڪيو ۽ نوڪرن ۽ هيلپرن وانگر مسترين سان ڳڌ سال ڪن پورهيو ڪندا رهيا. محنت ۽ سچائي سان ڳڌ هنن ڪي قدرت طرفان ذهانت به هئي. هنن انهن ٽن سالن ۾ ايڏا ته Contacts ناهيا جو ڪيترا بنگلن، دڪانن ۽ ويندي فارين قونصل خانن وارا ڪين سڌو فون تي گهرائڻ لڳا. هو پئسو بچائيندا رهيا. گذريل ٻن سالن کان هنن پنهنجو دڪان کوليو آهي جيڪو خوب هلي رهيو آهي. ان جو وڏو سبب اهو آهي ته هو هنرمند آهن ۽ صبح جو هو پنهنجو دڪان سيني کان اڳ کولين ٿا. منهنجي خيال ۾ اسان جي مايوس نوجوانن کي اهڙن Self Made ماڻهن کي به فالو ڪرڻ کپي. خود ترسي (Self Pity) بدران همت کان به ڪم وٺڻ کپي. رڳو وزيرن ۽ سياستدانن جي ڏٽن پنيان ڊوڙڻ نه کپي. ۽ اها ڳالهه سمجهڻ نهايت ضروري آهي ته تعليم صرف نوڪريءَ لاءِ حاصل نه ڪبي آهي، تعليم بنيادي طور تي عقل، فهم ۽ دانش لاءِ حاصل ڪري، پنهنجي زندگيءَ جي مقصدن کي طئہ ڪرڻ لاءِ هوندي آهي، ان ڪري سڄي دنيا اندر وڌندڙ آباديءَ سبب هاڻ نوڪريون ملڻ جا امڪان گهٽبا ويندا ۽ جنهن جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو ته اسان جي ماڻهن کي مجبوريءَ ۾ هنر سکڻو پوندو، تنهنڪري مجبوريءَ بجاءِ جيڪڏهن اسان خوشيءَ سان هنر سکون ته هوند جياپو آسان ٿي پوي.

# لنڊا بازارن ۾ خريدارن جي پيھ پيھان.....

اسانجو ڊرائيور مون کان اڏ ڏينھن جي موڪل وٺي پنھنجي ڇهن سالن جي پٽ لاءِ صدر مان اسڪول بئگ وٺڻ لاءِ تي نڪتو ته  مون چيو مانس ”آچر بازار مان ڇو نٿو وٺين جتان توکي سستي به ملي ويندي ته مضبوط به.“

”نه سائين آئون لنڊا جي شيءِ نٿو وٺڻ چاهيان.“ هن وراڻيو.

”پر اڄڪلهه ته وڏا وڏا ماڻهو ۽ فارينر لنڊا جون شيون خريد ڪندي نظر اچن ٿا.“ مون ڪيس چيو پر هن تي ڪو اثر نه ٿيو.

اسانجو هڪ مائٽ آچر بازار مان فقط ڀاڄي ۽ ميوو وٺندو آهي، ڪڏهن به ڪا قميص، مفلر، جوراب يا سئيٽر خريد نه ڪندو آهي چاهي اهي شيون نيون ۽ڪامي رهيون هجن. هن جو چوڻ آهي ته اهي ڪپڙا جيڪي ولايت  مان اچن ٿا انهن ۾ جراثيم ٿين ٿا، اتفاق سان ڪو رومال يا جوراب وٺندو ته اهو به به دفعا ڌوئي پوءِ استعمال ڪندو.  حيرت ان ڳالھ جي آهي جو اهڙين آچر يا جمعي مارڪيٽن مان هزارين ماڻھو خريداري ڪندا رهن ٿا جن ۾ مڪاني ماڻهن کان علاوه اهي پاڪستاني به آهن جيڪي ولايت ۾ رهن ٿا ۽ ڪجهه عرصي لاءِ موڪل تي وطن آيل هوندا آهن. ڪيترن ڪي ته آئون سڃاڻان جيڪي هنن مارڪيٽن مان خريداري ڪري ولايت ڪٽي وڃن ٿا. ان کان علاوه ڊفينس جي آچر مارڪيٽ ۾ ته آئون ڏسندو آهيان ته ڪيترائي فارينر به هوندا آهن...... اهي نه فقط چين، فلپين، ڪوريا، سريلنڪا، سوڊان، ازبڪستان، ڪرغستان جهڙن ڪنگلن ملڪن جا پر ملائيشيا، ٿائلنڊ ۽ جپان جهڙن ملڪن جا به خريداري ڪندي نظر اچن ٿا.

ٻاهرين ملڪن مان پنھنجي لاءِ ۽ پنھنجي دوستن لاءِ شيون ۽ تحفا وٺي اچڻ ان کان ته بهتر آهي ته ھھڙين آچر بازارين مان خريداري ڪجي. ٻاهرين ملڪن مان مونکي چانھ پيئڻ جي انهن مڳن وٺي اچڻ جو شوق رهيو آهي جن تي ڪنهن يونيورسٽي، ڪاليج يا گهمڻ واري جاءِ جو نقش چٽيل هجي. آخري دفعو 2005ع ۾ آمريڪا مان وٺي آيو هوس جتي هڪ هڪ مگ ٽن ڊالرن جو ملي ٿو. ان کان علاوه هڪ ايئرپورٽ کان ٻئي ٿائين وزن ڊوڻٽو پيو. بهرحال اها ٽڏهن جي ڳالھ آهي، هاڻ پنھنجي لاءِ توڙي دوستن ڪي تحفي ۾ ڏيڻ لاءِ ڪراچي جي آچر بازار مان مگ خريد ڪريان ٿو جتي چين، ٿائلنڊ ۽ ايران جا ته ڇا پر انگلنڊ، آمريڪا ۽جپان جا به مليو وڃن ۽ هاڻ ڊالر جي قيمت وڌي وئي آهي ان ڪري في مگ   60 يا 70 روپئي ملي ٿو نه ته سال به اڳ 50 رپئي مليو ٿي. بهرحال سٺر يا اسي رپئي ملي ته به ان جي قيمت هڪ ڊالر کان به گهٽ ٿي.

پاڪستان جي هنن مارڪيٽن ۾ اوچين اوچين ڪمپنين (برانڊن) جون جئڪيٽون، ڪوٽ ۽ قميصون سي به نيون نڪور تمام سستي اگهه ۾ مليو وڃن. توهان چوندئو ته ڪيئن خبر پوي ته

اهي نيون ۽ اڻ استعمال ٿيل آهن؟ ان لاءِ انهن تي لڳل اليڪٽرونڪ Magnetic ٽئگ (نيلان جو چقمقي ڌاڳو) ڏسي سگهو ٿا. هيءَ اها شيءِ آهي جيڪا ولايت جي دڪانن تي پئسن واري ڪائونٽر تي payment بعد ڪٽي وجي ٿي يا هڪ اوزار ذريعي Demagnetized ڪئي وجي ٿي. ائين نه ڪرڻ سان دڪان مان نڪرڻ وقت چوريءَ جو الارم وجي ٿو. اسان جي ملڪ ۾ لنڊا جي سامان جو زور سٺ جي ڏهي جي شروعاتي سالن ۾ ٿيو. پهرين پهرين مختلف امير ملڪن مان استعمال شده ۽ پراڻا ڪپڙا اچڻ لڳا هئا. تن ڏينهن ۾ ڪپڙن جي معاملي ۾ يورپ وارن جا به حال هيٺا هئا. ٻي عالمي جنگ جا اثر اجان موجود هئا. اسان وٽ وري به ڪاٽن جوڪپڙو ۽ سلائي سستي هئي. گرم ڪپڙا ٻاهران وٺي پاڪستان ۾ اچي ڪوٽ سبرائبا هئا. اهڙي طرح پتلونون پڻ. ايرو ۽ سينٽ مائيڪل جهڙن برانڊن جون قميصون خريد ڪرڻ لاءِ آمريڪا وڃڻو پوندو هو ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ڪپڙن جي هر ڪمپني جي برانچ ملائيشيا، سنگاپور، هانگ ڪانگ جهڙن ملڪن ۾ کلي وئي جو يورپ کان ليبر سستو هجڻ ڪري سلائي تي گهٽ خرچ اچڻ لڳو. هاڻ ته آفريڪا ۽ ايشيا جي هر ملڪ ۾ هر برانڊ ۽ هر ڪمپني جا ڪپڙا نهن ٿا ۽ يورپ ۽ آمريڪا جي مارڪيٽن ۾ انهن شين سان دڪان اٽلن ٿا. موسم جي تبديليءَ تي اهي ڪپڙا ڪڍي وري نئين فيشن جا رکيا وڃن ٿا. پراڻي فيشن يا موسم جي تبديليءَ تي ڪپڙن مان جان ڇڏائڻ لاءِ دڪاندار اکو مال وڪڻن ٿا ۽ اهو يڪو سامان خريد ڪرڻ لاءِ دنيا جي هر ملڪ ۾ اسانجا پاڪستاني خاص ڪري پناڻ (هاڻ ڪجهه پنجاب پاسي جا به) نظر اچن ٿا. هو يڪو سامان خريد ڪري وڏا وڏا Container پرائي پاٽيءَ جي جهازن رستي پاڪستان موڪلين ٿا جتان ڪائنئ امير ميمڻ واپاري خريد ڪن ٿا. اهي ميمڻ، آغاخاني ۽ چنيوٽي واپاري ڪنٽينرن مان مال جي ڇانٽي ڪري ڪجهه اوچو سامان طارق روڊ ۽ ڪلفٽن وارن دڪانن تي وڪڻن ٿا باقيءَ جون هڙون ناهي تور جي حساب سان ننڍن پناڻ واپارين کي وڪڻن ٿا جيڪي وڏن شهرن جي آچر، جمعا ۽ منگل بازارين ۾ وڪڻن ٿا.

اڄ کان چاليهه سال اڳ وارن جاپاني سفرنامن ۾ ڪوبي ۽ يوڪوها شهرن جي سڪ دڪاندارن جو احوال لکيو اٿم ته هنن جا “Rokko Saris” نالي انهن شهرن ۾ ساڙهين ۽ ڪپڙي جا دڪان مشهور هئا جن تان اسان جهڙا ايشيائي ملڪن جا جهازران، انهن بندرگاهن ۾ جهاز پهچڻ تي، خريداري لاءِ پهچي ويندا هئا. تاڪين مان وڳا ڪٽڻ بعد آخر ۾ تن چئن والن جا جيڪي پيس بچندا هئا، اهي هو هڪ وڏي پلاسٽڪ جي ڊرم ۾ وجهندا ويندا هئا. هنن جي روزانو ايڏي ڪپت ٿيندي هئي جو روز شامَ جو اهو ڊرم ڪپڙن جي ٽڪرن سان پرجي ويندو هو. هڪ دفعي منهنجي زال جڏهن انهن ٽڪرن مان ڪجهه وٺڻ جو ارادو ڏيکاريو ته سڪ جي جپاني زال معذرت ڪندي چيو ته هو اهي وڪٽي نٿا سگهن جو هنن جي هڪ پناڻ سان زبان ٿيل آهي جيڪو هر ٽي مهيني پاڪستان کان اچي ٿو ۽ سمورو اسڪرئپ مال خريد ڪريو وڃي. پوءِ مون هڪ دفعو ڏٺو ته به پناڻ

ياڙي جي ٽرڪ ڪري آيا ۽ نہ فقط هن سڪ جي دڪان تان پر پروارن ٻين ڪپڙي جي دڪانن تان ڪپڙن جا اهي ڪٽ پيس ڪٽي ويا.

اسانجو جهاز جڏهن بہ نومبر جي مهيني ۾جپان جي بندرگاهہ ”وڪاياما“ ۾ ويندو هو تہ اسان کي خوشي ٿيندي هئي جو موسم جي تبديلي ڪري ڪيترا ڪپڙن ۽ بوٽن جا دڪاندار پنهنجن دڪانن مان اونهاري جو سامان ڪڍي فٽ پاٿ تي ڍير ڪندا هئا ۽ اسان جهازن وارا پنهنجي پسند جون شيون اوٽي پوٽي ۾ خريد ڪندا هئاسين. جپان سڄي ۾ زمين جي قلت آهي. دڪان ننڍا ننڍا......... ڪٿي سامان رکن........ سو سيارو شروع ٿيڻ سان اونهاري جو سامان ڪڍي سياري جو سامان دڪانن ۾ رکندا هئا. منهنجي خيالَ ۾ باقي بچيل سامان گدامن ۾ رکڻ بدران ساڙي ڇڏيندا هئا جو جپان ۾ گدامن جي مسواڙَ سامان کان بہ گهڻي ٿيو وڃي. 1980ع ۾ وڪاياما پهتاسين تہ خبر پيئي تہ موسم جي تبديلي تي هاڻ دڪاندار سامان فٽ پاٿ تي رکن ئي ڪونہ ٿا.

”پوءِ اهو سامان ڪيڏانهن ٿو وڃي؟“ اسان دڪاندارن کان پڇيو.

”توهانجي ملڪ جا ماڻهو اسانکان سڄي لاٽ وٺي ڪنٽينر ڀريو ڪراچي موڪليو ڇڏين.“ هنن ٻڌايو ۽ هو بيحد خوش هئا تہ فٽ پاٿ تي مهينو کن سامان رکي وڪڻڻ کان هنن جو هڪ ڏينهن ۾ سامان ڪڇيو وڃي.

آچر بازاريون اسان وٽ تہ هاڻ ٿيون لڳن پر دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ان قسم جون بازاريون سالن کان مشهور آهن. جيئن انگلنڊ ۾ پيني مارڪيٽ، ملائيشيا ۾ گئراج سيل، جپان ۾ جنڪ شاپ وغيره جتي هر قسم جون شيون وڪامن ٿيون. ڪتاب ۽ Antique شيون خريد ڪرڻ جو آئون بہ شوقين آهيان ۽ هر ملڪ ۾ ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ اهڙين مارڪيٽن ۾ چڪر هڻان ٿو. سڀ کان بهتر مونکي سئيڊن جي لنڊا مارڪيٽ لڳي جيڪا LOPIS (يعني Low Price) مارڪيٽ سڏجي ٿي. هن مارڪيٽ ۾ نہ فقط مختلف خالي ٿيل دڪانن جو مال اچي ٿو پر ڪيتريون ئي ننڍيون نيٽيون جوڪريون گهر جو سامان ڪٺي اچن ٿيون.

سئيڊن ۽ پروارن اسڪينڊينيوين ملڪن: ناروي، فنلنڊ ۽ ڊئنمارڪ ۾ طلاق تمام گهڻي ٿئي ٿي بقول ”شادي رجسٽريشن ڪاتي“ جي سئو مان نوانوي شاديون فيل وڃن ٿيون. مڪاني قانون موجب طلاق مرد ڏئي يا عورت پاڻ حاصل ڪري، مرد کي تن ڪپڙن ۾ گهر ڇڏڻو پوي ٿو جو طلاق وقت مرد جي هر شيءِ عورت جي ٿي وڃي ٿي. پوءِ پهرئين ئي آچر تي اهي طلاق واريون جوڪريون مڙسن جا ڇڏيل سامان: ڪپڙن کان ڪتاب، ڪئميرائون، ڪمپيوٽر ڪٺي اچيو هن مارڪيٽ ۾ نيڪال ڪن. هن مارڪيٽ ۾ سامان وڪڻڻ لاءِ هر هڪ کي ورتل اسٽال جي في ڏيٽي پوي ٿي ۽ سامان وڪامي يا نہ، هنن کي ڇئين بجي اسٽال خالي ڪرڻو پوندو آهي. پوءِ هو اهو سامان واپس گهر کڻي وڃڻ بدران مقرر جڳهہ تي ڦٽو ڪري وڃن. اسان جي ملڪ جا، گهڻو ڪري

پناڻ جيڪي سخت سردي ۾ ڪم ڪري سگهن ٿا، اهي ان سامان سان ڪنٽينر پري ڪراچي موڪلين ٿا.

متين ملڪن ۾ گهر ڇڏڻ وقت ميونسپالٽي وارن کان مسواڙ جي ٽرڪ گهرائي گهر جو سامان شهر کان ٻاهر اڇلڻو پوي ٿو. سئيڊن جي يونيورسٽي ۾ ٻه سال رهي واپس موٽڻ تي اسان کي ٻه ائين ڪرڻو پيو. وڏ ۾ وڏ ڪپڙن ۽ ضروري سامان جون ٻه ٽي بئگون ڪٽي آياسين. باقي ديڳڙا، ٽوال، فالتو ڪپڙا، پليٽون، ڪوپ، چمچا، هنڌ بسترا، اوون، ٽوسٽر ۽ ٻارن جا رانديڪا ڪير ڪٽي اچي؟ جو انهن جي وزن جو ڀاڙو سامان جي قيمت کان وڌيڪ ٿو ٿئي. پر اهو آهي ته جنهن شهر مالمو ۾ اسين هئاسين اتي اسان کي ميونسپل جي گاڏي نه گهرائڻي پئي. اسان کي خبر پيئي ته ڪجهه پاڪستاني مفت ۾ سامان کڻيو وڃن. اسان پنج ڇهه ڄڻا هُئاسين جن کين فون ڪيو ۽ هو ٽرڪ ۾ اسان سڀني جو سامان کڻي ويا. هنن ٻڌايو ته هو ان سامان سان ڪنٽينر پري بحري جهازن ۾ ڪراچي موڪلين ٿا.

هيلسنڪي شهر (فنلئنڊ) ۾ مون سان گڏ ساڳي هوٽل ۾ رهندڙ شام ملڪ جي بن عرب واپارين جو احوال پنهنجي ”اڄن جي ملڪ“ ۾ ۽ ”ملير کان مالمو“ وارن ڪتابن ۾ لکي چڪو آهيان ته اتان اسڪريپ گاڏين جون انجڻيون خريد ڪري پنهنجي ملڪ وڪڻڻ لاءِ رهيل هئا. هنن ٻڌايو ته هو هتان فائدي ۾ نه ويندا. ”ان ڪم ۾ فقط توهان جا پاڪستاني ڪامياب ٿي سگهن ٿا.“

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيو مان

”ان ڪري جو توهان جا پاڪستاني سخت جان آهن. هو ٿڌ ۾ ٻه رهي سگهن ٿا. فقط هڪ ويلو ٻه ڪائي گذر ڪري سگهن ٿا، پٽ تي ٻه سمهي سگهن ٿا. اسانکي هوٽلن ۾ رهڻو ٿو پوي ۽ ههڙن مهانگن ملڪن ۾ ايڏو خرچ ڪري ڇڏيواڻئون جو ڇا بچت ٿيندي ۽ ڇا فائدو ٿيندو.“

پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ اهو ٻه لکندو هلان ته ولايت مان جيڪو جهازن ذريعي ڪپڙا يا ٻيو سامان اچي ٿو ان جي اتان سخت قسم جي Fumigation (جراثيم مارڻ جو ڦوهارو) ٿئي ٿو. ان بنا جهاز بندرگاهه ڇڏي نٿو سگهي. ان کان وڌيڪ خطرو اسان جي درزين مان آهي جن جي دڪانن تي سبجڻ وارو ڪپڙن سندن پيرن ۾ پيو هوندو آهي. ڪي ته ان مٿان چڙهيو وينا هوندا آهن ۽ اڪثر سِنگهن هاڻا هٿ سلائيءَ جي ڪپڙن سان اگهي ڇڏيندا آهن.

اڄ ڪلهه ڪراچي، لاهور ۽ پاڪستان جي ٻين وڏن شهرن ۾ جيڪي آچر، جمعا ۽ منگل بازارين لڳن ٿيون انهن جي اڌ ڪن ۾ ڀاڄيون، ميوا، ڪڪڙيون ۽ پاڪستاني شيون آهن ته اڌ کان وڌيڪ ۾ لنڊا جو سامان. غريب توڙي امير، پاڪستاني توڙي فارينر اهو سامان کلي عام وٺي ٿو. نه ته اڄ کان ٽيهه چاليهه سال اڳ جڏهن لنڊا جو سامان فقط لائيٽ هائوس سئنيما (KMC بلڊنگ) وٽ وڪامبو هو ته وچولي ۽ مٿاهين طبقي جا ماڻهو لنڊا جو سامان خريد ڪندي شرمائيندا هئا. لڪ

چوريءَ ۾ جيڪي وني ايندا هئا ان بابت پنهنجن مائٽن توڙي دوستن کي اهوئي چوندا هئا ته هنن طارق روڊ يا صدر جي دڪانن تان ورتو آهي، يا وري پنهنجي يا ڪنهن دوست جي نالي هٿندا هئا ته هن سندن لاءِ ٻاهران آندو آهي. ان وقت جي هڪ مشهور T.V پروگرام ۾ به ڏيکاريو ويو هو. لنڊا بازار ۾ هڪ عورت، شال جي قيمت ڪجهه وڌيڪ محسوس ڪري دڪان جي مالڪ پٺاڻ کي چوي ٿي:

”خانصاحب! ائين ڀلا ڇو آهي جو پروارو دڪاندار هُهڙي ساڳي شال ڏيڍ سئو رپئي ۾ ڏئي ٿو ۽ تون ٻه سئو رپئي ۾؟“

پٺاڻ جواب ڏنس: ”اهو ان ڪري جو آئون ان شال سان گڏ توکي تنهنجي مامي يا چاچي طرفان ٽائيپ ٿيل خط به ڏيندس ته ”هيءَ شال مان توکي لنڊن مان موڪلي رهيو آهيان.“

# اسان ڪهڙي قسم جا مسلمان آهيون .....؟

1980ع ڌاري مُني بيگم نالي بنگالي ڳائڻي اسان وٽ ٽاپ تي هئي. ويتر اسان جي هڪ پيٽارين ساٿيءَ ساٽس شادي ڪئي سو اسان جي ڪئڊٽ ڪاليج جي اولڊ بئائز ائسوسيئيشن (Petarian) جي هر فنڪشن ۾ هنجو هجڻ لازمي ٿي پيو. سندس گهڻا تڻا غزل مئہ، مئخاني ۽ ساقيءَ مطابق هئا. ملائيشيا وڃي رهيس ته اتي به پاڻ سان مُني بيگم جا ڪئسٽ کڻي ويو هوس جيڪي ڊرائيونگ ڪرڻ وقت ٻڌندو رهيس ٿي. ڪڏهن ڪڏهن آفيس جا ڪم ڪندڙ ملئي مرد يا ڇوڪريون گڏ هونديون هيون ته انهن کي به انهن غزلن جو ترجمو ڪري پيو ٻڌائيندو هوس. انهن مان هڪ غزل چڱي طرح ياد اٿم ته ان ۾ شاعر مئہ (شراب) لاءِ پنهنجي چاهت جو اظهار هن ريت ڪري ٿو ته ”پيئندي پيئندي جي مري وڃان ته به ائين نه سمجهجو ته منهنجي خواهش پوري ٿي.“ هو تاڪيد ٿو ڪري ته ”مرڻ بعد منهنجي جسم کي شراب سان غسل ڏياري پوءِ مونکي دفن ڪجو.“

آئون ڪجهه مني بيگم جي مٺي سر تي ته ڪڏهن شاعر جي فلسفي تي واهه واهه ڪندو رهيس ٿي پر منهنجي آفيس جا ملئي حيرت ڪائيندا رهيا ٿي. پر پوءِ چڱو جو جلدي ملئي زبان سکڻ ۽ ملئي ماڻهن سان گهڻو اٿڻ وهڻ جي ڪري مون کي يڪدم اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته شراب ۽ شباب جون ڳالهيون ته فقط اسان جي شاعريءَ ۾ آهن جنهن تي گهڻو اثر فارسي شاعريءَ جو آهي...... يعني ان زماني جي فارسي شاعريءَ جو........... امام خمينيءَ جي انقلاب بعد ته اهڙي شاعري ايران مان به غائب ٿي وئي آهي.... ظاهر آهي جان هر هڪ کي پياري آهي. نه رڳو امام خمينيءَ مسلمانن کي ياد ڏياريو ته شراب خبيث شين جي ماءُ آهي پر سائنس به اهو ثابت ڪيو ته شراب اها ڏوهن جي بيماري آهي جيڪا بوتل ۾ ملي ٿي ۽ اسان پئسا ڏئي خريد ڪريون ٿا. يعني ان جي پيئڻ جي مزي کان وڌيڪ نقصان گهڻا آهن. ملئي شاعري ته شروع کان شراب ۽ شرابي ماڻهوءَ کان آجي رهي آهي. هنن جي اڳيان شراب ۽ سوئر جي ڳالهه ڪرڻ به هڪ مسلمان کي نه ڄڃائي پر اسان جي ملڪ ۾ مسلمانن ۾ اهڙا مثال جام ملندا ته هو يورپ جي هوٽلن ۾ سڄي سڄي رات شراب ته پيئندا رهندا پر نيرن تي هئم يا بئڪن (سوئر جي گوشت) کي ڏسي ٻئري کي چوندا ته هي چا آهي....... توکي خبر ناهي ته اسان مسلمان آهيون......!؟

يهان خون پيتي هين لوگ سبهي
مين تو پهر بهي شراب پيتا هون ساقي

جهڙا شعرَ ٻڌي اسان کي ته ڀلي سرور اچي پر هن پاسي ملائيشيا ۾ توڙي جپان ۾ رهندڙ مسلمان اسان لاءِ اهو ئي سوچين ٿا ته اسين ڪهڙا مسلمان آهيون. ملائيشيا يا جپان جا نه رڳو مسلمان پر غير مسلمان به شراب يا سگريٽ نوشي کي سٺي ڳالهه نٿا سمجهن. هو ان لاءِ هميشہ

شرمساري محسوس  ڪن ٿا..... شراب نوشي جهڙين بڇڙاين کي اسان وانگر ڳائين وڄائين ڪونہ ٿا. جيسيتائين خون پيئڻ جو سوال آهي تہ جيان جهڙن ملڪن ۾ تہ خون يا قتل جهڙي شيءِ تہ پري جي ڳالهہ آهي پر معمولي چوريءَ جو واقعو بہ تمام وڏي ڳالهہ ٿو ٿئي. اهڙا شعر ٻڌي ملئي ماڻهو حيرت ڪائيندا هوندا تہ پاڪستان ۾ امن امان جي حالت تہ ڪا صفا بدتر آهي جو سڀ پيا خون پيئن! ڪراچي جهڙي شهر ۾ جتي روزانو درجن ڪن قتل پيا ٿين ۽ جهلجي هڪ بہ نٿو تہ ان حالت کي توهان ڀلا ڇا سڏيندئو؟

بهرحال چڱو جو مونکي اها ڳالهہ يڪدم سمجهہ ۾ اچي وئي ۽ اهڙي قسم جي ڳانن جو ترجمو ٻڌائڻ تہ ڇا مون ڳانا ٻڌڻ بہ ڇڏي ڏنا...... حق تي ملائيشيا جي ملئي ماڻهن مونکي حيرت مان ڏٺو تي تہ  آئون ڪهڙي قسم جو مسلمان آهيان! دراصل ان قسم جي ڳالهين تان اسانکي جڏهن ملائيشيا يا ٻئي پاسي سعودي عرب جا ماڻهو چون ٿا تہ ”توهان ڪهڙي قسم جا مسلمان آهيو؟! “ تہ اسان ٿڏي دماغ سان سوچڻ بدران ڪاوڙ ۾ اچيو وڃون. بس اسان جي دماغ ۾ فقط اُهو اُٿُ ويٺل آهي تہ پاڪستان اسلام جي نالي ۾ نهيو آهي سو اسان جهڙو ٻيو ڪو مسلمان هوندو ئي ڪونہ. اسان ڀلي شِرڪ جهڙا گناهہ ڪريون تہ  بہ اسان جي هر شيءِ واهہ واهہ ۽ اسان جو هر عمل عين اسلامي.

اسان مغرب وارن کي گاريون ڏيون ٿا پر مون ڏٺو آهي تہ اسان ڪان اتي جا ماڻهو بهتر مسلمان آهن. اسان مسلمان گهرن ۾ پيدا ٿيڻ تي پاڻ کي مسلمان پيا سڏرايون پر اها تڪليف نٿا وٺون تہ اسلام ڇا آهي بس اسان هي نعرو هڻي تہ پاڪستان جو مطلب ڇا ”لَا اِلٰہَ اِلَّا اللہُ“، سمجهون ٿا تہ اسان پاڪستاني مسلمان تہ دنيا  جي مڙني مسلمانن ڪان اتم آهيون پوءِ ڪم ڀلي اسان جا ڄڏا هجن. پر هڪ يورپي، انگريز يا آمريڪن گورو يا شيدي جڏهن مسلمان ٿئي ٿو تہ هو اسلام کي چڱي طرح سمجهي مسلمان ٿئي ٿو ۽ هن کي اسلام جي ڄاڻ اسان ڪان وڌيڪ رهي ٿي. اسان بہ هڪ ملائيشيا ۾ ۽ ٻيو تعليم دوران سئيڊن ۽ ڊينمارڪ جي مسجدن ۾ اتي جي نو مسلم گورن جا ليڪچر ٻڌي اسلام جي ڄاڻ حاصل ڪئي.

سئيڊن جي شهر مالمو جي هڪ نو مسلم گوري کي پاڪستان ڏسڻ جو شوق ٿيو جيئن هو مسلمان کي آئيڊل حالت ۾ ڏسي سگهي. ظاهر آهي هن جي دماغ ۾ اهائي ڳالهہ هئي يا ٻڌندو رهيو ٿي تہ هي ملڪ نج اسلامي آهي. واپس ورڻ تي مون ڪانئس سندس Views پڇيا. مون کي پڪ هئي تہ هن کي اسان وٽ اسلام Ideal حالت ۾ نظر آيو هوندو پر مونکي حيرت ٿي  جڏهن هن ملڻ شرط مونکي چيو تہ ”الطاف! هي ڇا چڪر آهي؟“

”ڇا مطلب!“ مون حيرت مان پڇيو.

”ڏس نہ! آئون جڏهن عيسائي هوس تہ مون لاءِ تي خُدا هئا: هولي فادر هولي سن ۽ هولي گهوسٽ. مون ان کي ڇڏي توحيد اختيار ڪئي يعني اسلام اهو ٿو ٻڌائي تہ هن ڪائنات جو مالڪ هڪ الله آهي. هو ئي ڏئي ٿو هوئي بخشٽهار آهي ۽ هن کان ئي دل جو مرادون گهرجن. پر توهان کهڙا مسلمان آهيو جو توهان ڪٽي هر ڪنهن کي داتا، غريب نواز، گنج بخش ۽ مشڪل ڪشا بنايو آهي. فقط ڪراچي ساحل تي ڇهہ ست داتا ڏنم جن کي ماڻهو پوڄي رهيا هئا ۽ ڪانئن دل جو مرادون گهري رهيا هئا. ڇا اهو شرڪ ناهي ۽ ڇا مسلمانن کي اها خبر ناهي تہ اسلام ۾ شرڪ جو ڏوهہ بخشش نٿو ٿي سگهي!؟

بهرحال ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي اسان اسلامي نقطي نگاهہ کان غلط ڪريون ٿا پر پنهنجي پر ۾ اسان اهوئي سمجهون ٿا تہ اسان صحيح ٿا ڪريون، ڇو جو پنهنجي ملڪ ۾، پنهنجي اردگرد پاڻ جهڙن ٻين کي بہ ائين ڪندو ڏسي سمجهون ٿا تہ سڀ نيڪ ٿي رهيو آهي. ملائيشيا ۾ رهڻ جي شروعاتي ڏينهن جي هڪ ٻي غلطي ياد ايندي اٿم تہ ڏاڍي شرمساري محسوس ڪندو آهيان.

ملائيشيا ۾ اچي ڪناري جي نوڪري ڪرڻ کان اڳ 15 سال کن سمنڊ تي جهاز هلائيندو رهيس. انهن ڏينهن ۾ سڀ کان وڏي ونڊر انڊين فلمون هيون. بيروت، طرابلس کان ممباسا، زئنزبار ۽ ڪولمبو رنگون کان پينانگ سنگاپور جي سئنيما هالن ۾ انڊين فلمون هلنديون هيون ۽ اسان جي ڪئبنن ۾ تن ڏينهن جي مشهور فلم ائڪٽريسن: وحيدا رحمان، آشا پاريک، ساڌنا جهڙين جون تصويرون هونديون هيون. پوءِ 1980ع ڌاري راجيش کنا جي زال ڊمپل ڪپاڊيا، سري ديوي، جيا پراڏا وغيره هيون. ملائيشيا ۾ ڪناري جي نوڪري لاءِ اچڻ وقت آئون سنگاپور ۾ بہ ڏينهن کن رهي پوءِ ملاڪا پهتس. سنگاپور ۾ ڪتابن جي هڪ دڪان تي مونکي فلم ائڪٽريس ريکا جو هڪ وڏو پوسٽر مليو جيڪو ملاڪا پهچي گهر جي ڪچن ۾، درياءَ جي سامهون واري پٽ تي هڻي ڇڏيم، جنهن کي پاهران لنگهندڙ هر هڪ ڏسي سگهيو ٿي. مون بہ ڄاڻي واڻي اتي هنيو هو تہ جيئن هي پوسٽر ٻيا ڏسي داد ڏين. ڇو تہ ايڏي وڏي تصوير ۽ اهڙي سٺي ۽ ٿلهي آرٽ پيپر تي مون دنيا جي ڪنهن بہ شهر ۾ ڪنهنجي گهر يا دڪان تي نہ ڏٺي هئي.

بهرحال منهنجي ملئي پاڙيسرين داد تہ نہ ڏنو پر حيرت ضرور ڪاڌي ... ۽ اها حيرت ان ڳالهہ تي تہ ”هي پاڪستان جا ڪهڙا مسلمان آهن!“ ڇو جو ٻن ٽن هفتن ۾ مونکي خبر پئجي وئي تہ ملئي ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ فقط گلن جون تصويرون هڻن ٿا. ملئي ڳوٺن ۾ نہ توهان کي ڪٿو نظر ايندو نہ گهر ۾ ڪنهن ساهواري جي تصوير هوندي. اڄ ڪلهہ اسان جا ڪيترائي پاڪستاني ملائيشيا ۾ نظر اچن ٿا...... انهن لاءِ يا جيڪي وڃڻ وارا آهن انهن لاءِ ضروري سمجهيم تہ هي لکان جيئن هو خيال رکن. ان لاءِ هو هميشہ هيءَ حديث ٻڌائيندا آهن، تہ: ابوهريره رض کان روايت آهي تہ الله جي رسول (صلعم) فرمايو تہ : فرشتا ان گهر ۾ داخل نٿا ٿين جتي بت ۽ تصويرون رکيل آهن“. مسلم 1364

هڪ ٻي ڳالهه ياد اچي وئي. اسين پاڪستاني مسلمان ڳالهه ڳالهه تي چونداسين: ”لَا حَوّلَ وَلَا قُوَّةَ“.

هڪ ڏينهن منهنجي ملئي دوست مونکي چيو تہ ”مسٽر الطاف! هي ڇا آهي. فقط لَا حَوّلَ وَلَا قُوَّةَ جي تہ معنا آهي ”ڪا قوة ناهي بچائڻ واري“. فقط ايترو چوڻ ڪفر آهي. پاڻ ڪي پوري آيت: ” لَا حَوّلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِااللهِ الۡعَلِيّ الۡعَظِيۡمِ “ پڙهڻ کپي جنهن جي معنيٰ تي ”ڪا قوة ناهي بچائڻ واري، سواءِ الله جي، جيڪو عظيم تر آهي.“

# ٽوئرزم مان ملڪ امير ٿي ويا

ٽوئرزم بہ هڪ وڏي انڊسٽري ٿئي سگهجي ٿي، سنگاپور، هانگ ڪانگ، ٿائلنڊ، برمودا، بهاما جهڙا ٻيٽ ۽ ملڪ بہ ٽوئرزم ڪري امير ٿي ويا. ملائيشيا جهڙو ملڪ جنهن وٽ قدرتي دولت جا گهٽ آهي؟ سال ۾ بہ دفعا فصل ڏيڍ واريون ٻنيون، مفت جو پاڻي..... ٻارهوئي پيو مينهن وسي، پيٽرول ۽ گئس، پام آئل، بي انتها ناريل جنهن مان ڪوپري جي تيل ڪان وٺي مرسيڊيز ڪارن جون سيٽون نهن ٿيون، فروٽ ايترو جو ايڪسپورٽ ڪندا وتن، ان ڪان علاوه سون ۽ قلعي (tin) ايتري جو ختم ئي نٿي ٿئي، پر ان هوندي بہ هنن کي اها اڻ تڻ لڳي رهي ٿي تہ اسانجي ملڪ ۾ ٽوئرسٽ اچن...... گهمڻ لاءِ ماڻهو اچن تہ ڪمائي ٿئي. ڪمائي ان ڪري ٿئي ٿي جو گهمڻ لاءِ جيڪو اچي ٿو اهو وڏي دل ڪري خرچ ڪري ٿو، هوٽلن ۾ رهي ٿو، ڪاڏي پيتي ۽ بسين، ٽئڪسن ۽ ريلن ۾ چڙهي ٿو. مزور ڪُوليءَ کان وٺي هوٽل جو مالڪ ڪمائي ٿو. ان جو احوال توهان انهن وڏيرن پيرن کان پڇي سگهو ٿا تہ هو پنهنجي ڳوٺ ۾ سال ۾ بہ يا ٽي ڏينهن ميلو هٽائڻ سان ڪيڏو ڪمائي وٺن ٿا! ۽ سوچيو جن ملڪن ۾ ٻارهوئي ميلو متل رهي ٿو اهي ڪيڏو ڪمائيندا هوندا.

هڪ اهڙو وقت هو جو ملائيشيا جي حڪومت دنيا جي ر سالن ۾ اشتهار ڏيندي رهي تہ ملائيشيا گهمڻ لاءِ اچو. آئون جنهن رياست ملاڪا (انگريزي نالو Malacca ۽ مڪاني نالو Melaka ) ۾ رهندو هوس، ان جو وزير اعليٰ ۽ گورنر منهنجا سنا ۽ پراڻا دوست هُئا. هو هر وقت اها ڳالهہ ڪٽي وهندا هئا تہ اسان پنهنجي رياست ملاڪا ۾ ڪيئن ڪشش پيدا ڪريون جو دنيا جا ماڻهو اسان وٽ گهمڻ لاءِ اچن. هيءَ گذريل صديءَ جي اسي واري ڏهي جي ڳالهہ آهي. آئون ڪلي چوندو هوسان تہ يارو ڳالهہ ٻُڌو: سڄي ملاڪا رياست ۾ اسان ڪل 19 فارينر رهون ٿا جن جا 30 کن ٻار ملاڪا جي انٽرنيشنل اسڪول ۾ آهن. هاڻ هتي رهندڙ اسان ڌارين بہ ڪڏهن ملاڪا گهمڻ جو شوق نہ ڪيو تہ ٻيا هلي ملي هتي ڇا ڏسڻ ايندا؟

پر پوءِ مون ڏٺو تہ هن رياست جا سڀ واسطيدار عملدار ان ڪم کي عملي جامو پهرائڻ ۾ لڳا رهيا. هنن پنهنجي ملڪ کي سنگاپور وانگر Tourist Spot ناهڻ ٿي چاهيو. سٺ جي ڏهي تائين سنگاپور ۾ بہ ڪير نہ پئي آيو. اسانجو جهاز سنگاپور پهچندو هو تہ ڏينهن جو بہ اڪيلو نہ ڇڏيندا هئا. ايڏي بدامني هُئي. دنيا جي هر بُرائي سنگاپور ۾ موجود هئي. پوءِ نئين آيل وزير اعظم لي ڪُئان يوءَ پهريون ڪم اهو ڪيو جو قانون جي سختي ڪئي ۽ امن امان قائم ڪيو. بهرحال ملائيشيا ۾ امن امان جي حالت تہ بهتر هئي ملاڪا ۾ يڪدم بہ ڪن فائيو اسٽار هوٽلون نهي ويون. رهڻ وارو ڪو بہ نہ هر هفتي روٽري ڪلب جون ميٽنگون ٿينديون هيون يا چيف منسٽر اسان

دوستن کي دعوت ڪندو هو. ”ٽوئرسٽ لين ڪونہ زوز سندن رهائش تي“ مون ڪلي هڪ ڏينهن چيو هئومانس.

”يار ڪجھ سوچيو تہ ٽوئرزم ڪيئن وڌائجي“ چيف منسٽر چوندو رهيو ٿي.

پر پوءِ مون ڏٺو تہ هر سال ٽوئرسٽ وڌندا ويا ۽ هاڻ.... يعني اڄ 28 سالن بعد ڏسان ٿو تہ ملاڪا شهر جي گهٽي گهٽي ۾ دنيا جي ملڪن جي ٽوئرسٽن جي پيهہ پيهان لڳي پئي آهي.ملاڪا حڪومت هي ڪرتب ڪيئن ڪيو؟! ملائيشيا گهڻ قومي ۽ گهڻ مذهبي ملڪ آهي. ملاڪا حڪومت شهر جا سڀ مندر، مسجدون، گوردوارا، گرجا گهرَ، جين ڌرم وارن جا ٽيمپل ۽ ٻڌن جا پگوڊا... مطلب تہ هر عبادت گهر کي هنن مرمت ڪري خوبصورت بنايو جيئن هر مذهب جا ماڻهو اچي ڏسن ۽ انهن اڳيان فوٽو ڪيرائين.

شهر ۾ هڪ پورچوگالين جي ڏينهن جو قلعو هو... قلعو ڇا هو، بہ ڪن عمارتون ۽ ٿوري پٽ هئي ان کي رنگ روغن ڪري ايڏي اشتهاري بازي ڪيائون جو هر هڪ چوڻ لڳو تہ اهو تہ ڏسڻ ئي ڏسڻ کپي. سچي ڳالھ اها آهي تہ حيدرآباد وارو قلعو تہ الائي ڇا آهي پر آهي ڪو ٽوئرسٽ؟ بهرحال ملاڪا حڪومت ٿي چار نيون شيون بہ ناهيون: هڪ تہ چڙيا گهر....بيحد صاف سٿرو ۽ صحتمند جانورن ۽ پکين وارو جنهن ۾ گهمندي مزو اچيو وڃي. هڪ ”مِني ملائيشيا“ ناهيائون جنهن ۾ ملائيشيا جي هڪ هڪ رياست جو حصو رکيو ويو. هر هڪ رياسيت جو ان نموني جو گهر، ماڻهو ۽ انهن جا ويسَ وڳا وغيره. ڪيترا ٽوئرسٽ ملائيشيا جي هڪ هڪ رياست ۾ وڃڻ بدران هتي ملاڪا ۾ اچي مِني ملائيشيا ڏسڻ لڳا.

ملاڪا جي حڪومت ٽوئرسٽن جي ڪاڏي پيتي لاءِ نہ فقط مڪاني هوٽلن ۽ ريسٽورنٽن جي همت افزائي ڪئي پر ڌارين ملڪن جي فاسٽ فوڊ جهڙوڪ KFC مڪڊونالڊ وغيره کي کولڻ ڏنو ۽ انهن جي حفاظت جو بہ ذمو کنيو. ملڪ ۾ ڪٿي ڇا بہ ٿي وڃي پر مجال آهي جو ڌارين ملڪن جي انهن ريسٽورينٽن يا سپر مارڪيٽن تي ڪو حملو ڪري يا هڪ پٿر بہ هڻي. شهر ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ لاءِ بسين ۽ ٽئڪسين کان علاوه پراڻي زماني جون سائيڪل رڪشائون بہ رکيون ويون جن کي ماڻهو هلائين ٿا. هنن رڪشائن کي گلن سان سينگاريو وڃي ٿو ۽ هر ٽوئرسٽ، ملاڪا ۾ اچي هنن رڪشائن ۾ ضرور وهي ٿو ۽ هڪ عدد فوٽو ڪيرائي ٿو. شهر ۾ ڪيترن هنڌن تي پارڪ ناهيا ويا آهن جيئن ٽوئرسٽ شهر ۾ گهمندي ڦرندي ٿڪجي پون تہ ساهي پٽي سگهن. پارڪن، بس اسٽاپن ۽ شاپنگ سينٽرن وٽ مردن ۽ عورتن لاءِ ڌار ڌار Toilets ٺهرايا ويا. هڪ شهر کان ٻئي ڏي وڃڻ لاءِ چوويهہ ئي ڪلاڪ بس سروس رکي وئي جيئن جنهن کي جنهن وقت وٽي اهو ان وقت روانو ٿي وڃي. انڊيا ۾ بہ اهوئي سسٽم آهي. ڏينهن رات ٽوئرسٽ پيا گهمن! مجال آهي جو ڪنهن جي چوري ٿئي يا اغوا جو ڪيس درپيش اچي! امن امان ۽ انصاف بعد جيڪا

ٽوئرسٽن لاءِ اهم شيءِ آهي اها ڪاڏو پيتو آهي. سعودي عرب توڙي ايران يا هيڏانهن ملائيشيا ۾ ان تي تمام ڪڙي نظر رکي وڃي ٿي. ڪو ڏابي وارو، ڪو گاڏي وارو هجي يا وڏي هوٽل وارو، مجال آهي جو ڪاڏي ۾ ملاوٽ ڪري يا پاروٽو ڪاڏو رکي. ڇو جو ڪو به ٽوئرسٽ اهو نٿو چاهي ته پرديس ۾ وڃي بيمار ٿيان. ان ڳالهه تي انڊيا وارا اڃان مڪمل طرح ڪنٽرول ڪري نه سگهيا آهن. هونءَ ڪوشش ڏاڍي ڪن پيا ۽ ڪافي حد تائين ڪاميابي نصيب ٿي اٿن ۽ ٽوئرسٽن جو تعداد به وڃي پيو وڌندو. ايتريقدر جو انڊيا وارن به جپان سنگاپور، ملائيشيا ۽ ايران وانگر بسين ۽ ٽرينن جي آمدرفت ڪي وقت جو پابند بنائي ورتو آهي. اسان وٽ ته ان معاملي ۾ ترقي بدران تباهي ٿي رهي آهي. بسون ته پري جي ڳالهه آهن. ريل گاڏيون به نه صحيح ٽائيم تي هلن ٿيون ۽ نه صحيح ٽائيم تي پهچن ٿيون ڪي ته اڌ تي پهچيو بيهيو رهن جيسين ڪراچي يا روهڙي کان ڊيزل اچي.

اسان جي ملڪ ۾ تاريخي جايون: موهن جو دڙو، ڪوٽڏيجي ڪان نٿو ۽ پنيور جهڙيون ڪيتريون ئي آهن جن کي ڏسڻ لاءِ سڄي دنيا جا ٽوئرسٽ اچي سگهن ٿا پر ڪٿي آهي امن امان، صحيح رهائش ۽ صاف سٿرين هوٽلن جهڙيون بنيادي شيون؟!

هونءَ ڏٺو وڃي ته هر ٽوئرسٽ پاهرين ملڪن ۾ ڪجهه ڏينهن سڪون ۽ آرام لاءِ وڃي ٿو. ٻه ٽي سال اڳ تائين اسانجي ملڪ جا ماڻهو، پارن جي موڪلن ۾ ڪين اتراهن علائقن: ڪوهه مري، گلگت، شاهه ملوڪ وغيره وني ويا ٿي. هاڻ دهشتگردي ڪري ڪو به اوڏانهن جو رخ نٿو ڪري. ڪراچي جهڙي شهر جا ماڻهو ڪيڏانهن وڃن؟ سنڌ جي ٻين ضلعن کان وري به ٿر ڏي سڪون آهي ته ڏسو ته ڪراچي جا ماڻهو ڏينهن ٻن لاءِ به مٺي، عمر ڪوٽ، اسلام ڪوٽ، ڏيپلي جو رخ ٿا رکن. ڪاش سڄي ملڪ ۾ بهتر امن امان ٿي وڃي ته اسان ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ ئي گهمڻ ڦرڻ جون جايون جام آهن... پراڻيون تاريخي عمارتون آهن، باغ باغيچا آهن، جبل ۽ ماٿريون آهن، رڻ پٽ ۽ قديمي غارون آهن، درياهه ۽ نديون آهن، آبشار ۽ چشما آهن، ڪوهه مري، ايوبيه ۽ گورک هل جهڙيون Hill Stations تفريحي جايون آهن جتي جون ۽ جولاءِ ۾ به سيءُ رهي ٿو.

# سياستدانن جا چرچائي بيانَ

ڊارئين زبان سکڻ تمام سٺي ڳالھ آهي. اسين سنڌي خوش نصيب آهيون جو اسانکي ٽي زبانون تہ اچن ئي اچن ٿيون. پنهنجي مادري زبان (سنڌيءَ) کان علاوه اڙدو ۽ انگريزي پڻ. ڪيترن کي تہ پنجابي بہ اچي ٿي. اسان جي صدر آصف زرداريءَ کي ننڍي هوندي تہ پنجابي ڪانہ ايندي هئي شايد جيل ۾ سکي ويو جنهن مان ڪيس اهو فائدو ٿئي ٿو تہ پنجاب ۾ هو جڏهن هنن جي زبان ۾ تقرير ڪري ٿو تہ ماڻهو خوش ٿين ٿا. منهنجو والد (مرحوم گل محمد شيخ) هميشہ مونکي ڊارئين زبان سکڻ لاءِ چوندو هو تہ ”هر زبان تہ نہ، پر گهٽ ۾ گهٽ اهو ملڪ جنهن ۾ ٻن سالن کان مٿي رهڻ جو پروگرام رٿين، ان جي زبان ضرور سک“

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ڪنهن بہ ملڪ  جي زبان ڄاڻڻ سان اتي جا مڪاني ماڻهو وڌيڪ عزتَ ۽ خيالُ ڪن ٿا ۽ پرديسَ ۾ زندگي گذارڻ آسان ٿيو پوي. توهان  کي هو پنهنجين غمين خوشين ۾ شامل ڪن ٿا. خاص ڪري هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ مونکي وڏو فائدو رسي ٿو جو مڪاني ماڻهو، پنهنجيون ڪيتريون ئي ڳالهيون، مسئلا، سوچون، عقيدا ۽ خوف بنا ڪنهن رک رکاءَ جي مونسان Share ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي  جو مون جپان ۽ ملائيشيا تي گهڻا ڪتابَ لکيا آهن. جهاز هلائڻ دوران پنهنجن جونئرن کي ۽ ڪناري جي نوڪري ۾ پنهنجن شاگردن کي آئون بہ اهوئي چوندو رهيو آهيان تہ وڌيڪ زبانون سکو...... خاص ڪري اهي زبانون جيڪي گهڻن ملڪن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. سوڊاني يا مصري ماڻهو اسان پاڪستانين کان کي وڌيڪَ قابل نہ آهن پر عربي زبان جي ڄاڻ ڪري هنن کي هر عرب ملڪ ۾ آسانيءَ سان نوڪري مليو وڃي. اسان مسلمانن لاءِ تہ عربي زبانَ تمام گهڻي اهميتَ رکي ٿي ۽ ڳالهائي بہ تمام گهڻن ملڪن ۾ وڃي ٿي. ملئي زبانَ ادبي خيالَ کان ايتري امير ناهي پر ملائيشيا کان علاوه انڊونيشيا، سنگاپور، برونائي، ڏکڻ ٿائلنڊ ۽ ڏکڻ فلپين ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. اهڙي طرح اهي جهازران جيڪي وچ ۽ ڏکڻ آمريڪا ڏي جهاز هلائين ٿا انهن کي کپي تہ هسپانوي (Spanish) زبانَ سکن جو وچ آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي سڀني ملڪن ۾ هسپانوي ڳالهائي وڃي ٿي، ويندي USA جي ڏاکڻين رياستن: ٽيڪساز، نيوارلينس وغيره ۾ پڻ. آفريڪا ۾ انگريزي بعد فرينچ هلي ٿي. ڏور اوڀر پاسي جپاني ڄاڻڻ واري کي قدر جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. جپاني ڳالهائڻ ۾ سولي ۽ سرائڪيءَ وانگر سريلي آهي. ڪيترا ماڻهو جپاني لکڻي مان اهو سمجهن ٿا تہ اها ڳالهائڻ ۾ چيني زبانَ وانگر آهي. پر ائين ناهي. جتي جپاني زبان ۾ هر لفظ کا شڪل (ڪانجي)آهي اتي اسان جهڙن ڌارين جي سهولت لاءِ آوازن   واري  ڪاتاڪانا ۽ هراگانا لکڻيون پڻ آهن. جپاني ڳالهائڻ ۾ ان ڪري سولي آهي جو جپانيءَ جي هر لفظ ۾ڪانسوننٽ پويان Vowel آهي. توهان جپاني زبانَ جي ڪو بہ لفظ ڪڍي ڏسو

توهانکي هر ڪانسوننٽ پويان Vowel نظر ايندو. مثال طور سوزوڪي، ياشيڪا يا سانيو ڏسو ته اهو Vowels سان پريو پيو آهي. ان ڪري جپاني لفظ اُچارڻ سولا آهن.

هڪ ٻي ڳالهه جوبه اظهار ڪندس ته ڪا به زبان سکو ته اها چڱيءَ طرح سکو ۽ ڪا به شيءِ بنا محنت جي حاصل نٿي ٿئي. پاڪستان ۾ ۽ هر ملڪ ۾ ڌارين زبانن سکڻ جا ٽيوشن سينٽر آهن جن مان مون ڏٺو آهي ته ڪيترا شاگرد ٻن هفتن يا مهيني جو ڪورس ڪري مليل سرٽيفڪيٽ يا ڊپلوما ڏيکاري پيا خوش ٿيندا ته اسان جرمن، فرينچ يا عربي سکي آهي. آئون اهو چوندس ته انهن ڪاغذن جي ڪا Value ناهي. ڪم جي شيءِ اها آهي ته توهان سکيل زبان ڦر ڦر (Fluently) ڳالهائي به سگهو ٿا يا نه؟ ڪيترا مون اهڙا شاگرد ڏٺا جيڪي عربي زبان ۾ M.A ڪرڻ بعد به ڪنهن عرب جي ٻن جملن کي نٿا سمجهيو سگهن! اوساڪا يونيورسٽي جي سنڌيءَ جي پروفيسر ڪينساڪو ماميا کي شاباس ڏيندو آهيان جيڪو جپاني شاگردن کي سنڌي پڙهائي ٿو ۽ اسان سنڌين سان به نه رڳو ٽڪڙو ڳالهايو وڃي پر سنڌي ۾ چرچا پوڳ به ڪري ٿو. جيتوڻيڪ هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان فقط ايم فِل ڪئي آهي.

جهاز تي Sail ڪندڙ هڪ جونيئر کي چيم ته ”سچو ڏينهن ڪمپيوٽر تي فلمون ٿو ڏسين. ان کان بهتر آهي ته جنهن ڊچ جهازران ڪمپني ۾ آهين انهن جي زبان ڪٽي سک“

”سر! جيسين ڪنهن ڇوڪريءَ سان عشق نٿو ٿئي تيسين زبان سکڻ تي دل نٿي چوي.“ هن جواب ڏنو.

”ته پوءِ هاڻ جهاز به مهينا کن ڪولمبو (سري لنڪا) ۾ هلي بيهندو.... سنهالي سکي وٺجانءِ.“ مون چيو مانس

”نه هاڻ ٻي زبان ۽ ٻي عشق جي ضرورت ناهي. مونکي اوڏکي زبان اچي ٿي ۽ اوڏ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ وارو آهيان.“

اها ٽيهارو سال اڳ جي ڳالهه آهي. ڪئپٽن امر چند اڄ ڪلهه نيوزيلئنڊ ۾ رهي ٿو ۽ سندس اوڏ زال مان ٽي ٻار جوان به ٿي ويا آهن.

ملائيشيا ۾ پڙهائڻ دوران شاگردن کي فارين زبان سکڻ جي تلقين ڪندي ڪڏهن ڪڏهن ”ڪوئي ۽ ٻليءَ“ جو لطيفو به ٻڌائيندو آهيان ته هڪ ٻلي اچي ڪوئي جي پنيان لڳي. ڊوڙائي ڊوڙائي ٿڪائي رکيائينس، آخر ڪوئي چا ڪيو جو هڪ پيتيءَ پويان لڪي ڪتي جي آواز ۾ ڀونڪار ڪئي ”ڀؤن ڀؤن ڀؤن“

ٻلي اهو ٻڌي ڊڄي وئي ۽ پويان پير ڪري ڀڄي وئي. ڪوئو هٽ چندي ٻاهر نڪتو ۽ چپن تي مرڪ آڻي چيو: ”واقعي ڌارئين زبان سکڻ مان فائدو آهي!“

سو ٻئي جي زبان ضرور سکجي. آئون ان جي حق ۾ آهيان پر ان ڏينهن درٻيلي جي ڪئپٽن احمد حسين مخدوم سان گڏ ويٺو هوس ته ان وقت وزير اعليٰ صاحب جو ٽي وي تان اهو بيان هلي رهيو هو ته سنڌ جي اسڪولن ۾ هاڻ چيني زبان به سيکاري ويندي. اهو ٻڌي اسان ٻنهي کان ٽهڪ نڪري ويو. اسان جي کلڻ جو سبب توهان شايد اهو سمجهي رهيا هجو ته اسان اهو بيان ٻڌي سوچيو هجي ته سنڌ جي اسڪولن ۾ شاگرد صحيح طرح سنڌي به نٿا پڙهن. انگريزي پڙهي اڪ ڪارا ڪيائون هاڻ وري دنيا جي ڏکي ۾ ڏکي زبان چيني سکندا. جي ها! توهان جي اها ڳالهه به صحيح آهي پر اسان کي اچ کان چاليهه ٻائيتاليهه سالَ اڳ جو زمانو ياد اچي ويو جڏهن اسان تازو جهاز جي نوڪري شروع ڪئي هئي ۽ اسانجو جهاز چين جي بلڪل ڏکڻ اوپر واري هڪ بندرگاهه فانگچيانگانگ ۾ هو. مائو جو زمانو هو. اسان ڌارين کي گهمڻ ڦرڻ جا اجازت نه هئي سو ڪئپٽن مخدوم (جيڪو انهن ڏينهن ۾ ڊيڪ ڪئڊٽ هو ۽ آئون جونئر انجنيئر) ٻنهي گڏجي اتي جي ماڻهن کان ڪجهه چيني زبان جا جملا سکيا جو جو اسان کي ٻڌايو ويو هو ته هاڻ هر سفر ۾ اسانجو جهاز ملائيشيا، جپان ۽ ڪوريا سان گڏ چين به ويندو رهندو.

ٻئي دفعي اسان جو جهاز چين جي ٻئي بندرگاهه شنگهائي پهتو. اتي جي ماڻهن سان اسان چيني زبان ڳالهائي ته سمجهن ئي نه! اسان جي پچيل انگريزي جملن جا هاڻ هنن ٻيا چيني جملا ٻڌايا. اسان اهي خوب رٽيا. ٽيو دفعو اسان جو جهاز چين ۾ ضرور آيو پر بلڪل اتراهين بندرگاهه ڊاليان ۾. اتي جي ماڻهن سان جڏهن ياد ڪيل چيني جملا ڳالهاياسين ته خبر پيئي ته هو بلڪل نٿا سمجهن. نه شنگهائي وارا ياد ڪيل جملا ۽ نه فانگچينگانگ وارا! پوءِ اسانکي اتي رهندڙ يونيورسٽي جي هڪ انگريز پروفيسر ٻڌايو ته سڄي چين ۾ ڪا هڪ چيني زبان ناهي. هتي ننڍيون ننڍيون سوين زبانون آهن پر وڏيون جيڪي هڪ ڪروڙ کان به مٿي ماڻهو ڳالهائين ٿا اهي به پنجاهه کن آهن !

ملائيشيا ۾ ڏسڻ ۾ ايندو ته جڏهن چار پنج چيني گڏ وهن ٿا ته هو انگريزي يا ملئي زبان ۾ ڳالهائين ٿا چو جو ضروري ناهي ته هنن جو چين جي ساڳئي صوبي سان تعلق هجي. چين جي هر صوبي ۽ علائقي جي مختلف چيني زبان آهي. سو اسان جي وزير اعليٰ جو بيان ٻڌي اسان کي ان تي کل آئي ته جيڪا ڳالهه اسان کي 40 سال کن اڳ سمجهه ۾ اچي وئي اها اسان جي صوبي جي سربراهه کي اجان نه آئي آهي.

هتي اهو به لکندو هلان ته جيئن اردو ۽ هندي زبان سمجهڻ وارو هڪ ٻئي سان ڳالهائي ته سگهي ٿو پر هڪ ٻئي جي لکٽي پڙهي نٿو سگهي چو جو اڙدو ۽ هندي لکٽي جدا جدا آهي. ملائيشيا ۾ هَڪا، ٽيوچو ۽ هُڪين چيني زبانون ڳالهايون وڃن ٿيون. سنگاپور جي چئن قومي زبانن مان جيڪا هڪ چيني زبان آهي اها مندارين سڏجي ٿي. هانگ ڪانگ جي چيني زبان

ڪئنٽونيز آهي (جيڪا چين جي گئانگ ڊانگ ۽ گئانگزي صوبن جي زبان آهي)، اهڙي طرح Wu نالي چيني زبان آهي، چئانگزي صوبي جي Gan نالي چيني زبان آهي جيڪا پنج ڪروڙ چيني ڳالهائين ٿا. اهڙي طرح ٻيون چيني زبانون آهن جيڪي ڳالهائڻ ۾ مختلف آهن پر سيني جي لکت ساڳي آهي. جو ته چيني زبان ۾ هر لفظ شڪل آهي. اها ڳالهه ائين سمجهي سگهو ٿا ته مثال طور سج جي شڪل ناهڻ ته هرڪو سمجهي سگهي ٿو ته اهو سج آهي پر اسان سنڌي ان شڪل کي ڏسي سج يا سج سڏيندا سين، اڙدو ڳالهائڻ وارو سورج، سنسڪرت وارو ثوريا، انگريز ان کي ڏسي سن چوندو، عرب شمس چوندو ته ايراني آفتاب...... وغيره. پر ڳالهه اها آهي ته ڪا به چيني زبان ڳالهائڻ ئي ڏکي ڳالهه آهي لکڻ ته ٿيو بيحد مشڪل ڪم. اسانجو ماڻهو انگريزيءَ جي 26 اکرن ۽ سنڌيءَ جي 52 اکرن ۾ ئي ڦاٿو رهي ٿو تنهن ۾ آهي ايتري همت جو ٿوري گهٽي چيني پڙهڻ لاءِ به گهٽ ۾ گهٽ به هزار شڪيون ياد ڪري؟ هونءَ ته چيني زبان جو ڄاڻو يا ماستر پروفيسر سڏائڻ لاءِ اٽڪل پنجاهه هزار شڪليون ياد ڪرڻ ضروري آهن.

جيئن اسان وٽ پاڪستان ۾ صوبن جي حساب سان سنڌي، بلوچي، پنجابي، پشتو وغيره زبانون آهن تيئن چين ۾ تيرهن ڪن زبانون ته ائين صوبن جي حسابَ سان آهن. جن مان گهٽي ڪان گهٽي منڊارين آهي جيڪا 85 ڪروڙ چيني ڳالهائين ٿا. ان بعد Wu نالي چيني زبان آهي جيڪا شنگهائي ۾ ۽ جيسانگسو صوبي ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. تائيوان وارو چيانگ ڪائي شيڪ جي مادري زبان به وو (Wu) هئي. ڪئنٽونيز چيني زبان آهي جيڪا Yue يا Yueh به سڏجي ٿي ۽ ست ڪروڙ ماڻهو ڳالهائين ٿا. اهڙي طرح Min نالي چيني زبان آهي جيڪا پنج ڪروڙ ماڻهو ڳالهائين ٿا ڪن ڪن چيني زبانن جا ڪجهه ترمس ۽ لفظ پاڻ ۾ ضرور ملن ٿا. پر اهو آهي ته سڀ چيني زبانون Tonal آهن يعني ساڳيو لفظ مختلف لهجي ۽ اچارڻ جي نموني سان چار پنج معنائون به رکي ٿو پوءِ ان حسابَ سان ساڳي لفظ جون لکڻ ۾ مختلف شڪليون آهن. يعني ڳالهائڻ ۾ ڪنهن لفظ جي صحيح معنيٰ جي خبر نه پوي ته ان جي شڪل ڏسي يعني لکت ۾ اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اها ڳالهه ا سان جي زبانن ۾ جيڪي فونيٽڪس آهن مشڪل آهي. مثال جي ڳالهه سنڌي جو هڪ لفظ وَٽُ ڪٽو جنهن جون ڪيتريون ئي معنائون آهن جهڙوڪ ڏاڳي کي وٽ ڏيڻ، پيٽ ۾ وٽ پوڻ، تور لاءِ ساهمي ۾ وٽ وجهڻ، تبرڪ طور مهمانن کي وٽ ڏيڻ وغيره پر سيني شين لاءِ لکڻ ۾ به هڪ ئي نموني جو لفظ آهي. ڪنهن ڪنهن زبان ۾ لکڻ ۾ ٿورو فرق رکيو ويو آهي جيئن انگريزي جو لفظ نات آهي جيڪو Not، Naught، Knot وغيره لکيو ٿو وڃي.

شروع جي ڏينهن ۾ هانگ ڪانگ يا سنگاپور ۾ ڪا چيني فلم ڏسندا هئاسين ته ان جا sub Titles انڊين فلمن وانگر انگريزي بدران چينيءَ ۾ ئي لکيل ڏسي اسان کي حيرت ٿيندي هئي.

مونکي ياد آهي تہ سنگاپور جي State سئنيما هال ۾ مون پر ۾ وينل هڪ همراھ کي چيو هو: جڏھن چيني فلم آهي تہ هيٺ بہ چينيءَ ۾ چو لکيل آهي؟ شايد ٻوڙن لاءِ ڇا جيکي ٻڌي نٿا سگهن؟

ان تي هن مونکي ٻڌايو تہ فلم ٺيوچو چيني زبان ۾ آهي جيڪا فقط ٺيوچو ڳالهائڻ وارا سمجهي سگهن ٿا پر هال ۾ اڌ کان وڌيڪ مندارين، ڪئنٽونيز، هُڪين، هَڪا، گان، دنگان (چيني مسلمانن جي زبان)، زيانگ ۽ ٻيون چيني زبانون ڳالهائڻ وارا ويٺا آهن جن جي سمجهڻ لاءِ سب ٽائٽل لکت ۾ ڏنا ويا آهن.

بهرحال الله ڪنهن کي همت ۽ توفيق ڏئي تہ هو پلي چين جي ڪا چيني زبان سکي. چين هڪ وڏو ملڪ آهي. اڄ ڪلهہ هن جو بزنيس سڄي دنيا سان آهي، اسانجو پاڙيسري ۽ دوست ملڪ آهي پر ڪا بہ ڌارئين زبان سکڻ کان اڳ پنهنجي ملڪ جي زبان ۽ انگريزي (جنهن ۾ اسانجي ملڪ جو ڪاروبار دنيا سان هلي ٿو ۽ هڪ پٽيوالي کي آفيس مان موڪل ڪرڻ لاءِ بہ انگريزيءَ ۾ درخواست ڏيڻي پوي ٿي) ۾ پڙ هڻ ضروري آهي. ٻي ڳالهہ تہ توهان جو چين جي جنهن حصي يا صوبي سان واسطو هجي ـ تعليم، نوڪري يا بزنيس جي سلسلي ۾ تہ ان صوبي جي زبان سکجي. ڪئنٽونيز سکڻ بعد توهان کي ڪئنٽن يا هانگ ڪانگ ۾ تہ رهڻ ۾ مزو ايندو پر پاڪستان جي اتر واري چين ڪاشغر وغيره ۾ توهان جي اها چيني ڪنهن کي بہ سمجھ ۾ نہ ايندي.

ڪجھ ڏينهن اڳ (نومبر جي مهيني ۾) عدنان رنڌاوا جو جنگ اخبارَ ۾ وزير اعليٰ سنڌ جي بيان جي سلسلي ۾ هڪ ڪالم هو. پاڻ چين ۾ سفارتڪار بہ ٿي رهيو آهي. بقول هن جي هن سڀ ڪم ڪار ڇڏي بہ سالَ لڳاتار چيني سکڻ جي ڪوشش ڪئي پوءِ وڃي جهڙي تهڙي ڳالهائڻ سکيو ۽ هن جي چواڻي چيني زبان دنيا جي مشڪل ترين زبان آهي. هن لکيو آهي تہ حڪومت سنڌ جي ان بيانَ تي حيرت ٿي تہ سنڌ ۾ چيني زبان کي نصاب ۾ شامل ڪيو ويندو. پر ان سان گڏ اهو سوال بہ پيدا ٿئي ٿو تہ اهو ڪيئن ٿيندو؟ چيني زبانَ کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ کو ڪنڌ جو اڳهہ وڌائڻ تہ ناهي جيڪو وزير اعليٰ صاحب ڪاٻي هٿ سان ڪري سگهي. انگريزي تہ اسان پنهنجن ٻارن کي سيکاري نہ سگهياسين جنهن جي سکڻ جا موقعا چيني زبان جي نسبت ايترا تہ گهڻا هئا جو مقابلو ئي نٿو ڪري سگهجي.

بهرحال ڪجھ سالن اندر چيني زبان کي اسڪولن ۾ متعارف ڪرائڻ جو حڪومت سنجيده ارادو رکي ٿي تہ سوچڻو پوندو تہ هزارن جي تعداد ۾ چيني سيکارڻ وارا استاد ڪٿان ايندا؟ جيڪڏهن چين هزارن جي تعداد ۾ ٽيچر بہ موڪلي تہ انهن لاءِ بي پناھ وسائلن جي ضرورت پوندي، اهي ڪٿان ايندا؟ ڇا ان ڪم لاءِ بہ پاڪ چيني دوستي جو نعرو هٽي پنڻ جو ارادو آهي.

# حال ساڳيا رهيا فقيرن جا.....

ڊاڪٽر طاهر القادري جو ”لانگ مارچ“ شروع ٿي پڄاڻي تي پهچي ويو. پاڻ سان گڏ جا ٻوڙي ويو جا وهائي ويو، سنڌس مارچ ۽ ڌرڻي ڪري قوم ۽ ملڪ کي ڪو فائدو رسيو يا نقصان...ڪجهه خبر نٿي پوي. ٻن هفتن کان ان بابت ملڪ جي مختلف اخبارن ۽ ٽي وي چئنلن تي لڳاتار سياستدانن، دانشورن، وزيرن ۽ مشيرن جا بحث پيا هلن... آئون پنهنجي ڳالهه ڪندس جو مونکي اهو نقصان رسيو آهي جو ويهن ڏينهن کان ڪاوش ۾ منهنجي ڪالمَ کي جڳهه نه پئي ملي. چوڌاري رڳو طاهرالقادري بابت ڪالم نظر اچن ٿا...خبر ناهي ادارتي صفحي تان طاهر القادري ڪڏهن غروب ٿيندو جو اسان کي وارو ملندو.

علامه طاهر القادري 1951ع ۾ جهنگ شهر ۾ دين الاسلام جي عالم فريد الدين قادري جي گهر ۾ ڄائو. هن جي وڏن جو تعلق پنجاب جي سيال فئملي سان آهي. شروع جي تعليمَ جهنگ جي عيسائي اسڪول Sacred Heart School مان ورتي پوءِ ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ هن جي والد اسلامي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هن کي مديني پاڪ جي ”مدرسة العلوم الشريعت“ ۾ داخل ڪرايو. مديني ۾ هن ڪيترن عالمن وٽ تعليمَ حاصل ڪئي ان بعد پنجاب يونيورسٽيءَ مان Law ڪيو ۽ وڪالت دوران پنجاب يونيورسٽي ۾ پڙهايو. 1986ع ۾ قانون ۾ Ph.D ڪئي ۽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. ساڳي وقت هو ملڪ جي سپريم ڪورٽ ۽ فيڊرل شريعت ڪورٽ جو قانوني صلاحڪار پڻ مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر طاهر القادري لاءِ چون ٿا ته هن ايڪانامڪ ۽ پوليٽيڪل سائنس کان ديني فلاسافي، قانون، روحانيت، ميڊيڪل سائنس، صوفي ازم ۽ علم فلڪيات جهڙن سبجيڪٽن تي 6000 کن ليڪچر ڏنا آهن. هن جا انهن ليڪچرن تي اڙدو، انگريزي ۽ عربي ۾ 400 کن ڪتابَ آهن.

منهاج القُرآن انٽرنيشنل سنڌس NGO آهي جيڪا گذريل 25 سالن کان 80 ملڪن ۾ خير جا ڪم ڪري رهي آهي. ان نالي سان هو لاهور ۾ يونيورسٽي پڻ هلائي ٿو. سنڌس ڪيترن ئي ملڪن ۾ شاگرد ۽ پوئلڳ آهن.

طاهر القادري سان منهنجي ملاقات ٻه سالَ اڳ ڪوالالمپور (ملائيشيا) ۾ ٿي جتي هو اسانجي غريب طبيعت (پئسي ڏوڪڙ ۾ پڻ غريب) دوست غلام علي سولنگي وٽ ٽڪيل هو.. مونکي حيرت ٿي ته علامه طاهر القادري جهڙو ماڻهو جنهن جا سڄي ملائيشيا ۾ خبر ناهي ڪيترا امير ۽ وڏن عهدن وارا ملئي ماڻهو مريد آهن اهو عليءَ وٽ نه فقط سادگي واري حالت ۾ رهيو پر سڄو ڏينهن عليءَ سان گڏ سندس پراڻي ماڊل واري ننڍڙي ”پروٽان ساگا“ ڪار ۾ گهمندو رهيو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سندس ڳالهين مان آئون ٻه ايتري قدر متاثر ٿيس جو ڪراچي پهچي پهريون ڪم اهو ڪيم ته سندس ڪتابن مان ڪجهه، جيڪي مونکي عليءَ Suggest ڪيا، اڙدو بازار مان خريد ڪري آيس.

هتي اهو ٻه لکندس ته ڊاڪٽر طاهر القادري جي ڳالهين ۾ خلوص ۽ سچائي هجڻ ڪري اسان هن ۾ ڪشش محسوس ڪئي ٿي پر ان وقت مون اهو نٿي سمجهيو ته هن ۾ ايڏي ڪشش آهي جو ٻن سالن بعد پاڪستان جي هر طبقي جا هزارين ماڻهو هن جي تقريرن تي چڪجي هن جي پويان ائين هلندا جيئن پائيڊ پائيپر جي بانسري جي آواز پنيان ڪوئا! ... پوءِ اسان ٿي وي تي ڏٺو ته اسلام آباد جي سخت ٿڌ ۾ ڪيتڪ ماڻهن جا ڪلئي آسمانَ هيٺان ڏرٽو هٽي ويهي رهيا. سرڪار ٽيهه هزار ماڻهو چوي ٿي، پاڻ ڏهه لک چوي ٿو، پر اسان جي دوست لاهور واري دانشور ۽ اديب حسن نثار جي چواڻي مطابق اڍائي لک ئي سمجهو.... پر يارو هڪ ڳالهه سوچڻ جي آهي...... ماڻهو ڪٽي ڏهه هزار هجن ته ٻه سخت سيءَ ۾ سڄي سڄي رات رستي تي وهڻ..... سو ٻه رڳو مرد نه پر عورتون ۽ ٻار ٻه...... ڇا وڏي ڳالهه ناهي؟ ملائيشيا جو هڪ مفڪر، جيڪو مون سان گڏ BBC تان اسلام آباد وارو هي ڏرٽو ڏسي رهيو هو تنهن ٿڌو ساهه کڻي چيو: ”ههڙي ٿڌ ۾ رستي تي رات گذارڻ وارن جا ڏک ضرور ان ٿڌ کان ٻه وڏيڪ چُڀندڙ هوندا. هو هن شخص کي مسيحا سمجهي هن کي فالو ڪري رهيا آهن. ڪيڏي ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته جمهوري حڪومت ۾ عوام پنهنجن نمائندن مان وسواس وڃائي ويهي.

ٻه هفتا ڪن اڳ آئون لاڙڪاڻي جي ڪئڊٽ ڪاليج ۾ ليڪچر ڏيڻ لاءِ ويو هوس. موڪل واري ڏينهن (آچر تي) صبح جو ڳڙهي خدا بخش هليو ويس. رستي تي ڊرائيور چيو ته پاڪستان جو هي اهو ڳوٺ آهي جتي سڄي ملڪَ جا اهم ماڻهو اچن ٿا.

”آدم شماري ڇا هوندي؟“ مون پڇيو.

”سائين ڏهه پندرهن هزار“ ڊرائيور جواب ڏنو.

مون دل ۾ سوچيو ته هن ڳوٺ جو هڪ هڪ ماڻهو سڪيو هوندو. شهيد ڀٽو جي مزار ٻاهران ڳوٺ جي ٻارن کي ڏسي فوٽو ڪيرائڻ لاءِ آئون ڪار مان ٻاهر نڪتس. سئيٽر ۽ ڪوٽ ۾ به سخت سردي محسوس ٿي رهي هئي. اٺ ڏهه سالن جي عمر جي ڏهاڪو ڪن ڇوڪرين سان گڏ بيهي جلدي جلدي ٻه چار فوٽو ڪيرائي روانو ٿيس. گهر پهچي جڏهن اهي فوٽو فيس بوڪَ تي لوڊ ڪيم ته اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ننڍڙيون ٻار ٺهڙي سيءَ ۾ بنا گرم ڪپڙن جي هيون ۽ تقريباً سڀ پيرين اگهاڙيون هيون! اڄ جي دؤر ۾ دنيا جو ڪهڙو ملڪ آهي جتي جو هي حال هجي..... خاص ڪري اهو ملڪ _ جيڪو نيوڪليئر پاور هجي. اسان جو ملڪ ائٽم بم ناهڻ جي طاقت رکي ٿو پر ماڻهن جو ڇا حال آهي....... ڪنهن شاعر خوب چيو آهي.

هين وهي حال هم فقيرون ڪي
دن پهري هين فقط وزيرون ڪي
هر بلاول هي ديس کا مقروض
پاؤن ننگي هين بي نظيرون ڪي

۽ پوءِ جڏهن ملڪ جو اهو حال هجي ته ڪو به پنهنجو پرايو عوام کي لوڙهي سگهي ٿو..... پنهنجي طلسم ۾ منڊي سگهي ٿو. طاهر القادري ڇا ٿو ڪرڻ چاهي، هن جي پنيان ڪير آهي.... ماڻهو اجان تائين رڳو ڏڪا پيا هڻن.... تقرير ڪرڻ جو ته هو ماهر آهي، خلق خدا اهو ئي سوچڻ تي مجبور ٿيندي رهي ته لانگ مارچ ۽ ڌرڻي بعد اڃهو ٿيون هن ملڪ مان ڪير جون نديون وهن، اڃهو ٿو مهانگائيءَ جو ڀوت بوتل ۾ بند ٿئي، اڃهو ٿو هر هڪ کي روزگار ملي.... پر في الحال ٿيو ڪجهه ناهي...

ڪيسي انوکهي داستان سب کو سنا گيا
ايک شخص ساري شهر کو مامون بنا گيا

ڊاڪٽر طاهر القادري کي ڪي ماڻهو مداري سمجهندا رهيا ته ڪي مسيحا، جيڪو اسلام آباد جي سخت سيءَ ۾ ٺڙڪندڙ مائرن، ٻارن ۽ پوڙهن کي ٻه اميد جي سهاري سوگهو جهليو ويٺو هو. پاڻ سيڪيورٽي جي نالي ۾ ڪنٽينر ۾ محفوظ هو جيڪو هر خيال کان سيون اسٽار سڏيو وڃي ٿو جنهن جو هيٽنگ سسٽم ٻه ايڏو اعليٰ هو جو هڪ دفعو تقرير دوران ڊاڪٽر صاحب کي رڙ ڪرڻي پئي ته ”ڪنٽينر جو دروازو ته کولي ڇڏيو مونکي گرمي ٿي لڳي.“ ان وقت مونکي ائين لڳو ته فرانس جي انقلاب وارو حال ٿيندو جنهن ۾ راڻي صاحبه جي اهو چوڻ تي ”ماڻهن کي کائڻ لاءِ ماني ناهي ته ڪيڪ چونه ٿا کائين“ بکايل ماڻهن بغاوت ڪري ڇڏي...... اسان سمجهيو ته سخت سيءَ ۾ ڏڪندڙ عوام مشتعل ٿي پنهنجي امامِ انقلاب کي ڪنٽينر مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي اهو چوندو ته ”جيڪڏهن هي جمهوري جهاد آهي ته تون به اسان سان گڏ ٻاهر ٿڌ ۾ اچي ويهه.“ پر سڄو ميڙ تاڙيون وڄائيندو رهيو. آخر ۾ طاهر قادري طرفان عوام کي ته ڪجهه نصيب ٿيندو نظر نه آيو پر ڊاڪٽر صاحب جي شهرت بلندين تي پهچي وئي جنهن کي توهان ڀلي ڪٽي سستي شهرت جو نالو ڏيو. هو پاڻ ڪٽي سياستدان نه سڏائي پر اهو ئي ته ڪجهه سياستدان ڪن ٿا. بقول شيخ اياز جي:

”ڪارڪن انهن ڪانئن وانگر ٿين ٿا جن کي
ٻاري سياستدان پنهنجا هٿ سيڪين ٿا“

ڊاڪٽر طاهر القادري جي ان خيال کي ٻه حيرت سان ڏٺو وڃي ٿو ته هن اچڻ سان حڪومت کي يزيد سڏيو ۽ بار بار امام حسين جا حوالا پئي ڏنا. ڇا امام حسين يزيد سان ڳالهيون ڪيون هيون ۽ ائين معاهدو ڪيو هئائين جيئن هن ڪيو؟ اسانجي چرچائي دوست شوڪت جماڻيءَ هن سڄي ڊرامي کي انڊين فلم سان تشبيهه ڏني آهي جنهن ۾ شروع ۾ نفرت جو اظهار هوندو آهي ۽ پوءِ آخر ۾ هيرو ۽ هيروئن ملي ويندا آهن. هن جي چواڻي:

Long march was like an Indian love story: there were songs... The hero and heroine hated each other... Then it rained and they fell in love.

ٿي وي تي ڏسندا رهياسين ته ڊاڪٽر طاهر القادري آخر تائين پنهنجي ضد تي قائم رهيو. ڪيترن ته اهو به چيو ته هو ڪڏهن ڪجهه تو چوي ته ڪڏهن ڪجهه........ لڳي ٿو چريو ٿي پيو آهي. ايتري قدر جو اسان جي دوست شاعر هدايت بلوچ پنهنجو شعر گهڙي اسانکي SMS ڪيو ته:

منهنجي دل به چري ٿي پئي آ
صفا طاهر القادري ٿي پئي آ...

قادري صاحب جي جيڪا ڳالهه ماڻهن کي کٽڪي ٿي ۽ ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي هن کي ڪمزور بڻائي اها آهي سندس ڪئناڊا جي شهريت... جنهن ۾ هن انگلنڊ جا ملڪا (راڻيءَ) سان وفاداريءَ جو قسم کنيو آهي .... جيڪا ڪئناڊا جي به هيڊ مجي وڃي ٿي. بقول اسانجي دوست ڪئپٽن زيديءَ جي:

قادري بدنام هوا، ملڪا تيري لئي

ماڻهن کي اهوئي مونجهارو ۽ ڳڻتي آهي ته هي به ذوالفقار مرزا وانگر ماڻهن ۾ چيرو وجهي پاڻ غائب نه ٿي وڃي. ڇي:

تم تو ٺهري پرديسي، ساٿ ڪيا نبهائوگي،
صبح پهلي فلائيٽ سي Canada ڀاڳ جائوگي.

مردن، عورتن، ٻارن کي ٽي ڏينهن ٽي راتيون اسلام آباد جي سرديءَ ۾ وهارڻ تي حڪومت تي سخت دٻاءُ پيو ۽ ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لاءِ حڪومت پنهنجا اهم وزير موڪليا. ڳالهيون ڪامياب ٿيڻ جو اعلان ٿيو. ڊرٽي ۾ شامل ماڻهن خوشيءَ مان جهمريون هنيون ۽ هر ڪو پنهنجي گهر روانو ٿيو. ڇا واقعي عوام لاءِ ڪو فائدو ٿيو؟

اڄ هفتو ٿي ويو آهي.... ٽي وي جو ڪو به چينل ڪٽي ڪول ته گهٽي ياڳي اهو ئي پيو ٻڌجي ته طاهر القادريءَ ڪجهه نه ڪيو..... ماڻهن کي چڪر ڏئي ويو..... اسان جهڙن غير سياسي ماڻهن کي ته ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڳالهه ڇا آهي ۽ ان جي پٺيان حقيقت ڇا آهي..... هڪ پاڻ جهڙي همراهه کان پڇڻ تي جواب ۾ هن هڪ لطيفو SMS ڪيو آهي......

هڪ چيتو چرس ناهي رهيو هو. اوچتو هڪ ڪوئو ڀڄندو آيو ۽ چيائينس: ”ڇو زندگي برباد ڪرين ٿو. ڏس ڪيترو نه خوبصورت جنگل آهي. مون سان گڏ اچ ته جنگل جو چڪر ڏياري اچئين.“

چيتو هن سان گڏ گهمڻ لاءِ هليو. اڳيان هليا ته هڪ هاٿي شراب پي رهيو هو. ڪوئي هن کي به چيو: ”ڇو زندگي برباد ڪرين ٿو؟“

هاٿي به هن سان گڏ هلڻ لڳو....

ٿورو اڳيان هليا ته هڪ پولڙو هيروئن پي رهيو هو. ڪوئي وري ساڳي ڳالهه شروع ڪئي. پولڙو پهريون جملو ئي ٻڌي باهه ٿي ويو ۽ ڪوئي کي پري ٿڦڙ هنئي....

چيتي ۽ هاٿيءَ حيرت مان پولڙي کان ان جو سبب پڇيو. پولڙي ڪوئي کي ٻجو ڏيندي چيو ته ٻن ڏينهن کان ڪميڻو پنگ پي مونکي ٽي ٽي ڪلاڪ رلائيندو رهيو.....

خواهشون کي قافلي ڀي ڪتني عجيب هوتي هين غالب
اڪثر وهان سي گذرتي هين جهان راسته نهين هوتا

# اتر يورپ جوسياروءِ اونهارو

هتي اهو به لکندو هلان ته دنيا ۾ کي ملڪ ۽ قومون پنهنجي مذهب مطابق سج يعني Solar ڪئليندر کي فالو ڪن ٿيون ته ڪي چنڊ يعني Lunar ڪئليندر کي فالو ڪن. جيسيتائين گرمي ۽ سردي جي ڏينهن جون موڪلون آهن يا فصل پوکڻ لُڻَڻ جون تاريخون آهن اسان مسلمان شمسي Solar ڪئليندر مطابق هلون ٿا باقي مذهبي ڳالهين حج، رمضان وغيره لاءِ اسان قمري (Lunar) ڪئليندر کي فالو ڪريون ٿا جنهن جا سالَ ۾ 15 ڏينهن گهٽ ٿين ٿا.

شمسي ڪئليندر سان ڪرسمس ڊي جهڙيون تقريبون هر سال ساڳئي موسم ۾ اچن ٿيون. پر اها سني ڳالهه آهي ته رمضان وغيره قمري سال مطابق ٿئي ٿو نه ته مثال طور رمضان هر سال نومبر ۾ ٿئي ها ته اسان وٽ پاڪستان ۾ يا اجان متي اتر ۾ روس، ترڪي، پولنڊ، جرمني جي رهاڪن لاءِ روزا هميشه ٿڌا ۽ ننڍا (5، 6 ڪلاڪن جا) هجن ها ۽ ڏکڻ اڌ گول جي ملڪن موزمبق، رهوڊيشيا، ارجنٽائين، آسٽريليا وغيره ۾ هميشه گرم ۽ گهٽڻ ڪلاڪن (15 کان 20 ڪلاڪن) وارا هجن ها.

اسان وٽ اونهاري ۽ سياري ۾ ڏينهن رات جو ڪو وڏو فرق نٿو ٿئي. مثال طور جون جولاءِ ۾ وڌ ۾ وڌ 14 ڪلاڪن جو ڏينهن ٿئي ٿو. پڙهندڙن جي Idea لاءِ هتي هڪ مهيني ”جون“ جي 23 تاريخ تي ڪجهه اتر قطب کي ويجهو ملڪن ۾ سج ايرڻ ۽ لهڻ جا وقت لکان ٿو:

ناروي ـ سج جو ايرڻ صبح جا 4 ۽ لهڻ رات جا 11 يعني 19 ڪلاڪ سج رهي ٿو ۽ سج لهڻ ڪانپوءِ به ڪلاڪ به روشني رهي ٿي. يعني رات واري اونداهه فقط 3 ڪلاڪَ مس ٿئي ٿي.

الاسڪا (آمريڪا) ۾ ساڍي چئين بجي صبح جو سج ايري ٿو ۽ 12 بجي اڌ رات جو لهي ٿو. يعني سج لهڻ ڪانپوءِ رهندڙ روشني کي ملائي تقريباً 21 ڪلاڪ ڏينهن رهي ٿو باقي 3 ڪلاڪ ڪن رات واري اونداهه.

آئيس لينڊ بيٺ اجا گهڻو اتر ۾ آهي. اتي اونهاري ۾ يعني هن جون جي مهيني ۾ سج صبح جو 3 بجي ايري ٿو ۽ 21 ڪلاڪن بعد 12 بجي آڌي رات جو لهي ٿو جنهن بعد ڪلاڪ به روشني رهي ٿي يعني هتي 23 ڪلاڪ ڪن ڏينهن لڳو پيو آهي باقي ڪلاڪ ڪن اونداهه مس آهي.

اهڙن ملڪن ۾، جيئن آئون پڙهائي دوران سئيڊن ۾ رهندو هوس يا نوڪري دوران ناروي ۽ فنلنڊ جهاز وني ويندو هوس، ماڻهو اسان وانگر اونداهه ٿيڻ تي نه سمهن نه سج ايرڻ تي اٿن. هو گهڙيال جي سُين مطابق سمهن ۽ اٿن ـ ناروي، ڊئنمارڪ، سئيڊن، فنلنڊ پاسي توهان کي گهرن جي درين تي به پڙدا نظر ايندا. هڪڙا سنهڙا سونهن لاءِ بيا انهن جي پنيان ٿلها تکي رنگ جا.

اونهاري ۾ ڏهين بجي رات جو پڙدا ڏئي ڪمري ۾ اونداهه ڪري سمهڻو پوندو آهي ڇو جو ٻاهر سج چمڪندو رهي ٿو. بنا پڙدن جي رات وارا ڇهه اٺ ڪلاڪ سمهڻ ڏکيو ڪم ٿيو پوي جو ان دوران سج آڌي رات جو ٻارهين بجي ڌاري لهي وري ٽن ڪلاڪن بعد اڀري وڃي ٿو.

مونکي سئيڊن ۾ رهڻ جي پهرين رات ٿي ياد اچي. مئي يا جون جو مهينو هو يعني ڏينهن وڏا هئا ۽ راتيون مختصر. مون وٽ ان رات نه واچ هئي نه گهڙيال. سمهڻ مهل مونکي اهو ڌيان ۾ نه آيو ته دريءَ جا پڙدا ڏئي سمهڻ کپي. ڪراچيءَ کان سفر ڪري پهتو هوس ۽ سخت ٿڪل هوس. سو ڏهين بجي ڌاري سج جي روشني ۾ ئي گهاٽي ننڊ اچي وئي. ڪجهه ڪلاڪن بعد اک کلي ته مون واري پاسي کان سج مٿي چڙهي آيو هو ۽ سجو ڪمرو اس ٿي ويو هو. ان وقت جيتوڻيڪ اڃا صبح جا پنج ٿيا هئا پر واچ نه هجڻ ڪري مون کي ائين لڳو ڄڻ منجهند جا ڏهه ٻارهن ٿي ويا هجن. مونکي ڏاڍو افسوس ٿيو ته اڄ پهرين ڏينهن ئي مونکان يونيورسٽي جا ڪلاس مِس ٿي ويا.

پر جڏهن دريءَ کان ٻاهر نگاهه ڪيم ته اهو ڏسي وائڙو ٿي ويس ته نه روڊ تي اها ڏينهن واري ٽرئفڪ هئي ۽ نه دڪان کليل نظر آيا. دڪانن اڳيان ٻه رول ڪتا ۽ پارڪ جي بينچ تي هڪ ٻلي گهاٽي ننڊ ۾ ستي پئي هئي. مونکي طلسماتي ڪهاڻين جي رات ياد آئي جنهن ۾ جادوگر سڄي شهر کي بيهوش ڪري ويو هجي. ٻاهر نڪري وراندي ۾ لڳل گهڙيال کي ڏٺم ته ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ته سج ته ڪو ٽين يا چئين بجي اڀري ويو آهي پر ڪانٽا ڇهه جو وقت پيا ڏيکارين. يعني اڃان نيرن ۾ به ڪلاڪ آهي ۽ يونيورسٽي وڃڻ ۾ ته ٻه ڪلاڪ آهن.

هنن اتراهن ملڪن جي اونهاري ۾ اهو فرق آهي ته جتي اسان وٽ اونهاري ۾ سخت گرمي ٿئي ٿي اتي هنن ملڪن جو اونهارو بيحد ٿڌو ۽ فرحت بخش رهي ٿو. بلڪ اونهاري ۾ ئي هن پاسي بهار ۽ زندگي نظر اچي ٿي. سياري جي ٿڌ ۾ نوڙها ٿي ويل وڻ هڪ دفعو وري ڇهچ ساون پنن سان پرجيو وڃن..... پارڪ گلن سان پرجيو وڃن..... ڏکڻ ڏي يعني آفريڪا، آسٽريليا، ويندي سنڌ، ڪڇ، گجرات ڏي لڏي ويل ڪونجون، هنج، آڙيون، تلور، نيرگ، لنج، چيڪلا وغيره موٽي اچن ٿا..... جوڙاري ماڻهو گهمندي ۽ ڳالهائيندي نظر اچن ٿا ـ هن پاسن جو سيارو اداسي ۽ مايوسي وارو ٿئي ٿو. سخت سيءَ ڪري هرڪو گهر ۾ قيد ٿيو وڃي جوڙاري برف باري ۽ اونداهه جوڙيڪ رهي ٿو. سياري جي موسم ۾ عورتون ته تمام گهڻيون پر مرد به ڊپريشن جو شڪار رهن ٿا. خودڪشين جو انگ به سياري ۾ گهڻو رهي ٿو.

هنن ملڪن جي اسان لاءِ هڪ ٻي حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه اها آهي ته هن پاسي اونهاري ۾ به ايتري ٿڌ ۽ ٿڌيون هوائون لڳن ٿيون جو پنکي جي ضرورت ئي نٿي پوي. هن پاسي جي ملڪن ۾ توهان کي نه ٽيبل فئن نظر ايندو ۽ نه ڇت وارو پنکو. بسين جون دريون هميشه لاءِ بند رهن.

سئيڊن، ناروي ۽ فنلئنڊ پاسي جي ڪيترن ماڻهن پنهنجي سڄي زندگي فئن ڏٺو ئي ڪونهي جيئن ملائيشيا جي ڪيترن ماڻهن ڪڏهن هڪ دفعو به سئيٽر يا ڪوٽ پاتو ناهي جو ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙن ملڪن ۾، جيڪي خط استوا وٽ آهن، ڪڏهن سيءُ ٿئي ئي ڪونه. ٻارهوئي موسم گرم رهي. رڪي رڪي مينهن پوي جنهن ڪري گرمي ڪجهه گهٽ ٿئي.

# ڪتاب ڪي اهڙا ضروري ناهن......

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه ياد پئي اچي جڏهن اسان تعليم مڪمل ڪري پاڻي جي جهاز جي نوڪري شروع ڪئي هئي.... يعني هيءَ ڳالهه 45 سال کن اڳ 1968ع جي آهي. انهن ڏينهن ۾ ڪمپيوٽر ته ڇا پر اجان وڊيو به عام نه ٿيو هو جيڪو ڊگهن ساموندي سفرن تي وقت پاس ڪرڻ لاءِ ڪٽي ڏسجي. ريڊيو فقط تڏهن ٻڌي سگهبو هو جڏهن جهاز ڪنارو وٽي هلندو هو. ان تي به يورپ جي ڪجهه ملڪن وٽان لنگهندي، ڪنهن ڪنهن MW اسٽيشن تان انگريزي ۾ پروگرام ٻڌڻ ۾ ايندو هو نه ته آفريڪا کنڊ ۽ ڏکڻ آمريڪا کنڊ وٽان لنگهندي فرينچ يا هسپانوي زبانون ئي ٻڌڻ ۾ آيون ٿي. سو اسان جهاز هلائيندڙن لاءِ سمنڊ تي واحد وندر پتي راند هوندي هئي يا مون جهڙن ڪجهه لاءِ ڪتاب پڙهڻ. اسان جي جهاز تي مون سان گڏ منهنجائي به ڪلاس ميٽ اهڙا هئا جيڪي هميشه ڪراچي ڇڏڻ وقت پاڻ سان گڏ ڪجهه ڪتاب ۽ رسالا ڪٽي نڪرندا هئا جيڪي پوءِ هڪ ٻئي کي پڙهڻ لاءِ ڏيندا هئاسين. ڪراچي ڇڏڻ کانپوءِ ٻن ٽن ڏينهن بعد سري لنڪا جو بندرگاهه ڪولمبو اچي ويندو هو، جتان اسان کي انگريزي جا نوان ڪتاب به سستا ملي ويندا هئا يا چٽگانگ (انهن ڏينهن ۾ مشرقي پاڪستان) ۽ ملائيشيا جي پينانگ بندرگاهه مان به سستا سيڪنڊ هئنڊ ڪتاب ملي ويندا هئا ۽ اڳتي هلي سنگاپور مان پڻ. سچ ته اهو آهي ته انهن ڏينهن ۾ ٻاهر جا ڇپيل انگريزي ڪتاب ڪراچي ۾ مهانگا ملندا هئا. ان ڪري اسان پنهنجي لاءِ ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ دوستن لاءِ ٻاهرين ملڪن مان ڪتاب خريد ڪري ايندا هئاسين.

هڪ دفعي ڪراچي مان جڏهن لنگر ڪٽي ڪولمبو لاءِ روانا ٿياسين ته ممبئي جي آسپاس پنهنجي هيڊ آفيس مان ٽيليگرام آيو ته جهاز کي مشرق بدران مغرب ڏي نيويارڪ آمريڪا وٺي وڃو. هونءَ ته ڪراچي کان نيويارڪ سورنهن سترهن ڏينهن جو ساموندي سفر آهي پر انهن ڏينهن ۾ سئيز ڪئنال بند ڪيو ويو هو سو ڳاڙهي سمنڊ ۽ ميڊيٽرينين سمنڊ مان گُهٽ هٽي اتر ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ پهچڻ بدران سڄي آفريڪا کنڊ کي ڦيرو ڪرڻو پيو ته ۽ نيويارڪ پهچڻ لاءِ اسان کي مهينو ڏينهن رات جهاز هلائڻو پيو. هن سفر ۾ ڪيترائي دفعا جهاز خراب ٿيو، ڪيترا دفعا طوفان آيو ۽ بيحد خراب سمنڊ پڻ مليو. ان کان علاوه ڪڏهن ڪڏهن طبيعت به خراب رهي پئي پر انهن سيني ڳالهين اسان کي ايڏو پريشان نه ڪيو جيترو ڪتابن جي کوٽ. ڪتاب نه هجڻ ڪري ننڊ به نٿي آئي. ان سفر ۾ پڪو پهه ڪيم ته آئيندي ڪولمبو، پينانگ يا سنگاپور بندرگاهن تي ياڙڻ بدران ڪراچيءَ مان ئي ٻن ٽن مهينن جو پڙهڻ جو اسٽاڪ ڪٽي هلبو ڇو ته جهاز جي ڪنهن وقت به روٽ بدلجي سگهي ٿي. اهو به شڪر ڪيوسين جو جهاز آمريڪا (USA) جهڙي ملڪ ۾ وڃي رهيو هو جتي انگريزي ڳالهائي وڃي ٿي ۽ مهانگا يا سستا اتان کان اسان انگريزي ناول ۽

رسالا خريد ڪري سگهياسين ٿي. رستي تي ٻن ڏينهن لاءِ جهاز ڪيوبا ۾ ترسيو پر اتي انگريزي بدران هسپانوي زبان هلي ٿي. بهرحال آمريڪا پهچڻ تي اسان جي جهاز ڪي نيويارڪ بدران سوانا نالي بندرگاهه ۾ لنگر ڪيرائڻ لاءِ چيو ويو. هي بندرگاهه آمريڪا (USA) جي ڏکڻ ۾ آهي. اسانجو هڪ جهازي جيڪو هن کان اڳ هڪ ٻئي جهاز تي هن بندرگاهه مان ٿي ويو هو تنهن اسان کي خوشخبري ٻڌائي ته هن بندرگاهه ۾ مختلف ملڪن کان ايندڙ جهازين لاءِ هڪ وڏو ”سي مين ڪلب“ به آهي جنهن ۾ مفت ۾ فلمون ڏيکاريون وڃن ٿيون ۽ رسالا ڪتاب پڻ ڏنا وڃن ٿا.

اسان کي ٻئي يا ٽئي ڏينهن جيئن ئي جهاز جي خفن مان فرصت ملي ته اسان تي دوست پڇائيندا پڇائيندا هتي جي سي مين ڪلب ۾ اچي نڪتاسين. ڪلب ته تمام وڏو هو. ڪن ڪن بندرگاهن جي ماڻهن کي اسان جهاز هلائڻ وارن جو ڪيڏو خيال ٿئي ٿو ته اسان سمنڊ تي رولاڪن واري زندگي گذاريون ٿا، اسين تڪليفون ۽ ڏک ڏسون ٿا، گهٽ ۾ گهٽ سندن بندرگاهن ۾ اسان لاءِ ٻيو نه ته مفت جي ڪافي ۽ چانهه بسڪٽن جو بندوبست رکيو وڃي، ست سمنڊ پار Subsidized اگهه تي فون ڪيو وڃي ۽ پڙهڻ لاءِ ڪتاب ۽ رسالا رکيا وڃن..... وغيره. هن ڪلب ۾ ته ڪتابن ۽ رسالن سان ٻه ٽي ڪمرا پريا پيا هئا. ڪلب جي انچارج ٻڌايو ته ”اسان هن علائقي جي پرنٽنگ پريسن، دڪاندارن ۽ لئبررين کي چئي ڇڏيو آهي ته جيڪي ڪتاب فالتو هجن يا وڪامڻ کان بچي پون ته هتي ڦٽا ڪندا وڃو.“ پوءِ اسان کي مخاطب ٿي چيو ”توهان جيترا ڪٽي سگهو ڪٽي وڃو.“

هن اسان کي اهو به ٻڌايو ته پر واري ڪمري ۾ خالي ڪارٽن (ڪوڪا) ۽ ٿيلهيون (شاپر) پڻ رکيا آهن. اسان ڏاڍو خوش ٿياسين ۽ پنهنجي دلپسند اديبن جا ڪتاب چونڊڻ ۾ لڳي وياسين. ڪجهه ريڊرس ڊائجسٽ ۽ نئشنل جاگرافڪ رسالا به چونڊياسين. ان ڪم ۾ آئون ٿورو سنو ثابت ٿيس جو منهنجا ٻئي دوست خالي ڪوڪن ۾ ڪتاب پري رسي سان ٻڌي رسيپشن تي ڪٽي ويا ۽ مفت جي ڪافيءَ مان لطف حاصل ڪرڻ لڳا. بهرحال مون به 50 کن ڪتاب چونڊيا ۽هاٽي خالي ڪوڪي لاءِ پر واري ڪمري ۾ ويس ته ڍاڪو کن خالي ڊبن (ڪارٽنن) کان علاوه پلاسٽڪ جي خوبصورت ٿيلهين جا انبار لڳا پيا هئا جن مان هڪ به سي مين ڪلب جو انچارج، ڪنهن لاءِ ڪٽي رهيو هو.

”ڪجهه ٿيلهيون ڪٽي سگهان ٿو؟“ مون هن کان پڇيو.

”ڪجهه ٿيلهيون؟ جيتريون وڻنئي ڪٽي وڃو. هتي جي هر شيءِ توهان جهازين لاءِ ته آهي. ڪالهه ئي هڪ دڪان بند ٿيو آهي ۽ هو دڪان جون سڀ ٿيلهيون هتي ڦٽيون ڪري ويو آهي.“ اهو چئي هو هليو ويو ۽ مون خالي ڪوڪو ڪٽي ٻئي ڪمري مان پنهنجا چونڊيل ڪتاب وجهڻ بدران اتي ئي ان ڪوڪي کي ٿيلهين سان پري پوءِ رسين سان مضبوط ٻڌي، اچي پنهنجي جهازي دوستن

سان مليس، جيڪي مين گيٽ وٽ پنهنجي ڪوڪي ڪي ڪلهن تي رکي منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا.

هتي اهو ٻہ ٻڌائيندو هلان تہ اڄ ڪلهہ سواءِ ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ دڪان جي هر هنڌ پلاسٽڪ جون هڪ ئي ڦِڪل رنگ جون بلو يا اڇيون ڪاريون، بيحد سنهيون ٿيلهون (شاپر) ملن ٿا. انهن ڏينهن ۾ يعني 1968-69ع ۾ فقط جپان ۽ آمريڪا ٿلهي پلاسٽڪ جو مضبوط، سهڻيون ۽ رنگين تصويرن واريون ٿيلهيون ڪڍيون هيون. اسانجو جهاز جپان يا هانگ ڪانگ جهڙن بندرگاهن کان ڪراچي موٽندو هو تہ اسان جا مائٽ ۽ دوست اهڙين ٿيلهين لاءِ گهرَ ڪندا هئا. بعد ۾ 1975ع ۾ تيل مهانگو ٿيڻ بعداهڙيون سهڻيون ٿيلهيون نهڻ ئي بند ٿي ويون.

بهرحال اسان پنهنجن ڪوڪن سان اڇي جهازَ ۾ پهتاسين ۽ پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ وڃي ڪوڪا رکياسين. آمريڪا ۾ باقي ڏينهن اسان گهمندا رهياسين. مهيني کان پوءِ جهاز واپس ورڻ لاءِ لنگر ڪنيو تہ ٻئي ڏينهن، سمند تي، آئون پنهنجن دوستن کان پڙهڻ لاءِ ڪتاب گهرڻ لاءِ سندن ڪئبنن ۾ ويس تہ ٻنهي کان رڙ نڪري وئي تہ هيترا ڪتاب ڪٽڻ جي باوجود آئون ٻيهرين ڏينهن ٻين کان ڪتاب وٺڻ آيو آهيان ۽ پوءِ کين جڏهن خبر پئي تہ آئون ڪتابن بدران 300 کن اوڇيون ٿيلهيون ڪٺي آيو آهيان تہ ماڳهين مونکي مارڻ تي آيا تہ مون کين چو نہ ٻڌايو. پوءِ هرهڪ کي مڙيئي ڏهہ ويهہ کن ٿيلهيون ڏيئي جان ڇڏايم ۽ پڙهڻ لاءِ ڪتاب اڌارا ورتا مان.

ڪراچي پهچي جن دوستن ۾ اهي خوبصورت ٿيلهيون ورهايم انهن مان ڪجهہ اڄ بہ ياد اٿم جيڪي هميشہ ٻين کي بہ چوندا رهندا هئا تہ الطاف جيسيتائين جهاز تي هو هن پڙهڻ لاءِ خوب مفت جا ڪتاب آندا هڪ دفعي تہ ٿيلهيون بہ آٽي ڏنائين.... اهي هئا: قمر شهباز ۽ شمشير الحيدري..... الله کين جنت نصيب ڪري.

# مفت جون ڪيڪ پيسٽريون.....

شروع جي سامونڊي زندگي جو هڪ ٻيو واقعو ٿو ياد اچي..... يعني اهوئي 1968ع ۽ 1969ع وارن سالن جو...... منهنجي هڪ اهڙي پراڻي جهاز تي بدلي ٿي جنهن تي مرمت Maintenance جو ايڊو ڪم هو جو روزانو مقرر ڊيوٽي کان علاوه ٻه ڪلاڪ وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو. مون سان گڏ مون جهڙو هڪ ٻيو به جونئر انجنيئر هو جيڪو هن جهاز تي هڪ سال گذاري چڪو هو جيڪو مونکي سمنڊ تي ئي آگاهه ڪندو رهيو ته بندرگاهه ۾ پهچڻ تي پاڻ جونئر انجنيئرن جي موڪل ٿيڻ مشڪل تي لڳي جو جهاز جي انجڻ جو ڪم تمام گهٽو Due تي چڪو آهي. اسانجو جهاز آمريڪا جي بندرگاهه هيوسٽن ڏي وڃي رهيو هو ۽ هيترا ڏينهن سمنڊ تي گهارڻ بعد اسان جي دل ماندي تي رهي هئي ته هيوسٽن جو شهر ضرور گهمجي. منهنجي ساٿي انجنيئر اها پلاننگ ڪئي ته بندرگاهه ۾ جهاز پهچڻ تي پاڻ ٻئي بيماريءَ جو بهانو ڪنداسين ۽ اسپتال وڃڻ جي بهاني شهر گهمي ايندا سين.

جهاز تي ڪم ڪرڻ وارن لاءِ اهو بين الاقوامي طور قانون مقرر آهي ته هنن ڪي جهازن جي مالڪن طرفان ميڊيڪل سهولت لاءِ انشوئر رکجي. يعني جهاز جي هر مالڪ کي پنهنجي جهاز سان گڏ جهاز هلائڻ واري ڪئپٽن کان خلاصي تائين جي انشورنس ڪرائڻ ضروري آهي ـ آمريڪا ۽ جپان جهڙن ملڪن ۾ جيتوڻيڪ ڊاڪٽرن جي في يا دوائن جي قيمت تمام گهڻي آهي پر جهاز هلائڻ وارن کي ڪهڙو فڪر. ٻي ڳالهه ته ڪو بيماري جو بهانو (Malingering) ٿو ڪري ته به ڪو به ڊاڪٽر ان جي شڪايت نه ڪندو. هن کي پنهنجي ڳري في وٺڻ سان واسطو. ساڳي وقت جهاز جو ڪو به وڏو آفيسر ڪنهن کي ڪنهن به ملڪ ۾ ڊاڪٽر ڏي وڃڻ کان روڪي نٿو سگهي. مثال طور جهاز جو ڪو آفيسر جهاز جي ڀنگيءَ کي اهو چئي ڊاڪٽر ڏي نه موڪلي ته تون بهانو ٿو ڪرين توکي پيٽ ۾ سور ناهي ته اهو ڀنگي به سڄي جهاز کي مصيبت ۾ وجهي سگهي ٿو. هو ڪناري تي ڪٽي چپ رهي. جهاز جي لنگر ڪڻڻ کان پوءِ ٻن يا ٽن ڏينهن بعد سمنڊ تي وٺي هاءِ گهوڙا ڪري ته مونکي پيٽ ۾ سخت سور پئجي ويو آهي... ته اهڙي حالت ۾ هن جي جان بچائڻ لاءِ احتياطن جهاز کي واپس يا ڪنهن ويجهي بندرگاهه ۾ وٺي وڃڻ ضروري ٿيو پوي. ان جي تيل سڙڻ ۽ بندرگاهه ۾ جهاز بيهارڻ جو لکين رپيا خرچ هڪ طرف ته ان آفيسر تي قانوني ڪورٽ ۾ ڪيس ٻئي طرف ٿيندو ته هن ڪنهن کي ميڊيڪل جي سهولت کان ڇو پري رکيو. ۽ اهو سڄو خرچ جهاز جي مالڪ کي ڀرڻو پوي ٿو.

سو چاليهه کن ڏينهن جي سامونڊي مسافري بعد اسانجو جهاز جيئن ئي هيوسٽن جي ائنڪريج تي، يعني بندرگاهه کان ويهه ٽيهه ميل پري، کلي سمنڊ ۾ اچي لنگر ڪيرايو ته اسان ٻنهي

جونئر انجنيئرن پنهنجي باس (جهاز جي سيڪنڊ انجنيئر) کي بيمار هجڻ ۽ ڊاڪٽر وٽ تپاس لاءِ وڃڻ جو اطلاع ڪيو. هر جهاز تي ڇهه ست مئرين انجنيئر ٿين ٿا. انهن ڏينهن ۾ اڻ اتوميٽڪ ۽ پراڻا جهازَ هجڻ ڪري اٺ نو مئرين انجنيئر ۽ ٽي چار ڊيزل مڪينڪ ۽ هڪ اليڪٽريشن هڪ اليڪٽرڪ انجنيئر به هوندو هو. بهرحال جهاز جي انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جو سربراهه چيف انجنيئر ٿئي ٿو ۽ ٻئي نمبر تي وڏو انجنيئر سيڪنڊ انجنيئر سڏجي ٿو. جهاز جي انجنيئرن کي مختلف ڊيوٽيون ڏيڻ، جهاز جي هر هڪ مشينري کي صحيح حالت ۾ رکڻ ۽ چيف انجنيئر کي آگاهه ڪرڻ هن انجنيئر (سيڪنڊ انجنيئر) جو ڪم ٿئي ٿو.

اسانجو جهاز هونءَ ئي پراڻو ۽ مرضيل هو ويتر آمريڪا لاءِ ائٽلانٽڪ ۽ ڪئريبين سمنڊ اڪرندي اسان کي چڱي خاصي خراب موسم ۽ خراب سمنڊ مليو هو، جنهن جهاز جي مختلف مشينن تي اجان به خراب اثرات ڇڏيا. واپسي جي سفر لاءِ انهن مان ڪيترين مشينن جي اوور هال ڪرڻي هئي يا پرزا بدلائڻا هئا. اهي سڀ ڳالهيون سيڪنڊ انجنيئر جي ذهن ۾ هيون ۽ هو ڪاٽ ڪهاڙا تيار ڪريو وينو هو ته جهاز رڳو بندرگاهه ۾ پهچي ۽ انجڻيون بند ٿين ته سڀني انجنيئرن جي Shore Leave بند ڪري في الحال اوور هالنگ تي لڳايان. سو اهڙي تناظر ۾ جڏهن جهاز جا اسين به سڀ ڪان جونئر انجنيئر هن وٽ بيماري جو بهانو ڪٽي پهتاسون ته هن جي هٿن جا طوطا اڏامي ويا ڇو جو هر جهاز تي گهٽي گدها مزوري لاءِ ته جونئر انجنيئر ئي ڪم اچن ٿا. اسان جي ڳالهه ٻڌي هو ٽٻيءَ ۾ اچي ويو. ڪجهه ڪچي نه سگهيو. رڳو ڏند ڪرٽيندو ۽ ٽڏا ساهه ڪٽندو رهيو.

جهاز کي اندر بندرگاهه ۾ وٺي وڃڻ کان اڳ بندرگاهه طرفان اميگريشن ۽ ڪسٽم جو عملو ۽ اسانجي لوڪل آفيس جو انچارج جهاز جا ۽ اسان جا ڊاڪيومينٽس (ڪاغذ پٽ) چيڪ ڪري ويو. آفيس انچارج کي جهاز لاءِ گهربل ضروري راشن پاڻي آڻڻ ۽ ٻين ڪمن سان گڏ اسان کي اسپتال وٺي وڃڻ لاءِ پڻ ٻڌايو ويو. رات جو جهاز بندرگاهه ۾ داخل ٿيو ۽ جيٽي (ڏڪي) سان ٻڌو ويو. صبح جو نيرن بعد ٻيا انجنيئر تيل هاٿيون ڊانگريون پائي انجن روم ۾ ڪم ڪار يعني پورهئي لاءِ هليا ويا باقي اسان به ”هٿ نوڪيا بيمار“ ٺاءِ ڪوٽ ۾ تيار ٿي ايجنٽ سان گڏ جهاز تان هيٺ لهي اچي سندس ڪار ۾ ويناسين. سيڪنڊ انجنيئر ڪرڙين نگاهن سان اسان کي ڏسندو رهيو. نارمل حالت هجي ها ته اڄ پهرين ڏينهن سيڪنڊ انجنيئر ۽ ٻيا سينيئر آفيسر شهر گهمڻ لاءِ نڪرن ها ۽ ٻئي ڏينهن اسان جونئر ۽ ٻي ڪت خلق جو به وارو اچي وڃي ها. پر هتي هي هڪ جهونو ۽ پرزن لڏيل جهاز اسان کي اهڙو ته متي ۾ لڳي ويو هو جنهن سمنڊ توڙي بندرگاهه تي اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. لڳو ٿي ته ڪم گهٽي هجڻ ڪري جهاز جو چيف انجنيئر به به ٽي ڏينهن سخت مصروف رهندو ۽ خط پوسٽ ڪرڻ لاءِ به جهاز جي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي زمين تي پير نه رکي سگهندو. هن جهاز تي اچڻ جي پهرين ڏينهن کان اسان پنهنجي ڪمپني کي گاريون پئي ڏنيون ته

ههڙو ڪڳو جهاز خريد ڪري اسان  ڪي سورن ۾ چو وڌو ويو آهي. پر اسانجي جهازي ڪلچر موجب اسان ههڙي يا ڪنهن به جهاز تي Sail ڪرڻ لاءِ انڪار به نٿا ڪري سگهون. هر صورت ۾ اسانکي چئلينج قبول ڪرڻ لاءِ تربيت ڏني ويندي آهي. جهونا جهازي ان بابت اڪثر چڪلي ۾ وينل رنڊيءَ جو مثال ڏئي چوندا آهن ته هڪ دفعو ساموندي نوڪري اختيار ڪرڻ بعد جهاز چاهي ننڍو ملي يا وڏو، نئون ملي يا ڪراڙو، رنڊيءَ وانگر انڪار هرگز ناهي ڪرڻو.

مڪاني آفيس جي انچارج پنهنجي آفيس ۾ پهچي اسان ڪي ڊاڪٽر لاءِ خط ڏنو ۽ ٽئڪسي ۾ وهاري اسپتال ڏي روانو ڪيو. ٽئڪسي ڊرائيور شيديءَ اسپتال ۾ لاهي پنهنجو ڪارڊ ڏنو ۽ ٻڌايو ته ڪيس واپسي جو به پاڙو ملي ويو آهي. ڊاڪٽر خبر ناهي ڪيترو وقت وٺي بهرحال اسان جنهن وقت به واندا ٿيون ته هن ڪي يا هن جي ٽئڪسي ڪمپنيءَ کي فون ڪري ٽئڪسي گهرائي وٺون.

اسان اسپتال اندر داخل ٿياسين ته ڊاڪٽر واندو وينو هو تنهن ڏهن منٽن ۾ تپاس ۽ ايڪسري ڪري، ڪوڙيون سچيون پيٽ جي سور جون دوائون ۽ ٻن ڏينهن لاءِ مڪمل آرام لکي اسان کي فارغ ڪيو. اسان ٿياسين ڏاڍا خوش ۽ شهر گهمڻ لاءِ نڪري پياسين. کيسي ۾ ڪي خاص پئسا نه هئا جو بس يا ٽئڪسي ۾ چڙهي ڪيڏانهن پري وڃون.  بس پنهنجي گوڏا گاڏيءَ ۾ جنهن ڪي ڪي ماڻهو بس نمبر  11 (يعني ٻه ٽنگون) به سڏين، شهر جي هڪ مارڪيٽ جو چڪر ڏئي ٻئي ۾ آياسين تي. بک به لڳي هئي سوچيوسين ته هاڻ جهاز تي موٽي هلي لنچ ڪائجي پر پوءِ چيوسين ته ڊالر ڪن جا مگيرا (Peanuts) وٺي گذارو ڪبو پر شامَ کان اڳ جهاز تي نه وڃبو، نه ته سيڪنڊ انجنيئر ڊاڪٽر جو آرام وارو ليٽر ڏسي به اسان ڪي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيندو. انهن سوچن ۾ گم، اسان هڪ  پارڪ مان لنگهياسين ته اتي ڏٺوسين ته گهر جي سامان جو نيلام تي رهيو هو... ٿانوَ ٿپا، هنڌ بسترا، اليڪٽرڪ جو سامان وغيره. پارڪ ۾ خريدارن جو چڱو خاصو تعداد هو جيڪي واڪ ڏئي رهيا هئا. انهن سان گڏ ڪيترا ماڻهو ٽيليفون ذريعي به واڪ ڏئي رهيا هئا. آيل مهمانن لاءِ نيلام وارن طرفان چانهه، ڪافي، بسڪيٽن، سئنڊوچن ۽ چاڪليٽن جو به مفت بندوبست هو جيڪي ميزبان ڇوڪريون وڏن خومچن تي سجائي ذري ذري اڳيان پئي لنگهيون. ٻيا ڪائين يا نه، اسان خوب جاوا ڪندا رهياسين ۽ دل پشوري لاءِ ساڻن چرچا به ڪندا رهياسين. رڪي رڪي ڪڏهن چانهه پيا پيون ته ڪڏهن ڪافي... ڏاڍو مزو لڳو پيو هو ۽ ڏسندي ڏسندي شامَ تي وئي ۽ اسان موٽڻ جي ڪئي. فون ڪرڻ تي ٽئڪسي اچي وئي جنهن اڌ ڪلاڪ اندر اچي جهاز جي ڏاڪڻ وٽ ڇڏيو. ڏاڪڻ چڙهي مٿي آياسين ته رهائش وارن ڪمرن جي ٻمپ وٽ ئي ريڊيو آفيسر مليو. ٺهڪ ڏيندي چيائين: ”رات به ٻاهر ئي رهي پئو ها.“

اسان کي سندس چرچو نہ وڻيو. بيمارن کي ٽوڪون هڻبيون آهن ڇا!؟ بهرحال ڊرائنگ روم ۾ گهڙياسين تہ جهاز جا سڀ آفيسر تي وي ڏسي رهيا هئا. در وٽ ئي سيڪنڊ انجنيئر بٺالر سوٽ ۾ وينو هو. تنهن اکين جا دوڏا ڪڍي چيو تہ ”ايڏي دير؟“

منهنجي پاران منهنجي ساٿي انجنيئر جواب ۾ چيس: ”سائين ڇا ڪريون، ڏاڍي رش هئي. ڊاڪٽر بہ دير سان آيو ۽ هاڻ جيئن ئي ڏنائين تہ ستو جهاز تي اچي نڪتا آهيون....لنچ بہ نہ ڪائي سگهيا آهيون...“

”لنچ ڪائڻ جي توهان کي ضرورت ئي ڪهڙي؟“ سيڪنڊ انجينئر چيو ۽ آئون اهو سوچڻ لڳس تہ هي چوي ڇا پيو ۽ آئون ذري گهٽ چوڻ وارو هوس تہ ڇو بيمار ”انسان“ نہ آهن ڇا؟ انهن کي بک نٿي لڳي ڇا..؟“

پر چڱو جو منهنجي ڪچڻ کان اڳ هُن تي وي ڏي اشارو ڪندي چيو ”هيترا ڪيڪ پيسٽريون ڪائڻ بعد بہ لنچ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريو؟“

تي وي ڏي ڏسون تہ اهو ساڳيو پارڪ وارو نيلام پيو هلي جيڪو اسان جا جهاز وارا منجهند کان ڏسي رهيا هئا. بعد ۾ تہ ريڊيو آفيسر ٻڌايو تہ چڱو جو جهاز تي اجان فون نہ لڳو هو نہ تہ سيڪنڊ انجنيئر تہ اهو تي چاهيو تہ نيلام وارن جو نمبر ملائي ڪين واڪ ڏيڻ بدران اهو چئجي تہ انهن ٻن ڪنگلن کي تہ جهاز ڏي واپس ڪريو جيڪي رڳو وينا چَرن.

سيڪنڊ انجنيئر چيو تہ ”هاڻ سزا خاطر آمريڪا جي هن بندرگاهہ ۾ جهاز تي ئي رهجو“ مون ڊاڪٽر جو آرام لاءِ ڏنل ليٽر کيسي مان ٽورو ڪڍي وري اندر وجهي ڇڏيو جو چوري پڪڙجڻ بعد هاڻ ان خط کي پڙهائڻ جو ڇا فائدو؟

# ڇهن مهنن جو ڏينهن، ڇهن مهنن جي رات

منهنجي پڙهندڙن طرفان اهو سوال تمام گهڻو پڇيو ويو آهي ته اهي ملڪ جتي ڇهه مهينا ڏينهن ڇهه مهينا رات آهي اتي نماز ۽ روزي جا ڪهڙا وقت آهن.

اسانجي ڌرتيءَ جو گولو لاٽونءَ وانگر 1000 ميل في ڪلاڪ جي حساب سان سج جي سامهون گول گهمي ٿو جيڪو چڪر 24 ڪلاڪن ۾ پورو ٿئي ٿو. سج جي سامهون واري اڌ ۾ سج جا ڪرڻا پوڻ ڪري ڏينهن رهي ٿو ۽ ڌرتي جي گولي جو جيڪو حصو سج کي پٺ ڏئي ٿو اتي اونداهه يعني رات ٿيو وڃي ۽ تارا نظر اچن ٿا. تارا سج واري پاسي به موجود آهن پر سج جي تکي روشني ۾ نظر نٿا اچن. سج گرهڻ ٿيڻ تي اهي ڏينهن جو به نظر اچن ٿا.

اسانجي ڌرتي نه رڳو پنهنجي محور جي چوڌاري گول گهمي ٿي پر 67000 ميل في ڪلاڪ جي رفتارَ سان 365 ڏينهن ۾ سج جي چوڌاري به ڦيرو ڪري ٿي. هونءَ ته ڌرتيءَ جو گولو بال وانگر گول هجڻ کپي پر ٻين سيارن وانگر، جيڪي تيز رفتار سان گول ڦرن ٿا، اسانجي ڌرتي جو به پيٽ (وچ وارو حصو) ٻاهر نڪري پيو آهي بلڪ اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته ڌرتي جي شڪل گدري جهڙي آهي. گدري جو مٿيون حصو جتان هو ڇنيو وڃي ٿو اهو سمجهو ته دنيا جو اتر قطب آهي جيڪو Arctic وارو علائقو به سڏجي ٿو ۽ بلڪل هيٺيون حصو ڏکڻ قطب آهي جيڪو Antarctic ريجن سڏجي ٿو.

دنيا جي گولي تي اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب کان علاوه خط استوا واري ليڪ (Equator) به مشهور آهي. خط استوا اهو خيالي ليڪو آهي جيڪو ڌرتيءَ کي پورن ٻن اڌن ۾ ورهائي ٿو. مٿيون اڌ ”اتر اڌ گول“ (Northern Hemisphere) سڏجي ٿو ۽ هيٺيون اڌ ”ڏکڻ اڌ گول“. اتر اڌ گول ۾ يعني ايشيا، يورپ، ڪئناڊا، اتر آمريڪا ۽ آفريڪا جي مٿين حصي ۾ جڏهن نومبر ڊسمبر جنوري ۽ فيبروري جهڙن مهينن ۾ سيارو رهي ٿو ته ڏکڻ اڌ گول جي ملڪن آسٽريليا، نيوزيلئنڊ، ڏکڻ آفريڪا، ڏکڻ آمريڪا ۾ انهن ڏينهن ۾ اونهارو رهي ٿو. خط استوا يعني ڌرتي جي وچ واري علائقي ۾ (جنهن ۾ ملائيشيا، انڊونيشيا، ڪينيا، يوگنڊا، اڪيڊار، برازيل ۽ ڪي زائر جهڙا ملڪ اچي وڃن ٿا) ٻارهوئي هڪ موسم رهي ٿي ۽ ڏينهن رات هڪ جيڏو يعني ٻارهن ڪلاڪن جو ٿئي ٿو ۽ سڄو سال نمازن جا ساڳيا ٽائيم رهن. روزي جو به روزانو ۽ هر سال ساڳيو وقت رهي. رمضان ڪٽي ڪهڙي به مهيني ۾ اچي، روزو اهو ئي ٻارهن ڪن ڪلاڪن جو ٿئي. پر جيئن اسان اتر ڏي ايندا سين ته سياري ۾ ڏينهن ننڍا ۽ راتيون وڏيون ٿينديون وينديون. خط استوا وارو وچيون گول دائرو زيرو ڊگري ويڪرائي ڦاڪ Latitude سڏجي ٿو. جيئن جيئن مٿي اتر ڏي يا هيٺ ڏکڻ ڏي وڌبو ته ويڪرائي ڦاڪن جي ڊگرين جو انگ وڌندو ويندو. اسانجو ملڪ پاڪستان چڱو خاصو اتر ۾ 30

ڪن ڊگرين تي آهي اتي سياري ۾ رات 14 ڪن ڪلاڪن جي ٿئي ٿي ۽ ڏينهن ڏهه ڪلاڪن جو. اجان به مٿي اتر ۾ وڃبو، مثال طور 60 ڊگرين تي جتي روس، سئيڊن، ڪئناڊا جهڙا ملڪ اچن ٿا ته اتي ته رات هيڪاندي وڏي ٿئي ٿي ۽ ڏينهن ننهه ننڍو. آئون توهانکي سئيڊن جو مثال سمجهائيندس جتي مونکي نه رڳو جهازن کي وني وڃڻو پيو ٿي پر به اڍائي سالَ رهي تعليم به حاصل ڪئي. جهازن جي اڏاوت جي سلسلي ۾ اسٽاڪهوم ۽ ان جي سامهون واري شهر هيلسنڪي (فنلنڊ) ۾ به وڃڻو پيو ٿي. اسانکي سڄو سال صبح جو اٺين بجي يونيورسٽي يا شپ يارڊ وڃڻو پوندو هو ۽ پنجين بجي موڪل ٿيندي هئي. سياري وارن مهينن ۾ اسان رات جي اونداهيءَ ۾ اٺين بجي يونيورسٽي پهچندا هئاسين. ٻئي پيرڊ دوران يعني ساڍي نائين بجي ڏاري سج اڀرندو هو ۽ ٽي بجي ڏاري سج لهندو هو. ساڍي چئين بجي عشا نماز پڙهي پوءِ پنجين بجي اونداهه ۾ يونيورسٽي مان نڪرندا هئاسين شهر ۾ اٺين بجي تائين رونق هوندي هئي. دڪان مارڪيٽون کليل هونديون هيون. اسانجي رهائش واري گهٽيءَ ۾ بند فٽ بال گرائونڊ تي ايراني ۽ ڏور اوڀر جي ملڪن جي شاگردن سان فٽ بال کيڏندا هئاسين. ڏينهن ننڍو هجڻ ڪري روزو به ڇهه ڪلاڪن جو مس ٿيندو هو. بهرحال آفيسون، تعليمي ادارا، دڪان مارڪيٽون ۽ سڀ ڪارخانا گهڙيال جي سُٺن مطابق کلندا ۽ بند ٿيندا هئا، پر نماز روزا سج جي چُر پُر ۽ چنڊ جي مهينن مطابق ٿيندا هئا.

اونهاري جي مهينن ۾ سج صبح جو ٽي بجي اڀرندو هو پر اسان ستين بجي ڏاري اٿندا هئاسين. اٺين بجي يونيورسٽي ۾ پهچندا هئاسين ته ٽاڪ منجهند جو سمون هوندو هو. پنجين بجي موڪل مهل به ساڳيو حال هوندو هو. ويندي رات جي ماني 8 بجي کائيندا هئاسين ته به درين مان اُسَ پئي ايندي هئي. سج 11 بجي ڏاري غروب ٿيندو هو. ان بعد سانجهي ۽ عشا نماز ٿيندي هئي. پوءِ سگهوئي اڍائي بجي ڪان فجر جو وقت شروع ٿي ويندو هو. اونهاري ۾ رمضان اچڻ تي اسٽاڪهوم ۽ هيلسنڪي جي شهرن ۾ پندرهن سورهن ڪلاڪن جو روزو ٿيندو هو.

هڪ دفعي اسانکي رمضان جي مهيني ۾ جهاز کي ناروي جي اتراهين بندرگاهه ٽرنڊام ۾ وني وڃڻو پيو. اتي مونکي به پاڪستاني (ٻئي سنڌ جا) جن مان هڪ ته منهنجو پيٽارو جو ساٿي سکر جو سيد عاشق حسين شاهه مليو جيڪو اتي جي يونيورسٽي ۾ M.Sc ڪري رهيو هو. جولاءِ جو مهينو هو ۽ 20 ڪلاڪن جو ڏينهن ۽ روزو ٿيو ٿي. عاشق شاهه ٻڌايو ته هو به 20 ڪلاڪن جو روزو رکي رهيا آهن. اسان جهاز وارن به ائين ڪيو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اونهاري ۾ به 10 ڪن ڊگريون ٿڌ هجڻ ڪري اڃ نٿي لڳي. اها 1968 يا 1969ع جي ڳالهه آهي. هاڻ ڏسان پيو ته انهن اتراهن ملڪن ۾ ڪيترائي عراق، پاڪستان افغانستان، ايران، سوڊان جا مسلمان رفيوجي اچي ويا آهن. اهڙي طرح فنلنڊ جي اتراهين شهر رووانئيمي (Rovaniemi) ۾ به ڪيترائي مسلمان رهن ٿا جتي اونهاري ۾ ويهن ڪلاڪن جو روز ٿئي ٿو. هنن ترڪي ۽ سعودي عرب جي ڪن مولوي مفتين

ڪان اها فتويٰ وٺي رکي آهي ته اهڙن هنڌن تي رهندڙن کي کپي ته 16 ڪلاڪن کان مٿي روزو نه رکن. ڪي ان فتويٰ جي ڳالهه ڪن ٿا ته اهڙين حالتن ۾ هر هڪ پنهنجي ملڪ جي ٽائيم موجب روزو رکي ۽ کولي. اهڙن هنڌن تي رهندڙ ڪي مسلمان اهو به ٻڌائين ٿا ته هنن کي مصر جي مفتين کان اها فتويٰ مليل آهي ته اهڙين حالتن ۾ هو روزي ۽ نماز جي معاملي ۾ پر واري ملڪ جي وقتن کي فالو ڪن.

سوڊان جي علائقي دافور مان لڏي آيل هڪ حبشي عورت جيڪا فنلئنڊ جي اتراهين شهر اولو (Oulu) ۾ رهي ٿي ان ٻڌايو ته هوءَ رمضان ۾ پنهنجن پنجن ٻارن سان گڏ 20 ڪلاڪن جو روزو رکي ٿي جيڪو سندس وطن خارطوم (سوڊان) جي گرمي کان وري به آسان آهي.

اڃان وڌيڪ اتر قطب ڏي وڌبو ته ڏينهن وڏو ٿيندو ٿيندو 24 ڪلاڪن جو ٿيو وڃي. سج ڏکڻ پاسي جي هڪ ڪنڌ کان اڀري ٻئي ڪنڌ پاسي اڌو ڳاٻرو غروب ٿي وري هلڪو مٿي هليو ايندو. اهو سلسلو يعني لڳاتار روشني جو ڪيترا مهينا هلندو رهي ٿو ۽ پوءِ آهستي آهستي اونداهه جو وقت وڌندو وڌندو ڪيترائي مهينا 24 ئي ڪلاڪ رات ٿيو وڃي. ان علائقي ۾ تمام گهٽ ماڻهو رهن ٿا. چوڌاري آرڪٽڪ سمنڊ آهي جيڪو ٻارهوئي برف لڳو پيو آهي جنهن تي ايسڪيموز يا پولار رڇ نظر اچن ٿا. بهرحال جيڪي ڪجهه ماڻهو ڪئناڊا، روس، ناروي، فنلئنڊ جي اتراهن ڪنارن وارن ننڍن ڳوٺن ۽ وستين ۾ رهن ٿا انهن ۾ موجود مسلمان اهو ئي چون ٿا ته هنن وٽ جتي مهينن جا مهينا اونهاري ۾ سج لهي نٿو ۽ سياري ۾ اڀري نٿو ته هنن لاءِ اهوئي alternative آهي ته هو گهڙيال جي ڪانٽن کي ڏسي 24 ڪلاڪن ۾ پنج وقت نماز پڙهن جنهن جو وقت ڪنهن پر واري ملڪ موجب رکون ٿا.

لڳاتار ڇهن مهينن جو ڏينهن ۽ رات جو مسئلو ڏکڻ قطب پاسي به آهي جيڪو علائقو Antarctica سڏجي ٿو پر ڏکڻ پاسي واري هن علائقي ۾ بيحد سردي آهي... ڪاٽو 60 ڊگرين تائين ۽ بيو ته هن پاسي سواءِ چند سائنسدانن جي ڪونٿو رهي. جانورن ۾ اتر ۾ رڇ آهن ته ٻئي پاسي ڏکڻ ۾ پينگئن پکين جا ڌڻ آهن.

# گهر ۾ رهان يا بيگم جي دِل ۾........

دنيا جا اُهي ملڪ، مثال طور سنگاپور، جپان، هانگ ڪانگ وغيره يا اهي شهر جهڙوڪ ممبئي، نيويارڪ (مئن هٽن) جتي زمين جي ڪوتِ آهي ۽ عوام گهڻو آهي، اتي رهائش لاءِ Vertical (اپيون عمارتون)، يعني فليٽ سسٽم بهترين جواب آهي.

مون سنگاپور کي تڏهن بہ ڏٺو يعني گذريل صدي جي سٺ واري ڏهي ۾، جڏهن اهو اجان بہ Fishing Village لڳو ٿي. هن ٽر ۾ جهازن ۽ جهازين (جهازن کي هلائڻ وارن ۽ سفر ڪرڻ وارن مسافرن) لاءِ ڪولمبو ۽ عدن بلي بلي بندرگاهه هئا. پوءِ اتي جي سياستدانن جي جڏن ڪمن ۽ فيصلن ڪري سلون (هاڻوڪو سريلنڪا) ۽ يمن پنتي رهجي ويا ۽ پوءِ ستر واري ڏهي جي شروعاتي سالن کان سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جو اوج شروع ٿيڻ لڳو. سنگاپور ۾ پهرين پيپلز پارڪ امپوريم ۽ پوءِ هڪ بہ بيا گهڻ ماڙ وارا شاپنگ سينٽر کلڻ شروع ٿيا نہ تہ سنگاپور ۾ ورلي ڪا وڏي عمارت هئي. وڌ ۾ وڌ هيٺ دڪان تہ مٿان ان دڪاندار جو فلئٽ جيڪي عمارتون هن پاسي ”شاپ هائوس“ سڏجن ٿيون.

ڏسندي ئي ڏسندي سنگاپور هر فيلڊ ۾ ايڏي ترقي ڪئي جو سڄي دنيا جا واپاري ۽ امير ماڻهو هن مٿياري ضلعي جيڏي بيٺ نما ملڪ ۾ ڪاروبار لاءِ پئسو لڳائڻ لڳا. ڏسندي ئي ڏسندي اسان جي سامهون شپنگ ڪمپنيون، ايئر لائينون، بئنڪون، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون، ڪارخانا ۽ فئڪٽريون، شپ يارڊ ۽ فارين آفيسون کلي ويون جن کي هلائڻ لاءِ ڏارين ملڪن جا ماڻهو هڪ طرف رهڻ لڳا تہ گهمڻ جا شوقين بئي طرف اچڻ لڳا. ملڪ ۾ خوشحالي ۽ پئسو تہ جام اچڻ لڳو پر رهائش وڏو مسئلو ٿي پيو. ننڍڙي بيٺ تي آفيسون، دڪان، رود نهڻ بعد باقي زمين ئي چا ٿي بچي جنهن تي ماڻهو بنگلا نهرائين. ان مسئلي جو حل ان وقت جي وزير اعظم 'لي ڪئان يو' کي اوچين عمارتن ۾ نظر آيو. هن سنگاپور کي فلئٽن جو شهر بڻائي ڇڏيو. نہ رڳو پرائيويٽ ڪمپنين کي فلئٽ ناهڻ جي اجازت ڏني پر سرڪاري طرح بہ نهرائڻ شروع ڪيا. ان سان گڏ سنگاپور ۾ رهندڙ ٽنهي قومن (ملئي، چيني ۽ انڊين) جي ماڻهن کي حڪومت طرفان آسان قسطن تي قرض بہ ڏنائين پر هن فلئٽ ناهيندڙن ۽ انهن ۾ رهندڙن لاءِ ڪجهہ قاعدا قانون بہ ناهيا جو 'لي ڪئان يو' هميشہ چوندو هو تہ ”جيترو قاعدو اوترو فاعدو.“

اوچيون عمارتون يعني فلئٽ ناهڻ وارين ڪنسٽرڪشن ڪمپنين لاءِ اهو ضروري ڪيائين تہ هر بلڊنگ اڳيان هڪ ننڍڙو پارڪ هجي جتي ان بلڊنگ جي فلئٽ ۾ رهندڙ بار ۽ والدين بين سان ملي سگهن ۽ چهل قدمي ڪن. هر عمارت جي چوڌاري 'جاگنگ' ٽريڪ ضروري ڪيائين جيئن مردَ توڙي عورتون پنهجي صحت صحيح رکڻ لاءِ صبح توڙي شامَ جو واڪ ڪري سگهن. عمارتون

ناھڻ وارن تي ھن اھا بہ سختي ڪئي تہ ھر فليٽ جون اليڪٽرڪ تارون ۽ سئچ، گٽر سسٽم ۽ نلڪا اعليٰ رکيا وڃن جيئن نہ پاڻي جو زيان ٿئي ۽ نہ گٽر اٿلي گندگي پيدا ڪن. بهرحال ھيون بہ ان قسم جون ڳالهيون. ساڳي طرح فليٽن ۾ رهڻ وارن لاءِ پڻ ڪيترائي قانونَ مقرر ڪيائين جن مان ڪجهہ ھن ريت آھن تہ فليٽ ۾ رھندڙن يا انھن جي مھمانن ڪي عمارت اڳيان ھارن وڄائڻو ناھي ۽ نہ موٽر سائيڪل وارن ڪي ڦاٽل سائيلنسر استعمال ڪرڻو آھي. ھر ھڪ کي ٽي وي ۽ ريڊيو جو آواز ايترو رکڻو آھي جو اھو سندس فليٽ تائين محدود رھي ۽ ٻيو واري فليٽ ۾ ٻڌڻ ۾ نہ اچي. ڪنھن کي بہ دريءَ مان ڪچرو اڇلائڻ جي اجازت نہ آھي. پهريون دفعو شڪايت ملڻ تي فليٽ جي مالڪ کي وارننگ، ٻئي دفعي تي ڏنڊ ۽ ٽئين دفعي تي فليٽ ضبط ڪرڻ جي سزا مقرر ڪئي وئي ۽ پوءِ اسان ڏٺو تہ سنگاپور جي حڪومت پنھنجن ماڻھن کان انھن قانونن تي عمل بہ ڪرايو. قانونَ جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي سزائون ڏنيون ويون ۽ ڪائنن فليٽ خالي ڪرايا ويا. ھڪ ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ پنھنجي عمارت اڌ فوٽ ڪن اڳيان ڪري ناھي. حڪومت کي جيئن ئي خبر پيئي تہ ھن اھا سڄي عمارت ڊھرائي پنتي ڪرائي. اھو ئي سبب آھي جو سنگاپور ۾ توھان کي فليٽن واري عمارت ۾ بہ ماڻھو امن سان رھندي نظر اچن ٿا. دنيا سنگاپور جا مثال ڏئي ٿي تہ فليٽ ۾ رھندڙ سنگاپوري ناھين ريل گاڏيون ۾ سنگاپوري ھلائين جن ۾ چيغم کائڻ يا دورين جھڙي تکي ڏپ واري ميوي کڻي ھلڻ تي بہ 500 ڊالر ڏنڊ آھي ۽ آئون وري پنھنجن ماڻھن کي اھا ئي نصيحت ڪندو آھيان تہ بابا سنگاپور ۾ خيالَ سان رھجو، خيال سان ھلجو. پنھنجي ملڪ جون گنديون عادتون ڪراچي ايئرپورٽ تي ئي ڇڏي وڃجو. بھتر تہ اھو آھي تہ سنگاپور بدران گھٽ پگھار تي ملائيشيا ۾ ڪٽي نوڪري ڪجو نہ تہ سنگاپور ۾ ملندڙ ڪجهہ وڌيڪ ڏوڪڙ توھان ڏنڊن (جرمانن) ۾ ئي وڃائي ڇڏيندئو ۽ سنگاپور جي ايڏي ڊسيپلينڊ (ضابطي واري) زندگي آھي جو اسان جھڙن ملڪن جي ڇڙواڳن لاءِ مونجھارو پيدا ڪريو ڇڏي.

ھي سڀ ڳالهيون مونکي پنھنجي مُلڪَ جي سنڌي چئنل تان ڪنھن رھائشي اسڪيم ۾ گھر يا فليٽ خريد ڪرڻ لاءِ اينڊڙ بار بار اشتھار ڏسي ياد اچي ويون آھن. ھن قسم جي ’گھر اسڪيمن‘ جو زور حيدرآباد ۾ گھڻو نظر اچي ٿو. ڇو توھان جي سھڻي شھر حيدرآباد ۾.......! حيرت آھي انھن اسڪيمن جا مالڪ عوام کي بيوقوف بنائڻ لاءِ حيدراباد کي سھڻو شھر سڏين ٿا. ڪنھن زماني ۾ اھو شھر واقعي سنڌ جو پئرس ھو پر ھاڻ اھو شھر ڪھڙي لحاظ کان خوبصورت ۽ صاف سٿرو آھي؟ آئون اھو سوال اڪين وارن کان ٿو ڪريان. مونکي اسان جي ملڪ جي ھڪ ڪتل فلمي اداڪارا تي ياد اچي جيڪا انڊيا کان چڪر ھڻي موٽڻ تي پاڻ پڌرائي رھي ھئي تہ مونکي انڊيا ۾ ڪيترين ئي فلمن ۾ ڪم ڪرڻ جي آفر ملي پر پنھنجي ملڪَ جي حُبَ ۽ سِڪَ مونکي واپس وطن

وني آئي. فلاٽي ڊئريڪٽر ته مونسان هٿ ملائي چيو ته تون بيحد سهٽي آهين...... پريس ڪانفرنس ۾ وينل اخبار رپورٽرن مان هڪ کان برداشت نه ٿيو ۽ سندس وات مان ازخود نڪري ويو:

”اهو ڊئريڪٽر انڌو هو ڇا؟“

سو اڄ جي دور ۾ جڏهن دنيا جي ماڻهن کي صحت ۽ صفائي جي چڱي ريت ڄاڻ آهي ۽ جڏهن ڪينيا، ملائيشيا، ٿائلنڊ، موزمبق ۽ انڊونيشيا جهڙن مينهوڳي واري موسمن وارن ملڪن جا شهر به چمڪن پيا اتي ڇا توهان سکر، لاڙڪاڻي، حيدرآباد ٽوڙي نوابشاهه ۽ خيرپور جهڙن شهرن کي سهڻا شهر سڏيندئو؟ ۽ ان تي طرو اهو ته ....حيدرآباد جي سهڻي شهر جي دل قاسم آباد ۾ هي خوبصورت ۽ سهوليتن سان پُر رهائشي اسڪيم آهي جنهن ۾ توهان اڄ ئي فلئٽ (يا شايد بنگلو) بڪ ڪرايو......

يار! قاسم آباد ۾ نوي سيڪڙو سنڌي رهن ٿا ۽ سنڌين کي گاريون ڏيڻ يا ٽوڪڻ جا ٻيا به طريقا ٿي سگهن ٿا. قاسم آباد اهو ئي آهي نه جتي پڪوڙا چوڪ، نسيم نگر چوڪ وغيره آهي جتي اسان جي دوست فيروز ميمڻ جو نيو فيلڊس نالي ڪِتابن جو دڪان آهي جتان آئون ڪِتابَ وٺندو آهيان ۽ سامهون رستي جي ٻي پار سومرا هوٽل آهي جتي چانهه يا منجهند جي ماني کائيندو آهيان. يا اهو چوڪ جتي علي CNG اسٽيشن آهي...... ان قاسم آباد کي توهان ڪيئن سهڻي شهر جي دل ٿا سڏيو...... جتي ٻڪايل ۽ سڙيل ڍڳيون ڪچري جي ڍير کي پيون ڦولين، جتي مرزيل ۽ زخمي ڪُتن مٿان مکيون وينيون آهن، جتي گٽرن جو پاڻي بيماريون پکيڙي رهيو آهي، جتي فٽ پاٿن تي دڪانن جا سامان ۽ موٽر سائيڪلون پارڪ ٿيل آهن ۽ پيادا هلڻ کان هلاڪ آهن، جتي هفتو کن اڳ جو اڌ ڪلاڪ کن وسيل مينهن جو پاڻي اڃا سُڪو نه آهي، جتي رهنڊڙ رشوت خور ڪامورن جا مٽي ڦريل نوڪر ۽ ڊرائيور پنهنجي صاحبن جي بنگلن ٻاهران ڪرسين تي ويهي سگريٽن جا سُوٽا هڻي رهيا آهن ۽ پاڙي جي اينڊز ويندڙ نياڻين تي رمارڪ ڏئي رهيا آهن......

ٽي وي تي هلندڙ ان اشتهار ۾ ڪمپيوٽر تي ڊيزائين ٿيل فلئٽ ڏي اشارو ڪري اسان جي ٽي وي ڊرامن جو پسنديده اداڪار نه صرف اسان ناظرين کي ھرڪائي رهيو آهي ته هن اهو فلئٽ خريد ڪيو آهي پر سندس ڪنوار (ٽي وي اسڪرين جي هڪ ٻي پسنديده هيروئن) ڪيس چئي رهي آهي ته ”مون سان شادي ڪرڻ بعد تنهنجو هي پيون بهترين فيصلو آهي.“

”مونکي پنهنجي فيصلي تي فخر آهي ته مونکي پنهنجي فئملي سان بيحد پيار آهي.“ هيرو صاحب ٺاٺ ۾ اچي چوي ٿو ۽ پوءِ مونجهاري واري شڪل ناهي چوي ٿو ته ”سمجهه ۾ نٿو اچي ته بيگم جي دل ۾ رهان يا هن خوبصورت علائقي ۾ نهيل گهر ۾......“

جن قاسم آباد ڏٺو هوندو ۽ اتي جا پيگل رستا ۽ پوسل وارا گهر ڏٺا هوندا، اُهي هن صاحب جي بيگم جو به اندازو لڳائي سگهن ٿا جنهن سان هو هن جي پيٽ ڪري رهيو آهي. هئڻ ته ائين

ڪپي ته اهو چوڻ تي سندس بيگم پاڻ ئي پنهنجو سئنڊل لاهي ڪيس ناهوڪا موچڙا هڻي ته تو مونکي قاسم آباد جو سمجهيو آهي. مونکي ذليل ڪرڻ جا ٻيا به طريقا تي سگهن ٿا... اهڙيون گاريون ڪنهن ٻئي کي ڏي...

ساڳي وقت اهو ڪمپيوٽر جو به ڪمال آهي جنهن ذريعي هڪ اڻ نهيل شيءِ اڳوات ڏيکاري سگهجي ٿي... جنهن کي ڏورانهن شهرن ۾ ڏيهن ۾ رهندڙ حقيقت سمجهي اکن ڇڪن ٿيو پون ۽ فلئٽ يا بنگلي جي بُڪنگ ڪري ڦاسيو پون. ٿي سالَ ڪن اڳ جڏهن آئون ڪراچي آيل هوس ته آمريڪا ۾ رهندڙ منهنجي هڪ سنڌي دوست ان قسم جو اشتهار ٽي وي تان يا اخبارَ ۾ ڏسي فلئٽ جي بڪنگ ڪرائي ۽ ڇهه مهينا ڪن قسطون ڏيڻ بعد مونکي منٿ ميڙ ڪئي ته ٻن ڪلاڪن جو سفر ڪري حيدرآباد وڃي اهو سهڻو علائقو ڏِسان جتي سندس گهر نهي رهيو آهي. انڪار ڪرڻ بدران حيدرآباد جو رُخ ڪيم ۽ ان رهائشي اسڪيم کي اچي ڏٺم ته سُڄَ ئي سُڄَ لڳي پئي هئي. روڊ کان گهڻو هيٺ Low Line ۾ اهو زمين جو حصو هو جتي ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ رهائشي اسڪيم ناهڻ لاءِ اشتهار بازي ڪري رهي هئي. سم ۽ پوسل جي پاڻيءَ تي فقط ڪَنگَ نظر اچي رهيا هُئا. دوست کي فون ڪيم ته بابا هتي ته ڪمپني جي آفيس کان علاوه ٻيو ڪو به گهر نهيل نه آهي. مڪمل گهر ته ڇا اجان بنياد به نه ڪوٽيا ويا آهن. منهنجي دوست حيرت مان پڇيو ته ”ائين وري ڪيئن! ملڪ جي خوبصورت اداڪارا ته ٽي وي تي هلندڙ اشتهار ۾ هر وقت اهو اچي چئي رهي هئي ته مون ته هن اسڪيم ۾ گهر وني ڇڏيو آهي توهان به اج ئي خريد ڪريو.“

”بس ادا! “ مون جواب ڏنومانس ”پوءِ توهان ان ئي اداڪارا سان رجوع ڪريو جيڪا اج ڪلهه نورس شربت جي اشتهار ۾ بار بار چئي رهي آهي ته آئون پنهنجو روزو هر روز نورس شربت سان کوليان ٿي.“

# منهن مٿو پٽڻ تي دل ٿي چوي.....

ڪل ان ڳالهه تي ٿي اچي، بلڪ منهن مٿو پٽڻ تي دل ٿي چوي جڏهن اڄ اسان وٽ پاڪستان ۾ زور شور سان ”ارٿ اور“ ملهايو ويو. انرجي بچائڻ لاءِ اڄ سڄي دنيا ۾ هڪ ڪلاڪ لاءِ غير ضروري لائيٽ ڪي بند رکيو ويو. ڪجهه سال اڳ اهو ڪلاڪ پهريون دفعو ملهائيندي مون سئيڊن جي شهر مالمو ۾ ڏٺو. مالمو شهر ۾ آئون ٻه سال رهيس فقط هڪ دفعو اسان جي فليٽ جي ڪچن جي لائيٽ هلي وئي هئي. اها به ان ڪري جو فليٽ جي مالڪ اسان کي نئون اوون وٺي ڏنو هو ۽ اليڪٽريشن اهي پنج منٽ لائيٽ بند ڪري نئين اوون جي تار کي فِٽ ڪيو هو.

يورپ ته ڇا اڄ ڪلهه ايشيا جي ملڪن ۾ به لائيٽ نٿي وڃي. مون کي ياد آهي 1970ع واري ڏهي جي شروع وارن سالن ۾ جڏهن اسانجو جهاز ويٽنام جي بندرگاهه ۾ پهچندو هو ته مڪاني آفيس جو انچارج بجلي بند ٿيڻ جو شيڊول ٻڌائي ويندو هو ته صبح جو 11 کان 12 ۽ شامَ 5 کان 6 بجلي جي لوڊ شيڊنگ ٿيندي ۽ اهڙي وقت تي انجن روم ۾ ڪم ڪندي پنهنجي جهاز جو جنريٽر هلائي پنهنجي لائيٽ حاصل ڪريون. بهرحال اها حالت ڪا ٻه يا ٽي سالَ رهي ۽ پوءِ ويٽنام جي حڪومت نه فقط بجلي جي کوٽ تي پر ٻين مسئلن تي به ڪنٽرول ڪري وئي. اڄ اهو ڪنگل، غريب ۽ ٽيڪنالاجي ۾ اسان کان گهٽو گهٽو پنٽي پيل ملڪ ... ويٽنام ... الائي ڇا ٿي ويو آهي! ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جهڙا ملڪ جتي 1968 - 1969 وارن سالن ۾ ٻهراڙيءَ ۾ رات جي وقت عورتن کي لالٽين کڻي هلندي ڏٺوسين اهي ته هينئر يورپ ۽ آمريڪا جو مقابلو ٿا ڪن. اڄ ملائيشيا جي گهاٽن جنگلن وارن ڳوٺن ۾ به 24 ئي ڪلاڪَ بجلي ۽ پاڻي حاضر آهي. اهڙن ملڪن جي ننڍي ٿهي ته سوچي به نٿي سگهي ته بنا سئچ آف ڪرڻ جي لائيٽ وڃي سگهي ٿي جيڪو اسان وٽ پاڪستان ۾ سڄو ڏينهن آزار لڳو پيو آهي. سو دنيا جي ملڪن ۾ هر سال هي هڪ ڪلاڪ Earth Hour جي نالي سان بجلي کي بند رکي ملهايو وڃي ٿو جيئن اسان کي احساس ٿئي ته بنا لائيٽ جي ڪيڏي تڪليف ٿئي ٿي ۽ اسان کي گهرجي ته قدرتي تي موجود انرجي جو بچاءُ ڪرڻ سکون ۽ اجايون سجايون بتيون نه ٻاريون. ماڻهن کي ياد ڏيارڻ لاءِ ته اڄ هڪ ڪلاڪَ لاءِ بجلي بند ڪري ارٿ اور ملهائڻو آهي، هر وقت T.V ۽ ريڊيو تان ياد ڏياريو ويندو آهي ته ساڍي انين کان ساڍي نائين تائين غير ضروري بتيون وسائي ڇڏيون آهن. ياد رهي ته بنهه اونداهه Black Out ناهي ڪرڻي.

بهرحال ان قسم جا ڏينهن يورپ، آمريڪا توڙي ايشيا جا ملڪ جپان، ملائيشيا، ٿائلنڊ جهڙا ملڪ ضرور ملهائين ۽ فخر محسوس ڪن پر مونکي حيرت اسانجي ٽي وي چينلن تي اچي ٿي جيڪي صبح کان ڦاٽن پيا ته..... شامَ جو ساڍي انين کان هڪ ڪلاڪ لاءِ غير ضروري بتيون بند ڪرڻيون آهن... جيتوڻيڪ صبح کان چار دفعا هن وڏي شهر ڪراچي جي لائيٽ پاٽهي وڃي چڪي

آهي ۽ ٽي وي تي پٽي پئي هلي ته پنجاب ۾ اڄ ڪلهه ڏهن ڪان ڇوڏهن ڪلاڪَ لوڊ شيڊنگ ٿي رهي آهي ۽ ملتان ۽ بهاولپور ۾ عوام رستن تي ٿئر ساڙي احتجاج ڪري رهي آهي. منهنجي خيالَ ۾ اسان جهڙن ملڪن ۾ سالَ ۾ هڪ دفعو ڪلاڪ لاءِ بجلي بند ڪري Earth Hour ملهائڻ بدران هر مهيني ڪلاڪ لاءِ انهن وزيرن ۽ ڪامورن کي موچڙا هڻجن جيڪي عوام جو پئسو رينٽل ۽ ٻين چڪرن ۾ ڪائي ويا آهن ۽ بجلي مهيا ڪري ڏيڻ جا فقط ڪوڙا وعدا ۽ ڏنا پيا ڏين. پر هاءِ ڙي قسمت اسان جي تعليم ۽ جانڪاري کان عاري عوام کي ڪير سمجهائي! اسان جا منجهيل ماڻهو رڳو مغربي دنيا کي ڏسي ڪڏهن مدر ڊي پيا ملهائين ته ڪڏهن فادر ڊي! اڙي بابا! يورپ ۽ آمريڪا پاسي جي تهذيب، ڪلچر ۽ مشغول زندگي ڪري هنن کي نه وقت آهي ۽ نه وري هنن جي دل ۾ احساس جو هو ڪٿي پنهنجي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪن. سو انهن ماڻهن اهڙا ڏينهن ويهي ٺاهيا آهن جيئن سالَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن ته ماءُ ۽ پيءُ کي ياد ڪيو وڃي پر اسان وٽ ته مشرقي تهذيب ۽ مذهب ۾ والدين  جي هر وقت خدمت ڪرڻ اسانجو فرض هجڻ کپي. اسان لاءِ ماءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي. اهڙي طرح دنيا جا ماڻهو اسان تي کلندا هوندا ته اسان پنهنجي ملڪ ۾ سال جي مقرر ڏينهن تي هڪ ڪلاڪ لائيٽ بند رکي ارٿ اور ملهايو ... يعني ان ملڪ ۾ جتي روز گهٽ ۾ گهٽ اٺ ڪلاڪ لوڊ شيڊنگ هڪ نارمل ڳالهه آهي. پر اسان وٽ ماڻهن کي ڪيترن ڳالهين جو هوش ناهي. فقط انڌي تقليد آهي. باقي گارين ڏيڻ لاءِ هر وقت مغرب جي دنيا ياد ايندي. پنهنجو پاڻ کي هرگز نه ڏسنداسين.

ان تان مونکي هڪ لطيفو ٿو ياد اچي ... وزيرن جي ڪنهن بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ هڪ افغاني وزير هڪ پاڪستاني وزير کي پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو: ”آئون افغانستان جو شپنگ منسٽر (يعني جهازرانيءَ جو وزير) آهيان.“

پاڪستاني وزير حيرت ڪائيندي چيس: ”پر افغانستان ۾ ته سمنڊ ئي ڪونهي.“

افغاني وزير سگريٽ جو دونهون سندس منهن ۾ هڻندي چيو ”پوءِ ڀلا توهان جي ملڪ ۾ لا منسٽر (وزير قانون) ڇو آهي؟“

گذريل صدي جو سٺ وارو ڏهو هو جڏهن اسان جهازراني جي تعليم حاصل ڪري رهيا هئاسين ته عربن ۽ اسرائيل جي لڙائي لڳي. اسان سمجهيو ته هيترا عرب ملڪ آهن گڏجي اسرائيل کي ناهوڪا موچڙا هڻندا. پر پوءِ اسان کي خبر پيئي ته پئسو ۽ ماڻهن جو تعداد سڀ ڪجهه ناهي. عقل ۽ بهادري به ڪا شيءِ آهي. هي عرب ڪي حضرت عمر يا امير سلطنت جي ڏينهن جي عربن جهڙا ناهن جن قبرص، مالٽا کان اندلس ۽ اسپين تائين ميڊيٽرينين سمنڊ جا ٻيٽ ۽ ملڪ پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيا. اڄ وارا عرب پنهنجو وطن ته نه بچائي سگهيا پر ماڳهين سئيز ڪئنال به هٿن

مان نڪري وين ۽ اسان جهاز هلائڻ وارن کي سورن ۾ وجهي ڇڏيائون جو سئيز ڪئنال بند ٿيڻ ڪري انهن ڏينهن ۾ انگلينڊ ۽ يورپ وڃڻ لاءِ اسان کي سڄو آفريڪا جو ڪنڊ لتاڙڻو پيو ٿي. بهرحال اسان سان گڏ دنيا به اها ئي اميد رکي ٿي ته عراق، شام، مصر ۽ اردن گڏجي اسرائيل کي نقشي تان متائي ڇڏيندا پر هنن کو بوٿو نه باريو ۽ اسرائيل جي وزير اعظم گولڊا ميئر يا خبر ناهي ڪو ٻيو هو تنهن هنن عرب ملڪن لاءِ چيو ته زيرو پلس زيرو پلس زيرو برابر زيرو.

اهو اصطلاح دنيا ۾ ڏاڍو مشهور ٿيو ۽ اڄ تائين ڪيترائي ماڻهو استعمال ڪندا رهن ٿا.

تازو ڪالهه اسان جي ملڪ جي اڳوٽي صدر پرويز مشرف اهو جملو چيو جڏهن هن کان ڪنهن صحافيءَ سوال ڪيو ته ”لعل مسجد تي حملو ڪرڻ کان اڳ توکي ڪنهن ته سمجهايو هوندو ته اهو غلط ڪم نه ڪر“ جواب ۾ وڏي فخر سان چيائين ته“ڪنهن به نه ... بلڪل نه ... هڪ به نه ۽ پوءِ هن مٿيون زيرو وارو اصطلاح ورجايو پر بقول اسانجي پيٽارو جي هڪ فوجي آفيسر جي ته مشرف ڪجهه ٿرو ته آهي نه.... پنهنجي لئہ رکڻ لاءِ ۽ مٿين جملي کي زيرو پلس زيرو پلس زيرو کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ لاءِ آخر ۾ اهو به پچ ڳنڍيو ته Divided by Zero يعني زيرو واڌو زيرو واڌو زيرو ونڊيان زيرو.

بقول سندس ڪنهن کان ”نہ ڊڄڻ واري“ هن ڪمانڊو پهلوان جي انگي حسابن تي ان ڏينهن ڏاڍي حيرت ٿي! ڇو جو زيرو واڌو زيرو واڌو زيرو ته بلڪل ٺڙي يعني زيرو ٿيندو پر جڏهن زيرو کي زيرو سان ونڊ ڪبي ته جواب ”هڪ“ ايندو، ڇو جو اها خبر مئٽرڪ جي شاگرد کي به آهي ته ڪنهن به شيءِ کي ان ساڳي شيءِ سان ونڊ ڪبي ته جواب ’هڪ‘ ايندو. $x$ کي $x$ سان ونڊ ڪبي ته جواب هڪ ايندو. ab کي ab سان ونڊ ڪبي جواب ۾ هڪ ايندو. 5 کي 5 سان ونڊ ڪبي جواب ۾ هڪ ايندو. اهڙي طرح 0 کي 0 سال ونڊ ڪبو ته جواب هڪ ايندو ... ڪمانڊو مشرف کي پنهنجي Maths کي تيز ڪرڻ کپي.

منهنجي خيال ۾ مئٽس ۾ تيز آئون به نہ آهيان ڇو جو منهنجو مٿيون ڪالم ڇپجڻ بعد مهراڻ يونيورسٽي جي پروفيسر ڊاڪٽر جاويد لاڙڪ درستي ڪئي ته زيرو يعني ٺڙيءَ ئي ٺڙيءَ سان ونڊ ڪرڻ اسپيشل ڪيس آهي جنهن جو جواب انفنٽي (لا محدود) ٿئي ٿو .... نہ فقط زيرو کي زيرو سان، بلڪ ڪنهن به نمبر کي زيرو سان ونڊ ڪرڻ سان جواب لامحدود (Infinity) اچي ٿو.

# پنهنجن ٻچن کي اوڙاهه ۾ نه وجهو

وڏي عرصي کان پنهنجي اڙدو توڙي سنڌي اخباري ڪالمن ذريعي پرديس ۾ رهندڙ پنهنجي وطن جي ماڻهن جي پريشانين ۽ ٺڳ ايجنٽن جي ڪوڙين نوڪرين ڏيارڻ جي ڏٺن بابت ڪافي ڪجهه لکيو آهي ته جيئن اسان جا ماڻهو خبردار رهي سگهن ۽ پنهنجو پاڻ ئي پريشانين ۾ مبتلا نه ڪن. جيتوڻيڪ هاڻ وڌيڪ لکڻ کان پاڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو پر رکي رکي ڪا اهڙي دل کي ڇهندڙ ڏيندڙ ڳالهه رونما ٿيو پوي جو عوام جي آگاهي لاءِ ان سلسلي ۾ هڪ وڌيڪ ڪالم لکڻ لاءِ مجبور ٿيو وڃان .. اهو ان ڪري ته جيئن اهي، جن منهنجن ماضيءَ جي ڪالمن کي نه پڙهيو آهي يا سبق حاصل نه ڪيو آهي، انهن کي جاڻ ملي سگهي ۽ ان جاڻ جي آڌار تي هو پنهنجو پاڻ کي مصيبت ۾ ڦاسڻ کان بچائي سگهن، جيئن ٺڳ ماڻهن/ايجنٽن جون ڏياريل لالچون هنن کي لوڀي نه بڻائين ۽ ڇهجهي جي حاصل ڪرڻ جي هٻڇ ۾ پنهنجو ٿورو به نه وڃائين.

ڪالهه مون کي ڪراچي جي ڪنهن علائقي جي مدرسي جي مولوي جو فون آيو ته هو سخت پريشان آهي جو هن جي پٽ کي ملائيشيا ۾ جيل ۾ وجهي ڇڏيو اٿن ۽ جيئن ته آئون ان ملڪ ۾ ڪافي سالَ رهي چڪو آهيان ۽ ان بابت لکندو رهان ٿو سو هو ان سلسلي ۾ ڪجهه جاڻ ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجا ڪجهه منٽ ونڻ چاهي ٿو.

”آئون بلڪل واندو آهيان. توهان پڇي سگهو ٿا ۽ آئون پنهنجي سمجهه آهر توهان کي ضرور جواب ڏيندس.“ مون وراڻيومانس.

”سائين منهنجو پٽ پڙهڻ لاءِ ملائيشيا ويو پر ڪالهه پوليس هن کي جهلي ورتو آهي ته تنهنجي پاسپورٽ تي ويزا جو اسٽڪر نه لڳل آهي.“ هن ٻڌايو.

پڙهندڙن لاءِ هتي اهو لکندو هلان ته اسان جي ملڪ جا شاگرد توڙي ٻين ملڪن، خاص ڪري آفريڪا جي ملڪن جا، ان کان علاوه ايران ۽ يمن جهڙن ملڪن جا ڪيترائي نوجوان مئٽرڪ ۽ انٽر بعد ملائيشيا ۾ پڙهڻ لاءِ اچن ٿا. هڪ ٽيچر جي حيثيت سان آئون اهو خيال رکان ٿو ۽ صلاح ڏيندو رهان ٿو ته اسان جي ملڪ جا والدين پنهنجي ٻارن کي اعليٰ تعليم يعني اهم سبجيڪٽن ۾ Ph.D ڪرڻ يا ڊاڪٽري، انجنيري، سائنس جي خاص ۽ نين ايرنڌڙ برانچن ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ته ٻاهر ضرور موڪلين باقي B.Sc، M.Sc، ايم بي بي ايس يا B.E جهڙين بنيادي ڊگرين تائين تعليم پنهنجي ملڪ ۾ ئي ڏيارجي. جيڪڏهن ڪنهن کي نواب شاهه يا لاڙڪاڻي جو انجنيئرنگ ڪاليج نٿو وڻي ته مائٽن کي کپي ته پنهنجن ٻارن کي ڄامشوري مان يا ڪراچي يا لاهور جي ڪنهن خانگي انجنيئرنگ يا ميڊيڪل ڪاليج يا يونيورسٽي مان پڙهائين جتي توهان جو

ٻار توهانجي پهچ ۾ ته هوندو ۽ ڪجهه به هجي ولايت کان خرچ به گهٽ ايندو. اهڙن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا پروفيسر اسان وٽ به بيحد قابل ۽ بين الاقوامي معيار جا آهن.

ڪيترا ٻار جيڪي ٻنهه هوشيار نه آهن. انتر بعد هنن کي پنهنجي مُلڪَ جي ڪنهن به پروفيشنل ڪاليج يا يونيورسٽي ۾ داخلا نٿي ملي پر مائٽ پنهنجن ٻارن کي ڊاڪٽري يا انجنيري پڙهائڻ لاءِ ملائيشيا، چين، انگلينڊ يا يورپ جي ڪنهن ملڪ ۾ موڪلين ٿا جتي جي سٺن ڪاليجن يا يونيورسٽين ۾ اتي به ڪين داخلا نٿي ملي پر ڪيترن ملڪن ۾ پرائيويٽ ”ٻه نمبري“ تعليمي ادارا آهن جن جو ڪم تعليم جي معيار سان نه پر پئسو ڪمائڻ سان آهي. شاگرد جي حاضري بهتر هُجي يا نه، پڙهائي ۾ سنو هجي يا نه سندن ڪم بس ٻُڪ پئسن جا وٺي ڪين ڊگري ڏيڻ آهي. اهڙن ڪاليجن يا يونيورسٽين مان حاصل ڪيل ڊگريءَ جي Value هتي انهن ملڪن ۾ ته ناهي پراسان جهڙن ملڪن پاڪستان، بنگلاديش ۽ سري لنڪا وغيره ۾ به نه آهي ۽ نه انهن ڊگرين جي آڌار تي ڪا نوڪري ملي ٿي.

اسانجي ملڪ جا ڪي مائٽ جڏهن ڏسن ٿا ته هنن جي ٻارن مئٽرڪ ۽ انتر تائين ته ڪو به ٻوٽو نه ٻاريو. ڪنهن به پروفيشنل ڪاليج ۾ ڪين داخلا نه ملي سگهي ۽ نه وري ڪو هنن ۾ همت آهي ته قانون، انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪمپيوٽر يا سائنس ۽ مئٿس جهڙن سبجيڪٽن ۾ ڪراچي، سنڌ، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور يا ڪنهن ٻي يونيورسٽي مان ماسٽرس يا ڊاڪٽوريٽ ڪري نوڪري حاصل ڪري سگهن. سو هو هنن کي ملائيشيا ڏي تعليم لاءِ موڪلين ٿا. ملائيشيا جي ڪيترن ئي وڏن شهرن ۾ ڪيترين ئي خانگي هنري ۽ تعليمي ادارا آهن جتي رڌ پچاءُ، اليڪٽرڪ، ويلڊنگ، ڪارپينٽري جهڙا ڪورس ڪرائي ڪين ڊپلوما ڏني وڃي ٿي. اهڙا ڪورس اسان جي ملڪ جي ٽنڊو الهيار، ٻاڪراڻي، خيرپور ناٿن شاهه جهڙن ڳوٺن ۾ به ٿيندا رهن ٿا. پر هي جوان ولايت جي شوق ۾ ٻاهر نڪرن ٿا ... ڪجهه وري اها اٽڪل ڪن ٿا جو پهرين سيمسٽر (ٽن چئن مهينن) جي في ڏئي ان تعليمي اداري ۾ داخلا وٺي پوءِ پاسپورٽ تي Student ويزا لڳرائي پڙهڻ ۾ دلچسپي وٺڻ بدران هو شهر ۾ نوڪري جي ڳولا ۾ لڳا رهن ٿا جيڪا ملڻ تي هو پڙهائي ڇڏي نوڪري شروع ڪن ٿا. ملائيشيا ۾ وزٽ ويزا تي ڏهه ۾ ٻه ٽي مهينا رهڻ جي اجازت ملي سگهي ٿي. پر هن اسٽوڊنٽ ويزا ذريعي هو لڳاتار سال کن به رهي سگهي ٿو ۽ لڪ چوري نوڪري ڪندو رهي ٿو. ان معاملي ۾ ملائيشيا ۾ توڙي جپان ۽ يورپ جهڙن ملڪن ۾ به مڪاني مالڪ (سيٺ، دڪاندار زميندار، ڪارخانيدار) اکيون پوريو ڇڏين ۽ پوليس کي اطلاع نٿا ڪن ته هنن وٽ ڌارين ماڻهو غير قانوني طرح ڪم ڪن ٿا. اهو ان ڪري جو هر ملڪ ۾ غير قانوني ماڻهو گهٽ پگهار تي ڪم ڪري ٿو، سهولتن جي demand نٿو ڪري، هر وقت خوف ۾ رهي ٿو ۽ ميڊيڪل يا ٻين سهولتن جو نالو به نٿو وٺي. مالڪ لاءِ هن کي نوڪريءَ مان ٻجائڻ به سولو ڪم ٿيو پوي.

مالڪ جي هڪ فون تي پوليس هن کي جهليو وجي ته تون Visit ويزا يا Study ويزا تي اچي نوڪري يا پورهيو مزوري ڇو پيو ڪرين؟

استوڊنٽ ويزا تي اچي غير قانوني طرح نوڪري ڪرڻ کي روڪڻ لاءِ ڪجهه سالن کان ملائيشيا جي حڪومت سيني تعليمي ادارن کي اهي حڪم جاري ڪيا آهن ته شاگردن جي پاسپورٽ تي Student ويزا لڳرائڻ بعد اهي پاسپورٽ پاڻ وٽ سوگها رکن ۽ شاگردن کي فقط رسيد جاري ڪن جيئن هو پوليس جي پڇا تي ڏيکاري سگهن ته هو فلاڻي اداري جا شاگرد آهن ۽ پوليس ان تعليمي اداري کان ان شاگرد جي پڪ ڪري سگهي ٿي ته هو اسڪول/ڪاليج اٽينڊ ڪري پيو يا غائب آهي. هاڻ جڏهن ڪراچي جي هن همراهه ٻڌايو ته هن جي پٽ جي پاسپورٽ تي ويزا جو Sticker نه هجڻ ڪري جيل ۾ وڌو ويو آهي ته مون هن کي يڪدم چيو ته اهو ان اسڪول يا ڪاليج وارن جو ڪم آهي جنهن ۾ هن داخلا ورتي آهي. ان لاءِ سندس پٽ پوليس کي رسيد ڏيکاري سگهي ٿو جيڪا ڪاليج وارن ڏني هوندس ته هن جي تعليم ۽ ويزا جي في پريل آهي ۽ پاسپورٽ ڪاليج وارن وٽ آهي. ان قسم جو ڪيس فقط ٻه مهينا ڪن اڳ منهنجي ڳوٺ جي هڪ ڇوڪري سان به ٿي چڪو هو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ملئي ماڻهو به سست آهن. هن جنهن ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي ان تي ڪاليج وارن کان ويزا لڳرائڻ رهجي وئي هئي ۽ هو پريشان هو ته هاڻ ڇا ڪري. نيٺ هن پرنسپال کي وڃي چيو ته هن جي ڪاليج جي انتظاميه جو ڏوهه آهي ۽ هو پوليس اسٽيشن تي وڃي ٿو رپورٽ لکرائي. جي نه لکرائيندو ته پوليس کي خبر پئجي وڃڻ تي هو ڏوهاري ٿي پوندو. ڪاليج جي پرنسپال يڪدم يچ ڊڪ ڪري هن جو مسئلو حل ڪيو.

ڪيترا ماڻهو اهو سمجهندا آهن ته اهڙين ڳالهين ۾ اسان جو ملڪي سفارتخانو پرديس ۾ پريشان ٿيل پنهنجي ملڪ جي ماڻهوءَ جي مدد ڪري. پر پرديس ويندڙن جي اطلاع لاءِ بلڪ خوش فهمي دور ڪرڻ لاءِ لکندو هلان ته اسان جي سفارتخانن وٽ نه ايڏو اسٽاف آهي ۽ نه وري پئسو ڏوڪڙ جو ان ملڪ ۾ رهندڙ پنهنجي هم وطنين جا مسئلا حل ڪندا رهن ۽ مسئلو به ڪنهن هڪ ٻن جو هجي يا ڪڏهن ڪڏهن هجي ته ٻي ڳالهه آهي ... هتي ته روزانو اسان جي ملڪ جا ماڻهو ننڍن توڙي وڏن ڏوهن ۾ پڪڙبا رهن ٿا. گذريل مهيني هڪ افغان نسل جي پاڪستانيءَ (خبر ناهي اصلي پاڪستان هو يا پاڪستاني پاسپورٽ هٿ ڪري پاڪستاني ٿي ويو هو) هڪ چيني ٽئڪسي ڊرائيور جو خون ڪري هن کان پئسا ڦري ورتا. اخبار ۾ خبر ايندي رهي آخر اهو خوني پڪڙيو ويو ته خبر پيئي ته پاڪستاني آهي! اهڙين ڳالهين ڪري اسان جي ملڪ جو نالو بدنام ٿيندو رهي ٿو. اسان جي ماڻهن کي کپي ته ٻئي ملڪ ۾ وڃڻ سان ان ملڪ جي قانون جو احترام ڪريون. اسان جو ماڻهو ڪجهه ان ئي خيالَ ۾ رهي ٿو ته ڏوهه ڪرڻ جي باوجود هن جو ڪو نالو نه وٺي سگهندو پر اڄ ڪلهه جي سڌريل ملڪن ۾ نه فقط سخت قاعدو قانون آهي پر ان تي عمل به ٿئي

تو. پئسي (رشوت) يا سفارش هلائڻ سان کو به چتي نه تو سگهي. ان جا ڪيترائي مثال آئون پنهنجن سفرنامن ۾ لکي چڪو آهيان.

ايئرپورٽ مان نڪري اچي ٽئڪسي ۾ وينس ۽ دل ۾ سوچيم ته ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي ته اسان جا مردَ توڙي عورتون حج تي وينديون به سمگلنگ کان نٽا مڙن. اسان تي ڪير اعتبار ڪندو ... اسان کي ڪير شريف سڏيندو؟! ۽ ڪيڏي افسوسَ جي ڳالهه آهي ته ڪو زمانو هو جو ملائيشيا توڙي عرب ملڪن ۾ اسان جو مانُ هو، اسان کي پڙهيل ڳڙهيل ۽ قابل سمجهيو ويو تي. اسان جو دنيا جي هر ملڪ ۾ آدرياءُ ڪيو ويو تي. ملائيشيا توڙي سنگاپور ۽ سري لنڪا جهڙن ملڪن جون ته جهازران ڪمپنيون هوائي ڪمپنيون، تعليمي ادارا اسان پاڪستانين ناهيا ۽ انهن کي سالن جا سالَ هلايو..... پر اڄ اسان لاءِ حالتون اُبتڙ ٿي ويون آهن...

اڳي ائين هئاس جو پنهون ڏوتم ڪپڙا

هاڻ ائين ٿياس جو جت نه نينم پاڻ سين

اڄ ملائيشيا جهڙي ملڪ جي هوائي اڏي تي لهڻ سان اسان جي ملڪ جا ماڻهو هٿ ڪڙين ۾ نظر اچن ٿا.... جو هو نقلي ويزا تي فراڊ ڪري ملائيشيا ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ۾ سوگها ڪيا ويا آهن ۽ ڪين هتان ايئرپورٽ تان ئي بي اڏام ۾ ڊيپورٽ (واپس) ڪيو پيو وڃي. هتي جي اخبارن ۾ پاڪستانين جي ڏوهن جو پڙهي ٻاهر منهن ڪڍي نڪرڻ تي دل نٽي چوي، هتي جا توڙي عرب ملڪن جا جيل اسان پاڪستانين سان پريا پيا آهن جن مان اڌ کان وڌيڪَ اهي ڏوهاري آهن جيڪي غير قانوني طور يا ڪوڙين ويزائن ۽ نوڪرين جي جعلي خطن تي پڪڙيا ويا آهن ۽ ٻيا اهي آهن جن پاڻ سان نشي آور شيون آنديون يا ممنوع شين جي سمگلنگ ڪئي، يا هنن ملڪن ۾ رهي چوري، زنا ۽ قتل جهڙا ڏوهه ڪيا ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي وطن جو نالو بدنام ڪيو.

1991ع تائين به ملائيشيا وڃڻ لاءِ اسان پاڪستانين کي ويزا جي ضرورت نه هوندي هئي. بس دڪان تان ٽڪيٽ خريد ڪري ڪراچي ايئرپورٽ تان هوائي جهاز ۾ چڙهي ڪئالالمپور ايئرپورٽ تي اچي لهبو هو جتي ملائيشيا جو اميگريشن آفيسر 3 مهينن جي ويزا جو ٺپو هڻي ڏيندو هو. جيتوڻيڪ انڊيا وارن تي اسان کان گهڻو گهڻو اڳ 1987ع ۾ ئي ٿائلنڊ، سنگاپور ۽ ملائيشيا وارن ويزا جي پابندي مڙهي ڇڏي هئي. پر پوءِ اسان جي ماڻهن جي غلط حرڪتن ڪري جن ۾ اصل پاڪستاني ايترا نه هئا جيترا افغاني ۽ ٻين ملڪن جا غير قانوني حاصل ڪيل پاڪستاني پاسپورٽ وارا هئا، اسان پاڪستانين لاءِ ويون سختيون وڌنديون. اڄ اسان جنهن هنڌ تي بيٺا آهيون ان جو سوچي هر درد رکندڙ هم وطنيءَ کي افسوس ٿئي ٿو.

ٿوري دير بعد مونکي وري ساڳي همراهه جو فون آيو. "سائين معاف ڪجو. آئون توهان کي ڊسٽرب ڪري رهيو آهيان."

”نہ نہ آئون واندو وينو آهيان. توهان ٻڌايو توهان جي پٽ جي ويزا لاءِ ڪاليج جي پرنسپال سان ڳالهہ تي؟“

”دراصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن کي جيل ۾ رکيو اٿن ۽ چون ٿا تہ ڪورٽ ۾ ڪيس هلندو جنهن لاءِ وڪيل چوي ٿو تہ پاسپورٽ هجي ها تہ ڪيس وڙهڻ سولو ٿئي ها.“ هن ٻڌايو.

”تہ پوءِ پاسپورٽ لاءِ هن جي پرنسپال سان ڳالهہ ڇو نٿا ڪريو جنهن هيڏيون ڳريون فيون وٺي هن کي داخلا ڏني آهي ۽ اسٽوڊنٽ ويزا ونرائي ڏيڻ بہ هن جي ذميداري آهي.“ مون پڇيو، جنهن جي جواب ۾ هن ٻڌايو تہ ”دراصل هو پڙهڻ لاءِ نہ ويو هو پر نوڪري لاءِ ويو هو هن وٽ آزاد ويزا هئي ۽ اسان جا ڪجهہ مائٽ اتي رهن ٿا جن هن کي پاڻ وٽ نوڪري ڏيڻ جو آسرو ڏنو هو“

مونکي تہ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ اها آزاد ويزا ڇا بَلا آهي. اڄ ڪان ويهارو سال اڳ سعودي عرب ۾ پنهنجي هڪ عرب دوست وٽ مهينو کن وڃي رهيو هوس. اسان ڪنهن زماني ۾ سئيدن ۾ ساڳي يونيورسٽي ۾ پڙهندا هئاسين. هاڻ هن پنهنجي شهر ينبعو (ينبع) ۾ پلاسٽڪ جي پائيپن جي فئڪٽري ٿي هڻڻ چاهي ۽ هڪ انجنيئر جي حيثيت ۾ هن چاهيو ٿي تہ آئون اتي رهي اها فئڪٽري لڳرائڻ ۾ هن جي رهنمائي ڪريان جو ڪيس ان بابت نہ ايتري ڄاڻ هئي ۽ نہ وقت. هو ينبو بندرگاهہ ۾ سعودي حڪومت طرفان ڊائريڪٽر هو ۽ سندس سبجيڪٽ اڪائونٽس ۽ فائننس هو. بهرحال منهنجي ساڻس ڪچهري بہ ٿيندي رهي ٿي تہ فئڪٽري جي ڪم جي بہ ديک ڀال بہ هلندي رهي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن، خاص ڪري جمعي ڏينهن، اسان مديني بہ هليا ويندا هئاسين جيڪو ائين هو جيئن ڪراچي ڪان حيدرآباد..... بلڪ ان ڪان بہ گهٽ فاصلي تي. ڪڏهن ڪڏهن آئون ينبو شهر جي صدر (وچ شهر) واري علائقي ۾ چڪر لاءِ  هليو ويندو هوس جتي مونکي ڪيترائي پاڪستاني پورهيت: واڍا، رازا، اليڪٽريشن وغيره ملندا هئا، جيڪي ڏهاڙي حاصل ڪرڻ لاءِ سخت پريشان رهيا ٿي. ظاهر آهي ڪم ايترو نہ هو جيترا ڪم وارا موجود  هوندا هُئا ۽ عرب ملڪن جي پئسي جو بُوم (زور) بہ ختم ٿي چڪو هو. هي عراق ۽ ڪويت جي جنگ بعد وارا ڏينهن هئا. عرب حڪومت توڙي ماڻهن وٽ اهو پئسو نہ رهيو هو. پئسو خرچڻ بدران... جنهن جا داستان دنيا ۾ عام ٿيا تہ هڪ عرب انگلينڊ جي ڪنهن هوٽل ۾ رهڻ بعد ڪمري جي صفائي ڪندڙ Maid (نوڪرياڻيءَ) کي پنهنجي ڪار ڏئي ڇڏي..... سحر وڄائي وينا هئا. ينبعو جهڙي شهر ۾ ڪيترا اهڙا بہ عربَ نظر آيا ٿي جن ڀاڄي خريد ڪرڻ ٿي بہ يمني، بنگالي، مدراسي دڪاندارن سان اگهہ تي بحث ٿي ڪيو..... سو ڪيترائي اسان جا واڍا رازا سڄو سڄو ڏينهن بلڪ هفتن جا هفتا بيروزگار ٿي رهيا. آئون اهو ئي سوچيندو هوس تہ جڏهن جاب ناهي تہ هي ويچارا هتي ڇو آيا آهن. انهن تي هنن اهوئي جواب ڏنو ٿي تہ ڪو زمانو هو جو اسان جي ماڻهن عرب دنيا ۾ اچي خوب ڪمايو ۽ انهن کي ڏسي اسان کي بہ شوق ٿيو تہ سعودي اچي نوڪري ڪريون. پر جڏهن نوڪري نہ ملي

سگهي ته اسان سٺ ستر هزار رپين ۾ هتي جي آزاد ويزا، عربن کان خريد ڪري ان آسري تي آيا آهيون ته من پاڻ نوڪري ڳوليون. پر هتي اچي ڏٺوسون ته اسان پاسي جي غريب ملڪن جا اسان جهڙا سوين هزارين بيروزگار ان قسم جي آزاد ويزا خريد ڪري، نوڪري لاءِ پيا واجهائين. ڪمائي (روزگار) ۾ بچت ته ڇا ايترو پئسو نه پيو ملي جو ڪٽي قرض لاهيون جيڪو ڪٽي ويزا خريد ڪئيسين.

بعد ۾ ان ڏنڌي کي ٻُنجو ڏيڻ لاءِ سعودي حڪومت پنهنجن ماڻهن تي به سختي ڪئي جيڪي پاڪستان ۽ هندستان جهڙن غريب ملڪن ۾ اچي ماڻهن کان پئسا وٺي ڪين پاڻ وٽ گهرائڻ جي ويزا ته ڏئي رهيا هئا پر هنن جي نوڪري ۽ رهائش جو ذمو نٿي کنيائون. ان بعد عرب حڪومت هر عرب کي لاتعداد ويزائون ڏيڻ جي اجازت ڏيڻ بند ڪري هن کي فقط چار ماڻهن کي گهرائڻ لاءِ ويزائن جي اجازت ڏني. هڪ ٻارن جي سار سنڀال لاءِ آيا (Ayah) نوڪرياڻي گهرائڻ جي 'آيا ويزا'، ٻي نوڪر (Boy)، ٽي بورچي (Cook) ۽ چوٿين ڊرائيور (Driver) ويزا ... اهي ويزائون ABCD جي نالي سان مشهور ٿيون. مونکي ياد آهي ته اسانجي ڳوٺ جو هڪ ڊاڪٽر هڪ عرب کان ڊرائيور جي اوپن ويزا وٺي پوءِ سعودي عرب ۾ ڊاڪٽري جي ڳولا اچي ڪئي. هو ته ڪامياب ٿي ويو پر ڪيترن کي ڪمپائونڊري به نه ملي سگهي. پاڻ سان ڪٽي ويل خرچ پکو ختم ڪري موٽي آيا. سو ان ABCD ويزا سسٽم ۾ به عربن اسان جهڙن غريب ملڪن جي ماڻهن کي خوب ڦريو جو اهو عرب جنهن کي سائيڪل به نه هئي ان به حڪومت کان هڪ عدد ڊرائيور جي ويزا جو اجازت نامو حاصل ڪري ڪنهن پاڪستانيءَ کي لک به لک ۾ وڪڻي پئسو ڪمايو. پر جيسيتائين ملائيشيا جو سوال آهي اتي منهنجي ڄاڻ مطابق ڪو به اهڙو ويزا جو سسٽم ناهي. ملائيشيا جيڪي گهمڻ لاءِ اچن ٿا اهي پاڪستان مان پنهنجي ٽريول ايجنٽ جي معرفت يا ڊائريڪٽ ڪراچي ۾ موجود ملائيشيا جي قونصل خاني کان گهربل ڊاڪومينٽ (بئنڪ اسٽيٽمينٽ، لائيٽ ۽ فون جي بل جي ڪاپي وغيره) جمع ڪرائي ويزا حاصل ڪن ٿا ۽ ڪين ٽن مهينن جي گهمڻ جي ويزا جو پاسپورٽ تي ٺپو لڳي ملي ٿو. ڪئالالمپور هوائي اڏي تي پهچڻ تي اتي جي اميگريشن جو آفيسر اهو ويزا وارو ٺپو ڏسي Online ڪمپيوٽر تي چيڪ ڪري ٿو ته اها واقعي اصلي ويزا آهي يا جعلي. جعلي ويزا جي حالت ۾ هن کي اتي ئي روڪيو وڃي ٿو جيئن ٻي اڏام ۾ واپس پنهنجي ملڪ هليو وڃي يا ملائيشيا جي پوليس حوالي ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن ويزا ۽ ٻيا ڪاغذ (پاسپورٽ وغيره) صحيح آهن ته ان صورت ۾ به فقط هڪ مهينو ملائيشيا ۾ رهڻ جي اجازت ڏين ٿا جيئن آمريڪا ۽ ٻين ملڪن ۾ سسٽم آهي. ڪراچيءَ ۾ آمريڪا جو سفارتخانو جيتوڻيڪ پنجن سالن جي ويزا هڻي ڏئي ٿو نيويارڪ يا واشنگٽن پهچڻ تي اتي جي اميگريشن وارن تي منحصر آهي ته هو

مسافر جو جائزو وٺي ڪيس هڪ مهيني جي ويزا ٽا ڏين يا ٽن جي يا ڇهن جي. ڪن حالتن ۾ ته هو موٽايو به ڇڏين جنهن لاءِ هو سبب ڏيڻ جا به پابند نه آهن.

بين ملڪن وانگر ملائيشيا ۾ به وزٽ ويزا تي اچي گهمي ڦري سگهجي ٿو. ان ويزا تي نوڪري يا ٻيو ڪم ڪرڻ قانوني طرح ڏوهه آهي. جڏهن ته ڪنهن کي ملائيشيا ۾ نوڪري ملي ٿي پوءِ چاهي اها ڊاڪٽري، انجنيئري، ڪنهن ڪاليج ۾ پڙهائڻ جي پروفيسري يا ڪنهن فئڪٽري ۾ ويلڊنگ، بجلي يا مڪينڪي ته ان لاءِ پاسپورٽ تي پاڪستان ۾ موجود سفارتخاني يا قونصل خاني طرفان ورڪنگ ويزا جو پنو (Sticker) لڳي ملي ٿو. اها ويزا اڪثر هن ريت ملي ٿي. اسان جي ملڪ جا ڊاڪٽر يا انجنيئر يا ٻيا اخبارن ۾ اشتهارن ذريعي يا انٽرنيٽ تي خالي جاين جي معلومات حاصل ڪري انهن ادارن کي نوڪري جي درخواست يا بايوڊاٽا موڪلين ٿا ... چونڊجي وڃڻ تي، يعني نوڪري ملڻ تي اتي جي ڪمپني اسان جي ملڪ جي اميدوار کي appointment جو ليٽر موڪلي ٿي ته اهو ليٽر (يا ان سان گڏ موڪليل ڪو ٻيو پنو) ڪٽي ڪراچي ۾ ملائيشيا جي قونصل خاني کي ڏيکاري نوڪري جي ويزا جو پاسپورٽ تي ٺپو هڻاءِ. ساڳي وقت ملائيشيا جي اها ڪمپني ان ليٽر جي هڪ ڪاپي ڪراچي واري قونصل خاني کي direct به موڪلي ٿي، جنهن جي آڌار تي اميدوار جي پاسپورٽ تي ويزا لڳائي وڃي ٿي ۽ هو نوڪري تي اچي چڙهي ٿو. ان لاءِ ڪمپني هن کان ويزا جا پئسا نٿي وٺي بلڪ ڪوالالمپور ايئرپورٽ تي پهچڻ سان هن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست ڪري ٿي ۽ پگهار جو ڪجهه حصو اڳوات به ڏئي ٿي... جيئن هن کي ڌارئين ملڪ ۾ پريشاني نه ٿئي.

هن همراهه پنهنجي پٽ لاءِ اهو ٻڌايو ته هنن جي واقفڪارن جيڪي ملائيشيا ۾ رهن ٿا، نوڪريءَ جو بندوبست ڪيو آهي. (يا شايد اهو چيائين ته هنن جو اتي پنهنجو ڪاروبار آهي جنهن ۾ هن کي به نوڪري ۾ لڳرائي رهيا هئا.) مون ڪانئس اهو پڇيو ته ”پوءِ توهانکي ان نوڪريءَ لاءِ هنن Appointment Letter موڪليو هو؟“

”نه“ هن وراڻيو.

”ته پوءِ توهانجي پٽ کي ملائيشيا جي قونصل خاني ڪيئن ورڪنگ ويزا ڏني؟“

هن ٻڌايو ته ملائيشيا ۾ رهندڙ هن جي دوستن (يا شايد مائٽن) هن کان نوڪري ڏيارڻ جا به لک ورتا ۽ چيائون ته ڇوڪرو ڪراچي کان وزٽ ويزا تي ڪئالالمپور پهچي ته پوءِ اتي اسان هن جي وزٽ ويزا کي بدلائي ورڪنگ ويزا ڪنداسين.....

بهرحال مونکي هن پيءُ جي ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي سگهي. سچي ڳالهه ته اها آهي ته هو ويچارو پاڻ منجهيل لڳي رهيو هو. لڳو ٿي ته سندس دوستن (يا مائٽن) هن مان پئسو ڪڍي هن جي ڇوڪري کي ڪنهن اٽڪل سٽڪل ذريعي ملائيشيا ۾ ڪٿي ڪم سان لڳائڻ جي ڪوشش ٿي

ڪئي پر ڪامياب نہ ٿي سگهيا ۽ هاڻ سزا جي ڊپ ڪان هو پاسيرا ٿي ويا آهن. دراصل ان قسم جا بہ انيڪ واقعا روز ٿيندا رهن ٿا. ظالم ۽ نڱ ايجنٽ اسان جي مجبور ۽ وسوڙيل ماڻهن کي نوڪرين جا ڪوڙا ڏٽا ڏئي بيوقوف بڻائيندا رهن ٿا. ڪئالالمپور پهچڻ تي هو جڏهن انهن آفيسن يا ڪارخانن جي ائڊريس مطابق ڳولا ڪن ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ اهي غلط پتا آهن ۽ اهڙي ڪا آفيس يا ڪارخانو ئي ناهي. يا ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪرڻ تي اهي ايجنٽ گهرايل ماڻهن کان پاسپورٽ وٺي ڪين الڳ ٽئڪسين ۾ چاڙهي پاڻ پنهنجي ڪار ۾ ڀڄيو وڃن. پوليس ويتر ڪين پاسپورٽ نہ هجڻ جي ڏوهہ ۾ جيل اندر ڪريو ڇڏي. ان قسم جي ڏوهن کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ ملائيشيا حڪومت هاڻ ائين ڪيو آهي تہ نوڪري لاءِ آيل ڪو بہ ڌاريون ماڻهو ايئرپوٽ کان تيسين ٻاهر نٿو نڪري سگهي جيسين هن کي نوڪري ڏيڻ وارو ڪارخاني جو مالڪ يا آفيس جو مئنيجر پاڻ ايئرپورٽ تي اچي.

بهرحال مون هن پريشان پيءُ کي اهائي صلاح ڏني تہ هو پنهنجن دوستن (مائٽن) کي فون ڪري پڇي تہ هنن کهڙي قسم جي نوڪري ڏني ۽ ان لاءِ ويزا جو هتان ئي بندوبست ڇو نہ ڪيائون ۽ هاڻ هن جي پٽ کي جيلَ ۾ ڇو رکيو اتن جڏهن هر ڳالهہ جو هنن ذمو کڻي هن کي ملائيشيا ۾ گهرايو.

دراصل اسان جي ملڪ جي خراب معاشي حالتن ۽ بيروزگاريءَ اسان جي ماڻهن کي مجبور ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جو فائدو نڱ ايجنٽ ۽ ظالم ماڻهو دوستي ۽ مائٽي جو نمونو ڪري وٺي رهيا آهن. هڪ طرف هو غريبن ڪان پئسو ڦرين ٿا تہ ٻئي طرف هنن جي ٻچن کي پرديس ۾ جيلن حوالي ڪريو ڇڏين. ٿي سگهي ٿو منهنجو هي مضمون پڙهندڙن کي ان قسم جي نڱين کان هوشيار رهڻ جي آگاهي ڏئي سگهي ۽ هو پنهنجن ٻچن کي مصيبت ۾ وجهڻ کان پرهيز ڪن ـ نڱ ايجنٽن جي ڏتارڻ تي لالچ ۽ لوڀَ ۾ اچي پنهنجن ٻارن کي اوڙاهہ ۾ نہ وجهن.

# نقلي نوٽ.... نقلي ڊرائيونگ لائسنس!

1970-71ع تائين سنگاپور ٺڳن جو ملڪ سمجهيو ويو ٿي. دنيا جي هر ”ٻه نمبري“ شيءِ پيٽن ۽ واچن کان صابڻ ۽ چاڪليٽن تائين سنگاپور ۾ ملي ٿي. اسان جي ملڪن (پاڪستان، انديا، سري لنڪا توڙي دبئي، عدن ۽ ممباسا) جا ٺڳ واپاري سنگاپور جي سرنگون روڊ ۽ هاءِ اسٽريٽ وارن دڪانن اڳيان خريد و فرخت ڪندي نظر ايندا هئا. هوائي جهازن جون ايئر هوسٽسون توڙي اسان جا بحري جهازن وارا همراهه، هتان نقلي برانڊيڊ قميصون، رومال، واچون، ڪئلڪيوليٽر ۽ ڪئميرائون سستي اگهه تي وٺي پنهنجن مائٽن ۽ دوستن کي تحفي ۾ ڏيندا هئا. پئسا مٽائڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن دڪاندار هڪ اڌ جعلي نوٽ به ڏئي ڇڏيندا هئا. جهاز ڇٽڻ بعد يا ٻي ملڪ پهچڻ تي جڏهن اسانکي نقصان جي خبر پوندي هئي ته پوءِ سنگاپور جي ماڻهن ۽ حڪومت کي گاريون ڏيندا هئاسين ۽ هڪ ٻي کي خبردار ڪندا هئاسين ته سنگاپور جي ٺڳن کان بچي رهجو.

حيدرآباد ۽ سکر شهر جيڏي هِن ٻيٽ جي امن امان جي صورت به ڪا سني نه هئي. جهاز پهچڻ تي مکاني آفيس طرفان اسان کي چِتاءُ ڏنو ويندو هو ته رات جو ٻاهر نڪرڻ کان گريز ڪريو. ڏينهن جو به اڪيلي سِر پري نه وڃو. هر بس تي سنگاپور جي چئني قومي زبانن (انگريزي، ملئي، چيني ۽ تامل) ۾ لکيل هوندو هو ته جيب ڪترن کان خبردار رَهو.

ڪجهه اهو ئي حال هانگ ڪانگ جو هو... جتي پڻ دنيا جي هر نقلي شيءِ نهي ٿي. نوٽن ۽ اسڪولن ڪاليجن جي ڊگرين کان هوائي ۽ بحري جهازن جي اسپيئر پارٽس تائين. اڄ سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ قاعدي قانونَ ۽ امن امانَ کان مشهور آهي. مجال آهي جو توهان کي ڪا نقلي شيءِ ملي. مجال آهي جو ڪو ماڻهو ٺڳي ڪري.

سنگاپور جي ڪنهن روڊ تي توهان جو پٽون ڪري پوي ته به ڪو ان کي پنهنجو نه ڪندو. موٽي اچڻ تي توهان کي اتي ئي ملندو يا ان علائقي جي پوليس اسٽيشن جي Lost & Found جي ڪائونٽر تي. اڄ سڀ کان سخت پڙهائي ۽ ڊسيپلين سنگاپور جي تعليمي ادارن ۾ آهي ۽ سنگاپور مان حاصل ڪيل ڊگريءَ کي سڄي دنيا ۾ مانُ ڏنو وڃي ٿو.... ڇو ته هر هڪ کي خبر آهي ته هن ملڪ جي ڊگري نقلي ٿي نٿي سگهي ۽ هن ملڪ جي ڊگري حاصل ڪرڻ وارو شاگرد ٿي نٿو سگهي ته هوشيار نه هجي .... محنتي نه هجي .... پنهنجي سبجيڪٽ جو ڄاڻو نه هجي. ان ڪري سنگاپوريءَ کي دنيا جي هر ملڪ ۾ سولائيءَ سان نوڪري ملي وڃي ۽ سنگاپور جي پاسپورٽ جو ايڏو ته مان ۽ عزت آهي جو سنگاپوريءَ کي آمريڪا جهڙي مُلڪَ ۾ گهڙڻ لاءِ به ويزا جي ضرورت ناهي. سنگاپوري جيڪي ڪنهن زماني ۾ ٺڳ ۽ چور سمجهيا ويندا هئا اڄ اهي ايڏو عزت مابَ ٿي

ويا آهن جو هو جڏهن چاهين ۽ جنهن وقت چاهين تہ نہ فقط آمريڪا پر يورپ جي بہ هر ملڪَ ۾ وڃي سگهن ٿا ۽ جيترا ڏينهن هو چاهين اتي رهي سگهن ٿا.

اهي ماضي ۽ حال جون ڳالهيون سوچي مونکي پنهنجي مُلڪَ ۽ ماڻهن تي ڏک ٿيندو آهي تہ اڄ اسان کي ان آڳاٽي سنگاپور کان بہ بدتر سمجهيو وڃي ٿو ۽ اسان سان هر برائي وابستہ ڪئي وڃي ٿي. هر نڳي جو ۽ ٻہ نمبري ۽ نقلي ڪم اسان جي مُلڪَ ۽ ماڻهن سان لاڳاپيو وڃي ٿو. ان جو پهريون دفعو احساس مونکي 1991ع ۾ ٿيو جڏهن ڪئالالمپور ۾ ڪجھ نوڪرين لاءِ اُميدوارن جا انٽرويو وٺڻ لاءِ مونکي بہ ججن جي پئنل تي وهاريو ويو هو. اسان جي مُلڪَ جا شاگرد بہ ايندا رهيا ٿي. هو انڊيا ۽ بنگلاديش جي اُميدوارن کان جيتوڻيڪ گهٽ ذهين ۽ چاڙو ۽ انگريزي ڳالهائڻ ۾ ڪمزور لڳا ٿي پر تڏهن بہ ڪم هليو پئي. ڪجھ نہ ڪجھ کي نوڪري ملي وئي ٿي. ۽ پوءِ ڌمچال اُن وقت پئدا ٿيو جڏهن اسانجي ٻن همراهن جون ڊگريون نقلي نڪتيون. مونکي تہ حيرت ٿي تہ اهي نقلي اهڙي نموني ٺهيل هيون جن تي ظاهري طرح ذري برابر بہ شڪ نٿي ٿيو. بهرحال ان قسم جي وارداتن ڪري اسانجي مُلڪَ جي شاگردن کان هرڪو ادارو ۽ ڪمپني پاسو ڪرڻ لڳو ۽ چند شاگردن جي بدنامي ڪري اڄ ڏينهن تائين ٻيا لائق فائق شاگرد بہ Suffer ڪري رهيا آهن.

اسانجي نقلي شين جي ڪاروبارَ جو اهو حال آهي جو هڪ دفعي آئون بئنڪ تان پئسا ڪڍائي پر ۾ ئي اتي ڪلفٽن جي هڪ دڪاندار کي پئسا ڏيڻ آيس تہ هن انهن نوٽن مان هڪ 500 جو نوٽ ڪڍي مونکي ٻڌايو تہ هي نقلي آهي. آئون ان ئي وقت بئنڪ جي ڪئشر وٽ آيس پر هو مڃڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ ٽارائي ويو. ٿي سگهي ٿو هن کي بہ خبر نہ هجي، متان ئي اهڙا نوٽ مليا هجنس. هو مون تي شڪ ڪندو رهيو آئون هن تي. ڪجھ ڏينهن بعد مونکي لنڊن وڃڻو هو. آئون ناٽو متائڻ واري هڪ دڪان تان پاڪستاني پئسا ڏئي پائونڊ وٺڻ ويس. پئسا ڳڻڻ واري ڇوڪريءَ منهنجا ڏنل نوٽ ڳڻيندي هڪ نوٽ وٽ رڪجي مونکي ٻڌايو تہ اهو هزار جو نوٽ جعلي آهي ۽ هن مونکي اهو ئي مشورو ڏنو تہ نوٽن جي پئڪيٽ کي کولڻ بدران آئون اهو سڄو پاڪيٽ بئنڪ وارن کي موٽائي ڏيان. آئون ان ئي بئنڪ تي آيس. مون سمجهيو ڪئشر سخت شرمندو ٿيندو ۽ مونکي رسيل زحمت لاءِ معافي گهرندو پر هن نوٽ کي جانچي پوءِ مونکي ان پئڪٽ بدران ٻيو پئڪٽ ضرور ڪڍي ڏنو پر عجيب بي رخي ۽ بيزاريءَ مان.... جڻ چئي رهيو هجي تہ "سؤ نوٽن ۾ فقط هڪ نوٽ تہ نقلي هو! ڪتي هلائي ڇڏينس ها!" ڪمالَ جي اها ڳالھ آهي تہ اهو نقلي نوٽ اهڙي تہ سٺي نموني ڇپيل هو جو نوٽ مَٽيندڙ ڇوڪري ان ڏي ڌيان نہ ڏياري ها تہ مونکي بہ محسوس نہ ٿئي ها تہ اهو نقلي آهي.

آئون هميشہ پنهنجن ڪالمن ۾ لکندو رهان ٿو تہ توهان حج تي وڃو يا ايران، شام، عراق زيارتن تي وڃو، توهان يورپ يا آمريڪا پڙهڻ لاءِ وڃو يا گهمڻ خاطر، ڪوشش ڪري ڌارئين ملڪ

جو ناڻو ريال، پائونڊ، درهم، ڊالر وغيره ڪنهن ناموس واري Money Changer کان مٽائي وجو ۽ ڪنهن واقفڪار کان پڪ ڪرائي پوءِ ونو چو جو ائين نه ٿئي جو توهان معصوم هوندي ڌارئين ملڪ ۾ ڦاسي پئو. هڪ دفعي مونکي دڪاندار 5 پائونڊن وارو نوٽ نقلي ڏئي ويو. انهن ڏينهن ۾ آئون جهازَ تي جونئر انجنيئر هوس ۽ پنجَ پائونڊَ مون لاءِ وڏو پئسو هو. مونکي سڄو سفر ڏاڍو ڏک رهيو ته انهن پنجن پائونڊن ۾ آئون ڪيتريون ئي شيون خريد ڪريان ها ... هڪ ته دفعو ماني کائي سگهان ها..... پر پوءِ اهو به شڪر ڪيم ته مونکي اڳواٽ ان نقلي نوٽ جي خبر پئجي وئي ۽ ڦاڙي ڇڏيم نه ته بي خياليءَ ۾ ڪٿي هَلائي وجهان ها ۽ جهلجي پوان ها ته پرديسَ ۾ سزاياب ٿيان ها. افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان جا ڪيترا پاڪستاني انهن نقلي نوٽن جي ڏوهن ۾ به جيل ڪاٽي رهيا آهن جن ۾ سنئون سڌو هنن جو ڏوهه بنهه ناهي. بلڪ اسان جي لالچي ۽ ظالم دڪاندارن جو آهي جيڪي عبادت لاءِ يا پورهئي لاءِ ڌارين ملڪن ڏي ويندڙ اسان جي معصوم ۽ اڻ پڙهيل ڳوناٺن کي ڏين ٿا. واپس جڏهن ڪراچي پهتس ته ان دڪاندار سان ڳالهه ڪيم ته تو مونکي هڪ نقلي نوٽ ڏنو هو. پر هن نه مڃيو نه احساس ڪيو..... بس رڳو ايترو چيو ته ”هم ڪيا ڪرين..... اسين ته ڪونه ٿا ڇاپيون..... اسانکي به جيڪي ملن ٿا اهي ٻين کي ڏيون ٿا.....“ جيتوڻيڪ اها ڳالهه ناهي بئنڪن وارا ۽ نوٽ مٽي ڏيڻ وارا Money Changer بيحد هوشيار ٿين ٿا. هو اصلي ۽ نقلي نوٽ کي چڱيءَ طرح سمجهن ٿا. هو ان ڪان به واقف آهن ته اهي نقلي نوٽ ڪٿي ۽ ڪيئن چيڃن ٿا.... ان ڪم ۾ به اسان جو ملڪ ايڏو بدنام ٿي چڪو آهي جو ڌارين ملڪن جا جهازي اڪثر چوندا آهن ته ڪوشش ڪري پاڪستان مان ڪڏهن به ڊالر پائونڊ نه وٺجن. مونکي سنگاپور جي بدحالي جي ڏينهنَ جو هڪ لطيفو ياد ٿو اچي جيڪو اڄ پڪ اسان جي مُلڪَ لاءِ ماڻهو چوندا هوندا:

ڪنهن شهر ۾ هڪ ٺڳ وٽ نوٽن ڇپڻ جي مشين هئي جنهن ذريعي هو روزانو هڪ به نوٽ ڇپي مارڪيٽ ۾ هلائيندو هو. هڪ ڏينهن هن کان غلطي ۾ پنج سؤ يا هزار روپين جي نوٽ بدران 1500 روپين وارو نوٽ ڇپجي ويو. هن ڏٺو ته شهر جا ماڻهو ته چالاڪ آهن ۽ هو سمجهي ويندا ته 1500 روپين جو نوٽ ٿئي ڪونه! ان ڪري هو اهو نوٽ کڻي پر واري ڳوٺ ڏي مٽائڻ لاءِ نڪتو. اتي هڪ همراهه اهو نوٽ قبول ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو پر هن چيس ته ان جي بدلي ۾ هو هن کي فقط 1400 رپيا ڏيندو. شهري همراهه ڏاڍو خوش ٿيو. ڳوناٺي همراهه هن کان 1500 وارو نوٽ وٺي گهر اندر هليو ويو. ٿوري دير بعد ٻاهر نڪتو ۽ شهري همراهه جي هٿ تي اچي ست ست سؤ وارا ٻه نوٽ رکيا..... مطلب اهو ته نه فقط شهر جا ماڻهو پر ڳوٺن جا ماڻهو به ٺڳين ۾ اوترا هوشيار ٿي ويا آهن.

اسان جي ڳوٺ جي هڪ ڇوڪري کي ڪراچيءَ ۾ نوڪري ملي ته هن موٽر سائيڪل خريد ڪئي. هن جي مائٽن مون کي فون ڪيو ته هو بنا ڊرائيونگ لائسنس جي هلائي رهيو آهي. مون

ڪيس گھرائي سمجھايو تہ بنا لائسنس واري ڪان جي حادثي ۾ ماڻھو مري وڃي تہ ھن تي قتل جو ڏوھ اچي ٿو. پھرين تہ ھو اھو ئي چوندو رھيو تہ بيا بہ بنا لائسنس جي پيا ھلائين. پر مون ڪيس قاعدي مطابق ھلائڻ ۽ لائسنس حاصل ڪرڻ لاءِ ڊرائيونگ لائسنس آفيس ڪلفٽن وڃڻ لاءِ چيو جتي جو SP منھنجو واقف ھو. پر چوڪر چيو تہ ھن جا ڪجھ سڄاڻو آھن جيڪي اڌ ڪان بہ گھٽ في تي ھڪ ڏينھن ۾ نھرايو ونن. مون ان SP ۽ بين ڪان پڇيو تہ ھنن اھو ئي ٻڌايو تہ اھو نا ممڪن آھي. ھر ھڪ ڪي گھٽ ۾ گھٽ مھينو ڪن لرنر (سيڪڙات) جي لائسنس تي گاڏي ھلائڻي پوي ٿي ان بعد امتحان ونڻ بعد لائسنس ڏنو وڃي ٿو. ان ٽيسٽ ڪان ڪو بہ پڇي نٿو سگھي جو ان جي وڊيو ڪڍي وڃي ٿي. ان ڪان علاوہ سڄي پاڪستان ۾ ھر قسم جي ڊرائيونگ لائسنس جي في، ھڪ آھي. گھٽ تي نٿي سگھي.

بھرحال چوڪر لائسنس جو ڇا ڪيو مون فالو اپ نہ ڪيو. ضرور ھن نھرايو ھوندو. پر ان وقت تائين مون سوچيو بہ نہ ھو تہ ڪراچي توڙي اسان جي بين شھرن ۾ ڏوھارين جا اھڙا اڏا آھن جِتي گھٽ قيمت تي نقلي ڊرائيونگ لائسنس بہ ڏنا وڃن ٿا ۽ اسان جا ماڻھو ايڏا جاھل آھن جو اھو سوچڻ بنا تہ ان جا ڇا نتيجا نڪري سگھن ٿا ھو، ان سستي ۽ آساني سان مليل لائسنس کي حاصل ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

ڪجھ ھفتن ڪان پوءِ اسان جي ھڪ ٻئي دوستَ جي پٽ کي ملائيشيا ۾ نوڪري ملي. ھن اتي پھچي ڪار ھلائڻ جي لائسنس لاءِ ھڪ بہ دفعا ٽيسٽ ڏنو پر فيل ٿي پيو. ھن مون سان مشورو ڪيو. مون ڪيس اھو ئي سمجھايو تہ بھتر ٿيندو ڪنھن ڪار ڊرائيونگ اسڪولَ ۾ داخلا وٺي صحيح طرح ڪار ھلائڻ سِکُ جو جو اسان جي ملڪ ۾ ايترو گھٽو نٿا پچن ان ڪري ڪيترن کي Parallel پارڪنگ جھڙيون شيون اچن ئي ڪونہ ٿيون. ان ڪري ڊرائيونگ سان واسطو رکندڙ ھر شيءِ سکڻ کپي جو جو ولايت ۾ ھڪ لين مان نڪري ٻي ۾ وڃڻ تي بہ ڏنڊ ۽ سزا آھي.

مون ڏنو تہ ھي ھمراھ ڪنھن بہ صورتَ ۾ محنت ڪري سکڻ ۽ ٽيسٽ ڏئي ڊرائيونگ لائسنس ھٿ ڪرڻ جي موڊ ۾ نہ ھو. بلڪ ھن کي اتي رھندڙ پاڪستانين اھا صلاح ڏني تہ پاڪستان مان انٽرنيشنل لائسنس نھرائي ان تي ملائيشيا ۾ ڪار ھلاءِ. مون ڪيس سمجھايو تہ ان تي فقط ٽي مھينا ھلائي سگھين ٿو ۽ پيو تہ ان لاءِ توکي پاڪستان اچي پاڻ وٺڻو پوندو. ان ڳالھ کي ڪجھ مھينا گذري ويا. مون سمجيو پڪ ھن ملائيشيا ۾ ٽيسٽ ڏئي اتي جو ڊرائيونگ لائسنس حاصل ڪيو ھوندو. پر پوءِ ھڪ ڏينھن ھن فون ڪيو تہ ھو پاڪستان مان حاصل ڪيل انٽرنيشنل ڊرائيونگ لائسنس تي ڪوالالمپور ۾ ڪار ھلائي رھيو آھي ۽ ھن کي پاڪستاني دوستن ڪان خبر پئي آھي تہ پاڪستان جي ڊرائيونگ لائسنس آفيس NOC لکي ڏيندي تہ ھن کي بنا امتحان ڏيڻ جي پاڪستاني انٽرنيشنل ڊرائيونگ لائسنس بدران ملائيشيا جو ملي ويندو.

”ان لاءِ ڪهڙن ڪاغذن جي ضرورت آهي؟“ مون پڇيو، “ اهي موڪل ٺهرائي موڪليان.“

هن ان لاءِ پنهنجي پاسپورٽ، شناختي ڪارڊ ۽ انٽرنيشنل ڊرائيونگ لائسنس جي فوٽو ڪاپي موڪلي. ان دوران مون به ڪراچي واري آفيس مان معلوم ڪري ورتو ته NOC لاءِ اهي ئي ڪاغذ ڪپن. جڏهن آفيس پهتس ته فوٽو ڪاپي چيڪ ڪري هنن ٻڌايو ته هي انٽرنيشنل ڊرائيونگ لائسنس جعلي آهي. جنهن جي بعد ۾ مونکي خبر پئي ته ملائيشيا، سنگاپور، جپان توڙي يورپ ۾ رهندڙ اسانجا پاڪستاني ڪجهه پئسا ڏئي پوسٽ ذريعي پاڪستان جي ٺڳ ڪمپنين کان گهرايو تا ونن جن جو ڪم ان قسم جون نقلي ڊگريون، لائسنس ۽ ويزا اسٽڪرس ناهڻ آهي. ۽ ڪيڏي افسوسَ جي ڳالهه آهي ته قانونَ کان بي خبر اسان جا لاپرواهه ۽ جاهل ماڻهو ڌارين ملڪن جي پوليس کي بيوقوف ٻڻائي پنهنجو ڪم ڪڍيو وينا آهن. پر هنن کي شايد انهن ماڻهن جي غمن جي خبر ناهي جن کان جڏهن حادثو ٿيو وڃي ته پوءِ ملائيشيا (يا ٻي ملڪَ جي پوليس) پهريون ڪم اهو ڪري ٿي ته هنن جو ڊرائيونگ لائسنس سفارتخاني کان چيڪ ٿي ڪرائي. اڄ ڪلهه هر شيءِ ڪمپيوٽر تي آن لائين هجڻ ڪري هو هنن کي يڪدم ٻڌايو ڇڏين ته هي لائسنس نقلي آهي يا اصلي. پوءِ نقلي جي صورت ۾ سندن غلط ڊرائيونگ کي حادثو نه پر ”قتل“ يا ”اقدام قتل“ سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان جي سزا کان علاوه نقلي لائسنس جي فراڊَ جي به سزا ملي ٿي..... مُلڪَ ۽ قوم جو نالو الڳ بدنام ٿئي ٿو. هر هڪ جي واتَ تي اهو اچيو وڃي ته پاڪستاني جتي ڪٿي رڳو ٺڳيون ۽ فراڊ ڪندا وتن. پوءِ جيڪڏهن ڪو شرافت سان به هلي ٿو ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڌارين ملڪن ۾ اسان جا هم وطني گهڻي ڀاڱي قانونَ مُطابق ۽ شرافتَ سان رهن ٿا پر چند نِڪمن ۽ غلط ماڻهن جي ڪري سيني پاڪستانين کي شڪ جي نِگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو.

# شايد ٻين ملڪن ۾ به ڪم ائين پيو هلي......

ڪالهه هڪ همراهه جو سکر کان فون آيو. ”آئون پنهنجي پٽ کي ملائيشيا نوڪريءَ لاءِ موڪلي رهيو آهيان.“

”ڏاڍو سٺو.“ مون جواب ڏنو مانس. ظاهر آهي اڄ جي دور ۾ جڏهن ملائيشيا ۽ جپان جهڙن ملڪن ۾ جِتي سندن مڪاني ماڻهو نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان آهن اُتي ڪنهن ڌارئين ملڪ جي ماڻهوءَ کي، خاص ڪري اسان جي پاڪستانيءَ کي نوڪري ملي، خوشي جي ڳالهه آهي.

”پر سائين هڪ مسئلو آهي جنهن بابت توهان کان پڇڻو آهي.“ هن چيو.

”ڀلي پڇو...... ڇا ڀڳهار گهٽ ٿو لڳي؟“ مون چيو.

”نه. اها ڳالهه ناهي. اسان جي ڇوڪري کي هيپيٽائٽس آهي. پر اسان جي هڪ ڊاڪٽر چيو آهي ته هو هن کي فِٽنيس جو سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيندو.“

”پر هو ته (يعني ملائيشيا وارا ته) پنهنجي مقرر ڪيل ڊاڪٽر جي رپورٽ قبول ڪندا ۽ جنهن بنا توهان جي پٽ کي ڪراچي ۾ ملائيشيا جو قونصل خانو نوڪري ڪرڻ جي ”ورڪ ويزا“ هرگز نه ڏيندو.“ مون هن کي سمجهايو. دراصل ملائيشيا ۾ (توڙي ٻين ملڪن ۾) ڪنهن کي به نوڪري ۾ رکڻ کان اڳ هن جي ميڊيڪل رپورٽ ڏٺي وڃي ٿي جيئن هن کي ڪا اهڙي بيماري ته نه آهي جيڪا هن کي نوڪري ڪرڻ ۾ رڪاوٽ وجهي سگهي يا اها ٻين کي بيمار ڪري سگهي. ڪيترن ملڪن ۾ ته گهمڻ لاءِ وڃڻ جي ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ به ميڊيڪل ٽپاس ورتو وڃي ٿو. جيئن ايران وڃڻ لاءِ بلڊ ٽيسٽ ۽ ايڪسري ورتو وڃي ٿو...... ۽ هاڻ ٻڌو اٿم ته ڊاڪٽر کان ٽپاس ڪرائي اهو لکرائڻ به ضروري آهي ته هن کي سلهه جهڙي ڪا بيماري ناهي.... ڇو جو سلهه هڪ وچرندڙ بيماري آهي ۽ اسان جي ملڪ ۾، خاص ڪري سنڌ جي ڪجهه ڳوٺن ۾ تمام عام ٿي پئي آهي.

فون ڪندڙ چيو ته ”ملائيشيا وارن کي ڪهڙو اعتراض ته منهنجو پٽ ڪهڙي ڊاڪٽر کان سرٽيفڪيٽ وٺي اچي ٿو.“

ان تي مون هن کي سمجهايو ته اهو ٻين ملڪن جي ماڻهن لاءِ ڪٽي هلندو هجي پر اسان پاڪستانين لاءِ ڪيترن ملڪن اسان جي ملڪ ۾ ڪجهه ڊاڪٽر يا اسپتالون مقرر ڪيون آهن جن جي ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ کي ئي مانُ ڏنو وڃي ٿو. جيئن ايران وارا عيسيٰ لئبارٽريز جي ئي ميڊيڪل رپورٽ قبول ڪن ٿا. اهڙِ طرح ملائيشيا وارن به ڊفينس سوسائٽي جي تاج لئبارٽري وارن کي مقرر ڪيو آهي ۽ هو فقط انهن جي ٽيسٽ رپورٽ قبول ڪن ٿا. انهن لئبارٽرين وارا رشوت جي چڪر ۾ هڪ صحتمند کي بيمار ڏيکاري Unfit ته ڪري سگهن ٿا پر ڪيڏي به رشوت تي هو بيمار کي fit هجڻ جو سرٽيفڪيٽ نٿا ڏئي سگهن. ڇو جو اسان جا نوڪري حاصل ڪندڙ جوان

جڏهن ملائيشيا پهچن تا تہ مهيني ڏيڍ بعد هنن جو هڪ دفعو وري اتي ميڊيڪل ٽيسٽ ٿئي ٿو ۽ اتي بيماريءَ جو ڦڪڙ ڦاٽڻ تي ڪراچي جي پئنل واري ليبارٽري يا ڊاڪٽر بليڪ لسٽ تي سگهي ٿو ۽ هو ڪمائيءَ کان هٿ ڌوئي وهندا. اسان وارو همراهہ شايد اهڙين ڳالهين ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هو. هو پنهنجي ضد تي قائم رهيو. چوڻ لڳو: ”ملائيشيا وارا يعني جن هن جي پٺ کي نوڪري ڏني آهي اهي تہ چون ٿا تہ ڪنهن بہ ڊاڪٽر کان ميڊيڪل فٽنيس جو سرٽيفڪيٽ وٺي اچ.“

مون هن کي سمجهايو تہ ملائيشيا جي سرڪاري يا پرائيويٽ ڪمپني جڏهن نوڪريءَ جو خط توهان کي موڪلي ٿي تہ ان جي ڪاپي پاڪستان ۾ سندن سفارت خاني (ايمبسي/ هاءِ ڪميشن/ قونصل خاني) ڏي بہ موڪلي ٿي. توهان نوڪري جو خط کڻي جڏهن سفارت خاني پاسپورٽ تي نوڪري جي (Work – Visa) لاءِ وڃو ٿا تہ هو توهان کي ڊاڪٽرن/ميڊيڪل ليبارٽريز جي لسٽ ڏين ٿا تہ انهن مان ڪنهن کان پنهنجو ميڊيڪل ٽيسٽ ڪرائي fitness جو سرٽيفڪيٽ پاسپورٽ سان ملائي فيڊيڪس يا TCS ڪوريئر سروس ذريعي هنن ڏي موڪليو.... ۽ پوءِ ئي هو پاسپورٽ تي ورڪ ويزا جو ٺپو هڻي ڏين ٿا ۽ توهان ملائيشيا پهچي بنا خوف خطري جي ان ڪمپني وٽ نوڪري ڪري سگهو ٿا.

پر ان ۾ بہ ڪيترين نڳيون ٿيڻ ڪري هاڻ اهو قاعدو ڪڍيو ويو آهي تہ ڪئالالمپور ايئرپورٽ تي پهچڻ تي توهان کي ائين نٿو ڇڏيو وڃي جيسين توهان کي نوڪري ڏيڻ واري ڪمپني جو مالڪ يا ان جو نمائندو ايئرپورٽ تي پهچي اميگريشن وارن کي خاطري ڏئي تہ هن جي ڪمپنيءَ نوڪري ڏني آهي ۽ هو هر قسم جي جوابداري کڻڻ لاءِ تيار آهن.

مون هن همراهہ کان پڇيو تہ آيا هن کي نوڪريءَ جو خط مليو ويو آهي؟ ان تي هو منجهي پيو ۽ ٻڌايائين تہ اهو اجان ڪونہ مليو آهي. سندس مائٽ يا شايد دوست ملائيشيا ۾ ڪاروبار ڪن ٿا. انهن آسرو ڏنو آهي تہ هو سندس چوڪري کي پاڻ وٽ يا ڪنهن ٻئي وٽ نوڪري ۾ لڳائي ڇڏيندا.

”پوءِ ڪيس هتان ورڪ ويزا ڪيئن ملي سگهندي؟“ مون پڇيو.

”هنن چيو آهي تہ هي هِتان گهمڻ (Visit) جي ويزا وٺي اچي ۽ پوءِ هو اتي ان جي ويزا جو status بدلائي ورڪ ويزا ڪرائي ڏيندا.“ هن چيو.

ساٿس وڌيڪ بحث ڪرڻ بدران ڪيس ٻڌايم تہ اهي سڀ اٽڪلون سٽڪلون آهن ۽ ان ۾ وڏو Risk رهي ٿو ۽ اسان جي مجبور ۽ نوڪري لاءِ پريشان ماڻهوءَ کي نوڪريءَ جا دلاسا ڏئي هڪ طرف هن کان پئسا ڦريا وڃن ٿا ۽ ٻئي طرف چڪاس ٿيڻ تي نوڪري ڏيڻ وارا پڇيو وڃن يا ٽاريو وڃن، غريب پرديسي جيل حوالي ٿيو وڃي ۽ پريشان مائٽ پڻ پري ويهي هن کي بچائي نہ ٿا سگهن. اهڙي طرح ميڊيڪل جي بہ ڪوڙن سرٽيفڪيٽن تي نوڪري بدران پرديس ۾ سزائون

ڪاٺيون پون ٽيون. اسانجي ملڪ ۾ ان قسم جون ننگيون ايترو ته عام ٿي پيون آهن ۽ انهن تي وٺ پڪڙ يا عبرتناڪ سزائون نه هجڻ ڪري اسان جو ماڻهو نفسياتي طرح سمجهي ٿو ته بين ملڪن ۾ به ائين پيو ڪم هلي ۽ هو هر حالت ۾ ڦبجي ويندا. پر ائين ناهي، ملائيشيا جهڙا ملڪ به اڄ نه پر اڄ ڪان چاليهه پنجاهه سال اڳ جڏهن اهي يورپ جهڙا نه پر اسانجي ڪچي جي علائقي جي جنگل جهڙا هئا ته به هنن انصاف ۽ امن امان خاطر نه فقط قاعدا قانون سخت ڪيا پر ڏوهارين کي سخت سزائون ڏنائون جيئن ڪو به غلط ڪم ڪرڻ جو سوچي نه سگهي. اهوئي ته سبب آهي ته ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ سال ٿي ويا ته پوليو، ٽائيفائيڊ يا مليريا جهڙيون بيماريون نه آهن. حيرت جي ڳالهه آهي ته مڇر ته جام آهن پر مليريا بيماري پئدا ڪرڻ وارو جراثيم ناهي.

مونکي ياد آهي ته اسي واري ڏهي ۾ جڏهن آئون ملائيشيا ۾ ڪناري جي نوڪري ڪندو هوس ته ان آفيس ۾ هڪ ٻئي به پاڪستاني کي نوڪري ملي. هو ٻارن سان گڏ اتي پهتو. موسم جي تبديلي يا ٿڪاوٽ ڪري هن جي ڏهن سالن جي پٽ کي پهچڻ مهل بخار هو. بخار جو ٻڌي هِتي جي اميگريشن ۽ صحت کاتو پريشان ٿي ويا ته هن کي مليريا ته ناهي. هِتي جي قانون مطابق هن ٻار کي ٿي ڏينهن الڳ (ڪئارنٽائين ۾) رکيو ويو جيسين پڪ ٿي ته هن کي مليريا ناهي. ڇو جو مليريا جي صورت ۾ ٿي سگهي ٿو ته ڪو مڇر هن کي چڪ هڻي (يعني رت چوسي) ٻئي ماڻهوءَ ۾ داخل ڪري هن کي مليريا ڏئي سگهي ٿو ۽ پوءِ اهڙي طرح هن مان ٻه، ٻن مان چار مليريا جا مريض وڌي سگهن ٿا. اها ته آهي 1983ع يا 1984ع جي ڳالهه..... اڄ 30 سالن کانپوءِ ته هو اڃان به وڌيڪ خبردار ٿي ويا آهن. ۽ جڏهن مليريا جهڙي بيماري به هنن لاءِ خطرناڪ آهي ته هو ڪيئن چاهيندا ته ڪو ڏاريون سلهه يا هيپاٽائيٽس جهڙيون بيماريون کڻي هنن جي ملڪ ۾ داخل ٿئي.

# ٻئي جي گهرَ جو خيال ڪريو......

هن ڀيري مونکي ملائيشيا ۾ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جو وڌندڙ تعداد ڏسي حيرت ٿي آهي. پنجاب ۽ سرحد (KPK) جا ته ڪيترائي نظر ايندارهيا ٿي پر هاڻ سنڌ جا سنڌي مسلمان به ملائيشيا جي هر شهر ۾ نظر اچن پيا. هونءَ سنڌ جو هندو ڄڻي واپار ۽ تعليم جي سلسلي ۾ دنيا جي هر ملڪ ۾ نظر ايندو رهيو ٿي اتي هاڻ اسانجو سنڌي مسلمان پڻ، مرد توڙي عورتون تعليم، نوڪري، بزنيس ۽ پورهئي لاءِ ملائيشيا ۾ رهي رهيا آهن. هو يونيورسٽين ۽ اسپتالن ۾ يا پرائيويٽ ڪمپنين ۾ نوڪري ڪري رهيا آهن. ڪيترا اهڙا آهن جيڪي عرب ملڪن ۾ نوڪري ڪن ٿا پر پنهنجن ٻارن کي تعليم لاءِ ملائيشيا ۾ رکيو اٿن جن سان گڏ رهڻ لاءِ ماءُ کي هِتي جي حڪومت طرفان ويزا ملي ٿي. ڪيترا ته هِتي جي سيڪنڊ هوم اسڪيم طرفان ڏهه سالن جي ويزا تي رهيل آهن. انهن مان ڪي مسواڙ جي گهرن يا فليٽن ۾ رهن ٿا ته ڪن پنهنجا گهرَ خريد ڪري ڇڏيا آهن. خاص ڪري فليٽ جن ۾ هو رهن ٿا. پنهنجي ملڪ موٽڻ تي انهن کي تالو هٽيو وڃن. ملڪ ۾ ڪافي حد تائين امن امان آهي ۽ قاعدو قانون پڻ سخت آهي. ڪو ڪنهن جي گهر تي غيرقانوني قبضو نٿو ڪري ۽ ساڳي وقت انهن ۾ رهندڙن لاءِ به سخت قاعدا قانون آهن جن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ واري کي سخت سزا ملي ٿي. بلڊنگ ۾ يا پاڙي اوڙي ۾ رهندڙن جو خيال رکڻ هر هڪ جو فرض سمجهيو وڃي ٿو.

ڪلهه ڪوالالمپور جي چوڪٽ مارڪيٽ ۾ سنڌ جي هڪ ڊاڪٽر سان ملاقات ٿي جيڪو ڪنهن زماني ۾ ٽي سال ڪن هِتي ملائيشيا ۾ هو. هاڻ آسٽريليا ۾ نوڪري ڪري ٿو. هن وقت هو ٻن مهينن جي موڪل تي پنهنجي ڳوٺ خيرپور وڃي رهيو هو. هن ٻڌايو ته آسٽريليا کان پاڪستان ويندي ۽ موٽندي هو ٽي چار ڏينهن هِتي ڪئالالمپور ۾ ترڪي پوندو آهي.

”اسانجي پاسي جي هڪ شاهه صاحب وڏيري جو فليٽ آهي جيڪو مون هن کي ونرايو هو جڏهن آئون هِتي هوس“، هن ٻڌايو، ”هو سال ۾ هڪ يا ٻه دفعا مهيني اڌ لاءِ ايندو آهي. فليٽ جي هڪ چابي مونکي به ڏئي ڇڏي اٿس ۽ رهي پوندو آهيان.“

شهر جو چڪر هڻندي اسان ان بلڊنگ جي ويجهو اچي پهتاسين ۽ هن مونکي فليٽ تي هلي چانهه پيئڻ ۽ اتي رهندڙ هڪ ٻن ٻين دوستن سان ملڻ لاءِ زور ڀريو. اسان لفٽ ذريعي سندس فليٽ تي پهتاسين جِتي به ڄڻا ٻيا به رهيل هئا. هڪ پير واري يونيورسٽي مان Ph.D ڪري رهيو هو ۽ ٻيو هفتو ڪن گهمڻ لاءِ سکر کان آيو هو. ٻئي ڄڻا مون سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا هڪ اتي چانهه ناهڻ لڳو ۽ ٻيو ڪجهه ڪاڏو وٺڻ لاءِ نڪري رهيو هو ته مون جهليو مانس ۽ اسان فقط چانهه تي ويهي خبرچار ڪئي. ڪلاڪ ڏيڍ ڪن وينس جنهن ۾ واش روم ۾ به وڃڻ ٿيو ۽ چانهه کي پنهنجي مرضي

مطابق ناهڻ لاءِ ڪچن ۾ بہ ويس. هڪ ڳالھ ڏسي مونکي افسوس ٿيو تہ واش روم جي حالت خراب هئي. هڪ نلڪو تہ لڳاتار ليڪ ڪري رهيو هو. ڪموٽ بہ ڪجھ ڪجھ چوڪ هو. ڪچن ۾ ڪيترن ڏينهن جي ڊبل روٽي جا ٽڪرا ۽ پُرڪٽ ٽيبل تي ۽ فرش تي پکڙيل هئا. ڪچري واري باردي انبن جي کلن، ٻوڙ جي هڏن ۽ خراب ٿي ويل ڊونئري سان ڀريل هئي بلڪ اٿلي پئي. ٽي وي لائونج جيڪا هِتي جي ڊرائنگ روم بہ ٿي، جِتي چانھ ڪٽي اچي ويناسين ان ۾ وڇايل غاليچي تي نہ فقط سگريٽ جي راک هئي پر هڪ ڏينهن اڳ جي ڪريل کير جي چڪڻ ۽ ڊپ پڻ هئي. مونکي وٺي اچڻ واري همراھ ٻڌايو تہ هنن ٻن کي پڻ شاھ صاحب (فلئٽ جي مالڪ) پنهنجي دوست جي سفارش تي ڪجھ ڏينهن لاءِ رهڻ جي اجازت ڏني آهي جيسين هو پنهنجي رهائش جو بندوبست ڪن.

ان کان علاوه شاھ صاحب جا ڪامورا يا سياسي دوست پڻ اڪيلا يا فئملين سان ملائيشيا ۾ ايندا آهن تہ شاھ صاحب کان سندس فلئٽ جي چابي وٺي اچي رهندا آهن.

هتي آئون ان قسم جي گهرن (فلئٽن) جي مالڪن، انهن ۾ رهندڙ سندن دوستن ۽ پڙهندڙن جي جاڻ ۽ نصيحت لاءِ اهو لکڻ ٿو چاهيان تہ ان قسم جا خالي فلئٽ توهان ڀلي پنهنجي دوستن يا مائٽن کي عارضي طور ڏئي هنن کي پرديس ۾ اجايو پئسو ٽڪڻ يا هوٽل ۾ رهائش جي وڏي خرچ کان بچايو پر مهرباني ڪري اهو ڪم سوچي سمجهي ڪندا ڪريو ۽ پنهنجي فلئٽ جي چابي هميشہ جوابدار حوالي ڪندا ڪريو. ڇو جو توهان جي غير موجودگي ۾ توهان جي فلئٽ ۾ ڪو بہ مسئلو ٿئي ٿو يا توهان جي دوست يا مائٽ جنهن جي حوالي توهان فلئٽ ڪيو آهي، ان کان ارادتا يا غير ارادتن ڪا غلطي ٿئي ٿي تہ ان جو نقصان يا سزا توهان کي ڀوڳڻي پوي ٿي ڇو جو ان جاءِ جا مالڪ توهان آهيو. اها ملڪيت توهان جي نالي لکيل آهي. آئون سالن کان پنهنجي  نيوي جي شاگردن کي اها نصيحت ڪندو رهان ٿو تہ توهان کي دنيا جي مختلف ملڪن جي شهرن ۾ يا مسافر جي حيثيت ۾ ڪنهن مهربان دوست جي جهاز تي ڪجھ ڏينهن لاءِ رهڻو پوي تہ ان کي ڇڏڻ وقت ان گهر يا جهاز جي ان ڪئبن کي ان ئي بهتر حالت ۾ ڇڏيندا ڪريو جنهن ۾ توهان کي ملي. منهنجو هڪ ڪلاس ميٽ دوست ڪئپٽن مظهر زيدي تہ ان تي بضد هوندو آهي، ڇڏڻ وقت ان ڪمري يا گهر کي پهرين کان بہ بهتر ڇڏجي. باٿ روم يا ڪچن جو ڪو نلڪو وهي رهيو هجي تہ انجنيئر جي حيثيت ۾ ان کي ٺيڪ ڪري وڃجي. ڪموٽ ۾ پاڻي leak ٿي رهيو آهي تہ چار پئسا خرچ ڪري پلمبر کان اهو ٺيڪ ڪرائي ڇڏجي، ڇو جو خبر ناهي گهر جو مالڪ ڪڏهن اچي ٽيسيٽائين هن کي پاڻي وهڻ جو ڇو نقصان ٿئي. ولائت ۾ اليڪٽرسٽي، گئس ۽ ٽيليفون وانگر هر گهر کي پاڻي جو ميٽر بہ ٿئي جيڪو توهانجي پاڻي جي ڪپت نوٽ ڪري ٿو ۽ ان موجب توهان کي هر مهيني پاڻي جي بل جي ادائگي ڪرڻي پوي ٿي. هونءَ بہ ڏنو وڃي تہ جڏهن توهان جي دوست توهانکي پنهنجو فلئٽ

ڏئي توهانجو هزاين رپيا هوٽل جو خرچ بچايو آهي اتي توهانجي اخلاقي ڊيوٽي آهي ته وڃڻ وقت به چار سؤ رپيا پلمبر تي خرچ ڪري هن ڪي پاڻي جي ڳري بل کان بچائي سگهو ٿا.

پر مون ڏٺو آهي ته اسان جا ڪيترائي سني سوچ رکڻ وارا به ان معاملي ۾ غير جوابداري جو ڪم ڪندا. منهنجي هڪ لاڙڪاڻي جي دوست ٻڌايو ته هن ٻارن جي تعليم دوران نيويارڪ آمريڪا ۾ هڪ فليٽ ورتو هو جيڪو پوءِ خالي هجڻ ڪري پاڪستان مان ويندڙ دوستن يارن کي ان جي چابي ڏئي ڇڏيندو هو. هڪ ڏينهن هن کي پوليس طرفان نوٽس آيو ته هو آمريڪي ڪورٽ ۾ اچي حاضر ٿئي ٻي صورت ۾ فليٽ ضبط ٿي ويندو...... بهرحال قصو مختصر ۽ هن ريت ته ٻه مهينا اڳ، جن هم وطني دوستن کي هن پنهنجي نيويارڪ واري فليٽ جون چابيون ڏنيون هيون اهي هفتو کن اتي رهيا پر صفائيءَ جو خيال نه رکيائون. آخري ڏينهن تي ته چڪن تڪا ۽ انهن جا بچيل هڏا ۽ نان ڊبل روٽيون ڊائننگ ٽيبل تي ئي ڇڏي تڙ تڪڙ ۾ ٽئڪسي ۾ چڙهي نيويارڪ جي هوائي اڏي تي پهتا. اتان پنهنجي وطن اچي نڪتا هوڏانهن سندن بچيل کاڌي تي اچي ڪاڪروچن ۽ ٻين ڪينئن ڏيرو ڄمايو ۽ ويا وڌندا. انهن جي ايڏي ته ويجهه ٿي جو هو ڪجهه هفتن بعد هن جي فليٽ مان نڪري پاڙي وارن جي فليٽن ۾ داخل ٿيڻ لڳا..... جن پوليس کي رپورٽ ڪئي ۽ هن فليٽ جي مالڪ جي وٺ پڪڙ ٿي. بهرحال هي همراهه نيويارڪ پهتو. وڪيل ڪيائين.... ڪافي ڏنڊ پريائين ۽ پنهنجي پر وارن فليٽن جي فيوميگيشن تي خرچ ڪيائين.

ان قسم جو هڪ واقعو هِتي ملائيشيا ۾ اسانجي ملڪ جي هڪ همراهه جي فليٽ ۾ ٿيو. هن جي فليٽ ۾ هڪ فئملي هفتي کن لاءِ اچي رهي جنهن جا ٻار ڪجهه زياده ئي ڏنگا هئا. فليٽ جي درين جا شيشا ۽ ٽيبلن تي سجايل شو پيس ته ڀڳائون آخري ڏينهن تي ڪموٽ ۾ پنا وغيره وجهڻ ڪري ڪموٽ چوڪ ڪري وڌائون.

اهوئي ڪموٽ، هلڪو هلڪو leak ته پهرين کان هو. هي همراهه ته فليٽ کي چابي هٽي هليا ويا پر ڪجهه ڏينهن بعد ڪموڊ ۾ گڏ ٿيندڙ گند ۽ پاڻي سڄي باٿ روم ۽ باٿ روم کان ٻاهر اٿلندو رهيو. ٽي وي لائونج ۾ وڇايل غاليچا به ان پاڻي ۾ پسي آلا ٿي ويا ۽ هاڻ گندو پاڻي ۽ بدبوءِ فليٽ کان ٻاهر به اچڻ لڳي. پاڙيوارن جي شڪايت تي پوليس اچي وئي ۽ اخبار ۾ به خبر اچي وئي.

منهنجي خيال ۾ ته مالڪن کان چابيون وٺي انهن جي گهرن/فليٽن ۾ رهندڙ مهمانن کي کپي ته هو پنهنجي دوستن کي نقصان کان بچائين ۽ هنن جي فليٽن ۾ رهڻ دوران صفائي جو خيال رکن. آخري ڏينهن تي فليٽ ڇڏڻ وقت ان کي چڱي طرح ٻهاري ڏئي فلٽ ڪجي جيئن ڪاڪروچ ۽ ڪينئان نه ٿين. ياد ڪري پاڻيءَ جا نلڪا ۽ رڌ پچاءَ جي گئس جا والو بند ڪجن ۽ ان سان گڏ دريون پڻ چڱي طرح بند رکجن. فرج ۾ جي سامان آهي ته ان کان علاوه باقي بجلي جا سئچ بند ڪري نڪرجي. ساڳي وقت مالڪ کي به کپي ته هو چابي ڏيڻ وقت مهمانن کي پارٽ

ڪري. ڪجھ اهڙا بہ ڪيس ٿيا آهن جن ۾ فلئٽ جي مالڪن جي دوستن کي ڏنل چابي هنن پنهنجن ٻين دوستن کي ڏني هوندي ان فلئٽ کي غلط استعمال ڪري فلئٽ جي مالڪن کي سورن ۾ وڌو هوندو. اڄ ڪلھ هِتي هڪ عورت جو ڪيس هلي رهيو آهي جنهن کي ڪنهن فلئٽ ۾ رهندڙ اسانجي ملڪ جي ماڻهن جيڪي مهمان طور اچي رهيا هئا، زيادتي جو نشانو بنايو. خبر ناهي ان فلئٽ جي اصلي مالڪ جيڪو شايد ڪراچي يا لاهور ۾ هجي، ان ڳالھ جي خبر بہ پئي آهي يا اڃان نہ..... ڇو جو آخر ۾ ان تي بہ ڇنڊا تہ ضرور ايندا. ان کان علاوھ اسانجي ملڪ جي بدنامي الڳ ٿي رهي آهي.

# پنهنجن ٻارن کي لاڏلوءِ ڪِڪلو نہ ٺاهيو.......

حيدرآباد ۾ سنڌين جو هڪ نئون ڪلاس رهي ٿو جن اوس پاس جي ضلعن جي ننڍن ٺوڙي وڏن شهرن مان، ٻارن جي تعليم يا نوڪري ڌنڌي لاءِ اچي قاسم آباد وسايو آهي. هنن مان ڪيترن کي واقعي پنهنجن ٻارن جي تعليم ۽ تربيت جو فڪر آهي. هو پنهنجن ٻارن کي سٺن اسڪولن ۾ پڙهائين ٿا...... اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هنن لاءِ سٺو اسڪول معنيٰ انگريزي نالي وارو اسڪول جنهن ۾ ٻار حيدرآباد جهڙي ڪاڙهي جي گرمي بہ رسيءَ جهڙي ٿائي ٻڌي وڃي. انگريز بہ دهلي ۽ حيدرآباد جهڙي گرمي ۾ هيٺ چيڙو ۽ مٿي تي ڪارڪ جو نهيل (Insulated) ٽوپلو پائي هلندا هئا...... هِتي ڏسو تہ معصوم ٻارن جو منهن پگهر سان ۽ ڳچي آراڙين سان ڀري پئي هوندي ان مٿان ٽائي ڄڻ تہ هنن کي گُهٽو ڏئي رهي هجي. مائٽن کي جِتي ٻار جي مستقبل جو فڪر آهي اتي هو ڪن ڳالهين تي منجهيل (confused) بہ آهن. هو سمجهن ٿا تہ ٻارن لاءِ ٽيوشن ضروري آهي. آئون ڪين اهو ئي چوندو آهيان تہ توهان جي چونڊيل اسڪول ۾ جيڪڏهن پڙهائڻ وارا ٽيچر يا مِسون قابل آهن تہ پوءِ ٻار کي ٽيوشن لاءِ ڇو ٿا موڪليو؟ ڪٿي ايئن تہ نہ آهي تہ ٻار ڪلاس ۾ ڊيسڪ تي مٿو رکي ننڊون ٿو ڪري؟ ۽ جي نہ تو پوءِ اهوئي ڪلاس ۾ ورتل سبق گهر ۾ اچي پڙهي ۽ پڪو ڪري. ان جي ٿوري گهڻي چڪاس (Monitoring) يا مدد (رهنمائي) ڪرڻ ماءُ جو ڪم آهي. ان ڪم لاءِ پيءُ تي نہ ڀاڙجي جو اسان وٽ پاڪستان ۾ بہ هاڻ ٻاهر جي دنيا وانگر هر پورهيو ۽ نوڪري ايڏي سخت ۽ مقابلي واري ٿيندي وڃي جو پيءُ کي روزگار ڪمائڻ خاطر سڀ قوتون ۽ سمورو وقت پنهنجي نوڪري لاءِ وقف ڪرڻو پوي ٿو. هڪ ماءُ لاءِ (خاص ڪري جي هوءَ هائوس وائيف آهي، يعني هوءَ نوڪري نٿي ڪري ۽ سڄو ڏينهن گهر ۾ ٿي گذاري تہ ان لاءِ تہ هيڪاندو گهٽو) ضروري آهي تہ هوءَ ٻار جي پڙهائي کي پڻ ڏسي . پر اسان وٽ ڪيترين مائرن ڪان اهڙا ڪم نٿا پڇن جو هنن کي TV ڏسڻ ۽ ننڊون ڪرڻ ڪان واندڪائي ناهي. هو اهوئي expect ڪن ٿيون تہ ڪلاس ۾ مِس هنن جي ٻارن کي پڙهائي قابل ڪري........ يعني ڏنو وڃي تہ هڪ سڳي ماءُ تي ڪري ڪيس پنهنجي هڪ ٻار تي نظر رکڻ جي نہ خواهش آهي ۽ نہ توفيق..... باقي ڪلاس روم جي مس ڪلاس ۾ پڙهندڙ ٿيهن ٻارن جو خيال رکي. سٺن اسڪولن ۾ بہ جِتي مس جو پگهار ڪٽي 15 هزار رپيا هجي هن کي هڪ پيرڊ جا سؤ رپيا ٿا ملن يعني هڪ ٻار جا ٽي رپيا مس ٿيا. اسان وٽ مائرن جو زور رڳو پنهنجن ٻارن کي ٽيوشن لاءِ موڪلڻ تي. پوءِ اهو ٻار ٽيوشن لاءِ تيار ٿيندو. ڊرائيور کي سڏ ٿيندا پوءِ ٽيوشن واري مِس جي گهر روانو ٿيو. رستي تي ڊرائيور پنهنجي لاءِ سِگريٽ وٺندو، صاحب جا ڪپڙا ڊراءِ ڪلين تي ڏيندو، بيگم جي واچ جو سيل بدلي ڪرائيندو ۽ پوءِ نينگر مِس جي گهر پهچندو جيڪا موبائيل تي ڪنهن ساهيڙي سان ڳالهائڻ ۾ بزي هوندي. ٻار ٿيلهي مان ڪاپيون ڪڍي مٿو وينو ڪنهندو. ٽيوشن واري مس (جيڪا ٻنهي جي پلي لاءِ اڪثر ڪلاس ٽيچر ئي هوندي

آهي) فون مان واندي ٿي وري رڌڻي ۾ ٻوڙ کي ڏسڻ ويندي يا ٽي وي تي هلندڙ سندس دلپسند پروگرام جو حصو ڏسي پوءِ چوڪري کي اچي چوندي ته بابا هوم ورڪ ڪر. ههڙا سولا حِساب به نٿا اچنئي. ڏس هينئن ٿيندا..... پوءِ ڪيس سڀ حساب ڪري ڏيندي يا اها ڪاپي ڪڍي ڏيندس ته ان تان ڏسي حساب ڪر، جيڪا ڪاپي هوءَ هر سال ٻارن کي ڏيڪاريندي رهي ٿي. سيڪارڻ ڪان آڱونو جو ان ڪم لاءِ مغز ماري ٿي ڪرڻي پوي.

گهر موٽڻ وقت به ڊرائيور صاحب، بيگم ۽ پنهنجا ڪم لاهيندو ايندو. ڏنو وڃي ته اهڙي ريت ڪلاڪ ڏيڍ ان ٽيوشن پنيان هليو وڃي جنهن ۾ ٻار صحيح طرح ڪجهه نٿو سکي..... ان ڪان ته ماءُ دل لڳائي 15 منٽ به ٻار کي يڪسوئي سان پڙهائي ته اهو بهتر آهي.

اسانجي هڪ سڄاڻو فئملي جي گهر حيدرآباد ويس ته هنن مون ڪان صلاح پڇي ته هو پنهنجي ٻار کي 15 ڏينهن جي سمر ڪئمپ ۾ موڪلڻ ٿا چاهين..... بلڪ هو پاڻ ته نٿا چاهين جو ان جي وڏي ڀي آهي پر جيئن ته پاڙي جو هڪ امير ٻار Join ڪري رهيو آهي سو هنن جو چوڪرو به ضد ڪري رهيو آهي. ڏسو نه اڄ ڪلهه نئين ٿهي جو دور آهي جنهن ۾ هي سڀ ڳالهيون ضروري ٿي پيون آهن. مونکي خاموش ڏسي چوڪر جي ماءُ مونکي پاڻ ڏي ڌيان ڇڪائيندي هڪ دفعو وري پڇيو ته ان بابت منهنجو ڇا خيال آهي ”توهان صلاح ڏيو ته آئون ڇا ڪريان؟“ هن پڇيو.

”منهنجي جي ڳالهه مڃين ته گرمين جي هنن موڪلن ۾ پٽهين کي رڌ پچاءُ ويهي سيکارينس. پٽاٽا بصر ڪترائينس، ٽانوَ ڌوئارائينس، پت رڌڻ سيکارينس.....

”سر! توهان ته اسان سان چرچا ڪري رهيا آهيو يا ٽوڪي رهيا آهيو.“ چوڪري جي ماءُ چيو.

مون کيس ٻُڌايو چرچا ٻنهه نه ڪري رهيو آهيان پر توهانجي ڀلي ۽ چوڪر جي مستقبل لاءِ بهتر صلاح ڏئي رهيو آهيان. ان بعد مون کيس جيڪي وڌيڪ ٻُڌايو اهو هي پڙهندڙ ٻيون مائرون به هينئين سان هنڍائي سگهن ٿيون.

ڳالهه اها آهي ته اسين غريب ملڪن جا نه فقط غريب ماڻهو آهيون پر فطرتا سست ۽ ٿوري ڳالهه تي همت هارڻ وارا پڻ آهيون. هي سمر ڪئمپون جن ۾ ٻارن کي رانديون رونديون، ترڻ، گهمائڻ ڦيرائڻ، فلمون ۽ ڊراما ڏيکارڻ يا ائڪٽنگ سيکارڻ ۽ نخرن سان پڙهائڻ انهن وڏن ماڻهن لاءِ آهن جيڪي ڪارخانيدار، جاگيردار ۽ بي انتها دولت وارا هجن جن کي هڪ طرف وقت ناهي جو ٻارن سان گڏ ڪجهه وقت گهاري سگهن ۽ ٻي طرف هنن جا ايڏا ڪاروبار سيٽ ٿيل آهن جو هنن جي ٻارن کي فقط چار اکر پڙهي ڪنهن سبجيڪٽ ۾ BA ڪري پنهنجي اباڻي فرم جو CEO ٿيڻو آهي. هي سمر ڪئمپون يا اهڙي قسم جا نخرا فقط پئسو ڪمائڻ خاطر آهن. انهن مان فائدو انهن کي ٿئي ٿو جيڪي ان قسم جون ڪئمپون يا نمونا ڪن ٿا جن مان هو بيوقوف والدين مان پئسو ڪمائين ٿا. يا جيئن حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي جهڙن شهرن ۾ بيوٽي پارلر کلندا وڃن جِتي

وڏن ماڻهن جون سست زالون جيڪي ورزش ڪري پنهنجي سونهن وڌائڻ بدران وجن ميڪ اپون ڪرائيندي ون. پنهنجي هڪ ڪالم ۾ لکي چڪو آهيان ته ڪارادر ۾ اتي جي ڇَڪي هلائڻ واري پڻ، جنهن ڪان اتو وننڊو هوس، پنهنجي ڇَڪي بند ڪري حيدرآباد ۾ اچي بيوٽي پارلر کوليو آهي جِتي سندس زالَ جيڪا ڪراچي ۾ ڪُتيانا ميمڻ خيراتي اسپتال ۾ دائي هئي، اها هن پارلر ۾ عورتن جي چهري جي آڏَ ۽ مٿان ميڪ اپ جو ليپ لڳائي ٿي ۽ بقول هنن جي ان ڪم ۾ وڏي ڪمائي آهي.

اهوئي حال سَمر ڪئمپن جهڙن ڊرامن ۾ آهي. آئون ته اهوئي چوندس ته موڪلن جو فائدو وٺي مائٽ پنهنجن ٻارن کي اسڪول/ڪاليج طرفان هوم ورڪ ڪرائڻ بعد باقي ٽائيم ۾ پنهنجي انگريزي سڌارڻ لاءِ ڪِتاب پڙهائين جو اسان جا ٻار ڊاڪٽري انجنيري ڪرڻ بعد نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ انٽرويو ۾ چڱي طرح انگريزي ڳالهائي ججن کي مُتاثر نٿا ڪري سگهن. اڄ ڪلهه پنهنجي توڙي ڌارئين ملڪ ۾ نوڪري ملڻ محال ٿي پئي آهي. ذرا سوچيو ته ولايت ۾ اسان جي ڪنهن مائٽ کي نوڪري ملي پر اهو ان سبب ڪان موٽي اچي ته اتي هن کي ٻوڙ ماني يا پٽ نٽو ملي جنهن جو هو عادي آهي! جپان جي هڪ شهر ۾ پنهنجي هم وطني نوجوان کي ان سبب ڪري نوڪري ڇڏيندو ڏٺم. هو ٻارن (فئملي) کي گهرائي نٿي سگهيو سو هن لاءِ ماني ڪير پچائي. خبر ناهي نوڪري ڇڏي موٽي آيو يا نه باقي مون ڏاڍو سمجهايو مانس ته پٽ يا ٻوڙ رڌڻ ڪهڙو ڏکيو ڪم آهي. بصر ڪٽي ان جو داڳ ڪري ٽماٽا، مسالا ۽ ڪُڪڙ جا پيسَ رُڳو سِلو باهه تي ڇڏي ڏيندي ته ٻوڙ تيار ٿي ويندو. ماني به جهڙي تهڙي پچائي سگهين ٿو...... پلا بيو نه ته فرائنگ پئن ۾ تيل يا گيهه وجهي ان ۾ مشين ذريعي ڳتل اٽي جو اڦراتو ناهي سگهين ٿو. اهڙي طرح بيون پاڃيون. ولايت ۾ هميشه ائين ٿيندو آهي ته ڪجهه ٻاهر جون شيون ڪجهه گهر جون، ڪجهه تازون ميچيون ڪجهه دٻي جون ۽ بيضو پچائڻ يا مڇي ڳانگٽ ترڻ ۾ ڪهڙي Ph.D جي ضرورت آهي پر اسانجا کي ڪي مرد به عجيب ناز نخرن وارا آهن. ڪانئن رڌ پچاءُ ته نهيو پر پنهنجا ڪپڙا استري ڪرڻ، بيڙو ٽانڪڻ جهڙا معمولي ڪم به نٿا پجن پوءِ انهن جي جاين تي ساڳيو اندين، بنگلاديشي، سري لنڪن ۽ بيا خوش ٿي نوڪري به پيا ڪندا ته گهر جي اهڙن ننڊن مسئلن کي به پيا منهن ڏيندا.....

اهي حالتون ڏسي اڄ جي مائرن کي اها ئي نصيحت ڪندو رهان ٿو ته پنهنجي ٻارن کي لاڏلو نه ڪريو.... اڳتي ڏاڍو ڏکيو ۽ مقابلي جو زمانو اچي رهيو آهي. پنهنجي ٻارن کي تعليم ۽ تربيت (اخلاق) هڪ طرف سيڪاريو ته گهر جا ڪم بئي طرف. ۽ آرام پسند "ڪِڪِلو" بنائڻ بدران ڪين رَف ۽ ٽَف بَڻايو. رڳو ڪلف لڳل ڪپڙا پائي اوچي برانڊ جو موبائيل فون هٿ ۾ ۽ اکين تي مهانگو چشمو رکي هلڻ ڪا وڏي ماڻهپي يا ڪامياب زندگي جو اهڃاڻ ناهي.......

# پرديسَ ۾ پهچندڙن سان جٽيون.......

پرديس ۾ جڏهن ڪو ماڻهو پهچي ٿو ته پوءِ هو چاهي ڪٽي ڪنهن نوڪري تي چڙهڻ لاءِ آيو هجي، شروع جا ڏينهن ڏاڍو ڊپريشن ۾ گذاري ٿو. پلي ڪٽي پهچڻ سان هن کي رهائش ۽ مهيني يا اڌ جو پگهار ائڊوانس ۾ ڏنو وڃي ته به ڪيترين ئي ڳالهين جي ڪوٽ: جهڙوڪ مائٽن مٽن کان دوري، موسم جي تبديلي، زبان جي ڏکيائي ۽ ماحول جي اوپرائپ ڪري هو غريب ۽ يتيم محسوس ڪري ٿو. ويندي هڪ جهاز کان ٻئي جهاز تي ويندي به ڪجهه ڏينهن دل ٻڏندي محسوس ٿيندي هئي. هڪ جونئر انجنيئر جي حيثيت ۾ چا پر چيف انجنيئر ٿيڻ بعد به..... جيتوڻيڪ جهازن جو ماحول گهر جهڙو ٿئي ٿو جِتي پنهنجي ملڪ جا ماڻهو، پنهنجي ملڪ جي ماني ٽڪي ۽ ريتون رسمون ٿين ٿيون. ۽ جيسيتائين ماڻهو پنهنجي ڪئبن ۾ وينو آهي ته بارهوئي هڪ ئي ٽٽڪار واري موسم 24 ڊگريون سينٽي گريڊ ٽيمپريچر رهي ٿو پوءِ جهاز چاهي اونهاري جي سخت گرمين وارن مهينن ۾ آفريڪا وٽ هجي يا سياري جي ڏينهن ۾ ناروي، ڊئنمارڪ، سئيڊن يا فنلئنڊ ۾ هجي جتي ٻاهر جي ٿڌ جو پڌ منفي ٽيهه چاليهه ڊگريون به رهي ٿو.

بهرحال گهٽي پئسي ڏوڪڙ ۽ اهم پوسٽ (نوڪري) جي باوجود پرديس ۾ ماڻهو پهريان ڏينهن ڪافي پريشان رهي ٿو پر ان ماڻهوءَ جو سوچيو جيڪو بي روزگار آهي، هو نوڪري جي ڳولا ۾ پرديس آيو آهي، غريب آهي، ڪيسي ۾ پئسو ڏوڪڙ نه برابر اٿس ان جي ڌارئين ملڪ ۾ پهچڻ سان ڇا حالت ٿيندي هوندي. اهڙا ماڻهو همدردي جي لائق ٿين ٿا. مڪاني ماڻهن کي انهن جي مدد ڪرڻ کپي. اسلام ۾ به مسافر کي پيٽ ڀري ماني کارائڻ ۽ هن جي مدد ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي. پر توهان کي ڇا ڏک ڀريا داستان ٻڌايان ته اسان جي ملڪ جا مجبور ۽ بيروزگار ماڻهو حق حلال جي روزي ڪمائڻ لاءِ ڌارئين ملڪن ۾ جڏهن پهچن ٿا ته هنن سان پنهنجا ئي هم وطني، جيڪي هاڻ انهن ملڪن جا شهري ٿي ويا آهن، ڪيڏا ظلم ڪن ٿا. هنن جي پورهئي ۽ پگهر مان پاڻ امير ٿين ٿا ۽ نون وطن چڙي آيلن جي احتجاج تي هنن کي حق ڏيڻ بدران هنن کي پوليس ۽ ڪورٽ جي چڪرن ۾ ڦاسائي سزائون ڏيارين ٿا.

نيويارڪ ۾ هوس ته اتي پنهنجي هڪ ڳوٺائيءَ کي ڏٺم جيڪو اتي اچڻ کان اڳ سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪلارڪ هو. آمريڪن ويزا واري لاٽري ۾ سندس نالو نڪتو. پنهنجي وطن ۾ پگهار مان پورت نٿي ٿيس. پنهنجا ۽ ٻچن جا خواب پورا ڪرڻ لاءِ اچي آمريڪا کان نڪتو هو. هن کي آمريڪا ۾ رهڻ لاءِ گرين ڪارڊ ته ملي ويو پر روزگار ملڻ ڪو سولو ڪم نه هو جو ولايت ۾ اڏي ڏنائين ته وڏيڪ تعليم يافته، ڊاڪٽر، يا انجنير به پيا سب وي ۾ برگر وڪڻن يا سپر مارڪيٽن ۾ گوشت ڍوئين. آخر هن کي هڪ پاڪستانيءَ جي ريسٽورنٽ ۾ ڪڪڙين ترڻ جو ڪم ملي ويو.

نيويارڪ ۾ جتي سخت سردي ٿئي ٿي اتي اونهاري جي مهينن ۾ سخت گرمي به رهي ٿي ۽ هن ڪي ان گرمي ۾ اٺ ڪلاڪ پيرن پر بيهي وڏي ڪڙهائيءَ ۾ ٽهڪندڙ تيل ۾ ڪڪڙيون ترڻيون پيون ٿي. قانوني طرح جيڪو پورهيت جو گهٽ ۾ گهٽ پگهار آهي ڪيس ان ڪان به گهٽ مليو ٿي. اها بي ڳالهه آهي ته ريسٽورنٽ جي وڏي ڏاڙهي واري پاڪستاني مالڪ اهو چئي ته ڪيس ٽئڪس وغيره به ڏيڻا پون ٿا، ڪاٺس صحيح گهٽي پگهار واري انگ تي ورتي ٿي. مون پنهنجي ڳوٺائيءَ کي چيو ته اهو نسورو ظلم آهي. مولانو تي ڪري تنهنجو حق پيو ماري.... توکي احتجاج ڪرڻ کپي. اسانجو ڳوٺائي، جنهن کي ڪيترا مهينا ڌڪا کائي مس مس نوڪري ملي هئي ۽ هِتي جي حالتن کان واقف ٿي چڪو هو، تنهن مونکي نماڻائي سان چيو سائين هِتي جيڪو پئسي پنيان آهي ان لاءِ ڪو دين ڌرم ناهي. اسان مزورن جي ئي پگهار ۾ ڪٽوتي ڪري هي سيٺ ٿيا آهن. مونکي ته وري به گرين ڪارڊ هجڻ ڪري هو ايترو به پگهار ڏئي ٿو بيا ويچارا پاڪستاني جن جي ويزا ختم ٿي وئي آهي ۽ هِتي هاڻ غير قانوني طور آهن انهن جو ته رت ست ٿو چوسيو وجي ۽ مجال آهي جو هو ٻڙڪ به ٻاهر ڪن. سيٺ کي رڳو هڪڙو فون اميگريشن پوليس کي ڪرڻو پوي ٿو ۽ هو جيل حوالي ٿيو وڃن.

منهنجي هوندي هن منهنجي ڳوٺائي غريب ڇوڪري جو ڪڪڙيون ترينديء ٽهڪندڙ تيل ۾ هڪ هٿ سڙي پيو. پوءِ مون ڏٺو ته هو سخت تڪليف جي حالت ۾ به روزانو 8 ڪلاڪَ ڊيوٽي ڪندو رهيو. منهنجي پڇڻ تي هن ٻڌايو ته هن ريسٽورنٽ جي مالڪ کي سڙيل هٿ ڏيکاري ڏينهن ٻه موڪل ڪرڻ لاءِ چيو ۽ اهو به چيو ته هو انهن ڏينهن جو پگهار ڪٽي سگهي ٿو پر هو ظالم نه مڃيو ۽ اهوئي چوندو رهيو ته ”منهنجي ڪاروبار کي نقصان رسندو ۽ هڪ ڏينهن به ڪم ڪان گسائيندي ته توکي ڪڍي تنهنجي جاءِ تي ٻيو رکي ڇڏيندس.... گهٽي ئي پاڪستاني ۽ بنگلاديشي بيروزگار پيا ڦرن جيڪي غير قانوني هجڻ ڪري توکان به گهٽ پگهار تي ڪم ڪندا.“

دراصل اها ذهنيت هر ترقي يافته ملڪ جي ٿيندي وڃي يعني جنهن ملڪ جي معاشي حالت بهتر آهي اتي اسان جهڙن ملڪن جا بيروزگار ماڻهو پورهئي جي ڳولا ۾ اچن ٿا ۽ پوءِ مڪاني سيٺ اهڙا غير قانوني ماڻهو ڳوليندا وتن ٿا جن کي سولائيءَ سان چيپاڻي تيل ڪڍي سگهجي. ملائيشيا ۾ به ڏسان پيو ته اسانجي ئي ملڪ جا ماڻهو جيڪي گهڻو اڳ هتي اچي Settle ٿيا ۽ هاڻ هتي جا شهري آهن پنهنجن هم وطني ماڻهن کي ڏٺا ڏئي پاڪستان، هندستان، بنگلا ديش ۽ سري لنڪا جهڙن غريب ملڪن مان وزٽ ويزا تي گهرائي پوءِ هنن کان گهٽ پگهار تي پورهيو ونن ٿا. غير قانوني هجڻ ڪري اسانجو مجبور ۽ بيروزگار ماڻهو نه گهٽي ڪم جي دانهن ڪري سگهي ٿو ۽ نه وري ڪا طبي يا بي سهولت گهرڻ لاءِ وات کولي سگهي ٿو. هن کي پنهنجو هم وطني، هم زبان ۽ هم مذهب سيٺ هر وقت ان ڳالهه جو خوف ڏيندو رهي ٿو ته تنهنجي ويزا ختم ٿي چڪي

آهي تون هِتي غير قانوني طرح پورهيو ڪري رهيو آهين ڪجهه ڪُچندين ته پوليس اهڙي جيل ۾ هٽندءِ جِتي مائٽ به ڳولي نه سگهندءِ. ۽ اسانجي ڪنگال ۽ سست سفارتخاني کي ڪٿي آهي ايترو پئسو جو ڪٽي هو پنهنجي سفارتخاني ۾ ڪم ڪندڙن جون گهرجون پوريون ڪري.... سو ڪٿي ٿو ملڪ کان آيل ماڻهن جي مدد ڪري سگهي.... سو به ڪو هڪ به هجي جيڪو پل پُڪَ ۾ غلطي ڪري ڦاٿو هجي ..... هتي ته غير قانوني ڪمن ڪري اسان جي سوين ماڻهن سان جيل پريا پيا آهن. هنن مهانگن ملڪن ۾ ڪير هنن لاءِ وڪيل ڪري ۽ ڪير هنن لاءِ رٽرن ٽڪيٽون مهيا ڪري .... ۽ اسانجو ماڻهو لڳي ٿو ته هر وقت ان غلط فهمي ۾ مبتلا رهي ٿو ته هو ڏوهه ڪرڻ جي باوجود ائين ڦبي ويندو جيئن اڪثر اسانجي ملڪ ۾ ٿيندو رهي ٿو.

ٽيهارو سالن کان ملائيشيا ۾ رهندڙ روهڙي جي حاجي غلام علي سولنگيءَ اهڙن مجبور ماڻهن جي ڏکن جا داستان ٻڌائي روئي ڏنو. هن چيو ته هن وقت به ملائيشيا جي مختلف جيلن ۾ اسان جا اهڙا 500 کن پاڪستاني قيد آهن جن جا پاسپورٽ گم آهن، جعلي ويزائون آهن يا غير قانوني طرح آيا آهن يا ڳهمڻ جي بهاني مقرر وقت کان وڌيڪ رَهي پيا آهن يا هنن وزٽ ويزا تي هِتي اچي پورهيو يا نوڪري ڪئي. غلام علي ٻڌايو ته حيرت جي ڳالهه اها آهي ته هنن ۾ اڌ کان وڌيڪ سنڌي آهن جيڪي بنا سمجهه ۽ عقل جي ٺڳ ڦورو ايجنٽن جي چنبي ۾ ڦاسي پيا جن ذريعي هنن ملائيشيا يا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ طرف پئسو وڃايو ته ٻئي طرف پاڻ کي جيل حوالي ڪيو. علي اهڙن بي سهارا ۽ بيوقوفي ۾ ڦاٿل ماڻهن کي جيلن مان آزاد ڪرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي ۽ سنڌ جي مختلف ٽي وي چئنلن تان ماڻهن کي آگاهي ڏيڻ کان علاوه مدد لاءِ به اپيل ڪري رهيو آهي ته سرندي وارا ماڻهو چندا گڏ ڪري هنن ماڻهن جي موٽڻ جي ٽڪيٽ جو بندوبست ڪن جو ان معاملي ۾ نه اسان جو سفارتخانو ان پئماني تي مالي مدد ڪرڻ جي پوزيشن ۾ آهي ۽ نه ملائيشيا جي حڪومت رحم ڪائڻ لاءِ تيار آهي جنهن لاءِ ذارين ملڪن کان ايندڙ غير قانوني ماڻهو مٿي جو سور بنجي ويا آهن ۽ وجن ٿا روز بروز وڌندا ۽ هنن جي سوچ موجب اهڙائي ماڻهو هِتي جي وڌندڙ ڏوهن جو ڪارڻ آهن.

آمريڪا ۽ انگلنڊ پاسي ڏِسان پيو ته اسان جي ملڪ جا شروع جا لڏي آيل جيڪي هاڻ هنن ملڪن جا شهري ٿي ويا آهن اهي پنهنجي ڏنڌي يا ڪاروبار ۾ پوندڙ نقصان به هنن نون آيلن کي بيوقوف بنائي ڪڍن ٿا. پنهنجي ملڪ کي ڇڏي ذارين ملڪن ۾ اچڻ وارن ۾ رڳو بيروزگار ۽ غريب طبقو ناهي پر انهن ۾ ڪيترائي اهڙا امير ماڻهو به آهن جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ اهم ڪاتن ۾ اهم عهدن تي هئا جن رشوت ۽ ٺڳين ذريعي خوب پئسو ميڙيو ۽ پوءِ پوليس، NAB ۽ ڪورٽ ڪچهرين جي خوف کان ڀڄي آمريڪا، انگليند يا ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ اچي نڪتا آهن پوءِ انهن کي پهرين جا ڀهتل ٺڳ هم وطني دوستي ۽ مائٽي جا ناتا جوڙي منيون منيون ڳالهيون

ڪري، ڪانئن پيٽرول پمپ، ڪو دڪان يا ڪو ٻيو ڪاروبار خريد ڪرڻ لاءِ راضي ڪن ٿا جيڪو دراصل نقصان ۾ هلي رهيو آهي. يا ان ۾ پاڻ سان پائيوار ڪري سندن الهه تلهه چٽ ڪريو ڇڏين. ان سلسلي ۾ آئون پنهنجن آمريڪي سفرنامن ”نيو هالا ڪان نيويارڪ“ ۽ ”بخشو لغاري ڪان بالٽيمور“ ۾ ڪافي لکي چڪو آهيان. مون ڏٺو آهي ته ٻاهر رهي (شايد) هي اهڙا ظالم ۽ پٿر دل ٿيو وڃن جو پنهنجن هم وطنين کي ڦري فقير ڪرڻ ۾ به هنن کي قياس نٿو ٿئي! نه فقط انهن رشوتخور ۽ چورن ڏاڙيلن کي بيوقوف بنائين ٿا پر انهن کي به جيڪي گهر ۽ ٻني ٻارو وڪٽي حق حلال جو پئسو ڪٽي سڪون جي زندگي گذارڻ لاءِ اهڙن دوستن ۽ مائٽن جي چوڻ تي هنن وٽ پهتا آهن. هي ڪالم به هن وقت اهڙي هڪ شخص جي ڪهاڻي ٻڌي لکڻ ويٺو آهيان جيڪو سٺي مستقبل جي اُميد ۾ دوست جي ڳالهين تي لڳي پنهنجن ٻارن کي پنهنجي ڪنهن مائٽ وٽ رهائي، پنهنجو گهر ۽ دڪان وڪٽي سي رقم ڪٽي ولايت پنهنجي دوست وٽ پهتو ته جيئن هو هن کي بهتر ڪاروبار ڪولي ڏي پر هو اٽڪل ڪري سندس هر رقم هڙپ ڪري ويو ۽ هاڻ هڪ طرف سندس ٻچا ٻار پريشان آهن ته ٻئي طرف پرديس ۾ پاڻ آهي. هن وٽ ايترو به پئسو نه بچيو آهي جو واپس موٽڻ لاءِ ٽڪيٽ خريد ڪري سگهي. ان لاءِ هو روزانو ڪنهن جاب جي ڳولا ۾ رهي ٿو.

# ڇا آمريڪن پاسپورٽ رکندڙ ديس واسين کان خبردار رهجي......

سڄي دنيا خبردار ٿي وئي آهي تہ سگريٽ يا شراب جهڙيون شيون انساني صحت لاءِ هاڃيڪار آهن پر حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان وٽ سنڌ ۾ اڄ بہ ان کي، خاص ڪري شراب پيئڻ کي فيشن ۽ وڏ ماڻهپي سمجهيو وڃي ٿو. دنيا جي هر پڙهيل ڳڙهيل ۽ سڌريل ملڪ ۾ شراب پيئڻ کي خراب سمجهيو وڃي ٿو خاص ڪري گذريل صديءَ جي ويهارو سالن کان شراب خلاف سخت مهم هلي رهي آهي. ايشيا جا ملڪ جپان ڪوريا هجن يا يورپ آمريڪا..... هن شيءِ لاءِ اهوئي چيو پيو وڃي تہ هي اهو زهر آهي، اها بيماري آهي جيڪا اسان پئسا ڏئي خريد ڪريون ٿا.

ميڊيڪل سائنس بہ هاڻ اهو ئي ثابت ڪيو آهي تہ دنيا جا پنجاهہ سيڪڙو ڏوهہ شراب جي ڪري ٿين ٿا. آئون اسلام جي ڳالهہ نٿو ڪريان تہ قرآن انسان ذات کي ان ڳالهہ کانِ اڄ کان 1400 سال اڳ خبردار ڪيو. آئون ۽ منهنجا جهازي آفيسر هميشہ پنهنجن شاگردن ۽ جهاز تي ڪم ڪندڙ پنهنجن جونئر آفيسرن کي ان شيءِ کان خبردار ڪندا رهندا آهيون پر پنهنجي وطن اچي پنهنجن کي ڪٽي ڇڏ تہ يڪدم چوندا سائين توهان هاڻ ڏاڙهي رکائي مولوي ٿيا آهيو ان ڪري ٿا چئو؟. مونکي ڪل ايندي آهي تہ اها ڳالهہ تہ آئون ان وقت بہ چوندو هوس جڏهن ڏاڙهي نہ هئي. ۽ آئون نہ تڏهن دين جو عالم هوس نہ هاڻ ڪو مولوي آهيان آئون هڪ مئرين انجنيئر آهيان ۽ منهنجي سڄي زندگي جهازي انجڻيون ناهڻ، هلائڻ ۽ پاڙهڻ ۾ گذري آهي. آئون تہ فقط پنهنجي مشاهدي ۽ سائنسي ڄاڻ جي بنياد تي تو ڳالهہ ڪيان. مون تہ سلجهيل ۽ سٺن گهرن جي انگريزن کي بہ ان شيءِ کان نفرت ڪندي ڏٺو آهي. جيسيتائين مذهب جو واسطو آهي تہ ڪو مذهب نشي جي اجازت نٿو ڏئي. اسانجا ڪيترا ڳوناٺا، سرڪاري ڪامورا، پير، مير، وڏيرا اهوئي سمجهن ٿا تہ جيڪو ولايت ۾ رهي ٿو اهو شراب پيئي ٿو يا ان لاءِ پيئڻ ضروري آهي. اسان جا ماڻهو ڪيڏو بي عقل آهن! اڄ سڄي دنيا ان شيءِ کان نفرت ڪري ٿي ٻيا ملڪ تہ ڇڏيو آمريڪا ۾ هلي ڏسو تہ بہ ڪيترا آهن جيڪي شراب پيئن ٿا؟ اسان جا سنڌي تہ ڇڏيو پر مڪاني گورا بہ ڪيترا آهن جيڪي پيئن ٿا .... هر عقلمند ماڻهو شراب کي خراب سمجهي ٿو ۽ جيڪڏهن سوشل زندگي ۾ ڪو پيئي ٿو تہ هڪ Limit مطابق. اسان جا ماڻهو ڏسو....... ڏوگهي ڏوگهي بيهوش ٿي ويندا، گاريون پيا ڏيندا، يا رستي تي الٽيون ڪري اوندها ڪريا پيا هوندا. قميص الٽين ۾ ۽ ڪانچ ڪاڪوس سان پرچي ويندين، زال ۽ ماءُ ڀيڻ ۾ فرق نہ ڪري سگهندا. اهو ٻڌي مونکي ڪيڏو ڏک ٿيو جڏهن دهلي ۾ هڪ سنڌي اديب مونکي ڪلي چيو تہ توهان جا سنڌي اديب انڊيا فقط شراب جو شوق پورو ڪرڻ لاءِ اچن ٿا.

ڪراچيءَ ۾ هڪ دعوت ۾ هڪ ننڍي عمر جي سرڪاري آفيسر کي شراب پيئندو ڏسي مونکي ڏاڍي حيرت ٿي. رات جا بہ ٿي ويا هئا ۽ هو هاڻ اوٽ پٽانگ بڪي رهيو هو. منهنجي پڇڻ

تي هن ٻڌايو تہ هن جي فئملي ڳوٺ ئي رهي تي ان ڪري هن کي دير سوير موٽڻ جو فڪر نتو رهي. ”نهيو!“ مون دل ۾ سوچيو ”ٻار ٻيا ڳوٺ ڏوڙ پائين ۽ پاڻ سيني جوابدارين کان بي فڪر هتي نڙڪو عيش پيو ڪري.“ منهنجي سمجهاڻ تي هن کي حيرت تي تہ اهو ڀلا ڪيئن تي سگهي ٿو تہ ڪو ولايت ۾ رهي بہ شراب نہ پيئي! ۽ هن جي ڳالهين مان مون اهو مطلب ڪڍيو تہ هن لاءِ شراب پيئڻ وڏ ماڻهپي جي نشاني آهي. پڳهار تہ شراب ۾ پورو ٿيندو هوس، ٻچن کي الائي ڇا نصيب ٿيندو هوندو! مون دل ۾ سوچيو.

۽ اها حقيقت آهي تہ اسانجي سياستدانن، وزيرن، وڏيرن، ڪامورن وغيره کي ڏسي ڪيترائي ننڍين نوڪرين وارا، پورهيت ۽ غريب ڳوناٽا بہ شراب پيئڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا. ۽ شل نہ ڪو وڏيرو يا ڪو وڏو آفيسر ڪنهن ڳوٺ جي ماڻهو کي يا ڪنهن ننڍي آفيسر يا ڪلارڪ کي ان ميءَ جي دعوت ۾ گهرائي. بس هن جي لئہ ڏسڻ وٽان هوندي آهي.

ڳوٺ جو نالو نٿو لکان، ان جي هڪ غريب ڇوڪري کي يونيورسٽي ۾ سٺي پوزيشن حاصل ڪرڻ تي جپان ۾ اعليٰ تعليمَ جي اسڪالرشپ ملي وئي ۽ هن اتي بہ نالو پيدا ڪيو ۽ ڪيس ڪيترن ئي هنڌن تي نوڪرين جي بہ آفر ٿي. هونءَ تہ هن غريب کي پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪنهن پڇيو ڪونہ  تي پر جپان مان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ تي ڪيس ڳوٺ جي وڏيري بہ محفل ۾ گهرائي نہ فقط عزت ڏني پر شراب بہ آفر ڪيو ۽ هن بہ سمجهيو تہ هاڻ هن لاءِ اهو پيئڻ ضروري آهي جو ولايت مان موٽڻ ۽ وڏ ماڻهپي جي اهائي نشاني آهي. وڏيري کي بہ وندر لاءِ ماڻهو تي ڪتو سو هن کي روز شامَ جو اوطاق تي گهرائي گلاس متان گلاس پياري ساڻس پاڻ، سندس ٻارن ۽ ٻين پيالي پاين چرچا پوڳَ ڪيا تي ۽ هي ان ۾ خوش تہ ”آئون وڏي اهم شيءِ تي ويو آهيان“. اوطاق تان پي نشي ۾ موٽندو هو تہ رستي تي ڳوٺ جا ماڻهو مذاق ڪندا هئس ۽ هي ان ۾ خوش تہ هن جي وڏيري تائين رسائي آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ هن کي خوار ڪرڻ لاءِ وڏيري جي اوطاق تي اهڙا ڪاڪ ٽيل پياريندا هئس جو وچ بازار ۾ ڪري پوندو هو ۽ اوت پٽانگ وڪلندو رهندو هو. ڪيس قدرت ڪيترين ئي اعليٰ ڪان اعليٰ نوڪرين ڏياريون پر هو شراب جي علت ۾ اهڙو تہ اونهو ڦاسي ويو جو هن لاءِ  نوڪري ڇڏڻ آسان تي پيو پر شراب ڇڏڻ نا ممڪن هو. هڪ ڪان وڌيڪ شاديون بہ ڪيائين پر سندس ڪا بہ زالَ ڪيس برداشت نہ ڪري سگهي. اڄ بہ ان  جو سوچي مونکي افسوس ٿيندو آهي تہ ڇا ناهوڪو جوان هو ۽ ڇا جپان ۾ رهي نالو پيدا ڪيائين پر نشي خاطر پنهنجو مستقبل تباهہ ڪري ڇڏيائين. اڄ بہ ان تي بحث هلندو آهي تہ ان بدبختي ۾ سندس ڏوهہ هو يا وڏيري جو! شرابَ ڪيس وڏو ماڻهو بنائڻ بدران تباهہ ڪري وڌو.

ورجينيا جي هڪ مسجد ۾ جمعي نماز پڙهڻ بعد مانيءَ تي ڊاڪٽر منور عباسي، مقبول هاليپوٽي ۽ فلڪ شير ڳالهين دوران ان ڳالهہ جو ڏک ڪيو تہ پنيان وطن ۾ اسان جا ڪيترا دوست

ان غلط فهمي ۾ آهن تہ آمريڪا ۾ جيڪي اسين رهون ٿا انهن جو رڳو ڪم شراب پيئڻ آهي. منهنجي خيالَ ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ هر اهو ماڻهو جيڪو پنهنجو وطن ڇڏي آيو آهي اهو هِتي ڪو شراب پيئڻ يا عيش جي زندگي لاءِ نہ آيو آهي پر هو پورهيو ۽ مزوري ڪري ٿو. ۽ هنن ملڪن ۾ پورهيو يا نوڪري ڪرڻ سولو ڪم ناهي. ها البت ڪجهہ اهڙا ماڻهو ضرور آهن  جن جي زندگي جو مقصد ئي شراب پيئڻ آهي. اهي ماڻهو آمريڪا ۾ جمي رهڻ بدران پنهنجي وطن موٽي اچن ٿا ۽ پنهنجن ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ تہ هو آمريڪا جا شهري آهن فخر سان شراب پيئن ٿا. هيوسٽن ۾ رهندڙ نوابشاهہ جي هڪ پروفيسر ٻڌايو تہ اهڙن ڪارين رڍن ۾ (جيڪي ٻين کي بدنام ڪن ٿا) گهڻائي انهن جي آهي جيڪي تعليم يافتہ نہ آهن، هنن کي سندن قابليت تي آمريڪي شهريت نہ ملي آهي پر پورٽوريڪن يا حبشي عورتن سان پيپر مئريج ڪري گرين ڪارڊ ۽ پاسپورٽ حاصل ڪيو آهي. اهڙا ماڻهو اهڙي طرح ڪيل شاديون ۽ بعد ۾ انهن حبشاڻين مان جان ڇڏائڻ جي چڪر ۾ نفسياتي مريض ٿيو پون. واپس وطن اچڻ تي ٻهڪيل ٻهڪيل ڳالهيون ڪن ٿا. جڏهن ريمن ڊيوس نالي آمريڪن پاڪستان ۾ ٻن پائرن جو خون ڪري پيچي وڃڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي تہ غريب پاڪستانين کي اهو ميسيج مليو تہ آمريڪي پاسپورٽ رکندڙ ماڻهو طاقتور شيءِ آهي، بقول اسان جي دانشور دوست ڊاڪٽر جوٽيجو جي آمريڪا مان تڙيل اسان جا ڪيترا ماڻهو هر ڳالهہ ۾ رعب رکڻ لاءِ اچ ڪلهہ اهو چوندي ٻڌڻ ۾ اچن ٿا تہ ”اسان وڏا خوني آهيون. اسان بہ قتل ڪري چڪا آهيون.... وغيره“ جيئن سندن مائٽ ۽ ڳوٺائي هنن کان خوف کائين ۽ هنن جي ڪيل ڪُڌن ڪرتوتن تي تنقيد نہ ڪن .

ان قسم جا نڪما، آمريڪا جو پاسپورٽ رکندڙ اسان جا ديسي ۽ جاهل ماڻهو، اهو سمجهن ٿا تہ هنن کي آمريڪا جو پاسپورٽ ڇا مليل آهي، هنن کي هر ڏوهہ کان بخشش آهي. اسانجي ملڪ ۾ قانون جي ڪٽي ايڏي حڪمراني ناهي پر اهڙو بہ ڪو انڌير ناهي. بقول سنڌي پهاڪي جي سنڌ ڪا گدڙن نہ کاڌي آهي. بهرحال اهو مٿيون مثال مونکي اچ ئي ڌيان ۾ اچي ويو جڏهن هڪ نڱ قسم جو ماڻهو هن رمضان جي پلاري مهيني ۾ بہ شراب ۾ ڌت ٿي گاڏي پيئي هلائي ۽ ٻئي کي ٽڪر هڻڻ تي ان کان معافي وٺڻ بدران هن کي دڙڪا ڏئي رهيو هو تہ سندس پوليس بہ نالو ٻڌي ونڌي سگهي جو هو آمريڪي شهري آهي. دل ۾ مون سوچيو تہ هو عجيب خوش فهمي ۾ آهي. هو سمجهي ٿو تہ هو ڪو اڪيلو آمريڪن آهي. هتي تہ ڪراچي جو اڌ شهر آمريڪن، ڪئناڊين آسٽريلين آهي يا برٽش ۽ بقول واشنگٽن ۾ رهندڙ لاڙڪاڻي جي هڪ تعليم يافتہ ۽ خيرجا ڪم ڪندڙ سائين علي نواز ميمڻ جي اهڙن جاهلن جي انهن ڪڌن ڪرتوتن ڪري، آمريڪا توڙي ڪئناڊا ۾ ايندڙ اسان جا نوان هم وطني روزگار يا شهريت حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا.

# ٻي ملڪ جو پاسپورٽ حاصل ڪرڻ ڇو؟

ٻين ملڪن ۾ آزاديءَ سان وڃڻ لاءِ اسانجي ملڪ جا ماڻهو آمريڪا يا ڪئناڊا جهڙن ملڪن جي شهريت اختيار ڪن ٿا.

ڪو زمانو هو 1990ع تائين ته ملائيشيا، سنگاپور ۽ ٿائلنڊ جهڙن ملڪن ۾ اسين پاڪستاني ائين هليا ويندا هئاسين جيئن ڪو سکر کان لاڙڪاڻو وڃي... يعني سامان رڳو بئگ ۾ وجهڻو پوندو هو ۽ ڪنهن ٽريول ايجنٽ جي دڪان تان ٽڪيٽ وٺي اچي هوائي جهاز ۾ ويهبو هو. ڪوالالمپور، سنگاپور يا بئنڪاڪ ايئرپورٽ تي لهڻ وقت اتي جو اميگريشن آفيسر پاسپورٽ تي مهيني، ٻن يا ٽن مهينن جي ويزا جو ٺپو هڻي ڏيندو هو. پر هاڻ اسان کي اهڙن ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ به اڳواٽ ويزا لاءِ ڌڪ پٽڻا پون ٿا. پنهنجي ملڪ ۾ انهن جي موجود سفارتخاني يا قونصل خاني کي مطمئن ڪرڻو پوي ٿو ته اسان مهيني اڌ لاءِ توهانجو ملڪ فقط گهمڻ لاءِ ٿا وڃون. اتي وڃي ترسي نه پونداسين ۽ نه وڃي نوڪري ڪري توهان جي ماڻهن جي روزگار کي لت هڻنداسين ۽ نه اتي چوري ڪري يا پني پيٽ گذر ڪنداسين... ان جو ثبوت اهو آهي جو اسان خرچڻ لاءِ نه فقط هيترو پئسو کڻي پيا وڃون پر پنهنجي بئنڪ ۾ به هيترو بئلنس اٿئون ۽ اهو بئلنس سال کان به مٿي قائم رکندا اچون... پوءِ مس مس ويزا ٿي ملي ۽ پوءِ ان ويزا جي باوجود جڏهن مٿين ايئرپورٽن تي پهچون ٿا ته اتي جا واسطيدار عملدار: اميگريشن پوليس، ڪسٽمس ۽ انٽيليجنس وغيره اسان کي حيرت ۽ شڪ جي نگاهن سان جانچين ٿا ته اسان جي دماغ ۾ ڪا لُچائي ته نه آهي ۽ آن لائين ڪمپيوٽر تي اسان کي چيڪ ڪندا رهن ٿا ته مقرر مدت اندر سندن ملڪ مان نڪرون ٿا يا موٽڻ کان نٽايون پيا.

انگ اکر ڏيکارين ٿا ته اسان جا ڪيترا ماڻهو موٽڻ بدران غير قانوني طرح ٽِڪي پون ٿا ۽ پنهنجي ملڪ جي بدحال معاشي حالتن ڪري هو مجبور ٿي ڪنهن اهڙي نوڪري يا ڌنڌي جي ڳولا ڪن ٿا جِتي هو پوليس جي پڪڙ کان لڪي ڇپي سگهن. پوءِ ڪي ڪجهه عرصي تائين وٺ ۾ نٿا اچن، ڪي جهلجي پوڻ تي جيلن ۾ موڪليا وڃن ٿا جن جون خبرون مڪاني اخبارن ۾ وڏين سرخين سان اچن ٿيون ۽ اتي جي عوام اسان جي مجبور ماڻهن سان همدردي ڪرڻ بدران خطن ذريعي اخبارن ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري ٿي ته پاڪستان جهڙن ملڪن جي ماڻهن کي ته خيري به اچڻ نه ڏيو. ڪي ويچارا پوليس جي پڪڙ ۾ ته نٿا اچن پر هو ڪو روزگار به حاصل نٿا ڪري سگهن. پوءِ بک بچڙو ٿول دانا ديوانا ڪري، هو ويچارا مجبور ٿي ننڍيون وڏيون چوريون ڪن ٿا ۽ جهلجڻ تي هڪ طرف هنن کي سزا اچيو وڃي ته ٻئي طرف اخبارن ۾ خبر اچڻ ڪري اسان جي

ملڪ جي بدنامي ٿئي ٿي ۽ ان سان گڏ سندن هم وطني جيڪي قانوني طرح نوڪري ڪري رهيا آهن اهي منهن ڪٽڻ جهڙا نٿا ٿين.

بهرحال جپان، ڪوريا، هانگ ڪانگ ۽ ٻين ملڪن ۾ پهرين اسين آزادي سان وڃي سگهياسين پئي. 1980ع تائين به اسان کي جپان جي اڳوات ويزا جي ضرورت نه هئي پر مونکي ياد آهي ته ملائيشيا وارن کي وٺڻي پئي ٿي. 1975ع تائين مون ملئي عورتن ۽ مردن کي ڪراچي جي ڪيترن گهرن ۾ ماسي طور ڪم ڪندي ڏٺو جيئن اڄ ڪلهه فلپينو نظر اچن ٿيون يا عرب ملڪن ۾ انڊونيشين، سري لنڪن ۽ اسانجون پاڪستاني ۽ انڊين عورتون گهر جو ڪم ڪار ڪندي نظر اچن ٿيون. اڄ ملائيشيا کي سندن سياستدانن هر ڳالهه ۾ خوشحال بنائي ڇڏيو آهي ته هر ملڪ هنن جي ماڻهن جي آڌر ڀاءُ ڪري ٿو. گذريل مهيني ملائيشيا ۾ هوس ته جپان حڪومت جو اخبارن ۾ اهو اعلان پڙهيم ته هاڻ ملائيشيا جا ماڻهو جپان ۾ بنا ويزا جي اچي وڃي سگهن ٿا. سنگاپور جيڪو 1971ع تائين به چور ملڪ سڏبو هو ۽ هر ڊو نمبري ڪم کان سنگاپور مشهور هو اڄ اخلاقي، معاشي، تعليمي ۽ ميڊيڪل معيار کان اهڙو متيرو ٿي ويو آهي جو يورپ جي ملڪن ته ڇا آمريڪا وارن به اعلان ڪيو آهي ته ڪو به سنگاپوري جڏهن به چاهي هو USA ۾ رهي سگهي ٿو.

افسوس جي ڳالهه اها آهي جو اسانجو ملڪ ۽ اسانجا ماڻهو ان معاملي ۾ ڪيترو پٺتي رهجي ويا آهن. اڄ اسانجا ماڻهو پئسا ڏئي، پنهنجيون ملڪيتون شفٽ ڪري آمريڪا يا ڪئناڊا جي شهريت حاصل ڪرڻ لاءِ خوار ٿيندا رهن ٿا ۽ ڪٿي سونا ٿي رهن ته به ڌارين ملڪن جي عوام ۽ حڪومت شڪ جي نگاهه سان ڪين ڏسي ٿي. ڪئناڊا ۾ هڪ هموطني مليو جنهن لاءِ ٻين ٻڌايو ته هي پنهنجي ملڪ ۾ هڪ اهم ڪاتي ۾ آفيسر هو جتي هن رشوت جو خوب پئسو حاصل ڪيو ۽ پيئڻ پيارڻ کان علاوه عورتن جي چڪر ۾ ڪڏهن ٿائلنڊ وڃڻ جو شوق ڪيائين ٿي ته ڪڏهن روسي رياستن جو رخ رکيائين ٿي. هر وقت ويزا وٺڻ جي خواري کان بچڻ لاءِ ۽ ميڙيل پئسي کي نڪاڻي لڳائڻ لاءِ هو ڪئناڊا هليو آيو ۽ هاڻي ڪئناڊا جو پاسپورٽ هجڻ ڪري هو پنهنجا شوق پورا ڪرڻ لاءِ مختلف ملڪن ۾ ويندو رهي ٿو. جو جو، ڪئناڊا جي پاسپورٽ تي هو بنا ويزا جي ٿائلنڊ ۽ ازبسڪتان ته ڇا ڪيوبا ۽ دبئي به وڃي سگهي ٿو. اهڙي طرح انهن پابندين کان آزاد آهي جيڪي هڪ پاڪستاني لاءِ آهن.

پر سائين دنيا جا ملڪ به اسانجي پويان اهڙو آهن يا اسانجي افعالن کان اهڙو واقف آهن جو هو هر ڳالهه جو "توڙ" ڳوليو وٺن. ملائيشيا کان ٻاءِ روڊ سنگاپور وڃڻ مهل فقط ڏيڍ ڪلوميٽر جي پل ٽپبي آهي جيڪا هن ٻيٽ کي ملائيشيا سان ڳنڍي ٿي. گهڻو اڳ جڏهن آئون ملائيشيا ۾ رهندو هوس ته يورپ ۽ آمريڪا جو پاسپورٽ رکندڙن کي آساني مهيا ڪرڻ لاءِ هنن لاءِ الڳ ڪائونٽر هو جنهن تي نه برابر رش هجڻ ڪري هنن جي پاسپورٽن تي سنگاپور جي انٽري جو ٺپو يڪدم هڻي

ڏنو ويو ٿي. هن پيري ملائيشيا کان سنگاپور هڪ هم وطني سان وچي رهيو هوس جنهن وٽ ڪئناڊا جو پاسپورٽ هو. مون کي خوشي ٿي ته سنگاپور ۾ گهڙڻ وقت اميگريشن جي ڊگهي قطار ۾ نه بيهبو. پر جڏهن سنگاپور جي بيٽ تي چڙهياسين ته اسان واري همراهه آمريڪن ۽يورپين جي قطار ۾ بيهڻ بدران انڊيا پاڪستان جي ملڪن جي ’ڪت خلق‘ واري ڊگهي قطار ۾ ڪار ڪي لڳايو. مون چيومانس ته منهنجا ڪارا انگريز هاڻ توکي ڪئناڊا جو پاسپورٽ آهي تون هنن باگڙي پيلن واري قطار ۾ نه بيهه ـ هُن پاسي هليو هل جتي آمريڪن ۽ ڪئناڊا وارن لاءِ دروازو آهي..

هن قلهڙو منهن ڪري چيو ته ”سنگاپور ۽ ملائيشيا جا وڏا ذليل آهن. ڪئناڊا واري پاسپورٽ ڪري اڳيئن دفعي آئون هن قطار ۾ وچي بيهس ته مونکي اهو چئي پجائي ڇڏيائون ته تنهنجي Country of Origin جا آهي. يعني هن پاسي فقط نج گورا اچي سگهن ٿا. تو وٽ پاسپورٽ ته ڪئناڊا جو آهي يعني تون پَني تي ته پاڻ لاءِ ’سيد پير‘ لکايو پيو هلين پر آهين ته باگڙي پيل.

انڊيا ۾ ڪنهن ٻه شهر ۾ پهچڻ تي اتي جي پوليس آفيس ۾ رپورٽنگ ڪرڻي پوي ٿي ته اسان فلاڻي اڏام ۾ پهتا آهيون ۽ هيترا ڏينهن هن شهر جي هن هوٽل يا گهر ۾ رهنداسين. بهرحال اهو پنجن منٽن جو ٻه ڪم ناهي پر پوليس رشوت وٺڻ جي باوجود ڪلاڪ ڏيڍ وهاريو ڇڏي خاص ڪري اسان پاڪستانين کي. بمبئي ۾ هڪ پوليس آفيسر کي سٺي موڊ ۾ ڏسي چيومانس ته آئون جي ڪئناڊا يا انگلينڊ وغيره جي پاسپورٽ تي هجان ها ته پوءِ توهان مونکي ’اڇوت‘ بدران ’ٻائو ٻانيڻ‘ سمجهو ها. هن ڪلندي چيو ”نو سر! اها ڳالهه ناهي. اهي اوريجنل پاڪستاني يعني جن جي جم جي جاءِ پاڪستان آهي پر پاسپورٽ انگلنڊ يا آمريڪا وغيره جو اٿن انهن تي ته اسان جي انٽيليجنس پوليس وڌيڪ ڪرڙي نظر رکي ٿي جو تجربو اهو ٻڌائي ٿو ته هنن ۾ ڏوهه ڪرڻ جي وڌيڪ tendency ٿئي ٿي جو هو سمجهن ٿا ته هنن جو ڪو نالو نٿو وٺي سگهي جو هو هاڻ آمريڪي يا برٽش يا ڪئناڊين شهري آهن.

مون کي ان ڳالهه جت حيرت رهي پر سگهوئي دبئي جي هوٽل ۾ رهڻ دوران مونکي هڪ عجيب واقعو نظر آيو. رات جو هڪ بجي ڌاري هوٽل جي رسيپشن ۾ هڪ همراهه نشي ۾ ڌت گار گند ڪري رهيو هو. هوٽل جي گارڊن هن کي ڪٽي جهليو جيئن ٻين مسافرن تي هن هوٽل جو خراب اثر نه پوي. رسيپشن تي وينل همراهه کي چيم ته ڪو انڊين يا پاڪستاني ٿو لڳي.

”نه انڊين نه هوندو.“ هن وراڻيو، ”انڊين ائين چرين وانگر شراب پي آپي کان ٻاهر نٿا نڪرن.“ هن وراڻيو.

”ته پوءِ ڪو پاڪستاني هوندو.“ مون چيومانس.

”پاڪستاني ضرور هوندو پر پاڪستاني پاسپورٽ وارو نه هوندو جو اهي گهٽو پي الٽيون وغيره ضرور ڪن ٿا پر گار گند يا ائين ٻي ڊپو تي پراين عورتن سان بداخلاقي ڪرڻ کان ڊڄن ٿا.“

”تنهنجي معنيٰ تہ ڪو پاڪستاني نہ هوندو.“ مون چيو.

”نہ! پاڪستاني ئي هوندو پر ڪنهن ٻئي ملڪ جي پاسپورٽ وارو.“

ڪجهہ دير ڪانپوءِ خبر پيئي تہ هوٽل واري جو تجربو ۽ مشاهدو سچ ثابت ٿيو. هو هڪ پاڪستاني هو آمريڪن پاسپورٽ رکندڙ.

هوٽل جي رسيپشن واري جيڪو پاڻ بہ پاڪستاني هو تنهن ڏک جو اظهار ڪندي چيو تہ سائين افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ اسانجا ڪيترا جاهل ماڻهو اهو سمجهن ٿا تہ هنن آمريڪي يا ڪئناڊين پاسپورٽ چا هٿ ڪري ورتو آهي هنن تان جڻ قتل بہ معاف آهي. پر ائين ناهي هھڙن ملڪن ۾ قانون نہ فقط سخت آهي پر سيني لاءِ آهي.

# ڇا ٻاهر اسان لاءِ چين ۽ سڪون آهي.

تعليم ختم ٿيڻ کانپوءِ مون جهاز واري نوڪري 1968ع کان شروع ڪئي. هڪ ئي روٽ ۽ هڪ ئي جهاز تي رهڻ بدران منهنجا جهاز ۽ routes تڪڙيون تڪڙيون تبديل ٿينديون رهيون. مختلف جهازن کي ڪڏهن ڏور اوير جي ملڪن ڏي ته ڪڏهن يورپ ۽ آمريڪا جي ملڪن ڏي وڃي وڃڻو پيو ٿي. ڪڏهن ڪاري سمنڊ وارا سوشلسٽ ملڪ: رومانيا، بلغاريا، روس وغيره ته ڪڏهن عرب ملڪ. شروع جا سال سئيز ڪئنال بند هو ان ڪري جهازن جي مالڪن جي مرضي نه هوندي به اسان کي جهاز سڄي آفريڪا کنڊ جي چوڌاري ڦيرائڻو پيو ٿي ۽ رستي تي ممباسا، موپوتو، ڪيپ ٽائون، ڊڪار ۽ عابد جان جهڙن آفريڪي بندرگاهن تي راشن پاڻي ۽ جهاز لاءِ فيول وٺڻو پيو ٿي. پهرين سال ئي اسان کي جهاز کي آمريڪا وٺي وڃڻو پيو ۽ هر سال ويسٽ انڊيز جي ٻيٽن برمودا، ڪيوبا، ٽرنيڊاڊ ۽ ٽوباگو کان آمريڪي بندرگاهن هيوسٽن، نيواورلينس، فلڊلفيا، بالٽيمور، نيويارڪ وڃڻو پيو ٿي ۽ اجان به مٿي اتر ۾ ڪئناڊا جي به ڪجهه بندرگاهن ۾ وڃڻو پيو ٿي.

انهن ڏينهن ۾ يعني اڄ کان اڌ صدي اڳ وارو ڪئناڊا اسان لاءِ تر جيان هوندو هو جِتي رڳو سڄ ئي سڄ، واري ئي واري هئي.... يعني جيئن تر ۾ واري ئي واري ٿيئن ڪئناڊا ۾ سال جو وڏو حصو رڳو برف ئي برف ۽ ٿڌيون هوائون هيون. مينهن وسڻ تي تر ۾ جان ايندي آهي تيئن اونهاري جي ڪجهه مهنن ۾ جي جهاز ڪئناڊا ايندو هو ته اس ۽ ساوڪ ڏسي دل خوش ٿيندي هئي نه ته ڪئناڊا وڃڻ جو ٻڌي ڊپريشن ٿيندي هئي. چوندا هئاسين ته هي ڪئناڊين ڇريا ماڻهو ڪئناڊا ۾ جو رهيا پيا آهن... هيٺ ڏکڻ ۾ نيويارڪ پاسي جو ٿڌا هليا وڃن. جيتوڻيڪ نيويارڪ ۾ به سياري ۾ سخت سيءُ ٿئي ٿو. ٻارهوئي بهار فقط برمودا، بهاما، جئميڪا، باربادوس، ٽرنيڊاڊ جهڙن ٽراپيڪل ٻيٽن تي هوندي آهي. انهن ڏينهن ۾ اسان جهڙن ملڪن جا ماڻهو ڪئناڊا جهڙن ڏورانهن ۽ ويران هنڌن تي ته نظر نه ايندا هئا پر آمريڪا ۾ به ورلي نظر آيا ٿي. آخر هيڏانهن اچڻ به ڇو. هندستان ۽ پاڪستان جهڙن ايشيائي ملڪن ۾ خوشحالي هئي. ٿورا گهڻا جيڪي تعليم يا روزگار لاءِ نڪتا ٿي ته انگلنڊ کان اڳتي نڪتا ٿي. انهن ڏينهن ۾ آمريڪا لاءِ ويزا يا گرين ڪارڊ ملڻ ڪو ڏکيو ڪم نه هو، پر انگلينڊ يا يورپ جي ملڪن ۾ رهڻ به ڪو مشڪل نه هو. جيڪو آيو ٿي ان کي سال ٻن اندر اتي جي شهريت ۽ پاسپورٽ ملي ويو ٿي. پوءِ ڏورانهين ڏيهه آمريڪا يا ويران ۽ رڃ ۽ سڄ جهڙي ڪئناڊا ۾ ڪو ڇو وڃي رهي! مون کي ياد آهي ته 1973ع ۾ منهنجو جهاز سئيڊن جي بندرگاهه اسٽاڪهوم ۾ بيٺو هو ته انهن ڏينهن ۾ سئيڊن جي "ڪوڪم" شپ يارڊ ۾ مئرين انجنيرن جي ضرورت ٿي. هنن جو نمائندو مون وٽ جهاز تي آيو ۽ مونکي جهاز جي نوڪري ڇڏي ڪناري جي نوڪري لاءِ صلاح ڪيائين. مون سان گڏ منهنجي زال ۽ سال ڏيڍ جي ڌيءُ به هئي.

جهاز جي نوڪري ڇڏهن ڇڏي وڃي ٿي جڏهن ٻار ست اٺ سالن جا ٿين ٿا ۽ هنن لاءِ جهاز تي پڙهڻ بدران اسڪول وڃڻ ضروري ٿئي ٿو سو منهنجي لاءِ اهو مسئلو نه هو پر مونکي ان دفعي موراڪو ۽ اسپين ڪان ونئي هر سمنڊ ۽ موسم اهڙي ته خراب ملي هئي جو منهنجي سامونڊي نوڪري ڪان دل ڪٽي ٿي پئي هئي ۽ شايد منهنجي ان روح پٽڪي ۽ سمنڊ ڪي پٺون پاراتا ڏيڻ ڪري مڪاني آفيس وارن مونکي ان پوسٽ جي آفر ڏني ۽ ان ڪي وڌيڪ پرڪشش بنائڻ لاءِ هنن اهو به چيو ته هو مهيني اندر مونکي ۽ منهنجي فئملي ڪي سئيڊن جي شهريت به ڏيندا. مونکي اها ڳالهه ڪجهه ڪجهه پسند آئي پر آخري فيلصي ۾ انڪار ئي ڪيم جو انهن ڏينهن ۾ پاڪستان ۾ ڇا خرابي هئي... امن امان، تعليم، سستائي، دنيا ۾ پاڪستاني پاسپورٽ جي عزت... تڏهن ته هر ملڪ ۾ اسان بنا جهل پل جي وڃي رهياسين ٿي، ڏنڌا ڌاڙيون ۽ نوڪريون ڪيونسين ٿي ... دنيا جي بهترين ملڪن مان پاڪستان هڪ هو جنهن ۾ عرب به رهڻ لاءِ پئي آيا.

بهرحال پوءِ اسانجي ملڪ جون حالتون بهتر ٿيڻ بدران ويون خراب ٿينديون. بي روزگاري، نا انصافي ۽ دهشت گردي ويئي وڌندي ۽ اجان تائين وڃي وڌندي. هڪ طرف پڙهيل ڳڙهيل ۽ پئسي وارا عيسائي، پارسي، قادياني، سنڌي هندو، شيعا ملڪ ڇڏي وڃڻ لڳا جنجي سخاوت ڪري ملڪ جا ڪيترائي تعليمي توڙي صحت جا ادارا هلي رهيا هئا، ته ٻي طرف ملڪ جي معاشي بدحاليءَ ڪري ڪيترائي غريب ۽ بي روزگار پنهنجو ۽ پنهنجن ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ لڳا. شروع ۾ ته عرب توڙي يورپي ملڪن ۾ اسان جي ماڻهن کي سولائي سان مزدوري ۽ پورهيا ملڻ لڳا پر پوءِ انهن غريبن کي به exploit ڪيو ويو. ڪين نوڪريون يا ملڪ ۾ داخلا ڏيڻ لاءِ مڪاني ماڻهو ويزائون پئسن تي وڪڻڻ لڳا. پيو ته نهيو پر اسان جا عرب مسلمان به پنهنجن پاڙيسري ملڪن جي اهڙن غريب ۽ مجبور ماڻهن ڪان پئسا وني ويزا وڪڻڻ لڳا. ياد رهي ته رڳو ويزا...! نوڪريءَ لاءِ وري ڪين ٻين عربن ڪي منٿ ميڙ ڪرڻي پئي ٿي. آهستي آهستي يورپ ۽ آمريڪا ته ڇا پر ڪئناڊا جهڙا ملڪ جن شروع ۾ اسان جهڙن ملڪن جي ماڻهن کي گهرائڻ لاءِ سندن همت افزائي ڪئي ٿي ۽ ڪين تورو گهٽو ترين ڪري سنيون نوڪريون ڏنيون ٿي، اڄ اسان جي ملڪ جا جيڪي ڊاڪٽري ۽ انجنيري پڙهي اتي پهچن ٿا ته هنن ڪي ٽئڪسي يا ٽرڪ ڊرائيور تي ڪم ڪرڻو پوي ٿو، اسٽورن ۽ گدامن ۾ سامان ڍوئڻ جي مزوري ڪرڻي پوي ٿي يا چوڪيداري .... ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙو روزگار به نٿو ملي! اهو ڏسي ڏک تو ٿئي ته اسانجي ملڪ جو MBBS يا B.E پاس اتي جي بس اسٽاپن يا سب وي ۾ سئنڊوچون پيو وڪڻي. ڪئناڊا جهڙا ملڪ ڌارين جي اچڻ تي پابندي جون به ڳالهيون ڪن ٿا ته ساڳي وقت ماڻهن جي اچڻ جو هڪ لميٽيڊ وهڪرو به قائم رکڻ چاهين ٿا جو هنن کي هيناهين درجي جي پورهين: رستن ۽ گٽرن کي صاف ڪرڻ، ٻني ٻاري، عمارتن جا شيشا ۽ ٽئاليٽ صاف ڪرڻ جهڙن menial Jobs لاءِ ته اسان جهڙا ماڻهو

ڪپن. نيويارڪ جي غلام مصطفيٰ انڙ چيو ”سائين هي ائين آهي جيئن اسان وٽ زميندار يا وڏيرو پنهنجي ٻنيءَ تي ڪجهه ٻاگڙي ڀيلن کي جهوپڙيون ٺاهي رهڻ جي موڪل ڏئي ٿو. اهو ان ڪري نه ته ڪو هن کي هنن سان همدردي اٿس ۽ هو هينين درجي جي ذاتين وارن کي به پاڻ جهڙو سيد پير ٿو سمجهي پر ان ڪري جيئن هنن کان ٻني ٻاري جا ڏکيا ڪم وٺي سگهجن جيڪي هاڻ سندن مسلمان هاري به نٿا ڪن.“

”پلا اهو ته آهي ته ڪئناڊا جهڙن ملڪن ۾ ميڊيڪل ۽ تعليم مفت ۾ آهي!“ مون هڪ نوجوان کي چيو جيڪو اعليٰ تعليم مڪمل ڪري پنهنجي وطن موٽي آيو هو جيتوڻيڪ هن کي سندس تعليم جي آڌار تي ڪئناڊا ۾ نوڪري ملي رهي هئي. پر جيئن ته هن کي پاڪستان ۾ هڪ پرائيويٽ ڪمپني ۾ سٺي پگهار سان نوڪري  پهرين کان هئي ان ڪري هن ان کي قائم رکڻ چاهيو ٿي. بقول هنجي ته جنهن کي پنهنجي ملڪ ۾ سٺي نوڪري  هجي ان کي ٻاهر ڌڪا کائڻ نه کپن. هن ٻڌايو ته ڪئناڊا ۾ ٻارن جي تعليم مفت ضرور آهي پر اها ڪا بهتر قسم جي نه  آهي اها ائين آهي جيئن اسان وٽ سرڪاري اسڪولن ۾ آهي. جيڪڏهن ڪو افورڊ ڪري سگهي ٿو ته اسان وٽ پرائيويٽ اسڪول تمام بهتر آهن. جيسيتائين اهو چيو وڃي ٿو ته ڪئناڊا ۾ ميڊيڪل مفت آهي ته اهو ايڏو آساني سان نٿو ملي، اتي جي اسپتالن ۾ به ائين ڪلاڪن جا منهن وهٽو پوي ٿو جيئن سنڌ جي ڳوٺن جي سرڪاري اسپتالن ۾. اهوئي سبب آهي جو ڪيترائي ڪئناڊا ۽ USA ۾ رهندڙ اسانجا ماڻهو طبي علاج يا آپريشنن لاءِ هوائي جهازن جا ياڙا ڀري پاڪستان ۽ انڊيا اچن ٿا .... جِتي هنن جو بهتر خيال رکيو وڃي ٿو ۽ پاڪستان ۽ آخرڪار انڊيا جا سرجن به بين الاقوامي معيار جا آهن.

# ڪجھ فون ڪرڻ بابت

ڪيترا ماڻھو پنھنجي پاڻ ۽ پنھنجن ٻارن جي پڙھائي لاءِ يا ٻاھر وڃي نوڪري ڪرڻ جي سلسلي ۾ مون کان صلاح وٺڻ لاءِ فون ڪندا رھنداآھن. ھو منھنجو فون نمبر اخبار وارن کان يا شايد انٽرنيٽ تان ھٿ ڪري ڳالھائين ٿا ۽ ڪوشش ڪري ھنن کي جواب ڏيڻ، پنھنجي ڄاڻ ۽ تجربي مطابق ھنن کي مشورو ڏيڻ آئون پنھنجو فرض سمجھان ٿو. آئون سوير سمھڻ وارو آھيان پر اسان جي ملڪ ۾ دير تائين جاڳڻ ۽ صبح جو دير سان اٿڻ جو ڪلچر ٿي پيو آھي (جيڪو ڪنھن قوم يا ملڪ لاءِ بيحد خراب ۽ نقصان ڪار شيءِ آھي) سو ڪڏھن ڪڏھن ڪو فون رات ڏاري ننڊ ڦٽائيندو آھي ته سخت ڊسٽرب ٿي ويندو آھيان پر پوءِ پاڻ کي اھي لوليون ڏئي ننڊ کي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو آھيان ته ڇا ڪجي اسان جي ملڪ جي ماڻھن کي انھن ڳالھين جو احساس ئي نٿو ٿئي ... ته اھي ڳالھيون اخلاق کان ٻاھر آھن بلڪ اسان جو مذھب به اھڙين ڳالھين لاءِ تنبيھ ٿو ڪري ته ٻئي جي آرام ۾ خلل نه وجھو. نه فقط اسان جو مذھب پر ھر ڌرم ۾ ۽ ھر سڌريل ملڪ ان جي تاڪيد ڪري ٿو ته سوير سمھڻ ڪپي ۽ صبح جو سوير اٿڻ ڪپي، ٽي وي يا ريڊيو جو آواز اتاھون ڪري پاڙي وارن جو سک نه ڦٽائجي، گھر يا دڪان جي ٻاھران انڪروچمينٽ ڪري پاڙي وارن کي تڪليف نه ڏجي ... پر انھن ڳالھين کان اسين، خاص ڪري اسانجي نوجوان ٿھي ٻي حس تيندي ٿي وڃي. نتيجي ۾ ٻاھر جي ملڪن ۾ اسان جي انھن عادتن ڪري اسان کي سٺي نِگاھ سان نٿو ڏٺو وڃي. بھرحال رات جو دير سان فون ڪري ٻي کي ڊسٽرب ڪرڻ جي نه فقط مونکي شڪايت آھي پر ان بابت مون سان ٻاھر رھندڙ منھنجي ڪيترن ھم وطنين ڪئي آھي ته آئون ان بابت لکان. ڳالھ اھا آھي ته اڄ ڪلھ اسان جي ملڪ جا ڪيترائي ماڻھو ٻاھرين ملڪن ۾ نوڪري ڪن ٿا يا شاگرد تعليم حاصل ڪن ٿا.... جپان، چين، ملائيشيا کان دبئي، سعودي عرب، ايران، انگلنڊ، آمريڪا، آسٽريليا ۽ ڪئناڊا وغيره. ھنن جا فون نمبر ھنن جي مائٽن ۽ دوستن وٽ رھن ٿا. پرديس ۾ رھي اسان جا ھم وطني پنھنجي وطن کان فون اچڻ جو انتظار ڪن ٿا جو ظاھر آھي پرديس ۾ ھر ڪو پنھنجي اباڻي گھر جي ياد محسوس ڪري ٿو ۽ پنھنجي ڳوٺ يا وطن کان ڪنھن دوست يا مائٽ جي آيل فون تي ڳالھ ٻولھ ۽ خبرچار حاصل ڪري دل خوش ڪري ٿو. ڄاڻي واڻي ته ائين نه ٿيندو ھوندو پر اڻ ڄاڻائي يا غير ذميدار رويي ڪري اسان جي ملڪ جي ماڻھن کي جنھن وقت دل چوي ٿي فارين ڪال ڪن ٿا. ھو اھو نٿا سوچين ته ھنن وٽ ته ڏينھن آھي پر جنھن ملڪ ۾ ھو پنھنجي دوست يا مائٽ کي فون ڪري رھيا آھن اتي ڇا ھوندو.

مثال طور ڪو صبح جو ائين ٻجي پنھنجي ڪنھن مائٽ کي ملائيشيا، سنگاپور يا جپان فون ڪري ٿو ته ڪو مسئلو ناھي جو انھن ملڪن ۾ سج اسان کان 3 ۽ 4 ڪلاڪ اڳ اڀري ٿو.

يعني اسان وٽ صبح جا اٺ آهن تہ ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ منجهند جا ٻارهن ۽ جپان ۾ ٻارهن آهن. يعني ڏينهن آهي ۽ هو جاڳن پيا. پر انهن سان ڳالهائي ان بعد ڪو انگلنڊ يا جرمني رهندڙ دوست سان خوش خير عافيت لاءِ فون ڪري تہ اهو ان تي ٿورو ڪرڻ بدران هن سان ظلم ٿيندو جو ان وقت اتي رات جا 3 وڳا آهن جو انهن ملڪن ۾ سڄ اسان ڪان 5 ڪلاڪ پوءِ ٿو اڀري. هِتي اهو بہ لکندو هلان تہ اسان وٽ تہ اهڙو No Work ڪلچر تي پيو آهي جو رات جو ننڊ ڦٽڻ يا ننڊ پوري نہ ٿيڻ تي ٻئي ڏينهن آفيس مان غير حاظر رهي يا آفيس ۾ اباسيون ڏئي گذارو ڪري سگهجي ٿو پر ولايت ۾ تہ صبح جو 9 ڪان شامَ 5 تائين ايمانداري سان نوڪري ڊيٽي پوي ٿي .... چاهي ڪو سرڪاري آفيسر هجي يا دڪان ۾ ڪم ڪندڙ سيلس گرل. سو وقت جو خيال نہ رکڻ ڪري توهان ڪنهن لاءِ خوشي مهيا ڪرڻ بدران تڪليف ۽ پريشاني پيدا ڪيو ٿا.

هي ڪالم ملائيشيا جي شهر پينانگ مان لکي رهيو آهيان ۽ ٿوري دير اڳ هِتي جي هڪ اسپتال ۾ ڪم ڪندڙ لاڙڪاڻي جي هڪ سرجن سان خبر چار ڪري موٽيو آهيان. هو ويچارو بہ اهائي دانهن ڏئي رهيو هو تہ ڪنهن ڪنهن رات جو ڳوٺان يا پنهنجي پراڻي پاڪستاني اسپتال مان مائٽ يا ڊاڪٽر دوست جو غلط وقت تي رات جو فون اچيو وڃي ... پاڪستان ۾ تہ ان وقت ڪٽي رات جا ڏهہ يا ٻارهن ٿيا هجن ۽ هنن لاءِ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي پر هِتي ان وقت رات جا ٻہ آهن ۽ فون جي گهنٽي تي گهاٽي ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿڻو پوي ٿو. ۽ پوءِ باقي رات ننڊ نہ اچڻ تي ٻي ڏينهن ڳري مغز سان تڪليف ۾ ڊيوٽي ڏيڻي پوي ٿي.

ان تي مون هن کي اها صلاح ڏني جنهن تي اڄ ڪلهہ آئون بہ عمل ڪريان ٿو.....

”هينئن ڪريو جو سمهڻ مهلَ پنهنجي فون جي گهنٽي بند ڪري Silent تي رکي ڇڏيو.“ مون چيومانس.

”پر آئون ائين نٿو ڪري سگهان.“ هن وراڻيو.

”ڇو ڀلا؟“ مون حيرت مان پڇيو.

”ان ڪري جو سڄو ڏينهن مونکي آپريشنون ڪرڻيون پون ٿيون. رات جو منهنجي ڊيوٽي ناهي پر مونکي فون کليل رکڻو پوي ٿو جو ڪنهن بہ آپريشن ٿيل مريض جي حالت خراب ٿي سگهي ٿي ۽ مون کي ايمرجنسي جي صورت ۾ ڪال تي سگهي ٿي“. هن دليل ڏنو.

هڪ ٻي ڳالهہ بہ هِتي لکڻ چاهيان ٿو تہ ڪيترن ملڪن ۾ سرڪاري آفيسر توڙي هڪ عام پورهيت کي پنهنجي آفيس يا ڪمپني جو فون نمبر ڪنهن کي ذاتي ڪم لاءِ ڏيڻو ناهي. پر ائين بہ ٿئي ٿو جو ڪن دوستن يا مائٽن وٽ اهو نمبر هجڻ ڪري هو فقط ايمرجنسي ۾ بہ اکر ڳالهائڻ بدران ڪچهري ڪرڻ لڳن ٿا جيڪا ڳالهہ ولايت ۾ خراب سمجهي وڃي ٿي تہ هو ڊيوٽي ٽائيم ۾ آفيس جي فون تان ڪنهن کي فون ڪري يا ٻئي جو فون receive ڪري رهيو آهي.

جپان واري ڪنهن سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان ته اسان جي هڪ ملڪي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ آفيسر جي زال ان شهر جي هڪ جپاني ڊپارٽمينٽ اسٽور ۾ نوڪري ڪئي ٿي. هڪ ڏينهن گهر ڇڏي آيل ٻارن جي خبر لهڻ لاءِ هوءَ ان اسٽور ۾ لڳل پبلڪ فون ۾ پنهنجا سڪا وجهي ڳالهائي رهي هئي ته ان سيڪشن جو مئنيجر اچي اتان لنگهيو. تنهن هن کي فون ڪندو ڏسي چيس ته اهو تون غلط ڪم ڪري رهي آهين، آئيندي ساڳي غلطي ورجائڻ سان توکي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيندا سين.

”پر سر آئون توهان جي اسٽور جو نه پر پنهنجا پئسا وجهي پبلڪ فون استعمال ڪري رهي آهيان.“ هن پنهنجي جپاني باس کي چيو.

”اها ته مونکي به خبر آهي ته تون پنهنجا پئسا استعمال ڪري رهي آهين“، مئنيجر چيس، ”پر وقت ته اسان جو استعمال ڪري رهي آهين“.

# شاگردن کي مستقبل جو سوچڻ کپي

ٻاهرين ملڪ ۾ نوڪري ملڻ تي يا ڪو شاگرد تعليم لاءِ ولايت روانو ٿيڻ تي ان ملڪ جي حالتن بابت ... خاص ڪري موسم، کاڌي پيتي ۽ اتي جي ماڻهن جي مزاج بابت ڪوبه پڇي ٿو ته پنهنجي ڄاڻ موجب هن جي رهنمائي ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو جيئن منهنجي غلطين، تجربن ۽ ڄاڻ جي آڌارَ تي ڪنهن جو ڀلو ٿي سگهي.

هِتي اهو به لکندو هلان ته ڪجهه اهڙا به سوالَ پڇيا وڃن ٿا جيڪي حيرت ۾ وجهنڌڙ آهن بلڪ اهڙن سوالن مان اسان جي ماڻهن جي سادگي ۽ عجيب مزاج ۽ سوچَ جي ڄاڻ پوي ٿي. جيئن اڄ هڪ همراه جو فون آيو ته هن جي پٽ لاءِ نيوي بهتر ٿيندي يا آرمي؟

ائين به ٿيندو آهي ته ڪيترائي شاگرد انٽر ۾ هوندا آهن ته هو آرمي، نيوي ۽ ايئر فورس ٽنهي لاءِ apply ڪندا آهن ۽ ٻن يا ٽن ۾ چونڊجڻ بعد سوچيندا آهن ته هاڻ ڪيڏانهن وڃجي. اسان پاڻ به ائين ڪيو هو. آرمي، نيوي، مرچنٽ نيوي ۽ مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج لاءِ اپلاءِ ڪيو هئوسين. جيئن هڪ نه ٻي ۾ چونڊجي وڃجي. ۽ هڪ ڪان وڌيڪ ۾ چونڊجي وڃڻ تي پوءِ ڪنهن ڪان صلاح وٺي سگهجي ٿي ته ڪيڏانهن وڃجي. اسان وٽ مرچنٽ نيوي ۾، مئرين انجنيئرنگ يا مئرين سائنسز ۾ گرئجوئيشن ڪرڻ بعد جيسين جهاز تي Sail ڪرڻ جو وارو اچي، ڪيترا شاگرد ان دوران CSS يا آرمي يا ٻين technologies لاءِ اپلاءِ ڪري انهن جا امتحان به ڏئي وهندا آهن. اسان جا ڪيترا مرچنٽ نيوي جا آفيسر هڪ به سامونڊي سفر ڪرڻ بعد چونڊجي وڃڻ تي آرمي ۾ هليا ويا ۽ هو بعد ۾ مون وانگر مئرين انجنيئر يا جهاز جا ڪپتان ٿيڻ بدران آرمي ۾ ميجر، ڪرنل ۽ برگيڊيئر ٿي ويا.

منهنجو هڪ ڪلاس ميٽ نورالوهاب خندڪر مون سان گڏ هڪ به سامونڊي سفر ڪري نيوي جي وڌيڪ امتحان لاءِ، جڏهن ڪناري تي لٿو (جيئن اهي پاس ڪري وڌيڪ پرموشن حاصل ڪري) ته هن جهازراني جا سبجيڪٽ پڙهڻ بدران اڪيڊمڪ سبجيڪٽ پڙهي CSS جو امتحان پاس ڪيو. انهن ڏينهن ۾ ئي بنگلاديش الڳ ٿيو ۽ هو پنهنجي وطن هليو ويو. ڪجهه سالن بعد جڏهن حالتون نارمل ٿيون ۽ اسان جي ملڪن جا جهاز هڪ ٻئي جي ملڪن ۾ وڃڻ شروع ٿيا ته اسان کي چٽگانگ وڃي خبر پئي ته اسان وارو خندڪر صاحب جهاز هلائڻ بدران بنگلاديش جو فيڊرل سيڪريٽري ٿيو وينو آهي. اهڙا ڪيترائي مثال آهن. مون کان گهٽو گهٽ پوءِ اٽڪل 12 سال ڪن پوءِ عمرڪوٽ جو هڪ نوجوان انٽر بعد مئرين اڪيڊمي ۾ چونڊجي ويو جِتان هن گرئجوئيشن ڪئي. پر جيسين جهاز ملڻ جو وارو اچي هو ڪراچي ۾ ئي انتظار ڪندو رهيو. انهي دوران هن وٽ هن جا به ٽي جونئر گوٺائي اچي رهيا جن پاڻ به ۽ هن کي به CSS جي امتحان لاءِ

attempt هڻڻ لاءِ چيو. هن به امتحان ڏئي بس ڪيو ته ڪيس جهاز تي sail ڪرڻ جو وارو ملي ويو. آمريڪا تائين جو سفر ڪري ڪراچي موٽيو ته خبر پيس ته هو CSS امتحان ۾ نه فقط پاس ٿيو آهي پر ڪيس فارين سروسز ۾ چونڊيو ويو آهي. سمجهه ۾ نه آيس ته ڇا ڪري.

”مونکي دنيا گهمڻ جو شوق آهي ان ڪري جهاز جي نوڪري ڪيئن ڇڏيان؟“ هن پنهنجي اندر جو حال دوستن سان اوريو. دوستن چيس ته ”دنيا ته تون فارين سروس ۾ نوڪري ڪري به ڏسي سگهين ٿو.“

ڳالهه ته معقول هئي ۽ هو جهاز هلائڻ بدران استيفا ڏئي هليو ويو. گذريل سال جپان ويس ته خبر پئي ته هو ٽوڪيو ۾ پاڪستان ايمبسي جو سفير آهي. سندس نالو نور محمد جادماڻي آهي. سو ڳالهه جو مطلب اهو آهي ته توهان ذهين آهيو، محنتي آهيو ۽ هڪ ئي وقت به ٽي شيون حاصل ڪري ونو ٿا ته پوءِ پلي سوچيو ته ڪهڙي لائين اختيار ڪجي. يعني پهرين ته پڙهائي ۾ پاڻ کي پڙ بنائجي ۽ پوءِ وقت تي مختلف هنڌن تي apply ڪرڻ جو موقعو نه وڃائجي. ڇو جو ڪيترين اهڙيون چونڊون آهن جن جا انٽري ٽيسٽ يا داخلا لاءِ درخواستون انٽر جي امتحان کان اڳ ٿين ٿيون. ان ڪري ڪلاس يارهون پاس ڪرڻ بعد جيئن شاگرد ٻارهين ڪلاس يعني انٽر ۾ داخل ٿئي ته هن کي فيصلو ڪري ڇڏڻ کپي ته هن کي ڪهڙي ڪهڙي فوجي يا تعليمي اداري ۾ وڃڻ جو ارادو آهي ۽ پوءِ هن کي اخبارن، انٽرنيٽ ۽ پنهنجي ڪاليجي استادن معرفت ڄاڻ رکڻ کپي ته ڪهڙي ڪهڙي اداري جي داخلا جا درخواستي فارم يا انٽري ٽيسٽ ڪڍهن آهن.

هڪ ٻي ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي ته ڪيترن ئي ادارن ۾، خاص ڪري فوج يا مرچنٽ نيوي ۾ عمر جي پابندي به ضروري آهي. ڪيترا اسان جا شاگرد انٽر ڪرڻ ڪانپوءِ سال ٻه گهمي ڦري پوءِ سندن دل چوندي ته جيڪر ڪنهن فوجي اداري ۾ داخلا ونجي. پوءِ ان وقت ڪين خبر پوندي ته هو ته ان نوڪريءَ جي حاصل ڪرڻ واري عمر ٽپي ويا آهن. ڇو جو اهڙن ادارن ۾ داخلا لاءِ هڪ مقرر عمر ٿئي ٿي.... گهٽو ڪري 19 يا 20 سالن تائين. ان مقرر ٿيل عمر کان مٿي هڪ ڏينهن به اوور ايج سمجهيو وڃي ٿي ۽ هو مقابلي/انٽري ٽيسٽ ۾ ويهي نٿو سگهي. مٿي فون ڪندڙ همراهه جو به ڪجهه ان نوعيت جو ڪيس هو.

فون ڪندڙ جي پڇڻ تي ته: ”منهنجي پٽ لاءِ نيوي بهتر آهي يا آرمي؟ ته ظاهر آهي مون اهوئي پڇيو ته آيا هو ٻنهي ۾ چونڊجي ويو آهي؟

”نه هن کي فوج ۾ وڃڻ جو شوق ٿيو آهي ان لاءِ توهان کان پڇي رهيو آهي ته ڪهڙي بهتر آهي ۽ ان جي چونڊ ڪڏهن ٿيندي“ هن پڇيو.

”هو ڪهڙي ڪلاس ۾ آهي؟“ مون پڇيو.

”هن به سال اڳ انٽر ڪئي آهي.“

”پوءِ ته هو ڪئڊٽ ٿيڻ واري چونڊ لاءِ اوور ايج ٿي ويو هوندو ... هونءَ سندس انٽر ۾ ڇا رزلٽ هئي؟“ مون پڇيو.

”هن جون 62 سيڪڙو مارڪون هيون ۽ هو سيمنس (Seamen) واري چونڊ ۾ ويهڻ چاهي ٿو.“

هتي پڙهندڙن لاءِ اهو لکندو هلان ته فوج (آرمي نيوي وغيره) توڙي مرچنٽ نيوي لاءِ هڪ ته آفيسرن واري چونڊ ٿئي ٿي جنهن بابت مٿي لکي آيو آهيان ته انٽر ۾ هجڻ دوران ئي ٿئي ٿي ۽ چونڊ بعد اهو شاگرد فوج ۾ ڪئڊٽ ٿي ڪاڪول اڪيڊمي يا ڪراچي ۾ PNA (پاڪستان نيول اڪيڊمي) يا PMA (پاڪستان مئرين اڪيڊمي) ۾ پڙهي ٿو. نيول ڪئڊٽ پوءِ اڳتي ليفٽيننٽ، ڪمانڊر، ڪئپٽن ۽ ڪموڊور وغيره ٿين ٿا ۽ آرمي وارا ميجر، ڪرنل، برگيڊيئر وغيره.

اهڙين چونڊن ۾ سڄي ملڪ جا هزارين نوجوان وهن ٿا جن مان هر سال ٽيهه چاليهه ڪن ضرورت موجب چونڊيا وڃن ٿا. چونڊ جو معيار تمام سخت ٿئي ٿو ۽ نه فقط انٽر جي زرلٽ تي پر انٽري ٽيسٽ، ميڊيڪل ٽيسٽ، نفسياتي ٽيسٽ ۽ ٻين ڳالهين: تقريرن، بحث مباحثن، راندين وغيره کي به ڌيان ۾ رکيو وڃي ٿو. بهرحال سوين ڇوڪرا قابل ثابت ٿين ٿا پر آخري چونڊَ ۾ فقط اهي کڻيا وڃن ٿا جيترن جي ضرورت آهي ۽ جيڪي انهن بهترين اميدوارن ۾ به ٽاپ تي آهن. ان ڪري هڪ ٽيچر جي حيثيت ۾ منهنجي نوجوان شاگردن ۽ سندن والدين کي اهائي صلاح آهي ته اهڙين چونڊن لاءِ انين نائين ڪلاس کان وٺي تياري ڪئي وڃي. شاگرد کي نه فقط امتحان پاس ڪرڻ جو الڪو هجڻ کپي پر هن کي علم حاصل ڪرڻ جو پڻ اونو هجي. مئٽرڪ يا انٽر جي ڪيترن شاگردن کي ڏسندو آهيان ته هو فقط امتحان پاس ڪرڻ جي چڪر ۾ فزڪس، ڪيمسٽري، مئٿس ۽ ٻين سبجيڪٽن جي امپارٽنٽ سوالن جي چڪر ۾ هوندا آهن ته اهي سکي يا رٽو لڳائي امتحان پاس ڪجي پر منهنجو تجربو آهي ته اهڙا شاگرد اڳتي پروفيشنل ڪاليجن ۾ پهچي failure ثابت ٿين ٿا.... ان کان اڳ انٽري ٽيسٽ ۾ ئي ڪاٽا ٿيو وڃن.

پڙهائي کان علاوه والدين کي کپي ته پنهنجن ٻارن جي صحت تي پڻ خيال رکن ۽ کين ڊوڙائين ڊُڪائين، ورزش ڪرڻ لاءِ شوق پيدا ڪرائين ۽ رانديون کيڏائين. ڪيترا اميدوار هوشيار هوندي ۽ چونڊجي چونڊجي فقط over weight ڪري رهجي ويندا. هو مائٽن جا لاڏلا هجڻ ڪري گهڻو کائڻ ڪري ٿلها رهن ٿا. مائٽن کي کپي ته ٻارن کي صحيح روشني ۾ پڙهڻ ڏين ۽ ڪمپيوٽر يا TV تي گهڻو وقت وهڻ نه ڏين جو جو ڪيترين فوجي توڙي نيم فوجي چونڊن ۾ اکين جو بهتر هجڻ به ضروري آهي.

مٿين فون ڪندڙ همراهه ٻڌايو ته هو پنهنجي پٽ کي seamens (خلاصين) واري چونڊ ۾ موڪلڻ چاهي ٿو جنهن ۾ عمر جي توڙي تعليمي معيار جي سختي گهٽ آهي. اڄ ڪلهه سنڌ جي ڳوٺن جا ڪيترا ئي نوجوان آرمي توڙي نيوي جي هيٺين نوڪرين ۾ آهن. وڌيڪ پڙهڻ جي طاقت

نہ هجڻ يا پڙهائي ۾ ڪمزور هجڻ ۽ ڪجھ بہ نہ ڪرڻ ۽ بيروزگار ٿي رهڻ کان وري بہ اهي نوڪريون بهتر آهن جن ۾ نيڪ ناڪ پگهار ملڻ کان علاوه رهائش ۽ ميڊيڪل مفت آهي ۽ منهنجي خيالَ ۾ تہ اڄ ڪلهہ والدين جي ميڊيڪل جي بہ سهولت شامل آهن.

باقي اها ڳالهہ تہ ان قسم جي چونڊ ڪڏهن ٿي ٿئي ان لاءِ بهتر آهي تہ شاگرد پاڻ ۽ سندس والدين اونو ڪري اخبارن ۾ ان بابت اشتهار ڏسندا رهن يا وڃن شهرن حيدرآباد، سکر وغيره ۾ جيڪي فوجي رڪروٽنگ سينٽر آهن انهن وٽان معلوم ڪندا رهن. اڄ ڪلهہ تہ ڪيترين چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪمپيوٽر تي ئي Online فارم، شرط شروط، اپلاءِ ڪرڻ جي آخري تاريخ ۽ گهربل ڊاڪيومينٽن وغيره جي معلومات ملي ٿي، يا وري پنهنجي ڳوٺ جي انهن ڪامياب شاگردن کان پڇيو وڃي جيڪي سال بہ اڳ يعني ويجهڙائيءَ ۾ ان فوجي يا تعليمي اداري ۾ چونڊيا ۽ هاڻ اتي آهن.... باقي اسان جهڙن پوڙهن کان اهڙين چونڊن جون تاريخون يا قاعدا پڇڻ ناداني آهي جو انهن ۾ هر وقت تبديلي ايندي رهي ٿي.... اسان جهڙا ماڻهو وڏ ۾ وڏ پنهنجي وقت جي معلومات ٻڌائي سگهن ٿا.... شاگردن ۽ والدين کي کپي تہ اهي پنهنجو مستقبل سنوارڻ لاءِ جستجو ڪن. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ توڙي پاڪستان جي ٻين صوبن جي ڏورانهن ڳوٺن جا شاگرد محنت ۽ معلومات هئڻ ڪري ڪامياب ٿيو وڃن ۽ ڪيترائي شهرن جاذهين شاگرد هر سهولت هوندي بہ پنهنجي سستي ڪري اهڙين چونڊن لاءِ رهجيو وڃن.

# ٻارن جي هوشيار ٿيڻ جو راز

هونءَ ڪيترا ماڻهو اهو سمجهندا آهن ته نالي وارو اسڪول يا ڪاليج جا ٻارَ سٺين مارڪن سان پاس ٿين ٿا ۽ ڪين سٺيون نوڪريون ملن ٿيون. پر ائين ناهي. مون به ذري گهٽ چوٿو صدي (25 سال) لڳاتار ماستري ڪئي آهي ۽ اڄان تائين وزيٽنگ پروفيسر جي حيثيت ۾ پاڪستان ۽ ٻين ملڪن جي مئرين اڪيڊمين ۽ ٽيڪنيڪل ڪاليجن ۾ مئرين انجنيئرنگ جي سبجيڪٽن تي ۽ ڪتي ته.... خاص ڪري ممبئي يونيورسٽي، ڪراچي يونيورسٽي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي سفرنامي تي ليڪچر ڏيندو رهان ٿو. منهنجي تجربي ۽ سوچَ مطابق امتحان ۾ سٺي پوزيشن سان پاس ٿيڻ ۾ ٽيچر سان گڏ شاگرد ۽ والدين جو به هٿ ٿئي ٿو. ائين هرگز ناهي ته ڪنهن ڏڏ چوڪري کي ڪنهن ناليواري يعني اهڙي تعليمي اداري ۾ داخل ڪيو جنهن جا شاگرد بورڊ يا يونيورسٽي ۾ پوزيشن کڻن ٿا ته توهان جو پٽ به متاهين مارڪن ۾ پاس ٿي ويندو.

پهرين ڳالهه ته جيڪي به ناليوارا ڪاليج آهن اهي چونڊي چونڊي ٽاپ جي شاگردن کي داخلا ڏين ٿا... سو ظاهر آهي اهڙا ذهين ۽ هوشيار چونڊيل شاگرد ٿوري محنت سان متاهين مارڪن ۾ پاس ٿيندا رهن ٿا.... بلڪ ٿيڻ کپن. پر سؤ سيڪڙو ائين به ناهي. سٺن ٽيچرن جي باوجود، ذهين ۽ محنتي شاگردن جي هوندي به توهان ڏسندئو ته اهڙن نالين ڪاليجن جا ڪيترائي شاگرد اڳتي هلي نڪما به ثابت ٿين ٿا. ايتري قدر جو فيل به ٿيو پون. مون کي ياد آهي ته ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ اسانجو هڪ ڪلاس ميٽ جنهن شروع جي ويڪلي، منٿلي ۽ پهرين سال (انين ڪلاس) ۾ فرسٽ پوزيشن ڪنئي اهو ٻئي سال کان هيٺ ٿيندو ويو.... ايتري قدر جو انٽر جي امتحان ۾ هن ايتريون ته گهٽ مارڪون ڪنيون جو هو نه ڪنهن فوجي اداري ۾ چونڊجي سگهيو نه مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ جيڪو ان سال ڄامشوري ۾ کليو هو!

هڪ هوشيار چوڪري جو هڪ سٺي ڪاليج ۾ وڃي پنتي رهجي وڃڻ جو سبب اهو هو جو هن چوڪري تي والدين نظر رکڻ (Monitoring ڪرڻ) ڇڏي ڏني ته هو چو پنتي پيو وڃي. ٻي ڳالهه ته هن چوڪر جي ٻئي سال کان ٻن وڏيرن جي اهڙن پٽن سان دوستي ٿي جن پاڻ پڙهڻ نٿي چاهيو. هنن پي ٽي، پريڊ، رانديڻ ۽ پڙهائي ۾ متاهين پوزيشن حاصل ڪرڻ بدران گهمڻ ڦرڻ، ڪاليج مان ٻَنڪ ڪري وڃي فلمون ڏسڻ جهڙن ڪمن کي Heroic Deeds تي سمجهيا. هونءَ به نوجوان طبقي کي اهڙيون خراب ڳالهيون وڌيڪ fascinate ڪن ٿيون. ان ڪري والدين کي کپي ته اولاد تي نظر رکن ۽ جيئن ته اڄ جي دور ۾ جڏهن نوڪري يا ڪو Job ڪرڻ فل ٽائيم ٿو گهري ۽ پيءُ روزگار ٻلي رهي ٿو، ماءُ جي وڌيڪ ڊيوٽي آهي ته اها ٻارن جي پڙهائي تي ڌيان ڏئي. ۽ روزانو ڏسي ته ٻار هوم ورڪ ڪري ٿو يا نه ۽ اسڪول ۾ هو ڌيان سان سبق سمجهي اچي ٿو يا نه. ۽ اهي ٻار جيڪي

Residential ڪاليجن ۾ پڙهن تا يعني هاسٽلن ۾ رهن تا انهن تي اجان به وڌيڪ نظر رکجي. آئون پنهنجي پيتارو جي ڪجهه اهڙن ساٿين لاءِ به هڪ هنڌ لکي چڪو آهيان ته هنن جا پيئر جيتوٽيڪ اسڪول ٽيچر يا آفيس ۾ اسسٽنٽ جهڙين ننڍين نوڪرين ۾ هئا پر هو جڏهن به پيتارو ۾ پنهنجي ٻارن سان ملڻ ايندا هئا ته هنن کان اهو پڇندا هئا ته هنن جي سنگت ڪهڙي قسم جي ڇوڪرن سان آهي؟ چڱي طرح پڙهن پيا يا نه؟ ڪين ڪنهن ڳالهه تان سزا ته نه ملي ۽ پوءِ آخر ۾ ڪين وڏ ماڻهپي جو احساس ڏيارڻ بدران اهوئي چوندا هئا ته ”پٽ! توهانجو پيءُ غريب آهي. هو ڪيئن تڪليف ۾ رهي توهانجي ڪاليج جي فين جو پورائو تو ڪري. توهان لاءِ هڪ هڪ ڏينهن قيمتي آهي ۽ وقت وڃائڻ بدران پڙهائي ۾ دلچسپي وٺو جيئن سٺن نمبرن سان پاس ٿي ڪٿي نوڪري حاصل ڪري سگهو.“ اهي ڇوڪرا بعد ۾ ٿري اسٽار جنرل ۽ سرجن ٿيا. منهنجي هڪ ڪلاس ميٽ جو والد ته پشاورڪان ايندو هو. انهن ڏينهن ۾ اسانجي ڪاليج ۾ سڄي پاڪستان جا شاگردَ هئا. هڪ مشرقي پاڪستان جو به هو. اهو پشاور وارو والد اچڻ سان پنهنجي پٽ کان پهريون سوال ڪندو هو ته ”بيٽي نماز قضا تو نهين هوئي؟“

يعني ڪيترن جي والدين کي پنهنجي ٻار جي پڙهائي سان گڏ هن جي اخلاق جو به فڪر هو. هنن سمجهيو ٿي ته هر مذهب اخلاق سيکاري ٿو. ٻار جو Religious هجڻ ضروري آهي. ڪنڊياري جي شري نارائڻ داس اوڏ جا ٽي پٽ هئا. هو جڏهن به پيتارو ايندو هو ته ارجن، نولراءِ ۽ رامچند کي اهو چئي ويندو هو ته ڪوڙ نه ڳالهائجو، ڪنهن سان گار گند نه ڪجو ۽ ڪلاس ۾ ڪوشش ڪري اڳين بينچن تي ويهجو جيئن توهان کي ڪيچل ڪرڻ جو موقعو گهٽ ملي ۽ ٽيچر جو ليڪچر غور سان ٻڌي سگهو. جيتوٽيڪ هو پئسي وارو ۽ وڏي نوڪري وارو هو، پر ٻارن کي اهوئي چوندو هو ته منهنجي پئسي ۽ عهدي تي نه پاڙجو. پڙهي پوندئو ته توهانجو فائدو آهي نه ته ڪو به، مون سميت، مدد نه ڪندئو.

ارجن ننڍي هوندي گذاري ويو، نول راءِ انڪم ٽئڪس ڪمشنر ٿيو ۽ رامچند آمريڪا جي ڪولوراڊو يونيورسٽي جو پروفيسر ٿيو. هڪ دفعي نولراءِ کي سندس پٽ سفارش لاءِ چيو. نولراءِ هرگز نه مڃيو. ”تون ايڏو سٺي طرح نوڪري ڪر جو تنهنجو باس توکان پڇي ته تون ڪنهن جو پٽ آهين ۽ نه مونکي ڪيس ٻڌائڻو پوي ته هي ڪمشنر جو پٽ آهي هن جو خيال ڪر.....“

سو ڳالهه اها آهي ته ڪنهن به شاگرد کي سندس تعليمي ادارو سرخرو نٿو بڻائي پر سٺي ٽيچر (جيڪو سندن صحيح طرح رهنمائي ڪري ۽ سمجهاڻي ڏئي) سان گڏ سندس محنت ۽ ذهانت به ضروري آهي ۽ ان سان گڏ مائٽ جي Monitoring (نظرداري، ڪرڙي اک) پڻ اهم آهي. ڪيترا اهو چوندا ته، (هيءَ ڳالهه مثال طور لکي رهيو آهيان ته)، مهراڻ يونيورسٽي ۾ پڙهائي سٺي نه آهي. پر آئون agree نٿو ڪريان.... ٿي سگهي ٿو ڪراچي جي NED يونيورسٽي پراڻي هجڻ ڪري ڪن

معمولي ڳالهين ۾ بهتر هجي پر جيسيتائين پڙهائيندڙن جو سوال آهي ته مهراڻ يونيورسٽي جا پروفيسر به بين الاقوامي معيار جا آهن ... هو سفارش تي DSP مان DIG نه ٿيا آهن پر Ph.D ڪرڻ ۽ تجربي جي بنياد تي ئي پروفيسر ٿيا آهن ۽ اهي ئي مهراڻ جا پروفيسر ٻاهرين ملڪن ۾ پيا پڙهائين ۽ ڪي ته M.Sc ڪرڻ دوران ئي اهڙا ذهين آهن جو هو جڏهن ملائيشيا يا سنگاپور جهڙن ملڪن ۾ Ph.D ڪرڻ وڃن ٿا ته اتي جون يونيورسٽيون هنن کي واپس وڃڻ بدران پاڻ وٽ نوڪر ڏيو ڇڏين.

دراصل ڏوهه اسانجي شاگردن جو به آهي جيڪي پڙهڻ بدران بين ڳالهين تي گهڻو ڌيان ڏين ٿا. گهمڻ ڦرڻ، موڪلون ڪرڻ، ڳالهه ڳالهه تي هنگاما ڪرڻ.... مائٽن جو به وس نٿو هلي جو ڪٽي پنهنجن ٻارن کي چون... بلڪ هنن کي ڪو هوش ئي ناهي. هو اهو ئي سمجهن ٿا ته بس نينگر کي انجنيئرنگ يا ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ملي وئي ته هو انجنيئر/ڊاڪٽر تي هڪ ڏينهن نڪرندو. اسان وٽ B.E يا MBBS ڪرڻ کي ئي وڏي ڳالهه سمجهيو وڃي ٿو پر هيڏانهن دهلي، ممبئي يا هِتي بنارس ۾ (جِتان هي لکي رهيو آهيان) ڪنهن اسٽوڊنٽ کان ڪٽي پڇ ته هو ٺانءَ ۾ پرچي نه پر بيحد نياز نئڙت سان چوندو ”سر! اڃان ته B.E ڪري رهيو آهيان. B.E يا ويندي M.E جي حيثيت ئي ڇا آهي! بس دعا ڪريو ته ڪنهن فيلڊ ۾ Ph.D ڪريان ته ڪا سٺي نوڪري ملي وڃي.“

منهنجي خيالَ ۾ هنن جي اها سوچَ صحيح آهي. اڄ جو زمانو مقابلي جو زمانو آهي ۽ ايندڙ دور ته اڃان به ڏکيو اچي رهيو آهي جنهن ۾ گهٽي کان گهٽا قابل شاگرد ئي نوڪري يا جاب حاصل ڪري سگهندا. اسان وٽ مهراڻ يونيورسٽي جهڙن تعليمي ادارن ۾ ڪجهه شاگردن جي سوچ گهري آهي.... هو محنتي آهن.... Adverse حالتن هوندي به پنهنجي سبجيڪٽ ۾ پڙ ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ اهڙن کي فقط B.E ڪرڻ بعد به سٺا جاب مليو وڃن جو هنن وٽ رڳو ڪاغذ جي ڊگري نه پر ان سبجيڪٽ جي صحيح ڄاڻ به آهي.... هنن ڏينهن رات پڙهيو ۽ استادن جا ليڪچر سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي..... ائين جي نه هجي ها ته مهراڻ يونيورسٽي جا پروفيسر عبدالله ساند، دادو جو منصور شيخ، چانڊڪا جو ڊاڪٽر شفيع نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر گل بليدي جهڙا ملائيشيا جي يونيورسٽين ۾ پروفيسر نه هجن ها. مهراڻ يونيورسٽي جا به ڄڻا پروفيسر لڇمڻ (هالا وارو) ۽ پروفيسر اجمل شاهه ته ملائيشيا جي يونيورسٽين جا پرو وائيس چانسلر (Pro-Vice Chancellor) آهن... اهو ان ڪري جو هنن محنت ڪئي... ضرور هنن جي والدين به هنن تي ڌيان ڏنو هوندو. باقي گهٽي ڀاڱي اسان جا شاگرد اهو سمجهن ٿا ... بلڪ اهو ڪلچر ٿي چڪو آهي ته نه پڙهڻو آهي نه ڪلاس اٽينڊ ڪرڻا آهن، بس امتحان ۾ ڪاپي ڪري B.E يا MBBS جي ڊگري جو پنو حاصل ڪرڻو آهي ۽ هو اهوئي سمجهن ٿا ته اهو پنو ڏيکارڻ سان نوڪري ملي ويندي ... پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ائين نه آهي. ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ نوڪري لاءِ اميدوارن جي چونڊَ لاءِ مونکي به ڪيترا دفعا

ججن جي پئنل تي وهاريو ويو. منهنجي هر وقت اها خواهش رهي ٿي ته پنهنجي وطن جا ماڻهو چوندجي سگهن ... پر مونکي افسوس ٿيندو هو ته اسان جا ڪيترا شاگرد انٽرويو ۾ ججن طرفان پڇيل سوالن جا صحيح جواب نه ڏئي ججن کي چوندَ لاءِ مطمئن نه ڪري سگهندا هئا. ۽ اسانجا اڪثر شاگرد انگريزي ڳالهائڻ ۾ ته اهڙو ڪمزور ثابت ٿين ٿا جو پنهنجو مفهوم به نٿا سمجهايو سگهن جيتوڻيڪ هنن ڪان جڏهن مون سنڌي يا اڙدو ۾ پڇيو ٿي ته ڪيترن کي معلومات هئي پر ولايت ۾ ته هر ڳالهه لاءِ انگريزي هلي ٿي، چاهي ملائيشيا هجي يا جپان ... دبئي هجي يا مالديپ....

# سئيڊش عورت جي سوچ

ڪئناڊا، آمريڪا، انگلنڊ، سئٽزرلئنڊ، سعودي عرب، ڪويت ۽ ٻيا ڪيترائي ملڪ پنهنجي شهرين جو خيال ڪن ٿا ۽ ڪين مفت ميڊيڪل، بنيادي تعليم جو خرچ، بيروزگاري جو الائونس ۽/يا ٻيا ڪي فائدا پهچائين ٿا پر منهنجي نظرن ۾صحيح معنيٰ ۾ فلاحي (ويلفيئر) اسٽيٽ يا ملڪ فقط سئيڊن آهي جنهن ۾ مونکي تعليم حاصل ڪرڻ کان علاوه ڪيترائي دفعا جهاز کي ٻه وڻي وڃڻو پيو.

سئيڊن هڪ اهڙو سکيو ستابو ملڪ آهي جنهن جي اڳيان انگلنڊ، فرانس، جرمني ۽ اٽليءَ جهڙا ملڪ ٻه مسڪين آهن. سئيڊن هڪ چڱو وڏو ملڪ آهي جنهن جي مقابلي ۾ ان جي آدمشماري تمام گهٽ آهي. جبلن ۾ ڌاتو ۽ ڌرتي هيٺ تيل ٻه موجود آهي، سڄو ملڪ Oak وڻن جو ٻيلو آهي جن جي ڪاٺ مان بهترين فرنيچر ۽ پنو ٺهي ٿو. نوڪري پيشي وارن، ڪارخانيدارن ۽ بزنيس ڪندڙن کان تمام گهڻو ٽئڪس ورتو وڃي ٿو سو سرڪار جا خزانا خالي ٿيڻ بدران اٿلن ٿا. ان ڪري سئيڊن ۾ سرڪار طرفان شهرين کي ميڊيڪل ۽ تعليم کان علاوه ٻيون ٻه ڪيتريون ئي سهولتون ملن ٿيون. ڪو بيروزگار آهي ته هن کي حڪومت طرفان ايترو خرچ (جنهن کي اسان جا ايشيائي وطن ڇڏي سئيڊن ۾ رهڻ وارا ”سوشل“ سڏين ٿا) مليو وڃي جو هن جي هڪ ڪمري جي فليٽ جي مسواڙ، لائيٽ ۽ پاڻي جو بل ۽ ڪاڌو پيتو ٿيو وڃي. ٻار جي ڄمڻ کان وٺي مرڻ تي دفن ڪفن جو بندوبست سرڪار ٿي ڪري. بلڪ ڄمڻ کان نه پر ماءُ جي پيٽ ۾ سرجڻ تي ان ٻار جو وظيفو شروع ٿيو وڃي. جيڪو 18 سالن تائين ماءُ پيءُ کي ملي ٿو. ان بعد ان ٻار کي جيستائين نوڪري ملي تيستائين سرڪار طرفان ”بيروزگاري الائونس“ ملندو رهي ٿو. پر اهو آهي ته ڪنهن ٻار جو سيءَ ۾ صحيح طرح گرم ڪپڙا نه پائڻ تي اسڪول جي ٽيچر جي شڪايت تي ان ٻار جي والدين جو پڇاڻو ۽ سزا ملي ٿي ته هو ٻار لاءِ ملندڙ خرچ کي صحيح طرح جو نٿا استعمال ڪن. ماءُ پيءُ کي ان ڪري ٻه سزا ملي سگهي ٿي جيڪڏهن ٻار پنهنجي ٽيچر کي ٻڌائي يا ڪو پاڙي وارو پوليس کي شڪايت ڪري ته ٻار جي ماءُ يا پيءُ هن کي دڙڪا ڏئي ٿو يا ماري ٿو. سچ ته اهو آهي ته ٻار ڄڻ سو ماءُ تي پر آهي سرڪار جو. ڇو جو سرڪار ان تي وڏو خرچ ڪري ٿي. ٻار جو الائونس ايترو ته ملي ٿو جو ٻار جو هر خرچ پورو ڪرڻ بعد ٻه ڪيترو پئسو مائٽن کي ڦبجي ٿو. ان کان علاوه بيروزگاري الائونس نه فقط مردن کي پر زالن کي ٻه ملي ٿو. ۽ جيڪڏهن ڪا زال طلاق وٺي ٿي ته اها سپ ۾ امير ٿيو وڃي جو هن کي هڪ طرف مڙس کان خرچ ملي ٿو ته ٻئي طرف سرڪار کان طلاق جو الائونس ملي ٿو. شايد اهو ئي سبب هجي جو سئيڊن ۾ طلاق تمام عام آهي. پهرين ڳالهه ته سئيڊن جي ڇوڪري شاديءَ کان پاسو ڪري ٿي. ائين ڪڏهن ڪنهن

ٻئاءِ فرينڊ سان ته ڪڏهن ڪنهن ٻئاءِ فرينڊ سان رهي پئي هوندي (جيڪا ڳالهه هِتي قانوني سمجهي وڃي ٿي) پر پوءِ جي شادي جي رسم ملهائڻ جو شوق ٿيو ۽ شادي رجسٽرڊ ڪرائي ته گهڻو ڪري سال اندر ئي طلاق ٿي ويندي. بهرحال ٻنهي صورتن ۾ زال مڙس جي ڪوشش اها رهي ٿي ته ٻار نه ٿئي ته سٺو. هونءَ ڏٺو وڃي ته نفسياتي طرح هو ٻار لاءِ چو سوچين! اسانجي ماحول ۽ معاشري ۾ ته اهو سوچيو وڃي ٿو ته جيئن ٻار وڏو ٿي پنهنجن پوڙهن والدين جي خدمت ڪري پر سئيڊن ۾ اهو خدمت جو ڪم به سرڪار حوالي آهي. هر شهر ۾ ”اولڊ هائوسز“ آهن جن ۾ ملڪ جا رٽائرڊ ۽ پوڙها ماڻهو مفت ۾ رهي سگهن ٿا جن جي ڪاڏي پيتي ڪان دوا درمل جو خيال اتي جون نرسون ڪن ٿيون. مَري وڃڻ تي ڪفن دفن واري ڪاتي جا ماڻهو ڪاري ڪمپليٽ سوٽ ۾ ڪاري ٽاءِ ۾ اچي هن ڪي هن جي مذهب ۽ وصيت مطابق رسمون ۽ ساڻ سوٽ ڪري درگور ڪريو وڃن. هونءَ به ڪنهن جو ٻار پوءِ چاهي اهو پٽ هجي يا ڌيءَ جيئن ئي 18 سال جي ٿئي ٿي ته ماءُ پيءُ ڪي ٻاءِ ٻاءِ ڪري سرڪار ڪان حاصل ڪيل الڳ فليٽ ۾ وڃيو رهي جيئن هو يا هوءَ رات جو دير سان موٽڻ يا ٻئاءِ فرينڊ سان رات گذارڻ ۾ آزاد محسوس ڪري سگهي. سو اهڙي تناظر ۾ سئيڊن جي ماڻهن ۾ اها Feeling ئي نه آهي ته ٻار ٿين جيڪي وڏا ٿي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪن يا ماءُ پيءُ انهن جي شاديءَ جا ڪاڄ ڪري آسيس حاصل ڪن. بلڪ هر زال ان چڪر ۾ هوندي آهي ته ٻار نه ٿئي ته سٺو. اهوئي سبب آهي جو ههڙن ملڪن جي آدم شماري وڌڻ بدران وڃي پئي گهٽجندي. زال يا مڙس کي ٻار جو جي گهڻو شوق ٿيندو ته ڪٿي هڪ يا وڌ ۾ وڌ به پيدا ڪندا نه ته ڪوشش اها ئي ڪندا ته آفريڪا جي ڪنهن ملڪ مان ڪو ڪارو ٻار يا ٿائلنڊ ۽ هندستان جي تامل ناڊو رياست جو ڪو يتيم ٻار حاصل ڪري ان کي پالجي. جنهن سلسلي ۾ آئون سئيڊن جي سفرنامن ۾ لکي چڪو آهيان ته سئيڊن جي اخبارن ۾ اهڙا اشتهار عام ايندا رهن ٿا. ويندي شپ يارڊ ۽ ڪارخانن جي نوٽس بورڊن تي به ڪيترن ملڪن جي والدين جا خط نظر اچن ٿا ته هو غربت ڪري يا وڏي عيال ڪري اسان پنهنجو ٻار ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. اهو ئي سبب آهي جو سئيڊن جا ماڻهو جيڪي رنگ جا تمام گهڻو سفيد آهن پر سندن ڪنهن ڪنهن جوڙي سان گڏ توهانکي شيدي، سري لنڪن، انڊين يا ٿائي رنگن ۽ نقشن جو ٻار نظر ايندو.

بهرحال ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سئيڊن جي عورتن کي ٻار ڄڻڻ ڪان ٻَرو چڙهي ٿو پر تقريباً هر سئيڊ ڇوڪريءَ سان گڏ هڪ ٻگهڙ جهڙو ڪتو ضرور هوندو جنهن کي هوءَ موتين واري سهڻي پٽي ڏريعي ٻاڻ سان ڄِتي ڪٽي ڇڪينديون وتنديون. پر جي اهو ڪتو ننڍي سائيز جو آهي ته ڪيس پاڪر ۾ ڪٽي يا سائيڪل تي ويهاري شهر جو سير ڪرائينديون. سئيڊن ۾ بس جي ٽڪيٽ تمام ڳري آهي پر ڪتي کي سيءَ ڪان بچائڻ خاطر ٻاڻ سان گڏ هن جي به ٽڪيٽ خريد ڪري پنهنجي پرسان هيٽر لڳل سيٽ تي وهارينديون. سخت سيءَ ۾ به پنهنجي ننڍ ڦٽائي منهن اونداهيءَ ۾

ڪين ڪنهن پارڪ ۾ واڪ ڪرائي، هنگائي مُتائي پوءِ گهر اچي ڪين وهنجارڻ لاءِ اهي اعليٰ قسم جا صابڻ ۽ شئمپو استعمال ڪنديون جيڪي اسان وٽ ڍهن فلمي اداڪارائن ۾ ڪا هڪ خوش نصيب ڪندي هوندي.

ڪتن ڪان منهنجي دل ۾ نندي هوندي کان خوف وينل آهي. هِتي جا ماڻهو پنهنجي دوست کي ڪيڪارڻ کان اڳ پهرين سندس ڪُتي جي ڪنڌ تي هٿ ڦيري هن سان پيار جو اظهار ڪن ٿا ۽ اها نہ فقط سئيڊن پر سڄي يورپ جي ريت ۽ سٺي اخلاق جي ڳالهہ سمجهي وڃي ٿي. سئيڊن ۾ رهائش دوران گس پنڌ تي ڪنهن مڪاني سئيڊ پاڙي واري يا ڪنهن پروفيسرياڻي کي بہ ڪتي سان گڏ ڏسندو هوس تہ هن کي ڪيڪارڻ بدران پاسو مٽائي ويندو هوس. بس اسٽاپ تي ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڪتي سان گڏ ڏسندو هوس تہ ترسي پوندو هوس جيسين اها ڇوڪري بس ۾ هلي وڃي.... جيتوڻيڪ ڪُتي سان گڏ سفر ڪرڻ واري کي پهرين بين کي بس ۾ گهڙڻ جو موقعو ڏيڻو پوندو آهي پر سئيڊن جي سخت سيءَ ۽ ٿڌي هوا ۾ قطار ۾ اڳيان بيٺل هجڻ جي باوجود پاسي تي بيهندو آهيان. جيسين اها ڪتي واري يا ٻيون جن سان گڏ ڪتا آهن اهي هلي وڃن. هونءَ ههڙي سيءَ ۾ هرڪو اهو ئي چاهي ٿو تہ سڀ کان اڳ گرم بس ۾ گهڙي وڃجي پر مونکي اهو خوف هوندو آهي تہ ڪٿي منهنجي پرسان يا منهنجي پر واري سيٽ تي اها ڪتي واري ڇوڪري نہ اچي وهي..... ان ڪري آئون آخر ۾ بس ۾ گهڙي ان سيٽ تي وهندو آهيان جيڪا ڪُتي واريءَ ڪان پري هجي. هونءَ تہ يونيورسٽي وارن ڏينهن ۾ اسان سيني، هِتي جي مڪاني ڇوڪرين کي سر اکين تي وهارڻ چاهيو ٿي پر نياڻين جي ڪتن جو ڇا ڪجي! يمن جي بندرگاهہ جو هڪ انجنيئر مُبارڪ نالي منهنجو ڪلاس ميٽ مونکي هر وقت چوندو هو تہ ”برادار هتي جي ڪتن کان ڊڄڻ هرگز نہ کپي. ههڙي ٿڌ ۾ هنن کان تہ پونکيو بہ نٿو ٿئي. ٿڌ هر شيءَ کي هيٺو ڪريو ڇڏي.“ واقعي حق جي ڳالهہ ڪجي بہ سال سئيڊن ۾ رهڻ دوران ڪتا تہ گهٽائي ڏناسين پر ڪنهن کي نہ پونڪندو ٻڌوسين ۽ نہ وري ڪنهن ڪتي کي ڪنهن کي چڪ هڻندي ڏٺوسين. اکين سان تہ ڇا پر ڪڏهن اخبار بہ نہ پڙهيوسين تہ مالمو يا اسٽاڪهوم جهڙي شهر ۾ ڪنهن ڪتي ڊارئين کي ڏاڙهيو. اسان تہ رڳو اهو ڏٺو تہ فلم ائڪٽريسين جهڙيون سهڻيون ڇوڪريون رستي تان پنهنجي ڪتي جو گونهہ ميڙينديون وتن. ياد رهي تہ سئيڊن ۾ ڪتن جي هنگڻ مٽڻ لاءِ الڳ پارڪ ۽ پلاٽ نهيل آهن. مارڪيٽ، بازار يا بس اسٽاپ تي امرجنسي جي حالت ۾ ڪُتي جي مالڪ يا مالڪڻ جو فرض آهي تہ رومال ڪڍي ان کي صاف ڪَري ۽ پاڻ سان کڻي هلنڊڙ پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ داخل ڪري اها ٿيلهي ڪچري جي دٻي ۾ اڇلائي. سئيڊن ۾ هر گهٽيءَ جي ڪنڊ تي توهان کي ڪچري لاءِ بہ بالٽيون نظر اينديون جن مان هڪ ڊِڪ واري جنهن جي ٻاهران ڪُتي جي شڪل نهيل آهي اها ان ڪم لاءِ آهي.

چون ٿا ته ڪُتو انسان جو دوست آهي. اهو ضرور انسان جو دوست هوندو پر گهٽ ۾ گهٽ سئيدن ۾ ته مونکي هي وڏو رئيس ئو لڳي جنهن جون پالڻ واريون سڄو ڏينهن هن جي خدمت ٿيون ڪن پر ڪانئن (يعني نواب ڪتن ڪان) اهو نٿو پڇي ته اسان جهڙين ڊارين کي ڏسي ڪٽي ڪا پوءنڪار ڪن. اها دوستي ته نه چئبي! ان تان مونکي هڪ چرچو ياد اچي رهيو آهي جيڪو ان حقيقت تي آهي ته ڪتو ۽ گهوڙو انسان جا سنا دوست مڃيا وڃن ٿا. پر هڪ گهوڙي جي مالڪ پنهنجي ڏک جو اظهار دوست سان ڪندي چيو ته ”ادا اسانجو ته گهوڙو به نڪمو نڪتو.“

”ڪيئن پلا؟“ دوست پڇيس.

”هڪ دفعي مٿس سواري ڪندي ڪري پيس ۽ سخت سور ڪان چري پري به نه پئي سگهيس. منهنجي گهوڙي مونکي پنهنجي چڪ ۾ ڪٽي اچي ڊاڪٽر وٽ ڦٽو ڪيو.“

”اهو ڪم ته هن تمام سُٺو ڪيو جو ترت علاج لاءِ توکي ڊاڪٽر وٽ وني آيو.“ دوست حيرت مان چيس.

”پر ذليل خبر اٿئي ڪهڙي ڊاڪٽر وٽ وني آيو؟“

”آرٿوپيڊڪ سرجن وٽ؟“ دوست پڇيس.

”نه. ڊاڪٽر ڍور (جانورن جي ڊاڪٽر) وٽ.“

سو سئيڊن ۾ مونسان گڏ پڙهندڙ منهنجو بنگالي ڪلاس ميٽ هتي جي ڪتن.... يا شايد هتي جي حسينائن جا هي حال ڏسي حيرت مان چوندو هو: ”يار سئيڊن جي ڇوڪرين جا پئسا بئنڪ ۾ گهڻو پائين ڪونه. عصمت بچائڻ جهڙا جملا فلمن ۾ به نٿا ٻڌجن جو هِتي جي سوسائِٽي Sex-Free سڏجي ٿي.... باقي ڪُتا ڪهڙي حفاظت لاءِ رکن ٿيون؟!

اسانجو پاڪستاني دوست سليم قاسم اها ڳالهه ٻڌي پنهنجو تڪيو ڪلام ورجائيندو هو ته: ”بابا شوق از اي شوق! ضروري ناهي ته هر ڳالهه جو ڪو فائدو هجي.“

سيد عطا حسين موسوي صاحب پنهنجي ڪِتاب ”ڪچ ڪوڏيون“ ۾ لکي ٿو ته ”ڪيترا ماڻهو ڪتو ڌارڻ زماني بازيءَ جي ضرورت سمجهن ٿا. هر فيشن پرست ماڻهو ڪُتي کي ضرور رکي ٿو جيئن هن کي شامَ جي وقت پاڻ سان گهمائي. ڪُتو نفيس ۽ نازڪ بدن لاءِ زيب ۽ زينت آهي.“

ايراني شاعر حافظ هڪ ڏينهن پنهنجي محبوب کي عرض ڪيو ته ”تون ڪتي کي پاڻ سان وٺي وئين، پر مونکي وساري وئين!“ يعني عاشق، معشوق جي ڪُتي ٽيڻ ۾ به عيب نٿو سمجهي. چاڪاڻ ته معشوق ڪنهن وقت ڪُتي کي ڏک هٽندو ته ڪنهن وقت مشڪي پني به نپيريندو....“ پر حافظ کي اها ڄاڻ نه هئي ته سئيڊن ۾ ڪنهن ڪتي يا جانور کي مارڻ سخت ڏوهه جو ڪم آهي.

ڪنهن شاعر ڪُتي ڪي پٽو ڳچيءَ ۾ ڏسي چيو آهي: ”اهڙو ڳٽ غلاميءَ جو جيڪر منهنجي ڳچيءَ ۾ نہ وجهين ها.“ ڪهڙو نہ عاشق آسائو تي چيو آهي! شاھ صاحب پڻ فرمائي ٿو: ”ٻانيڻ تي ٻوٽيون، تہ ڪتا ڪينئي ڪيچ جا.“

اهڙي طرح مجنون بہ ليليٰ جي ڪُتي کي چمندو هو، جو اهو معشوق جي در تان ايندو هو. پر سئيڊن ۾ رهي اسان تہ هميشہ معشوقائن کي پنهنجن ڪُتن کي ڀاڪر پائيندو ۽ چمندو ڏٺو. هڪ سئيڊش نوجوان عورت کي ڪُتي کي ڪڇ ۾ ڪٽي رستو ٽپندو ڏسي اسانجي هڪ ٻئي پاڪستاني ڪلاس ميٽ چيو هو: ”هِتي جون عورتون ڪتا پالين ٿيون باقي ٻارن ڄڻڻ کان ٻرو ٿو چڙهين.“

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيو هئومانس.

”ان ڪري جو ڪُتي پالڻ ۾ اها تڪليف ناهي جيڪا ٻار ڄڻڻ ۽ نپائڻ ۾ آهي. ڪُتو تہ مارڪيٽ ۾ ان ئي وقت پئسا ڏئي وٺي سگهجي ٿو پر ٻار کي تہ نوَ مهينا پيٽ ۾ سانڍڻو پوي ٿو. ان بعد ويم جا سور ۽ پوءِ نيپاج پنيان اوجاڳا ۽ خواري. ظاهري توڙي اندروني طرح عورت جي سونهن ئي ختم ٿيو وڃي. هِتي جون عورتون ڪڏهن بہ نٿيون چاهن تہ هنن جي سماجي زندگي اثر انداز ٿئي ۽ ٻار خاطر گهڻو وقت گهر ۾ گذارڻو پوي. هِتي جون عورتون هالي وڊ جي هيروئنن وانگر سنهڙيون، سهڻيون ۽ سمارٽ ٿي هلڻ چاهين ٿيون. هو هرگز نٿيون چاهين تہ نو مهينا ڍِڍڙي ڪري هلجي ۽ ٻار ڄمڻ بعد اوجاڳا ڪري هن کي ٿڃ پياري پنهنجيون ڇاتيون پينگهون بنائجن.“

# ٺڳين جي ور چڙهي ويندڙ اسان جا سادا ماڻهو!

اسان جي ماڻهن جي هڪ عجيب سوچ آهي بلڪ آئون ته اهو چوندس ته هو ايتري ته سادي طبيعت جا آهن جو هر هڪ جي ڳالهه تي آسانيءَ سان اعتبار ڪريو وجن. هن ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي دور ۾ به هنن کان اها تڪليف نٿي پڄي ته ڪٿي صحيح معلومات حاصل ڪن ۽ پنهنجو پاڻ کي نقصان کان بچائين. مثال طور هڪ ڏينهن اڳ گهوٽڪي کان هڪ همراهه فون ڪيو ته هو MBA پڙهڻ لاءِ ملائيشيا وڃڻ ٿو چاهي. مونکي اهو ٻڌي حيرت ٿي ته MBA يا B.E ۽ MBBS جهڙيون معمولي ڊگريون ته هتان پاڪستان مان به ڪري سگهجن ٿيون. انهن بيچلر وارين ڊگرين کي آئون معمولي ان ڪري چوان ٿو جو اڄ جي دور ۾ انهن جي Value ئي ڇا آهي. ايئن ته جن ڏينهن ۾ آئون پنجين ڪلاس ۾ هوس يعني 1954ع ۾، انهن ڏينهن ۾ ته مئٽرڪ به وڏي ڳالهه هئي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ وارن کي هالا جي هاءِ اسڪول ۾ ماستري ملي وئي ٿي پر هاڻ ته Ph.D ڪرڻ بعد به معمولي ماستري مشڪل سان ٿي ملي.

پاڪستان ۾ سرڪاري ڪاليجن کان علاوه ڪيترائي خانگي ڪاليج آهن جن ۾ انجنيئرنگ يا ڊاڪٽري پڙهائي وڃي ٿي. انهن جي في سرڪاري ڪاليجن ۽ يونيورسٽين کان ڪٿي وڌيڪ آهي پر ته به ڪنهن سستي ملڪ جي ڪاليج جي خرچ کان وري به گهٽ آهي.... اهو ملڪ ڀلي ڪٿي بنگلاديش هجي، ايران هجي يا چين ۽ ملائيشيا يا ڪو ٻيو ايشيائي ملڪ.... جِتي ڪٿي ٻاهرين ملڪن کان آيل شاگردن لاءِ ڳريون فيون آهن ۽ کاڌي پيتي ۽ رهائش جو به وڏو خرچ آهي. ۽ اهو شاگرد جنهن انٽر ۾ سٺي پوزيشن نه ڪنئي آهي (تڏهن ته هن کي پنهنجي ملڪ جي سرڪاري ڪاليج يا يونيورسٽي ۾ داخلا نه ملي آهي، اهو پڙهائيءَ ۾ ڪمزور ئي چئبو) ان کي جڏهن ولايت ۾ ڪو ميڊيڪل يا انجنيئرنگ ڪاليج داخلا ٿو ڏئي ته اهو پڪ ڪو اعليٰ معيار جو درسگاهه نه پر ٺڙڪ ٺڳيءَ وارو ئي هوندو جنهن جي ڊگري کي بين الاقوامي طور گهٽ ئي قبول ڪيو ويندو هوندو.

مون گهوٽڪي جي همراهه کي سمجهايو ته "ان بنيادي ڊگري MBA لاءِ ڇو ٿو ٻاهر وڃين. اهو سوچ ته ان تي تنهنجو ڪيڏو خرچ ايندو!"

"نه مونکي اسڪالرشپ ملي رهي آهي، ملائيشيا ۾ پڙهڻ جي" هن ٻڌايو جنهن تي مونکي ويتر حيرت ٿي.

خير اها ته مونکي خبر آهي ته ڪجهه ملڪن جون يونيورسٽيون ڌارين ملڪن، خاص ڪري پنتي پيل ايشيائي ۽ آفريڪن ملڪن جي شاگردن کي پڙهائي ۽ رهائش وغيره جو خرچ پورو ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ ڏين ٿيون. پر اها اڪثر انهن کي ڏني وڃي ٿي جيڪي پڙهائي ۾ هوشيار آهن ۽ ٻي

ڳالھ تہ جپان وارا ڏين يا ملائيشيا وارا ..... اسڪالرشپ ان کي ملي ٿي جنھن جي پوسٽ گرئجوئيشن ٿيل آھي يعني ھو پنھنجي فيلڊ ڊاڪٽري، انجنيئرنگ يا ڪنھن بہ فيلڊ ۾ فقط بيچلر نہ پر ماسٽرس ڊگري يافتہ آھي. ان کي Ph.D لاءِ گھرايو وڃي ٿو.... نہ MBA وغيره لاءِ.

ان ٽي ھن ٻڌايو تہ ڪو ايجنٽ آھي جيڪو 80 ھزار رپين جي بدلي ۾ ملائيشيا ۾ پڙھڻ لاءِ اسڪالرشپ ونرائي ڏئي ٿو ۽ سوا لک رپين ۾ يورپ جي ڪنھن بہ ملڪ ۾. پر ھو چوي ٿو تہ ”ان لاءِ ان ملڪ جي سفارت خاني طرفان ورتل انٽرويو ۾ ان کي مطمئن ڪرڻ توھانجو ڪم آھي. سو ان سلسلي ۾ آئون اھو پڇڻ ٿو چاھيان تہ توھان جي ملائيشيا جي قونصل خاني ۾ ڄاڻ سڃاڻ آھي جو منھنجو ڪم ٿي سگھي.“

مون ھن کي سمجھايو تہ ڌارئين ملڪ جي ڪنھن يونيورسٽي ۾ پنھنجي خرچ يا مليل اسڪالرشپ ٿي پڙھڻ لاءِ پھرين پوسٽ رستي يا انٽرنيٽ ذريعي ان تعليمي اداري ۾ داخلا لاءِ apply ڪرڻو پوندو آھي. داخلا ملڻ بعد ھنن کي اسڪالر جو ٻڌائڻو پوندو آھي يا پنھنجي خرچ ٿي پڙھڻ جي صورت ۾ ھنن جي پھرين سيمسٽر جو خرچ بئنڪ ذريعي online ادا ڪبو آھي يا ويسٽرن يونين جھڙي اداري ذريعي Cash پئسا موڪلبا آھن. پوءِ اھا يونيورسٽي ان شاگرد کي داخلا ڏيڻ جي رضامندي جو خط موڪليندي آھي تہ جيئن پاسپورٽ سان گڏ اھو خط ان ملڪ جي قونصل خاني يا سفارت خاني ۾ جمع ڪرائي ان ٿي Study Visa جو ٺپو لڳرائي ۽ پوءِ ٽڪيٽ خريد ڪري اچي. اھي تعليمي ادارا ان خط جي نقل جي ڪاپي سڌو سفارتخاني کي بہ موڪلين ٿا جيئن ھو ٻنھي خطن جي خاطري ڪري اُميدوار کي ويزا جو في الحال مھيني يا اڌ جو ٺپو ھڻي ڏين جيئن اھو شاگرد في الحال يونيورسٽي ۾ ھلي داخلا وٺي. ھفتو ڪن ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ بعد يونيورسٽي وارا ان شاگرد کان پاسپورٽ وٺي سال جي ويزا جو ٺپو ھڻائي، پوءِ پاسپورٽ پاڻ وٽ رکن ٿا. اڳ ۾ اھو پاسپورٽ شاگرد حوالي ڪري ڇڏيندا ھئا پر پوءِ ڪيترا شاگرد تعليم جاري رکڻ بدران نوڪريون ڳوليندا وتيا ٿي.

مون اھا ڳالھ ھن گھوٽڪي جي شاگرد کي سمجھائي تہ ويزا حاصل ڪرڻ جو اھوئي طريقو آھي ۽ سفارت خانن ۾ ايڏي سختي آھي جو انھن جي ملڪ ۾ نوڪري ملڻ يا پڙھڻ لاءِ داخلا ملڻ بعد بہ ڪو اميدوار سنئون سڌو ڪنھن سفارتڪار سان نٽو ملي سگھي. ويزا جو ٺپو لڳرائڻ لاءِ پاسپورٽ، يونيورسٽي طرفان آيل خط (يا نوڪري جي صورت ۾ نوڪري ڏيندڙ اداري جو خط) ۽ ٻيا ڊاڪيومينٽ TCS، فيڊيڪس يا ڪنھن بہ ڪوريئر سروس ڏريعي سفارتخاني/قونصل خاني موڪلڻا پون ٿا. ۽ ڪم ٿيڻ يا نہ ٿيڻ ٿي پنھنجا ڪاغذ حاصل ڪرڻ لاءِ وري بہ ان ڪوريئر سروس جي آفيس ۾ وڃڻو پوي ٿو.

سفارتخانن کيءَ خاص ڪري اسان جهڙن ملڪن ۾، نه وقت آهي نه سڪيورٽي ڪين اجازت ٿي ڏئي ته ويزا وٺندڙ سان روبرو ملن. هڪڙو جپان اهڙو ملڪ آهي جنهن جي ويزا لاءِ اميدوار کي پنهنجن ڪاغذن ۽ پاسپورٽ سميت قونصل خاني ۾ گهرايو وڃي ٿو ڄڻي هڪ ڪمري ۾ ڪو جپاني بدران پاڪستاني همراهه اهي ڊاڪيومينٽ وٺي ٿو ۽ ضرورت موجب سوال جواب پڇي ٿو. پر ان ڪمري جي دريءَ جو شيشو اهڙي قسم جو آهي جو هو ته اندر ويهي توهان کي ڏسي سگهي ٿا پر توهان هن کي هرگز ڏسي نٿا سگهو ته ڪير آهي ۽ هن سان توهان جي ڳالهه ٻولهه فون ذريعي ڪرائي وڃي ٿي ۽ پاسپورٽ ۽ ڪاغذ ڏيڻ لاءِ دريءَ جي هيٺان هڪ سوراخ آهي جنهن ۾ ڪاغذ وجهڻا پون ٿا.

اهي ڳالهيون ٻڌائي مون گهوٽڪي جي همراهه کي چيو ته ”مونکي لڳي ٿو ته اهو ايجنٽ اوهان سان ٺڳي ڪري رهيو آهي.“ پر مون ڏٺو ته هو ان ايجنٽ جي ڳالهين ۾ اهڙو ته ڦاسي چڪو هو ۽ خوابن جي دنيا ۾ پنهنجي آڊيل پروگرام ۾ ايڏو ته منديل هو جو هن کي ٻي جي ڳالهه نه پئي وڻي.

مون چيومانس ته پلا هڪ ڪم ڪر جيڪڏهن اهو ايجنٽ توهان جو مائٽ آهي يا ڳوٺ جو آهي ته هن کي چئن چڱن اڳيان ڪرينس ته جيئن تنهنجو ڪم نه ٿئي ۽ تنهنجو پئسو غرق ٿي وڃي يا اتي پهچي توکي ڪا سزا اچي وڃي ته هن ايجنٽ جي پويان وٺ پڪڙ ته ٿي سگهي.

”هو اسانجي ڳوٺ جو ناهي. پر سکر ۾ رهندڙ منهنجي هڪ دوست جو سڃاڻو آهي.“ هن ٻڌايو.

”چڱو پلا هڪ ٻيو ڪم ڪر،“ مون هن کي صلاح ڏني، ”جي ڪڏهن تون سمجهين ٿو ته ايئن لک سوا لک رپيا ڏيڻ سان ٻاهر پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ ۽ ويزا ملي ويندي ته هن ايجنٽ کي چئو ته هو توکي انهن ٻن ٽن شاگردن جا فون نمبر ڏئي جن کي هن ٻاهر پڙهائي لاءِ داخلا ۽ اسڪالرشپ وٺي ڏني آهي. پوءِ تون انهن شاگردن کي فون ڪري پڪ ڪر ته ان ڳالهه ۾ ڪا سچائي آهي يا نه. باقي گهر وڃرائي ڏيڻ واري ايجنٽ وانگر هن جو ڪم تومان ڪميشن ڪڍڻ آهي. پوءِ پلي توکي بعد ۾ خبر پوي ته اهو گهر ڦڏي جو آهي ۽ تنهنجي حوالي ٿي نٿو سگهي.“

سوچڻ جي ڳالهه آهي ته لک رپيا ڏيڻ سان جي ٻاهر پڙهڻ جي اسڪالرشپ ملي وڃي يعني سال جي پڙهائي جو ڏهه ٻارنهن لک خرچ ملي وڃي ته هرڪو ائين نه ڪري. پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اهڙن ٺڳ ايجنٽن جو شڪار اڄ ڪلهه گهڻو ٿڙو سنڌ صوبي جا ماڻهو آهن، جن کي نه ايڏي ڄاڻ آهي ۽ نه ڦڙتي جو هو اڄ جي دور جون ٺڳيون سمجهي سگهن. هو هر وقت ٻين جي مٺين ڳالهين تي جهٽ پٽ ڦاسيو وڃن.

# فائدو وري ٻہ ڌارين ملڪن کي

ڪيترا ماڻهو جن جو ڪڏهن واپار وڙي سان واسطو نہ رهيو آهي اُهي سمجهندا آهن تہ ڪاروبار ڪرڻ هڪ آسان ڪم آهي. هو سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن هنن وٽ پئسو اچي وڃي تہ ڪاروبار آٽوميٽڪ ٿي ويندو. پر اها ڳالهہ ناهي. جهاز هلائڻ دوران توڙي نوڪري دوران مون ڪيترن ئي ملڪن خاص ڪري سنگاپور، هانگ ڪانگ، ملائيشيا ۽ سري لنڪا کان ٽرنيڊاڊ، برمودا، بالٽيمور ۽ بريمن ۾ سنڌ کان لڏي آيل هندن، چينين، گجراتين ۽ بوهرين کي ويجهڙائي سان ڏٺو آهي. ڇا تہ هنن کي بزنيس جي ڄاڻ آهي جيڪا ظاهر آهي هنن پنهنجن ۽ وڏن جي تجربن مان حاصل ڪئي آهي. پنهنجي هڪ سفرنامي ۾ ملائيشيا جي هڪ سنڌي هندو واپاريءَ جون ڳالهيون لکي چڪو آهيان تہ هن چينين سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ڪيئن ساڳي شيءِ ايتري تہ گهٽ اگهہ ۾ وڪجي ٿي جيڪا بين دڪاندارن کي خريد ۾ بہ نٿي پئي. ان لاءِ هو هندو واپاري پاڻ مختلف ملڪن ۾ وڃي گهٽ اگهہ تي گهڻو مال وٺي آيو ٿي. بهرحال سني دڪانداري لاءِ ڪئين اٽڪلون سٽڪلون آهن جيڪي هو پشت بہ پشت پنهنجن وڏن کان سکن ٿا، جيڪي پڻ بزنيس ۾ ماهر هئا. هنن کي گراهڪن سان ميناج سان ڳالهائڻ جا طريقا اچن ٿا. ائين ناهي تہ ڪو اسان جي ملڪ جو ڪامورو جنهن سڄي عمر بين سان رعب سان ڳالهايو، اهو رٽائرڊ ٿيڻ تي ڪو دڪان کولي ويهي ۽ هو گراهڪ کي باس سمجهڻ بدران اجا تائين پاڻ کي ئي باس سمجهندو رهي. اهڙا ڪيترا بيوروڪريٽ منهنجي نظرن ۾ آهن جن رشوت جو خوب پئسو ناهيو ۽ پوءِ پڪڙ ڌڪڙ جي خوف کان پنهنجو ملڪ ڇڏي دبئي يا آمريڪا ۾ ڪو دڪان، ڪا اسٽيٽ يا ٽريول ايجنسي کولي، پر هو هلي نہ سگهيا. ڪيترا ماڻهو اهو سمجهن ٿا تہ پئسو اچي وڃي تہ بس پوءِ ڪو نہ ڪو بزنيس ڪري سگهجي ٿو ۽ زندگي آرام سان گذرندي رهڻ کپي پر ائين ناهي. بنا عقل، بنا بزنيس جي ڄاڻ، بنا تجربي ۽ بنا بخت جي، فقط پئسو ڪجهہ نہ آهي ۽ واپار ۾ آرام نہ پر سخت محنت ۽ پريشاني آهي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ هڪ پگهار کڻڻ وارو واپار جي ڪمن کان بہ خبر هجڻ ڪري هو ائين ئي سمجهي ٿو.

مونکي ياد ٿو اچي تہ اڄ کان ڏهہ ٻارنهن سال اڳ پاڪستان جي ڪجهہ بئنڪن ۽ بين ادارن پاڻ وٽ پگهار دارن جو تعداد گهٽائڻ لاءِ گولڊن هئنڊ شيڪ اسڪيم ڪڍي هئي جنهن ۾ نوڪري ڇڏيندڙن کي پنج ڇهہ لک ڏئي فارغ ڪيو ٿي ويو. اسان جي ڪيترن سنڌي مسلمان آفيسرن ۽ ڪلارڪن شايد سنڌي هندن کي يا ڪجهہ شيخ ۽ ميمڻ واپارين کي خوشحال ڏسي پنهنجو سيڏي جو دڪان يا ٽريول ايجنسي، اسٽيٽ ايجنسي جهڙو ڌنڌو شروع ڪري گهڻو پئسو ڪمائڻ جي

خوابن ۾ پنهنجيون نوڪريون ڇڏي ڏنيون. بزنيس جي ڄاڻ يا پهرين جو تجربو نه هجڻ ڪري هو ويچارا سال ٻن اندر سمورو پئسو چٽ ڪري پهرين کان وڌيڪ غريب ٿي ويا.

اڄ ڪلهه اهو دورو وري اڪين اڳيان ڦري رهيو آهي جڏهن اسان جا ماڻهو.... خاص ڪري رشوتي آفيسر يا وڏيرا، سياستدان يا اهي جيڪي پنهنجي ملڪ جي سماجي ۽ معاشي حالتن کان مايوس ٿي پيا آهن اهي پنهنجو پئسو ڪٽي ملائيشيا ۾ بزنيس لاءِ اچن ٿا. اڄ کان چاليهه پنجاهه سال اڳ جڏهن آئون 1968ع ۾ پهريون دفعو ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ آيس ته هنن ملڪن جي مقابلي ۾ اسان جو ملڪ الائي ڇا هيو ۽ اسان ڪنڌ مٿانهون ڪري هلندا هئاسين.... تعليم ۾، جهازراني ۾، عمارت سازي ۾، معاشي ترقي ۾.... اسان جي ملڪ جي مقابلي ۾ ملائيشيا جهڙا ملڪ مسڪين هئا. سنگاپور، ٿائلنڊ، انڊونيشيا وينڌي هانگ ڪانگ ۽ ڪوريا جي حالت ته بيحد خراب هئي پر پوءِ پهرين جپان ان بعد سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۽ انهن کي ڏسي ملائيشيا ۽ ٿائلنڊ جهڙا ملڪ به ڳالهه سمجهي ويا ته ملڪ جي ترقيءَ لاءِ فقط ٻه چار معمولي شيون ضروري آهن. پوليس ۽ انصاف جو ڪاتو صحيح رکجي جيئن ملڪ ۾ امن امان ۽ انصاف رهي ۽ مڪاني توڙي ڌاريا ماڻهو سڪون محسوس ڪن ۽ ڪاروبار قائم رهي ته جيئن ڌارين ملڪن جا ماڻهو به پنهنجي ملڪ ۾ پئسو سيڙائڻ يا بئنڪن ۾ رکڻ بدران هيڏانهن اچن ۽ ٻيو زور تعليم تي ڏجي جيئن ملڪ جو ٻچو ٻچو پڙهيل ڳڙهيل ٿي وڃي. ۽ هاڻ نتيجو اسان جي سامهون آهي. 1980ع تائين به ڪنهن کي خواب خيال ۾ نه هو ته ملائيشيا، سنگاپور ۽ ٿائلنڊ جهڙا ملڪ يورپ جهڙا ٿي پوندا. اڄ تعليم توڙي واپار وڙي لاءِ هر ڪو هنن ملڪن جو رخ رکي ٿو. ۽ هي ملڪ ڌارين کي اهو ئي چون ٿا ته اچو اچي پاڻ به پئسو ڪمايو اسان کي به سکيو بڻايو. ۽ اسانجا ڪيترائي ڌاڙيل جن اغوا ۽ ڌاڙن ذريعي پئسو ڪمايو آهي يا سياستدان جن ترقياتي ڪمن جو پئسو کاڌو يا نوڪريون وڪڻي پئسو حاصل ڪيو يا سرڪاري ڪامورا جن رشوتن ذريعي مال ناهيو اهي ڦُرَ جو پئسو ڪٽي هِتي ملائيشيا ۾ بزنيس لاءِ پهچن ٿا. پر آئون ڏسان پيو ته هِتي چينين ۽ انڊين سان مقابلي ۾ ڪو ورلي ڪامياب وڃي ٿو نه ته اسان جا گهڻا تڻا پنهنجي پينگ ڪري ويهن ٿا.

ويجهڙائيءَ ۾ هڪ همراهه ڪروڙها رپيا خرچ ڪري ملائيشيا ۾ زمين ونئي ان تي پيٽرول پمپ ۽ دڪان کوليو پر جيڪي هن خواب ڏٺا اهي پورا نه ٿي سگهيس، يعني نه هليس ۽ پينگ ٿي ويس نيٺ پيچي جان ڇڏايائين. ملائيشيا جي حڪومت کي فائدو ئي فائدو جو هڪ غير ملڪيءَ اچي هنن جي زمين ناهي، پئسو لڳايو ۽ مڪاني ماڻهن لاءِ روزگار پيدا ڪيو.

هي بزنيس جي ڳالهه ان ڪري ڪيڏي وينو آهيان جو ڪالهه سنڌ جي هڪ شهر جي خاتون جيڪا ڪنهن ڪاليج ۾ پروفيسر آهي ان جو فون آيو ته هوءَ ۽ هن جو مڙس جيڪو پڻ ڪنهن سرڪاري اداري ۾ آهي، اهي نوڪريون ڇڏي سمورو پئسو ڪٽي ملائيشيا ۾ ڪو دڪان کولڻ ٿا

چاهين ۽ پنهنجن ٻن ٻارن کي جيکي انين ۽ نائين ڪلاس ۾ پڙهن ٿا انهن کي ملائيشيا ۾ پڙهائڻ چاهين ٿا.
مون کين صلاح ڏني ته جيڪڏهن هنن کي بزنيس جو تجربو نه آهي ته پوءِ هڪ ڌارئين ملڪ ۾ اچي هڪ نئين شيءِ شروع ڪرڻ اجائي آهي. ان کان پنهنجي ملڪ ۾ جيڪو ڪم ڪريو پيا ان سان ئي رهو جو توهان کي ان جي ڄاڻ ۽ تجربو آهي. ها، هنن ٻڌايو ته هنن وٽ ستر اسي لک رپيا آهن. ۽ هنن انٽرنيٽ تي ڏٺو آهي ته ڪوالالمپور ۾ ڪيترائي ننڍا ننڍا دڪان سٺ ستر لک رپين جيترن ڊالرن ۾ مليو وڃن ۽ دڪان وڪرائي ڏيڻ وارو اتي جو ايجنٽ ٿي سيڪڙو ڪميشن ٿو وٺي.
مون هنن کي سمجهايو ته ايجنٽ کي ته پنهنجي ڪميشن سان واسطو، اهو ضرور دڪان وڪرائي ڏيندو پر پوءِ توهان ان دڪان کي ڪيئن هلائي سگهندئو؟ پنهنجو ملڪ ته نه آهي جنهن ۾ دڪان وٺي سامان رکي وڪرو شروع ڪري ڏجي. ڌارئين ملڪ ۾ رهڻ لاءِ خاص ڪري ڌنڌو ڌاڙي ڪرڻ لاءِ ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي هنن قاعدا ناهيا آهن اهي سڀ انهن جي فائدي لاءِ آهن. هڪ ته دڪان، هوٽل يا ڌنڌو شروع ڪرڻ لاءِ توهان کي ڳريون فيون ڏئي ڀرين ڪمپني ناهڻي پوندي. پوءِ ان دڪان، هوٽل يا ڌنڌي ۾ ٻه يا ٽن مڪاني ماڻهن کي روزگار ڏيڻو پوندو يعني توهانجو دڪان هلي يا نه هلي پر هنن کي ڳرا پگهار، طبي سهولتون ۽ ٻيا فائدا ڏيڻا پوندا. ان بعد حڪومت فقط توهان کي ۽ توهان جي مڙس کي رهڻ ڏيندي. ٻارن کي هرگز نه. ٻارن کي اسڪول يا ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ تي رهڻ جي اجازت ڏيندا پر توهان جا ٻار جن ڪلاسن ۾ آهن انهن ۾ هنن کي سنڌي ۽ اڙدو سبجيڪٽن وانگر ملئي يا چيني زبان ۽ اگاما (مذهب) جو ملئي زبان ۾ سبجيڪٽ ڪٽڻ لازمي آهي. جيڪو ڀرين ڪلاس کان پڙهڻ ته سولو آهي پر ستين ۽ انين ڪلاس ۾ ڊئريڪٽ اچڻ واري لاءِ بيحد مشڪل آهي.

# ملائيشيا جي سيڪنڊ هوم اسڪيم

ڌارين ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ رهائڻ جي جيڪا ملائيشيا وارن "سيڪنڊ هوم اسڪيم" ڪڍي آهي ان بابت منهنجا ڪيترائي پڙهندڙ ۽ ڄاڻ سڃاڻ وارا پڇندا رهن ٿا. اسان جهڙن ملڪن ۾ هڪ طرف شريف ماڻهو پنهنجي ملڪ جي امن امان جي حالت خراب هجڻ ڪري ۽ هنن جي زندگي خوف ۽ پريشاني ۾ گذرڻ ڪري، ۽ ٻي طرف ڏوهاري قسم جا ماڻهو، خاص ڪري اسانجا رشوت خور ڪامورا جن کي ڄڌهن گرفتار ٿيڻ جو خوف ورائي ٿو ته هو ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڃي رهڻ جو سوچين ٿا. ان ڪان علاوه اهي ماڻهو پڻ جيڪي ايماندار آهن ۽ هنن محنت ڪري حق حلال جي پورهئي يا ڏنتي مان پئسو ڪمايو آهي پر ملڪ جا دهشگرد يا پتي خور هنن کي وڏڻ ويجهڻ بدران هنن جي زندگي عذاب ڪن ٿا ۽ ٽي طرف ڪيترا غير مسلم جن سان اسانجي ملڪ ۾ پوليس توڙي عوام باهه ٻاري ڏئي ٿو ته پوءِ هو نيٺ پنهنجو وطن ڇڏي پرائي ڏيهه وڃڻ جو سوچين ٿا. جيتوڻيڪ بقول ملائيشيا جي اڳوڻي وزير اعظم جي هر ملڪ جي عوام کي پنهنجن اهڙن ماڻهن جي عزت ڪرڻ کپي، جيڪي پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان ڪاروبار ۾ وڌي رهيا آهن ڇو جو هنن جي لڳايل ڪارخانن ۽ فئڪٽرين ڪري ٻين کي به روزگار ملي ٿو ۽ سندن ڏنل ٽئڪسن مان ملڪ جا اسڪول ۽ اسپتالون هلن ٿيون، روڊ ۽ رستا ٺهن ٿا. اهوئي سبب آهي جو انڊيا جهڙا ملڪ امير ٿي رهيا آهن جو اتي سکون ۽ سهولتن هجڻ ڪري ٽاٽا، گودريج، واديا، امباني، برلا ۽ والچند جهڙيون فئمليون وجن ڪارخانا ۽ فئڪٽريون وڌائينديون. پارسي، عيسائي، يهودي ۽ سنڌي هندن جهڙا ماڻهو وتن غريب عوام لاءِ مفت جا اسڪول، اسپتالون، پارڪ ۽ رهائشي گهر ٺهرائيندا ۽ خير خيرات ڪندا. اسان وٽ NED يونيورسٽي، ڏيارام جيٺمل (ڊي جي) سائنس ڪاليج، آغا خان يونيورسٽيون ناهڻ وارن پارسين، هندن، بوهرين، آغا خانين، قاديانين ۽ شيعن کي به ستايو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اسان وٽ جيڪي يهودي ۽ سک رهن ٿا حڪومت کي انهن جو به خيال رکڻ کپي جو هو به هن ملڪ جا شهري آهن. پر اسان ماڳهين هنن جا عبادت گهر به ڊاهيو ڇڏيون.

پوءِ اسان وٽ اهڙي گهٽيل ۽ خوف جي فضا ۾ هر هڪ ماڻهو مجبور ٿي وطن ڇڏڻ جو سوچي ٿو. پر يارو! اهو ٻڌايو ته آهي ڪو اهڙو ملڪ جيڪو اسان پاڪستانين کي رهڻ ڏئي؟ هميشه لاءِ رهڻ ته ڇا پر ڪجهه ڏينهن جي گهمڻ لاءِ ويزا به هر ملڪ ستائي ستائي پوءِ اسانکي ڏئي ٿو. اهو فقط ان ڪري جو اڄ اسانجو ملڪ ۽ ان جا ماڻهو بدنام ٿي پيا آهن جن ڪان ڌاريان ملڪ خوف ڪائين ٿا ته متان اسان هنن جي ملڪ ۾ وڃي ڦڏو فساد ڪريون.... ڪنهن پڙهندڙ فون ڪيو ته "سائين هاڻ منهنجي دل هن ملڪ ۾ رهڻ تي نٿي چوي. مهرباني ڪري ٻڌائيندا ته رهڻ لاءِ ڪهڙو ملڪ سنو ٿيندو؟"

هن جي ڳالهه ٻڌي مونکي حيرت تي ته هو ڪهڙي سن جي ڳالهه پيو ڪري. ڪو زمانو هو 1967ع تائين جو اسان پاڪستانين کي ايران يا ترڪي ۾ وڃڻ لاءِ ويزا ته ڇا پاسپورٽ جي به ضرورت نه هئي. اچڻ وڃڻ جي سهولت لاءِ ۽ هوائي جهاز جو ڳرو ڀاڙو بچائڻ لاءِ ڪراچي کان انقره (ترڪي) تائين روڊ ناهيو ويو هو جيڪو ايران جي شهرن زاهدان، تهران ۽ تبريز مان ٿيندو انقره ۽ استنبول تائين تي ويو ۽ ان روڊ جو نالو RCD روڊ رکيو ويو هو . ملائيشيا سنگاپور ۽ ٿائلنڊ جهڙن ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ ته 1990ع تائين ويزا جي به ضرورت نه هئي. اهڙي طرح 1981ع تائين جپان وڃڻ لاءِ به ويزا جي ضرورت نه هئي. رڳو ٽڪيٽ وٺي جهاز ۾ چڙهڻو پوندو هو. بئنڪاڪ، ڪوالالمپور يا ٽوڪيو ايئرپورٽ تي لهڻ سان ٽن مهينن جي ويزا جو ٺپو پاسپورٽ تي لڳي ويندو هو. پر هاڻ اهو حال آهي جو هر ملڪ جي ويزا لاءِ جهڙ پٽڙا پون ٿا پوءِ ڪو مس مس مهيني جي گهمڻ جي ويزا ملي ٿي. هو ڇا شاهه لطيف سسئي واتان چورايو آهي ته:

اڳي ائين هئاس جو پنهون ڏوتم ڪپڙا
هاڻ ائين ٿياس جو جَت نه نِپن پاڻ سين

اهو شايد پهرين به لکي چڪو آهيان ته گذريل سال ڪوالالمپور پهچي ايئرپورٽ کان نڪري رهيو هوس ته ڪسٽم واري مونکي اشارو ڪري ترسڻ ۽ بئگ چيڪ ڪرائڻ لاءِ چيو. سامان چيڪ ڪري بس ڪيائين ته ٿئنڪ يو چئي وڃڻ لاءِ اجازت ڏنائين ته مون ملئي زبان ۾ چيس ته ”تون شايد منهنجي ڏاڙهي ڏسي شڪيو آهين؟“ وراڻيائين ”نه. سائو پاسپورٽ ڏسي.“
ان تي چيومانس ”پاڪستان کي تو اهڙو سمجهيو آهي ڇا؟ توهانجي ملڪ جي ايئر لائين، شپنگ ۽ ٻيا ڪيترا ادارا اسان پاڪستانين ناهيا. مون پاڻ هڪ ٽيچر جي حيثيت ۾ توهان جي ملڪ ۾ ڏهه سال پڙهايو آهي. هينئر به توهان جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ليڪچر ڏيڻ آيو آهيان.“

ڏک جا آثار هن جي چهري تي صاف ظاهر ٿيا ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري رازدارانه انداز ۾ چيائين.
”سر! ڇا ڪريون مٿان آرڊر آيل آهن ته پاڪستاني ڪٽي ڪو پوڙهو هجي يا عورت ذات، هن جو سامان چڱي طرح چيڪ ڪندا ڪريو.“

دل ۾ مون چيو ته واقعي هن جو ڪهڙو ڏوهه، اسان جا پوڙها به ڏوهه ڪرڻ کان نٿا مڙن ۽ حج يا عمري تي ويندڙ عورتون به چرس پيون اسمگل ڪن.

سو جڏهن فون ڪندڙ مونکان پڇيو ته ”ڪهڙو ملڪ هن لاءِ سنو رهندو جتي هو وڃي رهي.“ ته مون به ٺهه پهه وراڻيس ته ”ادا دنيا جي گولي تي آهي ڪو ملڪ جيڪو اڄ اسان کي پاڻ وٽ رهڻ ڏي. بنگلاديش، انڊيا، برما ۽ نيپال جهڙو ڪو ملڪ به اسان کي سنڌن ملڪ ۾ گهڙڻ نٿو ڏئي.“

بهرحال ملائيشيا وارن ڌارين کي پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ ڪافي عرصي کان ”Second Home“ جي نالي سان هڪ اسڪيم شروع ڪئي آهي. اها اسڪيم هنن ڪا اسانجي پلي يا سِڪَ لاءِ نه ناهي آهي ته اسان پاڪستاني اچي رهون پر پنهنجي فائدي لاءِ ايجاد ڪئي آهي. هونءَ ملئي ماڻهو ڏسڻ ۾ يا هڪ به دفعو ملڻ ۾ لڳندو ته هو ڪي اسان جي ڳوناڻن وانگر سادا سودا ۽ گهٽ عقل وارا آهن پر هو، توڙي سندن حڪومت وڏي گهري سوچ رکي ٿي. هنن لاءِ پنهنجي قوم ۽ پنهنجو ملڪ سڀ ۾ اهم آهي. هِتي ”قوم“ سان منهنجو مطلب فقط ملئي مسلمان نه پر ملائيشيا جو هر شهري توڙي ڪٽي هو چيني هجي يا تامل، سک هجي يا ڪرسچن، پارسي، ٻڌ.... ڌارئين ملڪ جي مسلمان، عرب توڙي انگريز يا آمريڪن کان به اهم آهي. هو ڌارئين ماڻهوءَ کي پنهنجي ملڪ جو پاسپورٽ (يعني شهريت) ته ڇا پي آر (Permanent Residency) يعني هميشه لاءِ رهڻ لاءِ پاس ڏيندي به ڪيٻائين ٿا. باقي اهو چاهين ٿا ته ٻين ملڪن جا امير ماڻهو سندن ملڪ ۾ ٿوري عرصي لاءِ گهمڻ ضرور اچن جيئن هو ٽوئرسٽ انڊسٽريءَ مان ڪمائي سگهن. اهڙي طرح هن ”سيڪنڊ هوم اسڪيم“ ۾ به هنن جي ماڻهن ۽ حڪومت جو وڏو فائدو آهي جو هو ان طريقي ذريعي ٻاهرن جو پئسو پنهنجي ملڪ ۾ ڇڪيو وٺن.

ملائيشيا حڪومت اهو سو ڪم ڪيو آهي جو سنگاپور ۽ جپان جهڙن ملڪن کي ڏسي ڏسي هنن وانگر پنهنجي ملڪ ۾ ڪافي حد تائين امن امان ۽ انصاف قائم ڪيو آهي جنهن ڪري هڪ ڌاريون ماڻهو ملائيشيا اچي سڪون محسوس ڪري ٿو ۽ هن جي دل چوي ٿي ته هِتي رهي پوان. پر ملائيشيا وارن اٽڪل ڪري اهڙو طريقو ڪڍيو آهي جو فقط امير ماڻهو سندن ملڪ ۾ اچي سگهن ٿا. هنن هيءَ اسڪيم ناهي ته يورپ، آمريڪا ۽ امير عرب ملڪن لاءِ آهي پر ڪو يمن، پاڪستان يا آفريڪا جي ڪنهن ننگ ملڪ جو ماڻهو اچڻ چاهي ته اهو به اچي سگهي ٿو.... بس پئسو سو جام هُجيس.... پوءِ اهو پئسو هن پنهنجي ملڪ ۾ پلي ڌاڙا هڻي ڪمايو هجي يا رشوت ذريعي.

ماڻهو ته سمجهن ٿا ته ملائيشيا وارا ”سيڪنڊ هوم“ ٿا آفر ڪن.... يعني هڪ گهر توهانجو ملڪ آهي ته ٻيو گهر توهان ملائيشيا کي سمجهو جنهن لاءِ هو ملائيشيا جو پاسپورٽ ڏيندا هوندا پر ائين هرگز ناهي. هو توهان کي نه شناختي ڪارڊ ڏين ٿا ۽ نه وري پاسپورٽ.... بس توهانجي پنهنجي ملڪ جي پاسپورٽ تي ڏهن سالن جي ويزا جو ٺپو هڻي ڏين ٿا.... يعني توهان ڏهن سالن لاءِ ملائيشيا ۾ اچي وڃي سگهو ٿا ۽ ملائيشيا ۾ پنهنجو گهر به وٺي سگهو ٿا. پر ائين ناهي ته اِهو

گهر توهان ڪنهن ڳوٺ يا سمنڊ ڪناري ڏهين ويهين لک جو وٺي سگهو ٿا. هرگز نه. هر فارينر فقط اهو گهر وٺي سگهي ٿو جنهن جي قيمت پاڪستاني رپين ۾ ڏيڍ ڪروڙ يا ان کان مٿي هجي. يعني اهو فائدو به ملائيشيا وارن کي ٿيو. هو پنهنجي جهنگلن وارا علائقا صاف ڪري اتي انهن جون ڪمپنيون فليٽ ناهيو مهانگا وڪڻن ٿيون.ان ڳالهه ۾ به هنن جي ماڻهو جو فائدو ٿئي ٿو ۽ ملائيشيا ۾ رهڻ جو ڌاريون شوقين ڦرجيو وڃي. گهر/فليٽ خريد ڪرڻ بعد هو هن ۾ سڄو سال رهي يا نه رهي پر هر سال ميونسپالٽي جو ٽئڪس هڪ طرف ڏيڻو اٿس ته ٻئي طرف هر مهيني ان فليٽ جو Maintenance چارجز الڳ ڏيڻيون اٿس جيڪي تمام ڳريون ٿين ٿيون. ان کان علاوه ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ چوويهه ئي ڪلاڪ بجلي ۽ پاڻي ته اچي ٿو پر چا ڳريون انهن جون چارجز آهن! اسان وٽ ته سئي گئس جڻ مفت ۾ آهي پر ملائيشيا ۾ گئس نه هجڻ ڪري سلينڊر خريد ڪرڻا پون ٿا جيڪي بيحد مهانگا آهن. ڪو زمانو هو..... 1990ع تائين به ملائيشيا ۾ کاڌي پيتي جون شيون سستيون هيون. ڪي ڪي شيون خاص ڪري مکاني فروٽ: ڪيلا، اناناس، رمبوتان، چڪون، شريفا ۽ مڙيئي ڀاڄيون اسان جي ملڪ کان گهٽيون سستيون هيون پر هاڻ هي ملڪ ماڊرن ٿيو آهي هر شيءِ جي قيمت آسمان سان ڳالهيون ٿي ڪري. اسان جي ڏينهن ۾ نيرن لاءِ ”اڦراتو“ يا ”ناسي ليما“ (ناريل جي کير ۾ رڌل چانورن جي پليٽ) 30 سينٽن ۾ ملي ٿي جيڪو اگهه ان وقت اسان جي ٽن رپين برابر هو جو ملئي رنگٽ اسان جي اٺن نون رپين برابر مس هو. پر هاڻ اهي معمولي شيون به ڏيڍ رنگٽ (ملئي ڊالر) ۾ ملن ٿيون يعني اسان جي 42 رپين برابر ٿيو جو اسانجو رپيو ايترو ڪري پيو آهي جو 36 رپين ۾ هڪ رنگٽ ملي ٿو. يعني اسان جي ناڻي جو قدر ڪرڻ ڪري اسان کي ٻاهرن ملڪن ۾ هر شيءِ مهانگي پوي ٿي. دبئي، سعودي عرب، انگلنڊ ۽ يورپ جهڙن ملڪن ۾ ته اسان لاءِ هر شيءِ اجان به مهانگي آهي.

هاڻ اچو ان ڳالهه تي ته ملائيشيا وارن سيڪنڊ هوم اسڪيم لاءِ ڌارين تي ڪهڙا شرط رکيا آهن. هڪ ته 50 سالن کان وڏي عمر واري لاءِ ملائيشيا جي بئنڪ ۾ ستر لک رپيا کن فڪس ڊپازٽ ۾ رکڻا آهن جن جو اڌ هڪ سال بعد ڪڍي سگهي ٿو باقي اڌ بئنڪ ۾ رهندو جيسين هو ويزا ڪئنسل ڪرائي يا 10 سال پورا ڪري جنهن ملڪ کان آيو هجي اوڏانهن روانو ٿئي. ان کان علاوه هن کي پنهنجي ملڪ جي بئنڪ ۾ پنهنجي اڪائونٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ سال کان رکيل هڪ ڪروڙ رپين جي statement ڏيڪارڻي آهي. ان کان علاوه ٽيون شرط اهو آهي ته هن جو پنهنجي ملڪ يا ڪنهن ٻئي ۾ ڪو اهڙو ڪاروبار هجي يا ڪو مائٽ مٽ هجي جيڪو هن کي خرچ پکي لاءِ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽي لک رپيا ملائيشيا ۾ موڪليندو رهي. ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي ننڍا ننڍا شرط آهن جيئن ته ملائيشيا ۾ سيڪنڊ هوم وٺڻ واري کي ملائيشيا ۾ رهڻ دوران ڪو به

ڪاروبار يا نوڪري ڪرڻي ناهي. هن جا فقط 18 سالن کان ننڍيا ٻار هن سان گڏ رهي سگهن ٿا.... وغيره وغيره. هاڻ ڏسو ته هر طرف ملائيشيا جي ڪمائي ۽ ڪمائي آهي ۽ اسان جهڙن ملڪن جا ماڻهو جنهن سڪون لاءِ پنهنجو وطن ڇڏين ٿا اهو سڪون جي هنن کي پنهنجي ملڪ ۾ مهيا ٿي ملي ته ڇو هو ايڏو خرچ ۽ خواري برداشت ڪري ملائيشيا جهڙي ملڪ ۾ اچن.

**Regional Cooperation for Development** (RCD) was a multi-governmental organization which was originally established in 1964 by Iran, Pakistan and Turkey to allow socio-economic development of the member states. In 1979, this organization was dissolved. It was replaced by Economic Cooperation Organization (ECO) in 1985. Seven new members were added Afghanistan,Kazakhstan, Kyrgyzstan, Uzbekistan, Tajikistan, Turkmenistan and Azerbaijan.

# Missing You a Lot ♦♦♦♦

خبر ناهي تہ ڪمپيوٽر تي فيس بڪ ڪڏهن کان شروع ٿيو پر گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ ست سال اڳ تائين، جڏهن آئون هڪ شيعا زائرين جي قافلي سان گڏ ڪراچيءَ کان مشهد پهتس تہ Facebook کان اڻ واقف هوس. رات جي ماني بعد هوٽل جي لائونج ۾ پنهنجي قافلي جي ماڻهن جون تصويرون ڪڍي رهيو هوس تہ منهنجي ٽولي ۾ موجود ڪراچي جي هڪ ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردياڻي ۽ ان جي پر ۾ ويٺل هڪ ٻي خاتون جنهن بعد ۾ ٻڌايو تہ هوءَ ڪراچيءَ جي ڪنهن بئنڪ جي مئنيجر آهي تن مونکان آهستي پڇيو تہ هي فوٽو "فيس بڪ" تي ڏينداءُ؟

دل ۾ سوچيم تہ الائي ڪهڙي بڪ جي ڳالھ پيون ڪن.

"نہ آئون پنهنجي بڪ ۾ ڏيندس." مون کين وراڻيو. هن پڪ مونکي بيوقوف سمجھيو هوندو جو هو ٻئي منهن تي ڪاري چادر ڏئي ڪلڻ لڳيون. ڪراچي ايئر پورٽ تي تہ هو sleeveless قميصن ۾ ڪافي سمارٽ لڳي رهيو هيون ۽ جهاز ۾ چڙهڻ لاءِ سڌ تيڻ تائين سمورو وقت ڪمپيوٽر تي ويٺيون هيون يا سامهون وارن دڪانن تان ڪڏهن ڪافي ٽي وٺي آيون تہ ڪڏهن peanuts جي ٿيلهي. تهران جي امام خميني ايئرپورٽ تي لهڻ شرط هنن بہ ٻين وانگر ڪٽي ڪاري چادر اوڍي ۽ بيبي بختاور ٻڌجي ويون. بهرحال هڪ ئي ٽولي ۾ هجڻ ڪري ۽ هر هنڌ گڏ گڏ هلڻ، ڪائڻ پيئڻ ۽ گهمڻ ڪري اسان جي گروپ جي ماڻهن جي ڏينهن ٻن ۾ هڪ ٻي سان سٺي انڊر اسٽئنڊنگ ۽ دوستي ٿي وئي ۽ بعد ۾ پوءِ هنن ئي مونکي فيس بڪ بابت ٻڌايو ۽ تعارف ڪرايو تہ اهو دوستن ۽ سڄاڻن جو هڪ سوشل نيٽ ورڪ آهي. پر ان کان بہ ڏينهن اڳ بہ مشهد جي هڪ ايراني فيمليءَ کان ان بابت ٻڌم. جن سان گڏ پڻ فوٽو ڪيرائڻ تي ان فئملي جي خواتين مونکان ساڳيو سوال ڪيو تہ آئون وائڙو ٿي ويو هوس. جواب نہ ڏيڻ ۽ مونکي منجهيل ڏسي گهر جي وڏيءَ چيو تہ ڇوڪريون ان ڪري اهو سوال ڪري رهيون آهن تہ جي اهي فوٽو فيس بڪ تي ڏيو ٿا تہ هو مٿي ڪي ڏڪين ۽ پنهنجي چوڏاري چڱي طرح چادر اوڍين.

ان بابت آئون پنهنجي ايراني سفرنامي "ايران ڏي اڏام" ۾ بہ لکي چڪو آهيان تہ ايران هڪ بيحد لبرل ملڪ آهي جنهن ۾ عورتون ڪو گهر ۾ قيد ٿيل نہ آهن. ايران جي پڳڙي وارن ملن کي بہ تصوير لاءِ چيم ٿي تہ هنن يڪدم هائوڪار ڪئي ٿي. مون سمجھيو ٿي تہ ايران جون عورتون تہ تصوير ٻنهہ نہ ڪيرائينديون هونديون پر مونکي تہ ڪنهن بہ انڪار نہ ڪيو. فقط اهو چونديون هيون، سو بہ ڪي ڪي، تہ اسانکي چادر اوڍڻ ڏئي پوءِ پلي تون اسانجو فوٽو پنهنجي مضمون سان گڏ اخبار يا ڪنهن ڪِتاب ۾ ڏي!

ايران بابت بي ڳالھ جيڪا مون ايران واري سفرنامي سان گڏ سئيڊن وارن سفرنامن ۾ بہ لکي آهي تہ ايراني ڪمپيوٽر سائنس ۽ IT جھڙين شين ۾ اسان کان گھڻو گھڻو اڳ آهن. آئون سئيڊن ۾ جڏهن پڙهندو هوس تہ منهنجا ايراني ڪلاس ميٽ ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ يورپين جو مقابلو ڪندا هئا. اسان جي عرب ملڪن ۾ ايئرپورٽن تي ڏسندو آهيان تہ انچارج عرب آفيسر هڪ آڱر سان ڪمپيوٽر تي ٺونگا هڻي آيل مسافرن جو اندراج پيا ڪندا. توري ڳالھ تي منجھي پوندا ۽ ڪورين ٽيڪنيشين کي پيا سڏ ڪندا تہ ڪمپيوٽر اچي ٺيڪ ڪري ڏي (تيسين مسافرن جو قطارن ۾ بيھي بيھي ساهہ پيو نڪرندو آهي تہ چو دبئي آياسين  يا چو دمام آياسين) ۽ هوڏانهن تهران کان مشهد، اصفهان، تبريز جي هوائي اڏن تي ايراني اميگريشن، ڪسٽم، پوليس ۽ ايئرپورٽ اٿارٽي جي نوجوان آفيسر عورتن کي وڏي اعتماد سان ڪمپيوٽر تي ڪم ڪندو ڏسي مغربي سياح بہ حيرت ڪائيندا هوندا تہ هي ايران اهو نتو لڳي جنهن بابت ٽائيم ۽ نيوز ويڪ جھڙا رسالا ۽ CNN جھڙا ٽي وي چينل ڪوڙ بدوڙ ٻڌائين ٿا!

بهرحال چڱو جو ايران ويس ۽ فيس بڪ بابت خبر پئي ۽ اندازو لڳايم تہ ان جا نفعا بہ آهن تہ نقصان بہ. آئون Facebook ذريعي ڪراچي، ملاڪا، اوساڪا يا دنيا جي ڪنهن بہ شهرَ ۾ ويهي مختلف شهرن ۽ جهازن تي رهندڙ دوستن، مائٽن عزيزن ۽ شاگردن جي خبرچار لهي سگھان ٿو. ڪيترين ڳالهيون آهن جن کان پنهنجن مضمونن ذريعي پنهنجن پڙهندڙن کي آگاهہ ڪريان ٿو. پر جيستائين ڪو مضمون ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ ڇپجي ان کان اڳ اهو مضمون تصويرن سميت فيس بڪ ۾ ڏيان ٿو ۽ ان ئي وقت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پڙهندڙن تائين پهچيو وڃي. فيس بڪ وارا وڌ ۾ وڌ 5000 دوستن جي اجازت ڏين ٿا، ان ڪري مونکي ٻيو ۽ هاڻ ٽيون اڪائونٽ کولڻو پيو آهي ۽ اهي دوست، پڙهندڙ ۽ شاگرد جيڪي منهنجي انهن ٽن فيس بڪن تي آهن انهن جو تعداد اٽڪل 14000 جي لڳ ڀڳ آهي. يعني ڪو مضمون ”ڪاوش“ اخبار ۾ ڇپجي ٿو تہ اهو هڪ لک کن ماڻهو اخبار ۽ نيٽ ذريعي پڙهن ٿا نہ تہ ٻي صورت ۾ ٻين اخبارن کان وڌيڪَ طاقتور پنهنجو فيس بڪ سمجھان ٿو. ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي تہ دنيا جو شايد ئي ڪو ملڪ ۽ ان جو وڏو شهر هجي جنهن ۾ منهنجو سنڌي يا اڙدو جو ڪالم پڙهندڙ هم وطني نہ هجي. اخبار ۾ منهنجا سفرناما تہ اچن ٿا پر تصويرن جي گنجائش نہ هجڻ ڪري اهي فيس بڪ يا گوگل ۾ هڻي ڇڏيندو آهيان ۽ پڙهندڙ Save ڪري ونندا آهن.

ڪيترا آهن جيڪي فيس بڪ يا انٽرنيٽ جا نقصان بہ ڳڻائين ٿا پر هي شيون بہ ڪِتابن، رسالن ۽ ٽي وي جي چينلن وانگر آهن. اسان تي depend ٿو ڪري تہ ان کي ڪهڙي طرح استعمال ٿا ڪريون. سٺ جي شروع وارن سالن جي ڳالھ تي ياد اچي تہ اسان جي ڳوٺ ۾ اخبار واري نئون نڪتل رسالو ”اخبار جهان“ جو هوڪو ڏنو تہ ان جي ٽائيٽل تي هيڏي وڏي ميڪ اپ واري عورت

جي تصوير ڏسي ڳوٺ جي ملن وڏو اعتراض ڪيو هو. ڪجهه سالن بعد وري ڳوٺ آيس ته ڏٺم ته اهو رسالو ڄڻ ته ڪٿي رکيو آهي. اخبار واري ٻُڌايو ته ان ۾ اندر اسلامي ڳالهيون، رڌ پچاءَ جا طريقا ۽ ٻيون ان قسمَ جون شيون ڏسي مولوين کي پنهنجي راءِ تبديل ڪرڻي پئي. اها ئي حالت T.V سان آهي. ڪيترن ڳوٺن جا مولوي TV کي ڪافر ٿا سمجهن پر اسان جهڙا ڪيترا ماڻهو ٽي وي ٽي ايندڙ مذهبي پروگرام ڏسي اسلام بابت معلومات حاصل ڪن ٿا .... خاص ڪري سمنڊن ٽي يا ولايت جي ملڪن ۾. سئيڊن جهڙن ملڪن ۾ ڪيترن T.V چئنلن تي اگهاڙيون فلمون هلن ٿيون پر آئون ڏسان ٿو ته اتي جا ماڻهو ننڍي هوندي ئي ٻارن کي سيکارين ٿا ته ڪهڙا چئنل ڏسجن ڪهڙا نه. جيئن ڪمپيوٽر آهي. اهو ته ٽي وي کان به خطرناڪ آهي پر صحيح والدين پنهنجي ٻارن کي شروع کان ئي ان جي آگاهي ڏين ٿا ته ڪهڙيون sites بداخلاق آهن، جن کان پاسو ڪجي. رڳو ائين چوڻ ته ڪمپيوٽر ڪافراڻي شيءِ آهي غلط ٿيندو. چو جو ڪمپيوٽر ته سنيون، اخلاقي ۽ معلوماتي شيون به مهيا ڪري ٿو ۽ سعودي عرب توڙي ايران جي هر تعليمي اداري ۽ هر مدرسي ۽ گهر ۾ ڪمپيوٽر موجود آهي.

پر چا آهي جو اسان جي ملڪ ۾ انهن شين جو غلط استعمال به ماڻهن کي بد دل ڪري وڌو آهي. فيس بڪ جهڙن سوشل ميڊيا جون خرابيون پنهنجي جاءِ تي پر بقول پاڪستان جي مشهوراخبار ۽ ٽي وي رپورٽر عاجز جمالي جي سماج ۾ رهندڙ ماڻهن کي آزاديءَ سان پنهنجا خيال ٻين ماڻهن سان ونڊڻ (شيئر ڪرڻ) ۾ سولائي ٿي رهي چو ته اخبار يا ٽي وي ۾ ايڏي گنجائش ناهي جو هر ماڻهو خبر ڇپرائي سگهي يا ٽيليفون ذريعي هر دوست يا مائٽ کي پنهنجي غمي يا خوشيءَ کان آگاهه ڪري سگهجي. ۽ نه وري هر هڪ سان دوستي به ڪري سگهي ٿو.

سنجيده ڳالهيون هڪ طرف هِتي پڙهندڙن لاءِ فيس بڪ بابت به چرچا به لکندو هلان جيڪي اڄ ڪلهه تمام عام ٿي پيا آهن ۽ فيس بڪ جي هيڪاندي مشهور ٿيڻ جي عڪاسي ڪن ٿا..... يعني اٺ سال کن اڳ اسان جهڙي گهمندڙ ڦرندڙ ماڻهوءَ کي به فيس بُڪ جي خبر نه هئي پر اڄ ڪلهه ڳوٺ ڳوٺ جو ۽ سوسائِٽي جو هر ماڻهو فيس بڪ کان واقف ٿي چڪو آهي ۽ سندس وندر جون گهڙيون فيس بڪ تي ئي گذرن ٿيون.... چاهي امير هجي يا غريب.

هڪ بيگم صاحبا پنهنجي هونڊا اڪارڊ گاڏي سگنل وٽ بيهاري ته هڪ فقير هٿ ٽنگي ڪانئس خيرات گهرڻ لڳو.

بيگم صاحبا فقير کي غور سان ڏسي، شيشو هيٺ ڪري هن کي چيو : ”لڳي ٿو توکي مون پهرين به ڪٿي ڏٺو آهي!“

فقير مرڪندي نهه پهه وراڻيو: ”بيگم صاحبا! پاڻ ٻئي فيس بڪ فرينڊس ته آهيون.“

اڄ ڪلهه هر هڪ ڪي پنهنجن دوستن يارن جي چرپر جي خبر فيس بڪ جي پهرين خاني status مان پوي ٿي..... ڪنهنجو جهاز اڄ ڪٿي پهتو آهي... ڪڏهن اهو بندرگاهه ڇڏي رهيو آهي.... ڪنهنجي طبيعت ناساز آهي.... ڪٿي ادبي فنڪشن آهي.... وغيره.

هڪ ڏينهن گسائڻ بعد جڏهن ڪم واري ڇوڪري صفائي لاءِ آئي ته بيگم صاحبا ڪاوڙ ڪندي چيس ته جيڪڏهن بيمار ٿي ٿين ته گهٽ ۾ گهٽ اطلاع ته ڪندي ڪر ته آئون انتظار ته نه ڪريان.

ڪم واري ڇوڪريءَ وراڻيس: ”بيگم صاحبا ناراض نه ٿيو. هي جو ڪالهه فيس بڪ تي پنهنجي Status بابت لکيم ته چاق نه آهيان ان ڪري ڪم تي اچي نه سگهنديس.... توهان کي خبر نه پئي ڇا؟ ايتري قدر جو صاحب ته منهنجي ڪمينٽس واري خاني ۾ اهو به لکيو ته : ”او! شَل مِس يُو اي لاٽ“ (Oh! Shall miss you a lot!)

# سنڌ جي عورتن جون شڪايتون.....

حيدرآباد جي هڪ گرلس ڪاليج ۾ ڪئرئر تي ليڪچر ڏنم ته اڄ جي چوڪرين کي انٽر بعد ڪهڙا سبجيڪٽ کڻڻ کپن جن جي اڄ جي دور ۾ پاڪستان توڙي ولايت ۾ demand آهي ۽ اڳتي هلي انهن سبجيڪٽن ۾ گريجوئيشن ڪرڻ وارن کي بهتر نوڪري ملي سگهي ٿي. ليڪچر بعد ڪاليج جون ليڪچرار ۽ پرنسپال مونکي هڪ ڪامن روم ۾ وٺي آيون جِتي هنن چانهه جو بندوبست ڪيو هو. ڪجهه سنڌي ڳالهائيندڙ ماسترياڻيون اخبار ۾ ايندڙ منهنجي ڪالمن جي تعريف ڪرڻ لڳيون. مونکي پنهنجي تعريف بڌي ڏاڍي خوشي ۽ ٿيڙي ٿي ته نه رڳو شاگرد پر پڙهيل ڳڙهيل عورتون به منهنجيون لکٽيون پڙهن ٿيون ۽ پسند به ڪن ٿيون. ان قسم جي همت افزائين تي هر ليکڪ کي لکڻ لاءِ وڌيڪ شوق ۽ شڪتي پيدا ٿئي ٿي.

انهن سنڌي ماسترياڻين ۾ هڪ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ بدران ڏاڍي سني انگريزي لهجي ۾ چيو ته ”سر! مون توهان جو آمريڪا جو سفرنامو ”بخشو لغاريءَ کان بالٽيمور“ ويجهڙائيءَ ۾ پڙهيو آهي. توهان آمريڪا ۾ رهندڙ اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي ڏاڍي تعريف ڪئي آهي....“

واقعي جن جن سان آئون آمريڪا ۾ مليس اهي ماڻهو واڪاڻ جوڳا هئا. مونکي اڄ جي هم وطنين ۽ اڄ کان 40 سالن کن اڳ جي ماڻهن ۾ وڏو فرق نظر آيو. گذريل صدي جي سٺ واري ڏهي جي آخري سالن ۾ جڏهن مون جهاز جي نوڪري شروع ڪئي ۽ جهاز آمريڪا ۽ ڪئناڊا ويندو هو ته ان وقت اتي اسان جي مڊل ڪلاس ۽ لوور مڊل ڪلاس جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ نظر ايندا هئا سي به فقط نيويارڪ، هيوسٽن ۽ لاس اينجلس جهڙن آمريڪا جي وڏن شهرن ۾. ظاهر آهي اسان جي ايشيا جي ملڪن جي ماڻهن لاءِ تعليم توڙي نوڪري ۽ مزدوري لاءِ انگلنڊ ۽ يورپ جا ملڪ بهتر ۽ ويجهو هئا..... هو آمريڪا يعني هڪ ڏورانهين ڏيهه ڏي ڇو وڃن؟ انهن ڏينهن ۾ اسانجا پورهيت يا بيروزگار ماڻهن جي اچڻ بدران اسان جا وڏيرا، رئيس ۽ سردار فصل لهڻ تي پئسو ساڻ کڻي عياشي لاءِ آمريڪا جو رخ رکندا هئا. انهن ڏينهن ۾ ٿائلنڊ وارا مالش گهر ۽ چڪلا اڃان عام نه ٿيا هئا. آمريڪا جي ڪيترن شهرن ۾ اوسي پاسي جي ملڪن ميڪسيڪو، گئاتمالا، پورٽوريڪو جون رنڊيون گنديون جِتي ڪٿي نظر ايندڀون هيون جيئن اڄ ڪلهه دبئي جي هوٽلن ۾ وچ ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي غريب ملڪن جون عورتون جن جا حقوق غير محفوظ آهن نظر اچن ٿيون ۽ اهي اسان جهڙن ملڪن کان آيل وڏيرن، رئيسن ۽ رشوت خور ڪامورن کي تاڙينديون رهن ٿيون. ۽ اسان جا ڪئين ڏسٽا وائسٽا ماڻهو جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ ته شرافت جو لبادو اوڙهيو پيا هلن، ويڪ اينڊ تي عياشي لاءِ دبئي جي ايئرپورٽ تي لهي ٻاهر ٽئڪسي ۾ وهڻ کان اڳ ايئرپورٽ وٽ نهيل ڊيوٽي فري شاپ مان بيئر جو ڪريٽ ۽ وسڪي جي بوتل خريد ڪري هوٽل تي پهچڻ بعد

ڦهريون ڪم ڪنهن ازبڪستاني، ترڪمنستاني يا فلپينو رولاڪ رن جي ڳولا ڪن ٿا. هن ڪان اڳ اسانجا اهي حرام جي پئسي وارا بيوروڪريٽ ۽ سياستدان توڙي هنن عرب ملڪن جا شرابي ڪبابي شيخ، ٿائلنڊ پهچي ويندا هئا. پر هاڻ دبئي وارن پنهنجي ۽ اسانجي حرام مان ڪمايل پئسي وارن عياشن لاءِ ڊڪ ئي ڊڪ ۾ خوب اهي ڪم دبئي ۾ چالو ڪيا آهن جن ۾ حڪومت جي به ٽئڪس ذريعي ڪمائي پئي ٿئي ته ٽوئرسٽن جي آمد به وڌندي وڃي. ساڳي وقت شاپنگ جا مال ۽ دڪان به کلي پيا آهن جِتان اسانجا هي عياش هم وطن موٽڻ وقت پنهنجي ٻارن لاءِ به چار وڳا ۽ رانديڪا خريد ڪري گهر پهچن ٿا جيئن سندن زالن کي شڪ به نه پوي ته سندن رشوت خور مڙس يا وڏيرا حقيقت ۾ دبئي ڇا جي لاءِ ٿا وڃن.

سو آمريڪا ۾ به انهن ڏينهن ۾ روزگار ۽ پئسو ڪمائڻ لاءِ ايترا نه ايندا هئا جيترا پئسو خرچ ڪرڻ ۽ شراب ۽ شباب جو مزو وٺڻ لاءِ ايندا هئا. نيويارڪ جي سڄي ٻائيتالهين گهٽي چڪلن، اگهاڙن ناچ گهرن ۽ Sex فلمن ڪان مشهور هئي جنهن کي فقط هاڻ ڏهه سال اڳ واري ميئر سخت قدم کڻي صحيح بڻايو آهي. بهرحال اڄ ڪلهه اسان جي ملڪ جا نوجوان آمريڪا ۾ اڪيلو گهمڻ لاءِ اچڻ بدران نوڪري ۽ پورهئي لاءِ اچن ٿا سو به فئملي سان گڏ. سخت ڊيوٽي ۽ پورهيا ڪري پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پالين ٿا ۽ مغربي ماحول ۾ رهي ڪري پنهنجي ٻارن جي پڙهائي ۽ اخلاق جو خيال رکن ٿا. ان ڪان علاوه پنهنجي ملڪ ڪان لڏي آيل نون ماڻهن جي پئسي ڏوڪڙ جي معاملي ۾ به مدد ڪن ٿا ۽ پيا به خير جا ڪم ڪن ٿا.

SANA ۽ WSI جهڙيون سوسائِٽيون ناهي مذهبي ۽ ثقافتي جلسا جلوس ڪن ٿا. چندا گڏ ڪري پنهنجي وطن جي غريب شاگردن کي اسڪالرشپون ڏين ٿا ... سنڌ جي ڪيترن ڳوٺن ۾ مسڪينن کي مفت ماني کارائڻ جو بندوبست ڪن ٿا.... ۽ مون آمريڪا ۾ رهندڙ اهڙن هم وطنين جي تعريف ڪئي آهي ۽ اهو سفرنامو پڙهي ان جي حوالي سان هيءَ ماسترياڻي منهنجي ڪيل ان احوال جي ڳالهه ڪري رهي هئي.

”اڄ ڪلهه آمريڪا ۾ رهندڙ اسانجا سنڌي بلڪل تعريف جا لائق آهن.“ مون پنهنجي ڳالهه کي پختو ڪرڻ لاءِ هڪ هڪ لفظ تي زور ڏئي چيو.

”پر سر! اهڙي ڳالهه ناهي“، هن ماسترياڻيءَ مون سان دليلن جي زور تي ڳالهائڻ شروع ڪيو، آمريڪا ۾ رهندڙ اسانجا سنڌي، گهڻي ڀاڱي ضرور سنا هوندا پر انهن ۾ ڪجهه ڪجهه ڪاريون رڍون به آهن جيڪي پنهنجي وطن جي ماڻهن جي مدد ۽ ڀلو ڪرڻ بدران پنهنجي مفاد خاطر پنهنجن سان ئي دوکو ۽ ويساهگهاتي ڪن ٿا....“

آئون سمجهي ويس ته هيءَ محترمه ڏکويل آهي ۽ اها حقيقت به آهي ته ڪو به معاشِرو سؤ سيڪڙو سنو يا صاف سٿرو ٿي نٿو سگهي. مون ته پنهنجي سفرنامي ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ سنڌين

جي تعريف انهن کي ڏسي لکي آهي جيڪي مونکي مليا ۽ اتفاق سان اهي سڀ سٺي طبيعت ۽ بلند اخلاق جا هئا پر ان جو مطلب اهو هرگز نه هجڻ کپي ته آمريڪا ۾ رهندڙ اسانجو يا ڪنهن ٻئي قوم جو هر ماڻهو بااخلاق، پنهنجي اباڻي وطن ۽ ان جي ماڻهن سان حب ۽ پيار رکڻ وارو، ايمانداريءَ سان محنت مزدوري ڪري پيٽ گذر ڪرڻ وارو آهي. هڪ محترمہ ٻڌايو ته هن جي پيڻ جي شادي هڪ اهڙي همراهہ سان ٿي جيڪو آمريڪا ۾ رهيو ٿي ۽ هن جي ڳالهين ۾ اچي هن جي امير والدين پنهنجي ڊاڪٽرياڻي ڌيءَ جي شادي هن سان ڪرائي. شادي بعد خبر پيئي ته هو ڪنهن طريقي سان آمريڪا جو پاسپورٽ هٿ ڪري آمريڪن شهري ته ٿي ويو آهي پر بنهہ ناڪارو نڪمو آهي جنهن ڪان ڪجهه به ڪم نٿو پڄي نه وري ڪو ڪنهن خاص يا ناميار تعليمي اداري مان پڙهيو آهي جنهن جي ڊگري جي زور تي هن کي ڪا نوڪري ملي سگهي. شادي کان اڳ جيڪا مڪڊونالڊ ۽ ڪينٽڪي جهڙن ريسٽورنٽن ۾ ٻئرو ٿي نوڪري ڪري رهيو هو سا به شادي کان پوءِ ڇڏي، هڏ حرام ٿي گهر ۾ ويهي رهيو آهي ۽ زال جي آندل پئسي کي خرچ ڪري هن جي معرفت هر مهيني پنهنجي سهري کان پئسي جي پٽ ڪري رهيو آهي. پئسو نه ملڻ تي زال سان گار گند ۽ هاڻ هٿ به کڻڻ لڳو هو پر زال هيومن رائيٽس اداري معرفت جان بچائي پنهنجي وطن کان اچي نڪتي آهي.

ڳالهہ ٻڌائڻ واري ڪاليج جي ليڪچرار ڪافي غم ۽ غصي ۾ هئي جنهن لاءِ هن وٽ جائز سبب هو. سندس ٻي ليڪچرار ساٿياڻيءَ ٻڌايو ته متينءَ ليڪچرار جي ڊاڪٽرياڻي پيڻ کي ڪيترائي سٺا رشتا مليا ٿي پر هنن آمريڪا جو نالو ٻڌي اهو ئي سمجهيو ته جيڪو ماڻهو آمريڪا ۾ رهي ٿو اهو گهڻو پڙهيل ڳڙهيل ۽ ڪامياب انسان ئي هوندو. ڇو جو اسان جي ملڪ جا پڙهيل ڳڙهيل ۽ قابل ماڻهو ئي آمريڪا وڃن ٿا .... گهٽ ۾ گهٽ شادي کان اڳ تائين هنن جي اهائي سوچ هئي.

اها واقعي حقيقت به آهي ته ناروي سئيڊن جهڙن ملڪن ۾ ته جاهل ڄٽ به گذارو ڪريو وڃن جو اتي بيروزگارن کي به حڪومت طرفان ايترو سوشل (حڪومت طرفان خيرات) مليو وڃي جنهن ۾ هو آرام جي زندگي گذاري سگهن ٿا پر آمريڪا لاءِ چيو وڃي ٿو ته هڪ گهڻو پڙهيل ڳڙهيل يا ايماندار ۽ محنتي پورهيت ئي survive ڪري سگهي ٿو. پر ڇوندا آهن ته پنج ئي آڱريون برابر نه آهن. اسانجا ڪي ٺوٺي ماڻهو به اتي پهچي ويا آهن جيڪي منفي سوچ جا هجڻ ڪري اٽڪلون سٽڪلون ڪندا رهن ٿا ۽ آمريڪا جي نالي کي exploit ڪري پنهنجن کي ئي بيوقوف بنائين ٿا. ڪجهه اهڙا به case ٻڌڻ ۾ آيا آهن جن ۾ آمريڪا ۾ غير قانوني طرح رهڻ وارا اسان جا ماڻهو جيڪي ويزا ختم هجڻ ۽ ٻين ڏوهن ۾ ورتل اتي لڪندا هلن ۽ انهن کي خبر آهي ته هو هڪ دفعو پنهنجي ملڪ پاڪستان ويندا ته هنن کي وري آمريڪا ۾ گهڙڻ نه ڏيندا.... ان قسم جا ماڻهو

پاڪستان ۾ شاديون ۽ سڱ رشتا گولڻ وارين ڪمپنين ذريعي ڪنهن سڪئي ۽ عزت واري گهر مان شادي ڪن ٿا ۽ پوءِ زال کي آمريڪا گهرائڻ بدران پاڻ پنهنجي ديس موٽي اچن ٿا ۽ زال کي پالڻ بدران هن جي مٿي لڳن ٿا. هنن جو واپس نه وڃڻ جو وڏو سبب اهو به آهي جو هنن کان هڪ ته محنت مزدوري نٿي پڄي جيڪا آمريڪا ۾ رهندڙ لاءِ ضروري آهي ۽ ڪيترن سان اهو سبب به لاڳو آهي جو هن آمريڪا يا ڪئناڊا ۾ ڪجهه اهڙا غير قانوني ڪم ڪري وڏا آهن جو هو آمريڪا ڏي موٽڻ کان گهٻرائين ٿا ته متان وٺ پڪڙ نه ٿئي. جيئن خيرپور پاسي جي لاکي صاحب ۽ پيٽارو جي حميد انور جو احوال لکي چڪو آهيان ته هنن سان ڪيئن پنهنجا پاڪستاني بزنيس ۾ دوکو ڪري پوءِ آمريڪا ڇڏي ويا. اهو ضرور آهي جو اهي ماڻهو بيحد تيز آهن. بقول اسان جي هڪ پوليس سان واسطو رکندڙ دوست جي ”هو تيز آهن تڏهن ته آمريڪا ۾ گورن کي به بيوقوف بڻائين ٿا ... ۽ پوءِ پنهنجي وطن ۾ اچي اتي به هو پنهنجيون چال بازيون قائم رکن ٿا.“ ان سلسلي ۾ ماتلي جي هڪ همراهه جو قصو لکي چڪو آهيان ته هو ڳوناٽو ٿي ڪري ڪريڊٽ ڪارڊن ذريعي آمريڪن گورن کي بيوقوف بڻايو.

اسان جي ملڪ جا بيوروڪريٽ (ڪامورا) بيحد هوشيار آهن پر اسان جي مٿين دوست جي چواڻي موجب هي ولائتي پاسپورٽ وارا ديسي نِگ انهن کي به بيوقوف بڻايو ڇڏين. هو خاص ڪري اسان جي رشوت خور ۽ عياش آفيسرن کي پاسو ڏين ٿا ۽ هنن کي آمريڪا توڙي انگلئنڊ ۽ ملائيشيا گهرائڻ ۽ هنن جي رشوت جو پئسو نڪاڻي لڳائڻ جون ڪين هرڪائيندڙ ترڪيبون ٻڌائين ٿا ۽ موٽ ۾ ڪين هنن آفيسرن وٽان ڪيترائي فائدا مليو وڃن. سئيڊن جي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هوس ته منهنجا ڪلاس ميٽ عرب جيڪي پڙهائيءَ ۾ ته ڏڏ هئا پر وڏي هوشياريءَ سان يونيورسٽي جي پروفيسرن کي ڏاتا ڏيندا رهندا هئا ته توهان کي پنهنجي ملڪ ۾ وڏو جاب يا بزنيس ونرائي ٿا ڏيون ۽ اسان جا ڪيترائي يورپي پروفيسر ۽ يونيورسٽي جا آفيسر هنن جي منين منين ڳالهين ۾ اچي هنن جو خيال ڪندا هئا.

نيوجرسي آمريڪا جي ”سريش دلال وڪالت ڪمپني“ جي هڪ وڪيل چيو ته پاڪستان يا ايشيا جي ٻين ملڪن جي ڇوڪرين ۽ والدين کي گهرجي ته ڪنهن آمريڪن ديسي سان رشتو ڳنڍڻ کان اڳ هن جي چڱي طرح پڇا ڳاڇا ضرور ڪرائين ... پوءِ پلي ڪٽي اهو سندن ويجهو مائٽ هجي چو جو آمريڪا ۾ رهندڙ اهي ڇڙا جيڪي ڪافي سال اڪيلي زندگي گذارين ٿا اهي مائٽي مٽي ۽ اخلاق نيڪي جي جذبن کان خالي ٿين ٿا ... هو مادي (materialistic) زندگي جا پوڄاري ٿين ٿا. ڇوڪريءَ کي يا ان جي والدين کي گهٽ ۾ گهٽ اهو ڏسڻ کپي ته هن کي آمريڪا جو پاسپورٽ به آهي يا گرين ڪارڊ به نه اٿس.

اسان جي ملڪ جون ڪيتريون عورتون خاص ڪري گهٽ تعليم يافته، قانون کان اڻ ڄاڻ يا غريب، اهو سوچين ٿيون ته سندن مڙسن ڪي ولايت جي ڪنهن ملڪ جو پاسپورٽ هجڻ ڪري هن ڪي جيڪو وڻي اهو ڪري سگهي ٿو ۽ ان لاءِ سندس نالو پاڪستان جي پوليس يا جج به نٿو وٺي سگهي. آمريڪا ۾ سنڌ جو هڪ مشهور وڪيل ۽ اٽارني امداد سيهڙ صاحب جنهن جي ”لا ڪمپني“ جي آفيس هيوسٽن ۾ آهي ۽ هو بيحد قابل ۽ اعليٰ درجي جو ڄاڻو وڪيل آهي ان ٻڌايو ته ان قسم جي مظلوم عورتن کي بلڪل فڪر نه ڪرڻ کپي جو عورتن جي حقن لاءِ اڄ ڪلهه سڄي دنيا جي ملڪن ۾ فڪر آهي خاص ڪري آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾ ته هيڪاندو گهڻو آهي. هوءَ جيڪڏهن ولايت ۾ آهي ته يڪدم اتي جي حڪومت کي پنهنجي مڙس جي نڳين ۽ دوکيبازين بابت آگاهه ڪري سگهي ٿي ... هن کي يڪدم انصاف ملي ويندو پر پاڪستان پهچي وئي آهي ته هوءَ پوليس يا ڪورٽ ذريعي ان ملڪ جي قونصل خاني يا سفارت خاني کي آگاهه ڪري سگهي ٿو.

نيوجرسي جي هڪ ٻئي قابل سنڌي وڪيل مائيڪل قلواٽيءَ فون تي انٽرويو ۾ ٻڌايو ته انڊيا يا پاڪستان ۾ رهندڙن کي اهو ڪڏهن به تصور نه ڪرڻ کپي ته ولايت ۾ رهندڙ هر ديسي نوجوان بااخلاق ۽ اعليٰ تعليم يافته آهي. اسان جي ملڪ جا ڪيترا ماڻهو آمريڪا يا يورپ ۾ نوڪري ملڻ تي اهڙو ته عياشي جي زندگيءَ ۾ اچيو وڃن جو هنن کي پنهنجي اولاد جو به فڪر نٿو ٿئي. وقت گذرندي ويرم نٿي لڳي. ڪالهه جا ٻار جوان ٿيو وڃن ۽ هو پنهنجي والدين کي عيش جي زندگي گذاريندو ڏسي پاڻ به عياش ٿيو وڃن ۽ پوءِ سندن والدين جو به هنن تي ڪنٽرول نٿو هلي. هو صحيح طرح تعليم به حاصل نٿا ڪريو سگهن ۽ سندن اخلاقي ڏيوالو ته شروع کان نڪتل رهي ٿو. پوءِ اهي ماڻهو پنهنجي اهڙي ٻار کي دڳ لائڻ لاءِ، جنهن کي ولايت ۾ ته ڪو به لفٽ نٿو ڪرائي، هو پنهنجي وطن جي ڳوٺ جي ڪنهن غريب ڇوڪريءَ سان اهو سوچي شادي ڪرائين ٿا ته من سندن ڇوڪرو شادي بعد سڌري وڃي. پر گهڻين حالتن ۾ سڌرڻ بدران ڇوڪريءَ جي به زندگي زهر ڪريو ڇڏي ۽ اسان جي ڪمزور سوسائِٽي ڇوڪريءَ تي ئي ڏوهه مڙهي ٿي ته هن کي مڙس سان صحيح طرح هلڻ نه آيو.

بهرحال پاڪستاني توڙي سڌريل يورپي ۽ آمريڪي وڪيلن، پوليس آفيسرن ۽ هيومن رائيٽس وارن جو اهو ئي چوڻ آهي ته دنيا ۾ ڪيتريون اهڙيون تنظيمون آهن جيڪي اهڙي انڌير ۾ عورت جي مدد ڪن ٿيون. پاڪستان جهڙي ملڪ لاءِ ڪٿي ڪو ڇا به چوي ته لاقانونيت آهي پر عورتن جي حقن جي معاملي ۾ پوليس توڙي جوڊيشري ۽ پاڪستان ۾ موجود بين الاقوامي تنظيمون تمام گهڻو active آهن. بين الاقوامي تنظيمون ۽ يو اين او طرفان چارٽر دنيا جا سمورا ملڪ قبول ڪن ٿا جنهن ۾ عورت خلاف ظلم Human Rights جي خلاف سمجهيو وڃي ٿو.

- "Violence against women" is violence of human rights and a form of discrimination against women and shall mean all acts of gender-based violation that result in, or are likely to result in physical, sexual, psychological or economic harm or suffering to women including threats of such acts. Coercion or arbitrary deprivation of liberty whether occurring in public or private life.
- "Domestic Violence" all acts of physical, sexual, psychological or economic violence that occur with the family or domestic unit or between former or current spouses or partners. Whether or not the perpetrator shares or has shared the same residence with the victim.

بهرحال جِتي اسان وٽ عورتن سان مڙسن طرفان ٿيندڙ ظلم عام آهن اتي اسان جي اڄ جي آزاد ميڊيا اسانجي ڳوٺن جي عورتن کي سندن حقن بابت ڪافي آگاهي ڏني آهي ۽ ڪيترين عورتن جي تنظيمن اسان جي اڻ پڙهيل عورتن کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ educate به ڪيو آهي. ويندي ڏورانهن ڳوٺن جون عورتون ساڻن ٿيندڙ ڪهرو ظلم يا بين نا انصافين جو آواز اتارڻ لاءِ ڪنهن شهر جي پريس ڪلب ۾ پهچن ٿيون ته اسانجو ميڊيا سندن آواز سڄي ملڪ ۽ ٻاهر جي دنيا ۾ پهچايو ڇڏي. پنجاب جي هڪ ڳوٺ ۾ مڙس ڪاوڙ ۾ اچي زال تي تيزاب هاريو ته ٻئي ڏينهن ميڊيا ذريعي آمريڪا مان نڪرندڙ نيويارڪ ۽ واشنگٽن ٽائيمس اخبار ۾ خبر اچي وئي ۽ پوءِ دنيا جي عورتن جي حقن لاءِ وڙهندڙ تنظيمون اٿيو بيهن.

هِتي به اکر مٿي بيان ڪيل آمريڪا جي وڪيلن بابت تعارف خاطر لکڻ ضروري سمجهان ٿو:

**مائيڪل قلواٽي:** سنڌي هندو وڪيل آهي جيڪو بعد ۾ عيسائي ٿيو ۽ عمر ۾ مونکان پنج ڇهه سال وڏو آهي. مائيڪل قلواٽي 40 سالن کان نيوجرسي ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي ۽ سندس اهم سبجيڪٽ اميگريشن آهي. سندس قانون بابت ڪيترائي مضمون آمريڪا ۽ انڊيا جي اخبارن ۾ ايندا رهن ٿا ۽ هڪ ڪِتاب Guide to U.S. Visas جو مصنف به آهي. پاڻ انگريزي کان علاوه سنڌي، اڙدو، پنجابي ۽ گجراتي به سٺي ڳالهائي ٿو.

**امداد سيهڙ:** هي سنڌ جو اعليٰ تعليم يافته، محنتي شاگرد، قابل بيوروڪريٽ ۽ ڪامياب وڪيل آهي. امداد سيهڙ سنڌ جي تعليمدان خدا بخش "ناطق" مورائي جو پٽ ۽ سنڌ پوليس جي ڊي آءِ جي ارشاد رضا جو وڏو ڀاءُ آهي. امداد 1983ع ۾ لياقت يونيورسٽي مان MBBS ان بعد ايڪانامڪس ۽ هسٽري جي سبجيڪٽن ۾ M.A ڪئي. ان بعد CSS جو امتحان نه رڳو پاس ڪري DMG گروپ ۾ آيو پر هن ان امتحان ۾ ٽاپ ڪيو ۽ رڪارڊ آهي ته هن جيتريون مارڪون اڄ تائين ڪو به ڪٽي نه سگهيو آهي. پاڻ ڪجهه سال ماتلي، سانگهڙ ۽ ڪراچي جو اسسٽنٽ ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿي رهيو. ان دوران هن ڪراچيءَ مان قانون جو امتحان LL.B به اعليٰ پوزيشن ۾ پاس ڪيو جنهن بعد هن کي LL.M ڪرڻ لاءِ آمريڪا جي يونيورسٽي آف ميامي فلوريڊا ۾ داخلا ملي ۽ پوسٽ

گريجوئيشن ڪرڻ بعد آمريڪا جي شهر هيوسٽن ۾ اٿارني آهي ۽ سندس قانون جي ڪمپني ” Law office of Imdad Sehar“ نالي آهي ۽ ويب سائيٽ www.eaglejusticeusa.com آهي.

سنڌ ۾ عورتن جي حقن جي جاکوڙي امر سنڌو جيڪا سنڌ يونيورسٽي جي فلاسافي ڊپارٽمينٽ جي چيئرپرسن آهي ان ٻڌايو ته ”اسان جو پوليس جو ڊپارٽمينٽ ڪٽي ڪيترو به بدنام هجي پر انهن ۾ عبدالخالق شيخ وانگر ڪجهه پوليس آفيسر نيڪ ۽ مظلوم جي مدد ڪرڻ ۾ اڳيان اڳيان ثابت ٿيا آهن. اسان عورتن جي حقن يا سنڌن مٿان مڙسن جي ٿيندڙ ظلمن جي سلسلي ۾ اسان جڏهن به اهڙن پوليس آفيسرن کي اطلاع ڪيو آهي ته هنن يڪدم اسان جي سڏ کي اوٽايو آهي ۽ بيوس ۽ مظلوم عورتن جي مدد ڪئي آهي. منهنجي خيال ۾ اهڙن نيڪ پوليس آفيسرن جي تعريف ڪرڻ اسان جو فرض آهي جيئن ته ثنااللہ عباسي، عبدالله شيخ، فدا مستوئي، خادم رند وغيره ...“

پروفيسر امر سنڌوءَ اهو به ٻڌايو ته اسان وٽ سنڌ ۾ ڪيترائي رٽائرڊ جج ان معاملي ۾ عورتن جي مدد ڪن ٿا جن مان جسٽس ماجده رضوي اڳيان اڳيان آهي. سنڌ يونيورسٽي جي هڪ ٻي پروفيسرياڻي عرفانا ملاح جيڪا پي ايچ ڊي آهي ۽ ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ سان واسطو اٿس، تنهن ٻڌايو ته اسان وٽ سنڌ ۾ عورتن جي رهنمائي ۽ ڪين پوليس ۽ ڪورٽ ڪچهريءَ جي معاملي ۾ صلاح مشورو ۽ مالي مدد ڏيڻ لاءِ ڪيتريون ئي تنظيمون آهن جن ۾ پاڻ، امر سنڌو ۽ سنڌ جون ٻيون پڙهيل ڳڙهيل عورتون جهڙوڪ حسين مسرت، نسيم جلباڻي، نجما پنهور، گلبدن جاويد مرزا، روزينا جوڻيجو جهڙيون اعليٰ سرڪاري نوڪرين واريون عورتون سنڌ جي ڏکويل عورتن جي مدد ڪن ٿيون. جن تنظيمن جي معرفت هو ڪم ڪن ٿيون انهن مان ڪجهه هن ريت آهن:

- عورت فائونڊيشن
- شرڪت گاهه......... خاص ڪري قانوني مسئلن ۾
- سنڌ هيومن رائيٽس ڪميشن
- پناه شيلٽر هائوس
- نئشنل ڪميشن آن اسٽيٽس آف وومين، وغيره
- وومين ائڪشن فورس ... (جنهن جي چيئرپرسن شايد امر سنڌو ئي آهي)، وغيره.

بهرحال انهن طرفان سنڌ جي مظلوم عورتن لاءِ اهو ئي ميسيج آهي ته اسان جي سنڌ جون عورتون خاص ڪري ڳوٺن جون اڻ پڙهيل ۽ غريب عورتون، مڙسن جا ظلم يا ناانصافيون سهڻ ۽ گهٽجي گهر اندر پنهنجو انت آڻڻ بدران ڪجهه همت ڪان ڪم وٺي مٿي بيان ڪيل تنظيمن ۽ مخير حضرات جي معرفت پنهنجو آواز بلند ڪن ۽ انصاف جي گهُر ڪن.

# سخيءَ کان شوم ڀلو

ڪو زمانو هو جو ورلي ڪو ٻاهر ويندو هو پر اڄ ڪلھ شهرن جا تہ ڇا پر ڳوٺن جا ماڻهو بہ ولايت ويندي نظر اچن ٿا.... مرد عورتون، ڇوڪرا ڇوڪريون.... پوءِ ڪي نوڪرين لاءِ تہ ڪي تعليم لاءِ، ڪي ڪانفرنسون ۽ سيمينار اٽينڊ ڪرڻ لاءِ تہ ڪي بزنيس ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ.

گذريل دفعي ڳوٺ هڪ مائٽ جي گهر وڃڻ ٿيو. هن جو ڇوڪرو آفيس طرفان ٽن ڏينهن جي سيمينار لاءِ سنگاپور وڃي رهيو هو. هو بيحد خوش هو. ظاهر آهي ولايت وڃڻ اسان لاءِ سماجي شان (Status symbol) بڻجي ويو آهي. ٻاهر جي نوڪري ملڻ يا تعليم لاءِ يا اسڪالرشپ يا مٿئين همراهہ وانگر ڪجھ ڏينهن لاءِ ڪانفرنس يا سيمينار اٽينڊ ڪرڻ جو موقعو ملڻ ڪي بہ هر ڪو خوش نصيبي ٿو سمجهي. مونکي حيرت ٿي تہ هو مونکان هڪ ئي ساهہ ۾ پڇندو ويو تہ انڪل ڪنهن سڄاڻو جو تہ ٻڌائيندا جيئن آئون هن سان ملي سگهان.... ڀلا سنگاپور ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون جايون گهمڻ جهڙيون آهن.... وغيره وغيره.... ان ئي قسم جا سوال ملائيشيا يا جپان ويندڙ مونکان ڪندا آهن. ۽ جيڪي ٻن ٽن ڏينهن يا هفتي ڏيڍ جي سيمينار يا ڪنهن ڪورس ڪي اٽينڊ ڪرڻ لاءِ ويندا آهن تہ انهن کي آئون اهو ئي چوندو آهيان تہ ”بابا توهان ٻئي جو ڪو واقفڪار معلوم ڪرڻ تہ ڇڏيو پر توهانجو ڪو پنهنجو سڄاڻو يا مائٽ مٿ آهي تہ ان کي بہ وساري ڇڏيو جو توهان کي ڪو اتي آزاد نہ ڇڏيندا تہ پيا گهمو ڦرو. وقت تي نيرن ڪرائي 9 بجي کان ڪلاس يا تقريرن جو سلسلو شروع ٿيندو تہ شامَ جا پنج وڃي ٿيندا ۽ توهان کي لڳاتار ويهي ٻڌڻو آهي ۽ اهم نقطا درج ڪرڻا آهن ـ وچ ۾ فقط منجهند جي ماني ۽ چانهہ جو وقفو ملي ٿو ۽ آخري ڏينهن تائين اهو سلسلو هلي ٿو. سو سيمينار يا ڪانفرنس دوران توهان جو ڪنهن مائِٽ يا دوست سان ملڻ کي بيحد خراب سمجهيو وڃي ٿو. ۽ جي ڪو هلي ملي اتي توهان وٽ اچي ٿو تہ ان کي بہ خراب سمجهيو وڃي ٿو. شامَ جي وقت توهان مان اها اميد رکي وڃي ٿي تہ هوٽل جي ڪمري ۾ ويهي سڄي ڏينهن جي ڪارگذاري جو احوال لکو، مليل هوم ورڪ ڪريو ۽ رلڻ پنڻ بدران جلدي سمهي رهو جيئن ٻئي ڏينهن اپاسيون ڏيڍ بدران غور سان سيمينار اٽينڊ ڪري سگهو.“

هر اهڙي ڪانفرنس يا سيمينار ۾، ان جي انتظاميہ حصو وٺندڙ participants کي آخري ڏينهن تي يا اهو هفتي کان مٿي آهي تہ ڇنڇر ۽ آچر واري ڏينهن تي، ٽوئرسٽ بس ۾ وهاري شهر جو سير ڪرائي ٿي ... سو توهان کي ان جو فڪر نہ هجڻ کپي تہ ان شهر ۾ ڇا ڇا گهمجي. هونءَ بہ توهان پلي ڪٽي پنهنجي ٽئڪسي ڪريو تہ بہ ايترو گهڻو ۽ سٺي طرح ڏسي نہ سگهندائو جيترو توهان کي انتظاميہ طرفان مقرر ڪيل گائيڊ گهمائي سگهندو. ٻي ڳالھ تہ اسانجي ملڪ جهڙو حال جِتي ڪٿي ناهي جو توهان آزاد گهمندا ڦرندا وتو. ڏارين ملڪن ۾ اهڙن سيمينارن ۾ هڪ هڪ منٽ جو

حِساب ڪِتاب رکيو وڃي ٿو ۽ ڪو به اٽينڊ ڪرڻ وارو سُستيءَ جو اظهار ڪري ٿو يا ڪلاڪ به به غير حاضر رهي ٿو ته هو پنهنجي ۽ پنهنجي ملڪ جي بدنامي ڪري ٿو. سو ڪجهه ڏينهن لاءِ ان مقصد سان وڃڻ واري کي فقط ۽ فقط ان ڪورس يا سبجيڪٽ جو سوچڻ کپي جنهن جي معلومات ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جي مقصد سان هو پنهنجي يا سرڪار جي خرچ تي اوڏانهن وڃي رهيو آهي.

بهرحال ان ڏينهن سيمينار اٽينڊ ڪرڻ لاءِ ويندڙ منهنجي مائٽ جي پٽ جڏهن سنگاپور ۾ گهمڻ ڦرڻ جون جايون پڇيون ته مونکي ان تي ايڏي حيرت نه ٿي.... ها البت ان وقت ضرور ٿي جڏهن ان دوران سندس ڪو دوست اچي نڪتو جنهن جو ڪو مائٽ سنگاپور ۾ رهيل آهي ۽ هن پنهنجي مائٽ لاءِ هن هٿان ڪجهه منائي ۽ ٻيو سامان موڪلڻ ٿي چاهيو. مون ڏٺو ته اسانجو مائٽ ۽ ان جو پٽ، ٻئي جٽا انڪار يا ٽال مٽول ڪرڻ بدران جواب ۾ يڪدم ”سائين بلڪل، ڇو نه ڪٽي ويندا سين. اها به ڪا پڇڻ جي ڳالهه ....“ چوندا رهيا. اهو به اسانجي ملڪ جي ماڻهن جو هڪ خاص اسٽائيل آهي! خاص ڪري مون پنهنجي سنڌين ۾، خاص ڪري مسلمان سنڌين ۾ ڏاڍو ڏٺو آهي ته ڪنهن به ڪم لاءِ ڪٽي ڇڏ ته بنا سوچي سمجهي ته آيا اهو ڪم ٿي به سگهندو يا نه ... ڪرڻ جهڙو آهي يا نه .... بنا غور ڪرڻ جي، اسين يڪدم وڏي ڏاڍ ڦٽاڪ اهڙي هٽندا سين ڄڻ ملڪ جا والي مرشد هجون. وري جي ڪٽي مجبوري ڏيکاربي ته اڳلو ڏک پيو ڪندو ته دوست تي ڪري هي معمولي ڪم به نٿو ڪرين .... يه ٿي ڪلو سامان جا ڪٽي وڃڻ سان ڇا لهي پوندين ... وغيره.
بهرحال اسان واري مائٽ ۽ هن جي پٽ توڙي هن وٽ آيل دوست جي متين گفتگو مان مون يڪدم اندازو لڳايو ته ٻئي ڏريون بيوقوف ۽ ساديون آهن ۽ ان قسم جي سادگين ئي اسان جي ماڻهن کي ماريو آهي. مون هنن کي ڪجهه نه چيو .... اجان به مونکان صلاح ونن ها ته ڪين ڪٽي حالتن مطابق حقيقتون ٻڌايان ها پر اڄ اها ڳالهه ياد ڪري پنهنجي پڙهندڙن جي معلومات لاءِ لکي رهيو آهيان ته ان جاءِ تي اسان سنڌين بدران ملئي، جپاني يا ويندي سنڌي هندو هجي ها (جو مشاهدو اهو ٿو ٻڌائي ته هو اسان مسلمانن کان وڌيڪ چاڻ رکندڙ ۽ سنجيده طبيعت جا آهن) ته هو نه ٻئي کي پنهنجو سامان ڪٽي وڃڻ لاءِ چوي ها نه ڪنهن ٻئي جي چوڻ تي پاڻ ڪٽي وڃڻ لاءِ هائوڪار ڪري ها. ڇو جو ايئرپورٽن تي غير قانوني شيون ڪٽي سفر ڪرڻ ۾ ايترا ته ڏوهه ٿين ٿا ۽ انهن جون سزائون ايڏيون ته سخت آهن جو ڪير به ٻئي جي سامان ڪٽڻ جو ته رسڪ نٿو ڪٽي پر پنهنجو سامان به پاڻ وٽ سوگهو رکي وهي ٿو ته متان بي خيالي ۾ ڪو سندس سامان ۾ ڪا غلط شيءِ وجهي ڇڏي ۽ هن لاءِ مصيبت پيدا ٿي پوي.

ياد رهي ته سنگاپور ۽ ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ ته چرس، آفيم، گانجو يا ان قسم جي نشي جي شيءِ جو فقط اڌ تولو (يا شايد ان کان به گهٽ) رکڻ جي به سزا ڦاهي آهي. اهو قانون انهن

ملڪن ۾ 1986ع کان لاڳو ڪيو ويو ۽ مونکي ياد آهي ته ان قانون پاس ٿيڻ بعد ان جا پهريان victims هڪ نيوزيليند جو ۽ هڪ آسٽريليا جو ٽوئرسٽ ٿيو هو. انهن ٻنهي ملڪن جا وزير اعظم ملائيشيا ۾ وزيراعظم مهاتير وٽ اچي ويهي رهيا ته ٻه هنن جي ڳالهه نه مڃي وئي ۽ قانون کي قائم ۽ سيني لاءِ هڪ جهڙو رکڻ لاءِ ٻنهي کي ڦاهي ڏني وئي. ملائيشيا ۾ اها سزا نه فقط ان قسم جو نشو واپرائڻ واري لاءِ آهي پر وڪڻڻ واري، پوکڻ واري، پاڻ وٽ رکڻ واري ۽ ٻئي کي ڏيڻ واري لاءِ پڻ آهي. ان ڪري انهن ملڪن جي هوائي اڏن تي ٽوهان باٿ روم ۾ وڃڻ وقت ڪنهن کي پنهنجي بئگ يا ٿيلهو جهلڻ لاءِ ڏيندئو ته ان لاءِ به هو يڪدم انڪار ڪندو ۽ چوندو ته پاڻ سان ٽئاليٽ ۾ کڻي وڃ. چو جو هر ڪو سمجهي ٿو ته ان ۾ جي ڪنهن شيءِ جي موجودگي جي خبر پئجي وجي ته سامان رکڻ وارو ڦاسندو، ڀلي کڻي هو قسم کڻي ثابت ڪري ته ٻئي جو سامان آهي.

ڪراچي جا سٺ سال جا پوڙها زال مڙس عمري تي وڃڻ دوران جدي ۾ جهلجي پيا چو جو هنن وٽ جيڪي ٻه اسپنج جا چمپل هئا جيڪي ڪين ٽڪيٽون وڪٽندڙ ايجنٽ پنهنجي ڪنهن مائٽ کي مڪي ۾ ڏيڻ لاءِ ڏنا هئا، انهن ۾ هيروئن ڀيل هئي. هنن جي هڪ به نه ٻڌي وئي ته اهي چمپل ڪنهن ٻي همراه پنهنجي مائٽ لاءِ ڏنا آهن. مڃان ٿو ته منهنجي مائٽ جي پٽ کي سنگاپور کڻي وڃڻ لاءِ جيڪا منائي ڏئي رهيو هو ان ۾ ڪا خرابي نه هوندي ته به اهڙين شين خاص ڪري ڪاڌي پيتي جي شين کي ٻي ملڪ ۾ کڻي وڃڻ کان گريز ڪجي. چو جو ڪيترن ميون ۽ رڌل شين کي ڪيترن ملڪن ۾ آڻڻ جي اجازت ناهي. اسان جي ملڪ ۾ هر ڪا شيءِ هلي ٿي ان جو مطلب اهو هرگز ناهي ته ٻين ملڪن ۾ به قاعدو قانون ڍرڙو آهي. يورپ ۽ آمريڪا پاسي جا ملڪ ته بيحد خبردار رهن ٿا ۽ ننڍڙي جهڙي شيءِ جي به اجازت نٿا ڏين جو هنن کي ڊپ آهي ته متان انهن ۾ جراثيم هجن ۽ سندن ملڪ جي ماڻهن کي بيمار ڪن .... خاص ڪري اسان پاڪستانين کان ته ايشيا جي ملڪن جا ماڻهو به گهبرائين ٿا جو اسان وٽ اڃان ٿائين نه پوليو تي ڪنٽرول ٿي سگهيو آهي نه مليريا ۽ ٽائفائيڊ تي. ملائيشيا ۽ انڊونيشيا سڄو جنگل آهي، مڇرن سان ڀريو پيو آهي، پر مجال آهي جو ڪنهن کي مليريا ٿئي!

ڪيترائي اسان جا ٽوئرسٽ يا خاص ڪري اُهي جن کي ٻاهر نوڪريون ملن ٿيون، انهن کي ڏسندو آهيان ته هنن لاءِ ٻاهر روانو ٿيڻ ائين هوندو آهي جيئن اڄ کان 60 سال اڳ اسان جي ڳوٺ جا ماڻهو حج تي ويندا هئا. هو پاڻ سان اٽا، چانور، مرچ مصالحا ويندي سُڪا گوشت ۽ مڇيون کڻي ويندا هئا جو هڪ ته انهن ڏينهن ۾ حج لاءِ ٽي مهينا وڃڻو پوندو هو ۽ ٻيو ته سعودي عرب ۾ غربت هئي.... ڪاڌي پيتي جي شين جي قلت هئي. پر حيرت ٿيندي آهي جڏهن اڄ جو مسافر پاڻ سان اوٽ پٽانگ شيون کڻي نڪرندو آهي. يائي! اڄ ڪلهه سڄي دنيا هڪ ٿي وئي آهي جِتي ڪٽي نان، ڊبل روٽي، مرچ مصالحا ملن پيا. ڪراچيءَ مان چو ٿا هڙون ٻڌي نڪرو؟ ڀلا جي ڪنهن ملڪ

۾ ڪا هڪ اڌ شيءِ نٿي ملي ته به مڙيئي خير آهي. توهان جي ٻوڙ ۾ هئڊ، اڇو جيرو، جئفل يا جاوتري نه پئي ته ڪا اهڙي وڏي ڳالهه ناهي ... ۽ اسان پاڪستانين کي ته اڃان به انهن ڳالهين ۾ احتياط ڪرڻ کپي جڏهن ته اسان اهڙا بدنام ٿي چڪا آهيون جو اسان لاءِ چيو وڃي ٿو ته حج ۽ عمري لاءِ ويندڙ پاڪستاني مرد ته ڇا پر عورتون پنهنجن خاص عضون ۾ چرس/هيروئن جهڙيون نشيدار شيون لڪائي سمگلنگ ٿيون ڪن! ويجهڙائيءَ ۾ هڪ اسانجو هم وطني ٽوڪيو ايئرپورٽ تي ان ڪري خواه مخواه جهلجي پيو جو هن جي مصالحن جي لفافي ۾ خَس خ!س هئي. خس خس جيتوڻيڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا مون ڏٺو آهي ته جرمني ۽ پولنڊ جهڙن ملڪن ۾ به ڪيڪ پيسٽرين مٺان تِرن جي ٻج وانگر ڇٽي وڃي ٿي ۽ عام ڪاڌن ۾ به استعمال ٿئي ٿي پر هو ڇا چوندا آهن ته غريب جو يار ڪتا پاليندو ته چوندا ڪارو منهن ٿيو اٿس. امير جو يار پاليندو ته چوندا شوق ڪيو اٿس. سو اهائي شيءِ ڪنهن گوري جي بئگ مان نڪري ها ته ڪسٽم آفيسر ڌيان به نه ڏئي ها پر اسان دنيا ۾ ايڏو ته بدنام ٿي ويا آهيون جو ڏني نه ورتي اسان تي شڪ ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري ته آئون چوان ٿو ته ڌارين ملڪن ڏي جي سفر ضروري آهي ته خبرداري سان هلو. اهڙي تهڙي ڪا شيءِ يا ڪو اهڙو ڪم نه ڪريو جيڪو توهان جي سفر کي unpleasant بڻائي. خس خس جيڪا توهان لاءِ مصالحي جو قسم آهي پر سونگهڻ وارا ڪتا ته يڪدم اچي توهان جي بئگ وٽ بيهندا جو خس خس ڏوڏي (poppy) جو ٻج آهي ۽ پاپي مان ئي ته آفيم ٺاهيو وڃي ٿو.

ڪنهن مونکان پڇيو ته ڪو دوست ولايت ڪٽي وڃڻ لاءِ سامان ڏئي ته ڪيتري حد تائين خبردار رهجي. مون وراڻيومانس ته پهرين ته دوست کي اهڙي ڪم لاءِ هرگز نه چوڻ کپي. ڪنهن مائٽ مٽ لاءِ هن کي سامان موڪلڻو آهي ته  Post ذريعي ئي موڪلي. 4 ڪلو سامان جا به هزار رپيا پوسٽ خرچ ٿئي ٿو. دوست کي پريشان ڇو ڪجي. جيسين خبرداري جو سوال آهي ته ڪاڏي پيتي جون شيون ته نه ڪٽجن پر خشڪ شيون به نه ڪٽجن.

”پلا ڪپڙا گنديون؟“ هن پڇيو.

”انهن کي به avoid ڪجي ته بهتر.“ مون چيو ۽ ڪيس ٻڌايم ته لنڊن هيٿرو ايئرپورٽ تي ڪيئن هڪ پاڪستاني کي سزا اچي وئي جيڪو ڪنهن جو ٻاٿ ٽاول ڪٽي پهتو هو. چرس سونگهڻ وارا ڪتا ۽ مشينون هن جي بئگ کي ڇهتي ويا. خبر پئي ته ان ٽوال ۾ چرس آهي جنهن کي پاڻي ۾ ٻوڙي نپوڙيو ويو ته چرس جي سالوشن نڪتي. اهڙا انيڪ مثال آهن جن ۾ نوي سيڪڙو ڪان مٿي غريب ۽ سادا ماڻهو ڦاسن ٿا جن کي ٻين طرفان جڏهن سامان ڇهتايو وڃي ٿو ته حضور شرمي ۾ هو انڪار به نٿا ڪن. بهتر اهو آهي ته سفر جي معاملي ۾ ”سَخيءَ ڪان شوم ڀلو جو ترت ڏئي جواب“ تي عمل ڪجي.

# اهڙي بہ ڇا نازڪ مزاجي.....

منهنجي هڪ سڃاڻو فئملي کي پنهنجي پٽ کي ڪئڊٽ ڪاليج ۾ داخل ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. ڇوڪري پنهنجي همت سان سمورا امتحان، ٽيسٽ ۽ انٽرويو ڏئي ڪامياب ٿي، ڪاليج ۾ داخلا ورتي. داخلا کان اڳ هن جا ماءُ پيءُ چوندا رهيا تہ هو بيحد هوشيار آهي ضرور پاس ٿي ويندو .... اها ڳالهہ هر ٻار جا والدين ڪن ٿا. منهنجي هنن کي اها ئي نصيحت هوندي آهي تہ هر وقت اها دعا گهرجي تہ جنهن ۾ بهتري هجي ائين ٿئي. ڪو بہ ڪاليج ٻار کي وڏو ماڻهو نٿو بڻائي پر ٻار جي پنهنجي محنت ۽ والدين جي نظرداري هن کي اڳتي ۾ سٺي پوزيشن تي ڪٽائي ۽ پروفيشنل ڪاليج ۾ داخلا حاصل ڪرڻ جي لائق بڻائي ٿي.

سڄي ملڪ جا بهترين شاگرد چونڊي چونڊي ڪئڊٽ ڪاليج ڇا ڪنهن ڳوٺ جي ڪاليج ۾ بہ رکندئو تہ بورڊ ۾ پوزيشن انهن مان ئي ڪو کڻندو. ڪاليج جي نالي جو جادو هجي تہ پوءِ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ ڏڌ شاگرد رکي پوءِ انهن کي پوزيشن ڪٽائي ڏيکاريو تہ ڳالهہ مڃجي. مزي جي ڳالهہ اها تہ بهتر کان بهتر شاگردن جي چونڊ ڪرڻ بعد بہ نالين ڪاليجن مان ڪجهہ شاگردن جي سندن گهٽ شوق ۽ والدين جي بهتر نظرداري نہ هجڻ ڪري ڪارڪردگي بهتر ٿيڻ بدران خراب ٿيو وڃي. ان جا ڪيترائي مثال آهن. ان ڪري ٻار کي دماغ ۾ اهو نہ وجهجي تہ بس تولاءِ ان قسم جو ڪاليج ئي بهتر آهي نہ تہ تنهنجو مستقبل تباهہ ٿي ويندو. ظاهر آهي چونڊ لاءِ آيل اميدوار شاگرد پلي ڪٽي سڀ هوشيار هجن پر ڪاليج وارا تہ فقط اوترن کي کڻندا جيترين هنن وٽ مقرر جايون هونديون. ان جو مطلب اهو تہ ناهي تہ باقي بچيل شاگرد بيڪار ٿيا. سو مائٽن کي اهو ڇئي پنهنجي ٻارن کي دل شڪستو ۽ نفسياتي مريض بنائڻ نہ کپي تہ تولاءِ فلاڻو ڪاليج ئي بهتر آهي. سنو  اهو آهي تہ چونڊ کان اڳ ٻار کي چئجي تہ "بابا فلاڻي ڪاليج لاءِ ٽراءِ ڪر. چونڊجي وئين تہ ٺيڪ آهي نہ تہ ٻيا بہ سٺا ڪاليج آهن - جيڪڏهن تون واقعي محنت ڪرڻ چاهين ٿو." اهڙن موقعن تي آئون هميشہ سلطانا صديقي (هم ۽ مسالا چئنل جي مالڪڻ) جو مثال ڏيندو آهيان. هن جو پٽ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ سال بہ پڙهيو ان بعد هن کي اتان ڪيرائي ٻاڻ وٽ ڪراچي جي هڪ عام ڪاليج ۾ داخلا وٺي ڏني. منهنجي پڇڻ تي سلطانا ٻڌايو تہ آئون هن کي پنهنجي نظرن اڳيان رکڻ چاهيان ٿي جيئن هو گهٽي کان گهٽو وقت پڙهائي کي ڏئي اڳتي ۾ سٺين مارڪن سان پاس ٿئي. ۽ پوءِ مون ڏٺو تہ هن واقعي پنهنجي پٽ جي اهڙي رهنمائي ۽ monitoring ڪئي جو هن اڳتي ۾ سٺين مارڪن سان پاس ڪئي پر انجنيرنگ ۾ تہ پهرين پوزيشن ڪنئي. ان تي ڪيس آمريڪا ۾ وڌيڪ پڙهڻ ۽ ريسرچ

ورڪ ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ به ملي پر سلطانا هن جي شوق کي ڌيان ۾ رکي هن کي بزنيس ۾ آندو.

هڪ ٻيو مثال..... اهو پڻ ساڳي فئملي جو آهي. سلطانا جي ڀاءُ شمس صديقي جي پٽن کي ڪراچي ۾ نئين نهيل ”اسٽيل مل ڪئڊٽ ڪاليج“ ۾ داخلا ملي جيڪو ان وقت وڏي ڳالهه هو جنهن جا ڪلاس روم به روس وارن ايئرڪنڊيشن ناهيا هئا. شمس پنهنجي پٽ کي هڪ سال به ڪو مس پڙهايو ۽ هن کي ان ڪاليج مان ڪيرائي آيو. هن جو اهو منطق هو ته اهڙي آرام ده ماحول ۾ ننڍي عمر ۾ ئي پار رهندا ته اڳتي هلي هو تڪليفن کي ڪيئن منهن ڏيندا. ۽ پوءِ اسان ڏٺو ته هن پنهنجي ٻنهي پٽن ۽ ڌيئن کي سادگي ۾ رهائي اعليٰ تعليم ڏياري. هو پنهنجي ڀاءُ مظهر صديقي سان گڏ هن جي بنگلي ۾ رهيل هو. ادا مظفر انهن ڏينهن ۾ سنڌ حڪومت ۾ سيڪريٽري هو. نوڪر چاڪر، گاڏيون سڀ ڪجهه هوندي شمس پنهنجي وڏي ڀاءُ جو گهر ڇڏي مسواڙ تي هڪ ٻن ڪمرن جو ننڍڙو گهر ٻارن جي اسڪول پرسان وٺي اچي رهيو. منهنجو جهاز ڪراچي ايندو هو ته آئون هن وٽ ضرور ويندو هوس. مون ڏٺو ته جيسين هن جا ٻار انجنيئرنگ ۽ ميڊيڪل ڪاليجن تائين نه پهتا هن گهر ۾ رنگين T.V به نه رکي. هر وقت ٻارن کي پڙهائيندو رهيو تي ۽ ان ڪان به رتيون وڏيڪ سندس گهر واريءَ ٻارن تي محنت ڪئي تي. اڄ هن جا ٻار مختلف ملڪن ۾ وڏين نوڪرين تي آهن. سو محنت جو ڦل ضرور ملي ٿو. پڙهائي واري ٻار کي کپي ته هو هميشه محنت ڪري ۽ سادگي ۾ رهي ڇو جو اڳيان خبر ناهي ڪهڙا ڏکيا ڏينهن اچن.... ڪهڙي نوڪري ملي! ڪهڙي ملڪ ۾ ملي!

پاڻ ڳالهه جنهن شاگرد تان شروع ڪئي ان کي هن جي ماءُ ۽ پيءُ جي شوق موجب ڪئڊٽ ڪاليج ۾ داخلا ته ملي وئي. آئون به ڪين مبارڪون ڏئي ملائيشيا هليو ويس. ٻن مهينن بعد موٽيس ته هن جا ماءُ پيءُ سخت پريشان هئا. ماءُ ته ماءُ پر پيءُ به روئٽهارڪو ٿي ٻڌايو ته هو پنهنجي پٽ کي ڪئڊٽ ڪاليج مان ڪڍڻ ٿا چاهين جو هنن کي هاسٽل لائيف پسند ناهي. مون ڪائنن سبب پڇيو ته آخر ائين ڇو ٿا ڪرڻ چاهين.....

”ڇا ڇوڪرو ماءُ پيءُ کي ياد ٿو ڪري؟“ مون پڇيومان

”نه“

”يلا ڪو ٽيچر يا شاگرد ڪيس تنگ ٿو ڪري؟“

”نه اهي سڀ هن جو خيال ڪن ٿا.“

”ڇا هن کي اتي جي پڙهائي سمجهه ۾ نٿي اچي؟“

”نہ پڙهائي ۾ تہ هوشيار آهي ۽ هينئر بہ منتلي ٽيسٽ ۾ ٽيون نمبر آيو آهي.“

مونکي ڏاڍي حيرت ٿي ۽ ان دوران مون کين مٿيان سلطانا صديقي ۽ شمس صديقي جا مثال ڏنا ۽ چيو تہ هو بہ جيڪڏهن پنهنجي ٻار جي بهتر مستقبل لاءِ اتان ان کي ڪيڏانهن چاهين تا جيئن هو وڌيڪ پڙهي سگهي تہ پلي ڪن. ساڳي وقت مونکي بہ تجسس ٿيو تہ جڏهن ڇوڪرو پاڻ بہ نٿو چاهي تہ ڪاليج مان نڪران ۽ پڙهائي بہ صحيح پئي هليس تہ آخر والدين ڇو ٿا هن کي ڪيڏانهن چاهين جڏهن تہ هو خوش نصيب آهن جو هنن جي پُٽ کي ههڙي ڪاليج ۾ داخلا ملي وئي آهي جنهن لاءِ ڪيترا ٻار سڌون ڪن ٿا.

بهرحال نہ نہ ڪري آخر ماءُ ٻڌايو تہ هو هن کي ياد ٿا ڪن.

”اها تہ ڪا اهڙي ڳالهہ آهي ڪا نہ. اڄ نہ تہ سڀان توهان جي پُٽ کي گهر کان پري وڌيڪ تعليم يا نوڪري لاءِ تہ وڃڻو ئي پوندو. هي تہ وري بہ اٺين ڪلاس ۾ آهي. اڄ ڪلهہ تہ سنڌ جي ڳوٺن جا ننڍا ننڍا ٻار بہ پيا ڪوهہ مري ۽ ائبٽ آباد جي اسڪولن ۾ پڙهن هالا جي مدرسي ۾ سڄي سنڌ ۽ بلوچستان جا ننڍڙا ٻار، ماءُ پيءُ کان پري رهيا پيا آهن جن کي ڪائڻ يا سمهڻ لاءِ ڪو سولو هنڌ بسترو بہ ناهي. توهان وٽ تہ ٻيا پٽ بہ توهان سان رهيا پيا آهن. اڃان بہ هو ياد ڪري ۽ صفا راضي نہ ٿئي تہ مجبورن ڪاليج مان ڪيرائي اچوس.“

”نہ اسان کي ڏک تو ٿئي تہ ٻچو اسان کان پري آهي. اسان زال مڙس اهو ئي سوچيندا رهون ٿا تہ اسان سڄو ڏينهن ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ ويٺا آهيون ۽ هو گرمي ۾ سمهندو هوندو.“

مون کلندي چيومان تہ ”پوءِ ان جو بهتر علاج تہ اهو ئي آهي تہ توهان بہ بنا ايئرڪنڊيشن جي رهو. پنهنجو پاڻ کي ايڏي عياشيءَ جو عادي ڇو بڻايو اٿو. آخر اسان جڏهن ننڍا هئاسين تڏهن تہ ڳوٺ ۾ لائيٽ ئي ڪانہ هئي جو ڪٽي پنکو هلائجي. منجهند جو بہ اسڪول ٿيندو هو ۽ وهڻ لاءِ ڪڏهن بہ ٽيڪ واري ڊيسڪ نہ ڏنيسين.“ مون سندس مڙس کي چيو تہ هو کيس سمجهائي.

”نہ هي تہ مونکان بہ وڌيڪ پريشان آهي.“ ڇوڪر جي ماءُ چيو، ”سنڌ جي گرمي بہ تہ گرمي آهي.“

”اهو توهانکي رڳو احساس آهي“، مون کيس سمجهائڻ لاءِ ٻڌايو تہ جپان هلي ڏسو تہ جِتي سياري ۾ سخت سيءَ تا ٿين اتي اونهاري ۾ ڪيڏي غضب جي گرمي تي ٿئي. پوءِ چا اتي جو هر ڪو ماڻهو ايئرڪنڊيشن هلايو ويٺو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ جپان ۾ لائيٽ 24 ئي ڪلاڪ موجود آهي پر آهي ڪا اهڙي سستي جو هرڪو ايئرڪنڊيشنر يا سياري ۾ هيٽر هلائي. وڏا وڏا ماڻهو بہ ٿوري دير لاءِ ايئرڪنڊيشنر هلائڻ لاءِ ٻہ ٻہ دفعا سوچين ٿا. ۽ ننڍي هوندي ئي اهڙي ڏکي زندگي گذارڻ جا عادي هجڻ ڪري هو آفريڪا جي گرم ملڪن ۾ بہ ڪم ڪندا رهن ٿا ۽ يورپ

جي سرد راتين ۾ ٻه. اسان وٽ ڪنڊيا سسٽم ذريعي چوريءَ جي لائيٽ ۾ هرڪو ايئرڪنڊيشن هلائڻ جي چڪر ۾ پنهنجيون عادتون خراب ڪريو ڇڏي. بهرحال هاڻ ته لائيٽ جو اهڙو بحران پيدا ٿي ويو آهي جو پنکي هلائڻ لاءِ به پيو سڪجي ... نه ته چار پنج سال اڳ دادو جو هڪ همراهه ٻڌائي رهيو هو ته دادو ۾ هو في ايئرڪنڊيشن جا رشوت طور فقط ٻه هزار رپيا لائين مئن کي ڏيندو آهي ۽ پوءِ ڏينهن رات ايئرڪنڊيشن مفت ۾ (يعني چوري جي لائيٽ ۾) پيو هلي.

اسان پيٽارو وارا اهڙن موقعن تي پنهنجي هڪ ڪلاس ميٽ جو مثال ڏيندا آهيون جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ کي اڪيلو پٽ هو. فئڪٽرين جو مالڪ هجڻ کان علاوه هن جو پيءُ هڪ وڏي عهدي تي هو. هن جي پيءُ پنهنجي پٽ کي گهر ۾ رکڻ بدران ڪئڊٽ ڪاليج جي هاسٽل ۾ ان ڪري رکيو ته جيئن هو گهر جي عياشيءَ بدران هاسٽل جي ٽف لائيف جو عادي ٿئي. مال مليدا کائڻ بدران ڪاليج جي ميس جا سڪل نان کائي..... ۽ پاڻ کان وڏن ماڻهن جي ٻارن کي ائين گذر ڪندو ڏسي پاڻ وڏيڪ سادگي ۽ ماءُ پيءُ کان پري بنا لاڏ واري زندگي گذارڻ جو عادي ٿئي.

هونءَ جي يارو سچي ڳالهه پڇو ته پيٽارو جي هاسٽل جي ڪمرن ۾ پکا هجڻ جي باوجود اسان شاگرد اونهاري ۾ رات جو ٻاهر ڪٽون ڪڍي سمهندا هئاسين ۽ اونهاري ۾ پيٽارو جون ڇا ته ٿڌيون هوادار راتيون ٿين ٿيون. خبر ناهي زندگي ڪهڙن ڪهڙن ٻيٽن ۽ ملڪن ۾ گذري پر ڪٿي به پيٽارو جي راتين جي راحت نه ملي. منهنجي خيال ۾ ڄامشورو جي به ساڳي آب هوا آهي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي هاسٽلن ۾ رهي ويل شاگرد پڻ اتي جي راتين کي مون وانگر ياد ڪندا هوندا.

بهرحال دنيا ۽ ان جون حالتون وڃي ڪٿي پهتيون آهن .... نوڪرين ۽ اعليٰ تعليم لاءِ ڏينهون ڏينهن competition وڌندي وڃي پر اسان جو نوجوان آهي سو چوڪرين وارا نخرا پيو ڪري. اسان وٽ جهازي نوڪرين ۾ به جتي گهمڻ ڦرڻ ۽ جهاز تي 5 اسٽار هوٽل واري رهائش آهي اتي زندگي به سخت ترين آهي ۽ سمنڊ تي درپيش ٿيندڙ حادثن، طوفانن ۽ بگڙيل سمنڊن جو مقابلو مرد ماڻهو ۽ پنهنجي پروفيشن جي اعليٰ ڄاڻ رکندڙ ئي ڪري سگهن ٿا ۽ ان سان گڏ هنن جو ذهني ۽ جسماني طرح مضبوط هجڻ به ضروري آهي جيئن آفريڪا جي گرمين ۽ مچريل سمنڊن تي توڙي يورپ جي برفاني ۽ اونداهين ٿڌين راتين ۾ هو نه فقط ڪجهه ڪلاڪ پر امرجنسين ۾ سڄو سڄو ڏينهن پيرن تي بيهي جهاز کي ڪنهن دڳ لڳائي سگهن. ان ڪري ته اسان وٽ ايندڙ نئين ڪئڊٽ کي پهرين ڏينهن ئي اهو ٻڌايو ويندو آهي ته: Sea life is not a bed of roses پڙهايو ته مون ملائيشيا، سنگاپور، انڊيا ۽ سريلنڪا، سئيڊن ۽ ڊئنمارڪ ۾ به پڙهايو آهي پر اسان وٽ پاڪستان ۾ ڏسان پيو ته اسانجا ڪي ڪي نوجوان عجيب نخريلا آهن ۽ لڳي ٿو ته ڪجهه وڌيڪ ئي لاڏ ڪوڏ ۾ پليا آهن. ان قسم جا شاگرد ڪڏهن ڪڏهن اهڙا ته بي سرا سوال ڪندا آهن جن مان سندن

نازڪپڻي ۾ ڏيجوڙي جو اظهار ٿيندو آهي ۽ پوءِ آئون به هڪ ٽيچر جي حيثيت ۾ ڪين شرمائڻ خاطر اڪثر هي شعر ٻڌائيندو آهيان ته:

فرش مخمل په ميري پائون چلي جاتي هين
ڪيلا ڪاني سي ميري دانت هلي جاتي هين

اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي نخرن ڪي ڏسي اسان جي ملڪ جا ڪيترا جهازن جا مالڪ جن جون جهازراني جون ڪمپنيون هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ ٻين ملڪن ۾ رجسٽرڊ ٿيل آهن پنهنجن هم وطنين کي نوڪري ڏيڻ بدران بنگلاديشي، سريلنڪن ۽ سائوٿ انڊين نوجوانن کي پنهنجن جهازن تي نوڪري ڏيڻ ۾ وڌيڪ عافيت سمجهن ٿا.

# اسان لاءِ ولايت ۾ نوڪري ڇو ناهي ؟

سڀ ڪان پهرين اها ڳالهه ته اسان وٽ گهڻن جي اها سوچ آهي ته ولايت ۾ بي انتها نوڪريون ۽ ڏنڌا آهن.... جڻ اتي هر آفيس ۾ ۽ هر ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي وڏي کوٽ آهي ۽ هو آتا آهن ته ڌارين ملڪن جا ماڻهو اهي جايون اچي پُر ڪن. اها خام خيالي جي ڳالهه سوچي اسان جا ماڻهو اهو تا سمجهن ته بس رڳو ڪنهن نموني سان سفر جو بندوبست ٿي وڃي پوءِ ڪوالالمپور، سنگاپور، هانگ ڪانگ يا ٻئي پاسي دبئي جده يا لنڊن ۽ استنبول جي هوائي اڏن تي پهچڻ سان هنن کي نوڪري جو پروانو ملي ويندو ۽ مختلف ڪمپنين وارا هن کي پاڻ وٽ هلي ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ منٿ ميڙ ڪندا.

حقيقت ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. خاص ڪري اڄ جي دور ۾ هر ملڪ جي هر شهر ۾ ڌارين ملڪن ڪان آيل اميگرنٽس ڪان ونئي ڪيترائي مڪاني ماڻهو روزگار جي تلاش ۾ ڦرندا رهن ٿا. فقط هڪ اهڙو دور آيو هو.... هي گذريل صدي جي ستر واري ڏهي جي شروع وارن سالن جي ڳالهه آهي جڏهن عرب دنيا ۾ پيٽرول جي ڪري بي انتها ناڻو اچي ويو هو ۽ دبئي ۽ دوحا کان ڪويت ۽ سعودي تائين ڪنسٽرڪشن جا ڪم شروع ٿي ويا هئا.... ان لاءِ انجنيئر، ڊاڪٽر، مڪينڪ، مستري، دوڪاندارن ويندي نوڪرن چاڪرن، بورچي ڊرائيورن جي تمام گهڻي ضرورت پيدا ٿي پئي ۽ پوءِ اسانجا عرب جيڪي هاڻ اسان کان به وڌيڪ هوشيار ٿي ويا آهن تن هر هڪ کي وڏا پگهار پئي ڏنا. پاڪستان ۾ اچي ماڻهو رڪروٽ ڪندا هئا ۽ ڪي ته پاڻهي اتي پهچي ويندا هئا ۽ هنن لاءِ هر قسم جي نوڪري هڪي تڪي رکي هئي. پر اڄ ڏسو ته هر عرب ملڪ ۾ اسان جا سوين مزدور ۽ پڙهيل ڳڙهيل اتي جي شهرن جي چوراهن تي انتظار پيا ڪن ته من ڪو اڌ ڏهاڙيءَ تي به ڪو ڪانئن پورهيو ڪرائي جيئن پيٽ ته ڀري سگهن.

اڄ ڪلهه اهو ئي حال ملائيشيا، سنگاپور ۽ ٻين ملڪن جو آهي. مثال طور: اسان جي جهازراني جي فيلڊ کي ڏسو. ست واري ڏهي ۾ اسان جيئن ئي گريجوئيشن ڪئي ته پنهنجي ملڪ جون جهازران ڪمپنيون الڳ منٿون ڪرڻ لڳيون ته ايران، ملائيشيا، عرب ملڪن جون الڳ. اهو ان ڪري جو جنهن تنهن ملڪ جهاز ته خريد ڪيا پئي پر انهن کي هلائڻ وارا نه پئي مليا. انهن ڏينهن ۾ ايشيا ۾ مئرين اڪيڊميون فقط ٽن ملڪن ۾ هيون: روس، انڊيا ۽ پاڪستان.... جن مان جهاز هلائڻ وارا نيويگيٽر ۽ مئرين انجنيئر ٿي نڪتا. پر اڄ هر ملڪ کي هڪ يا ٻه مئرين اڪيڊميون آهن جن مان سندن لوڪل نوجوان تعليم حاصل ڪري نڪري رهيا آهن ۽ انهن کي پنهنجن جهازن تي کپائڻ به مسئلو ٿي پيو آهي..... ڇو جو ڏينهون ڏينهن پاڻيءَ جي جهازن جو تعداد گهٽجي رهيو آهي. گهڻي ڀاڱي مُسافر ۽ مال هوائي جهازن راستي پهچايو وڃي ٿو.

بهرحال اهڙين حالتن هوندي به اسان جي ماڻهن کي ڌارين ملڪن ۾ گهرايو وڃي ٿو. يعني ڪيترا خوش نصيب ولايت ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃن. اهي ڪهڙا ماڻهو آهن؟ هي اهي ڊاڪٽر، انجنيئر، پروفيسر، آهن جن ڪنهن خاص سبجيڪٽ جي اهڙي برانچ ۾ پوسٽ گرئجوئيشن ڪئي آهي جيڪو سبجيڪٽ ڏکيو ۽ خاص قسم جو آهي ۽ جنهن جي سخت گهرج آهي ۽ جنهن سبجيڪٽ ۾ ان ڌارئين ملڪ جو ورلي ڪو ماڻهو آهي. شهدادپور جو هڪ همراهه ملائيشيا ۾ مليو. هُو Ph.D ڪري رهيو ته هن کي اتي تعليم دوران ئي نوڪري ملي وئي.... اهو ان ڪري جو هو ڪنهن خاص قسم جي مڇي تي ريسرچ ڪري رهيو هو. هڪ ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ سنڌ جو ائناٽامي پروفيسر مليو هن ٻڌايو ته ائناٽامي اهڙو سبجيڪٽ آهي جنهن ۾ وڌيڪ پڙهڻ کان هر ڊاڪٽر لنوائي ٿو ۽ هنن کي اهڙي پروفيسر جي سخت ضرورت هئي. تازو اسان جي هڪ دوست ڪامريڊ روچي رام جي پٽ ڊاڪٽر نيل ڪنٺ کي ملائيشيا جي هڪ اعليٰ قسم جي يونيورسٽي ۾ پروفيسري ملي وئي جو هو ٻارن جي بيماري جو ماهر ڊاڪٽر آهي. ڊِاڪٽر نيل ڪنٺ چيو ته هن کي ملائيشيا جهڙي ملڪ ۾ رهڻ پسند آهي ”پر آئون ڪانئن ڪجهه وڌيڪ پگهار جي گُهرَ ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ ان کان علاوه اينڊڙ مهيني پائٽيءَ جي شادي ٿي رهي آهي ان ڪري آئون مهينو دير سان join ڪرڻ چاهيان ٿو.“

مون سمجهايو مانس ته اهي ڪم خيال سان ڪجانءِ ۽ بهتر آهي يڪدم هليو وڃ ۽ هي سال ان پگهار تي ئي راضي ٿي ڪم ڪري پوءِ وڌائڻ لاءِ چئجان جو تنهنجي دير سان وڃڻ ۽ پگهار وڌائڻ تي هو اهو جاب ڪنهن ٻئي کي نه ڏئي ڇڏين. ڇو جو نوڪري ڏيڻ وارا به هوشيار ٿين ٿا. هو هڪ ٻدران به تي ماڻهو نظر ۾ رکن ٿا جيئن هڪ نوڪري لاءِ راضي نه ٿئي ته ٻئي کي يڪدم گهرائي ونجي.

ڪجهه عرصو آئون ملائيشيا جي سليڪشن بورڊ ۾ رهيس ۽ مون ڏٺو ته نوڪري لاءِ انٽرويو ڏيڻ وارن ۾ اسانجي ماڻهن کان ٻيا تيز ثابت ٿين ٿا. اسانجو ماڻهو نه انگريزي ڳالهائي سگهي ٿو ۽ نه سمجهي ٿو. ان جي مقابلي ۾ سري لنڪن، ڏکڻ انڊيا جا تامل ويندي بنگلاديش جا اميدوار انگريزي ڳالهائڻ ۾ بيحد تيز آهن ۽ پنهنجي ڦر ڦر (fluent) انگريزيءَ ڪري ٻين کي impress ڪريو وجهن. ان کان علاوه انهن ملڪن جا، خاص ڪري انڊيا جا، پنهنجي سبجيڪٽ کان علاوه ٻين شين ۾ به هوشيار ٿين ٿا جن ڪري انهن کي وڌيڪ ترجيح ملي ٿي. هڪ دفعي انڊيا، سريلنڪا ۽ پاڪستان جي ڊاڪٽرن مان به ڪٽڻا هئا. مون ڏٺو ته ٻئي انڊين چوندڀا ويا.... ان ڪري جو هنن کي ڪمپيوٽر جو ڪم (پروگرامنگ) ۽ ملئي زبان به آئي ٿي. چوندڀ واري پينل تي وينل ملئي آفيسرن يڪراءِ انڊيا جي انهن همراهن کي چونڊيو. اهو ئي سبب آهي جو آئون ڊاڪٽري يا انجنيئري پڙهڻ وارن کي اهو ئي مشورو ڏيندو آهيان ته پنهنجي سبجيڪٽ کان علاوه ٻيون به ڳالهيون سکو....

خاص ڪري انهن ڏينهن ۾ جڏهن گرئجوئيشن بعد توهان واندا آهيو ۽ اڃان نوڪري نہ ملي آهي. خاص ڪري عربي ۽ ملئي جهڙيون زبانون سکي وٺجن جو عربي اچڻ ڪري توهان عرب ملڪن ۾ فائدي ۾ رهي سگهو ٿا. ملئي زبان بہ ملائيشيا کان علاوه انڊونيشيا، برونائي ۽ فلپائين ۽ ٿائلنڊ جي ڏاکڻن حصن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

ولايت جا ملڪ توهان کي نوڪري ڏيڻ يعني گهٽ پگهار ڏيڻ تي توهان مان ڪم بہ گهٽ وٺڻ چاهين ٿا. ان ڪري اهي ماڻهو جيڪي پاڪستان ۾ سرڪاري نوڪرين ۾ رهيا آهن ۽ هنن جي ذهن ۾ نوڪري معنيٰ پورهيو نہ پر آرام ڪرڻ آهي ۽ اهي جيڪي ڪم "نہ ڪرڻ" جا عادي ٿي ويا انهن لاءِ ٻاهرن ملڪن ۾ نوڪري ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. هو هر وقت ڪم کان ڪيٻائيندا رهن ٿا ۽ نوڪري ڏيڻ وارو بہ اهو سوچيندو رهي ٿو تہ هن هڏ حرام کي پهرين فرصت ۾ واپس ڪجي.

هونءَ منهنجو ڪو اهو مطلب ناهي تہ ولايت ۾ نوڪري نہ ڪجي. هن بيروزگاري جي عالم ۾ جِتي يورپ ۽ آمريڪا ۾ بہ ڪيترائي مڪاني ماڻهو بيروزگار ٿيو پيا هلن اتي جي اسان جي ماڻهوءَ کي ولايت ۾ ڊاڪٽري، انجنيري، پروفيسري يا ويندي ڪو ٽيڪنيڪل پورهيو سني پگهار تي مليو ٿو وڃي تہ ضرور ڪري پر اهو بہ ياد رکڻ کپي تہ جيڪو نوڪري ڏئي ٿو يعني پگهار ڏئي ٿو اهو توهان مان ڪم جي بہ اميد رکي ٿو. اسان جي ماڻهن لاءِ عربن توڙي هيڏانهن ملائيشيا ۽ جپان وارن کي گهڻي ڀاڱي اها ئي شڪايت آهي تہ پاڪستاني چڱي طرح ڊيوٽي نٿا ڏين...... موڪلون ڪن ٿا..... گسائين ٿا.... يا ڳالهہ ڳالهہ تي غصي ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪن ٿا...... سعودي عرب واري سفرنامي "اي روڊ ٽو مدينا" ۾ لکي چڪو آهيان تہ ڪيئن عرب مالڪ سنڌس ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستاني ورڪرن مان ناخوش هو جو حج جي ڏينهن ۾ هو سنڌس اجازت بنا موڪلون ڪري غير قانوني طرح حج ڪرڻ هليا ويندا هئا. ۽ هو اها بہ شڪايت ڪري رهيو هو تہ اسانجي ماڻهن جا هر وقت مهمان ايندا رهن ٿا جن سان ڊيوٽي ٽائيم ۾ ملڻ يا انهن کي گهمائڻ لاءِ گسائيندا رهن ٿا. ساڳي وقت انڊين، ڪورين ۽ فلپينو ورڪر هر وقت ڪم ۾ مشغول رهن ٿا. موڪل واري ڏينهن تي آرام ڪن ٿا جيئن ٻئي ڏينهن ڊيوٽي لاءِ تازا توانا ٿي پهچن. اهو ئي سبب آهي جو آئون ڌارين ملڪن ۾ ڪم ڪندڙن کي اها ئي نصيحت ڪندو رهان ٿو تہ هو پوري ڏيان ۽ محنت سان ان مالڪ جو ڪم ڪن جيڪو کين پگهار ڏئي ٿو. ويجهڙائيءَ ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي ڊاڪٽر کي سنگاپور ۾ نوڪري ملي تہ هو في الحال اڪيلي سر اچي join ڪري ان بعد سنڌس فئملي کي گهرائڻ جو بہ بندوبست ڪيو ويندو. پر هي انهن سان بضد هو تہ سنڌس زال ۽ ٻارن کي بہ هينئر گهرايو وڃي ۽ سنڌس ٻارن جي تعليم لاءِ اسڪول جو ڇا بندوبست آهي ۽ گهر ڪٿي هوندو .... وغيره وغيره. مون کيس سمجهايو تہ هنن پنهنجو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ توکي نوڪري ڏني آهي پر تون ماڳهين پنهنجا مسئلا کڻي وهندين تہ هو بيزار ٿي پوندا ۽ هو توکي ڇڏي ڪنهن انڊين،

بنگلاديشي يا ٻي ڪنهن ڪي جاب ڏئي ڇڏيندا. هونءَ به تنهنجي حق ۾ به اهو بهتر آهي ته پهرين اڪيلي سر وڃي پوري ڏيان سان هنن جو ڪم معلوم ڪر ۽ هنن جي اصولن موجب شروع ڪر ۽ ان دوران گهر ۽ اسڪول جي ڳولا ڪري پوءِ مهيني ٻن بعد فئملي کي گهراءِ. هڪ ئي وقت فئملي سان پهچندين ته تون به منجهي پوندين ته آيا نئين مليل جاب جي سڌ سماءُ رکجي يا ٻارن جو خيال ڪجي.

ڪيترن ئي ملڪن ۾ اسانجا پاڪستاني رهن ٿا جن کي نه فقط انهن ملڪن جو پاسپورٽ مليل آهي يعني اتي جا شهري آهن پر هنن جا وڏا ڪاروبار ۽ ڪارخانا آهن جن ۾ هو ايشيا ۽ آفريڪا جا ماڻهو گهرائي روزگار سان لڳائين ٿا پر مون ڏٺو آهي ته اسان جي ملڪ جا اهي ماڻهو پنهنجن ڪارخانن يا ڪمپنين ۾ پنهنجي هم وطنين کي جاب ڏيڻ کان لهرائين ٿا. هنن کي پنهنجي ملڪ جي ماڻهن سان به اهم شڪايتون آهن ته اهي محنتي نه آهن يعني ڊيوٽي يا پورهئي مزدوري کان ڪيٻائين ٿا. دل لڳائي ڪم نٿا ڪن جيئن مالڪ کي فائدو رسي ۽ ٻي ڳالهه سندن خراب attitude آهي. هو ڳالهه ڳالهه تي بگڙجيو پون. صحيح طرح ڪم نه ڪندا يا سندن غلطي جي نشاندهي ڪرڻ سان هو اها سڪڻ بدران ناراض ٿيو وڃن. ان جاءِ تي بنگالي يا انڊين..... ويندي ڪورين ۽ فلپينو به نئڙت سان هلن ٿا ... humble ٿي رهن ٿا. پنهنجي هڪ ملائيشيا واري سفرنامي ”ملائيشيا 12 سالن بعد“ ۾ لاهور جي نرسن جو احوال لکي چڪو آهيان ته هنن جي رهائش جو بندوبست اسپتال سان لاڳو فلئٽن ۾ ڪيو ويو جيئن ڪين پري ۽ پنهنجي رهائش جي ڳولا ۽ تڪليف نه ڪرڻي پوي ۽ هنن کي اهي به احڪامات مليل هئا ته رات جو گهمڻ ڦرڻ نه نڪرن ۽ ڏهين ٻارهين تائين سمهي رهن جيئن هو ٻي ڏينهن ڊيوٽي تي اچن ته فريش حالت ۾ هجن. پر پوءِ چا ٿيو جو هو رات جو دير تائين رلڻ ۽ ڌارين مردن سان دوستيون ڪرڻ لڳيون ۽ ڊيوٽي ۾ صحيح ڪارڪردگي جو مظاهرو نه ڪرڻ تي اسپتال جي مالڪ هنن کي سمجهايو ته سندن ان چڙواڳيءَ ڪري پيچيدگيون پيدا ٿي پونديون ... پر هنن هن جي ڳالهه هينئن سان هنداڻ بدران ڪٽي هڙتالَ ڪئي ته اسان نوڪري نه ڪنديونسين ۽ ڪوالالمپور ۾ پاڪستاني سفارتخاني اڳيان اچي ڌرڻو هنيائون ته اسان کي واپس وطن موڪليو وڃي. سفارتخاني لاءِ به عجيب صورت پيدا ٿي پئي ته هڪ ته مس مس ڏهه ٻارنهن ڄڻين کي سٺي پگهار سان نوڪري ملي ... هاڻ هو ڪانٽرئڪٽ جي خلاف ختم پيون ڪن. هنن کي مڪاني حڪومت اڳيان به شرمندگي ٿي جن ٻاڙا ڏئي هنن کي ٽن سالن جي نيڪي تي گهرايو هو ۽ هاڻ هو ٻن مهينن بعد contract کي رد ڪري موٽڻ پيون. هنن جي واپسي جي ٽڪيٽ ڪير ڀريندو ۽ اچڻ وارو ملائيشيا جي حڪومت جو ڀاڙو ڪير موٽائيندو جو ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڪيل ڪورٽ جي ڪاغذن تي contract ملائيشيا وارن نه پر اسان جي ماڻهن ڀڳو آهي..... پوءِ اهو مسئلو خبر ناهي ڪيئن حل ٿيو. ملائيشيا حڪومت يڪدم انڊيا مان نرسون

گهرايون جيڪي اجان تائين ڪم ڪري رهيون آهن ۽ انهن ڪان علاوه انڊيا ڪان اسپتال جي ڪم لاءِ ٻيو عملو به گهرايو ويو.....

سو ڳالهه اها آهي ته غلط attitude ڪري اسان پنهنجي نوڪري ۽ روزگار ته ختم ڪريو ڇڏيون پر ٻين پاڪستانين جي روزگار ڪي به ٻنجو ڏياريو ڇڏيون.

ساڳيو حالُ اسانجي شاگردن جو آهي جيڪي اعليٰ تعليم لاءِ ولايت ۾ اچن ٿا خاص ڪري اهي جيڪي ڪچڙي ذهن وارا بنيادي تعليم لاءِ اچن ٿا. هو فرسٽ ييئر ۽ انٽر ۾ محنت ڪري ملڪ جي ميڊيڪل يا انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا حاصل ڪرڻ بدران ائين ئي هينئين ڪلاس ۾ پاس ٿين ٿا ۽ پوءِ اتي جي پروفيشنل ڪاليج ۾ داخلا نه ملڻ تي فلپين ۽ ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ وڃن ٿا جِتي هنن جا مائٽ ڳريون فيون ڏئي هنن ڪي جهڙن تهڙن ڪاليجن ۾ داخلا وٺرايو ڏين جو بهرحال اتي به سنن ۽ ناموس وارن ڪاليجن ۾ انهن ڪي داخلا ملي ٿي جيڪي انٽر ۾ متاهون درجو ڪٽن ٿا. هڪ اهڙو پيءُ پنهنجي "B" ڊويزن ۾ انٽر پاس ڪرڻ واري پٽ ڪي چين موڪلڻ لاءِ مونکان صلاح ورتي.

"سرڪاري ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڪيس داخلا نٿي ملي ته هن ڪي بقائي، اسراء سر سيد جهڙن خانگي ڪاليجن ۾ ئي داخلا وٺي ڏيو جو هو گهٽ ۾ گهٽ توهانجي نظرن هيٺ ته هوندو. هن عمر ۾ ڪيس ٻاهر نه موڪليو ته سنو." پر هن چوڪري جو والد اهو ئي چوندو رهيو ته چا ڪريان چوڪري ڪي ولايت ۾ پڙهڻ جو شوق آهي.

۽ پوءِ چا ٿو ٿئي جو مائٽن جي نظرن ڪان ڏور رهندڙ ڪچي عمر ۽ ڪچي ذهن جي هنن شاگردن جي ڪنهن لوفر ٽائيپ هم وطني يا مڪاني شاگرد سان دوستي ٿيو ٿي وڃي ته پوءِ پڙهايون ڇٽيون ماڳهين هو پنهنجون عادتون خراب ڪريو وهن. مائٽن جي نظرن ڪان دوران قسم جي انٽر پاس چوڪرن ڪي ڏارين ملڪن ۾ رلندو پنندو ۽ وقت ضايع ڪندو ڏسي ڏاڍو افسوس ٿيندو اتم ته مائٽ ڪيڏو غلط ڪن ٿا. مئٽرڪ ڪان انٽر تائين سختي ڪري شاگرد ڪي پنهنجي ملڪ جي ڪنهن ڪاليج ۾ داخلا حاصل ڪرائڻ بدران ائين ئي ڏارئين ملڪ ۽ اوپري ماحول ۾ موڪليو ڇڏين. ڏارئين ملڪ ۾ پڙهڻ جو ته تڏهن charm آهي جڏهن توهان ڪنهن فيلڊ (انجنيري، ڊاڪٽري، IT يا سائنس) ۾ اعليٰ درجي سان گرئجوئيشن (M.Sc) ڪريو ۽ پوءِ توهان ڪي Ph.D ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ ملي وڃي. ۽ اها ئي عمر ۽ اها ئي تعليم فائدي واري ثابت ٿي ٿئي.

# آئون صلاح نہ ڏيندس....

مختلف اخبارن ۾ مختلف تعليمي ادارن جا ڪورسن بابت ڪوڙا سچا اشتهار ايندا رهن ٿا تہ تن يا ڇهن مهينن جو اليڪٽرڪ جو يا ريڊيو مڪينڪ جو ڪورس ڪري توهان پنهنجي توڙي ڌارين ملڪن ۾ هيتري وڏي پگهار واري نوڪري حاصل ڪري سگهو ٿا. اهڙي طرح هڪ GP3 ڪورس جو بہ اشتهار ايندو آهي تہ ”ڇهن مهينن جو هي ڪورس ڪرڻ سان توهانکي جهاز تي هيڏي ڳري پگهار جي نوڪري ملي سگهي ٿي ۽ توهان جي محنت ڪندئو تہ هڪ ڏينهن جهاز جا ڪئپٽن بہ ٿي ويندئو جنهن جو مهيني جو پگهار چار ڪان ست لک رپين تائين آهي. ڪو بہ مئٽرڪ پاس هن ڪورس جي چاليهہ هزار رپيا في ڏئي ڪري سگهي ٿو.“

بلڪل صحيح آهي. ان ۾ ڪوڙ تر جيترو بہ نہ آهي. تمام دلڪش ۽ وٽندڙ اشتهار آهي. ڪيترائي شاگرد... خاص ڪري ڏڏ شاگرد، جن ڇڪي ٿاٽي مئٽرڪ ڪئي آهي ۽ جن لاءِ انٽر سائنس ڪري ڪنهن انجنيئرنگ يا ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا حاصل ڪرڻ محال آهي... اهي ۽ انهن جا والدين اهو ئي سوچيندا تہ GP3 (جي پي ٿري) جو ڪورس ڪري جهاز تي نوڪري ڪرڻ کان بي کهڙي بهتر ڳالهہ ٿي سگهي ٿي .... جهاز تي ماني ٽڪي ۽ رهائش مفت. ڳري پگهار کان علاوه دنيا گهمڻ جا موقعا الڳ....! هڪ شاگرد ان قسم جو اشتهار پڙهي خيرپور کان مونکي فون ڪيو تہ هن کي ان بابت منهنجو مشورو کپي تہ آيا هو چاليهہ هزار في پري ڪراچي ۾ اچي جهازن جي نوڪري وارو اهو GP3 وارو ڪورس ڪري يا نہ؟

جواب ۾ مون صلاح ڏنس تہ ”هرگز نہ.“

منهنجي ان جواب تي تہ سڀ پڙهندڙ حيران ٿيندا هوندا ۽ خيرپور جي هن ڇوڪري کان بہ رڙ نڪري وئي تہ سائين توهان جهازن جي نوڪري ڪندڙ ٿي ڪري اسان کي منع ٿا ڪريو!.... وغيره وغيره.

يقين ڪريو تہ مٿين قسم جو سوال گذريل ڏهاڪو سالن ۾ خبر ناهي سنڌ جا ڪيترا شاگرد مونکان فون تي يا email ذريعي يا فيس بڪ تي پڇي چڪا آهن ۽ مونکي پڪ آهي تہ ان کان وڌو انگ انهن جو هوندو جيڪي اهو ساڳيو سوال پڇڻ چاهيندا هوندا پر هنن وٽ منهنجو فون نمبر يا بيو ڪو contact ناهي. ان ڳالهہ جو سوچي اڄ هن تفصيلي مضمون لکڻ جو ارادو ڪيو اٿم جيئن منهنجي هيءَ ڳالهہ يا سوچ بين لاءِ رهنمائي ثابت ٿي سگهي ۽ پوءِ هو پاڻ فيصلو ڪري سگهن.

پهرين ڳالهہ تہ GP ڇا آهي؟ اهو مخفف آهي جنرل پرپز جو. پاٽيءَ جو جهاز هلائڻ لاءِ هڪڙا آفيسر ٿين ٿا جن ۾ پنج ڇهہ ڪئپٽن کان ڪئڊٽ تائين نيويگيٽر ٿين. اهڙي طرح ڇهہ ست مئرين انجنيئر ٿين ٿا جن ۾ چيف انجنيئرن کان جونئر انجنيئر تائين اچي وڃن ٿا. انهن کان علاوه سنڌن

مدد لاءِ جهاز جي مختلف ڪمن: رسا چڪڻ، طوفانن ۾ اسٽيرنگ ويل کي جهلي بيهڻ، انجڻ روم ۾ مشينن کي صاف ڪرڻ ۽ تيل ۽ گريز ڏيڻ، ۽ رنگ روغن ڪرڻ لاءِ جيڪي ورڪر (خلاصي) تين تا اهي GP سڏجن ٿا. اڳيئن دور ۾ يعني گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهي تائين جڏهن اجان جهاز اڄ جهڙا ماڊرن ۽ آٽوميٽڪ نه ٿيا هئا ته هر جهاز تي آفيسر ۽ خلاصين جو تعداد ڪافي وڏو هوندو هو... ايٽريڦدر جو ايم وي چناب ۽ ايم وي سرفراز رفيقي جهڙن 25 هزار ٽنن وارن جهازن تي جن جو آئون چيف انجنيئر هوس، ڪئپٽن ڪان ٽوپس (جهاز جي پنگيءَ) تائين ستر کن ماڻهو هوندا هئا. پوءِ 1980ع ۾ جپان کان پهريون آٽوميٽڪ جهاز خريد ڪيوسين ته ان تي جملي 40 کن ماڻهو هئاسين جيڪي پڻ هڪ 25 هزار ٽن واري جهاز لاءِ وڏو عملو هو جو هاڻ ته  هڪ لک ٽن واري جهاز تي به 30 کن ماڻهو ڪافي سمجهيا وڃن ٿا.

ستر واري ڏهي تائين، يعني مالاڪند نالي جهاز کان اڳ تائين، آئون جن به جهازن تي رهيس ان تي انجڻ روم ۾ اسان جي مدد ۽ انجڻين جي صفائي لاءِ الڳ ماڻهو هوندا هئا ته ڊيڪ لاءِ الڳ ... جن ڊيڪ آفيسرن (ڪئپٽن، چيف ميٽ کان ڪئڊٽ تائين نيويگيشن آفيسرن) جي ماتحت رسا چڪڻ، رنگ روغن ڪرڻ ۽ ٻيا ڪم ڪيا ٿي. انجڻ روم ۾ انهن ڪم ڪندڙن ۾ گهٽ ۾ گهٽ تي ”تيل وارا“ هوندا هئا ۽ جهاز جي وڏي ۽ پراڻي موجب.... يعني ان تي هلندڙ مرمت ۽ maintenance جي ڪم مطابق چار، پنج يا اجان به وڌيڪَ ڪم ڪرڻ وارا رکيا ويا ٿي جيڪي ”آگ وارا“ سڏبا هئا. انهن آگ وارن (Firemen) ۽ تيل وارن (oil men & Greasers) مٿان جيڪو انچارج يا ڪمدار هوندو هو اهو سرنگ سڏبو هو. اهو به شڪر جو ڊيزل جا جهاز ٿيڻ ڪري گهٽڻ بائلرن جي ضرور نٿي  پئي جو جهاز جي مين انجڻ جا پسٽن ٻاڦ زريعي هيٺ مٿي ٿيڻ بدران ڊئريڪٽ فيول سان ٿيا ٿي. هينئر جهاز تي جيڪو هڪ يا ٻه ننڍا بائلر هلن ٿا اهي پڻ تيل تي ٻرن ٿا نه ته انهن ڏينهن ۾ جڏهن اسان پڙهندا هئاسين يعني سٺ واري ڏهي جي شروع وارن سالن تائين بائلرن جي کوري (فرنيس) ۾ ڪوئلو وجهي ساڙيو ويو ٿي جنهن لاءِ جهاز تي ٽي چار ماڻهو وڌيڪَ هوندا هئا.

جهاز جا باٿ روم صاف ڪرڻ لاءِ ٽي چار ٽوپس (پنگي) هوندا هئا. ظاهر آهي وڏي عملي ڪري بورچي خاني جو عملو به وڏو هوندو هو.... ٽي کن بورچي، ٻه کن پنداري (ٻاچي ڪٽڻ وارا)، ڇهه ست بٽرا (کاڌو سَروِ ڪرڻ وارا)، انهن جو انچارج پئنٽري مئن وغيره هوندا هئا. انهن سڀني جي چونڊ فقط سندن ڪم جي جاڻ تي ٿيندي هئي ۽ گهڻو ڪري جهاز جو مالڪ پنهنجي مرضي مُطابق نوڪريون ڏيندو هو ۽ جهاز تي سفر ڪرڻ لاءِ ملڪ جي سرڪاري شپنگ آفيس انهن کي CDC (پاسپورٽ نموني جو ڪِتاب) جاري  ڪندي هئي.

جهازن کي حادثن کان بچائڻ، جهاز تي ڪم ڪندڙ انسانن جي سلامتي ۽ دنيا جي سمنڊن کي گدلي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ستر واري ڏهي ۾ UNO جي جهاز سان واسطو رکندڙ برانچ IMO

جهازن ۾ سمنڊن بابت سخت قاعدا قانون ناهيا... انهن ۾ اهو به شامل ٿيو ته جهاز جي انجن روم ۾ ڊيڪ لاءِ الڳ الڳ ڪم وارا رکڻ بدران عام طرح رکيا جيڪي جِتي به ضرورت پئي ته اتي ڪم ڪندا ... يعني اهي عام مقصد (جنرل پرپز) لاءِ هوندا ۾ آگ وارا، تيل وارا، خلاصي، پنداري وغيره سڏجڻ بدران GP سڏبا، ٻي ڳالهه ته هنن مان هر هڪ مئٽرڪ پاس ضرور هجي ۽ جهاز تي G.P تي ڪم ڪرڻ لاءِ هن کي ڇهه ڪن مهينن جو ڪورس ڪري ان جو امتحان ڏيڻ لازمي آهي جنهن ۾ ٿوري گهڻي انگريزي ۽ مئٿس جي ڄاڻ کان علاوه جهازراني سان واسطو رکندڙ هنن ٽن سبجيڪٽن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ضروري ڪئي وئي: فائر فائيٽنگ (جنهن ۾ مختلف شين کي باهه لڳڻ تي ان کي وسائڻ ۽ پاڻ کي بچائڻ جا طريقا)، فرسٽ ايڊ (ميڊيڪل جي بنيادي ۽ فرسٽ ايڊ معلومات) ۽ Survival at sea (يعني جهاز جي ٻڏڻ وقت پنهنجو پاڻ کي ڪيئن بچائجي.... وغيره)

بين الاقوامي طور اهو قانون پاس ٿيڻ تي پاڪستان توڙي ٻين ملڪن ۾ خلاصين کي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ لاءِ ”سي مين ٽريننگ سينٽر“ سرڪاري توڙي خانگي طرح کوليا ويا ۽ نون سان گڏ جهاز تي نوڪري ڪندڙ پراڻن کي به موڪل تي لاٿو ويو ته هو مئٽرڪ ڪري پوءِ GP3 جو ڪورس پاس ڪري جهاز تي اچن. جيڪي پاس نه ڪري سگهيا انهن جو مستقل طور نوڪري واري لسٽ مان نالو ڪڍيو ويو. ڪيترن عرب ملڪن توڙي يورپ جي ملڪن ۾ ان ٽريننگ جو بندوبست شروع نه ٿيڻ تي اسانجي ملڪ جي ڪيترن نوجوانن کي جيڪي جيڪي GP3 جو ڪورس ڪندا ويا انهن کي ايران، ڪويت توڙي يونان ۽ اٽلي وغيره جي جهازن تي نوڪريون ملنديون ويون. GP3 خلاصيءَ جي به اڍائي سال جهاز تي نوڪري ڪرڻ بعد ترقي ٿئي ٿي ۽ GP2 سڏجي ٿو. ان بعد هو GP1 ٿئي ٿو. يعني GP1 (جي پي ون) تجربيڪار ٿئي ٿو ۽ جي پي ٽري نئون سيکڙات يا وڌ ۾ وڌ ڪٽي سال ڏيڊ جي تجربي وارو ٿئي ٿو. بهرحال هيءَ اسڪيم شروع ٿيندي اڄ ٽيهن کان مٿي سال اچي ٿيا آهن ۽ هاڻ هر ملڪ ۾ اتي جا نوجوان GP3 جو ڪورس ڪريو وينا آهن ۽ ضرورت پوڻ تي هو اسانجي ملڪ انڊيا، پاڪستان، بنگلاديش مان ڪٽڻ بدران هر ملڪ پنهنجا ماڻهو ڪٽي ٿو ۽ جيڪي اسان جا نوجوان اتي هئا انهن کي به GP2 ۽ GP1 هجڻ جي باوجود انهن ملڪن مان ڪڍيو ويو. هونءَ به ڏينهون ڏينهن پاٽي جي جهاز جو تعداد گهٽجي رهيو آهي. مسافر جهاز تي ڪي چند وڃي بچيا آهن. مالبردار جهاز به گهٽجي رهيا آهن جو هر ملڪ جي حڪومت چاهي ٿي ته اها ٻئي ملڪ کان چانور ڪٽڪ، ڪپهه ۽ ٻيو سامان جيتري قدر گهٽ تي سگهي گهرائجي جو ان تي غير ملڪي ناڻو ضايع ٿئي ٿو. اڳ ۾ اسان جا جهاز جپان مان ڪارون ڪٽي نه فقط پاڪستان پر عرب ملڪن ۾ پهچائيندا هئا. هاڻ جپان توڙي جرمني جي هر ڪار جو، هر ملڪ ۾ ڪارخانو آهي. 1980ع تائين اسان جي ملڪ کي 80 کن جهاز هئا هاڻي ڏهه کن وڃي بچيا آهن انهن کي به ورلي ڪو امپورٽ يا ايڪسپورٽ جو سامان ٿو ملي. مونکي ياد آهي ته

منهنجي ڏينهن ۾ پاڪستان کان چانورن، ڪپهه، ڏاڳي ۽ گانگٽ مڇين جا جهاز پرجي جپان ويا ٿي. اسان جي ڪٽڪ سعودي عرب وئي ٿي. اڄ سعودي عرب ۾ ئي ڪٽڪ ايتري ٿئي ٿي جو هو ٻين کي وڪڻڻ لاءِ تيار آهي. ملائيشيا ۽ جپان وارا پئسو بچائڻ جي چڪر ۾ سنڌن ملڪ جا سادا چانور کائيندا هئا پر هاڻ هو اسان جا خوشبوءِ وارا اوچا سڳداسي، باسمتي چانور گهرائڻ کان پرهيز ڪن ٿا. اسان جا جهاز جپان کان ٽي وين، واشنگ مشينن ۽ فِرجن سان پرجي ايندا هئا. هينئر اهي جپاني شيون لائسنس تي اسان جي ملڪ ۾ پيون ٺهن.... بلڪ پنهنجي لوڪل برانڊ جون به نهي رهيون آهن... سو اهڙي حالت ۾ جهاز ڏارڻ نقصان جو سودو آهي. جهاز جي ڪيترن مالڪن پنهنجو پئسو شپنگ مان ڪڍي هوٽل بزنيس ۽ ٻين شين ۾ لڳايو آهي ۽ دنيا جي سمنڊن تي جهازن جو تعداد وجي ڏينهون ڏينهن گهٽبو .

بهرحال جهازن جي کوٽ ڪري ”نوڪريون“ نه پيون نڪرن. GP3 ته ڇا GP1 به هڪ سال کن جهاز تي Sail ڪرڻ بعد به به سال بيروزگار وينا آهن. اهڙي صورت ۾ هي ڪورس ۽ تعليمي درسگاهه بند ڪري سگهجن ٿا ۽ بند به تي وجن ها پر عوام پُرزور مطالبو ڪيو ته تعليم ته ڏني وجي ... تي سگهي ٿو ڪنهن کي نوڪري به ملي وجي .... ۽ ڪڏهن ڪڏهن واقعي ڪو فريش گرئجوئيٽ يعني ”جي پي ٽري“ ڀاڳ وارو آهي ته هن کي ڪنهن جهاز تي نوڪري مليو وجي. مثال طور ڪو يورپي جهاز ٻن ڏينهن لاءِ ڪراچي آيو. ان جهاز جو ڪو GP سخت بيمار ٿي ڪناري جي اسپتال ۾ داخل ٿي پيو. جهاز کي ٻي ڏينهن Sail ڪرڻو آهي ۽ ان جي جاءِ تي ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ ڪو GP کپي ئي کپي. پوءِ هو ڪراچيءَ ۾ رهندڙن پنهنجي ايجنٽ کي جلد از جلد ماڻهو هٿ ڪري ڏيڻ لاءِ چون ٿا ۽ اهڙي صورت ۾ تازو ڪورس ڪيل GP3 کي نوڪري مليو وجي نه ته عام صورت ۾ هر جهازران ڪمپني وٽ پنهنجن پراڻن ماڻهن جي لسٽ آهي جن کي وارو ڏيندا رهن ٿا. پر جي نئون GP کپين ٿو ته به هو GP3 بدران GP1 ڳولين ٿا جيڪو وڏيڪ تجربو رکي ٿو. ۽ هر جهاز جو مالڪ ۽ جهاز هلائڻ وارو ڪئپٽن توڙي چيف انجنيئر چاهي ٿو ته هن جي جهاز تي پراڻو ۽ تجربيڪار ماڻهو هجي جيڪو خراب سمنڊ ۽ اوچتو آيل طوفانن ۾ ٻين تي بار ٿيڻ بدران همت ۽ پراڻي تجربي مان فائدو وٺي جهاز هلائڻ وارن لاءِ مددگار ثابت ٿئي ۽ باهه لڳڻ جهڙن حادثن ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪري سگهي. ڇو جو جهاز تي تمام گهٽ ماڻهو رهن ٿا ۽ هنن کي ڏينهن رات (ويندي آچرن تي ۽ عيد برات) سخت پورهيو ڪرڻو پوي ٿو. ڪو به جهاز جو آفيسر نه چاهيندو ته هن جو جونئر آفيسر يا ڪم ڪار ڪرائڻ وارو GP سست ۽ ناتجربيڪار هجي.... پوءِ اهو ڀلي سنڌن پائيٽو پاٽيجو ڇو نه هجي... ڇو جو سمنڊ تي سيني جي زندگي داءَ تي لڳل رهي ٿي. ڪنهن هڪ جي غلطي يا سستي ڪري سڄو جهاز ۽ ان جا سوار سورن ۾ پئجي سگهن ٿا.

بهرحال اها حقيقت آهي ته جهاز تي خلاصي جي نوڪري لاءِ GP3 جو ڪورس ڪرڻ ضروري آهي ۽ اها به حقيقت آهي ته هيٺين درجي جي GP يعني ”جي پي ٿري“ جو پگهار به چڱو خاصو ٿئي ٿو، پر سوال آهي ته جهاز ڪٿي آهن؟ ۽ نوڪريون ڪٿي آهن؟ هن وقت فقط سنڌ جا هزارين نوجوان پئسو خرچ ڪري GP3 جو ڪورس ڪريو ويٺا آهن پر ملڪي يا غير ملڪي جهاز تي ڪا ورلي جاءِ خالي ٿئي ٿي جنهن تي جي پي ون رکيو وڃي  ته جيڪي پڻ هن وقت مارڪيٽ ۾ انيڪ ويٺا آهن!

ڪو شايد ائين به چوي ته ملڪ جا جيڪي جهاز آهن... چند ئي سهي، انهن تي جيڪڏهن 8 ڪن جي پي جي ضرورت آهي ته 8 بدران 12 يا 16 رکيا وڃن جيئن ملڪ جا نوجوان تجربو حاصل ڪري سگهن ۽ به اڍائي سال جهاز تي نوڪري ڪري گهٽ ۾ گهٽ GP2 تي سگهن جن لاءِ ڌارين ملڪن جي جهازن تي وري به بهتر موقعا ميسر ٿي سگهن ٿا. بلڪل سٺي سوچ آهي ۽ جيڪي مالڪ جهازن جي روزانو تيل سڙڻ، بندرگاهن ۾ بيهارڻ جي في ۽ انجڻ جي مرمت تي لکها بلڪ ڪروڙها خرچ ڪري سگهن ٿا انهن لاءِ ڏهه ڪن وڌيڪ هيلپر (GP) جن جو پگهار سيني ڪان گهٽ ٿئي ٿو، رکڻ ۾ ڪهڙو عار! ۽ جهاز تي ڪيترائي فالتو ڪمرا تين ٿا. هڪ هڪ ۾ ٻه ٻه ٽي ٽي رهي سگهن ٿا ۽ ماني ٽڪي جو به ڪو خاص خرچ ناهي.

پر اهو ڪم نا ممڪن آهي. بندرگاهه ۾ بيٺل جهاز تي پلي ڪيترا به ماڻهو ۽ مهمان رهيا پيا هجن پر سمنڊ تي جهاز هلڻ وقت فقط ۽ فقط اوترا ماڻهو رهي سگهن ٿا جيترن لاءِ Boat Capacity آهي. يعني جهاز جي ٻڏڻ وقت جيترن ماڻهن جي جهاز جي ٻيڙيءَ ۾ وهڻ جي جاءِ، لائيف جئڪيٽ ۽ ڪاڏو پيتو مقرر ٿيل آهي. هي ائين آهي جيئن هوائي جهاز ۾ پنج ڇهه ماڻهو پٽ تي به ويهي سفر پورو ڪري سگهن ٿا پر بين الاقوامي قانون ان ڳالهه جي اجازت نٿو ڏئي، جو خدا نخواسته رستي تي موسم خراب ٿي پوي ته بيا ته پنهنجو پاڻ ڪي بيلٽ ذريعي پنهنجي سيٽ سان ڪٽي سوگهو ڪندا ۽ هي فالتو ماڻهو جهاز جي پاسن ۽ ڇت سان ٽڪرائجي زخمي ٿي پوندا يا آڪسيجن جي کوٽ وقت مقرر مسافرن لاءِ ڇت مان ماسڪ ڪري سگهندا باقي فالتو ته  مري ويندا. اهو ئي قانون بحري جهاز تي آهي. هڪ ماڻهوءَ جي موڪل ڪرڻ تي هڪ ماڻهو ئي جهاز تي چڙهي سگهي ٿو.

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا اشتهارن ۾ چئي وڃي ٿي ته GP3 چاهي ته محنت ڪري ڪئپٽن تائين پهچي سگهي ٿو. بلڪل صحيح آهي. پر ان لاءِ پروسيجر اهو آهي ته GP1 ٿيڻ بعد هن ڪي مزيد به ٽي سال سمنڊ جي نوڪري ڪرڻ بعد انٽر جو امتحان، ان بعد ڪئڊٽ جو امتحان ڏئي پوءِ ڪئڊٽ جي پوسٽ تي Sail ڪرڻو پوندو. مقرر سال Sail ڪرڻ بعد ٿرڊ ميٽ، پوءِ سيڪنڊ ميٽ، پوءِ چيف ميٽ ۽ پوءِ ڪئپٽن جا امتحان ڏيڻا پوندا. سمنڊ تي هر ترقي 21 مهينا رهڻ ۽ مقرر امتحان ڏيڻ بعد

ٿئي ٿي ... هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڪو اهڙو قابل آهي ته پوءِ هو مئٽرڪ بعد GP3 ٽيڻ بدران ٻه سال وڌيڪ پڙهي انٽر ڪري آفيسرن واري چوندا يعني مئرين اڪيڊمي ۾ ٻن سالن جي ڪئڊٽن واري پڙهائي لاءِ مقابلو ڇو نٿو ڪري؟ جنهن بعد هو جهاز جو ڊئريڪٽ ڪئپٽن يا مون وانگر چيف انجنيئر ٿي سگهي ٿو. انٽر بعد منهنجي مئرين انجنيئرنگ ڪئڊٽ جي حيثيت سان 1963ع ۾ چوندا پاڪستان مئرين اڪيڊمي چٽگانگ ۾ ٿي هئي جيڪو هن وقت بنگلاديش جو شهر آهي.

هونءَ ته ڏنو وڃي ته GP3 يا GP1 جا هن وقت مرچنٽ نيوي جي جهازن جا 50 ڪن ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر ٻه جهازن جي ڪوٽ ڪري بيروزگار وينا آهن. هي ائين آهي جيئن ڪو پائليٽ جي ڪورس پنيان ويهه پنجويهه لک رپيا خرچ ڪرڻ بعد بيڪار ويهي رهي جو ڪٿي آهن نوڪريون؟ مون کان ته ڪو پڇي ته آئون اها ئي صلاح ڏيندس ته GP3 ته جا مئرين انجنيئر ٽيڻ کان ٻه بهتر آهي ته مڪينيڪل، اليڪٽريڪل، اليڪٽرانڪ وغيره جو انجنيئر ٽيڻ ڪپي جنهن کي جيڪڏهن ڪا سرڪاري نوڪري نه ملي ته پنهنجو ئي هڪ ننڍڙو ورڪشاپ کولي روزگار ڪمائي سگهي ٿو. مئرين انجنيئر (يعني جهاز جو انجنيئر) ڇا ٿو ڪري سگهي؟ ڇا پنهنجو جهاز خريد ڪري اهو هلائي؟ هِتي پڙهندڙن جي معلومات لاءِ اهو ٻه لکندو هلان ته پاٽيءَ جو جهاز خريد ڪرڻ واري لاءِ اهو ٻه ضروري ٿئي ٿو ته دنيا جي مختلف ملڪن ۾ آفيسون ناهي، اتي مڪاني عملو رکي جيئن جهاز اتي پهچي ته ان جي ديک پال ٿي سگهي. بهرحال ڪو زمانو هو... خاص ڪري گذريل صديءَ جو آخري اڌ جڏهن هيءَ ٽيڪنالاجي ٻُوم تي هئي... جهاز تي نوڪري ڪرڻ جي ڪشش پيدا ڪرڻ لاءِ مون شروع جي سفرنامي ۾ سمنڊ تي درپيش ايندڙ مشڪلاتن جو احوال لکڻ بدران ڪوڙيون سچيون چوڪرين جون ڳالهيون يا گهمڻ ڦرڻ جا مزا لکيا ته جيئن سنڌ صوبي جا نوجوان سامونڊي زندگي ڏي رخ رکن.... ۽ ان ۾ وڏي حد تائين ڪاميابي ٻه نصيب ٿي ۽ نه رڳو شهرن جا پر ڳوٺن جا ٻه انيڪ نوجوان هن فيلڊ ۾ آيا ۽ ڪيترن ته دنيا ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو جهڙوڪ اسان جي ڳوٺ جو ڪئپٽن رشيد ابڙو، دادو جو چيف مئرين انجنيئر ظهير بابر قريشي، غلام شبير ميرجت، روهڙي جو ڪئپٽن عالم شيخ، ميرپورخاص پاسي جي ڪنهن ڳوٺ جو ڪئپٽن عبداللطيف لاشاري، جيڪب آباد جو ڪئپٽن اوستو، نواب شاهه جو ڪئپٽن پيرزادو وغيره وغيره. پر هاڻ سڄي دنيا جي مرچنٽ نيوي جو حال ڏسي شاهه جو شعر ٿو ياد اچي ته:

اڳي ائين هياس جو پنهون ڏوتم ڪپڙا،
هاڻ ائين ٿياس جو جت نه نين پاڻ سين.

# اسان وٽ هرويرو ڪاڏي تي زور آهي.....

سنڌ جي هڪ ڳوٺ جي گهر ۾ وڃان ته اتي ٻار هورلڪس پي رهيا هئا جنهن جو اشتهار اڄ ڪلهه اخبار ۽ ٽي وي تي به ايندو رهي ٿو. سنڌن ماءُ پيءُ کان پڇيم ته هي ڇا آهي؟ جواب ۾ هو تعريفن جون وڏيون پليون اڏڻ لڳا ته هي ولايت (ڊينمارڪ) جو پائوڊر آهي جنهن کي پاڻيءَ ۾ ملائي پيئڻ سان ٻارن ۾ طاقت اچي ٿي ۽ هو پڙهائيءَ ۾ به سٺا ٿين ٿا.....

دل ۾ چيم ته منهنجي زندگيءَ جو به وڏو حصو تعليم سان وابسته رهيو آهي پڙهائي ڪرڻ توڙي پڙهائڻ ۾ .... منهنجي تجربي ۾ پڙهائيءَ ۾ ٻار اهو ئي سٺو ٿئي ٿو جنهن کي مائٽ محنت جي عادت وجهن ٿا. هنن کي وقت ضايع ڪرڻ بدران لکڻ پڙهڻ لاءِ اتساهه پيدا ڪن ٿا ۽ متن نظر رکن ٿا يعني هنن جي monitoring ڪن ٿا ته هو ڌيان سان لکي پڙهي رهيو آهي يا هٿ ۾ ڪِتاب اٿس نِگاهون ٽي ويءَ ڏي.

”اسان کي ’هورلڪس‘ جهڙين شين جي ڪهڙي ضرورت جڏهن اسان وٽ ڪٽڪ جام آهي.“

مون کين چيو ۽ هو حيرت مان مونکي ڏسڻ لڳا. ان تي مون کين سمجهايو ته هورلڪس ڇا آهي؟ .... ڪٽڪ جي اٽي، کير ۽ کنڊ جو مڪسچر آهي ۽ واقعي کير ۽ ڪٽڪ ۾ وڏي طاقت آهي... خاص ڪري ڪٽڪ ۾. ۽ اها شيءِ ان ملڪ جا ٻار پلي ڪائين/پيئن .... يعني ڊينمارڪ جا، جِتي جي ٻارن لاءِ هنن ناهيو آهي. اسان جو پيا چرين وانگر پئسو وڃايون! اسان وٽ ته ڪٽڪ جام ٿئي ٿي ۽ اڄ ڪلهه اٽي جو اگهه گهٽو آهي ته به دنيا ۾ اسان وٽ سستي ۾ سستو آهي. ۽ ان پراٺي پيٽ ٽيل ڊبي جي هورلڪس کان ته تازي ڪٽڪ جي ماني ۽ کير جو ڪوپ ٻار کي ڏيو ته اهو هن لاءِ وڌيڪ صحتمند آهي. هي هورلڪس جهڙا نخرا انهن ملڪن لاءِ آهن خاص ڪري ڊينمارڪ، ناروي، فنلنڊ، سئيڊن جهڙن ملڪن لاءِ جِتي اونهاري ۾ به ايڏو سيءُ ٿو پوي جو ڪٽڪ ته نهيو پر جهڙو تهڙو اناج به پوکي نٿو سگهجي.

اسان جڏهن جهاز کي سئيڊن يا ناروي جهڙن ملڪن جي بندرگاهن ۾ وٺي ويندا هئاسين ته اسان لاءِ ڪاڏي پيتي جو مسئلو نه هوندو هو. ٻي راشن سان گڏ ڪٽڪ جو اٽو ۽ چانور به ايترا ڪٽي ويندا هئاسي جو پنج ڇهه مهينن جي سفر بعد به بچي پون. ٿئي ويلا ڪٽڪ جو چپاتيون ۽ اقراتا ڪائيندا هئاسين. ۽ بقول اسانجي هڪ سئيڊن جي واقفڪار فئملي جي ”ست رچيون هڪ طرف ته گيهه ۾ تريل اقراتو ٻئي طرف!“

البت تعليم دوران جڏهن آئون به اڍائي سال فئملي سان گڏ سئيڊن جي ڏاڪٽي بندرگاهه مالمو ۾ وڃي رهيو هوس ته ڪٽڪ جي اٽي حاصل ڪرڻ جي ڏاڍي پريشاني ٿيندي هئي ....خاص ڪري سياري ۾ .... ۽ سئيڊن، ناروي، فنلنڊ جهڙن ملڪن ۾ سيارو معنيٰ گهٽ ۾ گهٽ اٺ مهينا کن

سخت سيءُ ٿيندو هو جنهن دوران جسم ۾ چيندڙ تڏيون هوائون لڳنديون هيون. عام ماڻهن کي چانور يا چپاتين بدران پٽاٽا ئي کائيندي ڏسندا هئاسين. يونيورسٽي جي ميس ۾ بہ مڇي جي ٻيريَ يا گوشت جي چاپ سان گڏ پٽاٽا ملندا هئا يا ڪڏهن ڪڏهن چانور. شهر ۾ هڪڙو ڊپارٽمينٽل اسٽور هو جيڪو ٻن ٽن هفتن بعد ڪڏهن موراڪو کان تہ ڪڏهن اسرائيل کان موسميون ۽ اٽي جا پنج پنج ڪلو وارا ٿيلها گهرائيندو هو جنهن جو اطلاع اشتهارن ذريعي ڪيو ويندو هو جيئن شهر جا ماڻهو اٽي جي شوق ۾ ان دڪان تي اچن ۽ آئي سارو ٻي بہ خريداري ڪن. هر گهر کي 5 ڪلو وارو هڪ ٿيلهو خريد ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن في ماڻهو 5 ڪلو جو ٿيلهو ٿيندو هو تہ ان ڏينهن آئون بہ يونيورسٽي مان موڪل ڪري زال سان گڏ ان دڪان اڳيان قطار ۾ اچي بيهندو هوس جو اسان کي چپاتي وڌيڪ پسند آئي ٿي. ايئن تہ شهر ۾ هڪ ايراني دڪان وارو نان بہ وڪڻندو هو پر اهي نان ان وقت يعني اڄ کان 25 سال کن اڳ جڏهن اسان وٽ هڪ رپئي جا بہ نان مليا ٿي تہ اتي هڪ نان 7 ڪرونن يعني ان وقت جي حِساب موجب 35 رپئي جو مليو ٿي. ان مان پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن ٿا تہ اهڙن ٿڌن ملڪن ۾ ڪڻڪ جي اٽي جي ڪيڏي ڪوٽ ۽ مهانگائي رهي ٿي. ان ۾ تہ ڪو شڪ ناهي تہ چانورن ۽ ٻين شين کان وڌيڪ طاقتور شيءِ ڪڻڪ آهي.... ٿڌن تہ انهن ملڪن جي ماڻهن ڪڻڪ جهڙي اناج مان اهڙيون هورلڪس جهڙيون شيون ناهيون آهن ۽ اهي مهانگيون ان ڪري آهن جو هنن کي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن مان مهانگي اگهہ تي ڪڻڪ امپورٽ ڪرڻي پوي ٿي .... ۽ اسان جهڙا بيوقوف ڪڻڪ جي هوندي سوندي هورلڪس جهڙيون شيون ڳرن اگهن تي ڊينمارڪ جهڙن ڏورانهن ملڪن مان گهرايون ٿا. هو چا شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ: ”پاڻي مٿي جهوپڙا، مورک اڄ مرن ....“

سئيڊن جهڙن اتراهن ملڪن ۾ جِتي سال جا گهڻ ۾ گهڻ اٺ نو مهينا سخت سيءُ رهي ٿو ڪيترا ماڻهو قبضي جو شڪار رهن ٿا. چا تو ٿئي جو سخت سيءَ ڪري اڄ تہ صفا نٽي لڳي ۽ مشغول زندگيءَ ڪري اهو بہ اڪثر وسريو وڃي تہ اُڄ نہ هوندي بہ ٿورو گهڻو پاڻي پيئندو رهجي. پوءِ ماڻهو تہ چا پالتو ڪتن کي بہ ڪڏهن ڪڏهن چاڪليٽ ڪارائڻو پوي ٿو. منهنجي ڪمري جي اتراهين دريءَ جي سامهون ميونسپلٽي طرفان هڪ ٽڪنڊو پارڪ هو جِتي ڪتن جا مالڪ جن ۾ هنن ملڪن ۾ مرد گهٽ عورتون گهڻيون ٿين، ڇو جو اسڪينڊينيوين ملڪن ۾ ڇوڪرين جو وڏو شوق ڪتو پالڻ هوندو آهي ۽ حڪومت جي سختيءَ ڪري هو هنن کي، يعني ڪتن کي صبح ساڻ شهر جي اهڙن مقرر ٿيل پارڪن ۾ واڪ ڪرائي هَنگائين مُتائين. ڪتي جي دير ڪرڻ تي ۽ سخت سيءَ ۾ پاڻ کي گهڻو وقت ڏڪائڻ کان بچائڻ لاءِ هو مجبور ٿي هنن کي چاڪليٽ ڪارائيندا آهن. جيڪي ظاهر آهي ڪتن ٻلن لاءِ سادا ٿين ٿا پر چاڪليٽ چاڪليٽ ٿئي ٿو ۽ جلد ئي قبضي توڙيو ڇڏي. بهرحال انهن ٿڌن ملڪن ۾ چاڪليٽ کائڻ ماڻهن توڙي جانورن جي مجبوري آهي.

مونکي حيرت ٿيندي آهي جڏهن گهوٽڪي، جيڪب آباد.... توڙي حيدرآباد، نوابشاهه جهڙن گرم علائقن جون مائرون اونهاري جي سخت گرميءَ ۾ جڏهن ته پگهر وجي ڪڙيون ڪٽندو آهي، پنهنجي لاڏلن ٻارن کي چاڪليٽ ڪارائيندين وتنديون آهن! چاڪليٽ کو اسانجي ملڪن جي ماڻهن جي کائڻ جي شيءِ ته نه آهي! پوءِ جڏهن ٻارن کي دست ٿيندا آهن ته ان قسم جو مائرون چاڪليٽ بند ڪرائڻ بدران ڊاڪٽرن کان دستن جي دوا وٺڻ ۾ پوريون هونديون آهن! مون هڪ ملائيشيا واري سفرنامي ۾ پنهنجي آفيس جي هڪ ڪلارڪ ڇوڪري قمريا بابت لکيو آهي ته ملئي ماڻهن کي ٻه پئسو ايندو آهي ته رڳو زور ڇٽي تي .... يعني اجايون سجايون شيون کائڻ تي هوندو اٿن! قمريا جي ٽن سالن جي سڪيلڌي پٽ جي هٿ ۾ هر وقت ڪئڊبري چاڪليٽ جي سڄي ٻار هوندي هئي. ٿڌن ملڪن ۾ گورا مجبوري ۾ چاڪليٽ کائين ته ٻه هڪ ننڍڙي ڳُري (Piece)، اسانجي ايشيا جا پوءِ ڏاوا ماڻهو چاڪليٽ يا مٺائي ٻه ڪير پٽ ڪري کائين ۽ پوءِ دست هڪ طرف ته ننڍي هوندي ڊائبٽيز ٻئي طرف! اسان واري ڪلارڪ ڇوڪريءَ کي هر وقت اهو راڳ هوندو هو ته ”منهنجو شهزادو وڏو ٿي MAS جو پائلٽ ٿيندو“ (يعني ملائيشين ايئر لائين جو). هڪ دفعي مونتي ناراض ٿي پئي ۽ مونکي ڪانئس معافي وٺڻي پئي هئي. ان شهر جي چيني ڊاڪٽر ’ٿانَ بليان‘ وٽ هڪ ڏينهن دوا لاءِ ويس ته قمريا ٻه اتي موجود هئي جو اهو ڊاڪٽر اسان جي آفيس جي پئنل تي هوندو هو. منهنجي پڇڻ تي پُٽ ڏي (جنهن جي هٿ ۾ ان وقت ٻه چاڪليٽ هو) اشارو ڪندي چيائين ته هن کي دست نٿا ڇڏين ۽ پوءِ کلندي چيائين ”سر! هي وڏو ٿيندو ته توهان وانگر پاڻي جا جهاز نه هلائيندو پر MAS (ملائيشين ايئر سسٽم) جي هوائي جهازن جو پائلٽ ٿيندو. تنهن تي مون چيو مانس ته ”قمريا! هي ته ضرور پائلٽ ٿيندو پر تون رڳو هن جا چاڪليٽ بند ڪر. ڇوڪر کي سڄو ڏينهن ٿي ٽيڪائين!“

اسان جي ملڪ جي وڏن شهرن ۾ ته ڇا سنڌ جي ٻهراڙي جي ڳوٺن ۾ ٻه ڪوڪا ڪولا يا سيون اپ، پيپسي، وغيره پيئڻ جي ايڏي عادت ٿي وئي آهي جو هر مهمان کي عزت بخشڻ لاءِ هو سمجهن ٿا ته ان قسم جو شربت پيارڻ ضروري آهي. ماني تي ٻه ان جو پيئڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو.... ڇو جي کاڌو هضم ٿي ڪري. پائي! توهانجو Digestive سسٽم جيڪڏهن قدرتي طور کاڌو هضم نٿو ڪري تو پوءِ ايترو گهٽو ۽ ڳرو کاڌو کائي هن کي ايڏو Over Loaded ڇو ٿا ڪريو؟ پنهنجو پاڻ تي ڇو ٿا ايڏو ظلم ڪيو. اهو ته ائين ٿيو ته هرويرو جسم تي هئڊ هٽائڻ لاءِ ڏنبا کاڻا آهن! سو هرويرو کائڻو ضرور آهي.... گيهه ۽ مرچ مسالن واريون شيون ٻه ضرور کائيٽيون آهن پوءِ پلي ان جي مٿان بوتل پيئجي يا هاجمولا جهڙيون کاڌو هضم ڪندڙ گوريون کائجن. ۽ انهن شين جو وري بار بار ٽي وي تي ٻه اشتهار ايندو رهي ٿو.... اهو نه ته overeating نه ڪريو جنهن لاءِ اسلام ۾ ٻه منع آهي. هونءَ ٻه ڪوڪا ڪولا جهڙا مشروب صحت لاءِ ڪي سٺا ته نه آهن جيڪي جسم جو

ڪئلشيم سڪايو ڇڏين ۽ اسان جا ڏند ۽ هڏا پُرڪٽا ٿيو پون. ولايت ۾ گهر جو گٽر چوڪ ٿيڻ تي امرجنسي ۾ پيپسي وغيره جي سڄي بوتل هاري گٽر ڪوليو وڃي ٿو! ڪوڪاڪولا وغيره جا مالڪ سئيڊن جا آهن پر اتي جي حڪومت انهن شربتن کي ڇاٽي واٽي تمام گهڻو مهانگو رکيو آهي جيئن ان کي پيئڻ کان ماڻهو دل شڪستا رهن. اسان وٽ شادين مرادين ۾ اڪثر ماڻهن کي ڏسندو آهيان ته پنهنجي ٻارن کي هڪ بوتل پياري وري ٻي پيا ڏيندا آهن. اهو نه سوچيندا آهن ته ان هڪ بوتل ۾ 9 چمچا کنڊ جا ٿين ٿا. شايد انهن بيوقوفين ڪري اسان وٽ وڏا ته وڏا ڪيترائي ٻار به ذيابيطس (Diabetes) جا مريض ٿيندا وڃن.

آمريڪا ۾ هلڪي ڦلڪي نوڪري ڪندڙ منهنجي هڪ واقفڪار کان اهو معلوم ڪري ڏک ٿيو ته هن جي ڌيءَ جيڪا حيدرآباد ۾ انين ڪلاس ۾ پڙهي ٿي ان کي تمام متاهين درجي جي ڊائبٽيز ٿي پئي آهي. ڇا ٿيو هو جو هوءَ ڇئن پائرن ۾ هڪ هجڻ ڪري ۽ پيءُ آمريڪا ۾ رهي پئسو ڪمائڻ ۽ ڳوٺ ٻارن کي موڪلڻ ڪري هن کي بيحد لاڏلو ٻڌايو ويو هو. هن کي ڪوڪا ڪولا ۽ جيوس جا ڊبا پسند هئا ته اعتدال رکڻ بدران هن کي سڄو ڏينهن پاڻيءَ بدران به جيوس ڏنو ويو ٿي. نتيجي ۾ هن کي شگر ٿي پئي جنهن جي مائٽن کي خبر ئي نه پئي. هوءَ ويئي ڳرندي ۽ ڪمزوري محسوس ڪرڻ تي ويتر هن کي انب، انگور ۽ مناهون ڪارائڻ لڳا. هونءَ به چوندا آهن ته ڊائبٽيز ۾ ڪيترا دفعا ڪا به نشاني ظاهر نٿي ٿئي It is a silent killer (ذيابيطس خاموش قاتل آهي). آخر مائٽن کي تڏهن خبر پئي جڏهن هن بيماريءَ وڃي هن جي گُردن (Kidneys) تي اثر ڪيو.

دراصل افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ان قسم جا مسئلا اسان جي پئسي وارين فئملين ۾ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. ڪيترا ماڻهو پئسو اچڻ تي سمجهن ٿا ته هاڻ هنن کي ۽ پنهنجي ٻارن کي خوب ڪارائڻ پيارڻ کپي. هي اهي مناهون جيڪي اسان ننڍا هئاسين ته فقط عيد برات تي نصيب ٿينديون هيون اهي اڄ روزانو ٻارن کي ڪارايون وڃن ٿيون. ايتريقدر جو نيرن تي به چپاتي يا اقراتو ڪارائڻ بدران هنن کي ڇڏيو وڃي ٿو ته چانهه ۾ بسڪيٽ يا ڪيڪ ٻوڙي ڪائين. ڪجهه ٽي وي تي ايندڙ اشتهارن به ماڻهن جو دماغ خراب ڪيو آهي ۽ پئسي وارا ته ڇا غريب به پوري ڪوشش ڪن ٿا ته هو ڪتان به ۽ ڪنهن ريت به پئسو هٿ ڪري پنهنجن ٻارن کي ڪلفيون، آئيس ڪريمون، ڪپ ڪيڪ، مختلف نالن وارا بسڪيٽ، چاڪليٽ ۽ ٽڪيون ڪارائين ڇو جو ٽي وي تي ٻارن سان گڏ پوڙهن کي به اهي شيون چشڪا ڏئي ڪائيندو ڏيکاريو وڃي ٿو.

# ماڻهو ڪٽي مسلمان هُجن پر اسلام نظر نٿو اچي

گذريل مضمونَ ۾ ڊئنمارڪ جي هڪ ڪيرنما شربت جو احوال لکيو آهي ته اسان جا ماڻهو عجيب احساسِ ڪمتري ۾ آهن. هو هر ولائتي شيءِ کي اوچي سمجهي، مهانگي هجڻ جي باوجود ان کي خريد ڪري ان کي کائڻ پيئڻ ۾ پنهنجي صحتيابي سمجهن ٿا. يا گورن کي ٿڌن ملڪن ۾ چاڪليٽ کائيندو ڏسي اونهاري جي سخت گرمي ۾ لُڪن ۾ گهوتڪي، سکر ۾ ٿندو الهيار جا ماڻهو به ان کي کائڻ ۾ وڏ ماڻهپي سمجهن ٿا.

۽ پوءِ جِتي اسان وٽ تعليم گهٽ ۽ عقل تي پڙدا چڙهيل آهن اتي اسان جا نڳ واپاري اسان جي پئسي واري ۽ پوءِ ڏائي طبقي کي بيوقوف بنائڻ ۽ پئسو ڦرڻ لاءِ نت نيون ولايتي مشروب، ٽافيون، بسڪيٽ، جئمون، ڪريمون گهرائي انهن جي ٽي وي ۽ اخبارن ڏريعي اشتهار بازي ڪري ناڻو ڪمائين ٿا. ڪراچي جي مختلف ڊپارٽمينٽ اسٽورن ۾ ويندو آهيان ته اهي ٻين شين سان گڏ ولايتي بسڪيٽن سان به ڀريا پيا هوندا آهن. اسانجي ماڻهن کين ڪير ٻُڌائي ته اسان وٽ ڪٽڪ ۽ ٽيڪنالاجي هجڻ ڪري دنيا جا بهترين بسڪيٽ پاڪستان ۾ ٺهن ٿا.

سکر جي ”جي بي منگهارام“ ۽ ”يعقوب“ بسڪيٽ فئڪٽريون ته پاڪستان ٺهڻ کان به اڳ جون آهن. اسان جا بسڪيٽ ڪيترن ڌارين ملڪن ۾ ايڪسپورٽ ٿين ٿا. جهاز تي هوندو هوس ته جپان توڙي يورپ جي ڪيترن ملڪن جا منهنجا سڃاڻو پاڪستان کان بسڪيٽ آڻڻ لاءِ چوندا هئا ۽ هِتي ڏسو ته اسان جا درويش ماڻهو جيڪي بقول اسانجي ٿندو قيصر جي دوست نور احمد نظاماڻي جي They are suffering from surplus حرام جي آيل دولت کي خرچ ڪرڻ ۽ Status Symbol خاطر مختلف ملڪن جا مهانگا ترين بسڪيٽ خريد ڪري گڏ ڪيا پيا ٿين. ويندي انهن ملڪن جا جن ملڪن ۾ ڪٽڪ به نٿي ٿئي ۽ ماڊرن ٽيڪنالاجي ۾ اسان کان به ڇٽ آهن. اهڙي طرح اسانجا پئسي وارا اجايون سڄايون شيون خريد ڪن ٿا.

افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان جو واپاري طبقو وڏو منافعو ڪمائڻ ڪارڻ ۽ ٽئڪس کان بچڻ لاءِ اهي شيون سنئون سڌو ولايت مان امپورٽ ڪرڻ بدران ٻاهران آيل مُسافرن ۽ پاڻي جي جهازن جي خلاصين کان خريد ڪن ٿا. جهاز تي رکيل مهينن جو راشن مدو ختم ٿيڻ جي ويجهو پهچڻ تي جهاز وارا اهو سامان اسان جهڙن ملڪن جي ماڻهن کي سستو ڪري وڪڻن ٿا. اسان جي ملڪ ۾ ڪٿي آهي قاعدو قانون؟ ڪٿالٽي ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ ڪٿي تو سختي ڪري. ايترقدر جو آسٽريليا کان گهرايل رڍن جي جڏهن سعودي عرب وارن کي خبر پئي ته اهي بيمار آهن ۽ هنن ان جهاز کي پنهنجي بندرگاهن ۾ گهڙڻ کان منع ڪئي ته جهازران ڪمپني منجهي پئي ته هنن بيمار

رڍن کي ڪيڏانهن ڪجي. ڇو جو اهڙي بيماري ۽ گند کي سمنڊ ۾ اڇلڻ به بين الاقوامي ڏوهه آهي. جهاز وارا مختلف غريب ۽ خاص ڪري انهن کي منٿون ڪرڻ لڳا جتي ”سڀ چلتا هي“ جو راڄ آهي، کي منٿون ڪرڻ لڳاته مفت ۾ ئي ڪٽون. اها آفر سوماليا، اٿوپيا ۽ پاڪستان کي ڪئي وئي. منهنجي خيال ۾ پاڪستان جي واسطيدارن اها آفر قبول ڪئي، بندرگاهه سان واسطو رکندڙ ڪسٽمس ۽ ٻئي عملي کي رشوتون ڏئي هزارين رڍن کي لاٿو ويو جيڪي ڪراچي ڪان پري ڪنهن فارم تي رکيون ويون، پر پوءِ ماڻهن ۽ ميڊيا کي خبر پئجي وئي ۽ جڏهن گهڻو گوڙ ٿيو ته پوءِ مجبورن انهن رڍن کي کهي دفن ڪيو ويو يا شايد جراثيمن ڪکري انهن کي ساڙيو ويو. سو ولائتي شيون خريد ڪرڻ وارن شوقينن کي ڪپي ته هو گهٽ ۾ گهٽ انهن شين جي Expiry تاريخ ته ڏسن. هڪ دفعي ڪراچي ۾ مون آمريڪا جون نهيل مشهور مَلٽي وٽامن گوريون خريد ڪيون. جهاز تي اچي ڏسان ته انهن کي expire ٿئي به 6 مهينا گذري ويا هئا. انهن ڏينهن ۾ ولايت ۾ رهي آئون سوچي به نٿي سگهيس ته دوائن جي معاملي ۾ به ڪو ٺڳي ڪري! مونکي ان دڪاندار تي سخت ڪاوڙ اچي رهي هئي ۽ سوچيم ته هن کي جڏهن ٻڌائيندس ته مون هن جي ٺڳي پڪڙي آهي ته هو ته بيحد شرمندو ٿيندو ۽ معافي وٺندو جو ان جي سزا ته جيل آهي. پر دڪان تي پهچي مونکي حيرت ٿي ته دڪاندار منهنجي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري، خاني مان پئسا ڪڍي مونکي واپس ڪيا.

”پر ڪمال آهي جو توهان هي مدي خارج دوائون وڪڻي رهيا آهيو.“ مون چيو مانس. پر هن ذرو به مذامت نه محسوس ڪئي بلڪ چڙ مان مونکي چيو ”توهان کي نه ڪپي ته نه ڪٽو. توهان کي پئسا ته واپس ڪيم ٻيو ڇا ڪريان.“

هاڻ توهان پنهنجي ڪنهن سڄاڻي ڊاڪٽر کان پڇي ڏسو ته expired دوائون ڪيڏو خطرناڪ ٿين ٿيون! اهو ته هو 30 سالن کن اڳ جو واقعواچ ڪلهه ته الائي ڇا حال تي ويو آهي! ماڻهن مان ويتر خدا جو خوف ۽ حيا نڪري ويو آهي... ان سان گڏ لاقانونيت به وڌي وئي آهي. جڏهن دڪاندار مدي خارج دوائون پيا وڪڻن ته هنن کي بسڪيٽ، جئم، چاڪليٽ ۽ ڪريمن جهڙيون پراڻيون ۽ بيڪار شيون وڪڻڻ ۾ ڪهڙو يَؤُ؟ پوليس سنڌن ڪيسي ۾ آهي..... شين جي ساکَ چيڪ ڪرڻ وارو اسان جو ڪاتو ”Quality Control“ ڇا ڄاڻي، ڦُڊ ۽ هيلٿ انسپيڪشن جي ڪاتي جي آفيسرن جو جتي ڪم رڳو رشوت وٺڻ هجي... اتي خريدار جي نفعي نقصان جو ڪير سوچيندو؟

افسوس جي ڳالهه رڳو اها آهي ته برما، ويٽنام ۽ ٿائلنڊ جهڙا مُلڪ اسان کان گهٽ ماڊرن ۽ دُبئي، دوحا، ڪويت جهڙا بدو عربن جا ملڪ به سڌري ويا..... اسان ڏينهون ڏينهن پوئتي ٿيندا پيا وڃون.

تڏهن به اهڙن مسلمانن توڙي غير مسلم ملڪن جا ماڻهو اسان لاءِ اهو چوندي حق بجانب آهن ته ”توهان اسلام جي نالي تي ملڪ ضرور حاصل ڪيو آهي، ماڻهو ڀلي مسلمان سڏرائين تا پر توهان وٽ اسلامي ماحول نظر نٿو اچي.“

هنن جو مطلب اهو آهي ته اسلام ته بي ايماني، ٺڳي، تور ۾ ڪوٽ، غلط شيءِ وڪڻڻ جهڙين ڳالهين کان منع ڪئي آهي. اسان جا ٻه چئون پر دنيا جي ماڻهن کي خبر آهي ته هر قسم جو ڪِنُ سِنُ پاڪستان ۾ وڪاميو وڃي ٿو جِتي بيمار ۽ مئل وهٽن تي ڇُري ڦيري بنا ذبح جي وڪرو ڪرڻ عام ڳالهه آهي ... جِتي گڏهه جو گوشت ٻاڪري جي نالي سان وڪامي ٿو.... ٻيو ته نهيو ڪُتن جو گوشت ڇيلي جي نالي ۾ وڪامي ٿو. ڇا ان کي چئبو آهي اسلامي معاشرو؟ پوءِ ان ۾ ڪو پئسي جي لالچ ۾ سڀ ڪجهه ڪري رهيو آهي ته ڪو غربت کان مجبور ٿي!

اڳ ۾ ته فقط اخبارن ۾ خبر ايندي هئي. هاڻ ته مختلف ٽي وي چئنلن تان ڪلاڪ ڪلاڪ هلندڙ پروگرامن ۾ ڊيڪاريو وڃي ٿو ته ڪيئن بيمار ۽ مردار جانورن جو ڪوس ٿي رهيو آهي ۽ اهو گوشت هيلٿ ڊپارٽمينٽ جي نيڻ سان ڪراچي جي مارڪيٽن ۾ وڪامي رهيو آهي. ڪيئن وڏي پئماني تي جانورن جي آنڊن گجين سان گڏ مئل ڪانگ ڪبرن، ڪتن، ٻلن کي وڏن ديڳڙن ۾ ٺهڪائي انهن مان تيل ڪڍي رڌ پچاءُ لاءِ وڪرو ڪيو وڃي ٿو. پوليس ۽ ميڊيا جي پهچڻ تي انهن ڪارخانيدارن ۽ ورڪرن کي ڀڄندو پڻ ڊيڪاريو وڃي ٿو. هر هڪ ڏسڻ واري کي حيرت ٿي ٿئي ته اهو سڀ ڪجهه ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ پوليس جي نظر هيٺ ٿي رهيو آهي.... ڪا جهل پل نٿي ٿئي. بهرحال ٽي وي تي ان قسم جا ڇاپا ڊيڪارڻ وقت غلط ڪم ڪندڙ ماڻهن کي سوگهو ڪري ٿاڻي تي ضرور آندو وڃي ٿو..... ان کان پوءِ انهن جو ڇا ٿو ٿئي ... ڇا انهن کي سزا ملي ٿي ... ڇا اهو نجس ڪاروبار بند ٿيو ٿو وڃي؟ ڪجهه خبر نٿي پوي.

ٽي وي تي ڊيڪاريل هڪ اهڙي ڇاپي ۾ جنهن ۾ ڏوهاريءَ کي گڏهه جو گوشت وڪڻندو ۽ ڪٽيندو ڊيڪاريو ويو آهي... ڪنهن واري ڪاسائيءَ جي ڳالهه ٻڌي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هڪ چاليهه ورهين جي چمار جو صحتمند همراهه پنهنجي گهر ۾ گڏهه جو گوشت ڪٽي رهيو هو. پوليس ۽ ٽي وي چئنل جو ائنڪر در ڪڙڪائين ٿا پر هو نٿو کولي. نيٺ هو پت ٽپي ڪئميرائن سان گڏ هن جي گهر ۾ داخل ٿين ٿا. هو ڪمري ۾ چت واري پنکي هيٺان گوشت جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري رهيو هو. ٻن گڏهن جون منڍيون پاسي تي رکيو هيون پوليس بدران هٿ ۾ مائيڪ کڻي ٽي وي جو ائنڪر پرسن هن کان رعب سان پڇي ٿو ته هي ڇا جو گوشت آهي؟

هو جهيڻي آواز ۾ چئي ٿو ته گڏهه جو ـ ائنڪر صاحب هاڻ جوش ۾ اچي رڙ ڪري هن کان اهو ڪم ڪرڻ جو سبب پڇي ٿو. هو وري جهيڻي آواز ۾ هن جي مختلف سوالن جي جواب ۾ چئي ٿو ته:

- ”گڏھ حرام ناھي. مون ٻن مولوين کان پڇيو آھي.“
- ”آئون گڏھ کي ڪنھن ٻئي جانور جي نالي ۾ نٿو وڪڻان.“
- ”ماڻھو پاڻ ھلي اچي مونکان خريد ڪن ٿا.“
- ”بس ھو خريد ڪن ٿا.... ان ڪري جو ھو غريب آھن. غريبن جي بہ ڪڏھن گوشت کائڻ تي دل چوي ٿي، ھو رڍ ۽ ٻڪريءَ جو گوشت تہ افورڊ نٿا ڪري سگھن....“ وغيره وغيره

ائنڪر صاحب ڪنھن بہ ريت ھن جي پچر ڇڏي نہ رھيو ھو. اڪثر چاپي وقت غلط ڪم ۾ پڪڙيل ماڻھو پنھنجو ڏوھ مڃڻ ۾ گوتناتيون ڪندا آھن پر ھي شروع کان پنھنجي ھر ڳالھ صحيح ٻڌائي رھيو ھو. پر ائنڪر ھن کي دڙڪن متان دڙڪا ڏئي رھيو ھو. آخر ائنڪر چيس ”ھي تون غلط ڪم ڪري رھيو آھين اسان دنيا کي ٽي وي ذريعي توکي ڏيکاريندا سين.“

اھو ٻڌي ھي ڪاسائي غم ۽ غصي جي مليل جذبن سان ھن ائنڪر کي چوي ٿو: ”جنابِ والا! بيروزگاريءَ ۾ ڪيئين سالَ ڌڪا کائيندو رھيس.... ڪنھن نوڪري نہ ڏني. ڏيءَ دوا نہ ملڻ ڪري تڙڦي تڙپي مري وئي. زال ھر روز جي بک کان بيزار ٿي پنھنجو پاڻ کي ھن پنکي ۾ ڦاھو ڏيئي ڇڏيو... ان وقت تہ ٽي وي وارن مان ڪنھن بہ دنيا کي نہ ڏيکاريو تہ غريب جي زندگي ڪيئن ٿي گذري.... ھاڻ جڏھن ڪنھن مونکي ڪاسائي طور نوڪري ڏني آھي تہ تون مون کي جيل جا دڙڪا تو ڏين....“

اھي ڳالھيون جڏھن ڏارين سڌريل ۽ انصاف وارن ملڪن جا ماڻھو ٻڌن ٿا تہ ھو اھو ئي چون ٿا تہ ڪٿي آھي اسلام؟ ڪٿي آھي انصاف؟ حاڪم اھڙيون عياشيون ڪيئن پيا ڪن جيڪي ملائيشيا، ٿائلنڊ، سئيڊن ۽ ڊئنمارڪ جا بادشاھ بہ نہ ڪن ۽ غريب آھن جيڪي جانورن جي زندگي پيا گذارين... جنھن جي جھلڪ اسانجي ملڪ جي ھر ڳوٺ ھر شھر ۾ نظر اچي ٿي.

# ڪائي پيا خوش ٿيون.....

گذريل هڪ ڪالم ۾ آئون ڳالھ ڪري رهيو هوس ته اسانجو ملڪ مسلمانن جو ملڪ آهي پر ڌارين ملڪن جا مسلمان توڙي غير مسلم، اسانجي ملڪ جو حالُ ڏسي اهو ئي طعنو ڏين ٿا ته اسانجي ملڪ جو ماحول غير اسلامي آهي يعني روز مرهه جي ڪاروائين مان هڪ ٽوئرسٽ ڪي اسان ۾ جيڪي خاميون نظر اچن ٿيون اهي مسلمان معاشري ۾ نه هئڻ کپن. ظاهر آهي هن جو اشارو انهن ڳالهين ڏي آهي جنهن جي نشاندهي آئون ڪري چڪو آهيان ته اسان وٽ مردار وهٽن.... ويندي ڪتن بلن جو گوشت پيو وڪامي. اسان وٽ دڪاندار مدي خارج دوائون وڪڻندي به ڪو شرم يا گناهه جو ڪم نٿا سمجهن.... ۽ نه وري حڪومت طرفان  مقرر ڪيل ادارا ان تي نظر رکن ٿا.... هو رشوت وٺيو اکيون بند ڪريو ڇڏين.... سو ان قسم جا ڪم مڪي مديني، مشهد، قم، ڪئالالمپور ۽ ملاڪا جهڙن مسلمان شهرن ۾ ته نٿا ٿين. اڄ هڪ غير مسلم ڪي به خبر آهي ته ان طرح سان حرام جو پئسو ڪمائڻ، نڳيون ڪرڻ، Cheat ڪرڻ، رشوت وٺڻ اسلام ۾ حرام آهي ۽ اهو معاشرو جنهن ۾ اهي شيون هجن ان کي توهان ڪيئن ٿا اسلامي معاشرو سڏي سگهو؟

هيڏانهن ملائيشيا انڊونيشيا، ٿائلنڊ پاسي جي ماڻهن کان پڇندائو ته توهان کي ٻڌائيندا ته هو عرب مسلمان واپارين جي نيڪ، اصولن مان متاثر ٿي مسلمان ٿيا. هنن وٽ حجاج بن يوسف ڪو محمد بن قاسم نه موڪليو.... ويندي متي ڏور اوير جي چيني شهرن ڪئنٽن ۽ دائرين جي مسلمانن کان پڇندا ته هو به اها ئي ڳالھ ڪندا.... اتي جا ماڻهو اسان کان به اڳ مسلمان ٿيا..... حضور صلعم جن جي ڏينهن ۾ ئي جيڪي عرب واپاري چين آيا انهن ۾ سعد ابن ابي وقاص، اويس القرني ۽ حسن ابي ثابت جهڙا اصحابي به هئا.... ڪئنٽن واري مسجد انهن ڏينهن جي ٺهيل آهي.

ملائيشيا ۾ اڄ به ڪاڌي جي شيءِ توهان ڪٿي ڪنهن گاڏي وارري کان يا فٽ پاٿ تي چادر وڇائي وڪڻڻ واري کان وٺو يا ڪنهن فائو اسٽار هوٽل مان.... مجال آهي جو توهان کي ڪٿي ڪا پاروٽي شيءِ ملي يا ڪٽي ڪاري مرچن ۾ پپيئي جو ٻج، ڳاڙهن مرچن ۾ پڪين سرن جو ٻورو، يا ٻي ڪنهن شيءِ ۾ ملاوت نظر اچي. ان لاءِ هنن اسان وانگر رڳو قانون نه ناهيا آهن پر انهن تي سختي سان عمل به ڪرايو وڃي ٿو. 1970ع ڌاري جڏهن هنن اهي قاعدا ناهيا ته هنن پڇڪڙي ڪندڙ وڏن اثر رسوخ وارن هوٽلن جي مالڪن کي به جيل حوالي ڪري ڇڏيو ۽ انهن جون ريسٽورنٽون ئي بند ڪرائي ڇڏيون. اڄ ملائيشيا جي شهر جون هوٽلون رات جو بند ٿيڻ کان اڳ انهن جا مالڪاڻو اڌ قيمت ۾ يا ان کان به سستو نيڪال ڪري پوءِ هوٽلون ۽ دڪان بند ڪن ٿا ... چاهي هنن وٽ ڊيپ فريزر خالي پيا هجن. اسان وٽ بچيل ڪاڌي جي شيءِ ٻئي ڏينهن ۽ ٽي ڏينهن به وڪرو ٿئي ٿي جيتوڻيڪ ننڍن ٽڪا ڪواب وڪڻڻ وارون دڪانن تي ته فرجون به نه آهن ... پر جي

آهن تہ اسان وٽ ڪٽي آهي 24 ئي ڪلاڪ لائيٽ! اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ اڌ ڪان وڌيڪ ماڻهو پاروتي ۽ ملاوٽ واري ڪاڌي ڪائڻ ڪري بيمار ٿين ٿا. ڪاڌي پيتي جي شين ۾ جيتري نڳي اسان جي ملڪ ۾ آهي اوتري مصر ۽ جبوتي ۾ بہ نہ آهي. آفريڪا جي بہ ڪنهن ملڪ ۾ ناهي چاهي گئمبيا هجي يا زئمبيا يا ڏکڻ آمريڪا جو ڪو برازيل يا ڪولمبيا جهڙو ملڪ هجي. توهان جو ڪو مون جهڙو دنيا جا چڪر هڻندڙ جهازي دوست هجي تہ ان کان پڇي سگهو ٿا.

مونکي پنهنجي ملڪ ۾ ٿيندڙ ان قسم جي نڳين جي پنهنجي زندگيءَ ۾ گهٽو گهٽو پوءِ وڏي عمر ۾ پهچي خبر پئي. ٻارهن سالن تائين ڳوٺ ۾ گهر ۾ ئي رهيس. انهن ڏينهن ۾ نہ هئا بن برگر نہ چاڪليٽ ٽافيون. چانهہ ماني ڪائي گذارو ڪبو هو. ڳوٺ ۾ هڪ ئي منائي واري جو دڪان هوندو هو جيڪو اڄ بہ ايمانداريءَ ڪان مشهور آهي. ان بعد ڪئڊٽ ڪاليج ۽ نيول اڪيڊمي جا ڏهہ ٻارنهن سال اتي جي هاسٽلن ۾ ماني ڪاڌيسين. ان بعد 15 سال ڪن جهاز هلاياسين ۽ اهڙا 15 سال ڪن جيڪي سئيڊن، جپان ۽ ملائيشيا ۾ گذارياسين انهن ۾ انهن ملڪن جي شهرن جي ڪنهن هوٽل يا ڪاڌي جي دڪان تان مدي خارج يا ملاوٽ واري شيءِ ملڻ جو ڪو سوچي بہ نٽي سگهيو. 1994ع ڌاري جڏهن آئون 50 سالن جو ٿيس تہ منهنجي ڪراچي جي مئرين اڪيڊمي ۾ پوسٽنگ ٿي. پنهنجي ملڪ ۾ موٽي اچڻ جي ڏاڍي خوشي ٿي..... خاص ڪري پڪوڙا، جليبي، چولا ۽ سمبوسن جهڙين شين ڪائڻ جي.... جيڪي ولايت ۾ نہ هئا ۽ سڪندا هئاسين.

ڪراچي ۾ منهنجي پوسٽنگ ۽ رهائش مارپيور جي مئرين اڪيڊمي ۾ هئي جِتي مون کي م ئرين انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جو هيڊ ڪري رکيو ويو هو. اڪيڊمي جي ٻاهران هر خميس ڏينهن جمع بازار جهڙي بازار لڳي ٿي جنهن ۾ آئون ڪلاڪ ڏيڍ ڏاڍو enjoy ڪندو هوس. پاڪستاني ۽ چيني شيون خاص ڪري اسٽيشنري، ڪچن جو سامان، ننڍا ننڍا سووينئر وٺندو هوس. آخر ۾ هڪ چولا وڪڻ واري ڪان رڌل چولن جي پليٽ مٽان بصر ۽ مرچن جي ڪاتر وجهرائي ڪائيندو هوس. هي هڪ اهڙي ڳالهہ هئي جيڪا منهنجي آفيسر ساٿين لاءِ ناممڪن هئي ۽ هو مون تان ڪلندا هئا پر آئون ٻاهر جي دنيا ۾ رهي آيو هوس خاص ڪري ملائيشيا جي ”پاسار مالمن“ (هفتيوار رات جي بازارين ۾) جِتي غريب توڙي امير سڀ گڏ خريداري ڪن ٿا ... گڏ ڪائين ٿا. سو هِتي بہ آئون مڪاني ماڻهن: مڪراني، بلوچن، بروهي مزورن ۽ مهاڻن سان گڏ پيو هلندو هوس.... بلڪ انهن سان خبرون چارون ڪندو هوس.

هڪ خميس تي جيئن ئي مون هن مارڪيٽ مان موٽڻ وقت چولن جي پليٽ وٺڻ لاءِ چولن واري کي پئسا ڏنا تہ هو موٽائڻ لڳو. آئون حيران ٿي ويس تہ ڇا ڳالهہ آهي جو هو مونکان نہ ٿو پئسا وٺي ۽ نہ پنهنجي ديگ جو ڍڪ ڪڍي مون لاءِ پليٽ ۾ چولا وجهي.... جيتوڻيڪ منهنجي اڳيان هو يونس آباد پاسي لوڻ جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ ٻن مزورن کي ڏئي چڪو هو جيڪي ٿورو

پري وڻ هينان مزي سان ڪائي رهيا هئا. ”هان پائي ڪيا بات هي؟“ مون وائٽرو تي پچيومانس ان تي هو منهنجي ويجهو ٿي مونکي راز واري انداز ۾ چيو: ”هي چولا ٻن ڏينهن جا پُراٽا آهن.“
”ٻن ڏينهن جا پُراٽا بچيل آهن! “ مون دل ئي دل ۾ سوچيو. ”يلا جي ٻن ڏينهن جا پراٽا آهن تہ اهي خراب چولا هي ڪيئن وڪٽي رهيو آهي ۽ ٻين ڪي چو ڏنا اٿس!“ اهو سوچي مون هن ڪي چيو تہ پراٽا خراب ٿي ويل آهن تہ هو ٻين ڪي چو وڪٽي رهيو آهي ۽ مونکي چو نہ؟
”سائين توهان ڪائي نہ سگهندائو. هي مزور ماڻهو آهن هضم ڪري ويندا نہ تہ بہ اڌ ڏينهن پيٽ تي هٿ ڏئي پاڻهي صحيح ٿي ويندا.“
اهو ٻڌي مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اها ڳالهہ ياد ڪري اڄ بہ چوندو آهيان تہ اسان جي ملڪ ۾ امير تہ غريب تي ظلم ڪري ٿو پر غريب بہ غريب ڪي نٽو بخشي. ٿي سگهي ٿو ان ڏينهن اهڙا باسي ۽ زهريلا چولا کائڻ وارن مان ڪجهہ اسپتال بہ داخل ٿيا هجن ۽ پنهنجيون بہ ٽي ڏهاڙيون وڃائڻ سان گڏ دوا درمل لاءِ قرض ڪنيو هجين!
مارپيور ۾ رهائش ڪڏهن ڪڏهن شادي جي دعوت ۾ ڪلفٽن، گلشن اقبال يا نارٿ ناظم آباد ويندو هوس. رات جو هڪ ڏيڍ بجي ڌاري موٽندي اسان جي اڪيڊمي  جي ٻاهران پناڻ جي ڪليل هوٽل وٽ ڪار بيهاري هن وٽ برنين ۾ رکيل مختلف شين مان هڪ مان بہ ڪيڪ پيس ڪڍي پئسا ڏيندو هوس. شاديءَ جي دعوتن ۾ مرچ مصالحن واري ماني نہ کائيندو هوس سو بک ۾ هي ڪيڪ پيس مونکي ڏاڍا وٽندا هُئا. ملائيشيا جي شهر اپوح ۾ ويندو هوس تہ اتي اهڙا ملندا هئا ۽ هاڻي مارپيور  جا هي ڪيڪ پيس کائي آئون ملائيشيا جا اپوح ۽ پينانگ جهڙا شهر ياد ڪرڻ لڳس.
مهيني ٻن بعد جون جو مهينو آيو. نئيپڻ جي ڪلاس ميٽن ڪوٽ غلام محمد جي رفيع ڪاچيلي ۽ ٽنڊو قيصر جي نور احمد نظاماڻيءَ ڪي جا منهنجي خبر پيئي تہ آئون هِتي پاڪستان ۾ آهيان تہ هنن مون ڏي ڪيتريون ئي انبن جون پيٽيون ڏياري موڪليون جن مان هڪ بہ رکي باقي آفيس ۾ مون سان ڪم ڪندڙ ڪئنن ۽ ڪلارڪن ڪي ورهائي ڏنم. هڪ پيٽي هن هوٽل واري پناڻ ڪي بہ اچي ڏنم جنهن جا ڪيڪ پيس کائي مونکي زندگي جا ملائيشيا گذاريل سال ٿي ياد آيا جيڪي ملائيشيا ۾ گذاريا هئم.
پناڻ ڏاڍو خوش  ٿيو ۽ هو منهنجا ٿورا مڃڻ ۾ پورو پئي ٿيو.
هن واقعي بعد هڪ آچر جي رات ڪنهن جي شاديءَ جي دعوت اٽيند ڪرڻ بعد جڏهن مارپيور موٽيس ۽ دستور موجب هن پناڻ جي هوٽل وٽ گاڏي بيهاري، جيئن ئي مون برنيءَ جو ڍڪ کولي اندران بہ ڪيڪ پيس ڪڍڻ جي ڪئي تہ هوٽل جو پناڻ مالڪ يڪدم پنهنجي جاءِ تان اٿي  مون ڏي آيو ۽ مونکي ڪيڪ کڻڻ کان منع ڪئي.

”چو يلا!“ مون وائڙو ٿي پڇيو.

”سر جي!“ هن منهنجي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪندي چيو، ”هي ڪيڪ صحيح نہ آهن. باسي مانين جي ٽڪرن مان ٺهيل آهن.“

ان قسم جي واقعن مان توهان پاڻ اندازو لڳايو تہ اسان جي ملڪ ۾ خبر ناهي ڇا ڇا پيو وڪامي ۽ عام پبلڪ مون وانگر بنا ڪنهن فڪر جي ڪائي خوش پئي ٿئي.

# اسان ڪهڙا مسلمان آهيون......

ملائيشيا جهڙن ملڪن ۾ جتي جا سرڪاري ادارا نه فقط ڪاڌي خوراڪ ۾ ملاوت يا پاروٿو وڪڻ تي نظر رکن ٿا پر ان ڳالهه جو به خيال ۾ چڪاس رکن ٿا ته پنهنجي ملڪ ۾ نهندڙ ڪا ڪاڌي جي شيءِ يا ڌارئين ملڪ کان امپورٽ ٿيل ڪنهن شيءِ ۾ ڪو اهڙو جزو (Ingredient) ته نه آهي جيڪو اسلام ۾ حرام هجي. ولايت جي ڪيترن شين چاڪليٽ، جئمن، بسڪيٽن ۾ سوئر جي چربي ۽ ٻين شين: هڏن، ڪلن ۽ وارن مان نڪتل ڪيميڪل جي موجودگي عام ٿئي ٿي. ان ڳالهه جي انسپيڪشن ۽ ٽيسٽ لاءِ ملائيشيا ۾ جاڪم (JAKIM) نالي هڪ ادارو آهي (جنهن جو ملئي زبان ۾ نالو ”جباتان ڪماجوئان اسلام، ملائيشيا“ آهي) ان جو ڪم هر ڪاڌي جي شيءِ کي چيڪ ڪري ان تي پنهنجو نشان (Logo) هڻڻ آهي.... جيئن عوام کي خبر پوي ته ڪهڙي شيءِ حلال آهي.

ڪيترين ڪاڌي جي ۽ ميڪ اپ جي سامانن جون بين الاقوامي ڪمپنيون، اهي شيون ملائيشيا ۾ ناهن ٿيون ۽ ملائيشيا جي هن اداري موجب انهن ۾ اهي شيون داخل نٿيون ڪن جيڪي اسلام طرفان حرام آهن. مونکي ياد آهي ته 1987ع ۾ ملائيشيا ۾ ”آئل آف اُلي“ جيڪو عورتون ميڪ اپ لاءِ استعمال ڪن ٿيون، ان تي ملائيشيا جي مسلمانن ۾ وڏو گوڙ مچي ويو جڏهن اهو راز فاش ٿيو ته ان  Oil of Ulay ۾ عورتن جي ”عور“ (Placenta) وڌي وڃي ٿي. هن آئل جو ڪارخانو سنگاپور ۾ هو جتي جون اسپتالون عورتن جي ڊليوري بعد انهن جون عورون، هن ڪارخاني کي، في عور هڪ ڊالر جي حساب سان وڪيون ٿي. ان بابت مون پنهنجي ڪنهن ملائيشيا جي شروعاتي سفرنامي ۾ تفصيل سان لکيو آهي. هن وقت مون کي ياد نه آهي ته ان بعد ڊپارٽمينٽ طرفان ان جي نهڻ تي بندش وڌي وئي يا ان آئل ۾ عور بدران ڪا ٻي نعم البدل شيءِ وجهڻ جو فيصلو ٿيو هو. هينئر به گذريل مهيني ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ ڪئڊبري چاڪليٽن تي وڏو گوڙ متو جڏهن خبر پيئي ته هن ڪمپني جي ٻن براندن: ڪئڊبري هئزل نٽ ۽ ڪئڊبري آلمنڊ (بادام) وارن چاڪليٽن ۾ سوئر جي DNA پيل آهي. بهرحال ان ڳالهه جي کوجنا ۽ ٽيسٽ ملائيشيا جي حلال اٿارٽي (جاڪم) ڪيا. ان بعد پاڪستان ۾ سوشل ميڊيا ۽ پرنٽ ميڊيا تي هن اشو کي اهڙي طرح اڇاليو ويو ڄڻ هي واقعو پاڪستان ۾ ٿيو هجي. سوال تو پيدا ٿئي ته اسان وٽ جيڪي چاڪليٽ ۽ ٻيون شيون اچن ٿيون سي فقط ملائيشيا ۽ سعودي عرب کان ته نٿيون اچن. اسان وٽ ته جتان ڪٿان اچن ٿيون ... يورپ ۽ آمريڪا کان وٺي انڊيا ۽ اسرائيل تائين.... ڪي امپورٽ ٿين ٿيون ڪي سمگل ٿي پهچن ٿيون. ڇا اسان جو ”ڪئالٽي ڪنٽرول اٿارٽي“ وارو ادارو هر شيءِ چيڪ ڪري ٿو. هينئر ته ڪٿي ملائيشيا وارن چيڪ ڪيو ۽ اسان وٽ به ماڻهن هڪ ٻي کي انهن ٻن قسمن جي چاڪليٽن کائڻ کان منع يا SMS ۽ اي ميل موڪليا نه ته اسان وٽ ڪٿي آهي انهن

ڳالهين جو فڪر.... اسان وٽ ته هوٽلن ۾ مئل ڪڪڙيون پيون رڌجن..... ڳڌهن ۽ ڪتن جو گوشت پيو وڪامي... ۽ اهي ڪي افواهه نه آهن... ٽي وي تان مختلف پروگرامن ۾ اهو سڀ ڪجهه ڏيکاريو پيو وڃي.... جنهن ڪري نه فقط اسانجي ملڪ جا ماڻهو ڏسن ٿا پر دنيا جا سمورا ملڪ تڏهن ته هر ملڪ جا واپاري پنهنجو مدي خارج سامان پاڪستان ڏي موڪلين ٿا جو اسان وٽ هر شيءِ هليو وڃي.... چاهي ان ۾ ملاوٽ هجي، پاروٽي هجي يا حرام هجي.

ڪاڏي پيتي جون شيون: چاڪليٽ، جئم، جيليون، ڪيڪ، بسڪيٽ، آچار توڙي ميڪ اپ جو سامان جيڪو ولايت مان اچي ٿو، ان ۾ جيڪي شيون موجود آهن انهن Ingredients جا نالا ٻاهران لکيل ته ٿين ٿا پر اهي ڪٿان ڪديا وڃن ٿا ان ڪي ظاهر ڪرڻ لاءِ هو پابند نه آهن. مثال طور اسان وٽ پاڪيٽن ۾ بند تيل پٽاٽو چپس توڙي Peanut وغيره لاءِ اهو لکيل ته هوندو آهي ته اهي ڪکنگ آئل ۾ فراءِ ڪيا ويا آهن پر اسان کي ڪهڙي خبر ته اهو تيل آيو ڪٿان.... اهو ويجيٽيبل آئل آهي يا مکڻ مان نڪتو آهي يا مردار جانورن ۽ ڪتن ٻلن جي آنڊن گجين کي ڪاڙهي ان مان تيل ڪديو ويو آهي... پاڪستان جي هڪ ٽي وي چئنل تان اسان سيني اهو پروگرام باربار ڏٺو هوندو جنهن ۾ اسان جي ملڪ جون ڪيتريون فئڪٽريون انهن حرام شين مان تيل ڪڍي مارڪيٽ ۾ سستو وڪڻي رهيون آهن.

ڪيترين ديسي توڙي ولايت مان گهرايل شين جي جزن ۾ هڪ شيءِ توهان کي عام نظر ايندي... اها جيليٽن (Gelatin) آهي جيڪا کاڌي جي شين کي گهاٽو ۽ ليسدار ڪري ٿي. هن کي حاصل ڪرڻ جا ٻه ٽي sources آهن. هڪ جانورن جي هڏين مان ۽ ٻيو انهن جي کلن مان. هن جو استعمال جيلين، ميشميلو ٽافين، جيمن ويندي نهاريءَ جي مصالحن ۾ ٿئي ٿو. نهاريءَ جي رس کي گهاٽو ڪرڻ لاءِ اٽي جو استعمال ڪيو وڃي ٿو پر جي هڪ چپٽي جيليٽين جي وجهندائو ته اُها پاءُ اٽي جو ڪم ڪندي. هاڻ هيءَ جيليٽين جيڪڏهن لوڪل نهيل آهي ته اسان ڪٽي چئو ته اها حلال هوندي پر جي اها امپورٽيڊ آهي ته اسان جي دل ڪيئن مڃيندي ته اها حلال آهي. ڇو جو غير مسلم ملڪن ۾ هر جانور جون هڏيون استعمال ٿين ٿيون.... خاص ڪري سوئر جون.... جو اهو جانور سڀ کان گهڻو کاڌو وڃي ٿو.

اهڙي طرح هڪ ٻي شيءِ اسٽروجين (Estrogen) آهي. هيءَ شيءِ رنگ گورو ڪرڻ وارين امپورٽيڊ ڪِريمن ۽ بليچ ۾ توهان کي نظر ايندي. هن شيءِ کي حاصل ڪرڻ جو هڪ ٽئي source ٻڌايو وڃي ٿو ... اهو آهي ڏُڪيل (حامله) گهوڙيءَ جي آخري مهيني جو پيشاب! ان کان علاوه ڪاڪروچن جي پيٽ مان جيڪو ڪِنُ سِنُ نڪري ٿو اُهو به بيوٽي ڪريمن ۾ استعمال ٿئي ٿو. اڄ ڪلهه جِتي ڪٿي بيوٽي پارلر کلڻ ڪري خاص ڪري اسان جهڙن ملڪن ۾ جِتي ذهني اوسر کي اهميت ڏيڻ بدران گوري رنگ کي ڏني وڃي ٿي (۽ اڄ ڪلهه ته ٽي وي تي بار بار هڪ پوڙهيءَ جي

نالي واري ڪِريم جو اشتهار هلي رهيو آهي جنهن ۾ هوءَ پوڙهي پنهنجي نالي واري ڪِريم لاءِ چوي ٿي ته ان ڪِريم جي استعمال سان سڄو پاڪستان گورو ٿي ويندو ... سبحان الله!) سو اسان وٽ مختلف بيوٽي ڪِريمن جي ايڏي ڊمانڊ وڌي وئي آهي جو هيڏانهن ڏکڻ اوڀر ايشيا پاسي جي ملڪن ۾ ڏڙا ڏڙ ڪاڪروچن جي فارمنگ وڌي رهي آهي جيڪي يورپ جي ملڪن ڏي ايڪسپورٽ ڪيا وڃن ٿا جيئن انهن مان بيوٽي ڪريم ناهي وڃي ۽ اسان جي قاسم آباد، فقير جي پڙ، مکو جي ٽنڊي ۽ واڏو واهه حيدرآباد ۽ پاڪستان جي ٻين شهرن جون ڪوجهيون عورتون گهٽ ۾ گهٽ شڪل جون ته گوريون ٿي وڃن!

اسٽروجين جو سڀ کان وڏو پروڊيوسر هالنڊ ۽ ڪاڪروچن جي فارمن جو چين آهي. سوئر جي هڏن ۽ کلن مان سڀ کان گهٽي جيليٽين ناهڻ وارو به چين آهي جو دنيا جو چاليهه فيصد سوئر چين ۾ ڪاڏو وڃي ٿو. چين ۾ دائرين، ڪئنٽن جهڙن شهرن ۾ مسلمانن جو تعداد تمام وڏو آهي ... چين جي انهن شهرن کان پاڪستان آيل بسڪيٽ، چاڪليٽ ڪسٽرڊ جيليون، ڪريمون، يا جيليٽين جا پاڪيٽ جن ۾ جيليٽين پوي ٿي اها ٿي سگهي ٿو حلال جانورن جي هڏن مان نڪتل هجي جيڪي اتي جي مسلمانن هٿان ذبح ٿيل هُجن. هونءَ ڪن ملڪن جا مولوي اها به فتويٰ ڏين ٿا ته ڪا به شيءِ جنهن کي ڪيميائي طرح شڪل بدلائڻ بعد استعمال ڪيو وڃي ته اها حرام ناهي. چاهي ان جو سورس حرام جانور هُجي. هو ان لاءِ مثال ڏين ٿا ته ڪيترا جانور ٻنين ٻارن ۾ هَنگيو مٽيو وڃن جيڪو ڀاڻ جي شڪل اختيار ڪري اسان جي ميون جي وڻن يا فصل کي طاقت ڏئي ٿو ۽ اسان اهي ميوا توڙي اناج حلال قرار ڏيون ٿا. بهرحال اها ڳالهه باعثِ بحث آهي ۽ ان سلسلي ۾ اسان جا عالم ۽ مفتي اسان جي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. جيئن اڳ ۾ جڏهن اسان ننڍا هئاسين ته ٻڌبو هو ته شراب حرام آهي پر سگريٽ يا حقي پيئڻ ۾ ڪا بُرائي ناهي. ڪيترن عرب ملڪن ۽ مصر ۽ موراڪو جهڙن ۾ اتي جي مولوين کي به حقو پيئندي ڏٺوسين. پر هاڻ جڏهن کان ميڊيڪل سائنس ترقي ڪئي آهي ۽ اهو ثابت ٿي ويو آهي ته ”سگريٽ“ پيئڻ واري لاءِ ته نقصانڪار آهي پر پر ۾ يا ساڳي ڪمري ۾ ويٺل لاءِ به خراب آهي ته اڄ ڪلهه جِتي ڪٿي اهو چيو وڃي ٿو ته سگريٽ ڇڪڻ به حرام آهي جو اهو انساني جان کي نقصان رسائي ٿو. هونءَ به پبلڪ ۾ سگريٽ ڇڪڻ تي نه رڳو يورپ ۽ آمريڪا جهڙن ملڪن ۾ پابندي لڳل آهي پر ويندي انديا ۾ به گذريل ڏهن سالن کان ان ڪم کي ڏوهه ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هن ماڊرن دور ۾ ۽ مسلمان ملڪ هجڻ جي باوجود پاڪستان ۾ اڃان تائين نه فقط پبلڪ ۾ سگريٽ ڇڪيو وڃي ٿو پر ان فعل کي فخر جي نِگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ساڳي طرح اڄ جڏهن دنيا جي هر ملڪ ۾ شراب نوشي عيب سمجهيو وڃي ٿو اتي اسان جي مسلمان ملڪ ۾ سڀ کان گهڻو هلي ٿو ... خاص ڪري سنڌ صوبي جي ڀهراڙي ۾ ته شراب نوشي کي باعث فخر سمجهيو وڃي ٿو پوءِ پلي اها مئه (ڪَچو

شراب) غير سائنسي طريقي سان نهيل هجي جنهن ڪري ڪيترائي ماڻهو موت جي منهن ۾ هليا وڃن ٿا ۽ گهر تباهه ٿيو وڃن. شل نه ڪو شاديءَ جهڙو ڪاج ٿئي. ڳوٺ جي لوفر ڇوڪرن لاءِ پستولن جا ٺڪاءَ ڪڍڻ ۽ ڪچو شراب پيئڻ ضروري ٿيو پوي.

هڪ همراهه ولايت ۾ سمورو وقت شراب پيئندو رهيو. واپسي تي وڏي فخر سان ٻڌائين ته اسان پاڻ کي سوئر جي گوشت جهڙي حرام کان بچائيندا رهياسين. هڪ جپاني نوجوان جيڪو هاڻ مسلمان ٿيو هو تنهن هڪ ڏينهن مونکان پڇيو ته ”توهان پاڪستاني سوئر ڇو نه ٿا کائو؟“

وراڻيو مانس ته: ”مسلمان ٿي ڪري توکي اها خبر ناهي ته سوئر جو گوشت حرام آهي“

”خبر اٿم... پر اها به خبر اٿم ته شراب به ته حرام آهي پوءِ اهو توهان جي ملڪ ۾ ڇو ٿو پيتو وڃي يا توهان جا مسلمان ولائت پهچي ايڏو ڇو ٿا ڏوڪهين؟ ان کان توهان کي بچاڻ يا گناهه جو احساس ڇو نٿو ٿئي؟ حيرت جي ڳالهه آهي توهان کي رڳو سوئر کان ڪراهت ٿي اچي! اهو ڪنهن کي ڪائيندو ڏسو ٿا ته چئو ٿا ته ڪافر آهي باقي شراب آب زم زم آهي ان جو پيئڻ وارو ڪافر ان ڪري ناهي جو توهان پيئو ٿا ... ۽ تمام گهڻو پيو ٿا“

توهان پڙهندڙ ئي سوچي ٻڌايو ته ان جو جواب ڇا ٿي سگهي ٿو. مون کان اهو سوال اڄ کان 20 سال اڳ جڏهن پڇيو ويو ته آئون منجهي پيس. پاسا ڪنارا ونندي چيومانس ته ان ڪري جو سوئر لاءِ اسان کي ننڍي هوندي کان ٻڌايو ويجي ٿو ته اهو قابلِ نفرت آهي.“ يا شايد چيو هئو مانس ته ”ان ڪري جو اسان پنهنجي معاشري ۾ ڪنهن کي سوئر ڪائيندي نه ڏٺو آهي.“

هن ان جو جواب اهو ڏنو ته ”تنهنجي معنيٰ ته توهان مسلمانن کي شراب لاءِ ننڍي هوندي کان نٿو ٻڌايو وڃي ته اهو صحيح آهي ... پنهنجي ملڪ ۾ نه ته ولائت ۾ پي سگهجي ٿو!“

يا شايد اهو جواب ڏنو هئائين: ”ته تنهنجي معنيٰ ته توهان پاڪستانين لاءِ جيڪا شيءِ ٻين کي واپرائيندو ڏسو ته اها حلال ٿي ۽ نه ڏسڻ سان حرام!“

بهرحال هن وقت exact ياد نه اٿم ته مون ڇا چيو هو ۽ هن ڇا جواب ڏنو هو پر ان حقيقت جي ڪوڙاڻ اڄ به محسوس ڪري رهيو آهيان ته اسان ڪهڙا مسلمان آهيون جن جي معاشري ۾ غير اسلامي ڳالهيون عام ٿين ٿيون...... ۽ اسان آهيون جو غلط ڪم ڪرڻ جي باوجود پاڻ کي وڏا پير مرشد سمجهيو ويٺا آهيون... ۽ ان خود فريبي ۾ اسان اهڙو ته قاتل آهيون جو اسان کي اها به سمجهه ناهي ته دنيا تيز ٿي وئي آهي ۽ هو اسان جي هڪ هڪ ڳالهه جي چڱي طرح جاچ رکن ٿا ته اسان ڪيڏا ڊونگي آهيون.

# نندي عمر ۾ ولايت وڃڻ......

نوڪريءَ جا آخري 25 سال ڪن مون ماستريءَ ۾ گذاريا جنهن ۾ ڪيترن ئي ملڪن جا شاگردن سان واسطو پيو. ان کان علاوه ڪيترن ملڪن جي نوجوانن جهازن تي توڙي ملائيشيا ۾ منهنجي هٿ هيٺ ڪم ڪيو. نندي ڪنڌ جي نوجوانن کي تو ڏسجي ته ان ۾ انڊين شاگرد بيحد محنتي ۽ هوشيار آهن. هنن جي تعليم هينين ڪلاسن کان رُخ ۾ تئي تي. ممبئي، پوني، دهلي، بنارس ۽ بڙودا جهڙن شهرن جي مختلف اسڪولن توڙي يونيورسٽين ۾ وڃي ڏٺو اٿم ته هو (شاگرد) ڪافي حد تائين Punctual (وقت جا پابند) آهن ۽ پڙهائيءَ کي گهٽو وقت ڏين ٿا. ممبئي يونيورسٽي جي لئبرري ۾ به شامَ جو نائين ڏهين تائين شاگرد وينا هوندا. اهڙن موقعن تي پنهنجي سنڌ يونيورسٽي کي پيٽي ڏاڍو ڏک تيندو اٿم.

سري لنڪا ۽ بنگلاديش جي تعليمي درسگاهن ۽ شاگردن جو حالُ بهتر نظر اچي ٿو. ملائيشيا ۾ انهن ملڪن جا شاگرد جيتوڻيڪ انڊين جهڙا ذهين نه هوندا هئا پر محنت ڪندا رهيا ٿي. سادگي ۾ رهيا ٿي. گهمڻ ڦرڻ تي وقت وڃائڻ بدران شامَ جو به فقط واڪ ڪري وري اچي لئبرري ۾ ڪِتاب پڙهندا. لڳو تو هنن کي مائٽن نندي هوندي کان محنت جي عادي وڌي آهي ۽ وقت ضايع ڪرڻ کان پرهيز سيکاري آهي.

اسانجو پاڪستاني شاگرد خاص ڪري سنڌ جو ايڏو هوشيار ناهي. پورهئي کان ڪيبائي ٿو. هيءَ آئون جنرل ڳالهه ڪيان ٿو..... گهٽي ياڳي شاگردن جي هو هر وقت شارٽ ڪٽ ۽ سفارشن جي چڪر ۾ رهي ٿو. ڪجهه سالَ ڪراچي جي مئرين اڪيڊمي جي مئرين انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جو هيڊ تي رهيس. نيول آرڪيٽيڪٽ ۽ شپ ڪنسٽرڪشن جهڙا سبجيڪٽ پاڻ پڙهائيندو هوس. آئون ڏسندو هوس ته ڪلاس روم ۾ يا ماهيانا امتحانن دوران ڪو نه ڪو ڪئڊٽ (شاگرد) سجاڳپ پيدا ڪرڻ لاءِ اچي چوندو ته سائين آئون به پيٽارو جو آهيان... يا ان ڳوٺ جو آهيان جنهن سان توهانجو واسطو آهي.... يا توهان جو فلاڻو دوست منهنجو چاچو/مامو آهي.

ڪيڏو عجيب ٿو لڳي ته جهاز هلائڻ جهڙي اداري جو يا ميڊيڪل ڪاليج جو شاگرد.... جنهن جي هٿ ۾ ٻين جي زندگي رهي ٿي..... اهو پڙهي پنهنجي پروفيشن ۾ قابل ٿيڻ بدران سفارشون پيو هلائي! اهڙن پروفيشنل تعليمي ادارن ۾ ڪنهن کي بنا پورهئي جي فائدو رسائڻ..... اهو چاهي پنهنجو پائيتو پاٽيجو يا پٽ هجي ان لاءِ ۽ ملڪ ۽ قوم لاءِ نقصان ۽ ويساهگهاتي آهي. ائون پهرين شاگرد کي ئي ٽوڪي مات ڪرائي ڇڏيندو آهيان جيئن ٻين جي همت نه ٿئي. "پيٽارو جو پڙهيل آهين ته هن وقت ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي"، آئون هميشه اهو چوندو آهيان، "امتحان ۾ اهڙي اعليٰ

ڪارڪردگي ڏيکار جو آئون تنهنجو پڇندو رهان تہ هي کهڙي ڪاليج ڪان آيو آهي.... کهڙي ڳوٺ جو آهي.... کهڙي فئملي مان آهي.“

اسان جي ملڪ جو نوجوان (يعني گهٽي پاڳي)، دل لڳائي پڙهڻ يا نوڪري ڪرڻ بدران گهمڻ ڦرڻ ۽ شوبازي ۾ وڌيڪ دلچسپي رکي ٿو. اڄ ڪلهہ نندي وهي ۽ ڪچي عمر ۾ ٻارن کي ٻاهرين ملڪن ۾ تعليم لاءِ موڪلڻ عجيب فئشن ٿي پيو آهي. مون وٽ ڪجهہ والدين جا ان بابت صلاح پڇڻ لاءِ اڪثر فون اچن ٿا. ڪالهہ بہ نواب شاهہ ڪان هڪ پيءُ جو فون آيو تہ هن جي پٽ انٽر ڪئي آهي هو ڪيس ملائيشيا يا چين ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ موڪيل ٿو. اهو ٻڌي آئون سمجهي ويندو آهيان تہ ڪچيءَ ۾ يعني شروع جي ڪلاسن ۾ نہ ڇوڪري محنت ڪئي ۽ نہ مائٽن هن تي نظر رکي جو هن جي انٽر ۾ سٺي پوزيشن اچي سهگي ۽ هو مقابلي ۾ ڪامياب ٿي پنهنجي صوبي ۽ پنهنجي علائقي جي ميڊيڪل يا انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا حاصل ڪري سگهي. هن شاگرد سان بہ اهو مسئلو هو. هو سٺين مارڪن سان پاس نہ ٿيو هو هاڻ ٻاهر پڙهڻ ٿي چاهيائين.

دراصل ٻاهرن ملڪن ۾ بہ ملائيشيا، چين هجي يا انگلنڊ، آمريڪا.... اتي جي سٺين يونيورسٽين ۾ داخلا انهن شاگردن کي ملي ٿي جيڪي top جا آهن باقي هر ملڪ ۾ ڪيترائي ردي قسم جا ٽڙيل نڳيءَ جا ميڊيڪل يا انجنيئرنگ ڪاليج آهن جن ۾هہ بيڪار قسم جي شاگردن کي بہ داخلا مليو وڃي جو هنن جو مقصد فقط ۽ فقط پئسو ڪمائڻ آهي ۽ ڪو بہ پئسو ڏئي داخلا وٺي سگهي ٿو. ان بعد انيڊ منڊي attendance تي بہ هن کي ڊگري ڏني وڃي ٿي. ان دگري تي ڪٿي نوڪري ملڻ بہ سوالي نشاني آهي. گذريل مهيني ڪجهہ اهڙن اسانجي ڏڏ شاگرد کي چين جي هڪ ميڊيڪل ڪاليج ۾ پرهندو ڏٺم. هنن وڏي فخر سان ٻڌايو تہ هنن کي چيني بہ سيکاري وڃي ٿي ۽ ليڪچر انگريزي ۽ چيني ۾ ڏنا وڃن ٿا! هاڻ انهن شاگردن کي ڇا چين ۾ نوڪري ملي سگهندي جِتي هنن جي سنن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جا شاگرد بہ بي روزگار وينا آهن ۽*8 ساڳي طرح پنهنجي ملڪ ۾ جِتي Dow ۽ لياقت يونيورسٽين جي گرئجوئيٽس کي ئي نوڪري نٿي ملي سو هنن مان ڪيترن کي ملي سگهندي؟!

مون نوابشاهہ واري پيءُ کي صلاح ڏني تہ پاڪستان ۾ سرڪاري ڪاليج ۾هہ داخلا نٿي ملي نہ بهتر اهو ٿيندو تہ پنهنجي پٽ کي اسرا، سر سيد، باقئي، همدرد ياڪنهن ٻي خانگي يونيورسٽي ۾ داخلا ڏيار جِتي ولايت جي مقابلي ۾ خرچ بہ گهٽ ٿيندو ۽ توهان جي بہ پنهنجي ٻار تي نظر رهندي.

”پر سائين هن کي شوق آهي ۽ ضد ٿو ڪري تہ هو ملائيشيا يا سنگاپور وڃي پڙهي جِتي هن جا ٻيا دوست بہ وڃي چڪا آهن.“ هن ٻڌايو ۽ منهنجي ڪجهہ وڌيڪ سمجهائڻ تي بہ مون ڏٺو تہ هي والد convince ٿي رهيو هو بلڪ هو فيصلو ڪري چڪو هو تہ سندس پٽ ٻاهر پڙهڻ لاءِ وڃي ۽

هاڻ هو ڪنهن به ريت روڪڻ جون ڳالهيون ڇڏڻ بدران اهو ٿو چاهي ته ڪو هن جي فيصلي تي واهه واهه ڪري ۽ چوي ته اهو سٺو ڪم اهي ۽ خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته تنهنجو پٽ ولايت پڙهڻ لاءِ پيو وڃي.

اسان جڏهن انٽر سائنس ڪئي ته ان وقت سيڪنڊري بورڊ آف ايڊيوڪيشن (جيڪ ان وقت سڄي سنڌ لاءِ هڪڙو حيدرآباد ۾ هو) ان سال جنهن شاگرد پهرين پوزيشن ڪئي هئي اهو اسانجي ڪاليج جو منهنجو ڪلاس ميٽ هو. انهن ڏينهن ۾ اسانجي ڪاليج جو پرنسپال هڪ گورو (انگريز) هو جيڪو هڪ قابل تعليمدان هو. ان ڪنا جڏهن هن پهريون نمبر آيل شاگرد صلاح ورتي ته هو B.E (انجنيرنگ) پڙهڻ لاءِ انگلنڊ وڃڻ جو سوچي رهيو آهي ته پرنسپال هن جي والدين کي سمجهايو ته ان ڪچي عمر ۾ پار کي ٻاهر هرگز نه موڪلجو. هن کي گرئجوئيشن (بيچولر) ۽ ويندي ماسٽرس پنهنجي ملڪ مان ڪري پوءِ ڊاڪٽوريٽ (Ph.D) لاءِ ٻاهر وڃڻ کپي. تيسين هو عمر جي حِساب سان ڪافي Mature ٿي ويندو.

اها ڳالهه اسان شاگردن کي ان وقت ته سمجهه ۾ نه آئي هئي پر پوءِ وڏو عرصو ولايت ۾ رهڻ بعد مون اهو ئي اندازو لڳايو ته اسانجي پوڙهي انگريز پرنسپال جي ڳالهه صحيح آهي ۽ اڄ آئون به والدين کي اها ئي صلاح ڏيندس ته هو ڪچڙي ذهن جيٻارن کي ٻاهر نه موڪلين. ڇو جو سواءِ ڪجهه جي گهٽي پاڳي پنهنجي هم وطني شاگردن کي جنهن آزادي سان بلڪ ڇڙواڳ نموني سان ٻاهرن ملڪن ۾ گهمندي ۽ پنهنجو وقت ضايع ڪندي ڏسندو آهيان. ان تي افسوس ٿئي ٿو. ڌارين ملڪن ۾ اڌ اگهاڙين ڊريسن ۾ ڇوڪريون، جوا خانا، مساج پارلر ۽ مئخانا ڏسيو اسان جا ماٺهو وائڙا ٿيو وڃن ۽ ننڍي عمر جي ڇوڪرن جي ڀٽڪڻ جي ته اجان به وڌيڪ tendency آهي. ويتر هنن کي ولايت ۾ قدم رکڻ سان جي ڪڏهن اهڙو مڪاني يا سندن ڳوٺ جو شاگرد دوست ٿيو ٿو وڃي جيڪو پرهائي کان وڌيڪ عياشي جو شوقين آهي ته پوءِ ٻي کي ڪرڻ ۾ دير نٿي لڳي. پوءِ سگريٽ ۽ شراب جي عادتن کان علاوه ڇوڪرين سان عشقن جا چڪر ۽ رقابتون ۽ پوءِ ان شيطاني چڪر ۾ خونريزن جا به ڪيس ٿي پيا آهن. مون ڪيترن ئي اهڙن ننڍي عمر جي شاگرد کي سنگاپور ۽ ملائيشيا ۾ رات جو دير تائين هوٽلن تي ڪچهريون ڪندي ڏٺو هوندو ۽ نصيحت ڪئي هوندي ته هڪ سٺي شاگرد کي سوير سمهڻ کپي ۽ هنن هوٽلن ۾ پئسو ۽ وقتُ ضايع نه ڪرڻ کپي. پوءِ اهڙا شاگرد جڏهن موڪلن ۾ ڳوٺ پهچن ٿا ته م ائٽن سان هڪڙيون ڳالهيون ڪن ٿا پر هڪ جيڏن سان پنهنجي گهمڻ ڦرڻ، اصلي توڙي خيالي عشقن ۽ عياشين جون ڳالهيون ڪر ٻيبين کي به هر ڪائين ٿا ۽ پوءِ پيا به مائٽن کي مجبور ڪن ٿا ته هنن کي به ولايت موڪليو وڃي ۽ پريشاني مائٹُ اهو ئي سوچي ٿو ته هيستائين ته هو نه پڙهيو (ظاهر آهي پڙهي ها ته انٽر ۾ سٺي پوزيشن اچيس ها. نه پڙهڻ ڪري ۽ سٺي گريڊ نه اچڻ ڪري هن کي مهراڻ يا لياقت يونيورسٽي ۾

۽ داخلا نہ ملي) سو هاڻ ٻاهر موڪليانس تہ من ڊاڪٽر/انجنير ٿي اچي. پوءِ مائٽ ويچارو قرض ڪڍي ۽ پٽ کي ٻاهر موڪلي ٿو... ويتر هن کي ڪو نہ ڪو اهڙو مون جهڙو مليو وڃي جيڪو ٻاهر رهيو آهي، اهو صلاح ڏئيس ٿو تہ هن ملڪ جي هن ڪاليج يا يونيورسٽي ۾ موڪلينس.

هن دفعي ڪوالالمپور ويس تہ منهنجي هڪ دوست ٻڌايو تہ هن اسڪول ڪوليو آهي جنهن ۾ هو فلاڻا ڪورس ڪرائي ڊپلوما ڏيندو. آئون هن کي حيرت سان ڏسڻ لڳس تہ هن منهنجي حيرت جو سبب سمجهي مونکي ٻڌايو تہ فڪر نہ ڪريو. ڪيترا شاگرد ۽ انهن جا والدين ملائيشيا کي پسند ڪن ٿا ۽ تعليم جي بهاني هِتي رهڻ پسند ڪن ٿا جو هڪ شاگرد پويان سندس ماءُ يا پيءُ کي ملائيشيا ۾ رهڻ جي ويزا مليو وڃي. هن مونکي اهو بہ چيو تہ تون پنهنجي ڪالم ذريعي يا سرندي وارن کي پنهنجي ملڪ جي فائو اسٽار هوٽل ۾ گهرائي هنن کي سندن ٻار، منهنجي هن ڪاليج ۾ موڪلڻ جي رغبت پيدا ڪر تہ توکي بہ ٻين ايجنٽن وانگر في شاگرد جي داخلا تي هڪ هزار رنگٽ (يعني 32 هزار رپيا) ڏيندس... مونکي ان وقت ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ هيءَ بيماري هن قسم جي ايجنٽن بہ پکيڙي آهي ۽ ننڍي عمر جي ٻارن توڙي هنن جي والدين جو برين واش ڪن ٿا.

هونءَ تہ ڪو مائٽ چوي تہ هن پنهنجي پيءُ يا ڌيءَ کي MBBS يا B.E لاءِ ملائيشيا، سنگاپور، چين يا ٻئي ملڪ موڪليو آهي تہ ڏنو وڃي تہ اها هن جي پنهنجي بي عزتي آهي... ڇو جو اڳلو سمجهي وڃي تہ هن جو ٻار اياڻو نڪمتو آهي جو هن کي چانڊڪا جهڙي ميڊيڪل يا نوابشاهہ جهڙي انجنيئرنگ ڪاليج ڪٿي بہ داخلا نہ ملي. پر آئون ڏسان ٿو تہ اڄ ڪلهہ اهڙن شاگردن جا والدين وڏي فخر سان ٻڌائيندا رهن ٿا تہ انٽر بعد هن جو پٽ ملائيشيا ۾ انجنيئرنگ ۽ ڌيءَ چين ۾ ميڊيڪل پڙهي رهي آهي ۽ ٻيا ٻڌڻ وارا Impress ٿيو وڃن ۽ ڪيترا غريب اهو ئي سوچين ٿا تہ ڪاش هنن وٽ بہ پئسو هجي تہ هو بہ پنهنجن ٻارن کي ٻاهر موڪلين.

ڳالهہ دراصل هيءَ آهي تہ گذريل پنجاهہ سٺ سالن کان اسان وٽ اها فخر جي ڳالهہ هئي تہ ڪنهن جو ٻار ولايت پڙهڻ لاءِ ويو آهي. فخر جي ڳالهہ ان ڪري هئي ۽ هئڻ بہ کپي جو هن شاگرد هِتي ڊاڪٽريا يا انجنيئري يا ڪنهن ٻئي سبجيڪٽ (IT، فزڪس، ڪيمسٽري وغيره) ۾ اعليٰ پوزيشن ۾ گرئجوئيشن ڪرڻ تي UNDP، IMO، يا جپان، انگلنڊ ۽ آمريڪا جي وڏي يونيورسٽيءَ ۾ هن کي ان سبجيڪٽ ۾ ماسٽرس يا ڊاڪٽوريٽ ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپ جي آڇ ڪئي آهي. ۽ ان قسم جي ڳالهہ ٻڌي اوڙو پاڙو، دوست سنگتي هن هوشيار شاگرد ۽ هن جي ماءُ پيءُ کي مُبارڪ ڏيڻ ويندا هئا تہ هو ولايت پڙهڻ پيو وڃي. پر اڄ افسوس ٿو ٿئيم تہ اسان جا ماڻهو ان کي مُبارڪ ٿا ڏين جيڪو ڏڏ آهي جنهن ميٽرڪ ۽ انٽر جهڙن خصيص امتحانن ۾ بہ ڪو ڀوتو نہ ٻاريو ۽ مائٽ قرض ڪڍي ڪيس ڊاڪٽريا يا انجنيري لاءِ ملائيشيا يا چين جي ڪنهن بيڪار ڪاليج ۾ هو پيا موڪلينس! هي سلسلو اڄان هاڻ شروع ٿيو آهي. شل اهڙن گرئجوئيٽن کي انهن ملڪن مان ٻيچلر

جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد انهن ملڪن مان بيچلر جي ڊگري حاصل ڪرڻ بعد انهن ملڪن ۾ يا پنهنجي وطن جي ڪنهن چمبڙ، تلهار، عمر ڪوٽ يا اوباوڙي جهڙي اسپتال ۾ بہ ڪا نوڪري ملي سگهي! باقي اهي ٻار جيڪي اٺين نائين ڪلاس ۾ آهن انهن جي والدين کي منهنجي تہ اها ئي صلاح آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ اهي چار سال تہ کين محنت ڪرايو جيئن انٽر ۾ سٺي پوزيشن ڪٽي پنهنجي ملڪ جي ئي ڪنهن پروفيشنل ڪاليج ۾ داخلا وٺي سگهي ۽ هو توهان جي اکين اڳيان پڙهي سگهي ۽ جي ڊاڪٽري يا انجنيري ۾ سٺي پوزيشن حاصل ڪري ٿو وڌي ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ ڪيس ڪنهن فارين جي يونيورسٽي جي اسڪالرشپ ملي ٿي وڃيس تہ ضرور وڃي. اڄ بہ شهدادپور، بدين، راڻيپور، ڪپرو، سانگهڙ ۽ سنڌ جي ٻين ڳوٺن جا ڪيترائي اهڙا محنتي، قابل ۽ ذهين شاگرد ملائيشيا، سنگاپور کان لنڊن نيويارڪ ۽ ٻين ملڪن ۾ مختلف سبجيڪٽن ۾ M.Sc ۽ Ph.D پيا ڪن.

# پڙهندڙن طرفان گهڻو پڇيل سوالُ

منهنجا سنڌي پڙهندڙ توڙي ولايت جي بندرگاهن ۾ جهاز گهمڻ لاءِ ايندڙ اسڪولن جا ٻار، جيڪو سڀ کان گهڻو سوال پڇندا آهن اهو جهاز جي حادثي بابت هوندو آهي ته جهاز تي ڪڏهن حادثو به ٿئي ٿو ۽ جي ٿئي ٿو ته ڪهڙي قسمَ جو؟

ڳالهه اها آهي ته ساموندي زندگي ۾ حادثا ئي حادثا آهن. ڪير آهي جيڪو چوي ته هن جو سڄو سفر سڪون سان گذريو؟ ٻين لفظن ۾ هن کي Smooth Sailing مليو! جهاز تي، جهاز هلائڻ وارن کي حادثن کي منهن ڏيڻ ۽ صحيح فيصلا ڪري مالڪ کي وڏي نقصان کان بچائڻ جو ئي ته پگهار ملي ٿو.... نه ته ڪڏهن ڪڏهن ته هفتو هفتو سمنڊ ايڏو سانت رهي ٿو، ٽرئفڪ ايتري گهٽ ۽ آسان آهي، انجڻيون بنا مسئلي جي لڳاتار هلنديون رهن ٿيون جو سوچبو آهي ته جهاز تي ڪو به بني بشر نه هجي ها ته به جهاز ”آٽو“ تي هلندو رهي ها. ٿورو گهڻو مسئلو ٿيڻ تي اڄ ڪلهه جا ماڊرن ۽ آٽوميٽڪ جهاز اهڙا آهن جن ۾ خود بخود درستي ٿيو وڃي. پر اهڙي ڪنهن ڳالهه لاءِ ڪو Risk نٿو ڪٽي سگهجي جو انساني دماغ ۽ فيصلي جو ڪو نعم البدل ناهي. جيتوڻيڪ ڪي ڪي لمحا اهڙا به اچن ٿا جن ۾ لڳاتار اوجاڳي، جسماني ٿڪاوٽ ۽ ذهني دٻاءَ جي ڪري اهي فيصلا غلط به ٿيو وڃن. اهو چرچو يا حقيقت مشهور آهي ته جبرالٽر وٽ جِتي ساموندي سوڙهو لنگهه ميڊيٽرينين ۽ ائٽلانٽڪ سمنڊ کي ملائي ٿو اتي هر وقت جهازن جي اچ وڃ (ٽرئفڪ) تمام گهڻي رهي ٿي. سمنڊ تي زمين وانگر پڪا رستا نه آهن جن مٿان اسان گاڏيون هلايون ٿا. اتي ته نقشي تي پاڻ رستو ناهي ان مطابق جهاز کي وني هلون ٿا. ۽ جي سمنڊ بگڙيل آهي، طوفان آهي، سمنڊ اندر ڪُنون (Under Currents) آهن ته جهاز کي مقرر راهه تي رکڻ جي باوجود اهو تيز ڪاٽيندو رهي ٿو يعني drift ٿيندو رهي ٿو. ٻي ڳالهه ته سمنڊ تي زمين جهڙا آسان قانون نه آهن ته هر گاڏي هلائڻ واري کي پنهنجو کابو پاسو وني هلائڻو آهي. سمنڊ تي صحيح رخ اختيار ڪرڻ جو مدار سامهون واري جهاز جي رفتار ۽ وزن تي به آهي. هڪ ويهه پنجويهه هزار ٽن وارو جهاز بريڪ هڻندو ته اهو ميل ڪن اڳتي وڃي اسٽاپ ڪندو پر هڪ لک يا ٻه لک ٽن وزني جهاز جي رفتار ڪٽي اها ئي هجي پر ان جو Momentum ايڏو ٿو ٿئي جو بريڪ هڻڻ کان پوءِ به ٽي چار ميل اڳيان گهلجيو وڃي. مومينٽم ڇا آهي اهو توهان ڪنهن انٽر جي شاگرد کان پڇي سگهو ٿا. هِتي آئون توهان کي جهاز بابت ٻڌائيندو هلان ته پاڻي جي جهاز ۾ سائيڪل يا موٽر لاريءَ وانگر بريڪ ٿئي ئي ڪانهي. جهاز کي بريڪ هڻڻ يعني اڳتي هلڻ کان روڪڻ لاءِ پهرين انجڻ بند ڪري پوءِ ان کي پٺيان هلائڻو پوندو آهي جيڪا ڪجهه منٽن تائين جهاز کي پٺيان پئي ڪندي آهي پر جهاز ايڏو ڳرو ٿو ٿئي جو ان جو مومينٽم ٽنڻ ۾ وقت لڳيو وڃي ان ڪري انجڻ جي پٺيان هلڻ جي باوجود جهاز ميل ڏيڊ

اڳيان ترندو ترندو پوءِ وڃي رڪي ٿو ۽ پوءِ پنيان چرڻ جي ڪري ٿو ته ان وقت انجڻ بند ڪئي وڃي ٿي جيئن اتي رڪجي پوي.

ان ڪان علاوه عام ماڻهو جي معلومات لاءِ لکندو هلان ته اسان وٽ زمين تي گاڏيون هلائڻ لاءِ ڏکهائي ڏگها رستا آهن يعني هڪڙيون گاڏيون هڪ طرف ڪان پيون اچن ته ٻيون ان جي مخالف طرف ڪان.... بلڪ ڪيترا هاءِ وي ۽ سپر هائي وي ”ون وي“ سسٽم آهن جنهن ڪري گاڏين جي ٽڪرجڻ جو خوف بنهه نه برابر آهي پر سمنڊ تي خاص ڪري سنگاپور ۽ جبرالٽر جهڙن هنڌن تي هڪڙا جهاز سامهون پيا اچن  ته ٻيا پنيان... هڪڙا کابي ڪان پيا اچن ته ٻيا ساڄي ڪان ٿيا وري باقي ڪُنڊن ڪان. انهن جي رفتار ۽ سائيز مطابق ڪنهن کي ڪهڙو طرف وٺي ٻي کي واٽ ڏيڻي آهي ان لاءِ هر وقت حاضر دماغ رهڻو پوي ٿو ۽ پاڻ کي سانت ۽ سڪون ۾ رکي سڀ ڪجهه ڪرڻو پوي ٿو. اهڙي ئي افراتفري جي حالت  ۾ جهاز جو ڪئپٽن صحيح فيصلو ڪري نه سگهيو ۽ ساڄي يا کابي پاسي کان گذرندڙ جهاز سان پنهنجي جهاز کي ٽڪرائي وڌو. ڏوهاري ڪنهن کي ناهيو وڃي ان لاءِ ڪورٽ ۾ ٻه مهينا ڪيس هلندو رهيو ۽ ٻئي ڌريون دليل ڏينديون رهيون پوءِ جج ان فيصلي تي پهتو ته ساڄي پاسي کان ايندڙ جهاز جي ڪئپٽن جي غلطي هئي ۽ ان کي ٻڌايو ويو ته هن جهاز کي صحيح هلائڻ ۾ صحيح فيصلو نه ڪيو.... ان جهاز جي ڪئپٽن مرڪندي چيو ته جنهن ڳالهه جي فيصلي لاءِ توهان کي ٻه مهينا لڳا ان لاءِ مون وٽ ٻه منٽ به نه هئا.

بهرحال اهي سڀ چوڻ جون ڳالهيون آهن. ٻه منٽ هجن يا اڌ منٽ..... جوابداري جهاز هلائڻ واري جي ٿئي ٿي. جهاز جي مالڪ کي ته انشورنس ڪمپني طرفان نقصان جا پئسا مليو وڃن ٿا.... جهاز هلائڻ جو انٽرنيشنل سرٽيفڪيٽ ڪئپٽن ۽ چيف انجنيئر جو ئي رد ٿئي ٿو. اهڙن حادثن ۾ پوءِ ڪئپٽن يا نيويگيٽر آفيسر ڪوشش ڪري اهڙي ڏوهه جو الزام انجنيئرن تي هڻندو آهي ته هنن ان وقت اسپيڊ صحيح نه ڏني يا اسٽيرنگ انجڻ ۾ نقص هو. جنهن طرف جيترين ڏگرين تي اسان جهاز موڙڻ چاهيو ٿي ان تي نه آيو. بهرحال ان قسم جا ڪم هلندا رهن ٿا. اهڙي قسم جي حادثن ۾ آئون هڪ چيف انجنيئر جي حيثيت ۾ يڪدم سرويئر ڳهرائي جهاز جي پوڇڙ (Poop) ۾ لڳل اسٽيرنگ انجڻ جي سروي ڪرائي سرٽيفڪيٽ وٺي ڇڏيندو آهيان جيئن جي معاملو ڪورٽ تائين هلي ته اسانجي انجئيرنگ ڊپارٽمينٽ وٽ ڪو ڊاڪيومينٽري ثبوت موجود هجن.

هونءَ يارو ڪنهن ڪنهن وقت سمنڊ جو جوش ۽ سياري جي اونداهين ۽ سرد راتين ۾ لڳندڙ طوفانن ۾ پنهنجي پنجاهه سٺ هزار ٽنن جي جهاز کي ڪنهن چوڏي وانگر ڦٽڪندو ڏسي حيرت ٿي ٿئي... ڀلي ڪٿي جهاز هلائڻ جي اسان سالن جا سالَ تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي هجي، ڀلي ڪٿي ان سان گڏ ڪيترن سالن جو هلائڻ جو تجربو هجي ته به اهڙين نفسا نفسي وارين حالتن مان جهاز جو بچي نڪرڻ لاءِ دل هرگز نٿي مڃي ته ڪا اسان جي قابليت آهي..... پر قدرت جو ئي ڪمال

آهي.... جيئن ڪنهن ستر اسي ورهين جي ڄمار جي پوڙهي جي دل جي آپريشن دوران ان جي شگر ليول ۽ بلڊپريشر به صحيح نه هجي ان هوندي به هو آپريشن بعد صحيح سلامت ٿي وڃي ته هڪ ڌريو سرجن به اهو سوچيندو هوندو ته اهڙا ناممڪن ڪم جيتوڻيڪ اسان انسانن جي معرفت ٿين ٿا پر انهن کي صحيح ڪرڻ واري اصل طاقت ڪا ٻي آهي.

سامونڊي زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا به مسئلا پيدا ٿين ٿا جو سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته ان جو حل ڪيئن ڪجي ۽ پوءِ اتي جو اُتي اهي مونجهارا پاڻهي صحيح ٿيڻ تي اچان وڏيڪ حيرت ٿيندي آهي ته اهي نقص (faults) ڪيئن پاڻهي صحيح ٿي ويا! زندگي جا اهڙا پوائنٽا ۽ معجزاتي قسم جا سمنڊ تي درپيش ايندڙ حالات پسي پن ٻوڙين پاتال ۾ پهڻ تارين تون وارو حساب لڳندو آهي. شاهه لطيف جو بيت آهي ته:

صاحب تنهنجي صاحبي، عجب پسي سون
پَنَ ٻوڙين پاتالَ ۾، پهڻ تارين تون
مولا متان مون، ٻُڙو مَ لاهيج ٻاجهه جو

سامونڊي زندگي ۾ جيئن ئي داخل ٿيس ته مونکي جيڪو پهريون جهاز مليو ’اباسين‘ نالي هو. هي جهاز جيتوڻيڪ نئون نه هو. پنج ڇهه سال ڪن پُراڻو ٿيندو جيڪو ايڏو پُراڻو نٿو چئي سگهجي جو ان وقت حاجين جو وڏو جهاز سفينهٔ حجاج 35 سالن جو پُراڻو هو. ايم وي اباسين يعني ”موٽر ويسل اباسين“ جهاز جي روٽ ”يو ڪي - ڪانٽيننٽل“ هئي يعني انگلنڊ ۽ يورپ جي ملڪن: فرانس، جرمني، اسپين، بيلجم ۽ هالنڊ وغيره پر اوڏانهن وڃڻ کان اڳ اسان کي ڪنهن اهم ملتري سامان کڻڻ لاءِ چين موڪليو ويو ۽ اسان رستي تي ڪولمبو (سري لنڪا)، پينانگ (ملائيشيا)، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ ترسندا چين پهتاسين جِتان پوءِ ڊائريڪٽ ڪراچي آياسين. سامان لاهي لنڊن روانا ٿياسين. لنڊن، هئمبرگ، بارسلونا، انٽيورپ ۽ راٽرڊئم جهڙا بندرگاهه ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو سي چڱي طرح ڏٺم ضرور پر رستي تي ڪجهه سمنڊ خاص ڪري موزمبق چئنل مان گذرڻ وارا ادائي ڏينهن، ڪيپ آف گڊ هوپ جا به ڏينهن ڏاڍا خراب گذريا ۽ جيتوڻيڪ ائٽلانٽڪ سمنڊ اُڪرڻ وارو هفتو ويندي توڙي موٽندي بيحد سڪون وارو مليو پر لنڊن پهچڻ کان اڳ واري سمنڊ خليج بسڪي (Bay of Biscay) اسان جو حشر نشر ڪري ڇڏيو. جهاز ڪڏهن مست اٺ وانگر ڪڏندو رهيو ته ڪڏهن آندي (Appendicitis) جي مريض وانگر لڇندو رهيو. ان سان گڏ اسان جهاز وارن کي به نيوڙي رکيو. اڄ ڏينهن تائين خليج بسڪي جو بڏي مونکي آت اچن ٿا جو مونکي ڪڏهن به هي سمنڊ مانو نه مليو. اصل ڳالهه اُها آهي ته توهان انهن يورپي توڙي آمريڪي ۽ جپاني پهلوان جهازين کان ته سمنڊن جو پڇو. هو توهان کي اسان واري عربي سمنڊ جون سڏيون ٻڌائيندا جنهن لاءِ شاهه لطيف به بار بار خبردار ڪيو آهي ته:

ڪو جو ڦهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي
خبر ڪونہ ڏئي، تہ رچ ڪچاڙي رنديا

هن سمنڊ لاءِ ئي تہ شاهہ لطيف اهو بہ چيو آهي تہ:

دهشت دم درياهہ ۾، جت ڪُنن جا ڪڙڪا

۽ هن سمنڊ لاءِ هڪ هنڌ چيو آهي تہ:

آڏو چِڪَڻ چارُ، منهنجي موجَ نہ سهي مُڪڙي.....

۽ ڪراچي ڪان اڳتي جي سمنڊ لاءِ چيو آ:

هي چارون ۽ چَچ ، اجان اوڙاهہ آڳاهون ٿيو.....

(جِئَن جُهڳا پائِيين جهولَ ۾، اِئَن نہ مَرَنِ مَچِّ؛
سَبَرَ ڏارِ سَمُنڊَ جا، ڪي رائُون رَڱِيُون رَچِّ؛
هِي چارُون ۽ چَچِّ، اجا اوڙاهُ آڳاهُون ٿِيو.)

بهرحال قسمت تہ ڏسو اسان جو جهاز M.V. Abasin اسانجي حساب موجب آفريڪا ۽ يورپ جا خطرناڪ سمنڊ جهاڳي جڏهن آگسٽ جي مهيني ۾ پنهنجي وطن ڪراچي جي ڪناري تي پهتو تہ سانوڻي جي موسم واري سمنڊ جي سَٽ نہ جهلي بڏي ويو. اسانجي غير حاضري ۾ ڪراچي بندرگاهہ وٽ هڪ جهاز اڳهين بڏي چڪو هو جنهن جي اطلاع کان اسان غير واقف هئاسين. اسان سڄو سفر پورو ڪري خوشي خوشي هاڻ پنهنجي سمنڊ ۾ گهڙياسين تہ جولاءِ آگسٽ جي ڪري هڪ طرف اسان وارو عربي سمنڊ بگڙيل هو ۽ جهاز کي اندر بندرگاهہ ڏي ڪاهڻ مسئلو پئي ٿيو ٻي طرف هيٺ بڏل جهاز جي معلومات نہ هجڻ ڪري ان سان اسان جي جهاز جو ترو اهڙو تہ ٽڪرايو جو جهاز بڏڻ ۾ ويرم ئي نہ لڳي. هونءَ تہ پاڻي جا جهاز وچ سمنڊ ۾ بہ بڏڻ ۾ ڏينهن ۽ هفتا لڳائيندا آهن پر اسانجي اباسين اهڙا منٽن جا فيصلا ڪيا جو اسان فقط سفري ڪاغذ ۽ ڊاڪومينٽ ساڻ کڻي جهاز مان چلانگ ڏئي لائيف بوٽ ۾ ويهي جان بچائيسين. اڄ ڏينهن تائين آئون سوچيندو آهيان تہ جن سمنڊن لاءِ مون سوچيو پئي تہ اجهو تہ هي جهاز بڏي اتي تہ نہ بڏو پر پنهنجي وطن جي ڪناري تي اچي بڏو ۽ اهڙي خطرناڪ نموني سان جو ڪو سوچي نہ سگهي تہ ڇا پاڻي وارا جهاز بہ ائين بڏندا آهن! ائين تہ هوائي جهاز سمنڊ ۾ ڪرڻ سان غرق ٿي ويندا آهن. اڙدو جو هڪ شعر آهي جنهن جو مفهوم آهي تہ:

اهي سفينہ (ٻيڙا) جيڪي اٿاهہ سمنڊ جهاڳي آيا اهي ڪناري تي پهچي بڏي ويا.

بهرحال اباسين جهاز جي حادثي ۾ ڪنهن تي ڏوهہ آيو ان جو اسان کي فڪر نہ هو جو اسان ان جهاز تي جونئر هئاسين. جهازن جي حادثن ۽ بڏڻ ۾ جهازن جا وڏا آفيسر: ڪئپٽن ۽ چيف

انجنيئر ئي جوابده رهن ٿا ۽ ڪين ڪورٽن جا چڪر لڳائڻا پون ٿا ۽ ڪي حادثا اهڙا ته شرمناڪ ٿيندا آهن جو دل ٻڏي مرڻ تي چوندي آهي.

مرکے ہوئے رسوا، کیوں نہ ہوئے غرق دریا
نہ کبھی جنازہ اٹھتا نہ کہیں مزار ہوتا

اسان جهاز هلائڻ واري هينين اسٽاف جا آفيسر پنهنجي هيڊ آفيس مان joining letter وٺي وڃي ڪمپني جي ٻين جهازن تي چڙهياسين.

بهرحال ان معاملي ۾ قدرت جا پنهنجا حِساب ۽ ليکا آهن. ظاهري طرح ته هر جهاز جو ڪئپٽن توڙي چيف انجنيئر قابل ٿئي ٿو ۽ هنن کي پنهنجو پاڻ تي ناز به ٿئي ٿو ته هو هيڏا آفت جيڏا جهاز ملاڪا نار ۽ جبرالٽر نار جهڙن سوڙهن توڙي ائٽلانٽڪ ۽ پئسفڪ جهڙن اٿاهه سمنڊن ۾ هلائيندا رهن ٿا پر هنن کي ڪهڙي خبر ته سندن نصيب ۾ ڇا لکيل آهي. ٽائٽانڪ جهاز جڏهن ٺهيو ته ان جي ورهايل Ballast ٽانڪين کي مد نظر رکي ان جي ناهڻ وارن انجنيئرن فخر سان چيو ته هڪ ڪارڪ (يعني بوتل جي بوچ جيڪو بلڪل هلڪي ڪاٺ جو ٺهيل ٿئي ٿو)، اهو ٻڏي سگهي ٿو پر ٽائٽانڪ هرگز نه. ۽ واقعي نيول آرڪيٽيڪچر جي حِساب سان ڏٺو وڃي ته اهڙي جهاز کي تارپيڊو لڳڻ تي به نٿو ٻڏي جو جهاز ۾ سوراخ ٿيڻ تي پاڻي ان سوراخ واري حصي تائين محدود رهي ٿو باقي حصي جون ٽانيڪون خالي رهڻ ڪري اهي جهاز کي ٻڏڻ کان بچايو وٺن. جهاز هلائيندڙ ۽ جهاز جي مُسافرن کي ايڏو ته پروسو هو جو بندرگاهه ڇڏڻ وقت جيڪا بوٽ ڊرل ٿيندي آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويندو آهي ته جهاز ٻڏڻ مهل ڪهڙن ماڻهن کي ڪهڙين ٻيڙين ۾ ويهي پنهنجي جان بچائڻي آهي ان ۾ ڪو ورلي حاضر ٿيو. هر هڪ جي دماغ ۾ اهو هو ته ههڙو جهاز پلا ڪيئن ٿو ٻڏي سگهي. ۽ پوءِ سيني ڏٺو ته ڪجهه ڪلاڪن بعد جڏهن جهاز جا مُسافر شراب پي نچي رهيا هئا ته آڌي رات جو هڪ برف جو ايڏو وڏو ۽ اهڙو ڪنڊائتو تودو Iceberg جهاز جي سامهون اچي ويو جنهن کان پاڻ بچائڻ خاطر جهاز کي گهٽو ئي موڙيو ويو پر اهو جهاز جي هڪ حصي سان ٽڪرائڻ بدران جهاز جي هڪ سڄي پاسي کي رهڙي ويو ۽ اها رهڙ اهڙي ته سخت آئي جو جهاز جي سڄي پاسي جون سموريون لوهي چادرون اکڙجي ويون ۽ سمنڊ جو پاڻي سڄي جهاز اندر ايڏو ته تيزيءَ سان گهڙيو جو مُسافرن کي سمجهه ۾ نه آيو ته ڇا ڪجي. جن جا هوش حواس صحيح هئا انهن کي بچاءَ واريون ٻيڙيون نظر نه پيون اچن ته انهن تي ڪٿان چڙهجي... چاڪاڻ جو ڪجهه ڪلاڪ اڳ بندرگاهه مان جهاز جي نڪرڻ وقت هر جهاز جي ٿيندڙ ضروري بوٽ ڊرل هنن attend نه ڪئي هئي جنهن ۾ جهاز ٻڏڻ ۽ باهه لڳڻ وقت پنهنجي جان بچائڻ جا طريقا ٻڌايا وڃن ٿا.

# ويا اوهري اوءِ....

”فارلئنڊ ائنڊ وولف“ پاڻيءَ جا جهاز ناهڻ واري هڪ ڪارخاني جو نالو آهي جيڪو آئرلئنڊ جي شهر بيلفاسٽ ۾ آهي. جهاز ناهڻ (Ship Building) جي هيءَ ڪمپني تمام پراڻي آهي جيڪا 1861ع ۾ وجود ۾ آئي ۽ اڄ تائين دنيا جا بهترين ۽ مضبوط پاڻيءَ جا جهاز ناهڻ ڪان مشهور آهي. مونکي به هن ڪمپني جي ٺهيل هڪ جهاز تي Sail ڪرڻ جو موقعو مليو جيڪو ان وقت 20 سال کن پُراڻو هو. سندس اصل جم جي وقت وارو نالو ته هن وقت ياد نه اٿم پر اسان جي قومي ڪمپنيءَ جڏهن هي جهاز خريد ڪيو ته ان جو پراڻو نالو بدلائي ”پدما“ رکيو. جهاز سو پراڻو هو پر پراڻي وقت جو ٺهيل هجڻ ڪري سندس ٻاهريون لوهي چادرون توڙي اندر جون انجڻيون بيحد مضبوط هيون. بهتر Maintenance ۽ وقت تي اوورهالنگ ڪري ان کي هلائيندا رهياسين. هڪ دفعي ڪراچي بندرگاهه ۾ هجڻ دوران هن جهاز تي هڪ نئون جونئر انجنيئر، هن جهاز تي آيو. انجڻ روم ۾ ڪنٽرول بورڊ جي مٿان لڳل پتل جي پليٽ تي هن ڪمپني ”هارلئنڊ ائنڊ وولف“ جو نالو غور سان پڙهي مون کان پڇيو:

”سر! هيءَ اها ڪمپني آهي نه جنهن ٽائيٽنڪ، بالٽڪ ۽ ايڊرياٽڪ جهڙا جهاز ناهيا جيڪي لڳاتار چاليهه چاليهه سال سمنڊ تي هلڻ بعد اسڪريپ ٿيڻ وقت به نوان ٿي لڳا؟“

مشينن جي گوڙ ۾ مون کيس تفصيلي جواب ڏيڻ بدران فقط ڪنڌ کي هيٺ مٿي ڪري هائوڪار ڪئي. هو بيحد exited لڳو ٿي. جنريٽرن وٽان ڦري وري اچي چيائين: ”سر! آئون پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهان جو منهنجي پهرين پوسٽنگ هڪ اعليٰ جهاز ساز ڪمپني جي ٺهيل جهاز تي ٿي آهي جنهن جا جهاز مضبوطيءَ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهن.“

هن شايد اهو ٿي چوڻ چاهيو يا اهو سوچي پنهنجي دل کي خوش ڪرڻ ٿي چاهيو ته جيستائين هو هن جهاز تي آهي هن جي زندگي سلامت آهي. جو هن ڪمپني جا ٺهيل جهاز بيحد مضبوط ٿين ٿا جنهن ڪري مهانگا پڻ هوندا آهن. مون کيس وري ڪنڌ جي ڌوڻ سان هائوڪار ڪئي پر دل ۾ سوچيم ته هي درويش اڃان هاڻ هن زندگيءَ ۾ گهڙيو آهي.... هن کي ڪهڙي خبر ته جهاز ڪٿي ڪهڙا به مضبوط ۽ ماڊرن هُجن اهي پنهنجو پاڻ نٿا ٻڏن..... انهن کي ٻوڙڻ وارا اسان ئي آهيون... اسان هلائڻ وارن جي غلطين ۽ غلط فيصلن ڪري اُهي ٻُڏن ٿا.

ڊنر تي ڊائننگ هال ۾ هن نئين آيل انجنيئر کي چيم ته هن ڪمپني جي ٺهيل ٻين جهازن برٽانڪ، مئگنيٽڪ ۽ سليٽڪ سان گڏ ”ٽائيٽانڪ“ جهاز به هن ئي ڪمپنيءَ جو ٺهيل هو جيڪو پنهنجي پهرين سفر Maiden Voyage تي ٻڏي ويو هو. ان جي جواب ۾ ڪجهه ڪچڻ بدران هن پاڻيءَ جو پريل گلاس ڪٽي هڪ ئي ساهيءَ ۾ پي ڇڏيو.

متين ڳالهه پورا چاليهه سالَ اڳ جي آهي. اڄ 14 اپريل تي ٽائيٽينڪ جهاز جو سوچي اها ڳالهه ياد اچي وئي. اڄ کان پورا سئو سال اڳ هن جهاز جو ٽڪر برفَ جي ڇپ Iceberg سان ٿيو هو. هونءَ ته پاڻيءَ جا جهاز ٻڏڻ ۾ ڏينهن جا هفتا ونندا اهن پر هن جهاز ڪلاڪن جا فيصلا ڪيا. جهاز ته اڄ به هر روز نه ته سراسري هر هفتي دنيا جي ڪنهن سمنڊ تي ٻڏندو رهي ٿو پر هي جهاز دنيا لاءِ سنسني خيز خبر ان ڪري بڻيو جو هڪ ته هي جهاز ان وقت جو سڀ ۾ نئون، وڏو ۽ ماڊرن هو جنهن جي ٻڏڻ جو ڪو سوچي نٿي سگهيو.... جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته:

"When it was built, the Titanic was the largest moving human made object in the world"

۽ جنهن جي ناهڻ وارن انجينيئرن جو اهو claim هو ته cork (بوتل جو ٻوچ - جيڪو بيحد هلڪي وزن واري ڪاٺ مان ناهيو وڃي ٿو) ٻڏي سگهي ٿو پر هي جهاز هرگز نه. ايتريقدر جو هن جهاز لاءِ اهو به چيو ويو ٿي ته:

"God himself cannot sink this ship"

اهو جهاز پهرين سفر ۾ ئي چٽٽي تي ويو. ٻي ڳالهه ته هن جهاز جا ٻڏي ويل مسافر دنيا جا اهم ۽ امير ترين ماڻهو هئا. جهڙا تهڙا ماڻهو ۽ جهاز ته ان وقت ائين ئي پئي ٻڏيا. اهو اڄ ميڊيا جو دور آهي جو سڪرنڊ، نوابشاهه روڊ تي ڪو بس جو حادثو ٿو ٿئي ته اهو به اخبارن ۾ ٽي ويءَ تي اچيو وڃي.

برطانيه جو پئسينجر لائينر ٽائيٽنڪ (سچو نالو RMS Titanic.... رايل موٽر شپ ٽائيٽنڪ) بيلفاسٽ شهر جي شپ يارڊ ۾ 1909ع ۾ ٺهڻ شروع ٿيو ۽ ٻن سالن بعد 1911ع ۾ لوهي ڍانچي کي زمين تان سمنڊ ۾ لاٿو ويو جنهن کي عام طور جهاز جي Launching سڏجي ٿو. سمنڊ تي لاهڻ بعد هن ۾ مشينون فٽ ڪرڻ ۽ رهائش جي ڪمرن کي سيٽ ڪرڻ ۾ هڪ سال وڌيڪ لڳي ويو. جهاز جي ٺهڻ دوران ئي هن جي پهرين سفر جون ٽڪيٽون وڪامي ويون هيون. هن جهاز جو وزن 52300 ٽن هو جيڪو اڄ جي دور جي حساب سان به تمام وڏو جهاز ٿيو. اڄ کان هڪ صدي اڳ هن جهاز جي خبرن ماڻهن کي وائڙو ڪري ڇڏيو هو. ڪراچي ۾ ٽاور وٽ جناح برج تان لنگهندي ڏکڻ طرف بندرگاهه ۾ جيڪي آفت جيڏا لوهي مال بردار جهاز ڏسو ٿا اهي گهڻو ڪري 20 کان 30 هزار ٽنن وارا هوندا آهن، يعني هي مسافر لائينر (لائينر ان مسافر جهاز کي سڏجي ٿو جيڪو شيڊول مُطابق مقرر ٿيل بندرگاهن ۾ هلندو رهي) انهن جهازن کان ٻيڻو ٿيو. يا سندس ڊيگهه 270 ميٽرن (900 کن فٽن) جو اندازو ان مان لڳائي سگهو ٿا ته اسان وٽ ڪراچي يا حيدرآباد ۾ وڏا بنگلا جن جي روڊ سائيڊ تي ويڪر 17 وال ۽ اندر ڊيگهه 30 وال ٿئي ٿي 500 چورس والن جا ٿين ٿا. هن جهاز جي ويڪر 300 ميٽر (30 وال کن) ٻڌجي ته معنيٰ هڪ ٻئي پرسان اهڙا 16 بنگلا هجن ته اهي جهاز جي هڪ ڪنڌ کان ٻيءَ تائين ٿيندا. ۽ ٻي ڳالهه ته اهي بنگلا ته هڪ ماڙ يا ٻماڙ ٿين ٿا پر هي جهاز ڇهه

ست ماڙ هو جنهن جو اڏ سمجهو ته سمنڊ کان ٻاهر هو ته اڏ سمنڊ اندر ٿيو. ان ۾ مسافرن ۽ جهاز هلائڻ وارن لاءِ هڪ هزار کان مٿي ٻاٿ روم ۽ ڊريسنگ روم سان گڏ ڪمرا هئا جيڪي فائو اسٽار هوٽل جي ٽڪر جا هئا. ڇو ته هي جهاز دنيا جي امير ترين ماڻهن جي سير ۽ سفر لاءِ ٺاهيو ويو هو ۽ سندن هر قسم جي آرام ۽ عيش جو خيال رکيو ويو هو. هن جهاز تي مسافرن لاءِ سئمنگ پول هو، جمنازيم، لئبرري ۽ هڪ نه پر ٽي چار، هاءِ ڪلاس ريسٽورنٽون ۽ ٻيو وندر ۽ موج مزي جو سامان هو. بس سمجهو ته سيون اسٽار هوٽل هئي جيڪا پاڻيءَ تي تري رهي هئي.

جهاز جي پهرين سفر (Maiden Voyage) تي جهاز تي ڪل 2224 مسافر ۽ جهاز هلائڻ وارا ماڻهو هئا ـ انهن ۾ دنيا جي امير ترين ماڻهن کان علاوه انگلنڊ ۽ يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن جا اميگرنٽ هئا جيڪي پنهنجيون جايون جڳهيون وڪڻي پاڻ سان سون ۽ پئسو ڪٺي هميشه لاءِ پنهنجو وطن ڇڏي آمريڪا ڏي لڏي رهيا هئا ۽ پوءِ ساڻن گڏ سندن ملڪيتون به ٻڏي ويون. انهن اميرن مان هڪ جو اڄ به ذڪر ٿيندو آهي ته هو ڇا ته مغرور هو. هن پنهنجو سڀ پئسو ڪٺي آمريڪا ۾ وڏو ڪاروبار ڪري پاڻ کي اجان وڏو امير بڻايو ٿي. هن کي ڪهڙي خبر ته هن جي قسمت ۾ ڇا آهي. جهاز جي اوچتي حادثي ۽ يڪدم ٻڏڻ ڪري پئسينجر پنهنجي جان به مشڪل سان بچائي سگهيا. 1500 کان مٿي ماڻهو ٻڏي ويا 700 کن ماڻهو جيڪي بچيا انهن ۾ هي به هڪ هو پر مال ملڪيت هلي وڃڻ ڪري هو زندگي جا باقي ڏينهن خيرات (Charity) تي گذارو ڪندو رهيو.

جهاز 10 اپريل 1912ع تي مُسافر کڻي سائوٿمپٽن بندرگاهه مان لنگر کنيو ۽ سڌو نيويارڪ وڃڻ بدران ڏينهن اڌ فرانس جي بندرگاهه چربورگ ۽ آئرلنڊ جي بندرگاهه ڪئينس ٽائون (هاڻ ڪوب سڏجي ٿو) ۾ ترسيو. ان بعد نيويارڪ وڃڻ لاءِ جيئن ئي اُتر ائٽلانٽڪ اڪرڻ شروع ڪيو ته ان ئي رات ساڍي يارهين بجي ڌاري، اتر قطب کان تري ايندڙ هڪ برف جي ڇپ (Iceberg) سان ٽڪر ٿيو ... بلڪ اهو برف جو جبل ٽائيٽنڪ جي ساڄي پاسي واري حصي کي اهڙو ته گهڪو ڏئي ويو جو جهاز جو اهو سڄو پاسو اندر دٻجي ويو جيئن ڇپ ڪري ڪار ۾ dent پئجي ويندو آهي. جهاز جيڪو 16 واٽر ٽائيٽ حصن ۾ هو ان جا 5 حصا کلي پيا ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ انهن ۾ ڊوڪي اچڻ ۾ دير نه لڳائي.

دراصل اڄ ڪلهه هر جهاز کي مختلف واٽر ٽائيٽ حصن ۾ ورهايو وڃي ٿو. ان جو نه فقط ترو ڊبل ٺاهيو وڃي ٿو پر پاسي واريون پٽيون به ٿلهين لوهي چادرن ذريعي ٻٽيون ڪيون وڃن ٿيون. پر ٽائيٽينڪ کان اڳ جيڪي به جهاز ٺهيا ٿي انهن جي تري ۾ يا پاسي کان ڪنهن هڪ هنڌ به سوراخ ٿيو ٿي ته ان ذريعي پاڻي سڄي جهاز ۾ پهچي ان کي ٻوڙي رکيو ٿي. پر هي جهاز ٽائيٽنڪ نه فقط سهڻو، وڏو ۽ مسافرن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جي خيال کان تمام گهڻو آرام ۽ عيش وارو ٺاهيو ويو هو پر حفاظت جي خيال کان به اعليٰ درجي جو هو جو سڄو جهاز 16 واٽر

تائيٽ طبقن ۾ ورهايو ويو هو ۽ هڪ ڪان ٻئي طبقي ۾ گهڙڻ لاءِ نه فقط واٽر تائيٽ دروازا هئا پر اهي رموٽ ڪنٽرول پڻ هئا. يعني ڪنهن طبقي ۾ جي سمنڊ جو پاڻي داخل ٿي وڃي ته ان طبقي ۾ اندر وڃي ان جا هٿن سان (Manually) دروازا بند ڪرڻ بدران مٿان ڪنٽرول روم يا ٻي ڪنهن سهولت واري هنڌ تان بٽڻ کي دٻائي هئڊرالڪ پريشر سان بند ٿي سگهيا ٿي.

ان حساب سان (۽ هاڻ ته هر جهاز ائين ناهيو وڃي ٿو) جيڪڏهن ڪو ٻيو جهاز پاسي کان اچي زور سان ٽڪر هڻي لوهي پليٽ ڦاڙي رکي يا جنگ جي ڏينهن ۾ ڪو جنگي جهاز تارپيڊو به هڻي ته به جهاز ۾ سوراخ ضرور ٿيندو، سمنڊ جو پاڻي ضرور ايندو پر جهاز ٻڏندو نه ڇو جو اهو داخل ٿيل پاڻي فقط ان ڪمپارٽمينٽ تائين محدود رهندو ۽ جهاز Buoyancy جي هجڻ ڪري ترندو رهندو. هڪ بدران ٻن هنڌن تي تارپيڊو لڳندو تڏهن به جهاز ٻڏي نه سگهندو پر هِتي جهاز جي بد قسمتي، جو هلائيندڙن جي Misjudgment ڪري، هڪ ته هو نه رفتار گهٽائي سگهيا ۽ نه پنهنجو جهاز ٿورو وڏيڪ پري ڪري سگهيا.

رات جو وقت هو، Choppy (اٿلون ڪائيندڙ) اتر ائٽلانٽڪ سمنڊ هو، سيني کي Over Confidence ته هُو هڪ اهڙي ”بم پروف“ ڪار ۾ آهن جنهن تي بندوق جي گولي جا اثر ڪندي، پر قدرت کي ڪجهه ٻيو ئي منظور هو. جهاز ڪان وڏي چپ جهاز جي ساڄي پاسي کي رَهڙي وئي.... ۽ منٽ به نه لڳا.... جهاز اڳيان پنهنجي ڪورس ڏي وڌيو ته چپ پنيان پنهنجي ڪورس تي. هي برفاني ڇپون جن کي اسان Iceberg سڏيون ٿا، هن مهيني يعني اپريل ڌاري اتر قطب ۾ سياري ۾ جميل سمنڊ کان الڳ ٿي ڏکڻ طرف يعني خط استوا ڏي وڌڻ شروع ڪن ٿيون ۽ مهيني اڌ جي سفر ۾، خط استوا تائين پهچڻ کان اڳ ڳري ڳري ختم ٿيو وڃن.

کاري پاڻي مان منو پاڻي ڪرڻ جو پلانٽ ”فريش واٽر ايووپريٽر“ يا ٻي ٽيڪنالاجي جڏهن اجان ايتري پاپيولر نه ٿي هئي..... يعني گذريل صدي جي پنجاهه ۽ سٺ واري ڏهي جي ڳالهه آهي ته دبئي ۽ سعودي عرب وارا اهو به سوچي رهيا هئا ته سنڌن ملڪ ۾ پاڻيءَ جو مسئلو حل ڪرڻ لاءِ اتر ائٽلانٽڪ مان ڪنهن آئس برگ کي ڇڪي دبئي يا جدي بندرگاهه تي وٺي اچجي جِتي پوءِ ان کي پيجي برف سان ٽرڪون ڀرائي شهر کي سپلاءِ ڪيون وڃن. آئس برگ کي رستي تي ڳرڻ کان بچائڻ لاءِ ان کي پلاسٽڪ سان ڍڪيو وڃي ها. هِتي اهو به لکندو هلان ته هي برف جون ڇپون (Iceberg) تمام وڏيون ٿين ٿيون ... جهاز جي سائيز کان به ٽيٽيون چوڻيون ۽ سنڌن برف پٿر جهڙي سخت ٿئي ٿي. پر جيڪڏهن توهان کي سمنڊ تي سامهون جهاز جيڏي چپ ترندي نظر اچي ٿي ته اها به توهانجي جهاز کان تمام وڏي آهي. سمنڊ تي جيڏو جهاز نظر اچي ٿو دراصل ان نظر ايندڙ سائيز کان اهو ٻيڻو ٿئي ٿو جو جهاز جو اڌ کن پاڻيءَ ۾ اندر رهي ٿو. اهڙي طرح برف جي ڇپَ (Iceberg) جيترو ٻاهران نظر اچي ٿي ان جيڏا نوَ حصا اها پاڻي اندر آهي. توهان پاڻي جي گلاس ۾

برف جو ڪيوب وجهي ڏسو... ان جو ڏهون حصو به ڪو مس پاڻي مٿان نظر ايندو. سو اتر ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ڇُرندڙ هي برفاني ڇپون تمام وڏيون ۽ خطرناڪ ٿين ٿيون. انهن مان هڪ ان وقت جي سڀ کان وڏي، ماڊرن ۽ مضبوط جهاز کي ٻوڙي رکيو. هن هڪ نه، ٻه نه پنجن ڪمپارٽمينٽن (جهاز جي حصن) جي لوهي چادرن جون Rivets (ڪِليون) اڊوڙي ڇڏيون. ياد رهي ته ان زماني ۾ يعني اڄ کان 100 سال اڳ لوهي پليٽن کي Rivets ذريعي ملايو ويو ٿي. ويلڊنگ اڃان ابتدائي مرحلن ۾ هئي.

بهرحال ان جاءِ تي ٽائٽينڪ جهاز کي ٻه تارپيڊو لڳن ها ته به نه ٻڏي ها جو وڏ ۾ وڏن ٻن حصن ۾ پاڻي اچي ها. بعد ۾ حِساب لڳايو ويو ته جهاز جا ٽي ڪمپارٽمينٽ به ڦاٽن هئا ته بهBuoyancy ايتري رهي ها جو جهاز نه ٻڏي ها. پاڻي جي جهاز ۾ سفر ڪرڻ وارا اسين هوائي جهاز هلائڻ وارن دوستن کي چوندا آهيون ته هوائي جهاز تباهه تو ٿئي ته منٽن جا فيصلا ٿيو وڃن پر اسان پاڻي جا جهاز هلائڻ وارا ان معاملي ۾ خوشنصيب آهيون جو پاڻي جو جهاز تباهه ٿيڻ بعد به ٻڏڻ ۾ هفتا ڪڏهن ته مهينا لڳايو ڇڏي تيسين بچاءُ لاءِ پاسي اوسي کان لنگهندڙ جهاز پهچيو وڃن ... نه ته به ان ڪم لاءِ هر جهاز تي موجود لائيف بوٽس استعمال ڪري سگهجن ٿيون. پر ٽائيٽينڪ جهاز کي ٻڏندو ڏسي شاهه جو بيتُ تو ياد اچي ته:

صاحب تنهنجي صاحبي، عجب پسي سون
پَنَ ٻوڙين پاتالَ ۾، پهڻ تارين تون
مولا مٿان مون، ٻُڙو مَ لاهيج ٻاجهه جو

رات جي وقت جڏهن جهاز جا مُسافر شراب پي ناچ ڳاني جو مزو وٺي رهيا هئا ته يارهن لڳي چاليهه منٽن تي هن جهاز جو آئيس برگ سان ٽڪر ٿيو ۽ سمنڊ جو پاڻي جهاز اندر ڏوڪڻ لڳو... جيسين جهاز هلائڻ وارن کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ته جهاز کي ڪيڏو نقصان ٿيو آهي ۽ ڇا ڪرڻ کپي تيسين هڪ ٿي ويو. ان بعد سمجهه ۾ اچي ويو ته هي ڪڏهن به نه ٻڏندڙ جهاز ٻڏڻ وارو آهي ۽ بچاءَ جي ڪا اميد نه آهي. جهاز جون بچاءَ واريون ٻيڙيون لاٿيون ويون پر حال اهي هئا جو ڪيترا مسافر ته نشي ۾ ڌت هئا جيڪي هوش ۾ هئا انهن کي اهي هوش نه هئا ته جهاز جي ڪهڙي حصي تي ٻيڙيون آهن ۽ ڪنهن کي ڪهڙي ٻيڙيءَ ۾ وهڻو آهي. دراصل بندرگاهه ڇڏڻ وقت مسافرن جي پرئڪٽس لاءِ جڏهن باهه وسائڻ ۽ ٻيڙين ۾ چڙهڻ جي ڊرل هلي رهي هئي ته شايد ئي ڪنهن مسافر ان ۾ دلچسپي ورتي جو هر هڪ کي ان ڳالهه تي پڪو يقين هو ته هن جهاز جو ٻڏڻ هڪ ناممڪن ڳالهه آهي ۽ سچي ڳالهه ته اها آهي ته جيترا مُسافر هئا، اوترن جي ٻيڙين ۾ وهڻ جي جاءِ به نه هئي. هي اڄ وارا سخت قانون ته جهاز تي فقط اوترا ماڻهو چڙهندا جيترن جي Boat Capacity هوندي.... يعني بچاءَ وارين ٻيڙين ۾ مقرر جاءِ ۽ راشن پاڻي هوندو...هن ٽائٽينڪ جي ٻڏڻ

بعد ٿيا..... نه ته ان کان اڳ جهاز هلائڻ وارن ۾ مسافرن جي سلامتي ۽ حفاظت واري پهلوءَ جو ڪنهن کي فڪر نه هو.

برف جي ڇپ سان جهاز جي ٽڪر بعد سمنڊ جو پاڻي جيئن ئي جهاز جي اڳئين حصي ۾ گهڙيو ته جهاز جو اڳ وارو حصو ڳرو ٿي سمنڊ اندر ٻڏرو ته هليو ويو جو ان جي پٺ وارو حصو مٿي کڄي آيو. اهڙي صورت ۾ جهاز تي هلڻ به محال ٿي ويو ۽ ماڻهو ڊيڪ تان ڪري سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ لڳا. پوري به لڳي ويهه منٽن تي جهاز جو پوئيون اڌ جيڪو مٿي کڄي ويو هو اهو ٽڙڪات ڪري پيچي به اڌ ٿي پيو ۽ ٻي طرف لڙهڻ لڳو. ان وقت به ان اڌ تي هزار کان مٿي مسافر هئا جيڪا اونداهي رات ۾ هڪ طرف رڙيون واڪا ڪري رهيا هئا ته ٻي طرف سمنڊ ۾ ڪريل ۽ اڇلون ڪائيندڙ ٻيڙين ۾ وينل باقي ماڻهو التيون ۽ دانهون ڪري رهيا هئا. ٽائيٽينڪ جهاز جا سگنل جيڪي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ وقت نڪرن تا اهي پر مان لنگهندڙ ڪارپاٿيا نالي هڪ جهاز حاصل ڪري هنن وٽ چئين بجي ڏاري پهتو ۽ سمنڊ ۾ لڙهندڙ جهاز جي اڌ تي ڪجهه بچيل ۽ ٻيڙين ۾ سوار مسافرن کي ان جهاز تي کنيو ويو ... جن جو ڪل تعداد 710 ٿيو.... باقي 1514 مسافر ۽ جهاز جو عملو اونداهي رات جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا يا شارڪ مڇين جو کاڄ ٿي ويا.

ويا اوهري اوءِ، مون کي ڇڏين ماڳهين
جڳ جا جُڳ ٿيا، ٿئان نه موٽيا

ڪجهه ڪلاڪَ اڳ جيڪي هيرن جواهرن جا مالڪ هُيا سي پنهنجي مال ملڪيت سميت هميشه لاءِ گم ٿي ويا باقي بچيل ماڻهو ٿن پسيل وگن ۾ ڏڪندڙ جسم ۽ خوف کان هئڊا ٿيل منهن سان ڪارپاٿيا جهاز جي هال جي فرش تي ويهي انتظار ڪرڻ لڳا ته هنن کي في الحال فقط هڪ ڪوپ گرم چانهه يا بصر جي سوپ جو ئي ڏنو وڃي.... هي اهي ماڻهو هئا جن جي اڳيان ڪجهه دير اڳ سندن جهاز تي ست رڇيون سجايل هيون ۽ دنيا جي بهترين شرابن جون بوتلون ڪليل هيون.

# خرابي ڪٿي آهي ۽ حل ڇا آهي؟

سيوهڻ پاسي کان هڪ شادي شده ڇوڪريءَ فون ڪري مونکان عرفانا ملاح جو نمبر ورتو. پروفيسر عرفانا ملاح پڻ دادو ضلعي جي آهي. ڪيمسٽري ۾ Ph.D آهي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي ڪيمسٽري ڊپارٽمينٽ سان واسطو رکي ٿي. هوءَ پنهنجين لکڻين ۽ شاعري کان مشهور آهي.... پر ان کان به وڌيڪ هوءَ عورتن جا حق حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندڙ ۽ مظلوم عورتن جي مدد ڪرڻ جي خدمتن کان سڃاتي وڃي ٿي. سنڌ ۾ ڊاڪٽر عرفانا ملاح وانگر ٻيون به ڪيتريون ئي پڙهيل ڳڙهيل ۽ عورتن جو ڀلو ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ عورتون آهن جن پنهنجي زندگي جي فرصت جون گهڙيون ان قسم جي نيڪ ڪمن ۾ لڳائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون آهن.... انهن مان ڪجهه جن کي آئون سڃاڻان، آهن: امر سنڌو، حسين مسرت شاهه، روزينه جوڻيجو، نسيم جلباڻي ۽ عاليه قادري وغيره.

ڪجهه دير بعد سيوهڻ جي مٿين ڇوڪريءَ جو وري فون آيو. ”سائين! ٻه ٽي دفعا عرفانا کي فون ڪيو اٿم پر ڪٽي ڪانه ٿي.“

”ٿي سگهي ٿو هوءَ ليڪچر ڏئي رهي هُجي ۽ فون silent تي رکيو هُجيس. شامَ جو ڪٽي ڪجوس“ مون چيو مانس. پر هوءَ سخت پريشان لڳي رهي هئي جنهن جو اظهار پاڻ به ڪندي چيائين: ”سائين توهان ئي ڀلا ٻڌايو ته آئون ڇا ڪريان. آئون سخت ڊپريشن ۾ آهيان.“

”الله خير ڪندو. لڳي ٿو ڪو گهرو مسئلو اٿانوَ.“ مون پڇيو.

”ها سائين. مونکي سَسُ تمام گهڻو تنگ ڪيو آهي. منهنجو مڙس پاڻ نوڪري خاطر اڪيلو ڪراچي ۾ رهي ٿو ۽ مونکي پنهنجي ستن سالن جي ڌيءَ ۽ ننڍي پٽ سان هِتي ڳوٺ سَسُ سهري وٽ ڇڏي ويو آهي.“

هن وڌيڪ ٻڌايو ته جڏهن سندس مڙس اچي ٿو ته اهي ٻه ڏينهن سَسُ ماني به صحيح ڏئي ٿي ”نه ته رکو ٽوڪون ۽ ڏڪا نصيب ۾ اٿم.“

هن هڪ ئي ساهيءَ ۾ پنهنجي سَسُ، جا هن کي تنگ ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا ٻڌايا جيڪي اسان جي معاشري ۾ عام آهن. سواءِ چند سَسُن جي، گهڻي ڀاڱي جي اها ئي خواهش رهي ٿي ته جيڪي ظلم هُنَ تُنهن تي سَنا انهن کان ڪجهه وڌيڪ ئي ظلم ۽ جنيون پنهنجي ننهن سان ڪجن .... جيئن ملٽري ڪاليجن ۾ سينيئر ڪيڊٽ جونئرن سان تعديون ڪن ٿا.

مون کيس اُها ئي صلاح ڏني ته هوءَ صبر ڪري، ٿي سگهي ٿو ڪنهن ڏينهن سندس سهرو سندس سَسُ کي سمجهائي.

”نہ سائين! اهو نا ممڪن آهي.“ هن ٻڌايو، ”منهنجو سهرو تہ سَسُ ڪان اهڙو ئو ڏڄي جو هر ڳالهہ ۾ هٿ ٻڌيو پيو هلي. مهرباني ڪري مونکي ڪا صلاح ڏيو آئون اهڙي بيزار ٿي چڪي آهيان جو خود ڪشي ڪرڻ چاهيان ٿي.“

”آئون پاڻ بہ دعا ڪندس ۽ توکي بہ اهو ئي چوندس تہ دعا ڪر ۽ جيتري قدر ٿي سگهي پاڻ کي ٽينشن ۾ نہ رک. ڇو جو ذهني پريشاني توکي ڊائبٽيز ۽ بلڊپريشر جهڙيون قاتل بيماريون ڏئي ڇڏيندي. تنهنجو پاڻ لاءِ نہ تہ ٻارن لاءِ زندهہ هجڻ ضروري آهي.“ مون چيومانس ۽ مونکي لڳو تہ منهنجي ڳالهہ هن کي ٿوري ئي ٿوري پر تسلي ۽ سڪون پهچايو ڇو جو هوءَ ڪجهہ گهڙين لاءِ چپ ٿي وئي پر پوءِ ان ئي گهڙيءَ وري غصي ۾ اچي وئي ۽ جذباتي ٿي چيو:

”سر آئون رڳو اهو ئي پڇڻ چاهيان ٿي تہ مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو جو منهنجي سَسُ منهنجي ماسي ٿي ڪري ظلم ٿي ڪري گهر جو سڄو ڪم ڪار بہ آئون ڪريان ۽ ڏڙڪا ۽ طعنا بہ آئون ٻڌان..... نوڪرياڻيءَ جي بہ ڪا عزت ٿيندي آهي.“

”افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ هيءَ اهڙي بازي آهي جنهن ۾ منصف (جج) ۽ ڪٽڻ واري ڏر ساڳي ٿئي ٿي ۽ هن راند جا اصول بہ انهن جا ئي نهيل ٿين ٿا. ان ڪري تولاءِ بهتر اهو آهي تہ صبر کان ڪم وٺ“. مون چيومانس.

”تنهن جي معنيٰ تہ منهنجو ڪو درد فرياد ٻڌڻ وارو ڪونهي؟“ هن پڇيو.

”مون کي تہ ائين لڳي ٿو. بقول تنهنجي، تنهنجو مڙس بہ توکي ڪا اهميت نٿو ڏئي. جيتوڻيڪ اهو سوچي بہ توکي پريشان نہ ٿيڻ کپي جو اسانجي سوسائٽي ۾ گهڻي ڀاڱي اسانجو مرد صاحب پنهنجي زال کي پنهنجو ساٿي نٿو سمجهي....خاص ڪري جي اها ڇوڪري هن جي پنهنجي سنڌياڻي آهي! وري بہ ڪا پنجابي يا اڙدو ڳالهائڻ واري ڇوڪري آهي تہ اسانجو مرد ان سان سڌو رهي ٿو.“

”اهو تہ سائين سنڌي مڙس (husband) تہ ڇا سنڌي ڏاڙيل بہ غير سنڌين کان ڏڪي ٿو. هو فقط گهر جائي ڪڪڙ اغوا ڪري پاڻ کي شينهن مڙس سڏائي ٿو.“ هن ٿورو کِلندي چيو.

”بهرحال تون پلي پنهنجي سَسُ جي شڪايت مڙس سان ڪري ڏس. ٿي سگهي ٿو هو تنهنجو پاسو نہ کڻي يا پاسو کڻي بہ .... پر ٻنهي صورتن ۾ Loser تون رهندينءَ.“

”اهو ڪيئن؟“ هن حيرت جو اظهار ڪيو.

”اهو هن ريت جو هو يا تہ ماءُ جو پاسو کڻي توکي ئي ڏڙڪا ڏيندو پر جي تنهنجو پاسو کڻي.... توکي مظلوم سمجهي، پنهنجي ماءُ کي رحم جي اپيل بہ ڪندو تہ بہ سندس ماءُ منهن مٿو پٽي اهڙو رڻ پاريندي جو وري بہ سورن ۾ تون پئجي ويندينءَ.“ مون سمجهايومانس.

”تنهن جي معنيٰ توهان منهنجي ان سلسلي ۾ ڪا مدد يا رهنمائي ڪري نٿا سگهو؟“ هن پڇيو.

”آئون ته تنهنجي فقط اها مدد ڪري سگهان ٿو ته جيئن سياڻي تنهنجي ڏيءَ اهڙا ڏکيا ڏينهن نه ڏسي سگهي جيڪي توکي اڄ پريشان ڪري رهيا آهن.“ مون چيو.

هوءَ جيڪا هاڻ فون بند ڪرڻ واري هئي هڪ دفعو وري نئين همت ۽ جذبي ۾ اچي وئي.

”اهو ڪيئن؟ اهو ڪيئن!“ هن حيرت مان پڇيو.

”اهو هن ريت ته تون پنهنجيون پريشانيون ۽ ڏک وساري پنهنجي ڌيءَ جي تعليم ڏي ڌيان ڏي. جيئن هوءَ هر امتحان ۾ مٿانهون نمبر ڪٽندي هلي ۽ انٽر ۾ سٺي پوزيشن اچڻ تي هن کي انجنيئرنگ، ميڊيڪل يا ڪنهن سٺي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملي وڃي ۽ پوءِ ننڍي هوندي کان هن ۾ محنت ۽ چڱي طرح پڙهڻ جي عادت ڪري هوءَ گرئجوئيشن به مٿاهين پوزيشن ۾ ڪري سگهندي. مون ڏٺو آهي ته اهڙا ئي بار سول سروس جي مقابلي وارن امتحانن ۾ چونڊجي فارين سروس، پوليس ۽ سول سروس ۾ وڃن ٿا يا سٺي پوزيشن ۾ ڊاڪٽري يا انجنيري پاس ڪرڻ سان ڪين وڏيڪ پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپون ۽ نوڪريون ملن ٿيون ۽ اهي ئي بار فوج ۾ ڊاڪٽري يا انجنيئرنگ جي نوڪري ۾ وڃن ٿا. اسان جا ڪيترائي مرد ظاهري طرح چوندا رهن ٿا ته چوڪرين کي پڙهڻ نه ڪپي.... نوڪري نه ڪرڻ کپي.... بلڪ ڪيترن جو ڪنهن ميڊيڪل يا انجنيئرنگ جي شاگردياڻي سان مڱڻو ٿيڻ تي اهي هن کي وڌيڪ پڙهڻ تان هٿ ڪڻڻ لاءِ چوندا. پر نظر ائين پيو اچي ته جيڪي چوڪريون ڊاڪٽر يا انجنير ٿي نوڪري ڪن ٿيون... خاص ڪري جي هو فوج ۾ ڪئپٽن، ميجر ٿيو وڃن يا سول سروس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر، ڊي ايس پي، ايس پي يا ڪسٽم ۽ ايڪسائيز ۾ آفيسرياڻيون ٿيو ٿيون وڃن ته پوءِ ڏنگي کان ڏنگا مڙس به انهن کان ڪن هڻن ٿا. ويندي سردارن، وڏيرن ۽ پوتارن جا ڪريل بار به اهڙين زالن اڳيان سڌا آهن. اهڙين زالن جي پڇاڙيل سڙيل ماني به مڙس کي لذيذ لڳي ٿي....“

دراصل اهو مشاهدو.... يعني تعليم حاصل ڪري نوڪري ڪرڻ.... مونکي ملائيشيا ۾ ٿيو جِتي ڀهراڙي جي غريب مائٽن... هارين، مزورن، مهاڻن جون ڌيئرون به پڙهي نوڪري ڪن ٿيون....خاص ڪري سرڪاري نوڪري.... ۽ انهن جون شاديون شهر جي وڏن ماڻهن جي پٽن سان، ويندي سلطانن جي پٽن سان ٿين ٿيون، ان هوندي به هو comfortable محسوس ڪن ٿيون.... ڇو جو هو پڙهيل ڳڙهيل آهن.... نوڪري ۾ آهن... قانون کان واقف آهن. ان ڪري انهن جا مڙس نه گار گند ڪن ٿا نه هٿ کڻن ٿا.

اِها هڪ ڪڙي حقيقت آهي ته اسان وٽ ڳالهيون ته وڏيون ٿين ٿيون ته نياڻي ست قرآن آهي.... ماءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي.... وغيره وغيره. پر ڇا اهڙين ڳالهين جو اسانجي معاشري ۾

آهي ڪو وجود؟ منهنجي خيال ۾ جيترا عورتن تي ظلم جا واقعا اسان وٽ سنڌ ۾ ٿين ٿا ايترا ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ نٿا ٿين. آهي ڪو دنيا جو ڪو ملڪ يا ان جو ڪو صوبو جِتي ڪارو ڪاري جي نالي ۾ نوجوانَ پيٹ، زال يا پوڙهي ماءُ جو به قتل ڪيو ويندو هُجي....؟ جِتي سگ چٽيءَ ۾ ننڍڙين ٻارڙين کي سندن مرضي بنا پوڙهن حوالي ڪيو ويندو هجي..... جِتي ملڪيت کي ٻاهر وڃڻ کان بچائڻ لاءِ نياڻين جي قرآن سان شادي ڪئي ويندي هجي .... جِتي اغوا جي انڊسٽرين جا ڏان نياڻين ۽ عورتن کي اغوا ڪندي به شرم نٿا محسوس ڪن ـ توهان ڪٿي اخبار نه پڙهندا هُجو ۽ اهو ئي سمجهندا هجو ته All is well پر دنيا ته اخبارن، ٽي وي ۽ نيٽ ذريعي هر ڳالهه جي معلومات رکي ٿي. هڪ الهاس نگر (انڊيا) ۾ رهندڙ اتي جي سنڌي رهاڪن جي اخبار پڙهو ۽ هڪ اسان سنڌي ماڻهن جي ڪاوش، جيجل يا سوڀ پڙهو! ان ۾ ڪو اخبار وارن جو ڏوهه ناهي... اخبار نويس ته ايمانداريءَ سان اسان کي ملڪ جي حالتن جي آرسي ٿا ڏيکارين........ خرابي آهي ته اسان ۾ آهي..... اسانجي معاشري ۾ آهي..... اسان جي حڪومت ۾ آهي جنهن جي ڪارندن (نمائندن) کي اسان ئي ته چوندي پاڻ تي ٿاڦيو ٿا.

# موڪلن ۾ نينگر اسانجو ڇا ڪَري؟

حيدرآباد ۾ منهنجا ناناڻا آهن جن سان تعلق رکندڙ سوٽ، ماسات، پائيتا پاٽيجا.... هڪ وڏو خاندان آهي. انهن مائٽن مان هڪ جي گهر ۾ منهنجو ٽي چار ڏينهن رهڻ ٿيو. هنن جي هڪ ڇوڪري انٽر جو امتحان ڏنو هو .... بلڪ امتحان جي رزلٽ به نڪري چڪي هئي ۽ هن جي مائٽن کي قوي اميد هئي ته هن کي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ۾ داخلا ضرور ملي ويندي. هن جي مائٽن يعني والدين ڇوڪري جي پهرين ڏينهن ئي مون سان ڏاڍي تعريف ڪئي جيڪا ٻڌي مونکي به خوشي ٿي ته اسان وٽ اهڙا ئي ڇوڪرا هجڻ کپن.... پر ٽي ڏينهن رهڻ دوران هن ڇوڪر جي مونکي هڪ ڳالهه بنهه نه وڻي. رات جو جنهن وقت به اک کلي ته هي همراهه ڪمپيوٽر تي فيس بڪ کوليو وينو آهي يا ان تي پتي راند پيو کيڏي. رڌڻي مان کڏهن ڪا شيءِ کڻيو وينو کائي ته کڏهن چپس يا چونڊن جي ٿيلهي کولي وينو چَري. ٻيءَ اذائي تي ٻجي ڏاري تي ستو. صبح جو ظاهر آهي اٺڻ جو نالو نٿي ڪنيائين. آئون روز صبح جو نيرن ڪري حيدرآباد ۾ رهندڙ ڪجهه سڄاڻن سان ملي ٻارهين هڪ ٻجي اچان ته به ستو پيو آهي. پوءِ ٻي ٻجي ڏاري اٿي پهرين چانهه ۽ پوءِ هيوي لنچ ڪائي رموٽ هٿ ۾ کڻي ٽي وي جي سامهون هڪ صوفا تي اڌ ڪابرو ليٽي ڳانا ۽ فلمون ڏسڻ جو سلسلو شروع ٿي ڪيائين ته رات ٿي ٿي وئي ۽ پوءِ وري ڪمپيوٽر جو سلسلو ـ مونکي لڳو ٿي ته سگريٽ جو به شوق ڪيائين ٿي. ماءُ ۽ ننڍا ڀاءُ پيڻ سندس اڳيان اهڙا خدمتگار ٿيو پي هليا ڄڻ هن انٽر جي امتحان ۾ سنيون مارڪون کڻي اهڙا ڪي ڦاڙها ماريا آهن جو هن جو رتبو پير مرشد کان به اتاهون ٿي ويو آهي.

سندس ماءُ جيڪا منهنجي اولاد برابر ٿئي ان کي نيٺ آخري ڏينهن تي چيم ته ”پٽ هي آهي ڇا؟!“

”انڪل ڇا ڪريون يونيورسٽي ۾ داخلا ۽ سيمسٽر شروع ٿيڻ ۾ ته اڃان به مهينا پيا آهن“، هن جي ماءُ وراڻيو، ”هن ملڪ ۾ ته ڪجهه آهي به ڪو نه جو هو وڃي دل وندرائي.“

مونکان ٿهڪ نڪري ويو. ”ڳالهه ٻڌو هڪ ته هن ملڪ ۾ گهڻو ڪي ڪجهه آهي ۽ ٻيو ته هيءَ عُمر ڪا هن جي دل وندرائڻ جي ناهي. پنهنجي مستقبل جي زندگيءَ کي بهتر بنائڻ لاءِ هن کي وقت وڃائڻ بدران ڪو هنر سکڻ کپي.... جيڪو ٿي سگهي ٿو ڪيس اڳتي جي زندگيءَ ۾ ڪم اچي سگهي.“

”توهان ئي ڪٺي ٻڌايو ته هن کي سمجهايان ته ائين ڪري.“ هن پڇيو.

”آئون ڪجهه چوندس ته توهان دل ۾ ڪندائو پر سچ اهو آهي ته جسماني طرح توهانجي سُست پٽ کي کپي ته ٻيو ڪجهه نه ته حجامکو ڪم کڻي سکي..... ان ۾ ڀچ ڏُک ۽ محنت به گهٽ

آهي. مونکي ڏاڍو افسوس ٿيندو آهي ته ڪاش جي زندگي موٽي اچي ۽ پوءِ پلي اها ئي زندگي ري پلي ٿئي پر انتر بعد وارن ٻن ٽن مهينن جي موڪلن ۾ آئون جيڪر حجامڪو ڪم به سکي وٺان ها."

هوءَ اهو ٻڌي وائڙي ٿي وئي پر ٻي گهڙيءَ ان کي چرچو سمجهي کلڻ لڳي.

"انڪل توهان ڪهڙيون ته ڳالهيون ڪريو ٿا."

"پٽ! آئون بلڪل سيريس آهيان. ڪو چرچو نٿو ڪريان. جيتوڻيڪ منهنجي والد منهنجو اهو موڪلن وارو وقت پنهنجي پَر ۾ ڪارائتو ڪرڻ لاءِ مونکي هڪ موٽر مڪينڪ وٽ ڪم تي لڳايو ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ان جو فائدو مونکي جهازن جي انجنيرنگ جي تعليم دوران رسيو جو مونکي گئريج ۾ ڪم ڪرڻ ڪري انجڻ جي مختلف پارٽس جي اڳوات آئيڊيا ٿي وئي هئي ۽ مونکي ڪلاس روم ۾ ليڪچر سمجهه ۾ اچي ويندا هئا."

"پر انڪل توهان حجامڪو ڪم سکڻ جي چو ٿا خواهش ڪريو؟" ڇوڪري جي ماءُ پڇيو.

"بابا حجامڪي ڪم جي ته ڳالهه ئي نه پڇو! اسان وٽ ان کي عيب سمجهيو وڃي ٿو پر ولايت ۾ ته حجام جي وڏي لئه آهي." مون ٻڌايومانس.

جپان يا آمريڪا جهڙي ملڪ ۾ جِتي جهاز جي ترسڻ ڪري گهٽي خوشي ٿيندي هئي اتي وار وڌا ٿيڻ تي باربر شاپ ڏي رخ ڪرڻ کان گهبرائبو هو. هينئر به سَستي سَستي هيئر ڪٽ ته به آمريڪا ۾ ڏيڍ هزار رپين کان گهٽ ناهي ۽ ساڳي ريٽ جپان ۾ آهي. ڪوشش ته اها ئي ڪندا هئاسين ته ڪنهن سوڊان يا موزمبق جهڙي آفريڪي ملڪ ۾ جهاز پهچي ته اتي هيئر ڪٽ ڪرائجي يا پنهنجي ملڪ موٽي اچي.

بهرحال جهاز جي نوڪري دوران ته وري به پڳهار سنو هجڻ ڪري ايڏي ٽينشن نٿي ٿي پر سئيڊن ۾ به اڍائي سالَ تعليم دوران هيئر ڪٽ پنيان ايترو پئسو وڃائڻ تي ڪڏهن به دل نه چاهيو. سئيڊن ۾ هيئر ڪٽ جو اگهه آمريڪا ۽ جپان کان به مٿي آهي پر اهو آهي ته اتي ڪي اهڙا به دڪان آهن جتي سيڪڙات ڇوڪريون فقط ڏيڍ هزار رپين ۾ جهڙي تهڙي هيئر ڪٽ ڪري وٺنديون هيون، اتي اسان جي يونيورسٽي جا ڪيترا ويتنامي، چيني ۽ سنگاپوري شاگرد جن کي هيئرڪٽ ڪرڻ آئي ٿي اهي به انهن مان ملي هفتي جا موڪل وارا به ڏينهن گراهڪن جا وار لاهيندا هئا ۽ ٻن ڏينهن ۾ ويهه هزار رپين کن جا ڪرونا (سئيڊن جا پئسا) ڪمائي وٺندا هئا. نه رڳو آئون پر منهنجا ٻئي پاڪستاني ڪلاس ميٽ اهوئي چوندا هئاسين ته ڪاش سئيڊن اچڻ کان اڳ اسان به هيئر ڪٽ سکي اچون ها. مٿين چيني شاگردن مان هڪ ته پنهنجي سال جي حجامڪي ڪمائيءَ مان سيڪنڊ هئنڊ ڪار به ورتي.... ۽ اسان ڏٺو ته هن جي زندگي اسان کان بهتر گذري ٿي.

دراصل ڳالهہ اها آهي تہ ڪو بہ هنر سکڻ عيب ناهي. اهو اسان جهڙن پنتي پيل ماڻهن جي دماغ ۾ ويهي ويو آهي تہ پورهيو ڪري حق حلال جو نہ ڪائجي باقي گهٽ پگهار تي روينيو جهڙي کاتي ۾ ڪلارڪ تي ڪم ڪجي جو اتي رشوت جو پئسو آهي.... اتي عوام جي زندگيءَ سان راڳا ڪري پنهنجو ڪيسو پري سگهجي ٿو.... آئون سنڌ جي هڪ ٻن شهرن جي ڪجهہ اهڙن ماڻهن کي بہ سڃاڻان جن ڊاڪٽري يا انجنيري ڇڏي ڪسٽم، ايڪسائيز ۽ روينيو جهڙن کاتن ۾ ڪلارڪي ڪرڻ قبول ڪئي ۽ هاڻ پئسن سان ڪيسا پري خوش نظر اچن ٿا.

مونسان گڏ هڪ بنگالي ڪلاس ميٽ هو تنهن فقط بہ سال جهاز جي نوڪري ڪئي ان بعد نظر نہ آيو.... هن کي سمنڊ تي سي سڪنيس ڏاڍي ٿي ٿي. ايتريقدر جو اسانکي بہ ڏک ٿيندو هو جو هو هڪ غريب جو ٻارُ هو. انتر تائين هن پورهيا ڪري اسڪولن جي في ۽ ڪِتاب تي ورتا. هو پنهنجي چاچي وٽ سلهٽ ۾ چاٻيون ناهڻ ۽ تالا کولڻ جو ڪم ڪندو هو. پر محنتي ۽ هوشيار هجڻ ڪري نہ فقط اسان واري اڪيڊمي لاءِ چونڊجي ويو پر اسڪالرشپ بہ مليس. هن جا جڻ ڏک درد ختم ٿي ويا. پر قسمت جا ليکا بہ عجيب ٿين ٿا. تعليم مڪمل ڪري جهاز تي آيو تہ هن لاءِ سمنڊ تي هڪ هڪ ڏينهن عذاب ٿي پيو.... ۽ پوءِ اسان هن بابت نہ ٻڌو..... هن جهازن جي نوڪري شايد ڇڏي ڏني.

اٺ نو سالن بعد هڪ دفعي منهنجو جهاز سنگاپور پهتو تہ هي بنگالي ڪلاس ميٽ مونسان ملڻ لاءِ جهاز تي آيو..... بلڪ مونکي ۽ منهنجي فئملي کي اها شامَ گهمائڻ لاءِ پنهنجي ڪار ۾ وٺي هليو..... ۽ پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائين تہ اڄ کان 8 سال کن اڳ جڏهن هن ساموندي نوڪري کان استعيفا ڏني تہ ڪيس سنگاپور ۾ پاڻي جي جهاز تان لاٿو ويو ۽ ڪيس ڪمپني طرفان پنهنجي وطن بنگلاديش موٽڻ جي هوائي ٽڪيٽ ڏني وئي. فلائيٽ ۾ ٻن ڏينهن جو گئپ هو سو ڪمپني طرفان ڪيس هوٽل ۾ رکيو ويو.

”اهي بہ ڏينهن سنگاپور جي گهٽين جا چڪر هڻندي مونکي هڪ چاٻين ناهڻ واري جو دڪان نظر آيو“، هن ٻڌايو، ”مون هن جي مالڪ سان ڳالهہ ڪئي تہ مونکي هي ڪم اچي ٿو تون مونکي پاڻ وٽ رکندين؟ هن منهنجو ٽيسٽ وٺڻ لاءِ هڪ بہ تالا ڏنا تہ هنن کي کولي ڏيکاريان.“

اسانجي جهازي دوست ٻڌايو تہ هو ان ڪم ۾ تہ تمام ماهر هو سو چيني دڪاندار هن مان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هن کي يڪدم نوڪري ڏنائين.

ياد رهي تہ سنگاپور ۾ ڪار جي يا گهر جي چاٻي گم ٿي وڃي تہ چاٻي ناهڻ واري کي فون ڪرڻ سان هو يڪدم پهچيو وڃي پر هن جي في تمام ڳري ٿئي ٿي. ان جو احوال پنهنجي سنگاپور واري سفرنامي ”سنگاپور تو سڏ ڪري“ ۾ بہ لکي چڪو آهيان.

”چيني دڪاندار ٻہ سال کن مونکي پگھار تي رکيو“، اسان جي بنگالي دوست ٻڌايو، ”ان بعد هڪ نئون دڪان وٺي پائيواري سسٽم ڪيوسين.... ۽ هاڻ شڪر آهي جو اڄ پنهنجي ڪار اٿم ۽ شهر جي سٺي علائقي ۾ فليٽ اٿم..... ٻار هتي جي اسڪولن ۾ پڙهي رهيا آهن.“

سو يارو! هنر سکڻ يعني هٿ جي پورهئي ۾ ڪو نقصان نہ آهي ۽ اهو فقط اتي عيب سمجهيو وڃي ٿو جِتي جا ماڻهو جاهل آهن ۽ احساس ڪمتري جو شڪار آهن..... مونکي هر دفعي انڊيا وڃي ان ڳالھ جو شديد احساس ٿيندو آهي تہ ڇو ٻيلا ٻئي ملڪ ساڳي نندي ڪنڌ ۾ هوندي اسان وٽ هنر ۽ پورهئي کي عيب سمجهيو وڃي ٿو پر انڊيا ۾ هندو توڙي مسلمان نوجوان ٿهي پڙهائيءَ کان علاوه ڪنهن نہ ڪنهن ڪرت ۾ بہ رذل نظر اچي ٿي!

# ولايت ۾ شراب ۽ ڇوڪرين جي چڪر ۾ ڦاٿل

اڳ ۾ ولايت ۾ گهٽ ڪري اهو ويندو هو جنهن کي ڪا وڏي نوڪري ملندي هئي يا اعليٰ تعليم لاءِ هن کي اسڪالر ملندي هئي. ٻاهر وڃڻ هڪ سماجي اعليٰ معيار (Status Symbol) جي نشاني سمجهيو ويو ٿي. ڪنهن نالي ٻڌبو هو ته هو ولايت وڃي رهيو آهي ته يڪدم اها سوچ ايندي هئي ته اهو فلاڻي جو پٽ وڏو قابل ڇوڪرو آهي ۽ پاڙي اوڙي جا خواهش ڪندا هئا ته سندن ٻار به هن وانگر محنت ڪري پڙهن ۽ امتحان (انجنيرنگ يا ميڊيڪل) ۾ سٺي پوزيشن کڻن ته هنن کي به ماسٽرس يا Ph.D ڊگرين لاءِ ڪنهن فارين يونيورسٽي يا UNDP يا ڪنهن ٻئي بين الاقوامي اداري طرفان اسڪالرشپ ملي وڃي. پوءِ اهي شاگرد يا انجنير ۽ ڊاڪٽر جن کي يو ڪي، يو ايس اي، جپان، آسٽريليا يا عرب ملڪن ۾ اسڪالي يا نوڪري ملي ٿي ته هنن اتي به محنت ڪري پڙهيو ٿي يا نوڪري ڪئي ٿي ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي ملڪ جو نالو روشن ڪيو ٿي. بهرحال اڄ به ان ڪئٽگري جا ٻاهر ويندڙ ايئن ئي ڪري رهيا آهن. پر اڄ ڪلهه ٻاهر فقط مٿين ڪئٽگري جا ماڻهو نٿا وڃن پر هر قسم جا وڃن ٿا.... جيتوڻيڪ اسان جي ملڪ ۽ ماڻهن جا ڏاڍا ڪم هجڻ ڪري اسان کي هر ملڪ ڏي وڃڻ ڪان اڳ ان ۾ وڃڻ جو اجازتنامون (ويزا) وٺڻو پوي ٿو جيڪو اسان لاءِ حاصل ڪرڻ ڏينهون ڏينهن ڏکيو ٿيندو وڃي. پر ان هوندي به ڪيترا manage ڪريو وڃن ۽ اڳ ڪان هاڻ وڌو تعداد اسان جي ماڻهن جو ٻاهرين ملڪن ۾ نظر اچي ٿو.... ڪي گهمڻ جي خيالَ ڪان ته ڪي واپار وڙي جي سلسلي ۾ (جنهن ۾ ڏسان پيو ته اسانجي ملڪ جي گهٽي پاڳي ماڻهن کي ناتجربيڪاري ۽ مقامي واپارين سان مقابلو ڪرڻ جي همٿ نه هجڻ سبب فائدي بدران نقصان رسي رهيو آهي)، ڪي يونيورسٽين ۽ خانگي ادارن جا مئنيجر بين الاقوامي ڪانفرنسون اٽينڊ ڪرڻ ته ڪي سرڪاري ڪامورا شارٽ ڪورسن لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ نظر اچن ٿا..... پيو ته نهيو پر هاڻ اهي شاگرد جيڪي انٽر تائين به چڱي طرح پڙهيو نٿا سگهن جو ڪٽي ڪين ملڪ جي ڪنهن پروفيشنل ڪاليج ۾ داخلا ملي سگهي انهن کي به مائٽ ولايت انجنيئرنگ يا ميڊيڪل جي بنيادي ڊگري (بيچلر) حاصل ڪرڻ لاءِ موڪلين ٿا. ڪيترن ئي ملڪن ۾ پئسو ڪمائڻ لاءِ ان قسم جا ٽڙڪو تعليمي ادارا کلي ويا آهن جن جي ڊگري اتي ئي قبول نٿي ڪئي وڃي، انهن ۾ اسان جا ڏڌ شاگرد پهچيو وڃن ۽ مائٽن جو پئسو ضايع ٿي رهيو آهي. اسانجي ڪچي ذهن جا شاگرد ولايت جي دنيا ۾ ڇڙواڳي جو فائدو وٺي خوش ٿي رهيا آهن. هي ٽرينڊ هاڻ ويجهڙائي ڪان شروع ٿيو آهي. پلي به چار ٻئچون گرئجوئيشن ڪري نڪرن ته خبر پوي ته انهن کي ڪٿي ٿي نوڪري ملي ۽ انهن جي ڊگرين کي کهڙو تو مانُ ملي. ان سلسلي ۾ تازو آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي فنڪشن ۾ ڪجهه گرئجيوئيٽ ڊاڪٽر مليا جن ۽ڏايو پئي ته هنن ڪيوبا مان اسپيني ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽري

( M.B; B.S ڊگري جي بہ فقط M.B يعني بيچلر آف ميڊيسن) ڊگري حاصل ڪئي آهي. جنهن لاءِ ڪين هاڻ حڪومت طرفان ٻڌايو پيو وڃي تہ اها اسان وٽ Recognize ناهي.

بهرحال افسوس جي ڳالهہ اها آهي تہ اسان جي ڪيترن ماڻهن..... آفيسرن، واپارين، گهمڻ جي شوقينن کان وٺي شاگردن تائين جو گهڻو رجحان مڪاني قانون جي ڀڃڪڙي جو رهي ٿو. شايد هو پنهنجي ملڪ ۾ هر وقت ”سب ڪچ چلتا هي“ جا نظارا ڏسي سمجهن ٿا تہ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ ائين ٿئي ٿو. اسان وٽ ڪارن ۽ موٽر سائيڪلن وارا هر وقت سگنل جي ڀڃڪڙي ڪندا رهن ٿا، اسان وٽ دڪاندار فٽ پاٿ تي قبضو ڪريو وينا آهن، اسان جا جوان بازارين توڙي تفريح گاهن تي عورتن سان ڪيچل ڪندا رهن ٿا، اسان وٽ رمضان ۾ شراب جي وڪري ۽ زهريلي شراب پيئڻ جي موت جون خبرون اڪثر ٻڌبيون رهن ٿيون، رستن تي بينل ڪال گرلز ۽ سئنيمائن ۾ هلندڙ واحيات فلمن جو احوال اخبارن ۾ پڙهي پڙهي اسانجو ماڻهو (شايد) اهو ئي سوچي ٿو تہ جڏهن اسان جي اسلامي ملڪ ۾ ئي هي ڪم هلن پيا ۽ ڪا خاص پڪڙ ڌڪڙ نٿي ٿئي ۽ جي ڪا انڌي منڊي ٿئي ٿي تہ چار پئسا رشوت جا ڏيو ڇٽيو وڃجي ٿو سو ولايت جي ملڪن ۾ تہ الائي ڇا موج مزا لڳا پيا آهن. اهڙي قسم جي سوچ جا ماڻهو ولايت پهچڻ سان پاڻ کي ڏوهن ۾ ڦاسايو وجهن ۽ پوءِ پاڻ هڪ طرف تہ سنڌن مائٽ ٻئي طرف پريشاني جي زندگي گذارين ٿا.

هاڻ وڏو عرصو ٿيو آهي جو PIA جي اڏامن ۾ شراب serve ٿيڻ بند ٿي ويو آهي ۽ مهانگائيءَ ڪري ڊارين اڏامن بہ ننڍي سفر تي مفت جو شراب ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو آهي نہ تہ اڳ ۾ ڏسندو هوس تہ اسان جا ڪيترا مسلمان پائر ڪراچي کان جيئن جهاز بمبئي ڏي روانو ٿيندو هو تہ چرين وانگر پيئڻ شروع ڪندا هئا.....جڻ هيترو وقت روزي ۾ هئا ۽ هاڻ بانگ اچڻ يعني جهاز اڏامڻ تي شربت جو گلاس مٿان گلاس پيئڻ لڳا آهن. باقي ملڪن جا مسافر خاص ڪري غير مسلم انهن کي حيرت مان ڏسندا هئا.

خبر ناهي ڇو اسان وٽ شراب پيئڻ هڪ سماجي معيار (Status Symbol) بنجي ويو آهي. گهڻي ڀاڱي اسانجو وڏيرو، سياستدان، سرڪاري ڪامورو ويندي شاگرد ۽ شاعر اديب بہ ’الڪوحلڪ‘ (نشي ۾ رهڻ) کي فخر سمجهي ٿو..... دنيا ۾ شراب توڙي سگريٽ کي جيتوڻيڪ خراب سمجهيو پيو وڃي ۽ ڪو جيڪڏهن شوق ڪري ٿو تہ مقرر پيگ يا اڌ ڪان مٿي نٿو چاڙهي پر اسانجا ماڻهو شراب کي پاڻيءَ وانگي ڏوکهي پوءِ رستي تي اونڌا ٿيو ڪريا پيا آهن يا وري ڪچيون گاريون ۽ بدبودار الٽيون پيا ڪيندا. مونکي اڄ بہ هندستان جي سنڌي ليکڪا ريٽا شاهاڻيءَ جا هي جملا ڇُهندا آهن جڏهن پوني شهر ۾ هوءَ مونکي اتي جي هڪ هوٽل ۾ وٺي هلي. آئون ان وقت ماني ڪائي گيسٽ هائوس مان نڪتو هوس سو هن جي پڇڻ تي تہ آئون چڪن سئنڊوچ ڪائيندس تہ مون چيومانس تہ مونکي فقط چانهہ کپي.

”توهان فڪر نہ ڪريو هن هوٽل ۾ هر شيءِ حلال آهي.“ هن چيو جنهن جي جواب ۾ چيومانس تہ آئون پاڻ بہ ڏسان پيو تہ مينو تي حلال فوڊ لکيو پيو آهي پر هن وقت مونکي ضرورت ناهي. تون چاهين تہ اتڻ مهل مون لاءِ هڪ بہ سئنڊوچون پيڪ ڪرائي ونجانءِ جيئن گهر رات جي ماني تي ڪائي سگهان پر هينئر بلڪل ضرورت ناهي. هن کي شايد منهنجي ڳالھ تي اعتبار نہ آيو ۽ مرڪندي چيو: ”توهان ڪهڙا اديب آهيو جيڪي نڪي شراب ٿا پيو ۽ نہ وري سگريٽ ٿا ڇڪيو.“ ۽ پوءِ ٿهڪ ڏئي منهن جي ڪن جي ويجهو منهن رکي چيو ”تنهنجا ٻيا اديب ۽ شاعر تہ انڊيا ۾ ايندا ئي شراب لاءِ آهن.“

۽ اهي آخر واراجملا ٻين بہ ڪيترن ڪان ٻڌي افسوس ٿيم..... ۽ شراب پي اسان جا ماڻهو جيڪي اهي حرڪتون ڪن ٿا انهن بابت بہ ڪيترن ڪان خبر پيئي..... جيڪي ڳالهيون هو پنهنجن سان ڪري کلي رهيا هئا...... ڪيترن موقعن تي انهن کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ ان محفل ۾ آئون بہ وينو آهيان جيڪو سنڌ ڪان آيل آهيان.

سکر پاسي جي ٻن نوجوانن جو احوال تہ شايد آئون بنارس واري سفرنامي ۾ لکي چڪو آهيان جن کي ممبئي جي باندرا واري علائقي ۾ ٻن ڇوڪرين کي ڇيڙيندو ڏٺم. هن علائقي ۾ ڪرسچن ۽ گواني رهن ٿا جن جون ڇوڪريون اسڪرٽ پائي هلن ٿيون جيڪا اتي جي عام ڊريس آهي. جيئن اونهاري ۾ سئيڊن جون عورتون سمنڊ جي ڪناري ڇاتيو اگهاڙيون ڪري هلن ٿيون تہ ان جو مطلب اهو ناهي تہ اهي ڪي رنڊيون آهن انهن ملڪن جي قاعدي قانون مُطابق هلن ٿيون جن جي انهن کي آزادي آهي ۽ ملڪي آئين طرفان ڪين اهي حق مليل آهن پر اسان جي ڪيترن ماڻهن کي پنهنجي ملڪ ۾ برقعي ۾ ويندڙ عورت بہ بد اخلاق تي لڳي ۽ هو سمجهن ٿا تہ مرد جي ناتي هو آزاد آهن تہ جيئن وڻين تيئن ڪن. مون ڪين سمجهايو تہ ڌارئين ملڪ ۾ اجائي ڪيچل بازي سني نہ آهي تہ هو مون تان ڪلڻ لڳا ڄڻ آئون ڌارين ملڪن ڪان اڻ واقف هجان ۽ هڪ همراھ (هو شايد ڪجھ نشي ۾ ڏت لڳو ٿي) اڌ سنڌي اڌ اڙدو ۾ چوڻ لڳو: ”سائين هي ڪو سکر لاڙڪاڻي جهڙو دقيانوسي شهر ناهي.... يہ هي بامبي ميري جان......“

دل ۾ مون سوچيو تہ اسان جي ملڪ ۽ ماڻهن جي ساک ئي ڇا آهي. گورا يورپي تہ ڀلي جيئن وڻين تيئن ڪن انهن جو انڊيا وارا بہ خيال ڪن ٿا. اسان پاڪستانين کي بنا ڏوھ جي اندر ڪري ڇڏين تہ پنيان اسان جو سفارتخانو بہ نہ پُڇي..... ۽ آخر اهو پڇي بہ ڇو؟ هنن کي وقت ۽ پئسو آهي جو اسان جي بدمعاشين لاءِ وڪيل ڪندا رهن ۽ ڪورٽن جا چڪر هڻندا رهن؟ اهو بہ ڪو هڪ بہ ماڻهو هُجي.... هِتي ٻاهرين ملڪن ۾ مختلف ڏوهن ۾ قاتل اسان جي ماڻهن سان جيل ڀريا پيا آهن. ڪئالالمپور ۾ رهندڙ روهڙي جي هڪ مولانا بزنيس مئن علي سولنگي، افسوس جو اظهار ڪندي ٻڌايو تہ اسان جي ملڪ جا 500 کن ماڻهو ملائيشيا جي جيلن ۾ آهن جن ۾ 400 کن

سنڌ جا آهن جيڪي ڄاڻائي يا اڻ ڄاڻائي ۾ غلط ويزا تي يا ويزا جي مُدت ختم ٿيڻ تي وڌيڪ رهڻ ڪري جيلن ۾ آهن. ڪن جي ته سزا ختم ٿي وئي آهي پر ڪين واپسي جي ٽڪيٽ يا پئسا نه آهن جو هو ڪٽي موٽن.

ملائيشيا ۾ تازو هڪ ڪيس ”خلوت“ جو سامهون آيو آهي جنهن ۾ اسان جو هڪ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان ڦاسي پيو آهي. دراصل اسان جا گهڻي ڀاڱي نوجوان جيڪي هيڏانهن ملائيشيا يا دنيا جي ٻين ملڪن ۾ وڃن ٿا ـ خاص ڪري يورپ جي ملڪن ڏي اهي ان غلط فهمي يا خوش فهمي ۾ نڪرن ٿا ته جڻ ٻين ملڪن جون ڇوڪريون هنن لاءِ هار ڪٽيو ويٺيون آهن ته پاڪستاني اچن ته ڪين ڀاڪر ۾ ڇميون ڏئي پنهنجو ڪريون. جيتوڻيڪ حقيقت اها آهي ته اسان ته ٺهيو پر ايران، عربستان، مصر ۽ لبنان جهڙن ايشيائي ملڪن جي خوبصورت نوجوانن کان به يورپي ڇوڪرين نفرت ڪن ٿيون ۽ جپان جي اسيمبلي جي هڪ ميمبر اهو به چيو ته پاڪستاني ايڏا گدلا آهن جو انهن سان هٿ ملائڻ بعد صابڻ سان ڌوئجي.

بهرحال هِتي ملائيشيا ۾ به اسانجا ڪجھ نوجوان اچڻ سان پنهنجي خوابن جي ساپيان ماڻڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڇوڪرين لاءِ واجهائين ٿا ان دوران ڪجھ وڏي عمر جون ڇنال قسم جون عورتون جن کي کو پنهنجو ته قبول نٿو ڪري اهي ان قسم جي پڙهيل ڳڙهيل نوجوانن جي تاڙ ۾ رهن ٿيون جن سان هنن جي شادي ٿي وڃي پوءِ پلي ڪٽي کهڙي به ملڪ، مذهب ۽ ٻوليءَ جو هُجي.... بس ان جو سو مستقبل هجي. پوءِ هو هنن سان دوستي رکن ٿيون ۽ ڪين ملڻ لاءِ پنهنجي ڪنهن جاءِ تي يا ڇوڪري جي فليٽ تي پهچي ٿي. ان دوران هوءَ پاڻ يا سندن ڪا ساهيڙي پوليس کي فون ڪري ٿي ۽ پوليس اچيو مٿان ڪڙڪي ۽ ”خلوت“ (اڪيلي ۾ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي ملڻ) جي ڏوهه ۾ جهليو وڃي جنهن جي سزا جيل آهي خاص ڪري ڇوڪري لاءِ. ان جي بدناميءَ کان بچڻ لاءِ حڪومت طرفان ڇوڪري کي ڪجھ صلاح ڪجھ پريشر وڌو وڃي ٿو ته هو ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪري جو اها ڇوڪري انهن جي ملڪ جي آهي. اخبارن ۾ ڳالهه اچڻ ڪري هڪ ”نياڻي“ سوسائٽي ۾ ڇا منهن ڪٽي هلندي.

افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ان قسم جي ڏوهن ۾ به اسانجا ڪيترا نوجوان ڦاسي رهيا آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته عوام اڳيان ڳالهه فقط انهن ٿورن جي اچي ٿي جن جي خبر اخبار ۾ ڇپي ٿي. ملائيشيا ۾ رهندڙ اسان جي نوجوانن جي معلومات لاءِ اهو به لکندو هلان ته ۾ هڪ غير شادي شده مسلمان ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو شام جي وقت، خاص ڪري سج لٿي مهل، پارڪ ۾ اڪيلي وهڻ تي به ”خلوت“ جو ڪيس لاڳو ٿئي ٿو. ان ڪري ڪنهن اڻ ڄاڻ عورت جي ڪجھ دير پارڪ ۾ وهڻ جي دعوت کي به قبول نه ڪجي.... ۽ ڪنهن اڪيلي ڇوڪريءَ جي فليٽ تي وڃڻ کان ته خبردار رهجي.

# آفيسرن جي بدلي ڪرڻ جي حق ۾ نہ آهيان

ڪالهہ ٽي وي جي ڪنهن چئنل تان ڪنهن تجزيانگار واهہ جي ڳالهہ ڪئي تہ حڪومت پوليس جي وڏن عملدارن کي ٽن سالن جو ڏکهو عرصو پورو ڪرڻ بدران هر هر بدلي ڪندي رهي ٿي. جيڪڏهن ڪو عملدار غلط ڪم ٿو ڪري تہ ان جو احتساب ڪرڻ ڪپي..... هن جي سي آر خراب ڪرڻ ڪپي. باقي اهو چا تہ توهان هن کي بدلي ڪري ٽا ڇڏيو يا في الحال هن کي پوسٽ تان لاهيو ٽا ڇڏيو.... ان مان ڪهڙو فائدو؟ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ اهو ساڳيو آفيسر ڪنهن سياستدان يا ملڪ جي طاقتور اداري کان سفارش ڪرائي وري ساڳي پوسٽ تي، ساڳي صوبي ۾ يا ڊيپوٽيشن تي ٻي صوبي يا مرڪز ۾ پهچيو وڃي.

اها ڳالهہ ٻڌي مونکي 45 سال اڳ جي هڪ ڳالهہ ياد اچي وئي...... ان وقت بہ مون دل ۾ 'واهہ واهہ' ڪئي هئي. انهن ڏينهن ۾ اسان اجان هينين رئنڪ جا آفيسر هئاسين. سمنڊ تي اجان ٻہ سال کن ٿيا هئاسين. منهنجي ۽ منهنجي هڪ ڪلاس ميٽ جي بدلي هڪ اهڙي جهاز تي ٿي جنهن جو ڪئپٽن ايم او علوي نالي هڪ دماغ ڦريل ڪئپٽن مشهور هو جنهن فقط آفيسرن جي ڪم کي ڏسي تعريف ڪئي ٿي. پاڻ بہ هڪ قابل ۽ محنتي ڪئپٽن هو جنهن جي سڄي عمر انگريز ڪئپٽنن سان گڏ جهاز هلائيندي گذري هئي.

مون سان گڏ منهنجو ساٿي پنهنجي والد ۽ چاچي جي اهم ۽ وڏي سرڪاري پوسٽ ۽ سياست ۾ مضبوط هجڻ ڪري هو هر جهاز تي صحيح طرح ڊيوٽي ڪرڻ بدران وقت گذاري ڪري رهيو هو. جهاز جو ڪو بہ سينيئر آفيسر اهو نہ چاهيندو تہ هن جو ماتحت ڪم ۾ سست ۽ اٽڃاڻ هجي. هيڊ آفيس طرفان ڪين اها اجازت هوندي آهي تہ ڪو بہ جهاز هلائڻ وارو انجنيئر يا نيويگيٽر نا اهل سمجهو تہ ڪيس ويجهي بندرگاهہ تان باءِ ايئر واپس روانو ڪري سگهو ٽا ۽ جي هريرو ان جي جاءِ تي ٻي ماڻهو جي ضرورت آهي تہ هو ڪراچي هيڊ آفيس کان هوائي جهاز جو ڀاڙو خرچ ڪري ان رئنڪ واري ٻي ماڻهوءَ کي موڪلي سگهن ٽا.

اسان جي هن جهاز تي پهچڻ تي اسان واري سست ۽ اثر رسوخ هلائي ڪم ڪڍڻ واري مون واري ڪلاس ميٽ جو سک ڦٽي پيو. انجنيئر هجڻ ڪري مهنجو واسطو جهاز جي چيف انجنيئر سان هوندو هو پر اسان وارو ٿلهو يار جيڪو نيويگيٽر آفيسر هو ان جو صبح شام هِن ڪئپٽن سان ئي واسطو پيو ٿي. جهاز تي هڪ بہ ٻيا بہ اسانجي اڪيڊمي جا گرئجوئيٽ هئا ۽ شام جو گڏجڻ وقت خبرن چارن ۾ اهو معلوم ٿيندو هو تہ ”رضيہ غندن ۾ ڦاسي وئي آهي“..... يعني اسان واري ٿلهي ڪلاس ميٽ کي هن ڪئپٽن چڱو سوڙهو ڪيو آهي. هن جي سستيءَ ڪري ڪئپٽن

هاڻ سيني اڳيان هن تي خارون کائڻ لڳو هو. هڪ ڏينهن ميڊيٽرينين سمنڊ ۾ اٽلي جي ڪنهن بندرگاهه کان جبرالٽر ڏي جهاز وڃي رهيو هو ته ڊائننگ سئلون ۾ دير سان پهچڻ تي ڪئپٽن علوي هن ٿلهي ٿرڊ آفيسر کي چيو:

”توکي خبر آهي ته تون هن جهاز تي ڇا آهين؟“

”سر ٿرڊ آفيسر.“ هن وراڻيو.

“No. you are unnecessary ballast on my ship”

ڪئپٽن وراڻيس:

ان وقت اسان دل ئي دل ۾ چيو ته هن ڪئپٽن لاءِ مشهور آهي ته خرمغز آهي پر ڪي ڪي ڳالهيون واهه جون ٿو ڪري.

دراصل جهاز جي تري ۾ ٻنهي پاسي وڏيون لوهي ٽانڪيون ٽين ٽيون جيڪي ڊبل باٽم ٽئنڪس (Double Bottom Tanks) سڏجن ٿيون ـ سمجهو ته جهاز جي هر پاسي پنج ڇهه وڏيون ٽانڪيون (D.B. Tks) ڪٿين ٿيون ... جن مان ڪجهه ۾ فيول (Diesel) هوندو آهي ته ڪجهه ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي ... ان کا علاوه هر پاسي ٻه ٻه کن خالي رکيون وينديون آهن. اهي خالي ٽانڪيون بالاسٽ ٽانڪيون سڏجن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن ڊگهي سفر ۾ فقط هڪ پاسي جي تيل جي ٽانڪي استعمال ڪرڻ تي اهو پاسو هلڪو ٿي پوندو آهي يا وري رستي تي ڪنهن بندرگاهه تي جهاز تان هڪ پاسي جو سامان گهٽو لهي ويندو آهي ته ظاهر آهي اهو پاسو هلڪو ٿي متيرو ٿي ويندو آهي ۽ ٻيو پاسو هيٺ ٿي ويندو آهي. جهاز کي ان ڦڏي صورت ۾ هلائڻ بدران جهاز جا ٻئي پاسا: ڪابو ۽ ساڄو ... برابر ڪيا ويندا آهن .... جنهن لاءِ هلڪي پاسي واري خالي ٽئنڪ (بالاسٽ ٽئنڪ) ۾ پمپن ذريعي سمنڊ جو پاڻي ڀريو ويندو آهي جنهن پاڻيءَ جو ڪم رڳو عارضي طور جهاز کي بئلنس رکڻ هوندو آهي. ٻئي بندرگاهه ۾ پهچڻ تي ٻي پاسي کان سامان لاهڻ شرط اهو سمنڊ جو کارو پاڻي پمپن ذريعي واپس سمنڊ ۾ اڇليو ويندو آهي. جهاز کي بئلنس رکڻ لاءِ سمنڊ جي ان کاري پاڻيءَ کي Ballast سڏجي ٿو. پراڻي زماني ۾ ٻيڙن کي سڌو رکڻ لاءِ هڪ پاسي پٿر يا مٽيءَ جون ڳوٽيون رکيون ويون ٿي. پوءِ ڪنهن بندرگاهه ۾ جيئن ئي ٻي پاسي جو سامان لهندو هو ته اهي بالاسٽ طور رکيل پٿر سمنڊ ۾ اڇليا ويندا هئا. بهرحال ان زماني ۾ ان ڪم لاءِ مزدورن ۽ گهٽي وقت جي ضرورت پوندي هئي پر هاڻ انجڻين جا جهاز ٿيڻ بعد فقط پمپ جي سئچ کي دٻائڻو پوي ٿو ته ڪلاڪ ٻن ۾ سؤ ڏيڍ سؤ ٽن سمنڊ جو پاڻي ٽانڪي ۾ داخل ٿيو وڃي يا ٽانڪيءَ کان ٻاهر سمنڊ ۾ خارج ٿيو وڃي.

سو اسانجي جهازراني جي زبان ۾ بالاسٽ (Ballast) معنيٰ اها بيڪار ۽ مفت جي شيءِ جنهن جي فقط ڪجهه وقت لاءِ ضرورت پوي. ضرورت پوري ٿيڻ بعد ان کي يڪدم ڦٽو ڪيو وڃي. پر

اسان هن سخت مزاج ڪئپٽن علوي (جنهن جي منهن تي پنجن مهينن جي اوت موت سفر ۾ ڪڏهن مرڪ نہ ڏٺيسين، ان جي Sense of humour (حسِ لطافت) ڪي دل ئي دل ۾ داد ڏنوسين جڏهن هن اسانجي ٿلهي آفيسر (جنهن کي ڪم ڪان هر وقت آڱونو ۾ ٽيگڙ گهٽي هوندي هئي) نہ فقط بالاسٽ چيو پر ان سان گڏ غير ضروري (Unnecessary) جي صفت بہ هنئي. ۾ واقعي اسان جي هن آفيسر جا ڪي ڪي ڪم اهڙا خارون ڏيارڻ وارا هوندا هئا جو جي اسڪول ۾ هجي تہ ماستر ڏنڊا هٽي ڪُٽيس ها. ٻين جهازن تي هو پنهنجن وڏن جي عهدن جي لئہ رڪي ڪئپٽنن کي متاثر ڪيو وينو هو پر سائين هن ڪئپٽن ڪنهن کي نٽي ليکيو. اسان وارو ڪلاس ميٽ ٿرڊ آفيسر سمجهي ويو بابا هن جهاز تي دال نہ ڳرندي..... ڪئپٽن بہ ڪيس ڇڏيو نٽي .... چاهي آفريڪي سمنڊن جون گرميون هجن يا ناروي سئيڊن جي ٿڌن ملڪن جي هوائن وارا سمنڊ. ڪئپٽن هن کي ڪم ۾ لڳائي رکيو ٿي. ڪٿي ڪا سستي ڪيائين ٿي يا غلط ڪم ڪيائين ٿي تہ هن سخت مزاج ڪئپٽن ڪيس سيني اڳيان ٽوڪيو ٿي.

هن ڏي وٺ جو ڪلائيميڪس ان وقت آيو جڏهن سمنڊ تي ڪا غلطي ڪرڻ تي هن کي ڪئپٽن خوب دڙڪا ڏنا. ورنديءَ ۾ اسان واري ٿرڊ آفيسر ڪئپٽن کي چيو تہ: ”سر! جيڪڏهن آئون توهان کي پسند نہ آهيان تہ اينڊڙ بندرگاهہ ۾ جهاز جي پهچڻ تي مون کي ڪنهن ٻئي جهاز تي ٽرانسفر ڪري ڇڏيو.

نہ فقط اسان واري ٿرڊ آفيسر پر اتي موجود اسان مڙني آفيسرن سمجهيو تہ ڪئپٽن هن کي يڪدم چوندو تہ ”ها. هِتان ٽر! رڳو سيان يا پرينءَ جهاز بيروت پهچي تہ توکي اتي لاهي ٻئي جهاز تي ٿو رڪرائين جيئن منهنجي تو مان جان ڇٽي وڃي ۽ مون کي هيڊ آفيس طرفان تو بدران ڪو ڪم وارو ماڻهو ملي وڃي. ڇو جو تنهنجو منهنجي هن جهاز تي رهڻ جو هڪ هڪ ڏينهن مون لاءِ عذاب آهي.“

پر سائين هن ڪئپٽن جي هر ڳالهہ نرالي ۽ توقعات کان مختلف هوندي هئي. تنهن جواب ڏيڻ کان اڳ پهرين ڪيوبن سگار جو هڪ ڊگهو ڪش هنيو ان بعد اسان جي ٿرڊ آفيسر جي ڪنڌ تي هٿ رکي چيو:

“I don’t transfer my officers. I teach them lesson on board.”

”آئون پنهنجي آفيسرن کي ٻين جهازن ڏي ٽرانسفر نہ ڪندو آهيان. آئون کين پنهنجي ئي جهاز تي سبق سيکارڻ ۾ عافيت سمجهندو آهيان.“